

آتم ڪهاڻي
سکر ۽ پپلي ڏينهن
محمد اسماعيل عرسائي
اوسر پيڙهڪا

سڪر سيئي ڏينهن

(آتم ڪهاڻي)

محمد اسماعيل عرساڻي

اوسر پيڙهڪا — حيدرآباد.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب جو نالو	:	سکر سيئي ڏينهن
ليکڪ	:	محمد اسماعيل عرساڻي
ڇاپو پهريون	:	مئي 1985ع
ڇاپو ٻيون	:	نومبر 2006ع
تعداد	:	1000 هزار

ڪمپوزنگ	:	الرزاق ڪمپيوزنگ سينٽر رابعہ اسڪوائر حيدرآباد. 2787839
ڪمپوزر	:	منظور احمد جوٽيجو، شاهد شاهہ
لي آئوٽ/ ڊزائن	:	مور ساگر (0333_2634650)
ڇپائيندڙ	:	اوسر پيڙهڪا اشاعتاٽو
ڇپيندڙ	:	الرزاق ڪمپيوٽر اينڊ پرنٽنگ ايجنسي حيدرآباد.

اداري جا حق ۽ واسطا قائم

قيمت ١٥٠ روپيہ

ملڻ جو هنڌ:

١ – اوسر نگاهہ

ميمڻ ٽائون نزديڪ پٺاڻي ٽائون

قاسم آباد حيدرآباد. فون: ٢٦٥١٧٩٧

٢_ گل عرساڻي اسڪول

اوسر تعليمي مرڪز، نزد هونڊا پيليس ڄامشورو روڊ، حيدرآباد.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهرست

(الف) سکر سيئي ڏينهن (هڪ تعارف) پهريون ڇاپو	ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي	۵
(ب) نئين ڇاپي بابت ويچار	امتياز احمد عرساڻي	۸
(ت) عرساڻي صاحب عرف ٽرو صاحب (شخص ۽ عڪس)	ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي	۹
انتساب (مصنف)		۳۷
پيش لفظ (مصنف پاران)		۳۸
باب ۱ _ حسب نسب		۴۰
باب ۲ _ سياڳو سمو		۴۷
باب ۳ _ سُک جا ڏهاڙا		۵۴
باب ۴ _ منهنجو جنم		۵۹
باب ۵ _ منهنجي تعليم جي شروعات		٦٦
باب ٦ _ منهنجي ابتدائي تعليم (پرائمري تعليم)		۷۲
باب ۷ _ منهنجي ابتدائي تعليم (ڀاڱو ۲)		۷۷
باب ۸ – منهنجي ٻاراڻي وهيءَ جون رانديون ۽ حرڪتون		۸۱
باب ۹ _ منهنجي انگريزي تعليم (ثانوي تعليم) جي شروعات		۸٦
باب ۱۰ _ سنڌ مدرسة السلام ڪراچيءَ وارو دور		۹۲
باب ۱۱ _ سنڌ مدرسة السلام جو دور (ڀاڱو۲)		۹۸
باب ۱۲ _ نولراءِ هيرانند اڪيڊمي حيدرآباد ۾ داخلا		۱۰۵
باب ۱۳ _ سنڌ نيشنل ڪاليج حيدرآباد ۾ داخلا		۱۱۳
باب ۱۴ _ علي ڳڙهه جي تياري		۱۲۱
باب ۱۵ _ علي ڳڙهه جي شرناٿين جون چند شرارتون		۱۳۰

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ١٦ _ علي ڳڙهہ ايگزبيشن (نمائش) ١٣٩
باب ١٧ _ ونڪيشن بعد علي ڳڙهہ ڏي واپسي ١۴٦
باب ١٨ _ علي ڳڙهہ جي طفيل سير و سياحت ١۵٣
باب ١٩ _ فتح پور سڪري ۽ آگره (اڪبر آباد) جو سير ١٦٠
باب ٢٠ _ ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ وارو زمانو ١٧٠
باب ٢١ _ ڊي جي سنڌ ڪاليج واريون ياريون دوستيون ١٧٨
باب ٢٢ _ ٽنڊي محمد خان وارو وقت ١٨٩
باب ٢٣ _ اڏيري لعل جو زمانو ١٩١
باب ٢۴ _ ميرپورخاص وارو زمانو (١) ١٩٨
باب ٢۵ _ ميرپورخاص وارو زمانو (٢) ٢٠۵
باب ٢٦ _ ميرپورخاص وارو زمانو (٣) ٢١٣
باب ٢٧ _ هالن نون ۾ عارضي سڪونت ٢٢١
باب ٢٨ _ هالن نون ۾ پيون مشغوليون ٢٢٧
باب ٢٩ _ لاڙڪاڻي ڏانهن بدلي ٢٣١
باب ٣٠ _ باقعات لاڙڪاڻو ٢۴٠
باب ٣١ _ حيدرآباد ۾ تقرر ٢۴۴
باب ٣٢ _ سنڌي سڀاجهڙا جو ڪرشمو ٢۵۵
باب ٣٣ _ سڪرنڊ ڏانهن سنبت ٢٦٢
باب ٣۴ _ سڪرنڊ ٽريننگ اسڪول جو سال ١٩۵٩ع ٢٧٠
باب ٣۵ _ ڊائريڪٽوريٽ جو دور ٢٧٨
باب ٣٦ _ جامعہ عربيہ حيدرآباد ٢٨۴
باب ٣٧ _ مٺر بيماري جو حملو ٢٨٧
باب ٣٨ _ منهنجون ادبي خدمتون ٢٩۴

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(الف)

سکرسي ئي ڏينهن

(هڪ تعارف)

عرساڻي محمد اسماعيل، هڪ قلمڪار جو نالو نہ آهي بلڪ سنڌ جي ثقافتي تاريخ ۾ هو هڪ نهايت ئي مٿانهون درجو والاري ٿو. هُو سنڌي ٻوليءَ جو هڪ محبوب اديب هئڻ کان علاوه، ماهر لسان بہ رهيو آهي تہ وري هڪ قابل استاد ۽ مجيل نصابدان بہ ليکيو ويو آهي. هن جي خدمتن جو حلقو ايتريقدر تہ وسيع رهيو، جو تعليمي توڙي ادبي ٻنهي شعبن ۾ سندس شخصيت کي گهڻي وقعت ۽ قدر جي نگاهہ سان ڏٺو ويو ۽ کيس زندگيءَ ۾ جيڪا مڃتا Recognization حاصل ٿي، سا اسان جي معاشري ۾ رڳو ڪن ڳاڻ ڳڻين کي ملي سگهي آهي. هڪ هڏڏوکي تعليمي عملدار ۽ سڌارڪ جي حيثيت ۾ سندس جيڪا نيڪ نامي قائم آهي، سا اڄ تائين ٿورن جي ڀاڱي ۾ آئي آهي.

۱۹۴۰ع ۾ "بدنصيب ٽري" ڊراما اسٽيج ٿيڻ سان هن زبردست ناموري حاصل ڪئي. ملڪ جي ورهاڱي ٿيڻ بعد، علمي ۽ ثقافتي ميدان يڪسر خالي ٿي ويو، جنهن کي ڏسندي ڪيترن اهل علم حضرات، ان ۾ نئين سرجان پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ورتي، جن سڀني ۾ وري بہ "عرساڻي" جو نالو ئي نمايان رهيو ۽ سندس تحريرون علم و ادب، ڊراما، تعليم ۽ نصاب جي سلسلي ۾ ڪافي همگير ۽ سقلاتيون رهيون.

"سکرسيئي ڏينهن" ۾ عرساڻيءَ جي پنهنجي آتم ڪهاڻي بيان ٿيل آهي، جا پاڻ اڄ کان تقريباً ۱۵ سال اڳ ۾، سرڪاري نوڪريءَ تان رٽائر ٿيڻ بعد هڪدم قلمبند ڪئي هوائين. جن تجربن ۽ آزمودن مان سندس زندگي لنگهي پار پئي آهي، تن کي پيش ڪندي پنهنجي مافي الضمير بيان ڪيو اٿس. سچ آهي تہ جنهن ٻوليءَ ۾ ڪنهن بلند مرتبي شخصيت جي آتم ڪهاڻي ڇپجي ٿي تحقيق ان قوم جي نيڪ بختي لاءِ هڪ وڏيڪ دروازو کليو پوي، هن خود نوشتہ سوانح حيات تي بہ اهوئي قول صادق اچي ٿو، جيڪا نہ رڳو سنڌي قوم لاءِ نيڪ شگون ڇنبي بلڪ سنڌي ادب ۾ يقيناً اهو هڪ قابل قدر اضافو سمجهيو ويندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي ساڻس تمام گهاٽي قرابت رهي آهي. هو منهنجو مامو ۽ سهرو به ٿئي ته منهنجي والد مرحوم جو سوٽ ماسات به آهي. آئون هميشه کان مامن سان گڏ رهيو آهيان. ان ڪري منهنجو ساڻس گهريلو سنگ رهيو آهي. سندس وڏا پٽ ۽ مان هممعمر هجڻ باعث گڏ ڪيڏيا، پڙهيا ۽ گهميا ڦرياسون. منهنجي تعليم ۽ تربيت سندس زير سايه به رهي. اسان سيني ڪي گڏ پاڙهيندو به هو ته جڏهن ڪڏهن ميلن مجلسن ۽ تقريبن تي به پاڻ سان وٺي هلندو هو. ويتر جڏهن کان مون ۾ ادبي ذوق جو لاڙو پيدا ٿيو. تڏهن کان وٺي آءٌ هن جي هرڪا تحرير چاهه سان پڙهندو رهيس ۽ سندس شخصيت لاءِ مون ۾ وڌيڪ شوق ۽ جستجو پيدا ٿي ۽ سندس هلتن کي گهڻي غور سان ڏسندو وائسندو ۽ پروڙيندو رهيس. اهو ئي ڪارڻ آهي جو هن جو خاڪو مون کان لکڻ ممڪن بنجي سگهيو جنهن ۾ سندس عام انساني روپ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم ۽ ان جي هڪ مختصر جهلڪ هن ڪتاب ۾ به شامل آهي.

مون کيس شروع کان ئي هڪ سادگي پسند، قناعتي، باعمل ۽ جدوجهد ڪندڙ انسان ڏٺو. ساري عمر مهملات، فضول ڳالهين ۽ هر قسم جي لغويات کان بلڪل ڪناره ڪش رهيو. پيو ته نهيو پر بيجا طلبن ۽ خواهشن جو پاڻ کي ڪڏهن به اسير نه بنايائين. هميشه پين جي جڙيءَ ۾ راضي، اولاد عزيزن ۽ گهر جي خوشيءَ ۾ خوش. سنگت ساٿ جو ڪوڏيو، پر اها به پنهنجي حلقي تائين محدود ۽ رڳو رس رهاڻ تائين مستعد. دوستيءَ ۾ به وفاداري بشرط استواري جو قائل رهيو. معمول مطابق هلت چلت هلندي سندس حياتي ڪڏهن به ايوڳي يا بي رنگ نه رهي. ان جي بدران هو سوسائٽيءَ ۾ هڪ همه ڪار، مصروف ۽ فعال شخص بنجي رهيو.

"سکر سيني ڏينهن" هڪ عام وچولي سنڌي خاندان جي هڪ مهذب فرد جي خود نوشته سوانح حيات آهي، جنهن زندگيءَ جي جهدوبقا ۾ هميشه صراط المستقيم وارو رستو ورتو. سندس احوال پڙهبو ته ان ۾ ڪي به غير معمولي واقعا، انوکا يا چرڪائيندڙ حادثا نه ملندا، ۽ نه وري ڪو ان ۾ اوکيون لاهيون چاڙهيون يا ڪي حسرتناڪ ڳالهيون ملنديون. هن زندگي نه ڪا گلن جي سيج تي عيش عشرت سان گهاري آهي ۽ نه وري ڪو فقط ڪنڊن جي واٽ تي هلندي گهاري اٿس. جيڪو هڪڙو رخ هميشه تابناڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، سو آهي، منجهس سدا حيات ولولو، شگفتگي ۽ شادابي، جا پڙهندڙن کي هر وقت پاڻ ڏانهن ڪشش ڏياريندي ۽ متوجه ڪندي رهي ٿي.

اها رمق منجهس فقط ثابت قدمي ۽ استقلال سببان پيدا ٿي. سندس طرز عمل ۾ ڏسبو ته جاکوڙ، بلند حوصلي ۽ جرائت کانسواءِ راست گوئيءَ جو پهلو نمايان رهيو آهي، جوئي هر انسان جي سچي خوشيءَ جو ثمره ثابت ٿئي ٿو. ممڪن آهي ته ڪي مصنف کي هرويرو ڪارنامن جو اتاهين بلنديءَ تي ڳولي لهڻ ۾ ڪامياب نه به ٿين، تاهم هنن کي هڪ بامقصد ڪامران، ڪامياب ۽ مطمئن زندگي جي ڀرپور جهلڪ ضرور ملندي انڪري سندس حياتيءَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آزمودن ۾ پڙهندڙن لاءِ ڪيترين ني سبق آموز ڳالهيون موجود آهن.

”سڪر سيئي ڏينهن“ ۾ نه ته ڪن آتم ڪهاڻين وانگر واقعات کي خوامخواه غير معمولي بنائڻ لاءِ هٿرادو ڳالهيون ٺنبيون ويون آهن. نه سستي شهرت خاطر جذباتي ماحول اُڀاري غلو پيدا ڪيو ويو آهي، نه وري ڪو پرڪشش اسلوب بيان جي شوق ۾ لفظي مرصع ڪاريءَ جي طلسم جو سهارو ڳوليو ويو آهي. اهڙين سيني ڳالهين جي قطع نظر، مصنف پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾، حياتيءَ جي اهم مرحلن ۾ پنهنجي اختياري هلت ۽ عملي انداز کي بنا ڪنهن مغالطي جي قدري صافگوئيءَ سان بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن سان بلاشڪ لکندڙ جي شخصيت جي تصوير جا ڪي پهلو چٽيءَ طرح روشن ٿي بيهن ٿا.

هن ڪتاب جي انڪري به اهميت آهي، جو آتم ڪهاڻيءَ جو ذڪر ڪيل ڪن مختلف دورن ۾ ان زماني جي پس منظر جي سهڻيءَ ريت عڪاسي ڪئي وئي آهي، جنهن مان آڳاٽي وقت جي طرز حيات، سادي سودي رهڻي ڪهڻيءَ کانسواءِ تعليمي ماحول ۽ طريقه ڪار جي به بخوبي آگاهي ملي ٿي.

”سڪر سيئي ڏينهن“ جي خاص خوبي مصنف جي سپڪ سوادي زبان آهي، جا هميشه جيان سندس بين ڪتابن وانگر، معيار جي تورتڪ جي لحاظ کان نهايت ني بلند مقام تي رسيل آهي. جنهن ۾ هڪ شائستگيءَ وارو مدرسي پيرايو ملي ٿو، جيڪو پنهنجي پڙهندڙن بولي سڪندڙن لاءِ گهڻوني سامان رکي ٿو. دراصل اسلوب جي سموري شوخي ۽ چستي ان جي فطري رواني ۾ سمايل آهي، جيڪا نج لفظي سرمايي، ورجيسن ۽ اصطلاحن جي پرپور ادائيگي سببان ان ۾ پيدا ٿي سگهي آهي. هرڪو باب الڳ طور تي پنهنجي پر ۾ هڪ مڪمل وارتا رکي ٿو، جن مان ڪي مضمون ته نهايت ني دلچسپ آهن ۽ ادبي لحاظ کان انشائيه جو درجو رکن ٿا.

اڪثر ٻولين ۾ ڪن شخصن جون آتم ڪهاڻيون وڏي شهرت رکن ٿيون، ڇو جو انهن ۾ سيني تڪلفات ڇڏي، حقيقت جو انوکو رستو اختيار ڪيو ويو آهي. انهن ۾ اخلاقيات جي اوڙڪ، اشرافيت جو لبادو، زماني سازيءَ جو لحاظ خانڌان يا وڏماڻهپيءَ جا قدر اقدار، مطلب ته ڪنهن به رنڊڪ يا مصلحت کي خاطر ۾ نه آندو ويو آهي. اهڙين آتم ڪهاڻين ۾ ذاتي لغزشن ۽ ڪوتاهين، جو نه رڳو کليءَ دل سان اعتراف ڪيو ويو آهي، بلڪ اندر جي اصلي ۽ باطني انسان کي پنهنجو پاڻ مان ڪڍي، جيئن جو تيئن بين آڏو آڻي بيهاريو ويو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙيون آتم ڪهاڻيون ته بلڪل نه هئڻ جي برابر آهن. البت سوانح حيات جا ڪي ڪتاب ملن ٿا، جن ۾ زندگيءَ جا ڪي روشن پهلو ضرور چمڪايا ويا آهن، انهن جي ڀيٽ ۾ ”سڪر سيئي ڏينهن“ هڪ مڪمل آتم ڪهاڻي آهي، جيڪا پڙهندڙن کي گهڻي حد تائين سچائيءَ سان ڀريل ضرور محسوس ٿيندي ۽ ٻيو ته اسلوب ۽ ٻوليءَ جي لحاظ کان اُن جو ادب ۾ بلاشڪ هڪ مستقل مقام آهي.

قلمڪار: (ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



محمد اسماعيل عرساڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر جي انسپيڪٽنگ آفيس جو عملو (گروپ فوٽو سال 1950ع)

کابي کان: مسٽر محمد موسيٰ (A.D.E.I) ٿرپارڪر، مسٽر الله رکيو (A.D.E.I) ٿرپارڪر، مسٽر فضل احمد (A.D.E.I) ٿرپارڪر، مسٽر ايم. ايم. عرساڻي (Deputy.Edu: Inspector) ٿرپارڪر، مسٽر محمد قاسم (A.D.E.I) ٿرپارڪر، مسٽر الهه بچايو (A.D.E.I) ٿرپارڪر، مسٽر حاجي محمد (A.D.E.I) ٿرپارڪر.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

(ب)

نئين ڇاپي بابت ويچار

آتم ڪهاڻي جي ڪتاب جي حيثيت ۾ "سڪر سيئي ڏينهن" کي هن وقت سنڌ اندر تمام گهڻي شهرت حاصل ٿي چُڪي آهي. ڪيترن احبابن طرفان ان سلسلي ۾ مصنف کي تعريفي خط بہ موصول ٿيا هوا. جن ۾ جناب قبلہ مرحوم مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ جو تحسين نامون بہ شامل هو. جنهن ۾ هن عرساڻي جي طرز بيان ۽ سنڌيداني جي نہ رڳو تعريف ڪئي هئي. بلڪ بعض بابن ۾ آيل نج سنڌي لفظن ۽ اصطلاحن بابت لغت لکڻ جي بہ ڪين ترغيب ڏني هئي. ان کان علاوه محترم الطاف شيخ بہ هن سوانح حيات ڇپائڻ تي مونکي مبارڪ باد جو خط لکيو. افسوس آهي جو مصنف جي وفات بعد لساني هنگامن دوران لڏپلاڻ ۽ جايون مٽائڻ جي باعث سنڌن قيمتي شيون بہ محفوظ رهي نہ سگهيون.

محمد اسماعيل عرساڻي پنهنجي وقت جو مقبول ترين ليکڪ ۽ ڊراما نگار ٿي رهيو آهي. هن جي شخصيت وانگر سندس انداز بيان بہ عوام ۾ پُرڪشش رهيو آهي. جنهن جو اندازو سندس ڪتابن جي طلب مان لڳائي سگهجي ٿو. هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو ١٩٨٥ع ۾ ڇپيو هو. ٿوري عرصي ۾ ئي اهو مارڪيٽ مان کپي ويو. ان بعد اسان کان "سڪر سيئي ڏينهن" جي خريداري لاءِ بار بار چاهڪن طرفان اصرار رهندو آيو آهي. اوسر پيڙهڪا جي منتظمين عوام جي اشتياق کي ڏسندي نہ رڳو هن ڪتاب کي ڇپائڻ جو فيصلو ڪيو. بلڪ سندس ٻين ڇپيل ڪتابن ۽ اڻ ڇپيل مواد کي بہ شايان شان طريقي سان ڇپائڻ جو ارادو ڪيو آهي. سڪر سيئي ڏينهن جي هن ڇاپي ۾ خاص ڪري عرساڻي جو لکيل هڪ عدد باب جيڪو اڳ ڇپجڻ کان رهجي ويو هو. ان کي نئين ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي. ان کان علاوه "محمد اسماعيل عرساڻي بابت خاڪو ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي جو رقم ڪيل آهي. جيڪو سندس شخصيت جي مختلف پهلن کي آشڪار ڪري ٿو سو پڻ پڙهندڙ جي دلچسپيءَ خاطر شامل ڪيو ويو آهي.

امتياز احمد عرساڻي
منيجر اوسر پيڙهڪا اشاعتاڻو
تاريخ ٦_٦_٢٠٠٦

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عرساڻي صاحب عرف ٽررو صاحب

(شخص ۽ عڪس)

از قلم: ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي

(ننڍپڻ کان وڏ پڻ جي زندگيءَ جو خاڪو جيڪو مصنف جي حياتيءَ ۾ ۱۹۸۰ع ۾ لکيو ويو)

ٽررو صاحب جو نيارو عنوان پڙهي حيران نہ ٿجو. ائين نہ سمجهو تہ آئون ڪو ڪنهن اڻ جاتل شخصيت کي گمر ناميءَ جي پردي مان ڪڍي عالم هستي ۾ آڻي رهيو آهيان. ان جي برعڪس هي خاڪو سنڌي ٻوليءَ جي هڪ انتهائي معروف اديب محمد اسماعيل عرساڻي متعلق آهي، جنهن جي شخصيت عُرساڻيءَ جي مخفف سان سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڄاتي سڃاتي وڃي ٿي. هن ۱۹۳۵ع ۾ پنهنجي عملي زندگيءَ جي آغاز تِر جون پٽون پيٽيندي ڪيو. جتي لڳاتار هو ۱۵ سالن تائين "ايڊيوڪيشنل سپروائيزر" ٿي رهيو. اتي مٿس ٽررو صاحب جو نالو ٻہ پئجي ويو. ۽ ان اسم سان اڄا سوڌو هو ماڻهن جي دلين ۾ وينل آهي. هن جي بي مثل ڪار نمايان اتي اڻ مٽ اثر ڇڏيا آهن. "ٽررو صاحب" جيتوڻيڪ هڪ سادو ۽ ڪرو عوامي ٻوليءَ جو ٻول آهي. تاهم ڪنهن صداقت جو امين ضرور آهي. عموماً لقب ۽ خطاب فقط ڪنهن اداري طرفان ني ٿاڦيل هوندا آهن. پر هي نالو ساده لوح ماڻهن جي دلين ۾ پيدا ٿيل پيار ۽ خلوص جو آئينہ دار آهي. تعليمي مهم جوئي دوران عرساڻيءَ کي ٽرن برن ۾ ووڙيندو ڏسي بي ساختہ ماڻهن جي چپن تي ٽررو صاحب جو نالو اچي ويو. ان نالي مان هن جي ڏکهي ۽ ڪٺن جدوجهد جي ياد تازه ٿئي ٿي جيڪا پاڻ تعليم جي روشني پکيڙڻ لاءِ ڪني هوائون!

خاڪي نويس جو ادبي هستيءَ سان رشتو ۽ لاڳاپو:

ڪنهن وڏي ڄمار واري شخص کان پڇيو ويو.

"اي نيڪ بخت بزرگ! تنهنجي ڪاميابيءَ جو راز؟ هن وراڻيو:

"قناعت، راست بازي، سليقي مندي، محنت ۽ اڏنگاين کان پاسو ڪرڻ."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو ٻڌي ائين محسوس ڪيم، جڻ ته جنهن شخص جي زندگيءَ جو عڪس ان سونهري قول ۾ نهان آهي. تنهن جهڙي شخص جو مون به ضرور ڪٿي مشاهدو ڪيو آهي ۽ سوچڻ سان ڪجھ لمحن ۾ ئي ذهن جي شفاف شيشي اندر ڪنهن جو چهرو چمڪڻ لڳو. ليڪن هي ڇا؟ اها هستي مون لاءِ ڌارين ته نه هئي! پنهنجي ئي ٻي حسيءَ تي ذرا تعجب ٿيڻ لڳم. اچا اک مس ڇنڀي هوم، جو منهنجي دوربين نگاهه جي دائري جي چوڌاري ان شخصيت جا ورن ورن ڏسڻ ۾ آيا ۽ هُو پنهنجي موج ۾ هلندي چلندي نظر آيو. حياتي لاءِ شيڪسپيئر ڪهڙو نه سهڻو مثال ڏنو آهي. هيءَ دنيا هڪ پرده سيمين وانگر آهي جنهن جو هر فرد گويا اداڪار آهي. ماڻهو وجود پائي هن ڌرتي جي اسٽيج تي لهن ٿا ۽ هر ڪو پنهنجو چڱو منو ڪردار نڀائي پردي پٺيان گم ٿي وڃي ٿو. اسين ڪيترن ئي وڏن ماڻهن جون سوانحات پڙهون ٿا. جن مان ڪن جون ته سندن تي لکيل هونديون آهن پر انهن ۾ پل مانسائي وارو روپ ته ملندو آهيٍ. پر اصل رنگ جي ڇهراڻ انهن ۾ ٿوري ڪا شامل هوندي آهي. نجي زندگيءَ ۾ هر انسان جو ذاتي عمل ۽ ڍنگ ڌاڍو انوکو ٿئي ٿو. جنهن کي پروڙڻ سان ڪنهن وقت ٽيرس ٿيندو آهي ته ڪڏهن وري مزو ايندو آهي!

محمد اسماعيل عرساڻي هڪ عالي ظرف انسان آهي، جيتوڻيڪ تعليمي ۽ ادبي ميدان جو شهسوار رهيو آهي پر في الوقت جسماني ضعف يا نظري ڪوتاهيءَ ڪري مجلسي زندگي کان ڪناره ڪش ٿي ويو آهي. سندس شخصيت جوئي اعجاز آهي جو رٽائرمينٽ کي سالها سال گذري وڃڻ بعد به ڪيئي چاهيندڙ ساڻس ملاقات لاءِ ايندا رهن ٿا. ڪيترا جهونا احباب دور دراز کان جڏهن حيدرآباد ايندا آهن تڏهن ساڻس ملاقات جو موقعو هٿان نه ڇڏيندا آهن. هو جتي به پير پائيندو آهي ته دفترن جا ڪارندا سروقد اٿي سندس تعظيم ڪندا آهن! سنڌيدانن وٽ هن جي هستي ڏاڍي محترم آهي. چو ته پاڻ سنڌي ٻوليءَ جو ٻاجهارو ۽ سهڻو طرز نگار آهي. پر مون لاءِ سندس شخصيت اڃا به وڌيڪ پياري ۽ ڪشش ڪندڙ آهي. جنهن جا شايد هي سبب هجن. هڪڙو ته منهنجي ساڻس تمام ويجهي قرابت ۽ مائٽي آهي. بابا سائين مرحوم کي ڪو به پاءُ ڪو نه هو. صرف سندس سڳا سوٽ هوا. منهنجو ڏاڏو ۽ نانو پاڻ ۾ پائر هوا. ان نسبت سان منهنجي ڏاڏاڻي ۽ ناناڻي آکهه به ساڳي رهي. وڏي مائٽ جي تعلق کانسواءِ هڪ لکندڙ ۽ اديب جي حيثيت ۾ به منهنجي ساڻس انسيت آهي. مان سندس اڳيان ننڍڙو ٿي وڏو ٿيو آهيان. سندس روپ منهنجي اکين جي تارن ۾ ترندو رهيو آهي. اچو ته ڪي جهڪليون ڏيکاريان نو!

پينگهي ۾ هڪ معمر شخص لڌي رهيو آهي. هُو سنڌيءَ جو اديب ۽ رٽائرڊ تعليمي آفيسر آهي. سندس عمر هن وقت ٧٦ سالن جي قريب ٿيندي. پيرانه ساليءَ ۾ هڪ وفا شعار زال

جو ساٿ وڏو پرجهلو ٿيندو آهي. جنهن سان گڏ ڪنجندڙ وقت اڪيلائپ جي ڪوڙاڻ جو احساس به مناس ۾ بدلجي پوندو آهي. سندس رفيق حيات اڃا جوان سال هئي. مگر هوءَ زنده ناهي. تڏهن به هن جي ولولن ڪي لوڏو آيل محسوس نٿو ٿئي. ڪنهن مفڪر ڪهڙو نه سهڻو قول چيو آهي ته "انسان ڪڏهن به پوڙهو ڪو نه ٿيندو آهي. اهي ته بيا ماڻهو ڪيس پوڙهو چوندا رهن ٿا. ورنه جذبن جي لحاظ کان ته هو سدائين جوان هوندو آهي." هن جي زندگيءَ جا شب و روز نهايت اطمينان ۽ سڪون سان گذرن پيا. پيرسنيءَ ۾ ڪين علالت. ضعيفائي ۽ نظر جي ڪوتاهيءَ جي شڪايت آهي. مگر گفتار توڙي انداز معمول مطابق ڏسڻ ۾ ايندو ۽ ساڻس ملندڙ ڪي ڪا به ڳالهه غير معمولي ڪين لڪائيندي! هُو خوش ذوق ۽ خوش مزاج رهي ٿو. عمر روان ۾ وقت سان آزاد خيال نون ڳالهين ڪي سرهائيءَ سان قبوليندڙ ۽ تبديلين ڪي سهسائي ڇڏيندڙ! هميشه ڪان گڏيل ڪٽنب سان رهي ٿو. جيڪو شروع ڪان ئي اسان وٽ گهرو نظام جو هڪ سماجي ڍنگ آهي. واحد بلڊنگ ۾ جدا جدا گهر آهن. جن ۾ سندس فرزند اهل عيال سان رهن ٿا ته مٿين گهر ۾ وري سندس ياءُ جو اولاد پنهنجي عيال سان رهائش پذير آهي. مون ڪي به ڪائنس جدا ٿئي، اٽڪل ٽي سال ٿيندا ته پنهنجي جاءِ هيرآباد نزديڪ وڃي رهيو آهيان. ٽي ڏينهن جيڪڏهن مون ڪي ساڻس ملڻ ۾ دير ٿيندي ته ضرور فون تي ڳالهائيندو يا ٻار جي هٿان نياپو موڪليندو ته اچي ملي وڃ.

اڄي ڏينهن جو ويندس. ته پاڻ پينگهي ۾ لڏندو يا پير پٽ تي لٽڪايو اهليو پيو هوندو يا شام مهل ٻاهر ورانڊي ۾ بستري تي دراز قد ليٽيل هوندو. ٻاس جي دٻلي ۽ رومال به ير ۾ رکيل هوندس. ڳالهين ڪندي وچ ۾ چپٽي پري ڏي ۽ رومال سان نڪ اگهي ڇڏي. اها عادت اٽڪل ويهن سالن ڪان بيماريءَ جي عارضي ڪان پيل اٿس. اسان الهڙ پائي يا مشغوليءَ ڪان ڪي ڳالهيون معمولي يا ننڍڙيون سمجهي ياد نه به رکون. ليڪن هن بزرگ ڪان مشڪل ڪا ڳالهه وسرندي هوندي. ڪنهن ڪم جي استواري هجي. ڪنهن ٻار جو امتحان يا نتيجو هجي. ڪٿي وڃڻو هجي يا ڪنهن ڪي اچڻو هجي. مطلب ته اورئين پرئين هر ڪنهن عزيز بابت دريافت ڪندا. جڏهن ڪو بي خبريءَ جو اظهار ڪندو ته هو حيرت ۾ تاسف مان چوندو "بابا! ڪهڙو حال اٿو؟ ايتري به خبر نٿا رکو" ننڍي وڏي جي اون رکڻ. خبر گيري ڪرڻ ۽ هر ڪنهن جي بهتري لاءِ سوچڻ. فطري خوءِ اٿن. اهو گڻ وڏ پڻ ۾ پيدا ڪو نه ٿيو اٿس. پر هميشه ڪان ائين سنبران. مهر ۽ ٻاجه پري طبيعت رکڻ باعث سندس ذات هر ڪنهن ياتيءَ ڪي ڏڍ ڏيندڙ آهي. بس! ملاقات مهل ذرو پرزو احوال ڏيندو ونندو ۽ جڏهن بخوبي خبرون چارون هلي بس ٿينديون ته پوءِ وري زماني جا حال احوال ٿيندا. مون سان ايتري قربت اٿس جو ڪچهريءَ مان ڪڏهن به هن جي طبيعت پرجندي محسوس ڪا نه ٿيندي. هي اٿو منهنجو ماموءِ سهرو محمد اسماعيل عرساڻي!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ننڍڙو اسماعيل هڪ شرارتي ٻار

ننڍڙي هوندي والدين ۽ ٻيا مائٽ هن کي مائُ سڏيندا هوا. ائين ڪٺي چنجي تہ اهو (ڪوڏائي) جو نالو هوس. پر ناني مرحيات سندس والده وڏيءَ عمر ۾ بہ کيس مان سڏيندي هئي. رڳو ڪڏهن ڪڏهن سندس واتان اسماعيل ٻڌبو هو. اهڙو ٻار ڪو مشڪل هوندو جو ننڍي وهيءَ جي شرارتن کان خالي هوندو. اُن ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ ڪي ٻار گهڻ شرارتي تہ ڪي وڌيڪ اُهنڊ هوندا آهن پر حرڪتي سڀ هوندا آهن. مائُ هڪ غير معمولي شرير ٻار هوندو هو جنهن جي حرڪتن جو عڪس هتي پيش ڪيو ويو آهي.

ننڍڙو اسماعيل ننڍي هوندي سياءَ جو مائيٽو هوندو هو. پر انهيءَ مائٽ ۾ پس پرده ڪيترئون ئي شيطان گيريون پنهان هونديون هيون. رڪي رڪي ڪا نہ ڪا حرڪت اهڙي ڪري ويهندو هو جا ٻين هم عمر ٻارن جي سوچ سمجھ کان گهڻو ٻاهر هوندي هئي. مون کي ٻڌايائون تہ اسان جي پاڙي ۾ هڪ ڳاڙهي ڪتي هوندي هئي، جا ويچاري هڪ اک کان ڪاٺي بہ هئي. ماه شعبان عيد برات تي هر جڳهہ مسلمان آتشبازيءَ جو شغل ڪندا آهن. اسان جي ڳوٺ هالا نوان ۾ ان وقت اها رسم بي حد ڪمال تي هئي ۽ زور شور سان دارون سازيو ويندو هو. ٻيا مائٽو تہ ٻارن کي آتشبازيءَ جون شيون خريد ڪرڻ لاءِ روڪڙا پيسا ڏيندا هوا ۽ ٻار پاڻهي آتشبازيءَ جي دڪان تي وڃي ڦٽاڪا، نيلوفڙيون، رنگين تيلين جا جرڦل، ڪُپڙيون، وڃون، جهرمر واريون سرايون خريد ڪندا هوا. سندن والد مرحوم ڪنهن ٻار کي دڪان تي وڃڻ نہ ڏيندو هو، پر ان جي عيوض پاڻ ڪافي انداز ۾ آتشبازيءَ جو هر قسم سامان خريد ڪري ايندو هو. جو گهر جي سڀني ٻارن کي هڪجيترو ۽ هڪجهڙو ورهائي ڏيندو هو.

جنهن سان ٻار ڪجھ گهر جي اندر ۽ ڪجھ ٻاهر گهٽيءَ ۾ جلائي شوق پورو ڪندا هوا. پاڙي جا ٻيا ٻار بہ پنهنجو سامان آڻيندا هوا ۽ ننڍڙو "مان" بہ انهن سان گڏ پنهنجو اثاثو آڻيندو هو. جون تا تہ ننڍا ٻار تہ بجاءِ خود پر هالن ۾ ڏاڙهيءَ سان مڙس بہ آتشبازي جو مظاهرو ڪندا هوا. هالن ۾ هڪ ڳالھ جا خاص مشهور هئي، سي هوا ٽونٽا. اها جنس سواءِ هالن ۽ نصرپور جي ٻيو ڪٿي بہ ڪو نہ جُڙندي هئي ۽ دڪانن تي وڪامندي هئي. ٽونٽا نيروفڙين وانگر هوندا هوا. ليڪن نروفڙين تي جهلي لڳل نہ هوندي هئي پر ٽونٽن تي وکن جي جهلي لڳل هوندي هئي. ازانسواءِ ٽونٽا ٻارڻ بعد وٺي اڏامندا هوا ۽ نهايت خطرناڪ هوندا هوا. ٽونٽن ٻارڻ جو ڪم بہ سيڪو ڪري نہ سگهندو هو. ان ڪم جا خاص ماهر هوندا هوا. جي اڇي ٽونٽا سازيندا هواءِ تماشبين پري پري تي بيهندا هوا. خير. ننڍڙي اسماعيل کي هن آتشبازي مان هڪ شرارت سُجهي آئي جا هيءَ هئي جو ڳاڙهي ڪُتي جي پڇ ۾ ڪٺي هڪ ننڍڙي ڦٽاڪن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيتي ٻڌندو هو. ڪتي ويچاري ڳهرو هيرايل هئي. سا مات ڪري ويئي هوندي هئي جڏهن ڦاتاڪن جي پيتي سنڌس پچ ۾ سوگهي ڪري ٻڌي رهندو هو تڏهن پيتيءَ واري وچين جامڪيءَ کي تيلي ڏيندو هو ۽ سڀ کان ڦاتاڪا ونئي ڦاٽندا هوا ۽ يڪايڪ ننڍا نوڪي جو ڦهڪاءُ پنجي ويندو هوا ڪتي ويچاري وري ڏپ کان هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙندي لُوهون ڏيندي هئي. ان حالت ۾ ڪنهن گهر ۾ گهڙي ويندي هئي ته پاڙيوارن لاءِ آزار مچي ويندو هو ۽ خطرو لاحق ٿيندوهو ته مبادا گاهه جي گڏن يا ٻُهه يا رکيل ڦٽين وغيره تي نه چڙهي ۽ انهن کي باهه نه لڳي. آخر جڏهن سيني پاڙيوارن کي خبر پئي ته هيءَ شرارت اسماعيل ڪئي آهي ته سندن والد کي دانهن ڏنائون. جنهن ڪيس گهڻي هدايت ڪئي ۽ ان جي نقصانن بابت سمجهايو ۽ پيار سان منع ڪئي. ننڍڙي مان کي هن ڳالهه مان اهڙو ته لطف ٿئي آيو. جو ٻيا ڏهه ڪم منع ڪرڻ تي ترڪ ڪري ڇڏي ها. پر هيڙو لطف قربان ڪيئن ڪري؟ ٿي ڏينهن عيد جو ڏارون ٻرندو هو ۽ اسماعيل به بلا ناغه ائين ڪرڻ کان نه گسندو هو. ڪتيءَ سان حرڪت جي شروعات ٿي. پوءِ ته ٻلي ۽ آخر سڪتي حلال خور جي گڏهه تي اچي نوبت پهتي. گڏهه جي پچ ۾ ڦاتاڪا ٻڌڻ البت ڏکيو ڪم هو. پر سڪتي جو گڏهه ويچارو چٽ پوڙهو ۽ ضعيف نه هو. سو رڍ کان به غريب. ڪجهه به وينو ڪرينس. پر مات ڪري پيو هوندو هو. پر جڏهن ڦاتاڪن جي ننڍا نوڪي پچ ۾ ٿيندي هيس ته پوءِ جوان ٿي پوندو هو ۽ ان وقت ڪو هجي جو هن جون ٽاپيون ڏسي! چورا چورا هن جي پنيان ڪلن جا ڪُوڪريا. ان طرح سيئي لطف اندوز ٿيندا هوا. ڪم ۾ سيني چورن جو اڳواڻ "اسماعيل" هوندو هو. ٻيو ڪو اهڙي ڪم جي جرئت نه ڪندو هو. اسماعيل ننڍڙو ٻار. ڪم عقليءَ جو زمانو. نه هيءَ پرواهه نه هوءَ. مائٽن جون سئون پيون پونديون هوس ته اسماعيل ڏاهو ٿي. اهو ڪم چڱو ناهي. آئينده ڪڏهن به ائين نه ڪجان. پر اهي لانون اهي چڱهه. ڦاتاڪا ڏنائين ته مست ٿي ويندو هو. هوش حواس وڃائي ويهندو هو. هونئن جو ٻين سان ڏاهپ جون ڳالهيون ڪندو هو ۽ ٻين هڪ جيڏن کي نصيحتون ڪندو هو. اهي سڀ وسري ويندا هوس. ڦاتاڪا مليا ته ڏاهپ غائب.

هونئن ته هڪ جيڏن ٻارن ۾ ڏاهو ٻار ليکبو هو پر شرارتن ۾ ڪانئس ڪير پهچي. رکي رکي ڪا نه ڪا شرارت ڳولي ڪڍندو هو. گيدوڙن جي موسم به واه جا هوندي هئي. گيدوڙا نڪتا ته ٻارن جي موج ٿي ويندي هئي. ننڍڙو مانُ خوب گيدوڙا کائيندو هو ۽ دوستن کي به کارائيندو هو پر ان تي اڪتفا رهي ها ته مضائقو ڪونه هو. پر هن جي حرڪتي دماغ هتي به هڪ اهڙي شرارت سٽي ورتي جا سچ پچ ته برداشت کان ٻاهرا گيدوڙا کائي جڏهن ڏاپندو هو ته ڏو جون پُستيون شروع ڪندو هو. هٿ ۾ لڪائي ٿي چار ڏاٿا ڪٽندو هو ۽ هڪ جيڏن سان راند ۾ ياڪر پائي. هڪ به گيدوڙا چٽي. ان جي گگ هر هڪ جي وارن ۾ اهڙي طرح وجهي ڇڏيندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو جو همرائن کي ڪل ئي ڪا نہ پوندي هئي. پلي سندن مائرون پيون منهن مٿو پٽين ۽ چورن کي ڏڪ بجا هڻن تہ مٺا هي ڇا ڪري آيا آهيو. گيدوڙن جي گِگَ صفا جهڙي لِوَ، اصل اهڙي بچڙي جو ڪپڙي اگهڻ سان ڪڍجي، تہ بہ ان جو وارن مان نڪرڻ محال. جڏهن صابڻ سان ماٿو مٿو ڏنارين تڏهن جند ڇٽي، مائرون ان تڪليف ڪري پنهنجي ٻارن کي ڏڪ بجا بہ هڻن تہ مٺا هڪڙا گيدوڙا ڪاٿو ٻيا وري وارن ۾ ڦيهي وجهو، ڪنا مٺا ڪٿي جا. هُو ويچارا قسم کڻن تہ الاهجي ڪنهن گگ لاتي آهي اسان ڪو نہ وڌي آهي. آخر اها لڪ ڇپ ڪيترو وقت؟ سيني کي خبر پئي تہ اهو اسماعيل اِهي ڪم انهيءَ جا. پٽس وٽ پاڙي وارن جون دانهون تہ اسماعيل کي جهليو نہ تہ اسين ڇماٽون هڻنداسونس، پر ڇماٽن جو ڊپ ڪٿي ٿوهُن کي ڊيڄاري؟ گيدوڙو هٿ ۾ اچي، اهو نہ ڪائي بہ ڪنهن جا وار نہ ٿقي تہ ڪهڙي ڪم جو؟

هڪ ٻي شرارت مان ڪيس مزو ايندو هو. اجا ٻاراڻي ڪلاس ۾ پڙهندو هو. هالن ۾ سرور نوح جو ساليانو ميلو هو. ننڍڙي مانَ ٻين رانديڪن سان گڏ هڪ ننڍڙي گول آرسي بِہ خريد ڪئي. ٻين رانديڪن سان تہ رانديون ڪندي ڪندي سڀ پڃي ڦٽا ڪيائين. باقي رهي آرسي ان کان ڪهڙو ڪم وٺي؟ شڪل ڏسڻ لاءِ تہ گهر ۾ وڏيون عمديون آرسيون موجود هيون ۽ سندس ماءُ اهي هٿ ۾ کڻڻ کان منع بہ ڪندي هئي ۽ چوندي هئي تہ آرسي نہ کڻو متان ڪيرائي رکو. پر هيءَ ننڍڙي آرسي تہ سندس نجي ملڪيت هئي. جيئن وڻيس تيئن استعمال ڪري. سو ان کان ڪم وٺندو هو پاڇولي جو. آرسي کڻي سج کي سامهون جهليندو هو ۽ اِن جو اولڙو ڪنهن نہ ڪنهن گهر جي پاتيءَ تي وجهندو هو. ماءُ رڌڻي ۾ ماني ويٺي پچائيندي هوس، تہ ان جي منهن تي اولڙو ڪندو هو. ماسيس ڪپڙا ويٺي سبندي ۽ پريندي هئي تہ ان جي مٿان اولڙو ڪندو هو. پيڻ قرآن جو دؤر ويٺي ڪندي هئي تہ ان جي منهن تي اولڙو مطلب تہ هر هڪ کي اولڙي مان ڪڪ ڪري وجهندو هو. جي اهي تنبيهہ ڪنديون هيون تہ پاڻ کان ننڍن ٻارن جو وارو ايندو هو. ان تي هيڪاري جيجل ڪاوڙبي هئي، چو تہ ان وقت اهو وهم هوندو هو تہ اولڙو پوندو تہ ٻار بيمار ٿي پوندو. ان ڪري ٻارن کي مُلي کان اولڙو بہ پڙهائيندا هوا. سارو ڏينهن آرسي ۽ مانُ. اولڙو ۽ ٻار. گهر مان دڙڪا مليا تہ پاڙي جي ڪُٽي آئي، ماسي ڇتل، ماسي صابل، مائي ڪڏو ناني نوران کي تنگ ڪندو رهندو هو. هُو ويچاريون ڪورين جا انٽ تي نڙا پيون پريندون هيون تہ انهن جي اکين تي اولڙو وجهندو هو. لڪڻ ڪٿي اٿنديون هيون تہ وٺي ڀڄندو هو وري، اها ئي مهل وري وجي وارد ٿيندو هو. مطلب تہ گهر ٻاراوڙو پاڙو اولڙي جو شڪار!

هڪ دفعي اسڪول مان موڪل ملي، تہ هالن جي مارڪيٽ واري ميدان تي هڪ مسخري پي مسخري وڌي، ٻار مسخري ڏسڻ بيهي رهيا. مسخري جون ڪي ڳالهيون سمجهہ ۾ آين ٿي ڪي وري سمجهي نہ ٿي سگهيا. نيٺ بہ جو ننڍا ٻار جو ٿيا! پر مسخري جي سيني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهين مانَ. جنهن ڳالهہ ننڍڙي مانَ کي متاثر ڪيو، سا هئي سندس بدفضيلتي، جنهن سيني کي خوب کلايو. هن کي اهڙي انڪل هئي جو پنهنجي ڪچ مان پانهن گهڻَ سان ٽِٽن جو آواز ٽني ڪڍيائين، هو بهو سچا پچا ٽٽ ٽني لڳا. خير مسخري پوري ٿي. مسخري کي مائهن پنسو پنسو خيرات ڏنو. اسماعيل وٽ ٻہ هڪ پنسو هو جو هن کي خاص ڪري انهن ٽٽن ڪڍڻ جي عيوض ڏنائين. انَ بعد گهر وڃي مسخري وانگي ڪچ مان ٽٽن ڪڍڻ جي پرئڪٽس ڪئي ۽ ٿوري گهڻي ڏينهن ڪامياب ٿي ويو. پوءِ جهل ٻُني آئي ڪُني، پاڙي جو هر هڪ ٻار ۽ اسڪول جو هر هڪ سنگتي اسماعيل مان ڦاسجي ويو. ڪنهن نہ ڪنهن جي پرپاسي ۾ ويهي انهن سان ڳالهيون ڪري ڪين بي گمانو ڪندي اوچتو ڪچ مان ٽٽ ڪڍائي وٺي کلندو هو ۽ چوندو هو تہ "ادا! هي چا ٿو ڪرين، ٽٽَ تہ نہ ڏي". هن جي ائين چوڻ تي ٻيا ٻيٽل ٻار بہ وٺي هن تان کلندا هوا ۽ هن ويچاري جو منهن پلڪڙو ٿي ويندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪو ٻار روئي بہ وجهندو هو ۽ گاريون بہ ڏيندو هو. ليڪن ننڍڙي اسماعيل کي ويتر همت ايندي هئي يعني تہ چيڙائڻ وارو مقصد پورو ٿيندو هو. ڪلاس ۾ استاد کي شڪايتون بہ ملنديون هيون، بہ ٽي پيرا ٺڦڙون بہ کاڌائين پر هن جو اهوئي ڳن ڪهاڙي ۾. سؤ روپيا خرچجن تہ بہ اهڙو لطف نہ اچي جهڙو جنهن کي چيڙائڻ سان! هڪ دفعي پاڙي ۾ هڪ فقير قاسم ناليَ رهندو هو. ڪنيہن ٿي ڪني، جو هن پير مرد سان بہ ساڳي ڪيچل ڪيائين ۽ هن بہ وجهہ وٺي ڪيس پڪڙي وڌو ۽ پنهنجي پيريءَ واري عصا سان خوب مرمت ڪيائينس."

اجها هڪ ٻي مزيدار شرارت ٻڌو. تڏهن پاڙي ۾ هڪ بلڪل غريب ماڻهو صالح نالي رهندو هو، هن کي عام طرح "صالح سرڻ" ڪري چوندا هوا. سرڻ سندس چيڙ هوندي هئي. مگر هُو ايترو تہ چڙندو هو جو هتن ڪان نڪري ويندو هو. البت جيڪو سرڻ چوندو هوس ان کي چوندو هو "ماڻهين سرڻا!" هن جي غريباڻي گهر جو ٻاهريون دروازو بہ اهڙوئي ئي غريب هو جهڙو پاڻ. جوڪرن هن جي هڪ ٻي چيڙ ڳولي ڪڍي، جيڪا نقصانڪار هئي. ايندي ويندي صالح سرڻ جي دروازي کي اچي ڌڪو ڏيندا هوا ۽ ٺڙڪي جي آواز تي پڇندو ايندو هو نہ تہ ان ڪري تہ ڪو هن کي ڪير در تي سڏي ٿو. پر فقط انهيءَ ڊپ کان تہ جوڪرا دروازو پٽي چڏيندا ۽ آئون ڪتان پنسا آڻيندس جو ٻيو دروازو ٺهرائيندس. هُو هڪلَ ڪندو، ٻارن کي جهلڻ لاءِ وٺي پڇندو هو پر هو مسڪين ڪراڙو ۽ ٻار پڇڻ جا جُوها سو صالح کي ڪٽي ٽا وٽ ڏين! اسماعيل کي تہ ڪپينديون ئي اهڙيون حرڪتون هيون! سو ايندي ويندي اها ڪرت ڪٽي ڪيائين. پلا لنگهہ جو هن جي در وٽان ٿيو. بس دروازو دعوت پيو ڏيندو هو ڪڏهن ٽا ري ڪونيا دعوتي اچن.هڪ دفعي صالح ننڍڙي اسماعيل کي در کي ڌڪو ڏيندي ڏسي ورتو ۽ پوءِ سندس اتان لنگهڻ جا ٽاٽا جانچي وجهہ پيو ڳوليندو هو تہ ڪڏهن ٿو شڪار اچي. مانُ بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حرفتي سو هن کي سولو بلُ تہ ڪو نہ ڏيندو هو. هڪ دفعي صالح لٺ ڪئيو، ننپ هٿيو دروازي پنيان بيٺو هو. ماں جو دروازي ۾ هٿ وجهڻ ۽ هن جي بہ هٿڙي لٺ لڪا ڪرڻ. پير زور هوس جو بچي ويو نہ تہ حياتيءَ ياد ڪري ها، تہ ڪو مڙس گڏيو هوا آخر صالح ورچي پيو. حيلو وسيلو نہ ڏسندي پٽس کي دانهيون ۽ سندسُ والد پيار محبت سان کيس هدايت ڪئي ۽ سمجهايائينس تہ پيرسن ماٺهو کي رنجائڻ تمام گهڻو گناهہ آهي ۽ جيڪڏهن اهڙي حرڪت وري ڪيائين تہ هُو کيس مار ڪڍندو تڏهن مس مس وڃي ويچاري صالح جي جند ڇٽي. مانُ رڳو گهر ۽ پاڙي ۾ شرارتن تائين بس ڪو نہ ڪندو هو پر ننڍڙي هوندي خطاب کان بہ نٿائيندو رهندو هو ۽ پڙهڻ کان بچڻ لاءِ عجيب عجيب حرڪتون ۽ انڪلون ويڙهائيندو رهندو هو. جنهن جو هن پاڻ پنهنجي آتم ڪهاڻي ۾ ذڪر ڪيو آهي. ڪنهن کي ڪهڙي خبر تہ هي شرارتي بار مستقبل ۾ وڏو تعليمي خدمتگار ۽ سنڌي ٻوليءَ جو نامور اديب ٿيندو. مون سندس ننڍپڻ جون ڳالهيون ڪانئنس ۽ ٻين وڏن مائٽن کان ٻڌيون هيون. جي ايتري قدر تہ دلچسپ لڳيون جو انهن کي نيٺ تحرير ۾ آڻي اسماعيل جو ننڍپڻ جو خاڪو تيار ڪيم.

جهد و بقا ۾ ڪامياب ۽ بي مثال شهرت:

"عرساڻي" جي ننڍڙي نالي وارو فقرو اڄ بہ پنهنجي ذات ۾ وڏي ڪشش رکي ٿو. انهيءَ نامر نامي سان هو هنڌين ماڳين مشهور آهي. انهيءَ اسم ذات ۾ تاثير جو اندازو تڏهن ٿئي ٿو. جڏهن ڪئين استادن ۽ شاگردن ڪانسواءِ زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ ڪامياب فرد اڄ بہ عرساڻيءَ جو نالو محبت ۽ احترام سان ونن ٿا ۽ پنهنجي شاگرديءَ جي زماني کي ياد ڪندي سندس لازوال عمل ۽ ڪردار جو ڪو نہ ڪو ڇڏيل اثرائتو ڍنگ نهايت فرط جذبات مان بيان ڪن ٿا. ماما اسماعيل رٽائرمينٽ ڪانپوءِ گهرو زندگي ۾ پابند ٿي ويل آهي جتي قيد حيات جا باقي لمحا نهايت عافيت ۽ طمانيت سان گذري رهيا اٿس. حالات تحت پنهنجي مزاج مطابق هُو مستعد نہ سهي تاهم چاهيندڙن جي دلين کان دور ٿي نہ سگهيو آهي!

حيدرآباد ۾ هلندي گهمندي انيڪ موقعن تي ڪيترن شخصن سندس باري ۾ استفسار ڪيو هوندو. مون کي سنڌ جي ماحول ۾ جتي بہ ڪنهن ڪچهريءَ ۾ شرڪت جو موقعو مليو آهي، اتي هر پيري ڪي نہ ڪي شخص اهڙا بہ ضرور گڏيا آهن. جيڪي شوق ۽ جذبي سان محمد اسماعيل عرساڻيءَ جو حال پچڻ لڳي ويندا آهن.

ڪو دور ماضي ۾ جهاتي پائيندي حسرتناڪ لهجي ۾ چوندو؟

"عرساڻي صاحب جڻي ڪٽي بس ڪر، اهڙا آفيسر ڪٿي؟" ۽ ڪو تجسس مان گهري جذبي جو اظهار ڪندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڏاڍو قابل آفيسر هو!"

۽ ڪو چوندو "سائين واهه جو اديب آهي".

اليڪشن دوران ڪٿي پرزائيڊنگ آفيسر مقرر ٿيس. هڪ منجسٽريٽ صاحب ڊيوٽيءَ تي آيو. مون سان تعارف ٿيڻ سان ئي ماما بابت جستجو ڪرڻ لڳو. "سائين منهنجو هاءِ اسڪول ۾ انگريزيءَ جو ٽيچر هو. عرساڻي صاحب بي مثل استاد هو!" بدين ۾ هڪ رٽائرڊ استاد سان ملاقات ٿي ٻڌايائين ته مان بدين ضلعي جي دور درازي ڳوٺ ۾ ماستر هوندو هوس ۽ عرساڻي صاحب جي حد ٿر تائين وسيع هوندي هئي. اسان کي ڊيوٽي تمام هوشياريءَ سان ڏيڻي پوندي هئي. جو هر وقت الڪو رهندو هو ته متان صاحب نه اچي ڪڙڪي! ۽ ٿيندو به ايئين ئي هو. ٿوري گهڻين ڏينهن سچ پچ ته اچي سهڙندو هو!" ۽ اهڙا انيڪ مثال دهرائي سگهجن ٿا: جو عرساڻيءَ جو نالو ڪن تي پوڻ سان اڻ ڏٺل يا ٻڌل سندس چاهيندڙ هلي اچي ملندا ۽ ڪيترائي بزرگ نهايت ادب ۽ تعظيم سان ذڪر ڪندا ۽ پراڻن تعلقاتن تي روشني وجهڻ لڳي ويندا ۽ سندن سلام ۽ نياز پهچائڻ جي ور ور ڏئي پارت ڪندا ۽ ڪي پريت جا پانڌيئڙا ته شوق وچان ڪهي اچي ساڻس ملندا ۽ پراڻي محبت جي ياد کي تازو ڪندا آهن.

سچ پچ ته نئين نسل جا فرد به هن جي ادب پارن ڪري سندس شخصيت سان گهڻو پيار رکن ٿا. رڳو هڪڙو مثال پيش رکندس. حبيب بئنڪ سول اسپتال روڊ واري برانچ ۾ نئون نئون مئنيجر بدلي ٿي آيو هو. جو صاحب اصل ۾ نوشهروفيروز جو ميمڻ آهي. دوران ملاقات هن پڇيو ته هڪ "عرساڻي" جنهن جو نالو ياد نٿو اچيم. ان جو ڊراما "بدنصيب ٿري" مون اسٽيج تي ڏٺو به هو ۽ نائين درجي انگريزيءَ ۾ وري مون ان ڪتاب کي پڙهيو. جنهن جو نقش منهنجي دل تي اڃا به اُڪريل آهي. اهو مون کي ايترو وڻيو هو. جو ڪنهن به ڪتاب مون کي ايڏو متاثر نه ڪيو آهي. ان ڊراما منهنجي دل ۾ ٿرين سان ڏاڍي محبت ۽ همدردي پيدا ڪئي ۽ خيالن ئي خيالن ۾ ٿر جي پٽن جو سير ڪندو رهيو آهيان! اهڙي بيابان ۾ جنهن آفيسر سالها سال رهي اَبوجهه ماڻهن ۾ تعليم پکيڙي. تنهنجو حوصلو خود جبل وانگي اڏول هوندو! اڄ تائين ان سان ملاقات جو شوق دل ۾ سانديو ويٺو آهيان."

ٿورن ئي ڏينهن بعد اهو ساڳيو شخص اسان اچڻ لاءِ عرساڻيءَ سان ملڻ آيو ۽ انتهائي شوق سان سندس مشاهدن ۽ تخليقن بابت ڳالهيون ٻڌندو رهيو. هن ٻڌايو ته اها ملاقات سندس زندگيءَ جي قيمتي اثاثو آهي. جڏهن موڪلايائين ته ساڳي متحير احساس جي سونهري گهڙين جي ياد کي ذهن ۾ سميٽي روانو ٿي ويو!

سوال ٿو پيدا ٿي ته معاشري ۾ ڪيس ايڏي مڃتا ڪيئن حاصل ٿي؟ ۽ ان جي پويان سندس ڪهڙي جاکوڙ ڪيل آهي؟ مون کي ان جو ادراڪ تڏهن حاصل ٿيو. جڏهن ٿر جو سير

ڪندي ذاتي تجربو ٿيم. هو بين ڪپترن ئي وصفن سان ياد ڪيو وڃي ٿو. پر ٿر جي نسبت سان خاص طور سڃاتو وڃي ٿو. اتي هڪڙو نئون ۽ نيارو نالو ڪن تي پيم. ريگستان جي ماڻهن کان "ٿرري صاحب" جونالو اڃا تائين به ڪو نه وسريو آهي. ۱۹۷۲ع جي ٿڌڙي موسم ۾ ٿر گهمي رهيا هواسون. جتي عجيب نظارا پسندي حقيقت تي خواب جو گمان ٿيو ٿئي! اتي ڪيترين ئي ڳالهين منهنجي اچرج جو باعث بڻيون. ليڪن جنهن ڳالهه سيني ۾ گهڻو اتساهه ڏنم، سا هئي هڪ تعليمي آفيسر جي نيڪ نامي! جنهن کي رٽائرڊ ٿي ڳچ سال ٿيا. مگر ٿر ڇڏيندي ته ڪيس وڏو عرصو گذريو.

ڪنهن اوطاق ۾ هڪ جهور پوڙهو بزرگ ويٺل هو. منهنجي ساڻس واقفيت ڪرائيندي ٻڌايائونس ته: "هي نوجوان فلاڻ شخص جو عزيز آهي. جيڪو هتي اسڪولن جو صاحب هو." ڪي گهڙيون ته هُو ماٺ ۾ اچي ويو ۽ پوءِ وراڻيائين ته: "او ...... هو جيڪو پنهنجو ٿررو صاحب هوا" ان بعد هو ڏاڍي اڪير سان گڏيو. جڻ ته منهنجي موجودگيءَ جو ڪيس اعتبار ئي نه ٿيندو هجي! جنهن بعد گهڻي دير تائين هن حال احوال پڇيا ۽ "ٿرري صاحب" جي ايامڪاريءَ جون مزا وني ڳالهيون ڪندو رهيو. سندس لفظ لفظُ مان سڪ ۽ محبت جو اظهار ٿي رهيو هو!

اها هڪ جفاڪشيءَ جي سرگذشت آهي، جيڪا حيرت انگيز ۽ دلچسپ ته ضرور آهي، پر ان کان به وڌيڪ پنهنجي پر ۾ سبق آموز آهي. سائنس فڪشن جون ڪهاڻيون پنهنجي تصوراتي عالم سببان حيرت انگيز هونديون آهن. ليڪن انهن مان هڪڙي ته ڏاڍي دلچسپ لڳم. جنهن جو مرڪزي ڪردار "هيري" آهي. هُو ٻارن ٻچن سميت راڪيٽ مان لهي، مريخ جي زمين تي قدم رکي ٿو ۽ آسپاس جو ماحول ڏسي متس خوف ۽ بُت ۾ ڪپڪپي جي لهر ڊوڙڻ لڳيس ٿي ۽ گهڻا ڏينهن ته ڪيس مريخ جي اوپرائيءَ کان بيزاري رهي. ليڪن هلندي هلندي پاڻ اڻ محسوساتي طور تي مريخ جو جزو بنجي وڃي ٿو. جڻ ته سندس خمير جي پاڙ ئي ان ۾ ڪتل هئي. ايتري قدر جو جڏهن دنيا مان هڪ ٻيو راڪيٽ لهي ٿو، ته اهي انسان به هيري کي ڏسي ڪيس مريخ جي ڪا مخلوق ڀانئين ٿا ۽ ڪائنس دنيا جي رهاڪن بابت پڇا ڳاڇا ڪرڻ لڳن ٿا.

هن خاڪي جو ڪردار به جاڻو نپنو هالن جي مردم خيز مٽيءَ ۾، ثانوي تعليم حيدرآباد، انٽر علي ڳڙهه ۽ اعليٰ تعليم وري ڪراچي جي ڪاليجن مان حاصل ڪيائين. ليڪن جڏهن ۱۹۳۵ع ڌاري نوڪري سانگي "اسڪولن جو صاحب" (ايڊيوڪيشنل سپروائيزر) ٿي، ٿرپاڪر ۾ پير پاتائين ته "ٿر" جو ٿي رهجي ويو! جڏهن اول هيڊڪوارٽر مان گشت تي نڪري ٿو ۽ اٺ تي سوار ٿي ٿر جي ريگستان ۾ پهچي ٿو ته سندس حالت به سائنس

فساني جي سورمي "هيري" کان ڪا گهٽ ڪا نہ ٿي هئي. هِن جي آڏو واريءَ جا جبل هوا. هڪڙا مٿيرا تہ ٻيا وري ان کان بہ مٿانها تہ اڳيان وري تمام اوچا. مطلب تہ هيٺ مٿي واريءَ جي دڙن جو اڻ ڪٽ سلسلو هو! انين سمجهائين تہ چوڌاري سمنڊ ٻي ڪران آهي، جنهن جي تري ۾ هو ٻيٺل هو! ۽ پاڻ کي نئين پراسرار ڪائنات ۾ ڏسي مٿس خوف طاري ٿي ويو!

ڪنهن ڳوٺڙي ۾ اسڪول وزٽ ڪرڻ جو اهو پهريون ئي تجربو هوس پر آزمائش اتي ختم ڪا نہ ٿي هئي. اجا پنهنجي حيرانيءَ ۾ غلطان هو. جو مٿان وري ڪاڏو پيتو وه ٿي لڳو. اتي جو پاڻي ٻاڙو، جنهن ۾ اُبت گهڻي! بس پهريون گلاس پيئڻ سان ئي الٽي ڪري وڌائين! پيٽ جي اشتها مٿائڻ لاءِ ماني جو گرهہ چٻاڙيائين تہ واريءَ جي ڪرڪر سان وات ڀرجي آيس. پر پوءِ ٿر جي فضائن سان جلدي رلي ملي ويو. وارياسين پٽن جي لڳندڙ واءَ مان ڪيس هڳاءُ اچڻ لڳو. ماحول کي تجسس ۽ شوق سان ڏسي ڏسي ان جي ذري ذري مان واقف ٿي ويو. جنهن جي ذڪر سان "سير ريگستان" پڙهيو پيو آهي.

ان بعد هو هميشہ اُٺ جي پٺي تي سوار ڏگهيون ڏگهيون منزلون طئي ڪندو ڏسبو هو. صحرا جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين سفر ڪندو رهندو هو. ننگرپارڪر، چاچرو، مٺي، عمرڪوٽ ويندي رحمڪي بازار جا ڏيپلي تعلقي جي ڏکڻ الهندي ڪنڊ جي دنگ تي هئي. هر اسڪول جو وقفي وقفي سان معائنو ڪندو رهندو هو. ڏينهڪ سراسري ۲۴ ميل مفاصلو طيءِ ٿيندو هو. ان وچ ۾ هڪ ٻن هنڌن تي ڏاهو ڪرٽو پوندو هوس. ٿوري دير ساهي پٽي اکو ڦلو ڪري وري پنڌ چڪيندو هو! روزانو اها مسافري پنج ڇهہ ڪلاڪ ٿيندي هئي. سدائين وارياسين پٽن جا پنڌ هوا ۽ ڏاگهي تي "ٽررو صاب" ڏسبو هو.

جڏهن واءُ لڳڻ سان واريءَ جا طوفان اٿن تہ ائين سمجهبو آهي تہ پٽن ۾ سج جا واڪا پيا پون ۽ ٿري ماڻهن جي تقدير اجڙيل زندگيءَ تي روئي آهہ و فغان پئي پري! جڻ تہ قدرت ماڻهن جي جهل ۽ پستيءَ تي نالان هجي! ليڪن ٽرڙي صاب ماڻهن جي اڀوڳي حياتي ۾ رونق آڻڻ جو ساهس ڪيو ۽ وارياسن ميدانن تي علم جي ڦهلاءُ لاءِ ڪاريءَ اُس ۾ پاڻ پتوڙيندو رهيو. هن "بدنصيب ٿري" ڊراما لکي ٿرين جي مصيبتن کي آشڪار ڪيو ۽ سندن سڪل ڳلن تان ڳوڙها اگهيا. هو انهن سان ايترو تہ گهائل مائل ٿي ويو. جو هر قوم ۽ ذات جو ننڍڙو خواهہ وڏو ڪيس پنهنجي پٽ جو رهواسي ڪري سمجهڻ لڳو ۽ اهو ئي سبب آهي جو "ٽررو صاب" جو نالو جٽ ڪٽ وڃي ويو!

هُن جي ٿر ۾ هر ڪنهن نيات جي ماڻهن ۾ ٻي حد عزت هوندي هئي. هندو ماسترن کي بہ هڪ اک سان ڏسندو هو. لهاڻا، مينگهواڙ توڙي ٻين اڇوت ذات وارن هندن ۾ فرق نہ ڪندو هو. بلڪ پوئتي پيل ذاتين جي هندن تي خاص عنايت جي نظر رهندي هوس ۽ ماسترين جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خالي آسامين لاءِ انهن کي اول موقعو ڏياريندو هو!! انهن ڳالهين سبب وڏي عرصي گذرڻ باوجود به سندس نيڪ نامي ڳائجي پئي. جيڪي تعليم کاتي جا عملدار اتان گشت ڪري موٽن ٿا سي به ان جي ساک پرين ٿا. ڪجهه سال اڳ محترم ابراهيم جويو، سنڌي زبان جو نامور قلمڪار، پنهجي سنگت سان سياحت تي نڪتو هو ۽ ٿر ٿر اندر ٿاڪ وروڙي ڏٺا هوائين. واپسيءَ بعد عرساڻيءَ سان ملندي حيرانيءَ مان ٻڌائڻ لڳو ته: "عرساڻيءَ جي نالي جي ڏاڍي ساراهه ٻڌم ۽ چيائون ٿئي ته ٿر ۾ وري اهڙو آفيسر نه آيو." آئون پاڻ به ڏيپلو، مٺي ۽ ٻيا گهڻا ڳام گهميو ۽ ڦريو هوس پر مشاهدي ۾ آيو ته جن به ماڻهن عرساڻيءَ کي ويجهڙائي کان ڏٺو يا سندس ايامڪاريءَ مان گذريا هوا. سي ڏاڍي محبت ۽ اڪير وچان ياد رکيو اچن. "ٿرري صاب" جي مقامي ٻولي ۾ معنيٰ آهي "ٿر جو صاحب" شروع ۾ ته نئون نالو ٻڌندي چرڪ نڪري ويو هوم مگر جنهن وقت ان جي حقيقت ظاهر ٿي، تنهن وقت کان کيس جاڻڻ جو مون ۾ تجسس وڌندو رهيو. جنهن جي نتيجي ۾ آخرڪار هي خاڪو لکجي تيار ٿيو.

شخصي اوصاف خدوخال ۽ انفرادي رنگ:

محمد اسماعيل عرساڻي فطرت انساني جو متوازن نمونو آهي. اهو اڏول جاکوڙي سخت جان، قول ۽ فعل ۾ هڪجهڙو، خوددار، کرو ۽ اصول پسند شخص آهي. هن کي قدرت هڪ طبعي ۽ تخليقي مزاج عطا ڪيو آهي. اڄ اديب عموماً خود کي جينيس يا فنڪار پسائڻ خاطر پاڻ سان ڪي ابنارمل اوصاف لاڳو ڪري ڇڏيندا آهن ۽ ڪوشش ڪندا آهن ته هو نشست برخاست يا هلت چلت ۾ عام سماجي فرد بدران عجيب مخلوق لڳن! محمد اسماعيل عرساڻي هڪ غير معمولي فنڪار هوندي به هڪ سنئون سپاتو فرد آهي. سندس شخصيت هڪ ڊرامه نگار، مضمون نويس، زباندان، نصاب نويس، تعليمي ماهر ۽ پنهنجي وقت جي هڪ برجسته عملدار ۽ هڏڏوکي آفيسر جي حيثيت سان ساري سنڌ ۾ شناسائي رکي ٿي. خاص ڪري سنڌي درسيات ۽ نصاب کي وڏي معيار تي رسائڻ ۽ بنيادي تعليم جي پکيڙڻ، واڌاري ۽ سڌاري ۾ سندس پورهئي جي نور نچوڙ شامل رهي آهي. پڙهيل ماڻهن جي سوسائٽي ۾ شاعريءَ کي به هڪ اعزاز تصور ڪيو ويندو آهي. اسماعيل کي به شاعرانه ذوق اصل کان هو. فطرت جي حسن ۽ رنگينيءَ مان حظ وٺڻ جي هر بشر ۾ صلاحيت ٿيندي آهي. مگر سندس شاعرانه اظهار ڪنهن قلبي واردات جي اثر کان نٿو ڏسجي. البت ائين آهي جو ادبي محفلن ۾ اٿڻ ويهڻ ۽ فارسي دانيءَ جي چشڪي سندس روان طبع کي مهميز ڏني، نظم اختيار ڪرايو ۽ شاعريءَ جا آداب پورا ڪندي "فدا" جو تخلص اختيار ڪيائين. مگر مون کي سو ڪجهه عجيب لڳندو آهي. دراصل خماريل نيڻن ۽ زلف پريشان واري حالت هُون يا نه هُون ان کي ڪٿي ٿئي نِنڍڙي عمر ۾

پروڙي سگهيس! جواني ديواني ٿيندي آهي. ان عمر ۾ ماڻهو خود بہ خود سونهن ڏانهن ڇڪجي ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن مومل جي ڪاڪ تي رسڻ لاءِ اٺ هاڪاريندي منزلون سٽيون هجنس تہ بہ ٿي سگهي ٿو. شايد ڪن سان نينهن جو ناتو بہ نڀايو هجيس ۽ ڪن سهڻن تان فدا بہ ٿيو هجي. جا ڳالهہ فطري بہ آهي پر منهنجي خيال ۾ ديوانگي ۽ مستيءَ جو طاري رهڻ، سا خوءِ منجهس شروع کان ئي شامل ناهي. اهو ئي سبب اهي، جو دنيادار ۽ تعلقات ۾ سندس شخصيت هميشہ کان متوازن رهي آهي ۽ وضعداريءَ کي ڪڏهن بہ هٿان نہ ڇڏيو اٿس. حياتيءَ ۾ لاهيون چاڙهيون هر ڪنهن تي اچن ٿيون. مگر زماني جي حوادث جو اثر مٿس پيل محسوس نٿو ٿي. سندس طبع جي شوخي ۽ انفرادي رنگ ۾ ڪڏهن بہ فرق نہ آيو آهي. سندس روپ سادو سودو تڪلفات کان عاري، عمل ڳرو ۽ صاف چهري جو ڪنڪائون سفيدي مائل ڪليل رنگ، پهلودار مهاندو، نوڪدار ڪاڏي تي ورپل، منهن تي ڏگهو نڪ آويزان، جنهن جون چونٽيون ناس وٽان ٿلهيون ۽ موڪريون. ناسي پوزرا اکين جا تارا. سنها چپ، مٿي جي وارن جي هميشہ کان انگريزي ڪٽ، پيشانيءَ مٿان مٿي جي پاسن کان وار ڇٽيل، رڳو وچ مان اُڀي سينڌ نڪتل. ان ڪري پيشاني ايي نظر اچي. سدائين ڪلين شيو ڪيل، نڪ هيٺان وارن جي ننڍڙي چونڪڙي، جيڪا مڇ جي نشاني طور ڇڏيل آهي. ان جا وار بہ جدا ڪتريل، رڳو غور سان ڏسڻ بعد اها مڇ پانبي آهي. عالمگير جنگين جي زماني ۾ اڪثر عملدارن جي مڇ جي ڪٽ خاص قسم جي هئي. هٽلر جي تصوير کي ڏسندا تہ سندس مهانڊي تي وارن جي تڏ ويٺل نظر ايندي ان ڪري عرف عام ۾ اسين سنگتي پاڻ ۾ ان کي هٽلر ڪٽ مڇون سڏيندا هواسون. گهڻن آفيسرن کي مون پاڻ بہ ڏٺو ۽ ڪي تصويرون بہ ڏٺيون اٿم پر اڪثر سنڌ جي تعليمي عملدارن کي اها ئي مڇن جي ڪٽ منهن تي سونهندي ڏٺي، ڊاڪٽر ڏائود پوٽو مرحوم، خانبهادر محمد صديق ميمڻ مرحوم، علي اڪبر ميمڻ مرحوم، حافظ محمد صادق مرحوم، نور احمد ميمڻ مرحوم ۽ خدا نہ پلائي تہ ڊاڪٽر غلام حسين جعفري مرحوم، آغا تاج محمد مرحوم ۽ علامہ آءِ آءِ قاضي مرحوم کي بہ جوانيءَ ۾ اها مڇن جي زيهہ ڏنل آهي! پين ڪاتن جي عملدارن کي بہ چون ٿا تہ گهڻن کي اهيئي مڇون رکيل هونديون هيون!!

وڏي عمر ۾ طبيعت ۾ لاغر ٿيڻ تہ هڪ قدرتي ڳالهہ آهي. پر سندس ڍيل ڍول هميشہ کان رُعبائتو، قدقامت البت ڏگهي، جنهن کي سروقد چئجي. بدن جو لاڻيرو پر چڙڪ ۽ ڦڙتيلو ۽ عملداريءَ جي وقت ۾ پتلون، ڪوٽ، هيٽ ۽ انگريزي ناٽ سان ٺاءِ زيب تن ڪندو هو. پلي تہ گهڻن آفيسرن ۾ گڏ بيٺل هجي، پر سيني کان ڪڙو تڙو. سندس شخصيت پري کان ئي پڌري خانگي ڪم ڪار ۽ ٻاهر نڪرڻ مهل بہ چوني ڏيڍ تختي سلوار قميص جي مٿان ٿسر جي هلڪي رنگ جو ڪوٽ ۽ جناح ڪيپ ضرور پاتل هوندس ۽ پوءِ جڏهن لڪڻ هٿ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لوڏيندو ٻاهر نڪرندو هو تہ سندس چال بہ ڏسڻ وٽان هوندي هئي.

هن جي هر ڪم ۾ چستي تہ هوندي آهي ليڪن رفتار ۾ بلا جي ڦڙتي هوندي اٿس. تکي هلڻ ۾ ڪو شرط رکي ساڻس قدم ملائي تہ ملائي سگهي، ورنہ رواجي حالت ۾ ائين ڪرڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ آهي. جيئن سندس قد ڪاٺ سڌو سنئون تيئن پنڌ بہ سڌو ڪڇيندو. ٻاهر نڪرڻ کانپوءِ نڪ سامهون هلندو رهندو ۽ لوٽي ڦيرڻ يا هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ کانسواءِ تيز رفتاريءَ سان ايستائين هلندو رهندو جيستائين سندس قدم منزل مقصود تي اچي نڪا ڪندا آهن. فاصلو ڪٿي پريرو ڇو نہ هجي، تہ بہ قدم يڪساهيءَ کڄندا رهندا. اسين جڏهن ننڍڙا ڇوڪرا هوندا هواسين ۽ مامي سان ٻاهر وڃڻو پوندو هو تہ ڊوڙون پائيندا هلندا هواسون. پيو بہ ڪو جڏهن تيزيءَ سان هلندو هو، تڏهن ساڻس همقدم ٿي سگهندو هو! هاڻي جي اها قوت نہ رهي آهي تہ بہ چال جي ڊار ۾ ڦير نہ آيو آهي!

عمل ۽ مزاج ۾ تيزي هن جو خاص گڻ رهيو آهي. عرساڻيءَ ۾ جيئن هلڻ ۾ بلا جي تيزي هئي، تيئن واسطيدارن هن کي هر ڪو ڪم بہ وٽ وٽان ڪري تيزيءَ سان ختم ڪندي ڏٺو. جيئن تحرير ۾ تيز قلم ثابت ٿيو. تيئن غصي ۾ بنهہ تيز، چيڙاڪ اهڙو جو ڪنهن ٻاڙو ٻوليس يا ڪچي ڦڪي سمجهہ ۾ آيس، تہ پوءِ پوتاريل ڊگهي وانگر سگهن تي چاڙهي ڪٿي اڇلائيندس. گهٽي چڙ ڪري ننڍڙي هوندي وڏيون اسماعيل کي "ٽاندي تپٽو" بہ چونديون هيون. حرف تہ وڏي ڳالهہ پر پاڻ تي ڪو ڪک بہ نہ سهي! پنهنجي ايمان جو بدلو چڪائڻ لاءِ خوب واجٽ وڄائي ڇيهہ ڪندو، پر جتي بنهہ زير ڪرڻ يا سڌارڻ جو معاملو هوندو تہ اتي هو صفن صفا ڏڪي ڪان ڪم وٺڻ کان بہ نہ گسندو!

اين جي وي هاءِ اسڪول ڪراچيءَ ۾، عرساڻيءَ کي هڪ بينڊ ماسٽر سان ڪمري ۾ رهڻو پيو. هڪڙي ڏينهن در کي بولٽ چاڙهي، بينڊ ماستر کي سندس بينڊ باجي جي ڏونڪي سان اهڙو تہ سنيو ڪنيو جو ويچارو پنهنجي سويل رياض ڪرڻ واري شوق تان هميشہ لاءِ هٿ کڻي ويو! مبادا عرساڻيءَ جي ننڊ ڦٽي پوي ۽ وري مار کائڻي پوي! سندس روبرو عرساڻيءَ بابت جتي بہ ذڪر خير نڪرندو هو تہ ڇپن تي هميشہ اهيئي لفظ ايندا هوس تہ "ڏاڍو ڪرڙو آفيسر آهي!" هالا ۾ پاڻ هيڊماستر هو جتي هڪ دفعي آفيس جو در بند ڪري اتي جي هندو سائنس ٽيچر کي لڪڻ سان اهڙي تہ مار ڪڍيائين جو گهوڙا گهوڙا خون خون ڪندو پيرين اگهاڙو وٺي ڀڳو ۽ پنيان لوٽو ڦيري بہ نہ ڏنائين. ڪيس سڌارڻ جو عرساڻي وٽ پيو ڪو نسخو بچيوئي ڪو نہ هو! ۽ اها مار واقعي بہ سائنس ٽيچر لاءِ سنوار ثابت ٿي! ان بعد نہ ڪڏهن هن اسڪول کان موڪل ورتي ۽ نہ ئي وري ڪو پيرڊ پڙهائي کان خالي ڇڏيو! باقي عمر ويچارو موقعي بي موقعي فقط عرساڻيءَ جا گڻ ڳائيندو نظر آيو!

ائين سندس مار گزيده گهٽا! پر ڪي واسطيدار سندس مزاج ڪي هڪدم پروڙي پنهنجي ڪوتاهين جو شروع ۾ ئي اقرار ڪري ڇڏيندا هوا ۽ آئنده لاءِ توبهه تائب ٿي، سندس بلند شخصيت آڏو سر تسليم خم ڪري ڇڏيندا هوا. اهڙا زبردست ونس به گهٽو مان لهندا هوا ۽ هر ڳالهه ۾ هنن جو خيال رکندو هو. هڪوار ڪنهن متعلق يقين ٿي وڃينس، ته هو منهنجي حقيقي تعظيم ڪري ٿو ۽ بلڪل سائس سچو ۽ وفادار آهي ته پوءِ عرسانيءَ جي مهربانين جو ڇٽ بڌجي ويندو!

پراصل ڳالهه هلي پئي سندس ڪاوڙ جي! نندي هوندي اسين ٻار به گهٽي ۾ گهٽو ڪائنس ڊڄندا هواسون. مائٽ به ٻارن ڪي شرارت ڪان روڪڻ لاءِ سندس نالو وٺي ڊپ ڏياريندا هوا. ڏيندو سو وڏ ۾ وڏ ڪوڙو دڙڪو هو. پر سو به ساهه سڪائڻ لاءِ ڪافي هوا! ننڍڙي هوندي ٻچ ڊڪ ڪرڻ سپني ٻارن جي فطرت آهي. منهنجو ماسات جيڪو هيئر انجنيئر آهي (هن وقت ٽيڪساس آمريڪا ۾ مقيم آهي) تنهنجي زباني ڳالهه آهي ته. هڪڙي ڏينهن اسان ٻارن سجو گهر مٿي تي کڻي ڏنو هئوسون. ڪنهن جي به دڙڪن ڪان نٿي مڙياسون. اوچتو ماما اچي نازل ٿيو زوردار آواز ۾ دڙڪو ڏنائين.

”اڙي ڪير ٿو گوڙ ڪري؟“

ماما وڏي جو آواز ٻڌڻ سان اسان ٻار ڇڙوڇڙ ٿي وياسون. ڊپ مان ڪو ڪٻٽ پٺيان لڪو، ته ڪو کٽ هيٺان، ته ڪنهن وري پاڻ کي هنڌن جي پيتي ۾ لڪايو. ڪو ڪيڏانهن ڀڳو ته ڪو ڪيڏانهن ويو. ماما کي هٿ ۾ ڏنڊو هو. ڪوڙ پڇاڻي هيڏانهن هوڏانهن نهاريندو ڳولڻ لڳو. مون کي ميز هيٺان ويٺل ڏسي، ڪني ٻانهن ۾ هٿ وڌائين ”ڇوڻ لڳو“ اڙي ٻاهر نڪر بدمعاش گهر ۾ گوڙ لاتو ائٿي؟“ ماما جو ايترو ڪرڻ ۽ ڏڪڻيءَ ۾ منهنجي چڊي آلي ٿي وئي!

هر معاملي ۾ طبع جي تيزي هن جي خاص خصلت رهي آهي. شل نه ڪنهن ڪم جي پوپان لڳي، وس ڪندي ٻيو ڏينهن ته ڇا پر ٻيو پهر به ٿيڻ نه ڏيندو. اصل ترڪيءَ تي بهشت ڪٽي پوءِ اٿندو. پر جنهن ۾ ڪم پيو سو اصل مُنو. عرساڻي کي ڪمري ۾ اندر گهڙندو ڏسي. ”شامت اعمال ما صورت نادر گرفت“ جي سراپا تصوير بنجي ويندو. هو ائين ٿي سمجهندو ته اڄ ڪو منهنجي عملن جي پڇاڻي جو ڏينهن آيو آهي ۽ پاڻي رفتن نه جائي مانند جهڙي حالت ٿي ويندس ۽ جلدي جلدي عرساڻيءَ کي راضي ڪري منجهائنس ڇوٽڪارو حاصل ڪندو! نه رڳو ايترو بلڪ جان خلاصيءَ جا به نفل شڪراني جا به پڙهي ڇڏيندو!!

حافظ محمد صادق، جو هن وقت جنت آشياني آهي، ڏاڍي دلچسپ شخصيت جو مالڪ هو. اسان جو نهايت من گهريو عزيز هو. هُو ڪردار جي تند مزاج جي باري ۾ ڏاڍيون مزيدار ڳالهيون ٻڌائيندو هو. عرساڻي ۽ پاڻ شاگرديءَ جي زماني کان ئي هڪٻئي جي ويجهو

رهيا هوا. هڪ ڀيري مزاحاً چيائين "عرساڻي پوليس کاتي ۾ ڏاڍو ڪامياب وڃي ها، پڪي ۾ پڪو ڏوهاري ٻه سندس اڳيان سچ ڳالهائڻ شروع ڪري ڏي ها!" ڳالهه ڪندي ٻڌايائين ته "مان جڏهن ميرپورخاص هاءِ اسڪول ۾ ماستر هوس، تڏهن عرساڻي ٽرپارڪر جو تعليمي آفيسر هو ۽ سندس هيڊڪوارٽر به انهيءَ شهر ۾ هو. مان ڏسندو هوس ته ڪيترا عرضدار يا ڪي سفارشون آڻيندڙ، آفيسر سان منهان منهن ٿيڻ جي همت نه ساري، گهڻي دير تائين بيٺا رڳو دل مِن هٽندا هوا ۽ ڪي وري ملڻ کانپوءِ پلڙي منهن سان ٻاهر ايندا ڏسبا هوا. ڇا به هجي، پر انتظامي معاملن ۾ هو سختيءَ سان ڊسپلن رکڻ جو قائل هو ۽ ڪنهن سان به ڇڏ ڇوٽ ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿيندو هو. ڀلا بيجا رعايتون گهرندڙ وٽانئس مايوس ٿي نڪرندا هوا. ته اهو ڪو عرساڻيءَ جو ڪيو ڪرتيو ٿورڙني ڇنبو؟ هو ته هڪ باخبر، قابل ۽ نهايت ملنسار آفيسر هو. هن وٽ درخواستون جو ترت اڪلاءُ ٿيندو هو. ملازم کي ڪا به دقت يا پريشاني شل نه اچي، ان کي دور ڪرڻ لاءِ هو اوڏي جو اوڏي مهل ڪمر ڪشي بيهندو هو!

هڪ ٻي راءِ مان به هن جي شخصيت جو عڪس ملي ٿو. "عرساڻي ڪم ڪرڻ تي اچي ته دريا ٽپي وڃي، نه ته صفا اڏ تي بيهي رهي." مرحوم جان محمد قريشي الله مرهه ڪريس ڳالهين ڳالهين ۾ اهي ٻول چيا هوا. ڳچ سال ٿيا جو هن بيٺ عملداريءَ تان رٽائرڊ ڪيو هو ۽ آخري عمر تائين عرساڻيءَ سان نياز.منديءَ جي واٽ هوس. اها راءِ صحيح هجي يا نه به هجي. البت عرساڻيءَ جو دوستن. واقفڪارن ۽ اثر وارن وڏن ماڻهن سان رويو هڪجهڙو رهندو هو. جنهن ۾ ڪا به گهٽ وڌائي نه ٿيندي هئي. جيڪڏهن جائز ڪم هوندو ته ٽڏي تي اُڪلائي ڇڏيندو هو. نه ته نڙنپ جواب! ڪٿي ڪهڙو به ڊنگ ڇو نه هجي!! ملازمت دوران ڪيس اهڙي ڪيترين تي ڪنن آزمائشن مان لنگهڻو پيو!! اڄو ته به ٽي واقعا اوهان کي ٻڌايان. جيڪي هڪ فرض شناس ۽ ايماندار عملدار جو هڪ وقيع مثال پيش ڪن ٿا. جنهن ۾ سندس ٻامردي ۽ جرئت جو انوکو روپ نظر ايندو.

عرساڻي هڪ اصول پسند عملدار:

تعليم کاتي جا ڊائريڪٽر ايندا ويندا رهيا. پاليسيون بدلبيون رهيون. وقت ڦرندا رهيا. سرديون گرميون ايندون رهيون قدر ۽ ماڻ مٽبا رهيا پر هُو جيسين ملازمت ۾ هو تيسين پنهنجي اصول پرستيءَ تي سختي سان قائم. ڊاڪٽر دائود پوٽه ڪڏهن بالاعملدار هو ته عرساڻي ماتحت عملدار پر ٻنهي جو لڳاءُ ۽ سروڪار قابل ديد! ڊاڪٽر دائود پوٽي ڪلام ڳرهوڙي ڪتاب لکيو ته يڪا ٽي دفعا عرساڻي جو شڪريو بجا آندائين. ٿيو ائين جو پيش لفظ ۾ اظهار تشڪر لکڻ ته حسب معمول آهي، جيڪو ڊاڪٽر دائود پوٽي تفصيلي لکيو. مگر پوءِ ڪتاب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي عين وچ ۾ هڪ فوٽ نوٽ به عرساڻيءَ جي ٿوري مڃڻ لاءِ وقف ٿي چڪو. مگر ڪتاب پورو ٿي ويو. پر ڊاڪٽر صاحب جي تسلا نه ٿي سگهي ۽ مجبوراً آخري صفحي تي خاص الخاص هڪ پيرو وري اهڙوئي ساڳي نموني سان اظهار ڪيو ويو! ٿورا نه ٿورا مون تي ماروئڙن جا! منهنجي پياري دوست حيدر علي خان ڪتاب پڙهندي مهل جڏهن طرحداريءَ جو اهو حال ڏٺو. تڏهن ڪانئس رهيو نه ٿيو ۽ نيٺ مون کان پڇيائين "ته يار. خير ته آهي عرساڻي صاحب پلا ڊاڪٽر صاحب ۾ ڪهڙو هڏڪ وڏو! جو ٿورا لاهيندي ڪٿن ۾ نه پيو ماپي!" مگر تعلقات جي نزاڪتن جي اسان کي ڪهڙي جاڻ! يارن جون رمزون يار پروڙين ۽ گونگن جون ڳالهيون مائٽ پروڙين! پاڻ ته اهيئي خبرون ڪنداسون جيڪي ڪُوڙين ڪنين اسان کي معلوم ٿيو آهي!

مير الهه بچايو خان. هڪ وڏو اثر وارو زميندار هو. جنهن جا ان وقت ڊاڪٽر دائود پوٽي سان. رفاقت جي حد تائين مراسم هوا. مير صاحب هڪ ماستر جي بدلي رد ڪرائڻ لاءِ اصرار ڪيو ته اهو ماستر جهڏي ۾ ئي رهي. معاملو اصل اُئين هو جو هيڊ ماستر اڊنگي روشن ڪان تنگ اچي ان ماستر خلاف رپورٽ موڪلي هئي. جنهن تي عرساڻيءَ بدلي جو آرڊر ڪيو هو. هوڏانهن وڏن. گهڻا وس لاتا پر اڳيان عرساڻي صاحب سان نڪر هوا! قلم وهيو سو وهي چڪو هو. لکيو منجهه نراڙ قلم ڪياڙي نه وهي! زمين جنبد نه جنبد گل محمد وارو معاملو ٿي پيو. بهرحال ان سلسلي ۾ ڪنهن جو به اثر قبول نه ڪيو ويو.

اهڙو مثال هڪ هندو ماستر مولچند جو به آهي. جو ميرپورخاص جي ڪنهن اسڪول ۾ مقرر هو. هن به ڊاڪٽر دائود پوٽي تي زبردست اثر هلايو ته رٽائرمينٽ کانپوءِ نوڪريءَ ۾ توسيع ملي. مگر ٿيو اهوئي جو هميشه ٿيندو آيو. بقول شاعر ته

سود خاطر جي ويا نذر آيا نظر

'جيڪي هٿ ۾ هون. سو الٽو اڏائي مونيا!

ڊاڪٽر دائود پوٽي حڪم ڪيو ته اهڙو پروپوزل موڪليو وڃي. پر عرساڻي انلندو ڳالهه نه قبولي. ان جي مخالفت ڪئي! پلا مولچند پڙهائيءَ جو ڪم ته ڪندو ئي ڪو نه هوا! ويمي ڪمپنيءَ جو ايجنٽ هو. سيئين جون مسواڙون به اڳاڙيندو هو. سڀ کان وڏي ڳالهه ته اها بي انصافي ٿي ها. جو ملازمت ۾ توسيع ملڻ سان. ڪنهن سينيئر استاد جي حق تلفي به ٿئي ها! پلا ايترين ڳالهين هوندي عرساڻيءَ جهڙو انصاف پسند آفيسر ڪيئن ٿو ڪم ڪري! انڪار تي ڊاڪٽر کي البت ناراضگي ٿي ۽ ڪيس ڪراچيءَ ۾ گهرايائين. مگر عرساڻيءَ جي جواب کان بلڪل مطمئن ٿي ويو ۽ مولچند جا سيئي اثر بيڪار ٿيا!

رڳو عملدار ته نهيو بلڪ اهڙا مثال به آهن. جو وڏا حاڪم عرساڻيءَ جي دربار ۾ هام هٽي ويا هوندا. پر پوئين پير هٽين نلا موني ويا هوندا. بقول شاعر:

جيڪي هٿ فخر و وفا جو دم هڻي ويندا رهيا،
آرزو هڻن سان مٽيءَ ۾ ملائي مونيا!

عرساڻي هالا ڊويزن ۾ آفيسريءَ دوران هڪ مهاجر ماستر کي حيدرآباد ڪان سيڪانٽ بدلي ڪئي جو ته هو پڙهائي جو ڪم اصل نه ڪندو هو. هيڊ ماسترن جون مٺس رپورٽون هيون. جي عاجز اچي چڪا هوا. بس سائين بدليءَ جو حڪم جا نڪتو اصل پنيور کي باهه وٺي وئي! مير علي احمد موصوف ان وقت سنڌ حڪومت ۾ وزير تعليم هو. جنهن موصوف بدلي رد ڪرڻ لاءِ زور پريو ۽ اهڙو خط لکيائين. ليڪن عرساڻيءَ بدستور انڪار ڪيو. معاملو نهندي نه ڏسي ان ماستر جي موڪل منظور ڪرڻ لاءِ چيو ويو. جا ڳالهه به عرساڻيءَ کي انصاف وٽان نظر نه آئي ۽ پنهنجي موقف تي اڙجي رهيو. نيٺ مير رسول بخش مرحوم آفيس ۾ وٽس هلي آيو. جنهن جي زور پرڻ تي رڳو ايتري رعايت ٿي، جو به مهينا ڪاٽ پگهار سان موڪل منظور ڪئي وئي! قاضي اڪبر مرحوم وزير تعليم ۽ مير غلام علي ٽالپر مرحوم ٻني حضرات به عرساڻي کي آزمائي چڪا. هنن هڪ هيڊماستر جي بدليءَ جو آرڊر رد ڪرڻ لاءِ زور پريو. جنهن تي سنگين جرم ثابت ٿيو هو پر عرساڻيءَ اهڙي ڳالهه مڃي ته پوءِ آفيسر ڪيئن چوائي!! جيستائين هو پاڻ آفيسر هو. تيستائين اهو ماستر پنهنجي من ماني ڪري نه سگهيو. بهرحال وٽس ڪامياب سفارش هلائڻ لاءِ ڪو به "جيڪ" ڪارگر نه ٿي سگهندو هو! حيلا باز جون سڀئي تدبيرون پاڻي ۾ پُسي ويندڀون هيون ۽ چاره گر لاچار ٿي ويهي رهندا هوا بلاآخر هن کي ڪاٽ ڪلهي تي ڪٿو پوندو ۽ چپن تي فقط سرد آه رهجي ويندي هئي!!

بس انهن ڳالهين ڪري "ڪڙڪ آفيسر" سمجهيو ويندو هو. جنهن ۾ ڪا شڪ شبهي جي گنجائش ڪانهي. سفارش کي پٺيءَ پنيان اچلائڻ ڪري هو هميشه آزمائش ۾ مبتلا رهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو هو جو بالا عملدار ڪانئس ناراض ٿي پيا هوندا. پر هو اصولن جي پونواري خاطر هر ڪو ستم خوش دليءَ سان سِر تي سهائي ويو هوندو! بقول لطيف"جي تون پهڻ پپ جا ته لڳ به منهنجا لوها" وانگر ڪي به رڪاوٽون سندس اٽل ارادي کي لوڏي نه سگهنديون هيون! ۽ نازڪ موقعي تي صاحب اختيار اڳيان اڪثر هڪڙو ئي جملو دهرائيندو هو!

"سائين منهنجا سنڌ جون چار ڪنڊون ڏٺل اٿم. جيڏانهن موڪليندا ته پنهنجو مقدر سمجهي هليو ويندس. ان ڪان وڌيڪ پلا ڪري به ڇا ٿا سگهو؟!" ليڪن حاسد ته ائين حيرت ۾ مبتلا ٿي ويندا هوا. جڏهن ڏسندا هوا ته عرساڻي جنهن نئين عهدي جي چارج سنڀالي آهي، تنهن جي انتظام ۽ ڪارڪردگيءَ ۾ چارچنڊ لڳي ويا آهن ۽ ان تر ۾ سندس نيڪ نامي ويتر ڦهلجي وئي آهي!!

اڪثر ڪري اهو خيال ويٺل هوندو اهي ته خانگي نوڪريءَ ۾ مالڪ جي دستگيري ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خُوشامد ڪانسواءِ ڪم نہ هلندو آهي پر عرساڻي نجي شعبي ۾ نوڪري ڪرڻ بعد بہ ساڳيو ني اصول پسند رهيو ۽ سندس فيصلن آڏو اچڻ جي ڪنهن کي بہ همت نہ ٿي. رٽائرمينٽ کانپوءِ جامع عربيہ هاءِ اسڪول حيدرآباد جي انتظاميہ بورڊ جي بي حد اصرار تي محمد اسماعيل عرساڻي ان اداري جو هيڊماسٽر ٿيڻ قبول ڪيو. دنيا شاهد آهي تہ جيڪو اسڪول افراتفري ۽ جو شڪار هو سو صرف چند مهينن ۾ ني نظم ۽ ضبط ۾ مثالي بڻجي ويو. پهرين صورتحال اها هئي جو مائٽ ٻارن جو نالو ڪيرائي ٻين اسڪولن ۾ داخل ڪرائي رهيا هوا. ليڪن پڙهائيءَ ۾ باقاعدگي اچڻ سان هينئر اسڪول ۾ داخل ٿيندڙ شاگردن جو انگ حدف کان بہ وڌي ويو! عرساڻيءَ اسڪول ۾ اچڻ سان اهڙا جرئت ڀريا مثبت قدم کنيا. جنهن جو نتيجو سڌاري جي صورت ۾ نڪتو. هن انتظاميا ڪاميٽيءَ جي صدر جي اسڪولي نظام ۾ بيجا دست اندازي کي اچڻ سان پنجو ڏئي ڇڏيو. صدر نواب صاحب هوندو هو. جنهن جي معاملات ۾ ايڏي مداخلت هوندي هئي جو شاگردن جي جمع ٿيل في بہ اڪائونٽنٽ کان وٺي رمندو رهندو هو. جنهن سبب استادن کي پگهار بہ وقت سر نہ ملندا هوا. عرساڻي صاحب اداري جي چارج وٺڻ بعد بيقائدگين جو جائزو وٺندي هڪدم انهن جو سدباب ڪيو. شاگردن جي گڏ ڪيل في بہ الڳ هيڊ ۾ بئنڪ ۾ جمع ٿيڻ لڳي. جنهن مان استادن کي پهرين تاريخ تي باقاعدگيءَ سان پگهار ملڻ لڳو. اهڙي طرح ڊائريڪٽوريٽ تعليمات کي خط لکي اسڪول جي امداد جي مد ۾ ملندڙ رقم شخص واحد کي سونپڻ بجاءِ ان جي صحيح استعمال لاءِ لکيائين. محمد اسماعيل عرساڻي ان اداري جو صرف هڪ سال هيڊ ماستر رهيو.بعد ۾ نظر جي تڪليف سبب استعيفيٰ ڏئي پاڻ کي ذميدارين کان سبڪدوش ڪيائين. ليڪن جيڪو بہ عرصو رهيو. تنهن ۾ اداري ۾ تعليم جي بهتري لاءِ ايڏا مشڪل قدم کنيائين. جو سندس جاءِ تي ٻيو ڪو بہ عملدار ايڏي جرئت ۽ حوصلي کان ڪم وٺي نہ سگهيو ها. خاص ڪري اهڙي حالت ۾ جو هن کي اسڪول ۾ مقرر ڪرڻ وارا بہ اهيئي فرد هوا. جن کي ڪيس انصاف سان هلڻ لاءِ چوڻو ٿي پيو. هن اهڙي احسانمنديءَ کي ڪڏهن بہ قبول نہ ڪيو. جنهن ڪري سچائيءَ جي اصولن کي تياڳ ڏيڻو پويو!

عرساڻي تيز فهم ۽ حاضر جواب:

عرساڻي صاحب پنهنجي وهيءَ ۾ بلا جو حاضر جواب. تيز فهم ۽ معاملہ شناس هو. مون کي جهڙس شخص ڪو ورلي نظر آيو. معاملي سان اصل ائين نمتندو جو ڳالهہ آئي وٺي ٿي ويندي. جڻ تہ ڪجهہ ٿيو ئي نہ هوا ساڻس خواهہ مخواهہ اٽڪڻ واري کي خجالت ڪٽڻي پوندي هئي!! سندس حاضر جوابي ۾ مستعدي جو هڪڙو مثال پڙهندڙن آڏو رکان ٿو. جو دلچسپيءَ کان خالي نہ آهي. هن پنهنجي دراز عمري ۾ ڪوشش ڪندي ڪورٽ جي چانٽ نہ ٽپي. پر

٦٠ سالہ عمر ۾ ڪيس دوست جي گواهيءَ خاطر عدالت جو منهن ڏسڻو پيو. اهو تڏهن ٿيو جو محترم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ هڪ اخبار نويس تي بدناموسيءَ جو ڪيس ڪيو هو. ان اخبار نويس ڊاڪٽر موصوف جي مرتب ڪيل ڪتاب "مناظرا" تي گندي نڪتہ چيني ڪئي هئي، جنهن ۾ ڊاڪٽر لاءِ توهين آميز جملا لکيل هوا ۽ ڪتاب جي ڪن جملن تي اعتراض ورتل هو. جيئن تہ ڊاڪٽر بلوچ کي اهو ثابت ڪرڻو هو تہ اهي اعتراض هيٺ آيل فقرا واقعي اخلاق کان ٻاهر نہ آهن ۽ اخبار نويس جي الزام تراشي بي بنياد ۽ غلط آهي ۽ محض ڊاڪٽر موصوف کي هڪ اسڪالر جي حيثيت کان ڪيرائڻ جي ناڪام ڪوشش ورتل آهي. ان ڪري ڊاڪٽر بلوچ کي ضرور ڪن سنڌي اديبن کي ٻي گواهي طور پيش ڪرڻو پيو هو. موصوف ڏيپلائي ۽ عرساڻيءَ جو نالو گواهن جي طور ڪورٽ ۾ پيش ڪري ڇڏيو. ڊاڪٽر بلوچ عرساڻيءَ کي فقط ڪنهن دوست جي زباني چوائي موڪليو تہ سندس نالو گواهيءَ ۾ ڏنو ويو آهي. اميد تہ صحيح طور تي ترجماني ڪندا. ڪورٽ مان سمن جاري ٿي چڪا هوا. فقط ٻن ٽن ڏينهن جو وقفو هو. عرساڻي پوري وقت تي ڪورٽ ۾ حاضر ٿيو. ڊاڪٽر موصوف جو وڪيل عُبدالقادر هاليپوٽو هو ۽ سيشن ڪورٽ جو جج جمال ابڙو صاحب هو. اول ڪيس سڏ ٿيو. وڪيل ڪورٽ کي درخواست ڪئي تہ شاهد بيمار آهي. فالج جو مَس حملو ٿيو هو. ان ڪري گهڻي دير بيهي نہ سگهندو. ڪيس ويهڻ جي اجازت ڏني وڃي. جج موصوف پيجري ۾ هن کي ڪرسي رکائي ڏني ۽ هو ويهي رهيو. مرحوم پير بخش چنا بئريسٽر مخالف ڌر جو وڪيل هو سو اٿيو ۽ شاهد تي جرح شروع ڪيائين. جيئن ڪجهہ ٻڌو اٺم سو نذر قرطاس ڪريان ٿو. ڪورٽ قسم کڻڻ لاءِ ارشاد ڪيو ۽ شاهد چيو تہ "خدا کي حاضر ناظر جاڻي سچ چوندس"

ان بعد سوال جواب شروع ٿيو.

چنہ صاحب: اوهان ڊاڪٽر بلوچ جو لکيل ڪتاب "مناظرا" پڙهيو آهي؟

شاهد: "ها"

وڪيل: اعتراض هيٺ آيل جملا پڙهڻ لڳو ۽ چيائين تہ اهي جملا مناظرا ۾ پڙهيا آهن؟

شاهد: "ها"

چنہ صاحب: اوهان سنڌيءَ جا اديب آهيو. ٻڌايو تہ اوهان ڪيترا ڪتاب لکيا آهن؟

شاهد: سؤ کن ڪتاب لکيا هوندم.

چنہ صاحب: لوڪ ادب جا ڪتاب لکيا اٿو؟

شاهد: "ها"

چنہ صاحب: انهن جا نالا ٻڌائي سگهندا؟

شاهد: سورٺ راءِ ڏياچ، سنڌي سباجهڙا، ٻارن جون آکاڻيون، وتايو فقير وغيره.

چنه صاحب: سورت راءِ ڏياچ لوڪ ادب جو ڪتاب نه آهي.
شاهد: "هوندو".
چنه: اوهان کي مناظرن جي انهن جملن پر، جي مون پڙهي ٻڌايا هوا، بدتهذيبيءَ ۽ خراب زبان ڪم آندل ڏسڻ ۾ اچي ٿي.
شاهد: "نه"
چنه صاحب: اوهان کي شاهد وارڻ لاءِ ضرور ڊاڪٽر بلوچ اڳواٽ چيو هوندو.
شاهد: "نه"
چنه صاحب: هينئر اوهان جامع عربيه ۾ هيڊماستر آهيو؟
شاهد: "جي ها"
چنه صاحب: ڊاڪٽر بلوچ جامع عربيه ڪاميٽيءَ جو ميمبر آهي؟
شاهد: "نه"
چنه صاحب: اها جاءِ اوهان کي ڊاڪٽر بلوچ جي سفارش سان ملي هئي؟
شاهد: "نه"
چنه صاحب: اوهان کي ڪيئن خبر پئي ته هن قسم جو ڪيس ٿيو آهي ۽ اوهان کي شاهد واريو ويو آهي؟
شاهد: اوهان صاحب ئي پهريان شخص هوا، جنهن مون کي هن باري ۾ مطلع ڪيو ۽ ان بعد ڪورٽ جي سمن مان ظاهر ٿيو ته مون کي گواهه بنايو ويو آهي.
چنه صاحب: مون اوهان کي ڪڏهن چيو؟
شاهد: ٽلڪ چاڙهي تي، آئون شام وقت پنهنجي پيٽوِيي حافظ صادق جي گهر ٽريننگ ڪاليج ڏانهن وڃي رهيو هوس توهان پنهنجي آفيس مان موٽي رهيا هوا. ملڻ وقت توهان نه فقط ڪيس بابت ٻڌايو. بلڪ پجري ۾ چار ڪلاڪ بيهارڻ جي ڌمڪي به ڏني.
اتي ڪورٽ ۾ ٽهڪڙو مچي ويو. مسٽر هاليپوٽي ڪورٽ کي استدا ڪئي ته ڪورٽ مهرباني ڪري هن ڳالهه جو نوٽ وٺي. چنه صاحب البته هڪو ٻڪو ٿي ويو ۽ سندس حوصلو هيٺ مٿي ٿيڻ لڳو ۽ ڪاوڙ ۾ اچي فرمايائين.
چنه صاحب: ڇا مناظري ۾ پڙوا، ياڙيا، حرامي جهڙا لفظ ناشائسته ناهن؟ اوهين جيڪر اهي لفظ پنهنجي پارن کي ڳالهايو؟
شاهد: مهرباني ڪري مناظري ۾ جتي اهي لفظ استعمال ٿيل آهن اهي پڙهي ٻڌايو ته مان چئي سگهندس ته ڪهڙي معنيٰ ۾ استعمال ٿيل آهن ته مان اوهان جي سوال جو جواب ڏئي سگهان؟
هتي اخبار نويس جو ضلاحڪار ڪراچيءَ کان آيل هو، ان چنه صاحب کي چيو ته بس

هن کان وڌيڪ نہ پڇو ۽ عرساڻيءَ کي اڌ ڪلاڪ ۾ ئي اجازت ملي وئي. ڪورٽ مسٽر هاليپوٽي کي عرساڻيءَ کان پڇڻ جي اجازت ڏني. مگر هن چيو تہ ضرور ڪونهي، اهڙي طرح هو جلدي واپس ٿيو.

ڪورٽ ماڻهن سان پريل هئي ۽ ڪن ماڻهن ٻاهر ڪيس چيو تہ سائين اوهان تي حملن لاءِ وڏيون تياريون هيون. پر توهان تہ جادو ڪري ڏيکاريو. ڪجهہ ڏينهن بعد جڏهن مسٽر هاليپوٽہ سان اکيون چار ٿيس تہ هن بہ کيس ڏاڍو داد ڏنو تہ "اوهان جا جواب لاجواب هوا".

عرساڻي ننڍن ۽ وڏن جو ليکڪ ۽ ماهر استاد:

محمد اسماعيل عرساڻي گهڻين صفتن جو جامع نظر اچي ٿو. هڪ آئيڊيل آفيسر ڪانسواءِ، آزموديگار استاد ۽ اعليٰ قلمڪار جي ٽن شخصيتن گڏجي سڏجي هڪ واحد ڪردار جو روپ ڌاريو آهي. ڪي سندس عملداري ۽ انتظام جا مدح خوان رهيا تہ ڪي ادبي نگارشات کان متاثر تہ ڪي وري پڙهائيءَ جي تدريسي ڍنگ کان مرعوب! مگر جنهن رنگ ۾ بہ سندس شخصيت کي ڪٿي جاچيم، تہ هو مون کي فقط هڪ استاد ئي نظر آيو! سندس تخاطب ۽ نصيحت آميز پيرايو، هلت چلت ۾ پروقار سادگي ۽ گفتگو ۾ هڪ اديبانہ ڍنگ، اوقات گذر ۾ پابندي ۽ توازن، چوندا آهن تہ ترتيب ۽ سليقي سان زندگي گهارڻ هڪ سلجهيل دل و دماغ جو شيوو آهي ۽ سمجهان ٿو تہ ان روش مان انسان جي دلجمعي ۽ طمانيت جو هڪ بيساختہ اظهار ٿئي ٿو. هو پنهنجي رهڻي ڪهڻيءَ ۾ بي انتها سليقہ مندر رهيو آهي. گهڻي عرصي کان نظر ڪمزور اٿس ۽ ان باعث وسارو بہ گهڻو ٿي پيو آهيس. تاهم، ڪنهن شي کي کڻڻ پائڻ ۾ سندس هٿ هرگز نہ منجهندو! ونس هميشہ کان هر شي ٺاڪي ۽ مقرر جاءِ تي ملندي!

سندس تدريسي مهارت جي ڪهڙي تعريف ڪري ڪهڙي ڪريان! ١٩٦١ع ۾ ٽريننگ ڪاليج اسڪول سڪرنڊ ۾ مان زير تربيت پرائمري استادن جو مدرس هوس ۽ عرساڻي صاحب هيڊ ماسٽر هو. هُن جون استادانہ ۽ علمي معيار جون تنقيدون مون ياڻ ٻڌيون. جي هو پريڪٽيڪل ليسنن تي ڪندو هو. درسي نصاب تي اخبار ۾ ڇپيل سندس تنقيدون بہ ان ڳالهہ جو منهن ڏنو ثبوت آهي! نڪتہ داني ۽ پرک ۾ ساڻس ڪو استاد مشڪل سان ڪلهي جوسي ڪري سگهندو! لساني جاڻ ۽ تورتڪ پلي تہ ڪو ڪانئس سکي! خصوصاً نثر جي عبارت ۾ پڙ!! مان تہ ماما اڳيان عربي فارسي لفظن جا اچار ونندي هٻڪندو آهيان. چو جو اجا سوڌو هو منهنجا اچار درست ڪرائيندو رهندو آهي!! هو منهنجي مضمون جي ساراهہ دل سان ڪندو آهي. کيس مضمون پڙهي ٻڌائڻ کانپوءِ مان ان کان مطمئن ٿي ويندو آهيان. ايتري قدر جو اظهار ۽ ٻوليءَ ۾ ان کي بلڪل تڪميل شده سمجهڻ لڳندو آهيان ۽ وري ڪڏهن بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن لفظ ۾ مشڪل سان ڪا مٽ سٽ ڪريان!!

مرحوم ڪريم بخش چنه هڪ ڀيري مون سان ذڪر ڪيو ته "سنڌ مدرسي ۾ عرساڻيءَ جيڪي ٽي مهينا مون کي انگريزي پاڙهي ۽ گرامر جا اصول سمجهايا، سي منهنجي دل جي ڦرهيءَ تي اُڪري ويا ۽ آئنده لکڻ پڙهڻ ۾ اهيئي مددگار بڻيا". جامعه عربيه هاءِ اسڪول جي هيڊماستريءَ واري وقت ۾ هو بي ٽي جا ليسن ڏسي رهيو هو. هڪ استاد جو انگريزي ۾ نڪتل ليسن بلڪل ئي نه وڻيس. هن ڪيس سنڌي سجو ليسن پلان پاڻ ئاهي ڏنو. جڏهن اهو هن پنهنجي پروفيسر کي وڃي ڏيکاريو ته هُو دنگ رهجي ويو ۽ تعريف ڪندي چيائين ته "اهو جنهن به لکيو آهي، سو بلاشڪ اسڪالر ۽ تعليمي ڄاڻو هوندو!" هو درسيات ۽ نصاب جو يڪتا عالم ۽ استاد سمجهيو وڃي ٿو. ساري عمر درسي ڪتاب لکيائين، جن کي ساري سنڌ ۾ شهريت حاصل هئي. ون يونٽ جي زماني ۾ ڇتا پيٽيءَ ۾ هن جا لکيل نصابي ڪتاب گهٽي ۾ گهٽا پاس ٿيا ۽ اولين طور شمار ڪيا ويا ان ڪري هن کي مغربي پاڪستان جي صوبي اندران زماني ۾ پنجاهه هزارن جي هڪ ڪثير رقم معاوضي طور حاصل ٿي!

محمد اسماعيل عرساڻي ننڍن شاگردن ۽ بالغن ٻنهي ۾ هڪجهڙو مقبول اديب رهيو آهي. دراصل هو ننڍن وڏن ٻنهي جو ليکڪ هو. سنڌس ڪتاب جيئن شاگردن ۾ ڪارائتا تيئن وڏن جي دلچسپيءَ جو باعث رهيو آهي. ان ڪري هُو هر وهيءَ ۾ سڃاتو وڃي ٿو. عرساڻيءَ جي عبارت کي بلاشڪ استادانه چئي سگهجي ٿو. هُو لکڻ جو اصل چوهو آهي. سندس سيني جي صدريءَ ۾ ياداشتن جو ذخيرو هر وقت پيل هوندو آهي. ڪا ڳالهه ڪڏهن ڪا پڙهي هونداءين يا ڪا ڏٺي وائي هونداءين ته هميشه لاءِ صدريءَ ۾ محفوظ ٿي وئي هوندي ۽ وقت ضرورت ان مان ڪڍي هڪ دم مضمون تيار ڪري وٺندو! ٻيا انساني لڳ لڳاپا ۽ مادي اسباب ته نهيو مگر پڪي پڪڻ، جيت جڻا ۽ ننڍڙين رواجي شين جي جيوت جي ڍنگ بابت مشاهدي ڪيل باريڪ ڳالهيون به پنهنجي ذهن مان ميساري نه سگهيو آهي! ايتري قدر جو ڪاڪي گرداس واڌواڻيءَ کي "نياريون وٿون" تي تبصرو ڪندي ان کي سنڌي زبان جو پهريون سائنسي ڪتاب چوڻو پيو. جو ته انهي کان اڳ ڪنهن به ليکڪ مشاهدي مان جيتامڙن ۽ پسن بابت ايتري دلچسپ معلومات ڪا نه لکي هئي! اعتبار نه اچيو ته "نياريون وٿون" پڙهي ڏسو. جنهن کي هن بمشڪل ڏهن ڏينهن ۾ لکي تيار ڪيو. يعني روزانو سراسر چار مضمون لکي تيار ڪيا! اهڙي طرح نصابي ڪتابن ۾ ڪيئي دلچسپ سبق مختلف عمرين جي شاگردن لاءِ لکيل اٿن. ڊزن ڊايالاگ ۽ ٻيا ڊراما جتي ٻارن جي زبردست دلچسپيءَ جو سامان رکن ٿا اتي بدنصيب ٿري، سورٺ راءِ ڏياچ، حسن پروين ۽ ٻيا ڪيترا ڊراما ۽ ڪتاب هر عمر جي انسان لاءِ ڪشش رکندڙ ثابت ٿيا آهن!

کيس "قلم جو ڏٽي" چنجي تہ صحيح ٿيندو. قلم هٿ ۾ جهلي، پاڻي تي پنو رکي، ڪٽ تي ويهي تحرير شروع ڪيائين تہ پهرين سٽ کان وٺندي آخر سٽ تائين سمورو مضمون يڪساهيءَ لکي پورو ڪري اٿندو! اسان وانگر ٻاٽون ڪاٽي گيتون ڏئي ڏئي اصل ڪو نہ لکي! البت ميز ڪرسيءَ تي مون کيس آفيس ۾ فقط دفتري ڪم دوران ڏٺو. ورنہ گهر ۾ هن وڏا وڏا ڪتاب کٽ تي ويهي لکيا آهن! ائين ڏٺو ويو تہ ورانڊي ۾ پيل کٽ تي گوڏو پيچي صبحَ کان لکڻ شروع ڪيائين تہ وري منجهند ٿي ويندي. ماني کائي ٻنپهرن جو آرام لاءِ ٿوري دير آهربو هو. وري سانجهين جو منهن اونداهي ٿيڻ تائين ڪم ڪندو رهندو. رات جو لکڻ پڙهڻ جو ڪم ڪندي اسان ڪڏهن ڪو نہ ڏٺس. رات جو سويل ني سمهڻ جي عادت اصل کان پيل اٿس. لکڻ مهل هرويرو اڪيلائي يا خاص ماحول جي بہ کيس ضرورت پيش نہ هوندي آهي! لکڻ ۾ اهڙو چُست هوندو جو ٻئي پاسي ڌيان اصل نہ ويندس. گهر جا ٻاتي ورانڊي کان ڪمري ۾ پيا لنگهندا ڪندا. ٻار ٻچا اڳڻ ۾ پيا ڊوڙون ڊڪون پائيندا. پر ڪنهن جي سڏ واڪي تي لکڻ جي رفتار ۾ خلل نہ پوندو اسان گهڻو ڪري کيس لکندي ڏٺو ۽ پڙهڻ ۾ رڏل "نہ" جي برابر ڏٺوسين. اخبار ۾ لاڳاپيدار مضمون يا اهم خبرون ضرور پڙهندو. پر روزانہ اخبار بہ ڪا گهر ۾ هر روز نہ ايندي اٿس. هو هڪ راست گو لکندڙ قلمڪار آهي، جنهن جي تحرير ۾ فڪري اڏام بدران مسئلي جي چنبڊ چاڻ زوردار نموني سان ٿيل هوندي آهي. پنهنجي دور جو مشهور ڊراما نگار ۽ اديب رهيو آهي. ليڪن فراخ دل بہ اصل هڪڙوئي! جيڪڏهن کيس ڪو مضمون لکي ڏيڻ لاءِ چوندو هو تہ هو بنان ڪنهن پس و پيش جي لکي ڏئي ڇڏيندو. اهڙي طرح لکڻ توڙي لکائڻ ۾ ليکو چوکو ڪونہ رکي!

عرساڻي هڪ سادگي پسند ۽ اڏول انسان:

سندس زندگي گهڻين طلبن کان آجي ۽ لوازمن کان ڇڙل. تمام سادو، سودو گهاريندي بہ هشاش بشاش نظر اچي! مون کي ڪڏهن بہ نہ لڳو تہ ڪنهن شئي جي خواهش پويان ڪا بي تحاشا ڊوڙ وڏي هجيس!! سندس شوق صاف سٿرو. کيس ساري جمار ۾ جيڪو سامان خريد ڪندي يا گهر ۾ آڻيندي ڏٺم. سو تمام مختصر آهي!! مثال طور جڏهن ننڍڙا هواسون. جنهن جي پوري سانير نہ اٿم پر گهر جي وڏن ڳالهين کان معلوم ٿيو. هن تمام هڪ سهڻو پينگهو گهر ۾ وڏو. جيڪو گهڻي شوق سان آرڊر تي نهراياڻين ان جي سرائيءَ مٿان پرت تي محمد اسماعيل عرساڻي جو نالو ڪند ٿيل آهي. مضبوطي ۽ نزاڪت ۾ اجا سوڌو بي مثل آهي، پر پالش جو منهن وري نہ ڏٺو اٿس! هنن ڏينهن ۾ پاڻ گهڻو وقت ان پينگهي ۾ جهوليندو يا آرام ڪندو رهندو آهي. بيو ٿيو خيرا!! شي ۾ سونهن کان وڌيڪ سندس ڌيان جتاداريءَ ڏي گهڻو ويندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فحش ڪل يوڳ يا بي مصرف ڪچهري کيس اصل ڪا نہ وڻندي رڳو رؤنشي ڪاڻ ڪو تماشو يا ميڙاڪو ڏسڻ ڪان بہ بچان ڪندو! مطلب تہ فضول ڳالهين ۾ ڪڏهن بہ نہ الجهندو آهي. انڊورگيمس ڏانهن اک کڻي بہ نهاري. جو انهن کي وقت جو اجايو ذيان سمجهي! نہ ڪڏهن فلم بينيءَ جو ڪُڏُ نہ وري سازو آواز ۾ هرويرو مدهوش رهيو البتہ تفريح طبع لاءِ سنگيت مان لطف ضرور وٺندو. نديڙو. ٽرانسسٽر ريڊيو هميشہ پاڻ سان گڏ رکندو آهي! البت ڪو زمانو هو جڏهن کيس نوڪريءَ ۾ رائفل کڻندي ڪجهہ پيرا شڪاري ڪپڙن ۾ ملبوس ضرور ڏٺو هئوسونس! ساري عمر مهملات کان پاسو ڪندي. اسان کيس فقط ادب نويسيءَ جي ذوق ۾ رذل ڏٺو!

عرساڻي هڪ اڏول انسان هو. مشڪلاتن ۾ رهندي هُو سخت جان بنجي ويو هو. نوڪريءَ ۾ ڪيترا لاها چاڙها ڏٺائين. بعضي تہ کيس تمام ڏکيا فيصلا ڪرڻا پوندا هوا. جنهن ڪري هن کي هر وقت مشڪل آزمائش مان لنگهڻو پوندو هو. ان هوندي بہ زندگيءَ جي جدوجهد ۾ هو راست بازيءَ کان ڪڏهن ڪو نہ هٽيو. سندس ڪاميابيون هن جي همعصر يا وري معاشري جي بدخوءِ شخصن کي ڪٽڪنديون ضرور هيون. هُو هميشہ وجهہ ڳوليندا رهندا هوا تہ عرساڻيءَ کي ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان اهڙي مشڪلات ۾ مبتلا ڪريون جو سندس عهدي ۽ ناموس کي ڇيهو رسي. هنن کي اهو وجهہ تڏهن مليو جڏهن عرساڻي "سنڌي سباجهڙا" ڪتاب لکيو. جنهن کي تمام گهڻي شهرت ملي. جيڪڏهن عرساڻيءَ جي عمل ۽ ڪردار کي ڏسبو تہ هو سرڪار بهادر جو فرض شناس عملدار ضرور هو. ليڪن ملازمت جا فرض عوامي خدمت جي جذبي تحت عبادت سمجهي بجا آڻيندو هو. سچ پڇو تہ هن کي سياست لاءِ ذري ماتر بہ رغبت نہ ڏنيسون! کيس اگر ڪا دلچسپي بہ هئي تہ پنهنجي دائره عمل کي تعليم ڦهلائڻ ۾ وڌ کان وڌ مصروف رکڻ تائين! ان کان ٻاهر ڪڏهن بہ نهاريو ڪونہ. هن آڳوڻو رت ۾ ٻوڙي شهيد سڏائڻ جي ڪڏهن بہ ڪوشش نہ ڪئي آهي. پر خدا ڀلو ڪري جماعت اسلاميءَ وارن جو. جنهن کيس وڏي ۾ وڏو سياستدان بنائي پيش ڪيو ۽ سنڌي قوم پرستيءَ جو محرڪ طور ملڪ ۾ پذيرائي ڪئي!! اجا هاڻي بہ ٿورا سال اڳ ۾ "زندگي" رسالي ۾ هڪ پرپُور مضمون شايع ٿيو هو. جنهن ۾ پنڪو وڌو ويو تہ پاڪستان قائم ٿيڻ بعد هڪ تعليمي آفيسر "سنڌي سباجهڙا" ڪتاب لکيَ سڀ کان پهرين سنڌي قوميت جو ٻج ڇٽيو. پر حقيقت صرف ايتري هئي تہ ماما رڳو مولانا وفائيءَ جي فرمائش پوري ڪندي ڪٿي سنڌيدانيءَ جو جوهر ڏيکاريو! عرساڻي تہ فقط سنڌيت جو شناسا هو. سياسي منزل ماڻڻ جو کيس خواب خيال بہ نہ هوا! البت ثقافتي پرک جي جوش ۽ جذبي ۾ سڀ ڪجهہ سچ لکي وڃي پار پيو. جا سندس فطرت ثاني هئي! سنڌي سباجهڙا ڪتاب خلاف ساري ملڪ ۾ غوغاءُ مچايو ويو.

ديوارن تي پوسٽر چپسان ڪيا ويا. سندس مخالف آفيسرن اندروني طور تي ڪتاب جا تراشا فرضي تاويلن سان لکي ترجما ڪرائي سرڪار کي موڪليا. ڪتاب تي تعصب پرستي ۽ تفرقو ڦهلائڻ جون اجايون تهمتون مڙهيون ويون ان ڪري سرڪاري حڪم سان ڪتاب جون ڪاپيون دڪانن ۽ اسٽالن تان ڪٺايون ويون. مطلب ته چوڌاري هڪ طوفان بدتميزي ڪڙو ڪيو ويو مگر عرساڻي جي عزم ۾ استقلال ڪي ذري ماتر به لوڏو نه آيو. جيتوڻيڪ سنڌي پريس به سندس ترجماني ڪرڻ بدران خاموشي اختيار ڪري رکي هئي ۽ عوام ۾ اجا ايتري سجاڳي نه هئي جو حق گوئيءَ لاءِ آواز اٿاري. عرساڻي علامه آءِ آءِ قاضي جي چوڻ تي ترميم شده سنڌي سباجهڙا ڪتاب جو هڪ ٻيو ڇاپو ڇپائي مارڪيٽ ۾ آندو. البته انهيءَ ڪتاب جي انڪوائري جي پاداش ۾ اڳتي هلي کيس ملازمت ۾ سينيارٽي مطابق ڪلاس ٽو مان ڪلاس ون ۾ پروموشن نه ڏنو ويو! بهرحال هيءَ مصيبت به خوش دليءَ سان عرساڻي پنهنجي سيني تي سهائي ويو ۽ پريشانيءَ مان پيشانيءَ تي ذرو گهنج آڻڻ نه ڏنو! هن آزمائش ۾ به هو هميشه جيان اڏول رهيو!

چوندا آهن ته انسان سدائين ساڳيو ناهي، پر مون مامي جي چهري تي ڪڏهن به مايوسي ڇانيل نه ڏٺي. هميشه پرسڪون ۽ مطمئن!! اهو شايد ان ڪري جو هن ڪڏهن به حسد ۽ ڪيني کي پنهنجي دل ۾ ڪا به جاءِ نه ڏني. دوستن يارن جي خيرخواهي چاهي ۽ مٽن مائٽن جي ترقيءَ تي بي حد سرهو ٿئي. زندگيءَ جي ڊوڙ ۾ ڪيترا رفيق ڪائنس اڳتي نڪري ويا ڪيترين خوبين جو حامل هوندي به کيس جائز موقعن ۽ رعايتن کان رهنيو ويو، ليڪن حق تلفيءَ جي شڪايت سندس واتان ڪڏهن به ٻڌڻ ۾ نه آئي.

اجايون طلبون ڏارڻ بدران پنهنجون ضرورتون تمام مختصر رکيائين. ڪيڏو نه عجب ڇنبو، جو جنهن شخص جو پير پٽ تي نه هوندو هو ۽ ساري عمر جاکوڙي ڪندي گذاريائين، سو رٽائرمينٽ کانپوءِ يڪايڪ گهر گرهستيءَ ۾ ٻڌجي ويهي رهيو! نه دنيا جي سير سياحت جي خواهش نه ڪنهن چيز جي بي مايگيءَ لاءِ حسرت! نه وري ڪو قيامت ۽ عقبيٰ جي چوٽڪاري جي جهوري، جيڪا اڪثر شخصن تي عمر جي آخري حصي ۾ طاري ٿيل ڏسبي آهي. زندگيءَ سان چاهت ۽ ولولي جو ثبوت فقط ٻارن ٻچن سان سندس بي انتها پيار منجهان ملي ٿو!

ڏني وني فقط ادبي چاهه ۽ ذوق قائم رکندو آيو، پر سوني قسمت، نظر جي ڪوتاهيءَ سببان سندس لکڻ، جون آسون اميدون دل جون دل ۾ ئي رهجي ويون. ڪيترا انگريزي ٻاراڻي ادبي سيروسياحت، ڪهاڻين، معلومات ۽ ٻاراڻن ٻولن جا باتصوير ڪتاب چونڊي ترجمي لاءِ رکيا هوائين، جيڪي يقيناً سنڌي ادب ۾ هڪ قيمتي اضافي جو سبب بڻجن ها، ڇو ته عرساڻي ان فن ۾ يڪتا آهي انهيءَ ڏان جي ڪتابن کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ جي کيس ڏات عطا ٿيل آهي. هو نهايت شسته سليس ۽ مزيدار ٻاراڻي ٻولي لکي ڄاڻندو هو. هن نهايت عملي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪارگر زندگي گذاري ۽ جيڪا بہ ڪا حاصلات ٿيس ان تي بلڪل مطمئن آهي ۽ پنهنجو پاڻ کي انتهائي خوش نصيب انسان تصور ڪري ٿو. هن پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ سڪر سيئي ڏينهن قلمبند ڪئي آهي، جنهن ۾ سندس جاکوڙ ۽ جدوجهد جي دلچسپ داستان سان گڏ گذريل اڌ صديءَ ۾ تعليم ۽ تدريس جي سرگذشت بيان ڪندي ڪيترين ئي عجيب و غريب حقيقتون پهريون ڀيرو ڪتاب جي صفن ۾ آنديون اٿس. جيڪي وڻندڙ اثرائتي خودبيانيءَ جي انداز ۾ لکيل آهن. بهرحال اهو اٿو پورهيت اديب ۽ خادم تعليم جي زندگيءَ جو خاڪو! هن ۾ اُورچائي، ايمانداري، جاکوڙ، مردم شناسي ۽ ذهانت جا جيڪي انگ سمايل هو. تن کيس هڪ باڪمال شخصيت بنائي ڇڏيو هو!.

❑

سکر سيئي ڏينهن

(آتم ڪهاڻي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"انتساب"

حزن و ملال ۽ عيش و طرب ٻہ لازم ملزوم چيزون آهن انهن جي ميلاپ جو نالو ئي تہ دنيا آهي!

الحمدلله، زندگيءَ ۾ ڪيئي مسرتون ماڻيون اٿم پر جا خوشي مون کي پنهنجي پهرين فرزند ارجمند خالد حسين جو هن وقت گورنمينٽ ڪاليج آف ٽيڪنالاجي حيدرآباد ۾ هيڊ انسٽرڪٽر جا فرائض انجام ڏيئي رهيو آهي، ان جي اولاد باسعادت تي ٿي، اهڙي ٻي ڪا بہ خوشي ياد نہ اٿم، گويا هفت اقليم جي شاهي عطا ٿي هيم.

ان خوشيءَ جي ياد ۾ جا سندس طفيل حاصل ٿي هيم، آءٌ هيءَ پنهنجي ڪاوش سندس نام نامي ڏي منسوب ڪريان ٿو ۽ دعا ڪريان ٿو تہ شال موصوف زندگيءَ جي بهترين خوشين سان همڪنار رهي. آمين.

محمد اسماعيل عرساڻي

پيش لفظ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

ناظرين ڪرام جي خدمت عاليه ۾ پڌرو ڪرڻ ٿو گهران ته مان نه عالم آهيان ۽ نه اديب، نه سياسي ليڊر يا قومي رهبر آهيان ۽ نه ڪو فني ماهر- سوانحيات فقط انهن هستين جون لکيون وينديون آهن جن پنهنجي مبارڪ زندگين ۾ نمايان ڪارناما ڪري ڏيکاريا هوندا آهن. منهنجي هن خودنوشته سوانح حيات ۾ اهڙو ڪو به قابل ذڪر ڪارنامو نظر نه ايندو. مون فقط پنهنجي بي ثمر زندگيءَ جو مختصر بيان ڏنو آهي ته ڪئي جائس، ڪئي نپنس، ڪئي ڪئي تعليم ورتم ۽ ڪئي پيٽ جي پوجا لاءِ هٿ پير هلايم ۽ ڪهڙن مهربانن ۽ احبابن سان حياتيءَ ۾ چار چشمي ٿي. اها هڪڙي بلڪل رواجي زندگي آهي جا هرڪو هن دنيا ۾ جمڻ مرڻ جي عرصي درميان ماڻي ٿو. آءٌ پنهنجي حياتي جي آتم ڪٿا تي ڪهڙو فخر ڪري سگهان ٿو جو مون کي زيبا هجي!

مون کي جيڪڏهن ڪو فخر آهي ته فقط هن ڳالهه تي آهي ته منهنجي زندگي هڪ ساده لوح فرض شناس جي زندگي آهي. مون پنهنجي ملازمت جي دوران قوم جي ٻچن جي ديانتداريءَ سان خدمت ڪئي ۽ جنهن حُسن سلوڪ سان پنهنجي ماتحت استادن ۽ شاگردن سان پيش آيس ۽ جن معزز بزرگن سان پيش اچڻ جوموقعو مليو يا جن عالمن جي صحبت جي سعادت حاصل ڪيم يا جن عزيز و اقربا ۽ والدين سان فضيلت ۽ ادب سان سر تسليم خم ڪيو يا جن دوستن سان قرب جون ظريفانه ڪچهريون ڪيم تن مون کي هنن سيني حلقن ۾ ڪافي پيارو ڪيو ۽ انهن جي دلين ۾ جڳهه حاصل ڪيم. ماتحتن سان پيار، بالادستن جي عزت، علماءَ سان صحبت، دوستن سان الفت، عزيزن سان محبت، اولاد سان شفقت ۽ والدين جي رضا جوئي منهنجي زندگيءَ جو شعار رهيو. دانسته ڪنهن کي به نه ڏکويم ۽ نه نقصان رسائڻ جي مذموم حرڪت ڪيم. تاهم انسان جائز الخطا آهي. گناهگار آهيان، ڪيترائي قصور نادانسته طور مون کان سرزد ٿيا هوندا، جن لاءِ هر وقت بارگاهه ايزديءَ ۾ سربسجود ٿي بخششون گهرندو رهان ٿو. ۽ اهوئي مولٰي مهربانٰ بهتر معافي ڏيندڙ آهي. پُروقار هستين جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوانحيات مان تہ اسان کي ڪافي سبق ملن ٿا، پر انِ چوڻ پر غلطي نہ ٿيندي تہ ڪٿ ڪٿ مون جهڙن سراپا، علم کان بي بهرن جي حياتين مان بہ عقلمند انسان ڪو نہ ڪو فائديمند نڪتو ڳولي ڪڍندا آهن.

داناءَ تہ بجاءِ خود پر ديوانن جي داستان زندگيءَ کي بہ غور سان پڙهڻ بعد ڪجهہ قيمتي متاع ملي ويندو آهي. منهنجي سوانح پڙهڻ مان جيڪڏهن ناظرين کي بيو ڪو فائدو پراپت نہ ٿيو تہ ڪم از ڪم منهنجي خطائن، غلطين ۽ لغزشن مان ئي سبق وٺي سگهن ٿا، پاڻ کي انهن جي تڪرار کان بچائي سگهن ٿا. ڪن جي علم مان فائدو وٺبو آهي تہ ڪن جي جهل مان اڪسير جو اثر رکندڙ سبق ملي ويندا آهن. ڪنهن بزرگ کان سوال ڪيو ويو تہ "اين قدر و حڪمت از ڪہ آموختئ!" تہ جواب مليو تہ "از جاهلان" ۽ جڏهن ڪانئس وضاحت طلب ڪئي ويئي تڏهن فرمايائين تہ جاهل جيڪي ڪندا هوا، مان انهن جي خلاف عمل ڪندو هوس ۽ هنن جي تعليم کان ڪناره ڪش رهندو هوس.

ان موجب منهنجي ناظرين ڪرام کي باادب گذارش آهي تہ منهنجون ڪوتاهيون درگذر ڪن ۽ مون کي دعائي خير سان ياد فرمائين چو تہ هن وقت منهنجي عمر تقريباً اسي سالن کي اچي پهتي آهي ۽ علالت جي زندگي بسر ڪريان ٿو ۽ ضعف بصارت سبب تحريري ڪم بہ مشڪل ٿي پيو اٿم. ان هوندي بہ ساري سپ جمار جو تعليمي خدمت ڪندو رهيو آهيان سا عادت نہ ٿي بدلجي ۽ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪندو رهان ٿو. هيءَ سوانح بہ انهن ئي حالات هيٺ لکي اٿم جيڪڏهن ناظرين جي مزاج کي پسند پئي تہ باقي مون کي چا کپي.

گر قبول افتد زهي عزو شرف

محمد اسماعيل عرسائي

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حسب نسب

"**ڏات** ناهي ذات تي جو وهي سو لهي." سچ ۽ سراسر سچ آهي. ذات تي فخر ڪرڻ فضول آهي الله تعالىٰ وٽ وڏيڪ عزت وارا صرف متقي ۽ پرهيزگار آهن. ذاتيون رڳو سڃاڻپ لاءِ آهن ۽ نه فخر ڪرڻ لاءِ (و جلعنا کمر شعوبا و قبائل لتعارفوا ان اکرمکمر عندالله اتقاکم). قرآن مجيد ۽ حديث شريف اندر هن باري ۾ بلڪل چٽائيءَ سان بيان ڪيو ويو آهي ته نه ڪنهن گوري کي ڪاري تي ۽ نه عربيءَ کي عجميءَ تي ڪا فوقيت حاصل آهي. برتري ۽ بزرگيءَ جو سنڌو سيڙهو صرف تقوا ۽ نيڪ اعمال آهن. نماز جي صفن ۾ هڪ خاڪروب هڪ شهنشاهه سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهي ٿو. مسجد ۾ ڪنهن وڏي ننڍي لاءِ ڪا خاص جاءِ مقرر ڪيل نه آهي. بنده ۽ بنده نواز يڪسان آهن. خداوند تعالىٰ شال اسان کي هٺ، غرور ۽ تڪبر کان پناهه ڏئي. پاڻ کي ٻين انسانن کان ڪن به بنيادن تي افضل ۽ اشرف نه سمجهجي. اها ئي سچي مسلماني آهي ۽ اهائي دين مبين جي منشا آهي. اسان کي جڳائي ته ذات پات پلجي وڃون ۽ فقط مسلمان ٿيون. ذات عالي فقط انهيءَ خالق اڪبر جي آهي، جنهن اسان کي هڪ گندي قطري مان پيدا ڪيو آهي. سڀني انسانن جي پيدائش هڪ ئي نموني ڪئي وئي، يعني ته پيءُ جي پُٺ ۽ ماءُ جي پيٽ مان.

قدرت جون نعمتون سڀني لاءِ هڪجهڙو اثر رکن ٿيون. پاڻي، هڪ پنگيءَ جي اڄ به ساڳيءَ طرح رفع ڪري ٿو، جهڙي هڪ سيد جي، سج، چنڊ، تارا ۽ ڪتيون، هڪ غريب جي گهر ۾ روشني بلڪل ان طرح ڏين ٿا، جهڙيءَ طرح هڪ شاهوڪار جي گهر ۾. برسات وسي ٿي ته غريبن جي جهوپڙيءَ کي به پسائي ٿي ۽ اميرن جي محلن کي به پڄائي ٿي. هوا لڳي ٿي ته شاهه و گدا جي جسم تي هڪ جهڙو اثر ڪري ٿي باهه ۾ جيڪڏهن هڪ چمار نبو ڏيندو ته ان کي به اهڙيءَ طرح ساڙيندي، جهڙيءَ طرح هڪ برهمڻ کي. هڪ پيرزاده يا مخدوم زاده جي ڳلي تي ڇري وهائي ويندي ته ان کي به اهڙيءَ طرح وڍيندي جهڙيءَ طرح هڪ ڏڦير کي ڪهندي. جيڪڏهن هڪ سيٺ کي سوئو ٽنببو ته ان جي جسم مان به رت نڪرندو ۽ هڪ نوڪر کي هٿبو ته به رت نڪرندو ۽ نه پونڊ، پوءِ جڏهن قدرت، ڪنهن وڏي ۽ ننڍي ۾ امتياز نه رکيو آهي ته انسان چو غرور ڪري، صرف پنهنجي ذات تي جا فقط سڃاڻپ لاءِ مليل آهي، ان

تي جو فخر ڪري؟ اناج، ميوو ۽ ڀيو ڪاڏو سڀ ڪنهن جي بک لاهي ٿو. سڀ ڪنهن جي پيٽ ۾ ساڳي گندگي جڙي ٿي. ائين هرگز نہ آهي تہ امير جي پيٽ ۾ گلقند ۽ غريب جي آنڊي ۾ گوبر نهي ٿو. بيماريءَ ۾ دوا اثر ڪري ٿي تہ شودر ڪي بہ صحتياب ڪري ٿي ۽ ٻانيڻ ڪي بہ. مطلب تہ جمڻ جو نمونو هر انسان جو ساڳيو آهي ۽ موت هر ڪنهن کي پهچي ٿو. ڪو بہ مستثنيٰ نہ آهي ۽ مرڻ بعد:

چو آهنگ رفتن کند جان پاک
چہ بر تخت مردن چہ بر روئي خاک

هر هڪ جو جسم فنا ٿي خاڪ ٿي وڃي ٿو. نالو فقط ان جو رهي ٿو، جنهن جا عمل نيڪ آهن. هن مان ثابت ٿيو تہ بزرگيءَ جي نشاني فقط چڱا اعمال آهن. پڙهندڙ مون کان وڌيڪ ڄاڻن ٿا تہ ڪني پاڻيءَ جي پيدائش، انسان آخر ڇا آهي جو هٺ ڪري ۽ پاڻ کي ٻين کان وڏو ڄوائي ۽ هيٺ متي جا درجا قائم ڪري؟ اهڙيءَ غلطيءَ کان شال رب العالمين انسان ذات کي پناھ ڏئي. آمين!

مٿين چند سٽن لکڻ مان منهنجو مقصد فقط اهو ظاهر ڪرڻ آهي تہ بندو هڪ غريب انسان آهي جنهن کي نہ پنهنجي ذات تي فخر آهي ۽ نہ پنهنجي علميت تي، جنهن کان حقيقتاً هو بلڪل بي بهره آهي ۽ علم جي عين کي بہ نہ پهتو آهي. البتہ پنهنجي سوانح لکڻ جي جرئت ڪئي اٿم، سو صرف هڪ بزرگ جي تلقين جي بنا تي. اهو بزرگ اسانجو علامہ آءِ آءِ قاضي مرحوم آهي جنهن هڪ دفعي تقرير ڪندي مشورو ڏنو هو تہ جيڪڏهن هر هڪ پڙهيل ماڻهو پنهنجي سوانح صداقت ۽ سچائيءَ سان لکي، تہ يقيناً هڪ عمدو ادبي ڪتاب جڙي پوي ۽ آئنده نسل ان مان پنهنجي راه عمل جوڙين. شرط فقط صداقت جو آهي. انهن لفظن مان اثر ورتي هر وقت دل ۾ هورا ڪورا هوندي هيم تہ پنهنجي سوانح لکان. جيتوڻيڪ پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪي بہ اهڙا وڏا ڪارناما ڪو نہ آهن، جن مان عوام ڪو سبق حاصل ڪري تاهم هيءَ جسارت ان ڪري ڪئي اٿم تہ من منهنجي غلطين مان ني ڪنهن کي هدايت ملي ۽ هو اهي ساڳيون ني غلطيون نہ ڪن. جيڪڏهن ائين ٿيو تہ پوءِ منهنجي هن ڪاوش گويا چڱو نتيجو ڪڍيو ۽ ان جو ثواب مون کي مليو. مون ۾ بہ خود تہ ڪي بہ چڱايون ڪونهن ليڪن ڪن بزرگن سان صحبت ڪندي جو ڪجهہ پرايو اٿم، تن جو انڪشاف ٻين لاءِ مشعل راه بنجي!

کمال همنشين بر من اثر کرد
وگر نہ من همان خاکم کہ هستم

مهيني ربيع الآخر ۾ جنهن کي عام طرح ٻارهينءَ جو مهينو سڏبو آهي، تنهنجي ٻارهين تاريخ هالن ۾ هڪ ننڍو ميلو لڳندو هو. جنهن جو متولي مرحوم پير پنيل هوندو هو. اسين ننڍا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هواسين ۽ مرحوم بابا سائين اسان کي اهو ميلو گهمائڻ لاءِ هالين پراڻي وٺي هلندو هو. هالن پراڻ جو ڳوٺ اسان جي شهر هالن نون کان اولهندي طرف ٻن ميلن جي مفاصلي تي واقع آهي. هالن پراڻ کان فرلانگ کن اوريان هڪ رستو ڏکڻ طرف ڦٽندو هو. جو خانوٽ جي ڳوٺ ڏي ويندو هو. خانوٽ جو ڳوٺ اتان هڪ ميل فاصلي تي آهي. اهو هالن پراڻ جي قاضي محلي کان اوير طرف لڳو لڳ لنگهندو هو. رستي جي اولهندي قاضين جا گهر هوندا هوا ۽ اڀرندي طرف هڪ قديم قبرستان هوندو هو. جڏهن ان قبرستان وٽ پهچندا هواسين. تڏهن بابا سائين اُت تان لهي پوندو هو ۽ ان مقام تي ڪجهه وقت ترسي ختمو ڏيندو هو. ان بعد اسين قاضين جي محلي طرف وڏي ميلي ۾ ايندا هواسين.

بابا مرحوم کان پڇندا هواسين ته اهو مقام ڪنهن جو آهي؟ هتي اوهين ڪنهن کي ختمو ڏيو ٿا؟ اُن تي بابا مرحوم اسان کي ٻڌايو ته هن مقام ۾ منهنجو ڏاڏو مرحوم ۽ ڏاڏي مرحومه مدفون آهن. ڏاڏي مرحوم جو نالو حاجي مڪي هو. وڌيڪ تفصيل سان ٻڌائيندي پنهنجي ڏاڏي مرحوم بابت هن طرح احوال ڪندو هو.

"اسان جو ڏاڏو اصل عرب ۽ مڪي مڪرم جو باشندو هو. ڪندو ڳوٺ جي نزديڪ راهو قوم جا ماڻهو رهندا هوا جي مالدار هوا ۽ ٻيلي ۾ مال چاري ان تي گذران ڪندا هوا. هڪ سال انهن راهن مان ڪي ماڻهو حج بيت الله جو فريضو ادا ڪرڻ لاءِ ويل هوا ۽ موٽندي هڪ غريب عرب کي ساڻ وٺي آيا ۽ اچي ڪيس پاڻ وٽ رهايائون ۽ هن جي موجودگيءَ کي پنهنجي لاءِ برڪت جو باعث سمجهندا هوا. اسان جي ڏاڏي جو اصلي نالو ته خبر ناهي ته ڪهڙو هو مگر جيئن ته هو مڪي شريف جو هو. ان ڪري هن کي سڏيندائي حاجي مڪي هوا.

ڪجهه عرصو ڏاڏا مرحوم راهن ۾ رهيو جن سندس ڏاڍيون خدمتون ڪيون ليڪن ويچارا راهو پڙهيل ڪين هوا جنهن ڪري ڏاڏا کي اتي قلبي سڪون حاصل نه هو. لهاذا هو نن ميلن کن پنڌ تي سانوٽي آخوندن وٽ اچي گذارڻ لڳو جي هڪ ته پڙهيل هوا ٻيو منجهن ڪيترا حافظ. عالم ۽ بزرگ هوا. جن جي صحبت ۾ رهڻ ڏاڏا مرحوم کي راس آيو. اهو وقت اهڙو هو جڏهن عرب جي پار جي ڪانگل جي به عزت ڪرڻ وڏي سعادت سمجهي ويندي هئي. سانوٽي بزرگن ڏاڏا سائينءَ کي نهايت سکيو رکيو. ڪجهه وقت اتي رهڻ بعد ڏاڏا مرحوم جو هالن پراڻ جي ٻني بزرگن سان دوستانو ناتو قائم ٿيو. جن کيس پاڻ وٽ اچي رهڻ تي آماده ڪيو ۽ ڏاڏا آخوند صاحبن کان اجازت وٺي ٻني بزرگن وٽ اچي رهيو. ٻني بزرگن کيس نهايت آب و عزت سان پاڻ وٽ رهايو ۽ کيس ميمڻ قوم جي هڪ معزز شخص عبدالله پٽ گل محمد ميمڻ جي نياڻي خديجه سان شادي ڪرائي. هتان اسان جي پيڙهي شروع ٿي.

بابا مرحوم مزيد ٻڌايو ته ڏاڏا مرحوم کي فقط هڪ فرزند تولد ٿيو. جنهن جو نالو محمد

احسان رکيو ويو. ان وقت جي رواج موجب ربيع الاول يعني عرس مهيني ۾ جمڻ ڪري ڪيس عرف عام ۾ محمد عرس سڏيو ويندو هو. اسان جو بابا سائين اجا ١٤ _ ١٥ سالن جو مس هو ته ڏاڏو ۽ ڏاڏي هڪبئي پٺيان انتقال ڪري ويا ۽ بابا يتيم ٿي ويو. هن کي پنهنجي بزرگن وٽ قرآن پاڪ ۽ فارسي جي ڪجهه تعليم به ملي. اسان جي ڏاڏي حاجي مڪي مرحوم کي سنڌي زبان چڱي طرح اچي وئي هئي ۽ ان هوندي به بابا کي ٿوري گهڻي عربي زبان ڳالهائڻ ايندي هئي. اسان جي ڏاڏيءَ ۽ ڏاڏي جون قبرون هن مقام ۾ آهن، جي زماني جو دستبرد کان هن وقت ڊهي ويون آهن.

بابا مون کي ٻڌايو ته سندس والد ٢٥ ورهين جي عمر ۾ پنهنجي بزرگن کان رخصت ياب ٿي هالن نون ۾ اچي مستقل سڪونت اختيار ڪئي. هالن نون ۾ ڪيس ڪارڙا قوم جي ماڻهن، جي ذات جا ميمڻ هوا تن سنگ ڏنو ۽ ورثي ۾ ڪيس چڱيون خاصيون جايون به مليون. راهو قوم جا ماڻهو سندن نهايت معتقد هوا ڪن ٻين عقيدتمندن وٽان به کين چڱي ملت هئي جنهن تي سندس خاصو گذران هوندو هو. هن جو وقت اڪثرعبادت ۽ عام ماڻهن جي ڀلائيءَ جي ڪمن ۾ بسر ٿيندو هو. ڪارڙا قوم جا ماڻهو مير صاحبن جي زماني ۾ فوجي ماڻهو هوندا هوا. جنهن ڪري کين زمينون به مليل هيون ۽ سندن حيثيت مٿاهين هوندي هئي. مگر زماني جي گردش سبب انهن مان گهڻا ته اجل جو شڪار ٿي ويا ۽ پويان البته مسڪينيءَ جي حالت ۾ زندگي بسر ڪرڻ لڳا. مطلب ته بابا مرحوم هالن نون جي شهر ۾ اڪيلو رهجي ويو جنهن جو پيو ڪو به ويجهو مائٽ ڪو نه رهيو.

مٿي ذڪرل ٿيل منهنجي والد مرحوم جي مختصر بيان مان ڏسڻ ۾ ايندو ته منهنجي ڏاڏي مرحوم محمد عرس هالن نون ۾ پڪيءَ طرح رهائش اختيار ڪئي ۽ ازدواجي زندگي بسر ڪرڻ لڳو. ازدواج جو ثمره اولاد آهي. ۽ ڏاڏا سائين کي بفضل خداوند تعالىٰ ڪل ٦ پٽ ۽ هڪ نياڻي ڄاوا. نياڻي ته ننڍڙيءَ وهيءَ ۾ ئي گذاري وئي. باقي ٦ پٽ رهيا جن جا نالا هي هوا:

(١) عبدالله (٢) محمد هاشم (٣) حافظ شفيع محمد (٤) عبدالستار (٥) محمد موسىٰ (٦) محمد. انهن مان محمد مرحوم ته ١٢ ورهين جي ڄمار ۾ گذاري ويو ۽ عبدالستار ٢٥ ورهين جي عمر ۾ داعي اجل کي لبيڪ چئي. ڏاڏا سائين ڪثرت اولاد سبب ڪجهه وقت غريبي حال ۾ گذاريو. آخر الله تعالىٰ غفور الرحيم ڪارساز آهي، سندس فرزند وڏا ٿيا. کين ان وقت جي لحاظ کان قرآن شريف، سنڌي ۽ ڪجهه فارسيءَ جي تعليم ڏياريائين.

منهنجي وڏي چاچي عبدالله ڪپڙي جو دڪان ڪيو. جتي هالن نون جون سوسيون، گربيون ۽ ٻيو ڇيٽ جو هٽ جو اُٺيل ڪپڙو جو عام طرح حيدرآباد جا عامل ديوان ۽ ٻيا هندو پتلونن ۽ پاجامن لاءِ ڪم آڻيندا هوا تنهن جو وڏي ۾ وڏو اسٽاڪ رکيائين. ان سان گڏ ٻيو به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عام ڪپڙو جهڙوڪ چريل چانديون، اجرڪون، بافتو ۽ ململ وغيره وڪري لاءِ موجود رکندو هو. ان وقت هالن کي ڪا بہ ريل گاڏي ڪا نہ هئي. حيدرآباد اچڻ لاءِ ٽي اسٽيشنون هونديون هيون. (۱) شهدادپور (۲) ٽنڊوآدم (۳) اڏيرو لال. چاچا عبدالله حيدرآباد ۾ سوسيون گريبون ۽ چيڪ نيڪالَ ڪري اتان بافتو وغيره خريد ڪري ايندو هو. اهڙيءَ طرح سندس گذران تمام سٺو هو. سندس ٻيو نمبر پاءُ محمد هاشم منهنجو والد هو. هن پنج درجا سنڌي پاس ڪيا هوا ۽ هالن جي سول ڪورٽ ۾ عريضي نويسيءَ جو شغل اختيار ڪيائين. سندس اکر نهايت پڪا موتين جهڙا هوا ۽ عريضي نويسيءَ مان سندس گذران تمام چڱو ٿيندو هو. ٽيون نمبر ڀاءُ منهنجو چاچو حافظ شفيع محمد قرآن پاڪ جو حافظ هو ۽ قراءَت بہ چڱي ڄاڻندو هو. هن ڪاميٽي امتحان جنهن کي بعد ۾ فائنل چيو ويندو هو پاس ڪيو ۽ ڪيس سڌو سنئون ٽيپداري ملي (ٽيپداري اسڪول پوءِ قائم ٿيو) سرڪاري نوڪريءَ جو ان وقت چڱو مانُ هوندو هو ۽ چاچا حافظ نهايت چڱي روزگار سان لڳي ويو. سيني ۾ ننڍي ڀاءُ محمد موسيٰ چار درجا سنڌي پاس ڪيا ۽ پوءِ ڪجهہ وقت گهر جو ڪاروبار سنڀاليندو هو جيستائين ڪو سندس مستقل روزگار جو تسلي بخش انتظام ٿئي.

هاڻي بفضل خدا وند تعاليٰ ڏاڏا جون خداوند قدوس سڀ بکون لاهي ڇڏيون ۽ هو بلڪل فارغ الباليءَ سان صوم و صلوات ۽ رب پاڪ جي عبادت ۾ گذارڻ لڳو جيڪو بہ پاڙيسري يا ڪو ٻيو ماڻهو ڪيس ڪنهن بہ ڪم ۾ مدد لاءِ چوندو هو تہ هو فوراً پنهنجي حتيٰ الوسع ان جي مدد ڪندو هو. اهو مشغلو سندس آخري عمر تائين رهيو.

هاڻي مسئلو پيدا ٿيو پٽن جي شاديءَ جو. مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون تہ هالن جي هيڏي ساري پرپل شهر ۾ اسان جو ڪو بہ رت جو رشتيدار ڪو نہ هو. رواج موجب شاديون ٻدي تي ٿينديون هيون ۽ ڏاڏا وٽ ڪا بہ نياڻي ڪانہ هئي. سندس پٽن جي عمر وڌندي ٿي ويئي، روزگار ڪشادو هو. ڪجهہ جايون ۽ زمين بہ خريد ڪري ورتي هوائون. هاڻي خانہ آباديءَ جو فڪر دامنگير هوس. آخرڪار ڪاساز حقيقي اهو مشڪل بہ حل ڪيو ۽ چئني پائرن کي حيدرآباد مان هڪ ئي گهر مان ٽي پينرون ۽ هڪ سؤٽ هڪ ٻئي پويان نڪاح ۾ مليون ۽ سيني جون شاديون نهايت ڏامر ڌومر سان ٿيون. ڄڃ جيڪا هالن کان شهدادپور اسٽيشن تائين آئي، ان ۾ ۱۵ کان ۲۰ ڪجاوا ۽ ٻيا مهري آٺ قطاريل هوا. ان زماني ۾ حيدرآباد مان شادي ڪرڻ کي وڏي ڳالهہ سمجهيو ويندو هو ۽ ان کان اڳ هالن شهر ۾ اهڙو ڪو بہ مثال نہ ٿيو هو. خير، الله تعاليٰ جڏهن ڪنهن جون جوڙون جوڙي ٿو تہ دير ڪا نہ ٿو ڪري. هڪ مسافر مسڪين بي وطن عرب جو سرزمين مقدس تان اچڻ ۽ هن خاندان کي وجود ملڻ، انهيءَ ذات باري تعاليٰ جا ئي ڪم آهن. ٻئي کي ڇا مجال!!

وقت گذرندي ويرم ڪا نہ ٿو ڪري. هڪ ٻئي پنيان ڇهني پائرن کي الله تعالیٰ اولاد ۽ رزق سانُ مالا مال ڪري ڇڏيو ۽ هر هڪ کي ڀهريائين فرزند نصيب ٿيو ۽ شڪراني جا شادمانا ٿيا. منهنجي وڏي چاچي عبدالله کي ڀهريائين پٽ تولد ٿيو. جنهن جو نالو نور محمد رکيو ويو. منهنجي والد محمد هاشم جي وڏي فرزند جو نالو عبدالستار ۽ منهنجي چاچي حافظ شفيع محمد کي گل محمد ۽ چاچا محمد موسیٰ کي عبدالحي نالي فرزند عطا ٿيا. آءٌ پنهنجي والد مرحوم جو ٻيو نمبر پٽ آهيان ۽ مون کان بعد منهنجا ڀائر محمد اسحاق ۽ عبدالفتاح ڄاوا. منهنجو هڪ ڀاءُ نور احمد ۽ هڪ ڀيڻ ننڍڙي ڄمار ۾ ئي وفات ڪري ويا ۽ باقي اسين چار ڀائر ۽ ٽي اسان جون ڀينرون وڏي وڏا ٿياسين.

هالن جي شهر ۾ ان وقت ڪو بہ انگريزي اسڪول ڪو نہ هو. بابا مرحوم کي پنهنجي ٻارن کي انگريزي تعليم ڏيارڻ جو عزم مصمم هو. البتہ اسان کي حيدرآباد ۾ پنهنجي ناناڻن ۾ رهڻ جي سهولت بہ هئي. ان ڪري پرائمري ڇهن درجن جي پوري ڪرڻ بعد اسان کي حيدرآباد گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو. موجوده نور محمد هاءِ اسڪول ان وقت گورنمينٽ هاءِ اسڪول هو. اسان جو وڏو سؤٽ نور محمد فائينل پاس ڪرڻ بعد ٽپيداري اسڪول حيدرآباد ۾ داخل ٿيو ۽ جلد ئي وڃي ٽپيدار ٿيو ۽ روزگار سان لڳو. منهنجو وڏو ڀاءُ عبدالستار، منهنجو سؤٽ گل محمد ۽ آءٌ انگريزي پڙهڻ لاءِ حيدرآباد ۾ وياسين. مون کي چوٿين درجي پرائمري ۾ پهريون نمبر پاس ٿيڻ سبب گورنمينٽ اسڪالرشپ ملي پهرين درجي انگريزي کان وٺي بي اي تائين اسڪالرشپون ملنديون رهيون.

بابا مرحوم جي هوشياريءَ ۽ قابليت سبب هالن جي مخدوم صاحبن جي نظر انتخاب مٿس پيئي ۽ کيس پنهنجي عام مختياريءَ جي آچ ڪري ڪانئس عريضي نويسي ڇڏائي پنهنجي ملازمت ۾ رکيائون. بابا مرحوم کي سندس وفاداري ۽ قابليت سبب مخدوم صاحبن جو وڏو قرب حاصل هو ۽ سندس مشوري کانسواءِ مرحوم مخدوم محمد زمان اول تہ ڪو بہ ڪم نہ ڪندو هو. المقصد تہ ان وقت بابا مرحوم شهر جي معزز ترين هستين مان هڪ هو ۽ نهايت ڀهچ وارو ٿي پيو. مخدوم صاحبن کيس پنهنجي باغن ۾ ۽ زمينن جي آڳ واڳ سنڀالڻ لاءِ هٿ ۾ ڏيئي ڇڏي ۽ انهن جي ئي طفيل سندس عزت ان وقت جي آفيسرن ۾ بدرجہ اتم وڌي ويئي ۽ سنڌ جي ڪمشنر جو درباري بہ ٿيو جو هڪ وڏو اعزاز سمجهيو ويندو هو. اسان جا ناناڻا سومرا هوا. اسانجي ناني مرحوم علي محمد کي ٻيا بہ پائر هوا (١) محمد ابراهيم (٢) احمد. نانا علي محمد مرحوم ۽ سندس ڀاءُ مرحوم احمد ريشم فروش هوا ۽ فقير جي پڙ حيدرآباد ۾ سندن دڪان هو. جنهن مان سني آمدني هين. مرحوم محمد ابراهيم ٽپيدار هو. مرحوم احمد سڄي عمر شادي ڪا نہ ڪئي ۽ مرحوم محمد ابراهيم کي نرينہ اولاد ڪو نہ

ٿيو. فقط اسان جي نانا سائين علي محمد کي ٻه پٽ هوا (١) محمد بخش (٢) پير محمد مرحوم محمد بخش پوليس کاتي ۾ ٽاٽي جو هيڊ منشي هو ۽ مرحوم پير محمد کي درزڪو دڪان هوندو هو. مرحوم محمد ابراهيم منهنجي يادگيريءَ کان اڳ گذاري ويو ۽ باقي نانا سائين سندس پاءُ مرحوم احمد ۽ منهنجا ٻه ماما مرحوم محمد بخش ۽ پير محمد اسان ڏٺا جي نهايت خوش روزگار هوندا هوا. آخر ۾ ڪل من عليها فان. هر چيز فاني آهي.. سڀني هڪ ٻئي پٺيان رحلت ڪري ويا ۽ هن وقت ناناڻي خاندان مان ڪو ٻه ٻچيل ڪونهي.

هاڻي نون ۾ ڏاڏا مرحوم جي ساهراڻي آڪهه مان اسان فقط ٻه ماٿهو ڏٺا (١) مرحوم الهه ورايو (٢) مرحوم علي محمد. مرحوم الهه ورايو فارسيءَ جو گوهر هو. ديوان حافظ جي پڙهڻ بعد سندس دل اٿي ويئي ۽ هميشه ديوان حافظ مان غزل پڙهندو رهندو هو ۽ ديوانو وار گذاريندو هو. مرحوم علي محمد سول ڪورٽ جو بيلف هو. هاڻي جي سول ڪورٽ منتقل ٿي شهدادپور ويئي، ان ڪري مرحوم علي محمد اتي نوڪري ڪندو هو. اسان جي ڏاڏيءَ مرحوم جي هڪ پيڻ آخوند صادقاڻين انصارين ۾ پرٽيل هئي جنهن کي فقط فرزند ٿيو جنهن جو نالو آخوند محمد صابر انصاري هو ۽ کيس هاڻي نون جي بازار ۾ ڪاشيءَ جي سامان جو دڪان هوندو هو. اسين مرحوم محمد صابر کي چاچا ۽ سندس والده کي ڏاڏي سڏيندا هواسين آخر قدرت جي قانون مطابق اهي ٻه وفات ڪري ويا. هن وقت مرحوم علي محمد ۽ آخوند محمد صابر جي پوين ۾ ڪي داٺا وجي رهيا آهن. خداوند ڪريم کين آباد ۽ شاد رکي آمين. ڏاڏي مرحوم جي هڪ ٻي پيڻ هاڻي پراڻن ۾ ميمڻن ۾ پرٽيل هئي، جنهن مان کيس هڪ فرزند هو جنهن جو نالو محمد حيات هو. هن مرحوم کي ڪجهه زمين پنهنجي ٻه هئي ۽ مالدار ٻه هو ۽ بلڪل سکيو هو. سندس والد ۽ والده گذاري ويا هوا ۽ پاڻ سڄي عمر جريده رهيو. بابا سائين جن کيس ماسات ڪري سڏيندا هوا. اسان کيس گهڻو وقت ڏٺو وائٺو ۽ ننيڙي هوندي کانئس خرچيون ۽ پيار حاصل ڪيا. الله تعالىٰ مٿس رحمت فرمائي. آمين.

چونڪ اسان جو پڙ ڏاڏو ۽ ڏاڏو ٻئي ميمڻن سان منسلڪ ٿي ويا ۽ اسين ٻه هاڻي نون ۾ ميمڻن جي پاڙي ۾ ئي سڪونت پذير ٿياسين، ان ڪري اسان ميمڻ سڏجڻ لڳاسين ۽ اڄ سوڌو پاڻ کي ميمڻ سڏائيندا ٿا اچون. ميمڻ قوم ۾ اڪثر ڪٽنب پنهنجي ڏاڏي يا پڙڏاڏي جي پٺيان سڏبا آهن. مثلاً يونساڻي، يوسفاڻي، صادقاڻي، خيرواڻي، عارباڻي وغيره. ان رواج موجب اسين پنهنجي ڏاڏي مرحوم جي پٺيان سڏجڻ لڳاسين ۽ اها اسان جي ڪنيت رهي. هن وقت اسان مان مرحوم عبدالله منهنجي وڏي چاچي ۽ والد مرحوم محمد هاشم جا پويان اسين سال ١٩٣٢ع کان حيدرآباد ۾ مستقل طور رهندڙ آهيون ۽ چاچا حافظ شفيع محمد مرحوم چاچا محمد موسىٰ مرحوم جا پويان اڃا هاڻي ۾ رهن ٿا جتي اسان جا اباڻا ڪک آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ٻيون

سياڳو سَمو

مان مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان تہ بابا مخدوم صاحب جي ملازمت ۾ اچڻ بعد چڱيءَ بلنديءَ کي پهتو. ۽ ڪجهہ زمين بہ خريد ڪيائين ۽ انِ سان گڏ مُخدوم صاحب ڪيس پنهنجي بهترين ٻلي زمين بنا ڊل جي ڏني جنهن کي آباد ڪرڻ لاءِ هن پنهنجي ننڍي ڀاءُ محمد موسيٰ کي مقرر ڪيو. اها زمين شهر جي بلڪل لڳ علي گنج يا پاهڙ واهہ تي هئي جو واهہ هالن نون جي شهر کي ٽن طرفن الهندي، اُتر ۽ اوبر کان ڦري ايندو هو ۽ گهاٽ گهاٽ تي غسل لاءِ مردن خواه عورتن لاءِ چاڙهيون ٺهيل هونديون هيون جتي عام ماڻهو وَهنجندا بہ هوا ۽ ڪپڙا لٽا بہ ڌوئيندا هوا. ننڍيءَ وهيءَ وارا ڇوڪرا ۽ جوان پاڻي ۾ ترندا ۽ ڏاهي رانديون ڪندا هوا.

چاچا مرحوم انهيءَ زمين تي ڪل چار نار چاڙهيندو هو جن جا پڙوها پڪين سرن سان اوساري ٺيل هوا انهن نارن تي انبن جا چند وڻ ۽ گيدوڙيون بيٺل هونديون هيون. سندس محنت ۽ بخت (جو محنت سان ٺي ايندو آهي)، کيس مالا مال ڪري ڇڏيو ۽ عام طرح وڏيرو موسو سڏجڻ لڳو. وٽس اُٺ، ڏاند، ڳئون، مينهون ۽ هرڻين جهڙيون ٻريون ٻڪريون ۽ ٻيو مال بڪثرت هوندو هو. جن لاءِ مستقل طور ڪڙِ ۽ مَنهن ٺهيل هوندا هوا ۽ هر هڪ لاءِ نگران خدمتگار هوندا هوا. ڍورن جي ڏاري ۽ چاري لاءِ جدا جدا آهر هوندا هوا جن ۾ وڏا ڪونار پڪيءَ طرح ٻڌ ٺيل هوندا هوا. ڪم از ڪمٰ اٺ ڏهہ وڏا مٽ زمين ۾ کُتلَ هوندا هوا جن ۾ کڙ پسايو ويندو هو ۽ مٽرن جي ڏاري ۽ ڪڪڙِن پسائڻ لاءِ وڏا ٻاري نڪر جا ڪونار هوندا هوا جن ۾ ڇاڻ ۽ چونو ۽ ڪَڪڙِن سان گڏ ڏارو پسايو ويندو هو. چاچا جا هاري اڪثر خدا آباد جا چانڊيا ۽ کي سانڏاڻ جا ڏاهري هوندا هوا. جن جي همراهي چاچا سائينءَ جي بخت کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا.

چوندا آهن تہ شوق جُو ملهہ ڪونهي. اسان پنهنجي چاچي کيِّ مال ڇو جيترو شوق ڏٺو اوترو ڪن ٿورن مالدارن کي هوندو. بہ همراهہ تہ صرف مال جي ڪتر لاءِ مقرر هوندا هوا جن مان هڪ جو نالو اسماعيل ۽ ٻئي جو نالو ميهار چانڊيو مون کي ياد آهن. ان وقت اڄا ڪُتر جون هٿ واريون مشينون بہ رائج نہ ٿيون هيون. تنهن ڪري ڪُتر جا، مٿين مُنهن لڳندي هئي، ان لاءِ ڪم از ڪم ٻن همراهن جي ضرورت هوندي هئي. ڏاندن لاءِ ٻاجهريءَ جي اٽي جا ٿلها روٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڏ ڪچا اڏ پڪا پڇايا ويندا هوا، جن ۾ آڳرين سان سوراخ ڪري جانيي جو تيل وڌو ويندو هو. ٻئي طرف ٻهرن جا چيچڪا ۽ پلڙا، جا پڻ مال لاءِ هڪ طاقتمند خوراڪ سمجهي ويندي هئي، سا هميشہ موجود رکي ويندي هئي. ڇنن ۽ منهن سان متصل هڪ لانڍي نهيل هوندي هئي جا اوطاق طور ڪم آندي ويندي هئي ۽ ان کي هڪ ڏاڪائون در هو. اندر هڪ طرف بہ ٽي منجا ۽ پنج ڇهہ منجيون پيل هونديون هيون تہ ٻئي طرف مٽرن جي ڏاري بُوسي ۽ ڪڪڙن جو ڳوٿيون حفاظت سان رکيل هونديون هيون ۽ ڪڙ جون ناديون هڪ ٻئي مٿان مناري وانگر اونڌيون رکيل ڏسڻ ۾ ايندڀون هيون. آئي وئي يار سنگتيءَ سان ڪچهري اتي ٿيندي هئي ۽ مانيءَ ٽڪيءَ جي آڌرڀاءُ ۽ آرام لاءِ اها ئي هوادار لانڍي هئي جا موجوده بنگلن کان بہ وڌ رونق بخشيندي هئي.

ماهني مال لاءِ هڪ سانُ، ڳائي مال لاءِ ساني ڍڳو ۽ اوني مال لاءِ ڏاچي ۽ گهوڙين لاءِ هڪ مڪڙو گهوڙو بہ چاچا سائين پنهنجا رکندو هو. هڪ گهوڙي چاچا حافظ شفيع محمد جي هوندي هئي جو تيپدار هو. هڪ گهوڙو بابا سائينءَ کي مخدوم صاحبن کان چڙهيءَ لاءِ مليل هوندو هو ۽ هڪ گهوڙو پاڻ چاچا محمد موسيٰ مرحوم جو هوندو هو. جن جي بيهارڻ لاءِ جدا هڪ پپر جي بلند درخت جي هيٺيان جو اسان جي نارن وٽ بيٺل هوندو هو. هر هڪ جانور لاءِ جدا جدا ڪُڙهيون نهيل هونديون هيون. گهوڙن ۽ گهوڙين لاءِ هڪ هاري سيس جي طور مقرر ڪيل هوندو هو. جو پهريداريءَ جو فرض بہ بجا آڻيندو هو. ان سان گڏ بابا سائين مخدوم صاحب جن کان هميشہ بہ شڪاري ڪتا جي سندن لوڌ جا هوندا هوا. خاص عنايت طور ونندو هو. ورنہ لوڌ جو ڪتو ڪو بہ امير ماڻهو ڪنهن کي نہ ڏيندو آهي. جو اهڙا ڪتا نهايت قيمتي هوندا آهن ۽ هر هڪ ڪتو ڏهن پهريدارن جي برابر هوندو هو.

اسان جي نارن تي مينهن جا پاڏا ۽ وڇون هڪ طرف ڳئن جا ڳابا ۽ ڳابيون، ٻئي طرف ٻڪرين جا ڇيلا ۽ ڇيليون ٽئين طرف، اٺن جا گونرا ۽ گونريون چوٿين طرف تہ گهوڙن جا وڇيرا ۽ وڇيريون پنجين طرف. مطلب تہ هڪ عجيب سمان ۽ حيرت انگيز ڪيفيت هوندي هئي. الغرض تہ رب تعاليٰ پنهنجي ضعيف ٻانهي محمد عرس تي جيڪي عنايتون ڪيون، انهن جو ڳاڻيٽو ڪري ئي نٿو سگهجي.

مينهون ٻنهي مهلن تي اڌ اڌ مڻ کير ڏينديون هيون تہ ڳئون ١٠_ ١٢ سير ۽ ٻڪريون ٤_ ٥ سير. شام جو ڏهائي ٿيندي هئي تہ سانڙهن ۽ ڳوهن جي گهوگهو لڳي ويندي هئي: سبحان الله مٿين منهن کير ٿيندو هو. جو هاري ناري هڪ طرف پيئندا هوا، گهر ۾ روزانہ سانڙها پرچي جدا ايندا هوا، تہ مارڪيٽ ۾ وڪري لاءِ الڳ موڪليو ويندو هو. کير پٽارو ڪافي انداز ۾ ڄمايو بہ ويندو هو ۽ صبح جو مايون هاراڻيون اسان جي گهرن ۾ اچي اهو ولوڙينديون هيون ۽ جنڊي

چڙهيل منڍيون جن ۾ ڪوڏين پريل نؤنر پيا لٽڪندا هوا. تن جي ولوڙڻ جو آواز ڏاڍو ڪنن، دل ۽ دماغ کي پيو سيبائيندو هو. اوڙو پاڙو، غريب غربو ۽ اوي سوي ڏڌ گهرندو هو ته ڪيس ڪشاده دليءَ سان ڏکيون پري ڏنيون ويندڀون هيون. پارن وارين غريب عورتن کي ڏُڪي لاءِ مکڻ مفت ڏنو ويندو هو. اسان ڏسندا هواسين ته جڏهن مکڻ جا پريل ڪنگر گڏ ٿيندا هوا تڏهن اهو مکڻ تپائي گيهه ڪيو ويندو هو ۽ وسلڻ جي ڪاڻ لاءِ سڀ پاڙي جا ٻاراچي گڏ ٿيندا هوا جي ڪائي چڙهه ڪندا هوا.

مون مٿي ذڪر ڪيو آهي ته چاچا محمد موسيٰ کي پلن وهٽن ڌارڻ جو نهايت گهڻو شوق هوندو هو. لاڏوات. اسان جو آن. ڦٽيون ۽ ٻيلي مان ڪائيون ڊوئيندا هوا ۽ نارن ۾ وهندا هوا ته مهري اُٺ سواريءَ لاءِ رکندو هو. جن لاءِ سُکني مير جت جي ڳوٺ جو هڪ مير جت جنهن جو نالو سهجو مير جت هو، سو خاص مقرر ڪيل هوندو هو. انن جا ساز جهڙوڪ لاڏوانن لاءِ پلڻ ۽ ڪجاوا ۽ مهري انن جا پاکڙا. جلون. نتون (نطعون) ۽ پيو گاشي جو سامان ۽ انن جي ڳچيءَ ۾ ٻڌڻ لاءِ چانديءَ جون ڳانيون هونديون هيون. گهوڙائن وهٽن لاءِ تل تڙها. هنا ۽ ٻيا ساز هوندا هوا. اهي سڀ شيون اسان پنهنجي اکئين ڏٺيون. اهو سامان اڪثر چاچا مرحوم پٽوري جي ميلي تان خريد ڪندو هو. ڏاندن کي پيتلي ٽليون. ٻڪرين کي لوهي ٻڙيون ۽ مينهن پٿارين کي ڳچي ۾ گهندلا ٻڌا ويندا هوا. مال جي وٿاڻ تي وڃبو هو ته هر هڪ جانور جو جدا جدا آواز مثلاً گهوڙن جو هڻڪارون. مينهن پٿارين جون ڊڪون، ڳئن جون رنيون. ٻڪرين جون ٻيڪون ۽ ننڍڙي مال جا ننڍڙا ڪومل آوازا! الله اڪبرا هڪ عجيب نقشو هوندو هو. بارش ڪانپوءِ البته مک ۽ مڇر ٿيندو هو ته پوءِ مال پٿاري جي ڪن ۽ پُڇ پيا لڏندا هوا ۽ جاري پڃاڻ لاءِ واهو يا پٽر ۽ پيو سائو ڪک پن ساڙي دونهيون دکايون وينديون هيون ۽ گهوڙائين ۽ ماهني مال جي پٺيءَ تي ٽپڙيون وڌيون وينديون هيون ته مڇرن جي چڪن کان محفوظ رهن. چاچا مرحوم وسڪاري جي موسم بعد جڏهن پٽن ۽ پونن تي چراگاهه ايري پوندا هوا تڏهن پنهنجو مال اڪثر وسن تي به موڪليندو هو. مال جي سک لاءِ پنهنجي هُڙي به هوندي هئي ۽ اڪثر اوقات سرڪاري پنچريءَ ڏيڻ سان مال ٻيلي ۾ به موڪليو ويندو هو.

انهيءَ زماني ۾ سال ۾ عام واهن تي فقط خريف جو هڪ فصل ٿيندو هو. درياءَ ۾ جڏهن چاڙهه ٿيندو هو تڏهن پاڻي ازخود وهي اچي واهن ۾ پوندو هو ۽ واهه وهڻ لڳندا هوا. واهن جي وهڻ کان ٿورو وقت اڳ واهن جي ڪاٽي ڪٽائڻ لاءِ چيڙون نڪرنديون هيون ۽ پنهنجي پنهنجي حد ۾ هرڪو ڪامڙين کي ڪاڏو ڪارائيندو هو. چاچا مرحوم به ڳڙ جي تهريءَ جون ديڳيون لهرائيندو هو ۽ ڏاڍي مزيدار ٿيندي هئي. پاڻي وهي اچڻ کان اڳ نارن چاڙهڻ جي نوبت ايندي هئي. واڍا ڪم ۾ لڳي ويندا هوا ۽ چڪريون. ڳاڌيون. لٺيون. ۽ ڊينگا سڀ درست ٿيڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳندا هوا. ڪِپ ۽ ڏِين جا ڍير گڏ ٿي ويندا هوا ۽ مالهي مالهون وٽن ۾ مشغول ٿي ويندا هوا. جن کي ڳڙ جون ڳرهاڙيون يا ڀُسريون ڪارايون وينديون هيون. ڪنيار، ڪِنگرن جا گڏهه پيري اچي لاهيندا هوا. جن کي مالهه ۾ ٻنڌڻ سان ٻڌو ويندو هو. انهن موقعن تي اسين ننڍا ٻار ضرور اتي ويندا هواسين. هرن ٻڌڻ تي ٻه ڇيڙون هلنديون هيون. پهريائين لاهه ڪڍي پوءِ ڪنڊا ڪڙڇ گڏ ڪري ڪهڙ سازيا ويندا هوا. اوڏون درست ٿينديون هيون، ٻنا ٻڌبا هوا، ٻارا نهندا هوا، ڪڙا پجندا هوا، تريا سانهر گهمائبو هو. مطلب ته هڪ قدرت جو لقاءُ هوندو هو. اڄ اسان جي ٻارن کي ڪا به خبر ناهي ته چرخي پوک اڳي ڪيئن ٿيندي هئي ۽ هاڻي موڪي پوک ڪيئن ٿي ٿئي.

ربيع يا چيٽ جي فصل ۾، چاچا سائين ڪڇي ۾ هالن پراڻن کان اولهه طرف ميل ڏيڍ پنڌ تي مخدوم صاحب جي سيلابي زمين آباد ڪندو هو. جا درياءَ جي چاڙهه وقت درياءُ ٻوڙيندو هو ۽ ان ۾ ڪافي سيلاب رهندو هو ۽ اتي ڪٽڪ، مٽر، مگ ۽ چڻا نهايت ڀلا ٿيندا هوا. اهو فصل ناڙيءَ تي ڪيو ويندو هو ۽ ناڙي هڪ ڏينهن ۾ ڪٽي ويندي هئي جنهن تي ٻن ڇيڙَ وهندي هئي ۽ مٺن چانورن جون ديگيون هڪ طرف لاٿيون وينديون هيون ته ڳڙهاڙيون ٻئي طرف پچائي ڪمر وارن همراهن کي کارائبيون هيون. اها زمين جا چاچا مرحوم ربيع لاءِ آباد ڪندو هو، سا بلڪل انهن کنڊرن (دڙن) جي ويجهو هوندي هئي، جي اصل مخدوم نوح رحمت الله عليه جي مقبرن جا ڏنل نشان هوا. پڙهندڙن کي معلوم آهي ته مخدوم نوح رحمت الله عليه جو مقبرو اصل اتي هو جو درياءَ جي پائڻ بعد هالن نون ۾ منتقل ٿي آيو. درسي ڪتابن ۾ ان باري ۾ هڪ سبق پڻ ڏنل آهي.

اسان جا نار پاهڙ واهه جي پريڻءَ پر هوندا هوا ان ڪري جڏهن واهه وهي ايندو هو تڏهن اسان کي يا ته هالن جي سرڪاري آفيس واري موريءَ کان ڦري وڃڻو پوندو هو جو پنڌ سجيهه ٿيندو هو. يا ته نارن جي سامهون واهه جي آرپار هڪ ڪاني رڪائي ويندي هئي، جا چڳيءَ طرح گهڙائي تختي وانگر سڌي ڪئي ويندي هئي ۽ واهه جي ٻنهي پاسن کان ايبون ڪاٺيون ڪوڙي تن ۾ هڪ نوڙ ٻڌو ويندو هو ته ڪانيءَ تان لنگهڻ مهل ان جو سهارو وٺي لنگهجي. هاري ناري خواهه اسين سڀ انهيءَ ڪاني جو استعمال ڪندا هواسين.

ان ڪانيءَ جي بلڪل لڳ آمن ۽ احمد مهاڻا واهه جي پيٽ جي ويڪر ۾ هڪ رُڄ هٽندا هوا جنهن ۾ مڇي جام مرندي هئي. رُڄ جو پاڻيءَ جي سطح کان واهه جي تري تائين لڳل هوندو هو. سو ترنڊڙ مڇي کي روڪ ڪندو هو ۽ مڇي مٿي ٽپ ڏيندي هئي ته ان مطلب سان مٿي جا جاري رڪائي ويندي هئي، ان ۾ ڦاسي پوندي هئي ۽ مڇيءَ ڦاسڻ جو هڪ عجيب تاثر ڏسڻ ۾ ايندو هو. اڪثر رڄ ۾ جرڪا، گنڊڻ، ڇيلري مڇي ۽ ڪڳا يا رڙا ڦاسندا هوا ۽ ميربحرن کي چڱو روزگار جڙندو هو. احمد مهاڻو، لٺيءَ جا لڪڻ سيخن وانگر گهڙي ان ۾ رڙا چيري سيخ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي چاڙهي پچائي اسان کي کارائيندو هو. تازا. ڏکڪندا رڱا پچڻ بعد نهايت لذيذ ٿيندا هوا. جن جي لذت اسان کي اڄ تائين نہ وسري آهي.

جمعي ۽ آچر ڏينهن، اسين ننڍا ٻار ضرور نارن تي ويندا هواسين. ڳاڏيءَ تي وهڻ ۾ نهايت لطف ايندو هو. نارن جو رينگٽ هڪ عجيب سرور پيدا ڪندو هو جنهن ڪري مون کي تہ ڳاڏيءَ تي اڪثر ننڊ اچڻ لڳندي هئي. ان ڪري چاچا سائين مون کي ڳاڏيءَ تي وهڻ کان منع ڪندو هو. مون کي ننڊي هوندي البتہ ٻاراڻي هرچر گهٽي هوندي هئي. هڪ دفعي ڪتر جي لانڊيءَ ۾ سانوڻ گاهہ مٿ ۾ جهلي، آڏيءَ تي رکي، ڪتر جي ڪهاڙيءَ سان جيئن ڪتر ڪرڻ جو شوق ٿي پليم، تيئن پنهنجي آڱر وڍي رکيم. هڪ طرف آڱر مان رت پئي ريلا ڪري وهيو تہ ٻئي پاسي چاچا سائين مون کي چڱي خاصي مار بہ ڪڍي.

اسان جي وهنجڻ لاءِ هڪ اڌ ۾ جتان پيون بہ بہ اڏون وهي ٿئي نڪتيون اتي چاچا مرحوم، اسانجي قدبت سارو هڪڙي ڪشادي کائي کٽائي جڏي هئي جتي ويهي وهنجندا هواسين. بهرحال چاچا مرحوم جي هر ڳالهہ تي پوري نظرداري ۽ چوڪسي هوندي هئي. ڪهڙا نہ اگوندرا ڏينهن هوا!! ٻاروتڻ ۽ معصوميت ڪهڙيون نہ عجيب نعمتون آهن!! وڏڙا ويچارا اسان جون حرڪتون ڏسي خوش پيا ٿيندا هوا ۽ دعائون گهرندا هوا تہ اسين شال وڏا پريا ٿيون. وڏڙن جي دعائن بيشڪ اثر ڪيو وڏي ڄمار بہ ملي، شاديون بہ ڪيونسين. عيال جي نعمت بہ نصيب ٿي. روزي بہ ڪشاده عطا ٿي، مگر ان سان گڏ عزيز و اقارب جي موتن جا صدما ۽ هن دارالمحن جي ٻين رنجن. فڪرن ۽ جهنجهٽن جو مقابلو بہ ڪرڻو پيو ۽ ڪڏهن ڪڏهن بي شڪر انسان جي زبان مان هي الفاظ بہ نڪرندا رهيا تہ:

مصيبت اور طول، زندگانی
بزرگوں کی دعا نے مار ڈالا

اسان جي ٻنيءَ ۾ سواءِ چانورن جي ٻيو هر قسم جو اناج پوکيو ويندو هو. چو تہ اسان جو شهر ۽ آسپاس واري جوءِ وچولي ۾ هئڻ ڪري، اتي ڪو بہ سارياال فصل ڪو نہ پوکبو هو. اسين چانوريا تہ ڍوري ناري مان گهرائيندا هواسين جي مخدوم صاحبن جا وڏا وڏا زميندار مريد هوندا هوا يا تہ لاڙ مان ڪورواهي چانور ڪجهہ موتيا ۽ ڪجهہ رتڙيا گهرائيندا هواسين. البتہ گهوگهاري جا سگداسي چانور مقامي طور خريد ڪندا هواسين. ربيع يا چيٽ ۾ ڪڻڪ ۽ خريف يا ڪتيءَ ۾ ٻاجهري، اڇي جوئر ۽ ڳاڙهي جوئر پوکيندا هواسين. جنهن مان چڱي اُپت ٿيندي هئي. خاص طور اُپت ڪپهہ جي فصل يعني ڦٽين مان ٿيندي هئي. جنهن جي پوک اناج جي نسبت وڌيڪ ڪئي ويندي هئي. مني ڳني جي ڪائڻ لاءِ ڪجهہ ٻارا ڪمانڊڙيءَ جا پوکيا ويندا هوا. باقي وونڻ پوکڻ تي خاص توجهہ ڏنو ويندو هو. هڪ تہ زمين پلي هوندي هئي ٻيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڱيءَ طرح ڪمايل هوندي هئي. تنهن ڪري اناج خواهه ڦٽين جا فصل بلڪل ڀلا ٿيندا هوا ۽ ڪٽي مان ڪاسو ٺي پوندو هو. گڏ ڪرڻ جو ڪم اڪثر مايون ڪنديون هيون ۽ لاباري ۽ ڦٽين جي چونڊي ۾ بہ اڪثريت ماين جي هوندي هئي. جڏهن پوک نسرندي هئي ۽ سنگن ۾ داڻا ڀربا هوا تڏهن پيها اَڏيا ويندا هوا ۽ منيءَ جا پنوڙا آٿي انهن مان ڳوڙها ناهي سڪائي ڪانياٽين ذريعي جهار هڪلڻ ۾ استعمال ڪبا هوا. ٻوڙي پکيءَ واري جهار البتہ اهنجيري هوندي هئي، جنهن کي ڊيڄاري ڀڄائڻ لاءِ ڪِتون نهرايون وينديون هيون. جن ۾ سڄادي جو پوڃڙ هوندو هو، جنهن مان اهڙو تہ نڪاءُ نڪرندو هو. جو سارو جهنگل ٻُري ويندو هو. ننڍي هوندي اسين پيهن تي وڃي ويهڻ کي گهڻو پسند ڪندا هواسين. اسان جي هارين مان هڪڙو ڪانياٽين وڻڻ جو ڏاڍو هوشيار هو. سو اسان کي ننڍڙيون ڪانياٽيون ناهي ڏيندو هو ۽ انهن لاءِ ننڍڙا گليلا بہ موجود ڪري ڏيندو هو تہ پلي وڏيري جا ٻار ڪانياٽين جو شوق ڪن.

جڏهن اناج جي پوک پچي راس ٿيندي هئي، تڏهن لابارن جا سعيا ٿيندا هوا ۽ ڪٽان ڪٽان جا لاهيارا اچي مڙندا هوا. سنگن جمع ڪرڻ لاءِ پٽُ اجو ڪري ٻاريون ۽ کرا تيار ڪيا ويندا هوا جتي اوطاق لاءِ لانڍيون ناهيون وينديون هيون. جن ۾ همراهہ حفاظت لاءِ رهايا ويندا هوا. هلرون ٻڌڻ وقت عجيب نظارو هوندو هو. هارين جي، هلر تي "هَلي مَلي" جي هونگار واقعي عجيب هئي. هلُرن جو ڪم پورو ٿيندو تہ اُن اجو ڪرڻ لاءِ وائرڻ جو دور شروع ٿيندو هو. خاص قسم جا وڏا ڇڄ جن کي گاگڙا چيو ويندو هو، تن جي ذريعي وائر شروع ٿيندي هئي. اَن هڪ طرف تہ تُهہ ٻئي طرف. انبار لڳي ويندا هوا. اَن گولائي ۾ ساٿاري رکيو ويندو هو ۽ چوڌاري ٺپو لڳايو ويندو هو. مبادا ٻار مان اَنُ چوري ٿي وڃي. جلد ئي اسان جو حجام، ڪنڀار، ڌوبي، واڍو، ۽ مڱڻهار جي اسان جا آهتي هوندا هوا. سي آهت وٺڻ لاءِ اچي سهڙندا هوا. اَن جي ماپ پاٿين ۽ ٽوين سان ڪئي ويندي هئي ۽ هي سيئي پنهنجو آهت وٺي کلي خوش ٿي دعائون ڪندا هوا. فقير فقري ۽ پير مرشد جو حصو ڪڍي ۽ پنهنجي ڪاڏي ۽ ٻج لاءِ اَن رکي، باقي اناج نيڪال ڪيو ويندو هو جو واٽيا ڏڙوائي. ٻارِ تي اچي توري تڪي ڳوٽيون ڀري سبي يا ٽنبيون هٽي ڪٽائي ويندا هوا.

ڦٽين جي چونڊي وقت، مايون جيترو چُونڊو ڪنديون هيون. ان جي حصہ رسد روڪڙن پئسن بدران ڦٽيون وٺنديون هيون جي شام جو ڪانيي ۾ وجهي پنهنجي ڪکن ڏانهن موٽنديون هيون ۽ روزانہ روز ائين ڪيو ويندو هو.

ڦٽين جا اڪثر ڪري ٽي چونڊا ٿيندا هوا ۽ دلفريب نظاروهوندو هو. جڏهن چونڊ ختم ٿي ڦٽيون ڪري تي گڏ ڪيون وينديون هيون. تڏهن انهن جا گراهڪ جي اڪثر هندو هوا. سي ڏڙواين، ڪانٽن، برڪين يا پنڊن سميت اچي منهن ڪڍندا هوا. اگهہ ٻارا اگيئي نبريل هوندا هوا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦٽين جي تور ۽ برڪين جو پرجڻ شروع ٿي ويندو هو. ڏڙواين جا آواز هي برڪت (برڪت) هي ٻه. هي ٽي وغيره ڏڙي ڏڙي تي سُريلا آواز هڪ عجيب و غريب نماءُ پيدا ڪري ڇڏيندا هوا. ڪتل ورهائي ويندي هئي جا سيپني چاهه چس سان کائيندا هوا.

چاچا مرحوم جڏهن پيدائش جي وڪري جا پئسا گهر ۾ آڻيندوهو. تڏهن چاندي جي رپين ۽ گينين جون ننڍڙيون ڪاريون پرجي ايندريون هيون. گينيءَ جي قيمت ان وقت منهنجي سانير موجب ۱۳ کان ۱۵ روپيه تائين هئي. الله تعالىٰ جي ڏنل نعمت جي فراوانيءَ ڪري هر هڪ فئمليءَ کي سونيون ساهيون ۽ ٻيا چانديءَ جا زيورات ميسر هوندا هوا ۽ ظاهر آهي ته روڪڙ ۽ زيورن جي حفاظت لاءِ دانشمنديءَ جي تقاضا هئي ته هڪ تجوڙي خريد ڪئي وڃي. لهاذا هڪ ڪافي ڳري تجوڙي ننڍي آدم مان خريد ڪئي وئي. اهو وقت اهڙو هو جو تجوڙيون ڪن جزوي ماڻهن وٽ هونديون هيون. اسانجي وڏن تجوڙي خريد ڪئي ته لامحالہ شهر ۾ چوبول ٿي ويو ته عرساڻين وٽ خزانن جا کوهه آهن "نظر بدور" ائين ته هرگز نه هو پر تڏهن به اسان کي شاهوڪارن جي دفعي ۾ شمار ڪيو ويندو هو. الله تبارڪ و تعالىٰ جا ڪروڙ احسان جنهن اسان جي جهولي پُر ڪري ڇڏي ۽ ٻسا اوقاف ته "شڪوه ڪوتاهي دامان" هوندو هو. بيشڪ رب کي جو ڏيهن جو ڏاتار آهي تنهن کي وڏي قدرت آهي.

قادرا قدرت تو داری هرچہ خواهی آن کنی
مرده راجاں بہ بخشی زنده را بیجاں کنی
شاه را تاج، ستانی آرزوئے نان کنی
هر گدائے راکہ خواهی آ زمان سلطان کنی

❑

باب ٽيون

سک جا ڏھاڙا

سچ چيو اٿن تہ "اتم کيتي، وڌندڙ واپار" مگر کيتي بہ اھا کپي جا "سر سيتي" ھجي. چاچا مرحوم ٻنيءَ مان سواءِ ڪپڙي جي، ٻي ھر ڪا ضرورت جي شيءِ حاصل ڪندو ھو. نارن جا ڏھاڙا ايندا ھوا تہ مَنھنَ جي مٿان ڪدو ۽ سنڌي ساين تورين جون وليون ڇانئجي وينديونِ ھيون ۽ انھن جي سبز پتن ۽ پيلن گلن سان مَنھنَ معطر ٿي ويندا ھوا. ڪدو جي ھر ھڪ قسم جو ٻج پوکيو ويندو ھو. کائڻ جا ڪدو، مير بحرن جي تُنبن لاءِ ڪدو، ڳائيندڙن جي يڪتارن لاءِ ڪدو، جوڳين جي مرلين لاءِ تُنبيون، سَتنامين ۽ سُوامين جي لوٽين لاءِ تنبيون. مطلب تہ گول ۽ ڊگھا ڪدو بڪثرت پوکيا ويندا ھوا. تورين مان ڪي ٻيجارن لاءِ ڇڏيون ينديون ھيون. جن جي خشڪ ٿي وڃڻ بعد انھن مان ٻج ڪڍي باقي ٿلھن کوکن مان گھوڙن جي صفائيءَ لاءِ کرکرا ٺاھيا ويندا ھوا. سستائيءَ جو زمانو ھو. ڪنھن کي کائڻ کان جھل پلَ ڪا نہ ھئي.

اڏن جي ڪَپرن سان پينديون لڳايون ويندیون ھيون ۽ وچ وچ ۾ چونرن جو ڦريون جن کي رانھان بہ چيو وڃي ٿو. تن جا ٻوٽا لڳايا ويندا ھوا جن مان خوب ڏو ڪندا ھواسين. اوڻي گوار جا تہ چند ٻارا وھڻ لاءِ خاص رکايا ويندا ھوا. باقي ڪاچڻ گوار جا کائڻ لاءِ مخصوص ھوندي ھئي، تن جا ٻوڙا اڪثر اڏن جي ڪپن سان لڳايا ويندا ھوا.

اسان جي ٻني ڏکڻ طرف کان علي گنج واھ وٽان نارن کان شروع ٿي. اُيرندي ۾ ڊپٽيءَ جي باغ، جانورن جي اسپتال ۽ منزل گاھ سان لڳو لڳ ھلندي ھئي ۽ الھندي طرف اسان جي ھُڙيءَ سان دنگ ھوندو ھوس. اُتر ۾ سندس پڇور ھو جو وڃي وِسُي وٽ ختم ٿيندو ھوءِ وسي جڏھن پربي ھئي، تڏھن ان جي اٿل سبب ڪنارن واري زمين سيراب ٿيندي ھئي. جنھن ۾ چاچا مرحوم آرائين جي پوک ڪندو ھو. آرائين ۾ گدرا، چاھيون، ونگا ۽ ميھا پوکيا ويندا ھوا. ٻنيءَ جو ھڪ ٽڪر خاص، پٽائي گجرن ۽ لاھوري گجرن لاءِ مخصوص ڪيو ويندو ھو. ھندو ھاري خاص طرح ياجين ۾ ٽماٽڪ پوکڻ ۾ ماھر سمجھيا ويندا ھوا. تنھن ڪري چاچا مرحوم انھن پوکن لاءِ سندن خدمتون حاصل ڪندو ھو. ياجين ۾ ساوا مرچ، واڱڻ، ٿوم، بصر، ميٿي، پالڪ، چوڪو ڏاٿا ۽ پن گوبيون ۽ ڦل گوبيون پوکايون ويندیون ھيون. ٽماٽڪ جڏھن تيار ٿيندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو تڏهن اهي ساڳيا واٽيا هاري ايندا هوا جي تماڪ وڍي، پن خشڪ ڪري پنهنجي انداز ۾ پنڊيون پريندا هوا. جي آراضيءَ جي طرف کان گهرايون ويندڙيون هيون. تماڪ مان اپت به چڱي ٿيندي هئي ۽ ڪمين ڪارين کي به چلم چڪڻ لاءِ ڏنو ويندو هو. ٻه ٽي پنڊيون ان مقصد سان خاص گهر ۾ استعمال لاءِ رکايون ويندڙيون هيون ۽ باقي تماڪ نيڪال ڪيو ويندو هو. ان وقت ۾ بيڙي چڪڻ جو رواج گهٽ هو ۽ جتي ڪٿي چلم نظر ايندي هئي. مهتن جي دڪانن تي، مسلمانن جي اوطاقن ۽ گهرن ۾ چلم جو چرچو هوندو هو. اسان جي گهر ۾ به بابا سائين ۽ چاچا محمّد موسيٰ چلم چڪيندا هوا. ازانسواءِ سوالي موالي به تماڪ جي ڳوٽي لاءِ سوال ڪندو هو، جنهن کي خالي نه ڇڏيو ويندو هو.

ٻاجهريءَ جو اَنُ ٻئي اَنَ کان گهٽو رکيو ويندو هو جو ته ان جي گهرج ٻئي اناج کان گهٽي پوندي هئي. گهوڙن جي داڻي ۽ مال جي ڪاڏي لاءِ ٻاجهري بهترين خوراڪ هوندي هئي. ٻاجهري جا ڪُهر رڌي مال کي کارايا ويندا هوا ۽ سارو سال ان لاءِ ٻاجهريءَ جي ضرورت پوندي هئي، ان وقت ڪڻڪ کائڻ جو ايترو رواج نه هو. وچولي ۾ جوئر ۽ اسان جي پٽَ ۾ ٻاجهري ٿي مکيه ان هو جنهن جو عام استعمال ٿيندو هو. هاري ۽ همراهه ته شڪايت ڪندا هوا ته ڪڻڪ مان سندن شڪم نه ٿو پلجي. کير مکڻ لسي ۽ ڏونرو فقط ٻاجهري جي مانيءَ سان مزو ڏئي ٿو. سياري جي موسم ۾ هالن جي ساري شهر ۾ صبح سويري ٻاجهريءَ جي رٻ رڌي ويندي هئي. چانهه کي ڪا به اهميت ڪا نه هئي چانهه فقط تڏهن استعمال ڪئي ويندي هئي، جڏهن ڪنهن کي تَڏ بخار ٿيندو هو جنهن لاءِ چانهه چپٽي ٽهڪندڙ پاڻيءَ ۾ وجهي بيمار کي جهنڊ ڪرائي اُٻ ڏني ويندي هئي. ٻيءَ صورت ۾ چانهه جو نالو به ڪو نه ورتو ويندو هو. ٻاجهريءَ جي رٻ ٻن طريقن سان ناهبي هئي. هڪ ڏاري جي رٻ ۽ ٻي ڪٽي جي رٻ. ٻاجهريءَ کي جنڊ ۾ ڏري، ڏارو ناهيو ويندو هو ۽ اکري مُهريءَ ۾ ڪُٽي، ڪُٽو ڪيو ويندو هو. ڪُٽي جي رٻ البت ڏاري جي رٻ کان وڌيڪ لذيذ ٿيندي هئي. خاص ڪري جڏهن ان ۾ مکڻ وجهبو هو. ٻاجهريءَ جي رٻ صبح جو سوير سيءَ ۾ نيرن به هوندي هئي ته چانهه جو به ڪم ڏيندي هئي سياري ۾ کني رڌڻ جو به رواج هوندو هو. چانورن وانگر، ٻاجهريءَ کي رڌي ان ۾ ڳائو گوشت وجهبو هو ته ٻاجهريءَ جو پلاءُ ٿي پوندو هو، جنهن کي عرف عام ۾ کني چوندا هوا ۽ نهايت لذيذ ٿيندي هئي. گهرن ۾ عام جام نيرن ٻاجهريءَ جي مانيءَ ۽ لسي مکڻ سان ڪرڻ ۾ ايندي هئي. اسان جي گهر ۾ نيرن جو دستور اهوئي هوندو هو. البت منجهند جي ماني ڪڻڪ جي پچائي ويندي هئي. ان وقت هالن ۾ ڪڻڪ جي ماني ٿورا ماڻهو کائيندا هوا. اسان جون مائرون حيدرآباد جون هيون تنهن ڪري گهر ۾ ڏڀڙ، اڦراٽا ۽ چلا پچايا ويندا هوا، ڳاڙهي ۽ اڇي جوئر مان اسين ڦلا به ٻوڳڙين کان نهرائيندا هواسين. ۽ ڳڙ ۾ ڦلن جا مٺيا ۽

ڳڙڏاٿيون به نهرائيندا هواسين. ڪڏهن ڪڏهن ذائقي وٽڻ خاطر جوئر جي ماني به پچائيندا هواسين جا ڪنهن به حالت ۾ ٻاجهريءَ کان گهٽ نه هوندي هئي. چانورن جون ڪيون بچنديون هيون سي پيهائي ان مان به مانيون پچايون وينديون هيون. خاص طور چانورن جا چلا نهايت خوش ذائقي ٿيندا هوا. ازانسواءِ سانئون پنهنجو ٿيندو هو. جنهن مان ڪڏهن ڪڏهن ماني به پچائي ويندي هئي نه ته اڪثر ڪري سائين جي ڏاري ۾ مناٽ وجهي ٻاٽ ٺاهيو ويندو هو جو ڪيرٺيءَ جي لذت بخشيندو هو.

المقصد ته قدرتي کاڌا جهڙوڪ اناج، ڪير، مکڻ، ڏڌ ۽ ڀاجيون وغيره استعمال ٿيندا هوا. موجوده دور جا شهري مصنوعي کاڌا جن عوام جا معدا ڪمزور ڪري ڇڏيا اهن. تن جو ورلي ڪو استعمال ٿيندو هو. البته انبڙي جو سانڌاڻو (آچار) عام طرح غريب ماڻهو سنڌيندا هوا ۽ ڳنڍڻ بدران، ماني سانڌاڻي سان کائي ويلو پاري ويندا هوا. اسان جي گهر رزق جي فراواني ۽ سڀ شيون پنهنجون هئڻ ڪري ڪدو، ميهن، پتائي گجرن، بصر، ساون مرچن، ليمن، گوار، ڏونرن، موري، گوگڙن ۽ سرنهن جي ڳنرن جي سانڌاڻي جون وڏيون وڏيون چاڏيون، برنيون ۽ مرتبان ڏسڻ ۾ ايندا هوا. انبڙين مان تيل جو آچار، سرڪي جو آچار ۽ چٽڻي ۽ مربو ٺاهيو ويندو هو. ٻانهي کي ڪهڙي قدرت آهي جو الله تبارڪ و تعالیٰ جي بي پايان نعمتن جو ويهي وستار ڪري!!

چاچا مرحوم ڪنهن ڪنهن سال باغ به مقاطعي تي ڪندو هو. پوءِ ته انب، سنڌي ڏاڙهون، ليما، زيتون، صوفي بير اسان جي گهر ۾ انبار لڳي ويندا هوا. مخدوم صاحب جن جي هالن شهر ۾ به عمدا باغ هوندا هوا هڪ اوريون يا پراڻو باغ ۽ ٻيو پريون يا نئون باغ. پراڻو باغ ته بلڪل تعلقي آفيس جي پريان هو. جنهنجي ذڪر الهندينءَ ڪنڌ تي مخدوم صاحب جن جو هڪ ننڍو بنگلو نهيل به اسان ڏٺو. هينئر نه اتي بنگلو رهيو آهي نه باغ. باغ واري زمين تي آبادي ڪئي وڃي ٿي. ٻيو نئون باغ جو ٿورو پريرو هوندو هو. سو نهايت هڪ اعلیٰ درجي جو باغ هو. هن باغ ۾ چونڊ انبن جا وڻ پوکيل هوندا هوا. وڻ وڻ تي جدا جدا نالو رکيل هوندو هو. مثلاً جمون، سدا گلاب، مصري، پتاشو وغيره حقيقت به اها هئي ته جمون جنس جي انبن مان سواد به جمونءَ جو ايندو هو ۽ خوشبوءِ به جمون واري هوندي هئي. سدا گلاب کائبو هو عرق گلاب جي سڳنڌ ايندي هئي. هڪ انب جو وڻ هوندو هو. جنهن جا انب پال نه وجهبا هوا. ان جون انبڙيون ڪچيون ئي کائبيون هيون. جن کي ڪچ مٺي جون انبڙيون چئبو هو. ان سُڪار جي زماني ۾ جڏهن عام انبڙيون ٻن اڍائين آني اڍائي سير جڙنديون هيون. تڏهن به ڪچ مٺي هڪ هڪ انبڙيءَ جو ملهه به آنا هوندو هو. هنن انبڙين ۾ عجب اسرار رکيل هو. ڪچي انبڙي ۽ ڪتاڻ به لازم ملزوم ڳالهيون آهن. مگر هن انبڙيءَ ۾ ڪتاڻ برائي نام به ڪا نه هوندي هئي. کائبي هئي ته

گويا ناريل وارو سواد ايندو هو. مخدوم صاحب جن هن وڻ جون انبڙيون گهٽي انداز ۾ پنهنجي لاءِ مخصوص رکندا هوا ۽ دوستن احبابن کي سوکڙي طور ڏيندا هوا. هن باغ جي مقاطعي لاءِ تمام گهڻا شائق گراهڪ هوندا هوا ۽ بلڪل چڱي اگهه ۾ ويندو هو.

اسان جي گهر ۾ اسان جون مائرون نورالله مرقدها نهايت سنجيده سگهڙ ۽ ڀهڳڻ هيون. هو نهايت عمدا طِعام ۽ مٺايون به ٺاهينديون هيون. ڪڻڪ مان لپني ۽ مٺيون موٺيون ۽ ڏيتڙا، ڏاٿڻ جي مغز مان پنجيري ۽ چوڙي بنائينديون هيون، جنهن ۾ خوب مغزات پيل هوندا هوا. جي موسم سرما لاءِ معجون جو ڪم ڏينديون هيون. رمضان شريف جي ويجهڙائيءَ ۾ ڪڻڪ جو ميدو پيهائيو ويندو هو، جنهن مان سيون جڙنديون هيون. جي مايون رات جو ڪم ڪار کان فراغت بعد اچي گڏجي دلن جي پنيءَ تي چاڻا رکي هٿن سان ٺاهيندو هيون. ان وقت اجا پِسَين ٺاهڻ لاءِ هٿ جون مشينون رائج نه ٿيون هيون. پنهنجيءَ ڪڻڪ جو نشاستو آسن حلوائيءَ کان ڪڍايو ويندو هو، جنهنَ مان حلوي جا ٿالهه سچي گيهه ۾ ٺهرائيندا هواسين. ڏونگهين، ٻوهي چٽڻ ۽ ڪاڄن جو وڙو به گهر ۾ ٺاهيو ويندو هو. اڄ اهي ڪاڄا عنقا آهن. اهي مٺايون اسين ٻار، چارئي پهر پيا چرندا کائيندا هواسين. لاهوري گجرن کي کير ۾ رڌي سيرو بنايو ويندو. پنهنجي ڳٽن ۽ مينهن جي پس مان پِس جا ٿالهه ۽ برهيون بنايون وينديون هيون. مطلب ته ان قادر مطلق ۽ مهربان مولٰي جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن ۽ عنايتن جو اذڪار ڪري سگهبو!!

هر چيز جي فراواني هوندي هئي. ان پان پنهنجو، گيهه مکڻ پنهنجو، تيل تماڪ پنهنجو، ميوو ڀاڄي پنهنجي، وقت ياد ٿو اچي ته تصور ني نٿو ڪري سگهجي ته وري به ڪي اهڙا سک جا ڏهاڙا موٽي ايندا.

انَ جي اٺاٽ مون لاڙ جي پونن ۽ ٿر جي پٽن ۾ پنهنجي اکين ڏٺي آهي. اُوسر جا لمحا به ڏٺا اٿم ته سُڪار ۽ ساوڪ جا منظر به مشاهدو ڪيا اٿم. بارش نه هئڻ سبب سارو ملڪ ويران هوندو آهي جڻ ته رت جي بوءِ پيئي ايندي آهي. وري جڏهن مهر جا مينهن وسندا آهن، تڏهن اهي ساڳيون پيٽيون سبزه زار بنجي وينديون آهن. لاڙ جا پونا ۽ پٽن جا مَرُها ۽ ماٿاريون هڪ عظيم چراگاهه بنجي ويندا آهن. بيشڪ قادر ذوالجلال کانسواءِ ٻي ڪنهن کي قدرت آهي آهي جو مرده کي زنده ۽ زنده کي مرده ڪري سگهي!!

مون کي ياد آهي ته اسان جي ٻنيءَ مان جڏهن ڪرا ڪڄي ويندا هوا، ته ٻنيءَ واري ساري زمين جنهن تي ساوڪ ئي ساوڪ نظر ايندي هئي ۽ سائو گاهه ۽ ڪانا رقصان هوندا هوا سا پڙپانگ ڏسڻ ۾ ايندي هئي. بار تي تُهن جا ڍير لڳا پيا هوندا هوا، جن تي بنارن، داين ۽ اوڏن جا گڏهه بيٺل نظر ايندا هوا ۽ ڪورڻ وارا ونٽائيون وڍي ويندا هوا. ڪانا وڃي ڏنين ۾ جمع ٿيندا هوا، اور جا گاهه به پنهنجو دؤر ختم ڪري لڪُ لنگهائي ويندو هو. زمين ونٽائين ۽ ڪانن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪُتين سان لبريز هوندي هئي.خود رُو وليون ۽ جهنگلي ٻوٽا سڪي ٺوٺ ٿي ويندا هوا. ڇيڙن ۽ ٽوهن جون وليون جوين ڏيکاري فنا ٿي وينديون هيون. باقي ڪي ڪانڊيرا ۽ اڪ وڃي بچندا هوا جي اُنهي ساريءَ بهاريءَ تي ماتم ڪندا نظر ايندا هوا. جهن مهينن جي رونق فقط هڪ مهيني ۾ بي نام و نشان رهجي ويندي هئي. "هو الباقي لايزال"

خدا رابقاءَ و خدا رابقا دگر هرچه بيني فنا در فنا.

ان زماني ۾ ٻنراجن جو پاڻي ڪو نہ هو. جنهن جا وارا ٻڌل هجن ۽ وارن ۾ ماڊيولن تان لئيون لڳن بلڪ خون بہ ٿين. الله تعاليٰ جو آل جال پاڻي سڀڪو پنهنجي ٻوڪ ڪي پنهنجي گهرج مطابق پياري پچائي راس ڪندو هو ۽ سال جا باقي ڇهہ مهينا گهر وڃي الوليون ڪندو هو ۽ پنهنجي رب کي ياد ڪندو هو. ۽ سندس ڏنل رزق جا شڪرانا ڪندو هو. هينئر تہ بہ ٽي فصل ٿين ٿا ۽ ٻارهن ئي مهينا هڻ هٿا لڳي پيئي آهي، پوءِ بہ بي شڪريءَ جو صدائون هر طرف ڪان ٻڌڻ ۾ ايندڀون رهن ٿيون.

پنهنجي حسب ۽ نسب جاڻائڻ ڪانپوءِ مون پنهنجي خاندان جي سربلنديءَ واريون حالتون ان ڪري بيان ڪيون آهن تہ پڙهندڙن تي واضح ٿي وڃي تہ ڪهڙي پس منظر ۽ ماحول ۾ منهنجو جنم ٿيو. اهي چند صفحا جي مون انهيءَ سلسلي ۾ لکيا آهن. سچ پچ تہ انهن کي جيڪڏهن پوريءَ وضاحت سان لکان تہ هڪ مهاڀارت ٺهي پوي ۽ مان نٿو سمجهان تہ ناظرين ڪرام چاڪاڻ هن هيچمندان، حقير، پُر تفصير جي سوانح جون ايترڀون مقالون ويهي پڙهڻ ۾ وقت ضايع ڪن. آخر منهنجي حالت مطالع ڪرڻ مان سندن ڪهڙو ڪاج سرندو!!

هتي هي بہ اکر لکڻ ضروري سمجهان ٿو تہ منهنجو والد مرحوم ۽ سندس ڀائر منهنجا چاچا، اهو سارو سک جو زمانو پاڻ ۾ گڏ هوندا هوا ڪُني پاٽ هڪ هوندي هين. ڪاڏو زڏبو هو تہ سيني لاءِ هڪ جهڙو، چوڙ لاءِ ڪپڙو ورتو ويندو هو تہ سيني لاءِ هڪ جهڙو، مطلب تہ هالن نَون جي شهر ۾ خواهہ آسپاس، اسان جي مائٽن جو اتحاد بينظير ۽ ضرب المثل هوندو هو. جيستائين سندن ڪارخانو گڏ رهيو، تيستائين هرڳالهہ ۾ ڪاميابيءَ سندن قدم چميا ۽ سندن رزق ۾ نت نيون برڪتون نازل ٿينديون رهيون. چيو اٿن تہ:

ز اتفاق، مگس شهد مي شود پيدا،

خداچہ لذت شيرين در اتفاق نهاد.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب چوٿون

منهنجو جنم

ڄمر ۽ موت ٻئي ڳالهيون هڪ جهڙيون فطري آهن. جيڪو نڪر گهڙيو اهو سو ضرور ڀڄندو. ليڪن انساني فطرت آهي، ته جڏهن ڪو به انسان اولاد جي نعمت کان سرفراز ٿئي ٿو. تڏهن هو خوشيون ڪري ٿو ۽ جڏهن ڪو رشتيدار موت جي عقابي چنبي ۾ اچي هنن کان هميشه لاءِ جدا ٿي وڃي ٿو. تڏهن هو حسرت جا ڳوڙها ڳاڙهي ٿو. برخلاف ان جي جو جڏهن ڪو انسان جو ٻار تولد ٿئي ٿو ته هو هن دنيا ۾ رئندو اچي ٿو ۽ سندس عزيز خويش کلندا رهن ٿا ۽ جڏهن دنيا کان موڪلائي ٿو ته پاڻ ان پالڻهار کي کلندو موٽي ٿو ۽ پنهنجي رشتيدارن کي روئندو ڇڏي ٿو. سڳوري سعدي عليه فرمايو آهي ته

ياد داری کہ وقت زادن تو همہ خنداں بوند و تو گریان
انچنان زی کہ وقت مردن تو همہ گریان بوند و تو خندان

بهرحال انسان ويچارو خلقت ۾ ضعيف آهي ۽ هو ويچارو اولاد جي نعمت کان بهرو ٿئي ٿو ته کيس ضرور خوشي ٿئي ٿي ۽ ۽ ان جي فرقت سندس قوت برداشت کي زيرو زبر ڪريو وجهي ۽ هو ڳوڙها ڳاڙڻ تي مجبور ٿي وڃي ٿو. ڄمر جو نمونو الله تبارڪ و تعالىٰ هڪڙو ئي خلقيو آهي. هر هڪ انسان ساڳئي طريقي سان پيءُ جي پٺ ۽ ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿئي، ليڪن موت جا نمونا الله تعالىٰ مختلف طريقن جا پيدا ڪيا آهن.' انسان جي موت جي جاءِ ۽ نمونو فقط انهيءَ باري تعالىٰ جي مشيت ۾ لڪيل آهي. انسان بيمار ٿي مري، حادثاتي موت مري، سفر ۾ مري، حضر ۾ مري، پاڻيءَ ۾ مري يا هوا ۾ وفات پائي، اهو راز فقط انهيءَ رازدان حقيقيءَ کي معلوم آهي. موت جي حقيقت انسان کان هر حال ۾ قدرت مخفي رکي آهي، ورنه هيءَ ٻه پيرو اُيو ۽ ڪار مٿو انسان هوند موت کان بچڻ لاءِ به گهٽيئي ڪي تدبيرون سوچي، غالب مرحوم فرمايو آهي ته:

موت نے کردیا لاچار وگر نہ انسان،
ھے وہ خود بین کہ خدا کا بھي نہ قائل ھوتا!

مون ذڪر ڪيو ٿئي، ته ٻار جو ڄمر مائٽن لاءِ هزارين خوشيون ۽ ڪروڙين اميدون کڻي اچي ٿو. غريب هجي توڙي امير، اولاد، خصوصاً پٽ پيدا ٿيڻ تي گهڻو ئي خوش ٿئي ٿو. انهيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪليہ قاعدي موجب جڏهن راقم الحروف ڄائو تڏهن بہ ابي امان ۽ عزيزواقارب تمام خوشيون ڪيون ۽ هڪٻئي کي مبارڪون ڏيڻ لڳا. دستور موجب کنڊ جون ڳوٿيون خريد ڪيون ويون. آئي ويئي زال زنب، ٻار ٻچي ۾ ٻُڪ کنڊ جا تقسيم ڪيا ويا. لنگها آيا، خشڪي فقير آيا، دهل ۽ شرنايون وڄيون. فقير فقرو، غريب غربو پنهنجي قسمت وٺي ويو. ڍوئڻا ملندا رهيا. دايون مايون پنهنجا لاڳ وٺي دعائون ڪرڻ لڳيون. ڇنيون ٿيون، منڻ ٿيا، جهنڊون لٿيون، عقيقہ ٿيا، بهر صورت دستوري رسومات سڀ بجا آنديون ويون. هالن نون جي قديم مردم خيز خطي، منجهہ عيسوي سنہ جي تاريخ ١٧ سيپٽمبر ١٩٠٦، صبح جو فجر نماز وقت بروز خميس، عرساڻي قبيلي ۾ هڪ خاڪي پتلو، پنهنجي فاني جسم ۾ روح وٺي، هن دنيا دنيءَ ۾ پيدا ٿيو.

بابا مرحوم مون کي هنج ۾ کڻي ڪنن ۾ ٽي ٽي دفعا بانگون ڏيئي منهنجو نالو محمد اسماعيل رکيو. اهڙي طرح عرساڻي خاندان ۾ هڪ نومولود جو اضافو ٿيو.

ان وقت ۾ نہ تہ ڪي ويم گهر هوا ۽ نڪي ڊاڪٽرياڻيون ۽ نرسون هيون. سنڌي دايون ويچاريون هونديون هيون جي پنهنجي ڪم ۾ ڪافي مهارت رکنديون هيون ۽ ويايل عورت جي خاصي خدمت ڪنديون هيون. سوئانجي جو سارو وقت آڊ مک ۽ ڦڪيون سُتيون ڪنديون هيون. سوئانجي واريءَ عورت کي هيٺ پاٿاري ناهي ڏينديون هيون ۽ موجوده وقت وانگر کٽ تي نہ سمهاريو ويندو هو. نوزائيده ٻار کي بہ ماءُ پنهنجي پير ۾ هڪ منجيءَ تي رلڪن ۽ تنجڻن ۾ پنهنجي پاسي ۾ سمهارينديون هئي، ۽ منهن رکٽي يا ڪوناري سيرانديءَ کان ڏيئي مٿان شبنم يا سنهي ململ جو ڪپڙو وجهي ڇڏبو هو، تہ ٻار تي ڪا مک نہ ويهي ٻار پُراطمينان ۽ سڪون سان آرام ڪري اهو دستور اڄ بہ هلندو ٿو اچي. ٻار کي روزانہ صبح جو دائي اچي آڊيندي مکيندي هئي. ٻار جي مٿي وهارڻ لاءِ وڏو جتن ڪيو ويندو هو، جو تہ سنڌ ۾ ناريلي مٿو پسند نہ ڪيو ويندو آهي. گرائيپ واٽر ۽ فوڊ پيارڻ جو نام و نشان بہ ڪو نہ هو. ماءُ جي ٿڃ بيشڪ امرت رس آهي. ان کان وڌيڪ ٻيو ڪو بہ فوڊ قوت بخش ٿي نٿو سگهي. اهوئي سبب آهي جو اڍائي سال عمر تائين جيڪڏهن ماءُ جي ٿڃ سگهي نہ وڃي آهي تہ مٿس وڏو حق آهي تہ ٻار کي ٿڃ ڏيندي رهي. اهو فقہ جو هڪ صحيح مسئلو آهي.

مکڻ جو ڏکو ٻار کي کارايو ويندو هو. ۽ ان ۾ مناڻ يا ڦڪي ملائي ويندي هئي، جا جوهر جي نڪين، ڦوٽن ۽ مصريءَ کي ڪٽي ڇاڻي ميدي جهڙي ڪري رکبي هئي. بهرحال والدين جيڪي پنهنجي ٻچڙي جي سک آرام، تندرستي ۽ سلامتي لاءِ احتياط وٺندا آهن، سي سيئي ورتا ويندا هوا.

هتي هڪ ڳالهہ لکڻ ضروري ٿو سمجهان تہ منهنجو چاچو حافظ شفيع محمد جو قرآن پاڪ جو حافظ هو ۽ سندس حافظو نهايت قوي هو. سو چوندو هو تہ مان سيپٽمبر ۾ نہ، پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فيبروريءَ ۾ ڄائو هوس ۽ منهنجي عمر جي تاريخ اسڪول ماسترن داخلا جي عمر پنج سال ڏيکارڻ لاءِ انڪل روءِ غلط لکي ڇڏي آهي. والله اعلم باالصواب.

رفته رفته خوشيون ٿي پوريون ٿيون. جنهن روح کي دنيا ۾ اچڻو هو، سو اچي چڪو. هاڻي هن دارالمحن جي ڪشمڪش شروع ٿي. اسان جي گهر اتر ڏکڻ جي سمت تي نهيل هو. منجهس هڪ ٻدرو هو. ان جي اڳيان هڪ ڪشادو ڪليل صفو ڇڇهريءَ سان هو ۽ ان جي اڳيان وڏو صحن يا اڱڻ هوندو هو جنهن ۾ پُني (بيت الخلا) ويڙهو (غسل خانه) ۽ رنڌڻو (بورچيخانه) هوندا هوا. منهنجي پيدائش ٻدري ۾ ٿي. ٻدري خواه صفي جون ڇتيون نم جي ڪامن ۽ ڪرڙ جي پٽين سان جڙيل هيون. جاءِ ڪافي ڪهني هئي. ڇتيون سڀ ڪچين سرن جون هيون. اجا آءٌ هفتي کن جو مس هوس ته هڪ ڏينهن ٻن پهرن (منجهند) جي وقت اوچتو ئي اوچتو منهنجي مٿان جا ڇت جي ڪامر هئي، سا ڏکڻ طرف منهنجي ۽ امڙ جي پيرانديءَ کان نڪاءُ ڏيئي پٽ سان گسڪندي اچي هيٺ پيئي چوندا آهن ته مارڻ واري کان بچائڻ وارو ويجهو آهي. حقيقت ۾ مارڻ ۽ بچائڻ وارو ساڳيو ئي الله پاڄهارو آهي. اها ڪامر اتر ۾ پٽ سان لڳي بيني هئي. ڏکڻ واري ڇيڙي زمين تي اچي ڦهڪو ڪيو ۽ هڪ مثلث يا ٽڪندي جي صورت ۾ بيهي رهي. مٽي ۽ ڪک ڪريا مگر اهي به ٿوري انداز ۾! سڄي گهر ۾ هيجان مچي ويو. ڏُک ڊوڙ پنجي ويئي. مون کي ۽ امڙ کي صحيح سلامت ٻاهر ڪڍيو ويو. الله تبارڪ و تعالىٰ جا شڪرانا ۽ حمد بجاءِ آندا ويا. جانچ ڪرڻ تي ڏسڻ ۾ آيو ته ڪامر جي ڏاکڻين ڇيڙي جو فقط اهو ٽڪر جو پٽ ۾ اندر هو، سو سڙي ويو هو ۽ ڪامر بلڪل ڇت وٽان ٽٽي، ڇت تان گسڪي ائين اچي زمين تي بيهي رهي گويا ڪنهن هٿ سان لاهي هيٺ رکي هجي. بيشڪ هي هڪ معجزو هو. ائين پني پانيون، ڄڻ خداوند قدوس جي ملائڪن جو ڪارنامو هو. خير خيرات ڪئي ويئي ۽ الله جي ذات عالي صفات جي ڪرم ورحم ۾ ايمان پختو ۽ تازو ٿيو.

حمد بي حد مر خدائي پاک را،

آنکہ ايمان داد مشت خاک را.

اسان جي پاڙي ڇاڇا جي گهر ڪئي ويئي ۽ جاءِ کي فوراً درست ڪرايو ويو. هن دنيا ۾ اچڻ ڪانپوءِ جن ڳاٽيني کان ٻاهر ڏکن ۽ ڏوجهرن جو مقابلو ڪرڻو پوي ٿو. تن مان فقط هيءُ پهريون رونشو هو. الله تعالىٰ بجاءُ ڪيو جو ڪروڙين سجدن جو سزاوار آهي.

سجدا سجود توکي جڳائن هزار يار،

تون رب تون رحيم تون قادر تون ڪردگار.

والدين پنهنجي ٻچن لاءِ جيڪي تڪليفون وٺن ٿا ته تن جي عيوض قرآن پاڪ ۾ الله تبارڪ و تعالىٰ اسان کي سيکاري ٿو ته انهيءَ طرح دعا گهرندا ڪريو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت چورن وانگر چرندو رهي ٿو. ڏينهن مان مهنا، مهينن مان سال هڪبئي تي ضرب ٿيندا هلندا ٿا هلن. مگر غافل انسانن کي ڪجهه پتو ڪو نه ٿو پوي ته عمر ڪيئن ٿي گذري.
ڪتابن ۾ هڪ نظم پڙهندا هواسين، جنهن جو عنوان هو "وقت چوي آءُ بادشاهه."

چورن وانگي آءُ چران سمجهو ڪي سمجهن،
پلڪن مان پهر ٿي، ڏينهڙا ٿا گذرن،
لنگهيو ورهيه وڃن، پاڻهي پوندا پيش مون!

اڄ ننڍو سيان وڏو، اڄا پنجن مهنن جو مس ٿيس ته منهنجي پياري امڙ بيمار ٿي پئي، ۽ منهنجي ٿڃ جو مسئلو پيدا ٿيو. اسان جو پاڙو عارباڻي پاڙو سڏبو هو ۽ عارباڻي سڀ ذات جا ميمڻ هوا. هنن عارباڻين جي قبيلي ۾ هڪ بزرگ پاڃهوءَ نالي رهندو هو، جنهن کي سڄو پاڙو چاچا پاڃهوءَ جي نالي سان سڏيندو هو. هُو ويچارو ڪورڪو ڏنڊو ڪندو هو. عيال وڏو هوس، ان ڪري سڄي پاڙي ۾ هن کان وڌيڪ ڪو به بيو غريب ڪو نه هو. سندس گهرواري هڪ نهايت سنجيده عورت هئي. اسان جي گهر ۾ اڪثر و بيشتر سندس اچڻ ٿيندو هو. سيئي ڪيس ماسي چتل چوندا هوا. منهنجي ڄمڻ کان ٢_٣ مهينا اڳ ڪيس هڪ پٽ يعقوب نالي ڄائو هو. جو پڻ ان وقت ٿڻن تي هو. امڙ جي بيماري سبب هن مون کي پنهنجي گود ۾ ورتو ۽ ٿڃ پيارڻ شروع ڪئي. سندن گهر اسان جي گهر کان فقط ٢٠_ ٢٥ قدمَن تي هو. رات جو ڪنهن به وقت.هڪ دفعو يا پنج دفعا، جنهن وقت به مان روئندو هوس ته بابا مرحوم ماسي مرحومه کي سڏي ايندو هو ۽ وڏي خوشي سان هلي ايندي هئي ۽ مون کي ٿڃ پياري ڏءُ ڪرائي ويندي هئي. ان طرح ڏينهن جو به جنهن وقت ڪيس سڏ ڪبو هو، ان وقت خُوش خوش هلي ايندي هئي. هن منهنجي رضائي ماءَ مون کي جيئن جو تيئن کير پياريو ۽ امڙ جي بيمار هئڻ سبب ڪا به لکا وجهڻ ڪا نه ڏني. امڙ مرحومه به فضل ايزد تبارڪ تعالٰي بلڪل تندرست ٿي، مگر ٿڃ سڪي ويئي تنهن ڪري مان گهڻو تڏو هن پنهنجي رضاعي ماءُ جي کير تي پليس. بابا ۽ امان سندس گهڻي سارسنڀال لهندا هوا ۽ ائين سمجهڻ ۾ ايندو هو ته گويا اسان جي گهر جي ڀاتياڻي آهي.

هالن نون کان ٻن ميلن مفاصلي تي ۽ هالن پراڻن جي بلڪل نزديڪيءَ ۾ ٻيلي جي پرتي پڇا قوم جا ماڻهو رهندا هوا جي مالدار هوندا هوا، ۽ سندن گذر کير مکڻ ۽ ڏڌ وڪڻڻ تي هوندو هو. شام جو مرد ماڻهو کير جا ساڙها پري هالن جي مارڪيٽ ۾ وڪڻڻ ايندا هوا ۽ ڏينهن جو سندن قوم جون مايون چاڏيون ڏڌ مکڻ جون ڪڻي شهر جي جدا جدا پاڙن ۾ ورڇجي وينديون هيون. اسان جي ڳوٺ ۾ مرحومه مائي بچي ڏوڌياڻي ايندي هئي. هن کي به خيرو نالي هڪ پٽڙو ٿڻن تي هوندو هو جو قريب قريب منهنجي عمر جيترو ئي هو. چاڪاڻ ته ڏوڌياڻين کي گهڻو ڪري سڄو ڏينهن شهر ۾ لڳي ويندو هو ۽ شام جو ڳوٺ موٽنديون هيون. ان مائي بچي

پنهنجي پٽڙي خيروءَ کي ساڻ کڻي ايندي هئي. پچا قوم جا ماڻهو مخدوم صاحبن جا مريد هوا. ۽ بابا مرحوم مخدوم صاحب جو عام مختيار هو. ان ڪري بابا جو گهڻو ادب ڪندا هوا ۽ جونا مونا فيصلا به بابا کان ڪرائيندا هوا. ماڻهو مالدار ۽ پورهيتي مگر عقل جا بلڪل سادا هوندا هوا. هنن جي سادگيءَ جون هالن ۾ ڪيترين ئي ڪهاڻيون زبان زد خلايق آهن. جي مان هتي طوالت جي سبب ضروري نٿو سمجهان. مائي بچي پنهنجي پٽ خيروءَ کي اسان جي گهر پينگهي ۾ سمهاري پنهنجو ڏڌ مکڻ وڪڻندي هئي. پار روئندو هو ته ڪيس اطلاع ڪبو هو ۽ هوءَ هڪدم هلي ايندي هئي. مائي بچي جڏهن پنهنجي پٽ خيروءَ کي ٿڃ ڏيندي هئي ته مون کي به زوري هنج ۾ کڻي ٿڃ پياري ڇڏيندي هئي. اهڙي طرح هن مرحومه به مون کي ڪافي وقت ٿڃ پياري. منهنجي ٽين رضاعي ماءُ مرحوم قاضي يار محمد جي اهليه محترمه هئي. قاضي يار محمد مرحوم هڪ ماهر حڪيم هو ۽ بابا مرحوم جو گهاٽو دوست هو ۽ سندس اهليه امان مرحومه جي گهاٽي ساهيڙي هئي. قاضي يار محمد جي پٽ عبدالواحد سان گڏ مون سندس والده جي ٿڃ پيتي. اهڙيءَ طرح منهنجي ٿڃ جو قدرت جي طرفان انتظام ٿيندو رهيو ۽ ايستائين هليو جيستائين مون کي ٿڃ ڇڏائي وئي.

مٿي ذڪر ڪيل بيان مان ظاهر ٿيندو ته منهنجا ٿڃ شريڪ ڀائر ٽي هوا: (۱) محمد يعقوب (۲) خير محمد يا خيرو (۳) قاضي عبدالواحد. پهريون ڀاءُ وڏي هوندي مزدوري ڪندو هو ۽ اهڙو ته پهلوان هو جو اڌائي مٽي ڳوڻ کي ڀاڪر وجهي کڻي ڪلهي تي رکندو هو. جوانيءَ ۾ ئي هن کي چرش جي نشي جي بري عادت پئي ۽ تقريباً ۳۵ ـ ۳٦ ورهين جي ڄمار ۾ ڪمزور ٿي وفات ڪيائين. عام طرح کيس ملنگ سڏيندا هوا.

ٻيو ڀاءُ خيرو پچو هڪ وڏو ڪانڊڪو ۽ چور ثابت ٿيو ۽ مال جي چوري ڪندو هو. هن پار جون مينهون ڪاهي درياءَ جي هن پار ويندو هو. ۽ هُن پار جون هن پار هالن جي پٽ ۾. هن جهڙو ناميارو مال جو چور ٻيو ڪو ورلي ٿيو. به چار گهمرا ٽيپون ڪاٽيائين ۽ آخر اهو به تقريباً سا ٺ جي عمر ۾ وفات ڪري ويو. ٽيون ڀاءُ قاضي عبدالواحد پرائمري ماستر هو جو پڇاڙيءَ ۾ هالن جي پرائمري اسڪول جو هيڊ ماستر ٿيو ۽ رٽائرڊ ڪرڻ بعد ٿورا سال ٿيا ته گذاري ويو. انالله وانا اليه راجعون. هن وقت نه ته ڪا منهنجي رضاعي مائرن مان حيات آهي نه ڪو ڀائرن مان جيئرو آهي. الله تعاليٰ کين مغفرت ڪري. آمين!

بهرڪيف ٿڃ جون ٿڦڙون ڪاني ڪاني ڪڍُ جا ڪشت ڪاني ڪاني (جا ننڍي هوندي گهڻي هوندي هيم) در در تان قوتُ حاصل ڪري آخر اچي وڏيرڙو ٿيس. چنن سالن جي ڄمار کي پهتس ته ڏاڏا مرحوم جي وفات جي سانير فقط ايتري آهي ته گهر ۾ ڀاڙي جون زالون ۽ ٻاهر اوطاق ۾ مرد فاتحه لاءِ پئي آيا ۽ ٻڌم پئي ته ڏاڏا حج تو وجي. "سبحان الله وبحمده" دنيا ۾

اڪيلو ۽ يتيم ڏاڏا سائين. پنهنجي پنيان هڪ پورو خاندان ڇڏي ان باري تعاليٰ عزاسمهٗ جي سڏ کي لبيڪ چئي سڀني کان مرڪندو موڪلائي ويو. اناﷲوانا اليه راجعون.

لازم هے هر بشر کو خيال قضا رهے
هم کيا رهينگے جب نہ رسوَل خدا رهے

ڏاڏي مرحوم کي گذرڻي اڃا ٦ ـ ٨ مهينا مس ٿيا هوا تہ هالن ۾ مائي (ماتا) جي هولناڪ مرض پنهنجي پوري زور سان منهن ڪڍيو. جون ٿا تہ ان سال جهڙي زبردست ماتا هالن ۾ ان کان اڳ ڪڏهن بہ نہ پئي هئي. هن موذي مرض جو وارسجي شهر ۾ پهريائين مون تي ٿيو ۽ پوءِ تہ برندڙ باهہ وانگر مائي سڄي شهر کي وڪوڙي وئي. شهر ۾ اهڙو گهر ڪو نہ هو جتي مائيءَ منهن نہ ڪڍيو. خاص طور ننڍن ٻارن تي ني هن بيماريءَ جو حملو ٿيو ۽ ڪيترائي معصوم هن مرض جو لقمو ٿي جان بحق ٿي ويا. ٽن ڏينهن اندر سيٺرا وسي ويا ۽ منهنجي حالت بلڪل نازڪ ٿي وئي. بابا مرحوم لاڙڪاڻي ويل هو. ڪيسْ تار ڪئي وئي ۽ مرحوم لاڙڪاڻي مان پَسيءَ (ڪنجهي) جا وڻا ٽالهيون ۽ ٻيو سامان وٺي آيو ۽ ڪجهہ مينا تي چنيل گلاس ۽ سرهيدانيون بہ آندائين. جي بيماريءَ وارو سمورو عرصو منهنجي ونڊر جو سامان هيون. منهنجو بدن سڄو سيٺرن جي موتين سان جهنجهجي ويو. مگر اکين ۽ وات ۽ نڙي ۾ بہ بي انداز داڻا نڪري پيا. جن جي عذاب جو تاب نہ سهي وقتي بيهوش بہ ٿي ويندو هوس. ۽ مائٽن ۾ روج پئجي ويندو هو. ماتا جو ان وقت نہ ڪو علاج هو ۽ نہ علاج ڪيو ويندو هو. هندو عورتون گهرايون ونديون هيون جي واس ڌوپ ڪنديون هيون! ماتا کي راضي ڪرڻ جا هندوري ۾ ويهي ڀڄن يا گيت ڳائينديون هيون. الله رکي وٺي تہ ڪير ماري سگهي!! آخر ٺلڪي ٺلڪي هن شديد مشڪلات مان پار اُڪاريائين. مائي مڙڻ لڳي، ڪَرِيون ٻڌجڻ لڳيون. بدن جي چمڙي ۾ سيٽ ۽ باهہ شروع ٿي. سارو وقت مشغلو اهو هوندو هو تہ ڪچيون ڪرِيون پيو پٽي لاهيندو هوسَ. ان تان مائٽ سخت روڪيندا هوا. مگر مان روڪيو نہ روڪبو هوس. مجبور ٿي منهنجا هٿ ڪپڙي سان ٻڌي ڇڏيندا هوا. مان دانهون ڪندو هوس. روئندو هوس. مگر مون کي ڪرِيون پٽڻ کان باز رکڻ جو مائٽن وٽ اهو هڪڙو ئي طريقو بچيو هو. مائي مڙي تہ چندو لڳو. پاڙي جون مايون مبارڪون ڏيڻ لاءِ ايند يون هيون. ڪنهن جي ڳالهہ ڪهڙي، ڪنهن جي ڪهڙي سڀڪا پنهنجا پنهنجا تجربا ۽ چشم ديد حقيقتون بيان ڪندي هئي. مگر هڪ ڳالهہ ۾ سڀ متفق هونديون هيون تہ ڪچي ڪرِي جتان بہ لاٿي هجيم اُتي سرمون دٻي ڇڏيو. مائٽ چوندا هوا تہ خاندان جي سڀني ٻارن ۾ آءٌ پوري رنگ جو ڄائو هوس. مگر سيٺرن جي حملي مون کي پوري مان ڪٽڪ رنگو بنائي ڇڏيو. ڪجهہ سال منهن تي سيٺرن جا نشان رهيا چو تہ منهن جي چمڙي نرم ٿيندي آهي. پوءِ رفتہ رفتہ پوري رنگ هئڻ مان اهو فائدو ٿيو جو نشان بلڪل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مينجي ويا. هينئر ڪو بہ ڏسندڙ مشڪل سان تاڙي سگهندو هو تہ مون ڪي ڪا مائي (ماتا) نڪتل آهي. هن عمر تائين الله تبارڪ و تعاليٰ کي بچائتو هو. آخر عافيت ملي. بدن ۾ بہ ڳري رڪندا ٿي ويو هوس ۽ ڪيترا سال ڏبرو معلوم ٿيندو هوس چوندا آهن تہ ڏبري کي مچر گهٽو. ان جي مصداق اڪثر اگهو بہ رهندو هوس.

آخر ۾ عمر اچي پنجن سالن کي ويجهي ٿي. ان وقت جو دستور هوندو هو تہ پهريائين قرآن شريف ناظران پڙهائي ان بعد اسڪول ۾ ويهاريو ويندو هو. مون کان پهرين منهنجو وڏو ڀاءُ ۽ بہ سؤٽ خطاب (ختاب) ۾ ويهي چڪا هوا. خطاب در تي هو. بلڪل اسان جي گهر جي سامهون آخوند محمد جي زوجہ محترم آخونديائيءَ جو گهر هو ۽ اتي ٢٠ـ ٢٥ ٻار قرآن شريف پڙهندا هوا. آخونديائي مرحوم اڪيلي هوندي هئي، گهر جو ڪم ڪار بہ سندس سپرد هوندو هو ۽ پڙهائڻ جو بوجو بہ. مڙني سبني کي منهن ڏيندي هئي. سندس پڙهائي تمام پڪي پختي هوندي هئي. ٻار وڏي آواز سان پڙهندا ۽ ڪا بہ زير زبر جي چُڪ ڪندا هوا تہ پري کان ئي درست ڪندي هئي. ٻارن جي تعداد ۾ اڪثريت نياڻين جي هوندي هئي. فقط اسان جي ڪٽنب جا پٽ ٻار بہ پڙهائيندي هئي ۽ ٻيا نہ. هاڻي بسم الله ڪري مون کي خطاب ۾ ويهاريو ويو. بسم الله جي مٺائي ورهائي ويئي، ۽ تعليم جي ابتدا ٿي. پڙهڻ سان منهنجي دل بلڪل نہ لڳندي هئي. مڪتب کان گسائڻ ۽ نٽائڻ جا ڪئين حيلا بهانا تراش ڪندو هوس ۽ ڪهڙين مشڪلن سان پڙهيو هوم. ان جو ذڪر هن بعد پنهنجي تعليم جي عنوان هيٺ ايندو.

❑

منهنجي تعليم جي شروعات

اُن زماني ۾ عام رواج هوندو هو تہ اول سيکو مائٽ پنهنجي ٻارن کي قرآن پاڪ جي ناظران تعليم ڏياريندو هو ۽ ان بعد ابتدائي اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ وهاريندو هو. ان ڪري هر ڳچي آباد شهر، خواهہ ٻهراڙين ۾ مدرسا موجود هوندا هوا. اسان جي شهر هالن نون ۾ بہ ڪافي خٽاب هوندا هوا، جن ۾ ٻارن کي قرآن شريف جي تعليم ڏني ويندي هئي. هن ڪم لاءِ هر هڪ پرپور محلي ۾ آخونديائيون هونديون هيون جي پنهنجي گهرن ۾ ٻار پڙهائينديون هيون. ڇوڪرين کي اسڪولي تعليم اڪثر ڪري ڏياري نہ ويندي هئي ۽ انهن کي اسڪولن ۾ موڪلڻ وڏو عيب سمجهيو ويندو هو. اهوئي سبب هو جو نياڻين جا مڪتب ڇوڪرن جي مڪتبن کان گهٽا هوندا هوا، جن ۾ ڪجهہ ننڍڙا نينگر بہ پڙهايا ويندا هوا. البت وڏن ڇوڪرن لاءِ مسجدن ۾ پڙهائڻ جو انتظام هوندو هو. اسان جي شهر هالن ۾ اسان جي عارباڻي پاڙي، ڪڪن جي محلي، عالياڻي گهٽيءَ ۽ ٻين هنڌن تي نينگرين جا وڏا مڪتب هوندا هوا ۽ خليفي جي مسجد، ڪڪن جي مسجد ۽ قاضي سليم الدين مرحوم جي مڪتب ۾ انهن جو خاطر خواهہ بندوبست هوندو هو.

قرآن ناظران پڙهڻ بعد نياڻين کي ٻاب، نور نامو ۽ احد نامو پڙهايو ويندو هو ۽ ٿورو سنڌي لکڻ، پڙهڻ جي تعليم بہ ڏني ويندي هئي. ايتري تعليم بعد ڇوڪريون ڏهن ٻارهن سالن جي ڄمار کي پهچي وينديون هيون ۽ والدين انهن کي گهرن ۾ ويهاري ڇڏيندا هوا ۽ کين امور خانہ داريءَ جي تربيت ملندي هئي. ڇوڪرن کي والدين سنڌي اسڪول ۾ داخل ڪرائيندا هوا ۽ کي مائٽ اسڪولن ۾ موڪلڻ کان وڌيڪ انهن کي عربي مدرسن ۾ تعليم ڏيارڻ جو شوق رکندا هوا، جتي قرآن پاڪ جي حفظ ڪرائڻ جو بہ مڪمل بندوبست هوندو هو. مون کي ياد آهي تہ هالن نون ۾ اهڙو سال ڪو نہ هوندو هو جنهن ۾ هڪ يا ٻن قرآن جي حافظن جي حافظي نہ ٿيندي هئي جنهن بابت مدرسن ۾، جي مسجدين ۾ ني هوندا هوا. اتي مجلسون منعقد ڪيون وينديون هيون ۽ نئين حافظ کي رڪوع شريف پڙهايا ويندا هوا ۽ حافظ خواهہ استاد کي دستار ٻڌائي ويندي هئي ۽ شڪراني جي مٺائي ورهائي ويندي هئي. اهي شاگرد جي عربي پڙهندا هوا سي فارسي آمدنامہ دوايہ ڪريما کان شروع ڪندا هوا. هن طريقي کي درس نظامي

چئبو هو. هن طريقي ۾ ۱۴_ ۱۵ سال لڳي ويندا هوا. هينئر عربي طريقهٔ تعليم ۾ به ڪافي انقلاب آيل آهي. هالن شهر ۾ چوٿين پنجين سال هڪ اڌ طالب ضرور مولويت جي دستار فضيلت ٻڌندو هو. اهڙيءَ طرح عام مسلمانن جو خدا ۽ رسول ۽ ان جي دين متين ڏي گهڻو توجهه هوندو هو. قال الله و قال الرسول جو دور دورو ڪنن کي سيبائيندو هو. عربي مدرسا به هالن ۾ چڱا هوندا هوا، مولوي قاضي معين الدين، خليفو مولوي حاجي محمد، مولوي حافظ محمد اڪرم انصاري ۽ قاضي شهر مولوي شفيع محمد مجاور، درس تدريس جو سلسلو قائم رکيو ايندا هوا. هاڻي ته حالات دگرگون آهن. هينئر ٻارن کي سلام مسنون "السلام عليڪم" جي عيوض والدين "باءِ باءِ ٽاٽا" سيکارڻ ۾ فخر ڪن ٿا ۽ امان، بابا جي بدلي "ڊيڊي ۽ ممي" چونديءَ خوشي محسوس ڪن ٿا. چراغِ سفالين (نڪر جي ڏين ۽ بوريانشيني (تڏن تي ويهي) ڪنڌ ڌوڻي پڙهڻ تي تمسخر ڪن ٿا. حالانڪ انهن ڪنڌ ڌوڻيندڙن جيڪا تعليم ۱۴_ ۱۵ سالن اندر گڏوگڏ تصنيفات به ڪيون، اهي ڪتاب اڄ اسين ۱۵ سالن اندر هڪ به ڪماحقه پڙهي، سمجهي ۽ پرجهي نه ٿا سگهون. احياءَ علوم الدين جهڙو ڪتاب جو امام غزالي رحمت الله عليه لکيو جنهن لاءِ دانشورن جو قول آهي ته جيڪڏهن مذهب اسلام جا خدانخواسته سڀ ديني ڪتاب برباد ٿي وڃن ۽ فقط هڪ احيا العلوم بچي پوي ته هوند دين اسلام کي ڪو به نقصان نه پهچي، اهو ڪتاب جيتري عرصي ۾ امام صاحب تعليم وٺندي لکيو اوتري عرصي ۾ اڄ اسان جي زماني جا طالب فقط ان کي چڱيءَ طرح پڙهي به نٿا سگهن. بغداد مصر ۽ ايران جون دانش گاهون، اهي سڀ انهن نڪرن جي ڏينن ۽ زمين تي تڏن تي ويهي پڙهندڙن جا ڪارناما هوا، اهو وقت اهڙو هو، جو نه ته ڪي مدرسن جون فلڪ بوس عمارتون هيون ۽ نه اليڪٽرڪ جا قمقمه هوا. جيئن هن وقت بقعه نور بنيا وتن نه هوا اعليٰ درجا جا موجوده زماني وارا فرنيچر ۽ نه ٻين شعبن لاءِ اعليٰ انتظام. ماديت جو نام و نشان ڪو نه هو فقط روحانيت ڪارفرما هئي.

رسول پاڪ جي احڪام جي تابعداري هئي "اطلبوالعلم ولوڪان بالصين" تي عمل هو. علم جا پروانا ڪشان ڪشان سالها سال پيرين پنڌ ڪري پتنگن وانگر انهن دانش گاهن جي روشنيءَ جي گرد اچي جمع ٿيندا هوا جتي نه ڊائننگ ٽيبلون هيون ۽ نه نفيس ڪاڌا هوا. ڏڌ ماني تي گذر هو. شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه جهڙا بزرگ ڏڌ ماني ڪائي واريءَ تي ويهي، اسان جي لاءِ اهڙو ڪلام ڇڏي ويا، جنهن جا اڄ تائين تفسير لکيا پيا وڃن، شرحون ڪيون پيون وڃن، مگر هر مرحلن تي نيون نيون رمزون ۽ نوان نوان راز منڪشف ٿيندا ٿا رهن. بهر ڪيف آءٌ پنهنجي موضوع کان ٻاهر وڃي رهيو آهيان، مون کي ته فقط پنهنجي تعليم جي شروعات لکڻ مقصود آهي. هي چند سٽون تمهيداً لکي ويو آهيان جنهن لاءِ ناظرين اميد ته معاف فرمائيندا.

مون مٿي ذڪر ڪيو آهي ته اسان جي هالن واري گهر جي بلڪل آمهون سامهون، گهٽيءَ جي ٻئي پاسي، آخوندياڻي مرحومه جو گهر هو ۽ اسان جي خاندان جي ٻارن کي قرآن پڙهڻ جي انتهائي سهولت ميسر هئي. گويا پنهنجي ئي گهر ۾ قرآن پڙهڻ جو انتظام هو ۽ پري وڃڻو ڪو نه پوندو هو. مون کي ختاب ۾ وهاريو ويو. بسم الله ٿي. رواج موجب ختاب جي ٻارن کي گڙ جي ٿهري رڌي کارائي وئي. آخوندياڻي مرحومه وٽ قرآن پاڪ ناظران پڙهائڻ جو دستور اهو هوندو هو ته اول اول ٻارن کي قرآن پاڪ جي آخري سيپاري جي پوئين ايمي ياد پڙهائي ويندي هئي. پهرئين پاره جي سوره فاتح پڙهي پوءِ قل اعوذبرب الناس کان ٿي هلبو هو ۽ لم يڪن الذين تائين ياد پڙهايو ويندو هو. ان بعد ٽيهون سيپارو ڪٽايو ويندو هو ۽ باقاعده سيپاري تان پڙهائي شروع ڪئي ويندي هئي. هن سيپاري جي اختتام تي پنج سيپاري ڪٽائي ويندي هئي، جنهن ۾ ٢٦ کان ٣٠ سيپارا پورا ڪيا ويندا هوا. ان بعد قرآن پاڪ وٺايو ويندو هو جو ا ل م کان شروع ڪري ٢٥ پاره تائين هليو وڃبو هو. آخوندياڻيءَ جي پڙهائي بلڪل پڪي هوندي هئي. ڪن ذهين ٻارن کي ان طرح پڙهائيءَ ۾ ٻه سال کن لڳي ويندا هوا ورنه اڪثر نياڻيون ته ٽي يا ساڍا ٽي سال قرآن ختم ڪرڻ ۾ وٺي ويندي‌يون هيون.

پهرين ايمي ياد ڪرڻ تي استاد کي مٺائي ڏني ويندي هئي سيپاري پورو ڪرڻ تي رئو ڏنو ويندو هو. اڌ قرآن تي سڄو جوڙو ۽ سڄي قرآن پڄائڻ تي هڪ عمدو جوڙو مٺائي ۾ ڪجهه روڪڙ ڏني ويندي هئي. اهو هو غريب استادن جو معاوضو ۽ اهڃا هئي نيوشن في. قرآن ختم ڪرڻ بعد ڪم از ڪم ٻه دور ۽ وڌ ۾ وڌ ٽي دور قرآن پاڪ جا مڪتب ۾ پورا ڪرڻ لازمي هو جنهن بعد آخوندياڻيءَ کي مٺائي ڏيئي دعا وٺي موڪلائبو هو.

پهريائين ته مون مڪتب ۾ اچڻ ۾ ڏاڍي خوشي محسوس ڪئي پر پوءِ رفته رفته "ڪ عشق آسان نمود اول ولي افتاد مشڪلها" وارو معاملو ٿيو. مڪتب جون سختيون، ٺڦرون، ڇهڙون چمائون، چينيون، چمڪون، ڌٻون ۽ چنبا منهن ڪڍڻ لڳا. هن منظر مون کي مڪتب کان منهن موڙڻ تي مجبور ڪيو ۽ شروعاتي شوق ۽ ذوق خيرباد چئي ويا. گسائڻ جي عادت منهن ڪڍيو. مڪتب ۾ نه وڃڻ لاءِ بهانا تراش ڪرڻ لڳس. ڪڏهن پيٽ جو سور، ڪڏهن مٿي جي سور جي شڪايت ڪري ختاب مان گسائڻ لاءِ حيلا سازيون ڪرڻ لڳس. اول اول ته والدين ويچارا مڃي ويندا هوا ته ٻچڙو ويچارو سچ ٿو چوي ۽ گهر ۾ ويهاري ڇڏيندا هوا ۽ آخوندياڻيءَ کي منهنجي سڪا لائيءَ بابت چوائي موڪليندا هوا مون کي پيٽ جي سور لاءِ جوهر جون ٽڪيون کارائيندا هوا جي مون کي ڏاڍيون وٽنديون هيون. پر آخر "واريءَ سندو ڪوٽ اڏي اڏبو ڪيترو!" پاڻي تي ڇٽ آخر ڇا بيهندو ۽ رڃ جو ڪوڙو ڏيک ڪيترو ڊوڪو ڏيئي سگهندو! نيٺ ته ڪوڙ جو مٺلو ڪوڙ ئي آهي. سچ ڪاري هيئان هرگز لڪي نه سگهندو. مائٽ

منهنجا جٽيا ڪو نه هوا. آءُ سندن وياءُ هوس. تاڙن وارا تازي تا ونن. منهنجي ماڳ ۽ منزل کي يانيي ويا ۽ ڪن مروت ڪرڻ لڳا ۽ ڳتر کان جهلي مڪتب جي ترم ۾ وجهي ايندا هوا. هن طرح پهرين ايمي ته پوري ڪيم. اِمڙ کي مبارڪون مليون ٽر انهن مبارڪبادين گهٽو وقت جتاءُ ڪو نه ڪيو. منهنجو دير سان اٿڻ، نيرن ڪرڻ ۾ گوٽنائي ڪرڻ، دير ڪرڻ جا حربا ڪنهن به ڪم نه آيا. آخر منزل اتي وڃي پهتي جو مڪتب ۾ ٽنگو ٽالي ڪري نيو ويندو هوس جتي نت نوان دڙڪا ملندا هوا، ڪنن ۾ ز ه وجهي ٽنگڻ، بند ڏيڻ، ماڪوڙا چنبڙائڻ جهڙيون هولناڪ سزائون تجويز ڪيون ويندڍون هيون.

چوندا آهن ته بندي جي من ۾ هڪڙي ته مالڪ جي ارادي ۾ ٻي. مائٽن ۽ آخونديائي هڪڙي سوچي ۽ بندي وري ٻي سوچي، ختاب مان پڇڻ جا پهه پچايم ۽ رٿون رٿيم ۽ انهن ۾ بلڪل ڪامياب ٿيس. خبر ناهي ته مون کي اهڙو عقل انهيءَ عمر ۾ ڪيئن ٿئي آيو. آخونديائي ويچاري صبح جو نيرن ڳيي جو ڪم پورو ڪري اچي سيني ختابين کي سبق ڏيندي هني ۽ بار ياد ڪرڻ ۾ لڳي ويندا هوا. پوءِ منجهند جي مانيءَ پچائڻ جو سعيو ڪندي هني. هن جو رڌڻي ۾ گهڙڻ ۽ منهنجو پيشاب جي بهاني اٿڻ. موريز دروازي وٽ هني، ان ڪري پڇڻ جو وجهه ويتر سولائيءَ سان ملندو هو ۽ ڏسندي ڏسندي پکي پڃري مان پرواز ڪري ويندو هو. ختاب مان پڇي آخر ڪيڏانهن وڃان! لڪڻ جون جايون ڳولي ڪڍيم. به جايون هن مشڪل مهم لاءِ موزون هيون. اسان جي پاڙي ۾ هندن جو هڪ قدم قتل نڪاٽو هوندو هو جنهن ۾ هڪ ڪندي جو وڻ بينل هو. ان لاءِ عام ماڻهن جو خيال هو ته اهو ڪندو ڳرو آهي ۽ ان ڪري ڪو به اندر نه ويندو هو. اها جاءِ لڪڻ لاءِ منهنجو پهريون انتخاب هني. بک اُج جي پرواهه ڪا نه هوندي هيم. ان ڪندي جون سڪل سڱريون جي هيٺ ڇٽيون پيون هونديون هيون ۽ ڪو به اهي ڏپ ڪان نه کائيندو هو، سي آئون خوب نوش جان ڪندو هوس. مائٽن کي اطلاع ملندو هو ته اسماعيل پڇي ويو آهي ته ڏاڍو پريشان ٿيندا هوا. هتي هتي ڳوليندا هوا مگر نڪاٽي بابت هنن کي وهم گمان ئي ڪو نه پوندو هو. سچ جا پويان پاڇا هوندا هوا ۽ ختاب کي پوڄاڙيءَ جو موڪل ملي ويندي هني. بار خوشيءَ کان "ڪل ڪل موڪل-ڪل ڪل موڪل" ڪري ٻاهر نڪرندا هوا. آواز ۾ مزو هون ۽ آئون به چپندي چپندي ٻاهر نڪري ايندو هوس. پر ايترو عقل هوم جيئن ڪو هن پناهگاهه مان نڪرندو نه ڏسي وٺي ۽ آئينده نڪاٽو ظاهر نه ٿي پوي. آخر رات جو ڪيڏانهن وڃان. سڌو پير پير ۾ گرڀءِ مسڪين وانگر گهر جي در تي بيهندو هوس، ڪو نه ڪو ڏسي وٺندو ۽ مون کي پڪڙي اندر ڪندا هوا. جٽ ڦٽ ٿيندي هني پر ڪن ٻوڙا ڪري وينو سٽندو هوس ۽ اها پيتاري ويو هوس. سيئي بابا جي اچڻ جو انتظار ڪندا هوا ڇو ته مار ڏيڻ جو حق انهيءَ وٽ محفوظ هوندو هو. بابا جو اچڻ

گويا منهنجي لاءِ آفت جو نزول هوندو هيو. مار ملندي هئي مگر اثر اهڙو جهڙو نود ۾ سوئو. بابا پڇندو هو ته "هئين ڪئي" ان جي جواب ڪان جواب هوندو هو. گسائڻ جي ڏوهه ڪان وڌيڪ مار ان ڏوهه جي ملندي هئي ته "ڪئي هوس" جنهن جو جواب آئون هرگز نه ڏيندو هوس ان سوال جي وراڻيءَ ڪان وائي بند هوندي هيم آخر سڄي ساڻو ئي سمهي پوندو هوس. پهرين ڏڪ تي رڙ ڪندو هوس ۽ بس اها پهرين رڙ هوندي هئي. وري سٽي سُڙد ڪري ڇڏيندا هوا مگر، پڙڪ به ٻاهر نه ڪڍندو هوس.

الله اڪبر! ماءُ پيءُ نيٺ به ماءُ پيءُ آهن. سندن آنڊا اٿلي ايندا هوا ۽ ماني ڪائڻ لاءِ چوندا هوا ۽ مان مان ئي ماٺ سان انڪار ڪندو هوس. پٽ ڪير اڳيان رکيو ويندو هو. ٻئي هٿ وٺي انهن تان پاٽي نائي منهنجا هٿ ڏناريا ويندا هوا مگر ماني ڪائڻ ڪان نابري واري وهندو هوس. پهريائين دڙڪا، پوءِ ريهڻ ريڻ پيار ڏيڻ ۽ آخر منٿون ڪرڻ مگر سڀ بيسود. ڪڏهن مجي به ويندو هوس ۽ ڪڏهن صريحاً ننو اڪر واري لنگهڻ سمهي پوندو هوس. صبح ٿيندو هو ته ساڳيا لاٺون ساڳيا ڇُگهه. آخر منهنجي خوش قسمتي يا بدقسمتيءَ سان هڪ ڏينهن حلال خور جي گڏهه نڪاٽي ۾ لنگهي آئي ۽ اچي سگرين کي ڪڙڪا ڪڍائڻ لڳي. سڪٽي فقير به پير ڪٽندي گڏهه کي اچي لڏو ۽ اندر مون کي ويٺل ڏسي بابا کي وڃي ٻڌايائين ۽ منهنجي پناهه گاهه جو پتو پئجي ويو. آخر اوڻٽيهه راتيون چور جون ته ٽيهين رات ساڌ جي. هاڻي عقل جي ڊوڙ ڪيم ۽ هڪ ٻي جاءِ ڳولي لڌم. پوڙهو فقير قاسم گڪو پاڙي ۾ هڪ ڪسيرن جي قتل جاءِ ۾ اوتارو ڪريو وينو هوندو هو. ماني خيرات جي ملندي هيس، سندس سمورو اساس هڪ ڪٽ، هڪ ڪنگر، هڪ جتي، ٻه تڏا ۽ ٻه قاٿل رليون هونديون هيون. هن ويچاري جي نظر تمام ڪمزور ۽ جهانوري هوندي هئي ۽ آءٌ ٻلي پير اندر گهڙندو هوس ۽ هڪ قتل ۽ خطرناڪ ڪوني جا ان جاءِ ۾ هئي، جنهن ۾ فقط ڪوئن جا ٻر هوندا هوا ۽ اڪثر ٻارن کي ڊيڄاريو ويندو هو ته قاسم گڪي واريءَ ڪوئن جي ڪونيءَ ۾ توهان کي بند ڪبو. سا ڪوني مون پنهنجي پناهه گاهه لاءِ انتخاب ڪئي. ويچارو قاسم ته ڏسندو ئي ڪو نه هو، جاءِ کي دروازو به ڪو نه هو. پيرسن ويچارو لٺ ڪٽي گداگريءَ لاءِ نڪري ويندو هو ۽ آءٌ اوتاري جو لڪل واهي ٿيو وينو هوندو هوس ۽ ڪڏهن اُڃ لڳندي هيم ته قاسم جي ڪنگر مان پاڻي پي وري وڃي پنهنجي آسڻ تي وهندو هوس. نه هوندو هوم ڊپ ڏاءِ جنن جو نه ڪوئن جو خوف، ڊپ جنهن شيءِ جو نالو، سو مون کي خداوند ڪريم طبيعت ۾ ئي ڪو نه ڏنو ۽ آئينده حياتيءَ ۾ به ڊڄ ڊپ جو لفظ منهنجي لغت ۾ ئي ڪو نه رهيو. آخر عشق ۽ مشڪ ڪٽي تي لڪي سگهي. هڪ دفعي ڪنگهه جو حملو ٿيو. ڪنگهه زور وٺي ويئي، ضبط نه ڪري سگهيس ۽ ڪراڙي قاسم فقير ڪنگهڻ جو آواز ٻڌي رڙ ڪئي ته اڙي ڪهڙو آهين؟ جواب نه ملڻ تي لٺ ڪٽي ڪوني ۾ آيو ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رازڪلي پيو. بابا کي بڌايو ويو. حاصل ڪلام بابا ڏاڍو تنگ ٿيو. امان ويچاري احمد شاهه جي بيبيءَ کان رڪيبيون لکائي پيارينديون هئي، تعويذ بڌنديون هئي، ختاب ۽ قرآن شريف جا ختما ڪڍائينديون هئي، پاڻي پڙهائي پيارينديون هئي ۽ سڀ حيلا ڪري وٺي ته جيئن منهنجي پڙهڻ ڏي دل وري مگر ڦڪيون تڏهن فرق ڪن، جڏهن امر ٽئي ان کي" اهو جنگ وجدال جو سلسلو بابا ۽ منهنجي وچ ۾ هلندو رهندو هو. آخر هڪ ڏينهن هڪ رپيو خرچي به ڏنائين ۽ نرميءَ سان پڇيائين ته آخر تون پڙهندين يا ڪوري ٿيندين؟ مون وراڻيو ته آءٌ اسڪول ۾ پڙهندس. ان وقت تائين سيپارو ختم ڪري چڪو هوس. گهر ۾ مشورو ڪيائون ته لاچار ڪيس اسڪول ۾ چڙجي ته پنهنجي وڏي پاڻ ۽ سؤنن سان گڏجي وڃي. قرآن شريف پوءِ ڪيس پڙهايو ويندو. پيوڪو به چارو نه ڏسي مون کي اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو. آخونديائيءَ ويچاريءَ کي ڏاڍو ڏک ٿيو جو آءٌ نهايت ذهين هوس. سبق مليو ۽ به گهمرا دور ڪندو هوس ته پٽر تي ليڪو. سبق بلڪل ياد ٿي ويندو هو ۽ سيني ٻارن کان اڳ بڌائيندو هوس. مون کي ويچاري آخونديائي گهٽو چوندي به ڪا نه هئي مگر ٻين ٻارن جو ڪراهڻ ڏسي:

خنجر چلا کسی پہ تڑپتے ہیں ہم امیر
ساری جہاں کا درد ہمارے جگر میں ہے۔

وارو قصو هو. ٻارن تي ست ڪُتَ جون اذيتون ڏسي، دل مڪتب کان نهي وٺي ۽ منهنجي ناهڙ طبيعت اهڙي ماحول ۾ شايد رهڻ گوارا نه ڪيو. جو ته مان سمجهندو هوس ته "هڻ ڏيءَ کي ته سکي نٿن، اڄ آفت هڪڙن تي ته سڀاڻي مون تي به ضرور نازل ٿيندي. ڳالهيون ته گهڻي تي ٺاهيون ويون آهن ته "استاد جي مار ٻار جي سنوار" "جور استاد به ز مهر پدر". پر مان ڪنهن به طرح جسماني سزا جو قائل نه آهيان ۽ ان کي هڪ عظيم گناهه سمجهان ٿو.

حاصل ڪلام مون کي پرائمري اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو ۽ آئون ريجهي ويس ۽ پنهنجي وعدي تي قائم رهيس. روزانه سعيي سان خوش خوش سنيري اسڪول ويندو هوس. امان منهنجي لاءِ بيبيءَ کان ڪاري ڏاڪ پڙهائي رکي هئي، جا روزانه سنجهه صبح مون کي ڏينديون هئي ۽ شوق سان کائيندو هوس. واقعي انهيءَ ڏاڪ ۾ ڪو معجزو هو جو منهنجي طبيعت پڙهڻ سان بلڪل لڳي وئي ۽ ائين پئي نظر آيو ته جڻ ته آئون اهو ياجوڪڙ اسماعيل آهيان ٿي نه.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي ابتدائي (پرائمري) تعليم

سنڌيءَ ۾ پهاڪو آهي ته ”آءُ به هلنديس پيڪي منهنجي به لهندي سڌ“ آخر هالن نون جي پرائمري اسڪول ۾ داخل ٿيس. ختاب ڇڏي اسڪول ۾ وڃڻ جي سڌ ان ڪري ڪيم، جو اسڪول لاءِ منهنجو تصور هو ته اتي، گهنڊ لڳي ٿو، قطار ٺئي ٿي، بينچن تي ويهجي ٿو، اڌ ڏينهن پڙهجي ٿو، رانديون رونديون آهن، امتحان لاءِ صاحب اچن ٿا، راڳ روپ آهن، تصويرن وارو ڪتاب آهي، سليٽ، پنو، چاڪ، بورڊ، ارٿميٽيڪاڻ، گهڻا ٻار ۽ ماستر آهن، تصويرون ٽنگيل آهن، جهلي ٽنگيل آهي، ڪنڊر گارڊن جون پيتيون ۽ زورس جوڙا (بارس) ڏنڊ ڪرڻ ۽ پينگهن ۾ لڏڻ وغيره جا مزا موجود آهن. اهي سڀ ڳالهيون ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي وڏي ڀاءُ ۽ سوٽن سان گڏ اسڪول ۾ گهمڻ ويندو هوس ته نهايت خبرداريءَ سان جانچي ڏسي ڇڏيون هيم ۽ تڏا شوڪارا پري چوندو هوس ته اسڪول ۾ ڪڏهن پڙهندس! ٻاراڻيون سڌون به مزيدار آهن. هو بهو انهيءَ ڳالهه وانگر جو هڪ ڇوڪريءَ جي شادي پئي ٿي، ڪيس ڏکي ڇٽي اٽو ملي (ابٽڻ) ٽلوڪڙيون ڪيڏي، عطر مکي سهڻو موچارو ڪيو ويو، ڳهه ڳٺا، نوان ڪپڙا پارائي ڳاڙهي ڪنوار بنايو ويو، عجيب عجيب سانت سنوڻ ڪيا پئي ويا ۽ ڳيچن جي ڌم متل هئي ته ڪنوار جي ننڍڙيءَ معصوم ڀيڻ، اهي مزيدار ڳالهيون ڏسي تڏا شوڪارا پئي ڀريا ۽ دل ۾ چوڻ لڳي ته ”وي الله سائين! اسين ڪڏي وڏي ٿيسان“ آخر منهنجي به سڌ پوري ٿي. اسڪول جنهن جي نالي کان مانرون ٻارن کي ڊيڄاريندي هيون ۽ ٻار اسڪول جي نالي کان ڻاهه ڪائيندا هوا ۽ اسڪول کي هڪ ڀيانڪ ۽ دهشتناڪ جاءِ تصور ڪيو ويندو هو، سو مون کي راس آيو. جتي وڃڻ کان ٻيا ٻار ڊڄندا ۽ نهندا هوا، اتي آءُ ڪُڏ پئي ڪاهي ويس. اسڪولي عشق جي ابتدا ڪيم. هاڻي اڳتي ڏسڻو هو ته ڇاڇا ٿو ٿئي. اسڪول جي رعونتن ۽ مزيدارين، ۾ ڪيتريون مصيبتون به لڪل هيون، جي اتي وڃڻ بعد رفته رفته مون تي آشڪار ٿيون. آخونداڻي مرحوم جو قدر محسوس ٿيڻ لڳو. پليل آءُ به ڪو نه هوس. اسڪول واقعي هڪ دلچسپ تعليم ۽ وندر جي جاءِ آهي، مگر ان کي ماسترن (استادن) ئي جهنم بنايو آهي. رولن ۽ نيٽن جي سَٽ ڪُٽ ڪري، معصوم ٻارن جي نازڪ پٺن تي نشان ۽ هٿن تي سوڄ، منهن تي چماٽن جي ڏڪن جا نير، ڪَنن ۾ هٿ وجهي اٿ ويهه ڪرائڻ، هڪ ٽنگ تي بيهارڻ، ٻُبين ۾ چهنڊڙيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاٽڻ، ڪن مروٽڻ، ڪلاڪن جا ڪلاڪ بينچ تي اٿاري بيهارڻ، مڪون ۽ لتون هڻڻ، ڪڪڙ بنائڻ، ميز جي خانن ۾ هٿ وجهائي زور سان خانا بند ڪرڻ، وار پٽڻ، بند ڏيڻ، ڪوني ۾ پورڻ ۽ ان ڪانپوءِ مقعد تي ماڪوڙا ڇهنائڻ ڳاڙها مرچ وجهڻ ۽ ابتو ڪري ٽنگڻ جا سڪا ڌڙڪا، ٻارن جي ساهه سڪائڻ لاءِ ڪافيءَ ڪان زياده عقوبتون هيون، جن سان ڪيترن ٻارن کي دوچار ٿيڻو پوندو هو.

هي ڳالهيون واقعي اسڪول کي جيلخانه جي سختين ڪان وڌيڪ بيرحميءَ جو مرڪز بنائي ڇڏينديون هيون. ڪاري چڪر وارا قيدي به شايد ئي اهڙين هولناڪ سختين سان آشنا هوندا! بهرحال، منهنجو ڪڏهن به انهن عقوبتن سان پلوءُ نه پيو، جنهن جا سبب به ٿي هوا هڪ ته مان تمام هوشيار ڪم ڪندڙ ۽ وقت تي اسڪول ۾ سعيي سان ايندڙ هوس، ٻيو ته منهنجو پيءُ سکيو ۽ هلنديءَ پڄنديءَ وارو ماڻهو هو ۽ ماستر صاحبن کي خاص چوڻ هوندو هو ته منهنجي ٻار کي سزا ڏيڻ ڪان پرهيز ڪن. هو هڪ دفعو اڳئي خٽاب ڪان ٽٽو آهي ۽ جي اسڪول ڪان به گسائڻ پيو ته سندس زندگي خراب ٿيندي، ۽ ٽيون ته بابا مرحوم استادن جا گهڻائي ڪم ڪندو هو. انهن جي پٽن کي نوڪري وٺي ڏيڻ، ٽپيداريءَ ۾ چونڊرائڻ ۽ ٻيو سندن خوشامديون به ڪندو هو. ان ڪري آءٌ هر قسم جي تعدي ڪان محفوظ رهندو هوس. ان ڪانسواءِ مون کي نصيب ۾ جيڪي استاد مليا، اهي نهايت سالم طبيعت جا هوا ۽ مٿي ذڪر ڪيل سزائن ڏيڻ جا عادي نه هوا ۽ ٻارن کي پيار، محبت ۽ عزت سان پڙهائيندا هوا. پنج ئي آڱريون برابر ڪين آهن، ڇڱن ۾ مٺا ۽ مٺن ۾ ڇڱا هوندائي آهن. ٻاراڻو ڪلاس جنهن کي متفرق ڪلاس به چوندا هوا، ان ۾ داخل ٿيس، منهنجو پهريون استاد قاضي عبدالستار مرحوم (پورگر) هو جو بلڪل پيرسن هو. پينشن کي قريب هو. سڄي عمر ٻاراڻي يا پهرين ڪلاس تي رهڻ ڪري بنيادي ڪلاس کي پڙهائڻ ۾ ماهر ليکيو ويندو هو. هن ڪلاس ۾ شروعات پٽيءَ سان ڪئي ويئي. مون کي ا_ ب_ ٻ_ ٻ_ چار حرف لکي ڏنا ويا. پٽيون ميسارڻ لاءِ اسڪول جي اڱڻ ۾ هڪ وڏي نڪر جي ڪوندي پاڻيءَ سان ڀريل زمين ۾ کتل موجود هوندي هئي. ميٽ جو ذرو ذرو سيئي ٻار گهران ڪٺي ايندا هواسين پٽي ميسارڻ جو آءٌ وڏو ماهر ٿي ويس. ٻين ڪن ڪلاسي سنگتين جون پٽيون به آءٌ ڪين ميساري ڏيندو هوس. ميٽ سڪڻ ۾ دير ٿيندي هئي ته پٽيءَ کي هٿ ۾ ڪٺي اُس تي لوڏا ڏيندو هوس ته جلد سڪي ۽ استاد ڪان حرفن لکائڻ ۾ ٻين ڪان سبقت ڪٺان.

استاد قاضي عبدالستار مرحوم وٽ هڪ پٽر جي مس ڪُپڙي هوندي هئي، جنهن ۾ ڏامر جهڙي چلڪٽي ڪاري مس پيل هوندي هئي. ٻارن جي هٿان مس هارجي پوڻ جي خوف ڪان مس ۾ ڪونڊا (سٽ جا منجهيل ڌاڳا) وجهي ڇڏيندو هو ۽ پنهنجي ڪلڪ. ان مان ٻوڙي

جلي خط ۾ عاليشان ڪارا حرف لکي ڏيندو هو ۽ هر هڪ کان حرف چوائيندو. سبق ڏيندو ويندو هو. پوءِ ته اسان جي الف انب. بُي بلا. ٻي ٻڪري ۽ پي پولڙي جي ڏم مچي ويندي هئي. انب. بلا. ٻڪري ۽ پولڙي جون شڪليون چارٽ تان ڏيکاريندو هو. حرفن بر زبان ياد ڪرڻ کانپوءِ ڪلاس ۾ جيڪي واريءَ سان پريل ڪونڊيون رکيون هونديون هيون ۽ ڪتل ۽ گدامڙيءَ جي ڪکين جا تس پريا رکيا هوندا هوا. تن جي مدد سان پڙهيل حرف لکڻ سيکاريندو هو. واريءَ تي آڱر سان لکائيندو هو ۽ ڪکين کي هڪٻئي جي پرسان رکي حرف جوڙائيندو هو. انهيءَ استعمال کانپو بورڊ تي چاڪ سان لکائڻ جو استعمال به ڏيندو.

ڪجهه ڏينهن بعد اندا پرائڻ جي منزل تي پهچايائين. آليءَ پنيءَ تي اِندا ڪڍي ڏيندو هو. جي گهران پري ايندا هواسين. جنهن لاءِ اسان مان هر هڪ کي گهر ۾ مس ڪپڙي رکڻي پيني ۽ ڪلڪ استاد صاحب سڀ کنهن کي پاڻ گهڙي ڏيندو هو. الف بي پوري ڪري، باب يا ڪڪ شروع ڪئي ويندي هئي ۽ ان سان گڏوگڏ ڳڻڻ ۽ انگ به سيکاريا ويندا هوا. فيروزي موتين جون مالهائون ۽ ارٿميٽيڪاڻ ان ڪم لاءِ استعمال ڪيون ويندڀون هيون. تقريباً چار يا پنج مهينا ان ۾ لڳي ويندا هوا ۽ ان بعد باراڻو ڪتاب جو لکي يا ٿن پنسن ۾ ملندو هو. سو وٺايو ويندو هو ۽ ان جي پوري ڪرڻ ۾ دير ڪا نه لڳندي هئي. ڪَڪ سکڻ کانپوءِ هِجي ڪرڻ ۾ دشواري ڪا نه ٿيندي هئي. سچ پچ ته سنڌي پڙهڻ لاءِ اهوئي هڪ صحيح بهترين ۽ واحد ڪامياب طريقو آهي. جنهن جي وسيلي ٻار جي پيڙهه پڪي ٿئي ٿي. ان کانسواءِ ٻيو سيڪو طريقو منهنجي نگاهه ۾ ناموزون ۽ نقصانڪار آهي. خاص طور غنه نون جي سکيا جا هن طريقي سان ڏني وڃي ٿي. سا بي مثال آهي.

قاضي عبدالستار مرحوم پيرسن ۽ رٽائر ڪرڻ کي ويجهو هو. ڪنگهه گهڻي هوندي هيس. جنهن ڪري مڇيءَ جو تيل (ڪاڊ لور آئل) استعمال ڪندو هو ۽ دوا جي شيشي سدائين اسڪول ۾ کڻي ايندو هو. بلغم گهڻو هوندو هوس. سياري ۾ ڪاري کٽي ڪلهن ۾ ڪري ايندو هو ۽ اونهاري ۾ ململ جو پهراڻ ڍڪيندو هو. جنهن جي ڳچيءَ جي پاسي کان ٻيڙي لاهي چڏيندو هو ته سندس ڇاتيءَ جا وڏا سفيد وار ظاهر ٿي پوندا هوا. اونهاري ۾ اڪثر مٽي تي اسپنگر جي چَپڙي چڙهيل هوندي هيس ۽ گاهي گاهي مکڻ جي چپڙي به رکندو هو جا ونڙندي هئي ته ڳچيءَ تائين. ريگاڙا پيا ڳڙندا هوس ۽ پهراڻ جي ڳچي اڪثر سٽيي رهندي هيس. صحت جي انهيءَ حالت ۾ به پنهنجي فرض ادائي تي نهايت پابنديءَ سان ڪاربند هوندو هو. ٻارن جي طبيعتن کي شروعات کان ئي اهڙو پانهي وٺندو هو جو والدين به پنهنجي ٻارن جون طبيعتون اوترو نه سڃاڻندا هوا. جيترو قاضي صاحب ڄاڻندو هو. مون کي ته نفسياتي طرح اهڙو سڃاڻي ورتو هوائين جو اسڪول سان منهنجي دل ڳنڍجي ويئي. جيئن جيئن هو چوندو هو ته "اسماعيل

هوشيار چالاڪ ۽ ڏاهو بار آهي، تيئن تيئن آءٌ سنو ڪمر ڪندو هوس. سائينءَ جو چاڪ، پنو، پين، پينسل، رجسٽر، ڪلڪ ۽ مس ڪُپڙي ۽ بورڊ اگهڻ جو ڪپڙو (ڊسٽر) صبح جو خاني مان ڪڍي ميز تي رکڻ ۽ موڪل مهل وري سنڀالي خاني ۾ رکڻ، بورڊ اگهڻ، تصويرن ۽ پين ڪلاس جي شين جي سنڀال ڪرڻ منهنجي فرائض ۾ داخل هو. استاد جي ويجهڙائي ۽ پيار سبب سڄي ڪلاس ۾ مون کي برتري حاصل هئي. باراتي ڪلاس ۾ ڪو به مانيٽر مقرر ڪونه هوندو هو، مگر مانيٽر جون سڀ جوابداريون منهنجي مٿان هيون. آءٌ ڪنهن به چينب کان بالاتر هوس. مون کي استاد ڪڏهن "ڙي" به نه چيو.

آخر باراتي ڪلاس جو مدو پورو ٿيو. ديوان موتيرام اسسٽنٽ ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر ساليانو امتحان وٺڻ آيو. آءٌ پهريون نمبر پاس ٿيس ۽ پهريون ڪتاب ۽ سليٽ پينن سميت انعام مليو. منهنجي خوشيءَ جي ته ڪا حد ئي ڪا نه رهي. ائين پئي ڀانيم ڄڻ ته ساري دنيا فتح ڪئي اٿم ۽ قارون جو خزانو انعام مليو اٿم. قاضي مرحوم مون کي شاباس ڏني. الله تعالىٰ مرحوم تي رحمت ڪري! منهنجو پڙهڻ تي شوق وڌايائين. مون مان اسڪول جو ڊپ ڪڍيائين ۽ منهنجو حوصلو وڌايائين.

امتحان پورا ٿيا ته هڪدم ڪلاس بدليا. منهنجي دل نه ٿي چاهيو ته ڪنهن ٻئي ماستر وٽ پڙهان. مغموم هوس ته خبر پئي ته اسان کي پهريون درجو به قاضي صاحب پڙهائيندو. خوشي کان ڪپڙن ۾ نه ٿي ماپيس. بدل ڳالهه صحيح نڪتي. پهريون درجو قاضي صاحب کي مليو. بابا قاضي صاحب کي هڪ به پُڙي اجرڪ ڊڪائي ۽ سندس احسان مڃيا. پهريون درجو قاضي صاحب وٽ پوري اتساهه سان پڙهي پورو ڪيم ۽ وري به سالاني امتحان ۾ اول نمبر آيس. قاضي صاحب رٽائر ڪيو ۽ ٻيون درجو ماستر عبدالغفور ڪيلاٽي مُلي کي مليو. مون هن مرحوم جي سختيءَ جون ڳالهيون ٻڌيون هيون ۽ ان ڪلاس ۾ وڃڻ کان ڪيٻائڻ لڳس ۽ انڪار ڪيم. ماستر سهجرام هيڊ ماستر هو. ڏاڍو ڪرڙو ۽ رعبدار هو. بابا مرحوم ان وٽ ويو ۽ چيائين ته مهرباني ڪري، ٻيون درجو ماستر نهالچند ڪنيءَ کي ڏي. هن صاحب بابا جو چوڻ نه موٽايو ۽ ٻيون درجو ماستر نهالچند کي ڏنو ويو. جنهن مون کي ڏاڍي پيار سان پڙهايو. ٽيون درجو ماستر احمد خان ڏاهري وٽ پڙهيس جنهن تازو ورنيڪيولر فائينل پاس ڪيو هو. مگر غريب جو بار هو غريب ٿي پڙهيو هو. طبيعت ڏاڍي سلڇڻي هيس، نا تجربيڪار هوندي به محنتي ۽ جفاڪش ڏاڍو هو. اڻ آزمودگاري سخت محنت سان آزمودگار مگر سست کان وڌيڪ چڱا نتيجا ڏيکاريندي آهي. ٿيو به ائين، اسان جي ڪلاس جا شاگرد ساليانه امتحان ۾ سڀئي فل پاس ٿيا ۽ مسٽر احمد خان کي هڪدم پڪو ڪيو ويو. آءٌ بفضل خدا وري به پهريون نمبر پاس ٿيس ۽ درجي چوٿين ۾ آيس. هيڊ ماستر سهجرام به رٽائرڊ ڪيو ۽ قاضي عبدالغفور

صاحب جو مرحوم قاضي عبدالستار جو پاءُ هو ۽ هڪ وڏو تعليمي جاڻو ۽ باوقار هيڊ ماستر ٿي گذريو آهي. هيڊ ماستر ٿي آيو. هن صاحب چوٿون ڪلاس مسٽر هاسي مل جي حوالي ڪيو. جنهن جهڙو هوشيار ماستر هالا نون جي شهر شايد ئي ڪڏهن ڏٺو هجي. هُو صاحب سخت به ڏاڍو هو. مگر منهنجي لاءِ ميڻ جهڙو نرم هو. مون سان ايتري ته محنت ڪيائين، جو چوٿين درجي جي ساليانه امتحان ۾ سيني ڪمن ۾سڀ مان سڀ مارڪون کنيم ۽ ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر حيدرآباد منهنجي سفارش ڪري مون کي ڏهه رپيا ماهوار اسڪالر شپ وٺي ڏني، انهيءَ شرط سان ته مان انگريزي تعليم وٺان. اها آچ بابا سائينءَ جي عين خواهش وٺان هئي، جنهن اهو شرط قبول ڪيو. جيڪڏهن اسڪالر شپ نه ملي ها ته به مون کي انگريزي تعليم (ثانوي تعليم) ڏياري وڃي ها، جو ته منهنجو وڏو ڀاءُ ۽ سوٽ اڳئي انگريزي تعليم لاءِ حيدرآباد موڪليا ويا هوا. بهرحال انهيءَ آچ کير ۾ کنڊ جو ڪم ڪيو ۽ مون کي گورنمينٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد (موجوده نور محمد هاءِ اسڪول) ۾ داخل ڪرايو ويو.

❑

منهنجي ابتدائي تعليم (ڀاڱو ٢)

هتي هن امر جو ذڪر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان تہ ان زماني ۾ ڪتابن تي ايترو خرچ ڪو نہ هوندو هو. ٻاراڻي ڪلاس ۾ پهرئين درجي ۾ فقط پَٽي، ڪتاب ۽ سليٽ وٺائي ويندي هئي. ٻئين ۽ ٽئين درجي ۾ فقط مشق ڪاپيءَ جو اضافو ڪيو ويندو هو جا ڇپيل نہ هوندي هئي مگر پنن کي سبي پاڻ تيار ڪبي هئي. هڪ بندي پڻ نهرائي ويندي هئي، جنهن تي ٻئين درجي ۾ تعلقي جي ۽ ٽئين ۾ ضلع جي جاگرافي لکائي ويندي هئي ۽ هڪ ٻيءَ بندي تي ڏکين لفظن جي معنيٰ. ٽئين درجي ۾ پٽيءَ جو استعمال ختم ٿي ويندو هو. چوٿين درجي ۾ مرزا قليچ بيگ مرحوم جي ڇاپايل سنڌ جي تاريخ وٺائي ويندي هئي ۽ رياضي جو ڪم سڄو سليٽ تي ڪرايو ويندو هو، جنهن لاءِ ڪو بہ انگي حساب ڪو نہ وٺايو ويندو هو. گهر جو ڪم، حساب، صورتخطي ۽ خط لکڻ وغيره سليٽ تي ڪري ويندا هواسين. ان هوندي بہ تعليم جو معيار سٺو هوندو هو. ڪتابن جون قيمتون نالي ماتر هونديون هيون. ٻاراڻي ڪتاب جي قيمت ٽڪو، پهريون ڇهہ پئسا، ٻيو اڍائي آنہ، ٽيون ٽي آنہ ۽ چوٿون چار آنہ. پٿر جي سليٽ ٻہ آنا، پٽي ٻہ آنا ۽ اڃا پنا پائيءَ هڪ، ڪلڪ پائيءَ هڪ، پينون پائيءَ ٻہ هونديون هيون. سبحان الله ڇا عجيب وقت هو.

ساليانہ امتحان جي اختتام تي اسڪول ۾ ساليانو جلسو ڪيو ويندو هو، جنهن ۾ درسي ڪتابن جي سبقن تي ننڍا ننڍا ڊائلاگ ننڍن ٻارن کان ڪرايا ويندا هوا ۽ وڏا ڊائلاگ مٿين ڪلاس جي شاگردن کان. جلسي جي پوري ٿيڻ تي ٻارن ۾ انعام ورهايا ويندا هوا جنهن لاءِ شاگردن کي صاحب کان انعام وٺڻ ۽ سلام ڪرڻ جو طريقو اڳواٽ سيکاريو ويندو هو. انهن سيني ڪمن، ڊرامن خواهہ ڊرل ۽ ديسي راندين جو روح روان ماستر فرمان علي صاحب هوندو هو، جو نوشهره فيروز جي پيرن مان هو ۽ سندس مائٽي هالن جي مخدوم الهہ اوڀائي سان هوندي هئي. هن بزرگ جي آءٌ ڪهڙي تعريف ڪري ڪهڙي ڪريان. ڪتابن جي دلچسپ سبقن تان دلپسند ڊائلاگ بہ پاڻ ناهيندو هو ۽ انهن ۾ ضروري جاين تي راڳ بہ پاڻ لکندو هو. ٻاراڻي ڪتاب مان "هيري ۽ منگهن واري سبق" ۽ "صابو_ اما آءٌ جيڪر ٻلي هجان ها". انهن ٻن سبقن تي سندس ننڍا ڊائلاگ ٻاراڻي ڪلاس جي ٻارن کان ڪرايا ويندا هوا. پهرين ڪتاب مان "رڍ ۽ ٻڪري"، "ڳئون ۽ مينهن"، "طوطو ۽ ڪانءُ" وغيره، ٻئين ڪتاب مان "ڏيڏر ۽ تلاءَ" "عرب ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس عربي گهوڙو“ ۽ ”رامجي ۽ ٺي نگ“ وغيره. اهڙي طرح ٽئين ۽ چوٿين ڪتاب مان ”گهڙ جو دلو“، ”حاتم ۽ نوفل“ ، ”مهاڻو ۽ پلو“، ”قاضي ۽ ٻار“ وغيره وغيره سبق جا دلپسند ڊائلاگ هڪ طرف ڪرايا ويندا هوا ۽ ڪتاب جا بيت ڪورس ۾ (گڏ) ٻارن کان ڳارايا ويندا هوا. ٻاراڻي ڪتاب مان ”چوڪر توکي رنگ ڏيکاريان“، ”ماءُ پيءُ جو چيو مڃجي“ ۽ ”ڏٺيءَ جا اسين گيت ڳايون سدا“ ٻهرئين مان ”واهه ڙي تارا گول تارا“ ۽ ”ڏسو تہ وڻ ڪيئن ٿو ڪري پلائي“ ٻئين ڪتاب مان ”ٻارو اچي مڙو هڪ ماڳ“ ”اڄهو آسوءَ جو مهنو آيو“ ”ٻڌو هيءَ ڳالهه هڪ هرڻيءَ جي ٻارو“ ۽ ساڳيءَ طرح ٽئين ۽ چوٿين ڪتاب مان ڪي چونڊ بيت جهڙوڪ: ”رهون سرڪار سان هر دم سچائيءَ سان وفائيءَ سان ”شهنشاهہ کي اسانجي تون سلامت رک خداوندا“ ”سکيءَ کي سنئيءَ چيوا ادي الله توهار“ ”وقت چوي آءُ بادشاهہ“ ۽ ”موٽي آئي مند تي واهہ واهہ رت بهار“ وغيره وغيره خوش الحان سان ڳارايا ويندا هوا. سچ پچ تہ بيتن (نظم) پڙهائڻ جو مقصد بہ صرف اهو آهي تہ ٻار کي جمالياتي خوشي حاصل ٿئي نثر ۽ نظم پڙهڻ جي ڍنگ تي خاص توجهہ ڏنو ويندو هو. جو هيئنر مفقود آهي.

ماستر فرمان علي مرحوم ڪي شعبده بازيون (جادوءَ جون حرفتون). بہ ڄاڻندوهو. جي نهايت مزيدار هونديون هيون. خاص طرح اهي حسابي انڪلون اسان کي حيران ڪري ڇڏينديون هيون. رانديون ڪرائيندو هو تہ انهن رانديڻ تي بہ سندس موزون راڳ جوڙيل هوندا هوا. نوڙيءَ ٽپڻ جي راند تي ”اچو نوڙيءَ ٽپڻ سکون ٻارو ڙي“ ۽ ڊرل تي ”ٻارو اچو اچو. شل جيو بچو. ڪري سنئين سڌي سپ بيهو قطار“ بہ مثال ”يڪ مشت نمونہ خروار“ بيان ڪريان ٿو.

ٻاراڻي کان ٻئي درجي تائين اسان کي دستڪاريءَ جو ڪم بہ هيءُ صاحب سيکاريندو هو. پنو ويڙهڻ، پنو ڪترڻ، مٽيءَ مان رانديڪا ٺاهڻ ۽ جوئر جي تيلن، جن کي ڪُتلا چوندا هواسين تن مان چوڙا، ڪنگڻ، ميز، ڪرسي، ڪٽ ۽ نٽ بولو ۽ ٻيا ڪيترائي رانديڪا ٺهرائيندو هو. پني مان ٻيڙيون، جهاز، ٻتون وغيره ۽ مٽيءَ مان اُٺ، ڍڳا، چتون، جهرڪيون، سيٽي وڄائڻ جا بوڙيندا ۽ جاميٽريءَ جون شڪليون. جاگرافيءَ جا ماڊل جهڙوڪ ڍنڍ، بيٽ، نار، راس، جبل ندي وغيره ۽ ٻيون بہ قسمين قسمين شيون ٺاهڻ سيکاريندو هو. ٽئين ۽ چوٿين درجي ۾ اچڻ بعد دستڪاريءَ جو ڪم گهٽ ٿي ويندو هو ۽ ڊرائنگ سيکاري ويندي هئي. شروعات ۾ سليٽ تي ۽ پوءِ ڊرائنگ پنن تي رنگ ڏيڻ سان سيکاري ويندي هئي. ڊرائنگ ۾ ميوا جهڙوڪ ڏاڙهون، زيتون، صوف، ليمون وغيره. ڀاڄين ۾ موري، توري، پيندي، سائو ۽ ڳاڙهو مرچ ۽ واڱڻ وغيره سيکاريا ويندا هوا ۽ انهن کي رنگين چاڪن سان قدرتي رنگ ڏيڻ جو استعمال ڏنو ويندو هو. اڄ مانٽيسوري، ڪنڊرگارٽن ڪلاس جدا جدا آهن ۽ ڊرائنگ ٽيچر علحده آهن تہ راندين لاءِ انسٽرڪٽر خاص مقرر ڪيل آهن. مگر افسوس هيئنر جا ٻار جا ٿا سکن ۽ اسان کي جا

سيکاريو ويندو هو سو ياد ڪري اکين ۾ لڙڪ اچي ٿا وڃن.

آه! ماستر فرمان علي مرحوم! اچ هنجو ثاني استاد مون کي قطعاً نظر نٿو اچي. الله مٿس رحمت ڪري شال! لئبرري جي چارج بہ فرمان علي مرحوم وٽ هوندي هئي. ٻاراڻي ڪان ٻئي درجي تائين، اسان کي ننڍيون مزيدار آکاڻيون سيکاريون ويندڀون هيون. هفتي ۾ ٽن ڏينهن تي ٽائيم ٽيبل ۾ آکاڻين جو فرجو (پيرڊ) رکيل هوندو هو. ٻارن کي اهڙيون آکاڻيون سيکاريون ويندڀون هيون جن ۾ لفظن جو تڪرار هوندو هو جنہ ٻارن جي زبان ڳالهائڻ تي اُٿلي ۽ هري مثلاً "ست پڇو ڪوئو" ۽ "جهرڪي ۽ لعل ڪنيئڙو" پهرئين ۽ ٻئين درجي ۾ ڏنل آکاڻيون ۽ ان ڪانسواءِ جنن، پرين، ديوين، راڄا راڻين ۽ بادشاهن جون آکاڻيون ڪجهہ اسڪول ۾ ٻڌايون ويندڀون هيون ۽ ڪجهہ اسين گهران مائٽن کان سکي ايندا هواسين ۽ اسڪول ۾ واري واري سان ڪري ٻڌائيندا هواسين.

ٽئين ۽ چوٿين درجي ۾ ماستر فرمان علي مرحوم، اسان کي ننڍڙا ننڍڙا ڪتاب پڙهڻ جي هير وڌي. انهيءَ زماني ۾ ميشرس پوڪر داس وارن وٽ ٻارن جي پڙهڻ جهڙا گهڻائي ڪتاب هوندا هوا، جي اسڪولن جي لئبررين لاءِ سرڪاري طرح خريد ڪيا ويندا هوا. ننڍڙا قصا ۽ ڪهاڻيون نثر خواه نظم ۾ اسان کي پڙهڻ لاءِ اُشو ڪري ڏنا ويندا هوا. ڪن جا نالا مون کي اڄ بہ ياد آهن. مثلا دلپسند قصا دل بهار، ڏهہ قصا، گڏ. جن ۾ زليخا جا بيت، ٻُڌاپڻ، چلڙو، ڪوئو ٻلي، ٽوپي پڳ، ٻيڙي چلم وغيره هوندا هوا. ازانسواءِ لوڪ ڪهاڻيون جهڙوڪ عمر مارئي، سسئي پنهون، مومل راڻو ۽ پَرين جون آکاڻيون ۽ مزاحي آکاڻيون جهڙوڪ موالين ۽ ڏهرين جا لتڪا چٽڪا هوندا هوا. سچ پچ تہ منهنجي ادبي ذوق جو بنياد اتان پيو. زليخا جا بيت ۽ چلڙو تہ بر زبان ياد هوندا هوم ۽ هر وقت ڳائيندو وتندو هوس. جيتوڻيڪ هوس قدرتي بي سرو ڳائڻ ٻاڙو هوم، تڏهن بہ جهونگاريندو وتندو هوس. پڙهڻ جي شوق ايترو تہ اچي ڳتر ڪان جهليو جو ناتال ۾ جڏهن ڪتاب رعايتي اڌ قيمت ۾ ملندا هوا. تڏهن امير حمزه، چار درويش، حاتم طائي، جانعالم، سيف الملوڪ وغيره جهڙا ڪتاب پنهنجي پئسن سان خريد ڪري پنهنجو شوق پورو ڪندو هوس.

تحقيق ماستر فرمان علي مرحوم جهڙا ڪامل استاد جنهن اسڪول ۾ هجن، ان جا شاگرد ڇو نہ مرڪنِ ۽ هوشيار ۽ ذهين سڏائين.

بهرحال ١٩٠٦ع ۾ جانس، پنجن ورهين جو ٿي اسڪول ۾ وينس پنجن سالن ۾ ٻاراڻو ڪلاس ۽ چار درجا پورا ڪيم ۽ جمار ۾ ١١ سالن جو وڏو ٿيس يا ٻين لفظن ۾ عمر جا ١١ سال قدرت جي طرفان مقرر ڪيل جمار مان ڪنجي ويا. پرائمري اسڪول جي شروعات يعني ١٩١١ع ۾ جارج پنجم تخت نشين ٿيو هو ۽ سيني اسڪولن ۾ جشن ملهايا پئي ويا. اسان کي

۽ منزل گاهه ميدان تي استاد قطار ۾ وٺي هليا. جتي اسان کي نڪل جو هڪ هڪ ٻلو مليو. جنهن تي شهنشاهه جارج پنجم ۽ سندس مهارائيءَ جي تصوير اُڪريل هئي. اهو ٻلو اسان مان هر هڪ شاگرد جي قميص تي ربين ۽ ڪانٽي سان لڳايو ويو ۽ هڪ هڪ پُڙو مٺائيءَ جو مليو. ائين پيو پايان جڻ ته ڪالهوڪو ڏهاڙو آهي. اهو جلسو منهنجي لاءِ پرائمري اسڪول ۾ پهريون جلسو هو. بهرحال آئون اسڪول کي الوداع ڪري اسڪالر شپ ڪٽي حيدرآباد گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ ورنيڪيولر تعليم لاءِ آيس. اسڪول کان اڳ ۽ اسڪول ۾ جن راندين روندين ۾ دلچسپي وٺندو هوس ۽ جي منهنجا ٻاروتڻ جا اسڪولي سنگتي هوا، تن جو ذڪر ايندڙ قسط ۾ ڪندس.

انشاءَ الله العزيز وما توفيقي الابالله

❑

باب ائون

ٻاراڻي وهيءَ جون رانديون ۽ حرڪتون

ٻار ۽ رانديون ٻہ لازم ملزوم شيون آهن جي هڪ ٻئي کان الڳ ڪري نہ ٿيون سگهجن. اها ٻاراڻي چرپر ئي آهي جا منهنجي خيال ۾ ٻار جي واڌ جو وڏو ڪارڻ بنجي ٿي. ڇهن ورهين جي ڄمار تائين تہ ٻار جي راندين جو ميدان سندس گهر ئي هوندو آهي. جتي هو پنهنجي رانديڪن سان وندرندو آهي. پنجن سالن بعد گهر کان ٻاهر گهٽيءَ ۾ ڊڪڻ ڊوڙڻ جهڙو ٿيندو آهي. اسان جي ٻاروتڻ ۾ رانديڪن تي ڪو خاص فضول خرچ ڪو نہ ٿيندو هو. موجوده دؤر ۾ ٻارن جي رانديڪن تي سوين بلڪ هزارين رپيا خرچ ڪيا وڃن ٿا. شاهوڪار ماڻهن جي تہ ڳالهہ درڪنار پر وچولي طبقي جا ماڻهو بہ سون جي خرچ ۾ پئجيو وڃن. ان زماني ۾ ڏيڍ ٻن سالن جي عمر تائين تہ ٻار کي فقط هڪ چوپٽي ۽ هڪ جهنجهٽو وٺي ڏنو ويندو هو. جي جنڊيءَ جا ٺهيل هوندا هوا ۽ هالن جي شهر ۾ ئي وگهامل ٺاهيندا هوا. ٽڪي چوپٽي ۽ آني جنجهٽو وٺي ڏنو ويندو هو. ٽن چئن سالن جي عمر ۾ ڪي رانديڪا مٽي ڳوهي ان مان ٻار پاڻ ٺاهيندا هوا مثلاً گوليون، گولا، سرون وغيره ڪي ٽڪر ۽ ڪاغذ جا رانديڪا هندو قوم جون ڪاڇياڻيون عورتون ٺاهي اينديون هيون. جهڙوڪ ڦر موٺيون، جهرڪيون، اٺ، گهوڙا، ڪپڙا، جنڊڙيون وغيره جي مانيءَ جي ٽڪر ڏيڻ سان ملندا هوا. بعضي ماني ٽڪر نہ هوندو هو تہ ان مٽ تي وٺبا هوا انهن ڪانسواءِ خالي باڪس (ماچيس) ڀڳل مٽن ۽ دلن ۽ ٻرتن جون ڳرٽيون وغيره رانديڪن جو ڪم ڏينديون هيون. ڪو ڦاٽل ڪتاب يا رنگين پنو هٿ اچي ويو تہ اهو بہ رانديڪن ۾ شامل ڪيو ويندو هو. سارو ڏينهن ٻارن جو انهيءَ ڪونس ڦتائيءَ ۾ گذرندو هو ۽ ڪو وقت مائٽن جي جند آزاد هوندي هئي. مخدوم نوح الله عليه جو ماهہ ڀهريون سومار ٿيندو هو يا ڇهہ ماهو ۽ ٻارهن ماهو ميلو لڳندو هو تہ وڏ ۾ وڏ رانديڪا جي مائٽن کي خريد ڪرڻا پوندا هوا سي هوندا هوا نياڻين لاءِ ڇينيءَ جون پوريون ۽ توتاريون ۽ پٽن لاءِ توتاريون ۽ واجو ننڍي پوري ٽڪي ۽ وڏي آني ملندي هئي. اهڙيءَ طرح ننڍي توتاري پنسي ۽ وڏي ٽڪي ملندي هئي ۽ واجو سادو ٻين آني ۽ اوچو چئن آنن ملندو هو. هلندڙ دؤر ۾ پلاسٽڪ ڪم ڪري ڏيکاريا آهن. ريل گاڏيون، هوائي جهاز ۽ قسمين قسمين جا پکي ۽ جانور وغيره جن جو ڇا ذڪر ڪجي. پنجن ورهين جي وهيءَ کي پهچڻ بعد گهٽيءَ جون رانديون ڪيڏيون وينديون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيون. اهي رانديون خاص طور ٻارن ڇانڊوڪي راتين ۾ کيڏڻ جو مزو ۽ لطف وڏيڪ هوندو هو. نياڻيون اڪثر اُسڙي ڇانوڙيءَ، ناني جا ٽي ڳوليَن. امان سني، اهي به رانديون ڪنديون هيون ۽ پٽ، ڪوڏي ڪبل، ونجهوني، ٻاري جهل، ڇڙهي چيلهه پڇوس، ڊڊِ پلي، ليٽ ڪبوتر ۽ ملهه وڙهڻ جون رانديون ڪندا هوا. هنن راندين تي خرچ بلڪل ڪو نه هوندو هو. ۽ مزو وڏيڪ هوندو هو.

پنجن سالن کان ڏهن سالن تائين يعني پرائمري تعليم جي اختتام تائين اسڪولي راندين سان گڏ ٻاڙي جي راندين ۾ نانگيل ڦوسيل، گلي ڏڪر، چڏن يا گولين راند کينهوڙي راند لاٺون ڦيرائڻ، لغڙ اڏائڻ ڪي مکيہ رانديون هونديون هيون.

موڪل جي ڏينهن، منهنجون مشغوليون اڙٻنگ چوڪرن سان هونديون هيون. ڪڏن تي چڙهي پتين تان ٽپا ڏيڻ ۽ ڊوڙون پائڻ، ڊوڙ جو آئون بلڪل چوهو هوندو هوس ۽ ورلي ڪو مون کي پڪڙي سگهندو هو. مائٽ مون کي ٽپن ڏيڻ ۽ وڻن تي چڙهڻ کان ڏاڍو روڪيندا هوا پر منهنجي انهن راندين ڪانسواءِ سرندي ڪا نه هئي مائٽن جي ٻي ڇپائيءَ جو نتيجو اهو ٿيو، جو اٺن نون ورهين جي عمر ۾ مون کي چن (هرنيا) ٿي پيو. بابا ويچارو پريشان ٿي پيو ڊاڪٽر هڪ پٽو چاڙهيو جو نانگ ڦڻ وانگر هوندو هو آپريشن جي وٽ وٺان ڪا نه هئي منهنجون ڊوڙون ۽ وڻن تي چڙهڻ بند ٿي ويو. آخر ڇهن ستن مهينن جي پٽي چاڙهڻ بعد منهنجو چُن لهي ويو ۽ آئون نوبنو ٿيس. ليڪن اڙٻنگائيءَ واريون رانديون ختم ٿي ويون. نه فقط اهي رانديون پر ٻين راندين کان به گوشو ڪندو هوس جو ڊاڪٽرن، طبيبن ۽ سيني کان وڏي حڪيم الله تعالىٰ منهنجي لاءِ ان ۾ بهتري ڄاتي، منهنجون رانديون اهڙي طرح گم ٿي ويون جيئن ڳنوڻ جا مٿيان ڏند. وندر نه هر حال ۾ کپندي هئي، تنهن ڪري مون سجو ڏيان گهر ۾ ويني راندين رچائڻ تي مرڪوز ڪيو. منهنجي گهر ۾ منهنجي اسڪولي سنگتين ۽ ساٿين کي موڪل وارن ڏينهن تي گڏ ڪري، آئون ماستر صاحب ٿي ويهندو هوس ۽ ٻين کي پنهنجو شاگرد سمجهي پڙهائيندو هوس. لکڻ پڙهڻ ۽ حسابن تي مارڪون ڏيندو هوس ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجي ٻڙائي ۽ برتري قائم رکيو ايندو هوس. ڪجهه وقت بعد دوست هليا ويندا هوا آئون ويهي قصن ڪهاڻين جا ڪتاب پڙهندو هوس ۽ ٻين کي پڙهي ٻڌائيندو هوس.

چاچا عبدالله مرحوم جي پراڻن ڪتابن سان هٿ چراند شروع ڪيم. انهن ۾ ڪي فارسي ڪتاب هوا ۽ ڪي اردو شعر جا ڪتاب هوا. مثلاً "چمن بي نظير" وغيره جي پنهنجي سمجهه کان ٻاهر هوا. بهرحال مون کي هڪ ڪتاب مجمع القوائد سنڌي ۽ وڏو فالنامہ سنڌي هٿ آيا جي ڪٺي پنهنجي حوالي ڪيم. منهنجون رانديون جي بند ٿي ويون هيون تن جو نعم البدل ملي ويم ۽ پيدا ٿيل خال پرجي ويو. فالنامي ۾ گول چڪر نڪتل هوا، جن جي خانن ۾

انگ لکيل هوا ۽ انهن جي سامهون فال جو جواب غور سان پڙهي سمجهي ويس ته فال هن طرح پوندي. هاڻي مون مان هر هڪ ڦاسي ويو. جنهن تنهن ڪان انگن تي هٿ رکائي فالنامه تي شوڪارو هڻي، انهيءَ انگ وارو مضمون پڙهي ٻڌائيندو هوس ۽ ڪاميابيءَ تي ڏاڍي سرهائي ٿيندي هيم. رفته رفته ڳالهه وڌي ويئي اوڙي پاڙي جون مايون فال لاءِ اينديون هيون ۽ واهه واهه ٿي ويئي.

مجمع الفوائد کي غور سان مطالعو ڪيم. عجيب غريب تعويذ لکيل هوا پر لکڻا سڀ زعفران سان هوا. زعفران جي معنيٰ پڇيم. چيائون ته ڪيسر. بازار مان ٻن آنن جي وٺي آيس ۽ ان کي رڱڙي مس ناهيم دل چيو ته هاڻي مون ڪان ڪو تعويذ لکائي. هڪ ڏينهن هڪ ساٿياڻي مائي اسان جي گهر ۾ آئي ۽ شڪايت ڪيائين ته ڪيترا ڏينهن ٿيا آهن ته مجي ڦاسي ڪا نه ٿي. مون هڪدم چيس ته ماسي توکي تعويذ لکي ٿو ڏيان تون "پنيل" کي چؤ ته ڪڙهي ۾ ٻڌي ڇڏي (پنيل سندس پٽ جو نالو هو). ته مجي جام مرندي. چيائين ته ابا تڏهن ته ڀلائي. وضو ڪري مجمع الفوائد تان ڏسي زعفران سان تعويذ لکيم ۽ مائيءَ وڃي ڪڙهي ۾ ٻڌو. الله جي قدرت تان قربان وڃان. مجي سرس مرڻ لڳي. مائي پنج پئسا سنت جا کڻي آئي ۽ ٻيون به ساٿياڻيون مايون ڏڙا ڏڙ اچڻ لڳيون. مشهوري ٿيڻ سبب هڪ ونديار مائي به آئي جا مالدار هئي. چيائين ته ابا ڏڌ ولوڙيان ٿي پر مکڻ ٻنهه ڪو نه ٿو نڪري. ان قسم جو تعويذ ڳوليم ته اهو به لبي ڀيو ۽ مائيءَ کي لکي ڏنم جو وڃي منڌيءَ ۾ ٻڌائين. قادر جي قدرت تان قربان وڃان مکڻ جا چاڻا نڪرڻ لڳا پوءِ ته وارو وار ٿي ويئي. ڪو چوي ته منهنجي گهوڙي کي چرڪ آهي. ڪو چوي ته مينهن مڙي نه ٿي ڪو چوي ته منهنجي ڳئون ڍهه ٿي هٽي ۽ ڪنهن کي ويجهو اچڻ نه ٿي ڏئي وغيره. آخر نوبت اتي اچي پهتي جو جنن ڀوتن لاءِ ۽ محبت لاءِ به تعويذ لکڻا پيم جي سڀ مجمع الفوائد ۾ هيڪاندا هوا. سنت جا پنج پئسا ملندا ٿي وياءِ زعفران ايندي ٿي وئي. جيڪي پئسا بچندا هوا تن مان آسن حلوائي ڪان ماڪي ڳيٽ ۽ جوهردار ريوڙيون وٺندو هوس، چينچل واڻئي ڪان مانو ۽ حاجي الهه ورائي (ڊگي) ڪان نڪي سيخ ڪواب ۽ ٿانون مهتي ڪان ڦُڳل چڻن جي دال وٺي ڪائيندو هوس. ڪجهه مصري به وٺندو هوس جا ڪڏهن ڪڏهن پڙهي ڏيڻي پوندي هئي. ڪير ٿو چوي ته تعويذات جو لکڻ نفع بخش ڌنڌو نه آهي.

هيءَ ٿي عمر هئي جنهن ۾ مطالعي جو شوق جاڳيو جنهن بابت مون پنهنجي پرائمري تعليم واري بيان ۾ ذڪر ڪيو آهي. شايد شعر گوئيءَ جو رجحان به هن ئي عمر ۾ سرجيو جو ته مون کي تڪ بنديءَ تي ڳالهائڻ جو ملڪو به هن ئي منزل تي حاصل ٿيو. اڪثر تڪ بنديءَ تي ڳالهائڻ سان آئون پنهنجن ننڍڙن ساٿين کي حيران ڪري ڇڏيندو هوس. مثلاً چوڪرن کي سڏ ڪندو هوس ته چوندو هوس "اچو سيئي يار، ڳڏجي ويهو يار، ڪانو نه ڏاڍي مار" ٻارن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دڙڪو ڏيندو هوس تہ چوندو هوس "سائين نہ هٽبو نيت. ڦاڙي نہ وجهبو پيٽ" ڪو شيءِ ڪائي ويندو هوم تہ ڪل پوڳ ۾ چوندو هئس "ڪائي وئين منهنجي سموري دال. تون آهين ڏاڍو بدافعال" ڪنهن ڪي ڪتاب ڪڻ تان روڪيندو هوس تہ چوندو هومانس تہ "ڪڻ نہ منهنجو ڪتاب اڇي ويهي ڪر حساب. غلط نڪرنديئي جواب" اهڙيءَ طرح گهر ۾ بہ ائين ڳالهائيندوهوس ۽ چوڪرا سائينءَ کي چوندا هوا تہ اسماعيل بيت ٺو ناهي. سائين گهرائي پڇيو هو تہ "اڙي اسماعيل، تون بيت ناهيندو آهين ڇا. ان تي آئون ڏاڍو شرمائيندو هوس ۽ چوندو هوس تہ نہ سائين هي چرچا پيا ڪن. سائين اصرار ڪندو هو تہ مون کي بہ بيت ناهي ٻڌاءِ. گهڙيءَ ريڙهہ پيڙهہ بعد چني ڏيندو هوس تہ " سائين تنهنجو چاڪ. آهي اڇو ۽ پاڪ. بورڊ آهي ڪارو. لکيل آهي سارو. ميز سائين جي مزيدار. ٽنگون جنهن کي آهن چار. ڪرسي اهي نيٽ واري. سيني کي آهي پياري" ان تي سائين چوندو هو تہ "بس بس. شاهہ لطيف نہ ٿي وڃين" سيئي چوڪرا ٽهڪ ڏيئي کلندا هوا. سائين وري شاباس بہ ڏيندو هو ۽ چوندو هو تہ اسماعيل ڏاڍو ذهين ۽ هوشيار بار آهي. آئون نهايت گد گد ٿي ويندو هوس.

ان طرح ننڍپڻ جون گهڻي ئي يادگيريون اٿم ۽ هر هڪ ڪلاسيءَ جون ڪي ڳالهيون ياد اچن ٿيون جي جيڪر سڀ لکندو وڃان تہ هوند. دفتر پرجي وڃن جيتوڻيڪ هتي انهن سيني بابت لکڻ جي گنجائش نہ آهي. پر انهن جو ڪو بہ ذڪر نہ ڪرڻ هڪ طرف مضمون جي اڻ پورائي ٿيندي ٻئي طرف سنگت سان بي مروتي ٿيندي. ان ڪري چوٿين ڪلاس جي ڪن گَهڻن سنگتين بابت بہ اکر ضرور چوندس اهو ثانوي تعليم لاءِ وڃڻ جو آخري پرائمري ڪلاس هو جنهن بعد اسين سڀ هڪ ٻئي کان جدا جدا ٿي وياسين.

ڪٿا منجهہ قرار هوا هيڪاندا سنگ ۾،
ڳاهي ڳاهہ فراق جي ڪيا ڏارون ڏار،
نہ جاٿان ٻيهار ڪير مڙندا ڪن سين.

منهنجو سيني کان وڌيڪ ۽ پيارو سنگتي ۽ پريتوان مُولَو پٽ واڌومل سانداڻي هو جو مون جهڙوئي هوشيار هوندو هو ۽ ڪلاس ۾ پهريان ٻئي نمبر اسان جا هوندا هوا. مولو. جهڙو هو مهانديءَ جو موچارو ۽ حسين تهڙوئي هو سلڇڻو ۽ سيرت جو چڱو. سندس والد اصل ڳوٺ سانداڻ جو هو جنهن ڪري ڪين سانداڻي ڪوليندا هوا. واڌومل ڪامٽائيءَ جي لقب سان مشهور هو. ڪامٽن ڪڍڻ لاءِ ڪيس سنڌ ۾ ماٿهو ڪٽي ڪٽي وٺي ويندا هوا. هو ننڍو زميندار بہ هو ۽ هڪ چڱو خاصو ٽوٽڪائي حڪيم بہ هو. سياري جي موسم ۾ پنهنجي ٻارن لاءِ مغزات جون معجونون ۽ ذائقيدار چُوريون ناهيندو هو جي مولو. مون کي خوب کارائيندو هو. آئون چوٿون پاس ڪري انگريزي تعليم لاءِ حيدرآباد آيس ۽ مولو وڃي دڪانداريءَ جي ڏنڌي

سان لڳو ۽ مون سان سنڌس دوستي وڌڻ تائين هلندي آئي. ٻيو دوست منهنجو پرسو لڌارام ماڙي وارو هو. هن جو والد اصل ڳوٺ ماڙي محمد خان جو وينل هو ۽ پوءِ لڏي اچي هالن نون ۾ وينو. زميندار به هو ۽ هالن جي وڏي بازار ۾ ڪپڙي جي ڪوٺي به هيس. پرسو به هوشيار شاگردن مان هڪ هو ۽ سنڌس سنگت مون سان ۽ مولي سان ني هوندي هئي. مولو ۽ پرسو ساڳيءَ گهٽيءَ ۾ رهندا هوا. پرسو به قبول صورت هو ۽ سنڌس نهٺائيءَ ۽ نماڻائيءَ کيس سڀني ۾ پيارو بنائي ڇڏيو هو. تقسيم هند بعد هي ٻئي خاندان انڊيا هليا ويا. مسلمان سنگتين ۾ هڪ الهڏنو پٽ حبيب جو (صادقاڻي آخوند) انصاري دوست هومر جو پڙهڻ ۾ وچٿرو هوندو هو مگر ٻيءَ طرح هر لحاظ کان سڀاجهو ۽ سٺوپرو هو. سڀني کان وڌيڪ رغبت مون سان هوندي هوس.سنڌس پيءُ پنهڙي اڳٺ اٺندو به هو ۽ وڪڻندو به هو. الهڏنو ڪڏهن ڪڏهن اڳٺ سوغات طور ڏيندو هو. منهن جو ملوڪ ۽ چڱن اوصافن جو چوڪرو هو. ڪي ڪي لفظ ٻاتائي ڳالهائيندو هو. پر اهي سنڌس زبان مان نهايت دلپذير لڳندا هوا. ڦوهه جوانيءَ ۾ وفات ڪري ويو. رب رحمان شال کيس جنت نصيب ڪري. آمين.

هڪ ٻيو دوستُ به هوندو هومر جنهن جو نالو الهه بچايو عرف نمريو هوندو هو ۽ سنڌس والد جونالو محب هو ۽ ذات جو هالو هو. الهه بچايو بلڪل ڪند ذهن هو ۽ ڏهاڙي اسڪول ۾ مار کائڻ سنڌس مقدر بنجي چڪي هئي. هو منهنجي ڏاڍي خوشامد ڪندو هو ۽ منهنجي به سائنس ڏاڍي همدردي هوندي هئي ۽ کيس مار کان بچائڻ لاءِ ويهن ني ننهن جو زور لائيندو هوس. جڏهن سائين اسانکي چوندو هو ته هڪٻئي کان سوال پڇو تڏهن چوڪرن کي روڪيندو هوس ته الهه بچائي کان ڏکيا سوال نه پڇو. الهه بچايو ويچارو منهنجو ڳيجهو ان ڪري به هو جو مان هن کي هر آفت کان بچائڻ جي ڪوشش ڪندو هوس. وڌيڪ ڪو نه پڙهيو ۽ وڏي هوندي سنڌس بدبختيءَ کيس وچي پوليس ڪنسٽيبل ڪيو. هن جي قسمت جي نارسائي کيس ڪنسٽيبل کان مٿي چڙهڻ نه ڏنو ۽ شايد انهيءَ ني عهدي تان رٽائر ڪيائين.

جيترا چوڪرا هوا، اوترا سپاءُ هوا سنڌن عجيب و غريب طبيعتون، اڏنگيون ۽ اگريون عادتون اطوارءِ هڪ ٻئي تي چيڙ جا نالا رکڻ، هڪ ٻئي کي چيڙڻ، وڙهڻ جهڙڻ، ڪهڙيون نه ٻاراڻيون حرڪتون هيون! هنن چند لفظن لکڻ وقت سڀ مناظر اکين جي آڏو اچي بيهن ٿا. چبل ڪوڙائيءَ کي ڏڪڙ، نيڪمر کي تماڪي ۽ شفيع کي ڪن ڦاڙ وغيره وغيره ڏنل لقب دل تي تري ٿا اچن. ڪاش! اهو حياتيءَ جو وقت موٽي ملي!

جوانی کی دعا لڑکوں کو ناحق لوگ دیتے ہیں،
یہی لڑکے مٹاتے ہیں جوانی کو جواں ہوکر.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي انگريزي تعليم (ثانوي تعليم) جي شروعات

خداوند تعاليٰ جا لکين شڪرانا، ابتدائي تعليم جي منزل پوري ڪري، گورنمينٽ اسڪالر شپ حاصل ڪري انگريزي تعليم لاءِ حيدرآباد ۾ پڙهڻ جو موقعو، مليو جنهن لاءِ دل ۾ ڏاڍي خوشي هيم. ان وقت حيدرآباد ۾ انگريزي اسڪول فقط چار هوا جي چارئي هاءِ اسڪول هوا. هڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول هو، جو موجوده نور محمد هاءِ اسڪول ۽ مسلم ڪاليج واريءَ ايراضيءَ تي پکڙيل هو ٻيو نولراءِ هيرانند اڪيڊمي هو، جو موجوده گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۽ سنڌ لا ڪاليج واري هنڌ تي هو. ٽيون نئون وديالا هاءِ اسڪول هو، جنهن ۾ هن وقت سنڌ يونيورسٽي اولڊ ڪئمپس آهي. زنانا هاءِ اسڪول فقط هڪ ڪندن مل گرلس هاءِ اسڪول هو جتي موجوده جامعه عربيه هاءِ اسڪول آهي. انهن کان علاوه ڪرسچن انسوسيئيشن وارن جو هڪ پڳٽ گرلس اسڪول به هو، جو ٽريننگ ڪاليج فارمين جي سامهون پنهنجي جاءِ تي اڄ به موجود آهي.

پراڻي گورنمينٽ هاءِ اسڪول جون اڳيون جايون ڍاهي بلڪل نيون ٺهرايون ويون آهن ۽ فقط مينارام هال پنهنجي اڳوڻي شڪل ۾ قائم رهندو اچي. اين ايچ اڪيڊمي ۽ وديالا ۽ ڪندن مل گرلس اسڪولن جون عمارتون ساڳيون آهن. وديالا هاءِ اسڪول جو وجود راءِ بهادر پريداس جي ڪوشش جو رهين منت هو. اڪيڊمي ساڌو هيرانند ۽ سندس ڀاءُ ساڌو نولراءِ جي ڪوشش جو نتيجو هو. هر هڪ هاءِ اسڪول کي پنهنجي هڪ هاسٽل به هئي. اسڪول جي اترين بلاڪ وٽ اڳوڻي گورنمينٽ هاءِ اسڪول جون ١٥ـ ٢٠ ڪوٺيون ٺهيل هيون، جن ۾ ٻهراڙيءَ جا ڇوڪرا رهندا هوا. اڪيڊميءَ کي پوهوڪياٽي بلڊنگ ۾ سنڌ جوويناڻيل (ايس جي ڪو آپريٽو سوسائٽي) جي پٺين پاسي کان چار گهر مسواڙ تي هوا جن ۾ هاسٽل قائم ڪيل هئي. وديالا هاءِ اسڪول کي هاسٽل جي لاءِ ڪافي ڪوٺيون هيون، جي بعد ۾ ڍهرائي اتي يونيورسٽي ملازمن جا ڪوارٽر ٺهرايا ويا. وديالا هاءِ اسڪول کي پنج پرائمري اسڪولن جون برانچون هيون ۽ اڪيڊميءَ کي چار. اهي برانچون انهن هاءِ اسڪولن جا ڀرتي ڪندڙ (فيڊر) اسڪول هوا. حيدرآبادي عاملن جا پٽ ڀار انهن هاءِ اسڪولن مان ۽ ڌيئرون ڪندن مل گرلس اسڪول مان تعليم کان ڀهرور ٿينديون هيون. هندو ماڻهن جي انتظامي صلاحيتن جو ڇا ذڪر

ڪجي ڪهڙي نہ سڌريل قوم هئي!

آمديم برسر مطلب. مون کي جيڪو اسڪالرشپ جو آرڊر مليو هو. ان ۾ هدايت ڪيل هئي تہ آئون گورنمينٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ داخلا وٺان. لهاذا مون ١٨_ ١٩١٩ جي پهرين اپريل تي اچي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ ديرو دمايو. پهرئين درجي جي في ڏيڍ رپيو ۽ راند جي في چار آنا هئي. هڪ ماهہ جي في جيترا پئسا داخلا في هئي ۽ اٺ آنا سال جا ڊرائنگ فيءَ بابت ڏيڻا پوندا هوا. ڪل ٽي رپيا ٻارهن آنہ في ڀري اسڪول ۾ داخل ٿيس. هاءِ اسڪول ۾ مسلمان ماستر صرف بہ هوا. هڪ پرشن ٽيچر مسٽر شيخ عبدالعزيز قنڌاري ۽ ٻيو مرحوم علي بخش انصاري (گولہ انداز) ڊرائنگ ٽيچر. باقي جملي ماستر صاحبان سڀ هندو هوا، جن مان هڪ ڪان سواءِ ٻيا سڀ حيدرآبادي عامل هوا. اهو هڪ ماستر مسٽر شيوا رام ساهتي جو هندو هو.

هيڊ ماستر ديوان ڪشچند هو. جو سفيد ريش بزرگ هستي نهايت باوقار ۽ رعبدار هو. پٽڪو ٻڌندو هو ۽ گلي بند ڪوٽ زيب تن ڪندو هو. هيڊ ماستر صاحب کي سرڪاري بنگلو مليل هو. جو ٽريننگ ڪاليج فارمين سان متصل اجا تائين ساڳي صورت ۾ قائم آهي ۽ گهڻي وقت کان تعليم کاتي جا ڊائريڪٽر منجهس رهندا ٿا اچن. آئون نيٺ نداڻ درجي پهرئين ۾ داخل ٿيس. اسان کي ڪلاس ماستر ٺاڪر داس مِليو. مسٽر ٺاڪر داس بہ ڪراڙو مڙس هو ۽ سندس ڏاڙهي ۽ مڇون ۽ مٿو بلڪل سفيد هو. قد جو قداور ۽ بدن جو ڀريل هو. بدن تي ڪوٽ، مٿي تي ڪاري پلش جي ٽوپي ۽ پٽي جو اچو پاجامو ۽ پيرن ۾ سليپر پائيندو هو. پهرئين درجي لاءِ هڪ ڪامل استاد هو. عاملن جا ڇوڪرا ٻاڪرا ڦر ڪافي خفي ڪندا هوس. ڪاوڙبو هو تہ ناسون ڦوڪاري، مُنيون پڪوڙي، ڏند پيڙي اٿندو هو ۽ ياٺبو هو تہ خون ڪرڻ کانسواءِ نہ ڇڏيندو مگر ويجهو اچي سڪيون اُلرون ڪري هٽي ويندو هو. ڪڏهن ڪو قضا ٻهاني ڪنهن کي هوريان ٿڦڙ هٽي ڪڍيائين تہ دنگ ٿيو.

اسان جي ڪلاس ۾ ٤٠_ ٤٥ شاگرد هوا جن ۾ مسلمان فقط ڇهہ هواسين جي مون کي چڱيءَ طرح ياد آهن ۽ اڪين اڳيان پيا ڦرن. ١_ سيد وڏل شاهہ جو يٽ شاهہ کان آيل هو. عمر جو اسان کان وڏو هو ۽ سنڌي فائنل پاس ڪري آيو هو. ٢_ قادر بخش شورو، جو روزانہ ڄامشوري کان ايندو هو ۽ ان جو بہ سنڌي فائنل پاس ڪيل هو، ٣_ محمد الياس ميمڻ، ٤_ حسن علي ميمڻ ٥_ غلام علي شيدي ۽ ڇهون مان پاڻ. وڏل شاهہ کي پٺاڻي پيرن نپايو هو ۽ سندس سمورو خرچ برداشت ڪندا هوا سندس حليو هي هوندو هو. شالورو جو پٽڪو، ريشمي رنگين سلوار ۽ قميص، عامل ڇوڪرا جٽ جٽ چوندا هوس تہ سخت برهم ٿي ويندو ۽ ڪين گاريون ڏيندو هو. پڙهڻ تي شوق ڪو نہ هوس. گسائيندو گهٽو هو ۽ آخر پڙهڻ ڇڏي ڏنائين. ڪجهہ زمين پنهنجي هيس. پاڻ اهل تشيعت جو هو. زوار بہ ٿي آيو. سانول شاهہ جي پڙ (حيدرآباد) جو متولي هو ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انجمن اماميہ جو خاص رڪن هو. مون سان مرحوم جي پڇاڙي تائين ياراني ۽ ڏيٺ ويٺ رهي. خداوند تعاليٰ مٿس رحمت فرمائي.

بهت سی خوبياں تهيں مرنے والے ميں

قادر بخش شورو بہ فائنل پاس ڪرڻ بعد انگريزي اسڪول ۾ داخل ٿيو هو. پنهنجي ڳوٺ جو ملو بہ هوندو هو. ختما درود ڏيندو هو ۽ ڳوٺ جي مسجد جو خدمتگار بہ پاڻ هو. سندس حاضري گهٽي ڪا نہ رهندي هئي. پنڪو بڏي ايندو هو. سندي جتي پائيندو هو. روز بہ ميل پنڌ جا هٽي اسڪول پهچندو هو. ڪتابن جي پوتڙي ڪڏهن مٿي تي ڪڏهن ڪڇ ۾ کڻي ايندو هو. ڪڏهن ڪڏهن صدري پائيندوهو تہ اڳٺ پيو لڙڪندوهوس. هندو چوڪرا مٿس کلندا هوا. مگر هو انهيءَ ڳالھ کان بي نياز هوندو هو. مسڪين ماڻهو هو. وڌيڪ تعليم حاصل ڪري نہ سگهيو. آخر وڃي پوليس ۾ ڀرتي ٿيو ۽ ترقي ڪري پوليس جو صوبيدار ٿيو ۽ پنهنجو خاندان ناهي ورتائين. هو صاحب حيات آهي ۽ مون سان ساڳيءَ سڪ ۽ پيار سان ملندو آهي.

محمد الياس بہ جلد ني اسڪول ڇڏي وڃي مسافر خانہ اسڪول (موجوده قاضي عبدالقيوم پرائمري اسڪول) مان فائنل پاس ڪري پرائمري ماستر ٿيو ۽ ساڳئي اسڪول ۾ هيڊ ماستر ٿي رٽائر ڪيائين اڄ تائين سندس مونسان دوستانہ تعلقات آهن. جيتوڻيڪ آءٌ سندس آفيسر ٿي آيس. تاهم ساٿس منهنجا اهي ئي برادارانہ تعلقات رهيا. حسن علي مرحوم جو هن وقت وفات ڪري ويو آهي. سو ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ جو وڏو ڀاءُ هو. هن بہ وڌيڪ تعليم ترڪ ڪري ڇڏي ۽ واپار ڪندو هو. حياتيءَ جي پوئين دوز ۾ ڪيس ڪورين جي پڙ حيدرآباد ۾ ڪير ۽ مکڻ جي ڊيري هئي. ان ڪري سندس واسطو جامشوري جي مالدارن خصوصاً ڪير وارن سان رهندو هو. ۽ لازمي تعليم (زوري تعليم) جي ڪيسن ۾ جڏهن شورن جا چوڪرا مون وٽ ڦاسندا هوا. تڏهن انهن کي ڇڏائڻ لاءِ مون کي سفارشون ڪندو هو جي آنون خوشيءَ سان ڪنهن حد تائين مڃيندو هوس. هتي ياد رهي تہ آنون هالا ڊويزن جي اسڪول جو ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر هوس ۽ لازمي تعليم جا ڪيس هلائي سزا ڏيڻ جو اختيار حاصل هوم.

منهنجون پنجون ڪلاسي غلام علي شيدي هو. جو ٽنڊي ولي محمد حيدرآباد جو رهاڪو هو. اهو مرحوم بہ هن وقت هن دار فانيءَ کان موڪلائي چڪو اهي. پاڻ پنڪو بڌندو هو ۽ ڪنن ۾ چانديءَ جون ڪيوٽيون (مُرڪيون) پيل هونديون هوس. اڪثر پَن جون بيڙيون پيئندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن پيڊرو يا سن فلاور سگريٽن سان بہ شوق ڪندو هو. هن جو ڏهن سگريٽن جو پاڪيٽ ڏهين پئسي ملندو هو. شيدي ماڻهو اڪثر ڪري اگوندرا ٿيندا آهن ۽ هي مرحوم بہ بلڪل لاپرواهہ هوندو هو. البت اڙٻنگ، اوڏو، اهنڊ بہ هوندو هو ۽ ڪنهن نہ ڪنهن

سان روزانو ويڙهه جهيڙ ٿيندي رهندي هيس. ملهه چڱي جاڻندو هو تنهن ڪري ڪنهن کي ڦڙتي، ڪنهن کي مونڙي، ڪنهن کي اندريون ڪنهن کي ٻاهريون، ڪنهن کي ڏاڪ تي کڻڻ، ڪنهن کي وارو، ڪنهن کي جانئو مطلب ته سڀ ڪنهن سان ٻکين پيو پوندو هو.

مارون به سخت کائيندو هو مگر سڀ بي اثر جڻ سانَ تي ٻڱهي وڃي. مرحوم محمد صديق گلاب خان مسافر (حبشي) ان وقت پرئڪٽسنگ اسڪول ٽريننگ ڪاليج فارمين ۾ نائب ماستر هو ۽ ٽنڊي ولي محمد ۾ رهندو هو. مرحوم غلام علي جي پرگهور لهندو هو ۽ غلام علي شام جي وقت مرحوم مسافر جي پينگ به گهوٽيندو هو ۽ هڪ اڌ جمني پاڻ به نوش جان ڪندو هو. اسڪول ۾ نه پورا ڪتاب هوندا هوس ۽ نه نوٽ بُڪ.

اسڪول ۾ ڪوٽ ۽ ٽوپيءَ سان اچڻ جو تاڪيد ڪيو ويندو هو مگر مرحوم وڏل شاهه، مرحوم غلام علي ۽ مسٽر قادر بخش تاڪيد هوندي به ڪوٽ اصل نه پائيندا هوا ۽ نه پنڪو مٿاني ٽوپي پاتائون. آرهڙ ۾ ته خير پر سياري ۾ به اجرڪ ويڙهي ايندا هوا. باقي مرحوم حسن علي، مسٽر محمد الياس ۽ آئون پلش جي ڪاري ٽوپي ۽ ڪوٽ پائي ايندا هواسين. هندو ڇوڪرن ۽ اسان جي پوشاڪ ۾ فرق فقط پاجامي ۽ سلوار جو هوندو هو. جنهن مان هندو مسلمان جو تفاوت معلوم ٿي سگهندو هو.

اسان کي ڪتاب وٺايا ويا. ان وقت ڪتاب گهڻو ڪري سڀ منڪملين ڪمپني جا هوندا هوا. انگريزي پرائمري ۽ ريڊر ڪانسواءِ باقي ڪتاب جهڙوڪ سائنس، تاريخ ۽ جاگرافي انگريزي ڪتابن جا ترجما هوندا هوا جي سڀ منڪملين ڪمپني جا هوندا هوا. ڪتابن جي ڪهڙي تعريف ڪريان. تاريخ جاگرافي سولين آکاڻين جي نوع ۾ لکيل هونديون هيون جي پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ نهايت آسان هونديون هيون. تاريخ سولي (ايزي) جاگرافي سولي (ايزي) سائنس ۽ منڪملين جو پرائمري ۽ ريڊر نهايت اعليٰ درجي جا ڪتاب هوا ۽ اهڙي ته عمدي ۽ سائنٽيفڪ طريقي سان لکيل هوا جو انهن جي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ۾ لطف ايندو هو ۽ انهن جي تعليم نقش برسنگ ٿي ويندي هئي. موجوده دور ۾ ته خبر ني نه ٿي پوي ته ڪهڙن تعليمي اصولن کي پيش نظر رکندي ڪتاب لکيا ويا آهن. الامان! آئون هتي انهيءَ بحث ۾ وڃڻ نٿو گهران.

سيئي ڪم هڪڙوني ڪلاس ماستر سيکاريندو هو، سواءِ ڊرائنگ ۽ مشق ڪاپيءَ جي، جو ڪم ڊرائنگ ماستر مرحوم مسٽر علي بخش جي ذمي هو. ڪاپي به مڪملين ڪمپنيءَ جي هوندي هئي ۽ او "O" نب سان لکائي ويندي هئي. رانديون ان وقت لازمي هيون يعني روز شام جو اسڪول ۾ گڏ ٿبو هو ۽ اتان قطار يعني Line ۾ گرائونڊ تي وڃبو هو ۽ واپس به قطار ۾ ني موٽبو هو ۽ اچي اسڪول جي احاطي ۾ ڇڙوڇڙ ٿبو هو. ڏاڍو سٺو انتظام هو. ڪنهن کي مجال نه هوندي هئي، جو استاد ته بجاءِ خود رڳو مانيٽر يا ڪپتان سان به ڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڊنگو هليو! راند تي آءُ روزانو سعيي سان ويندو هوس مگر راند ڪانہ ڪيڏندو هوس. ماستر صاحب سبب پڇيو ۽ ڪيس ٻڌايم تہ مون کي ڪجھ وقت اڳي ڄُن پيو هو ان ڪري ڊاڪٽرن ڊڪ ڊوڙ کان منع ڪري ڇڏي آهي. مون کي ان ڳالھ جي تصديق لاءِ ڊاڪٽر جو سرٽيفڪيٽ وٺي ڏيڻو پيو ۽ راندين کان مون کي آزاد (فري) ڪيو ويو.

پهرئين درجي جو سال خواب وانگر گذري ويو. سالياني امتحان پيپرن ذريعي ورتو ويندو هو. اسين سڀ پاس ٿياسين سواءِ غلام عليءَ جي. مان پيو نمبر آيس ۽ ٿانور چوڪرو پهريون نمبر آيو. هو انگريزيءَ ۾ مون کان وڌيڪ مارڪون کٽي ويو. حقيقت اها هئي تہ هندو عامل چوڪرن جي گهرن ۾ سندن مائٽ انگريزيدان هوندا هوا ۽ سندن ٻار پهرئين درجي ۾ ايندا هوا تہ ان کان اڳي ئي ڪين انگريزي الفاظ ۽ جملا ايندا هوا ۽ اي بي سي ۽ انگريزي پرائمري گهران ئي پڙهي پورو ڪري ايندا هوا جا ڳالھ اسان مسلمانن لاءِ ممڪن نہ هئي.

پنهنجو ڳوٺ هالا ڇڏي حيدرآباد اچڻ تي ائين پئي ڀانيم جڻ تہ ڪنهن نئين دنيا ۾ آيو آهيان. حيدرآباد شهر جا رستا ڏسي عجب لڳندو هو ۽ ڀائيندو هوس تہ هن کان وڌيڪ ڪشادا رستا دنيا ۾ ڪٿي بہ نہ هوندا ۽ اُهي ساڳيا رستا اڄ بلڪل تنگ نظر اچن ٿا. رستا پٿر جا هوندا هوا. ڏامر جا ڪارا رستا ان وقت وهم و گمان ۾ بہ ڪين هوا. ٽانگن جي ڦيٿن جا پٽا لوهي هوندا هوا ۽ رستن تي وڏا وڏا پٿر نڪتا بيٺا هوندا هوا جنهن ڪري ٽانگن ۾ خوب جهاٽڪا ايندا هوا ۽ اڪثر ماڻهو ڇڪي آڏائيندا ڏسبا هوا. وڪٽوريا گاڏيون اڪثر هندو سنڌورڪي سيٺين جون هونديون هيون، جي شام جو سير و تفريح لاءِ گدو بندر وجي دريا جو درشن ڪري ايندا هوا. ڪي وڪٽوريائون ڀاڙي تي بہ هيون. حيدرآباد ۾ بجليءَ جي روشني (اليڪٽرڪ لائيٽ) جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ شهر ۾ شمعدان يا قنديل ٻاريندا هوا. صبح جو نيڪيدار جا ماڻهو هر هڪ شمعدان ۾ گاسليٽ ذرو وجهي ويندا هوا ۽ شام جو وري انهن کي وقت تي روشن ڪري ويندا هوا. هوٽلون ٿوريون هونديون هيون فقط نانواين جا دڪان هوندا هوا، جتي ٻاهر جا ماڻهو جي شهر ۾ ڪمن ڪارين سان ايندا هوا سي اچي ماني کائيندا هوا، ڇڪلي روڊ تي فقط هڪ آغا جي هوٽل هوندي هئي جتي لوهہ جون ڪرسيون ۽ ڪاٺ جون ٽپايون هونديون هيون. باقي سوڊا ليمن ۽ ڪيڪ بسڪوٽن جا دڪان ڪافي هوندا هوا. مياڻي روڊ موجوده پرنس علي روڊ تي حسن علي وونري (بورن) جو ٻاٽلين پرڻ جو سانچو هوندو هو ۽ ٻاٽليون سڀ گوليءَ سان هونديون هيون. ان وقت ٻاٽلين جا نمونا هيئيان هوندا هوا.

١_ ڪاري سوڊا هڪ پئسي ملندي هئي.

٢_ ليمن ٽڪي.

٣_ رنگ واريون ٻاٽليون ٽين پئسي ملنديون هيون جن ۾ لائيم جوس جنجريٽ (جنجر)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راسبيري شامل هونديون هيون.

حسن عليءَ جو پاٽي (اينريٽيڊ واٽر) مشهور هوندو هو. چانهه جو رواج بلڪل براءِ نام هوندو هو. البته ٺاڌل جو عمدو گلاس آني ملندو هو ۽ برف پنسي پون (پائونڊ) هوندي هئي.

ڇڻڪار لاءِ گاڏيون هونديون هيون جي ڏاند (ڏگا) ڪاهيندا هوا ۽ پنيان ڇڻڪار ٿيندو ويندو هو. انهيءَ زماني ۾ پهريون شخص حيدرآباد ۾ سيٺ ڪريم خوجو هو. جنهن ولايت مان هڪ موٽر خريد ڪري حيدرآباد آندي هئي، جا جڏهن به ڪنهن رستي تان لنگهندي هارن جو آواز ڪندي هئي ته سڀ ماڻهو ان کي هڪ عجوبه روزگار سمجهي ڏسڻ لاءِ ڪمن ڪارين مان هٿ ڪٽي ڪيندا هوا ۽ سراپا حيرت ٿي ان کي ڏسندا هوا. حيدرآباد ۾ سٺي ۾ سٺي جاءِ هڪ عاليشان باغ به هن صاحب ٺي ٺهرايو هو. سندس جاءِ جا نولراءِ مارڪيٽ وٽ آهي سا ڪيترا ڏينهن ڪليل رکي ويئي هئي ۽ عام ماڻهن جا حشام ان جو ديدار ڪندا رهندا هوا. سيٺ ڪريم جو باغ به ڏسڻ وڻان هو ۽ تفريح لاءِ شام جي وقت عام ماڻهن جو سک هو. هتي حيدرآباد شهر بابت تفصيلوار بيان ڪرڻ مقصود نه آهي.مگر ضروري جاتم ته جن ڳالهين مون کي ننڍي هوندي متاثر ڪيو هو. انهن بابت چند سٽن ۾ ذڪر ڪري ڇڏيان.

وري مطلب تي اچان ٿو۔ پهريون درجو گورنمينٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪري بابا سائين جي خواهش پٽاندر سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ ۾ بيو درجو پڙهڻ لاءِ ويس جنهن جو ذڪر ايندڙ قسط ۾ ڪيو ويندو.

ومان توفيقي الاباالله

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ مدرسة السلام ڪراچيءَ وارو دور

گورنمينٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پهريون درجو انگريزي مارچ ۾ پاس ڪيم ۽ ٻئي درجي ۾ آيس. ٻئي درجي جو ماستر مسٽر ليڪراج هو جو البته نڪ ڪان گهٽو هو. منهنجي والد مرحوم کي، مون کي سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾موڪلڻ جو خيال هن ڪري آيو جو مسٽر عبدالرحمان بيريسٽر هڪ دفعي بابا وٽ هالن ۾ آيو ۽ حال احوال ڏيندي ونندي بابا کي زور ڀريائين ته تنهنجو ڇوڪرو اسڪالر شپ هولڊر به آهي تنهن ڪري کيس سنڌ مدرسه ۾ موڪلي ڏيو. جو اتي جي پڙهائي سڄي سنڌ ۾ مشهور آهي. منهنجو ڇوڪرو حسن علي به اتئي پڙهندو آهي. مان سنڌ مدرسه بورڊ جو ميمبر آهيان ۽ اولاد وانگر سندس پرگهور لهندس.

هتي مختصر طور اهو ذڪر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان ته بابا مرحوم جو مرحوم عبدالرحمان سان ڪهڙو تعلق هو. مرحوم عبدالرحمان جن اصل هالن نون جا رهاڪو هوا. سندن والد حافظ يعقوب ولد شفيع محمد هالن جو ميمڻ هو. هن حافظ اسحاق جي نياڻي پنهنجي پٽ عبدالرحمان کي پرڻائي ۽ ان جي عيوض ۾ حافظ يعقوب به وري حافظ اسحاق جي پٽ حافظ احمد کي نياڻي نڪاح ۾ ڏني. مرحوم حافظ يعقوب کي ٽي پٽ هوا. (۱) عبدلرحمان (۲) عبدالجبار (۳) شفيع محمد. حافظ اسحاق کي ٻه پٽ هوا. (۱) عبدالباقي (۲) حافظ احمد.

مرحوم عبدالرحمان لڏي ڪراچيءَ وڃي رهيو ۽ مرحوم عبدالجبار ۽ شفيع محمد حيدرآباد ۾ سڪونت اختيار ڪئي. مرحوم عبدالرحمان ۽ مرحوم عبدالجبار ان وقت جا به مشهور وڪيل هوا مرحوم شفيع محمد ڏنڊو واپار ڪندو هو ۽ پڇاڙي جي ڏينهن ۾ "ڪراچي هوٽل" صدر حيدرآباد جو مالڪ هو. مرحوم حافظ اسحاق جي ٻن پٽن مان حافظ عبدالباقي دائمي هالن ۾ رهيو ۽ حافظ احمد به حيدرآباد لڏي آيو.

بابا مرحوم جي مسٽر عبدالرحمان سان گهاٽي ياراني هئي بابا کيس وڏا وڏا ڪيس به ونې ڏيندو هوءِ انهن ڪيسن هلائڻ لاءِ جڏهن به مرحوم عبدالرحمان هالن ۾ ايندو هو، تڏهن بابا مرحوم کي خط ذريعي اطلاع ڏيندوهو. کيس شهدادپور اسٽيشن تي اصيلن ذريعي سواري لاءِ اٺ به موڪلي ڏيندو هو جيڪو هڪ به ويلو هالن ۾ رهڻو پوندو هوس. سو اسان وٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترسندو هو ۽ مانيءَ لکر کائيندو هو.

مسٽر عبدالرحمان مرحوم جو مشورو قبول ڪري. بابا منهنجي اسڪالر شپ ٽرانسفر ٿيڻ لاءِ درخواست ڪئي ۽ جيستائين اهو ڪم راس ٿيو. تيستائين اپريل ۽ مئي جو ڪجهه حصو حيدرآباد هاءِ اسڪول ۾ ئي پڙهندو رهيس. مئي جي وچ ڌاري اونهاري جي وئڪيشن ٿي ۽ ڳوٺ آيس. اوچتو ئي اوچتو مئي جي پڇاڙي ڌاري سنڌ مدرسه جي پرنسپال وٽان هڪ ليٽر پهتو. ته پهرين جون کان مدرسه کان ٻه مهنا وئڪيشن آهي تنهن ڪري ان تاريخ کان اڳ، شاگرد اسماعيل جنهن جي اسڪالر شپ هتي ٽرانسفر ڪئي وئي آهي، اچي مدرسه ۾ داخلا وٺي ورنه. ٻن مهينن جي اسڪالر شپ ڪيس نه ڏني ويندي.

ان وقت منهنجو والد مرحوم هالن کان ٻاهر ويل هو ۽ پهرين جون ۾ فقط ٻه ڏينهن اچي بچيا هوا. چاچا محمد موسيٰ مرحوم مون کي پنهنجي هڪ هاريءَ سان اُٺ تي چاڙهي شهدادپور روانو ڪيو. جنهن مون کي ڪراچي جي ٽڪيٽ وٺي گاڏيءَ ۾ چاڙهي ڇڏيو. گاڏي شهدادپور مان ٢ وڳي رات جو چڙهي ۽ ٦ بجي صبح جو صدر اسٽيشن ڪراچيءَ تي پهتي.

اسان جي هالن شهر جو مرحوم تاج محمد طورپيو جو ان وقت سنڌ مدرسه ۾ پرائمري سنڌي برانچ ۾ نائب ماستر هو. سو موڪل تي ڳوٺ آيل هو. ان کان مون پڇيو هو ته سنڌ مدرسه ڪٿي آهي ۽ هن مرحوم مون کي ٻڌايو ته سنڌ مدرسه اسٽيشن ڪراچيءَ جي بلڪل ويجهو آهي ۽ اسٽيشن تي اچڻ وڃڻ جو رستو ئي مدرسي وٽان آهي. ڪنهن کان پڇندين ته توکي ٻڌائي سگهندو. اهو ڏس پتو وٺي روانو ٿيس. جڏهن گاڏي صدر جي اسٽيشن تي پهتي ته وڏي عاليشان اسٽيشن ڏسي اسٽيشن جو نالو پڙهيم اردوءَ ۾ لکيل هو "ڪراچي ڇهاوني". ڇهاوني کي مون "ڇاهاوني" ڪري پڙهيو ۽ ان جي معنيٰ سمجهي نه سگهيس ۽ نه ڪي انگريزي جو لفظ ڪئنٽونمينٽ سمجهي سگهيس. بهرصورت ڪراچي لفظ پڙهي ۽ سمجهي سگهيس هڪ ماڻهو کان پڇيم ته هيءَ ڪراچي آهي. هن مختصر جواب ڏنو ته "ها" مان اهو ٻڌندي ئي ٽرنپ لهي پيس ۽ پل اُڪري گيٽ کان ٻاهر آيس ۽ بيٺل پوليس واري کان پڇيم ته سنڌ مدرسه ڪٿي آهي؟ پوليس وارو سنڌي هو ۽ جواب ڏنائين ته بابا. توکي سنڌ مدرسه وڃڻو آهي ڇا؟ مون چيو ته ها. ايتري ۾ گاڏي به چڙهي ويئي ۽ پوليس واري چيو ته سنڌ مدرسو ته "سولو هو. هتي ڇو لٿين؟ سٽي تي وڃي لهين ها. هي ته صدر آهي. مان سٽي به سمجهي نه سگهيس جنهن مان هن جي مراد "سٽي اسٽيشن هئي." خير. پوليس واري چيو ته هاٿي وڃ. هوءَ ٽرام بيٺي آهي. ان ۾ وڃي چڙهه ۽ بولٽن مارڪيٽ وٽ لهجاءِ جتان مدرسو بلڪل ويجهو آهي. آءٌ پڇندو اچي ٽرام ۾ وينس جا حياتي ۾ پهريون دفعو ڏسڻ نصيب ٿي هئي. هالن ۾ فقط ٻڌندو هوس ته ڪراچيءَ شهر ۾ "ٽاما ريل" به هلندي آهي. منهنجي خوش نصيبيءَ سان هڪ ڇوڪرو جنهن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتابن جو ٺيلهو ڪلهي تي لٽڪيل هو. منهنجي پير پر اچي ويٺو. زهي قسمت اهو ڇوڪرو سنڌي هو. پڇيو مانس ته ٿون ڪهڙي اسڪول ۾ پڙهندو آهين. جواب بر صواب ڏنائين ته "سنڌ مدرسي ۾". دل ۾ خوشي جي لهر ڊوڙي وئي ۽ چيومانس ته مون کي به سنڌ مدرسي هلڻو آهي، مون مدرسو ڏٺو ڪو نه آهي پاڻ سان گڏ وٺي هليم. هن چيو ته ٿون آهين ڇا؟ مون چيو ها. وري پڇيائين ته بورڊنگ ۾ رهندين؟ مون چيو ته ها.

ٽرام هلڻ لڳي ۽ آئون حيرت کان هيڏانهن هوڏانهن نهاريندو ڪراچي شهر جا نظارا ڏسندو رهيس جيتوڻيڪ دل کي تسلي ٿي ته مدرسي ڏي وڃي رهيو آهيان مگر ماستر تاج محمد مرحوم جا لفظ ته "سنڌ مدسو، اسٽيشن جي بلڪل نزديڪ پنجن منٽن جي مفاصلي تي آهي" سي لفظ هر هر دل ۾ چڀندا پئي رهيا. ٽرام هلندي ٿي ويئي ۽ دليل پئي ڊوڙايم ته مون کي خبر ناهي ته ڇوڪرو ڪيڏانهن ٿو وٺي هلي. صدر ۾ ٽرام بيهتي ته هن چيو ته "لهه ته ٻيءَ ٽرام ۾ چڙهون". هن سان گڏ آئون به لٿس ۽ ٻيءَ ترام ۾ وڃي چڙهياسين. جو ته صدر اسٽيشن جون ٽرامون. فقط صدر تائين اينديون هيون ۽ اتان وري بولٽن مارڪيٽ واري ٽرام ۾ چڙهڻو پوندو هو. آخر ۾ هيءَ ٽرام به هلڻ لڳي. بندر روڊ تي آئي ته هل هليو. وهم آيم ته خبر ناهي ته ڇوڪرو ڪنهن ٻئي شهر ۾ وٺي ته نه ٿو هلي! ٻه ٽي دفعا انتظار ۽ استعجاب ۾ پڇيو مانس ته اجا سنڌ مدرسو پري آهي؟ جواب ڏنائين ته نه ويجهو آهي. آخر بولٽن مارڪيٽ وٽ ٽرام اچي بيٺي ۽ اسين ٻئي لٿاسين. ٻن ٽن منٽن ۾ اچي سنڌ مدرسي ۾ داخل ٿياسين. گهنڊ لڳي ويو هو. ڇوڪرو ته مون کي ڇڏي اکين کان غائب ٿي ويو. مون گيٽ تي بيٺل پٽيوالي کي چيو ته مان هتي داخل ٿيڻ لاءِ آيو آهيان. آئون نئون آهيان مون کي آفيس ۾ وٺي هل. هن پٽيوالي جونالو بنياد علي شاهه هو. پيرسن هو ۽ ويچاري مون کي مٺي وٺي اچي آفيس ۾ ڇڏيو. پنج ڇهه ڪلارڪ ويٺا هوا. مون ليٽر ڪڍي هڪ کي ڏنو. هن پڙهي هيڊ ڪلارڪ مسٽر سعدالله کي ڏنو. جنهن مون کي وائيس پرنسيپال مسٽر مريد عليءَ کان آرڊر وٺي سيڪنڊ ڊي ڪلاس ۾ موڪليو. سيڪنڊ ڊي ڪلاس جو ماستر ان وقت مسٽر محمد ورپل هو. جو نئي جو رهاڪو هو. هن مون کي داخل ڪيو. مگر پڇيائين ته سياڻي کان ويڪيشن ۽ اڌ ڏينهن موڪل آهي (هاف هاليڊي آهي) سڀ بورڊر اڄ رات ڳوٺ ويندا. تنهنجو ڪو هتي واقف آهي؟ مون چيو ته سائين مون کي ليٽر پهتو هو ته ويڪيشن ٿيڻ کان اڳ اچي داخل ٿيءُ. نه ته توکي ٻن مهنن جي اسڪالر شپ نه ملندي. چيائين ته خير تون ڪٿي جو ويٺل آهين ۽ هتي ڪو تنهنجو واقف آهي؟ مون ٻڌايومانس ته هالن پراڻن جا ڪي ڇوڪرا هتي پڙهن ٿا. انهن مان هڪ علي اڪبر ميمڻ مون کي سڃاڻندو آهي. هن صاحب علي اڪبر کي گهرايو ۽ مون کي ان سان ملايائين جو مون کي خواجه علي محمد بورڊنگ هائوس جي سپرينٽينڊنٽ وٽ وٺي هليو. جنهن مون کي بورڊنگ ۾

داخل ڪيو ۽ انتر هال ۾ رهڻ جي لاءِ جاءِ ڏنائين. ايتري ۾ موڪل جو گهنڊ لڳو ۽ عزيز علي اڪبر مون کي ڊائننگ هال ۾ وٺي هليو. عجب نظارو هو. بورڊر وڻ وڻ جي ڪاٺي ورانڊي ۾ اچي گڏ ٿيا. مانيءَ جي گهنڊ جو وڄڻ ۽ اچي بينچن ۽ ميزن تي ٽُٽا. ائين جيئن پڪريون ڏاري تي اچن. ماني اڳيئي ميزن تي رکي وئي هئي. ٿلهيون مانيون جهڙا قلندر جا روٽ. چري سان وڏي نڪر نڪر ڪيل بورچي ۽ پٽيوالا ڪنيو پئي هليا ۽ جنهن نڪر گهريو ٿئي ان کي ڏيندا ٿئي ويا. بوڙ جي پليٽ بهرحال هر هڪ کي هڪ مليل هئي، سيني ماني کائي رڄ ڪيو. پيڻ جو پاڻي جست جي جڳن ۾ پيل ۽ جست جا گلاس ميزن تي رکيا هوا. عجيب نظارو هو. مون ان کان اڳ ڪڏهن به ههڙو تماشو نه ڏٺو هو.

پيٽ جي پوڄا ختم ٿي، ته علي اڪبر مون کي ابوبڪر پنيءَ ۽ سندس ياءُ غلام محمد سان به ملايو. مون کان پڇيائين ته سامان به ڪو ساڻ آندو اٿئي؟ مون چيو ته هڪ ڪيس جي ڏري آندي اٿم. بيو خير. چو ته مون کي ليٽر ۾ لکيو ويو هو ته سياٽي ونڪيشن آهي. هنن چيو ته نيڪ آهي. هاٺي هل ته تنهنجي ڪنسيشن ڪرايون. ڪنسيشن جي معنيٰ مون کي سمجھ ۾ نه آئي. ٻڌايائون ته شاگردن کي ٽڪيٽون اڌ پئسن ۾ ملنديون. مون چيو ته آئون حيدرآباد لڪندس. چوڏهن آنا منهنجي اڌ ٽڪيٽ جا ونو. هنن چيو ته نه تنهنجي اڌ ٽڪيٽ جا به اڌ پئسا لڳندا. مون ست آنا ڏنا ۽ هو مون کي ڪئپٽن وٽ وٺي هليا، جنهن مون کان پئسا وصول ڪيا ۽ نالو لکيائين ۽ شام جو بين ٽڪيٽن سان گڏ منهنجي به ٽڪيٽ آندائين ۽ مون کي اچي ڏنائين.

سنڌ مدرسو بورڊنگ هائوس هڪ شريفاڻو جيل هو. جمعي ۽ آچر کانسواءِ ڪو به شاگرد گيٽ کان ٻاهر نڪري نه سگهندو هو سو به پاس سان. پاس به ٽن يا چئن چوڪرن کي گڏ ملندي هئي ۽ ان ۾ وقت ۽ شهر جو اهو ڀاڱو جتي وڃڻو هوندو هو. تنهنجو تعين ڪيل هوندو هو. مثلا صدر، سٽي، ڪياماڙي، سولجر بازار، جانورن جو باغ، عجائب خانو وغيره وغيره شهر ۾ پراڪنڙ گهمندو هو ۽ پاسون ڇڪاسيندو هو.

هي ڏينهن ته ونڪيشن جي ملڻ جو ڏينهن هو ۽ جنرل پاس هئي. بورڊر جوق در جوق خرامان هشاش بشاش ٻاهر وڃي رهيا هوا. خوشيءَ کان هر هڪ جي چپن تي مرڪ ۽ منهن تي عجيب رونق طاري هئي. سيڊون ۽ چپيون وڄائيندا ڳانا ڳائيندا روان دوان شهر ۾ پکڙي پيا ۽ مختلف دڪانن تان ڳوٺ لاءِ سوکڙيون پاکڙيون وٺندا نظر پئي آيا. آءٌ به علي اڪبر، ابوبڪر ۽ غلام محمد سان گڏ شهر ۾ ويس. کاري در جي منهن وٽان سوپاريون، بسڪوٽ ۽ ڪٽمنڙا ورتم جتي انهن شين جو هڪ خاص مشهور دڪان هو. علي اڪبر ٻڌايم ته چندو حلوائي جو حلوو مشهور آهي. ڏهين آني سير جو دبو ملي ٿو. آءٌ به هڪ وٺان ٿو تون به وٺ. مون چيو ته ها آءٌ به وٺان ٿو. چندو حلوائيءَ جو دڪان ته سنڌ مدرسه جي بلڪل لڳ بندر روڊ تي هو. آخر حلوو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

به خريد ڪري اهي سڀ شيون ڪيمس جي ڏريءَ ۾ هڙ ڪري ٻڌيم.

رات جو ڪراچي سٽي اسٽيشن تي ٻارهين ٻجي پئسينجر گاڏي، جنهن کي عام طرح مڪس گاڏي چوندا هوا، ان جي ٿرڊ ڪلاس ۾ چڙهياسين. ماستر تاج محمد جي چوڻ جي تصديق تي سٽي اسٽيشن مدرسہ کان سڌ پنڌ تي هئي. سنڌ مدرسي جي شاگردن اهڙو ڪم ڪيو جو گويا گاڏي سندن خانگي ملڪيت هئي، سڀني تختن (برٿن) تي ڊگها ٿي سمهي رهيا. ڪنهن کي بہ نہ گاڏي ۾ چڙهڻ ڀيا ڏين ۽ نہ ويهڻ. مطلب تہ اها رات پنهنجي بادشاهي لڳائي ڏنائون گارڊ ۽ ٻيا ريلوي اختياريءَ وارا عاجز هوا ۽ چون تہ "چوڪرائي پوتي ڪنيءَ نہ ڏوتي" هن شيطان جي لشڪر سان ڪير پوري پوي. مون کي بہ هڪ برٿ مليو ۽ هڙ ڪنڌ هيٺان رکي ليٽي پيس. گذريل رات شهدادپور کان وٺي ڪراچي تائين اوجاڳو هو ۽ وري ڏينهن سڄو هل هلان ٿي هئي ۽ هن رات بہ سمهڻ جو امڪان نظر نہ ٿي آيو شاگردن جي لڙ کان ننڊ نيڻن مان موڪلائي وئي. ڪٿي ٿو آرام اچي! هل هنبسا کل پوڳ، راڳ روپ چرچا گهبا ۽ تاڙين جي ڦهڪن رات کي ڏينهن ۾ بدلائي ڇڏيو. چوندا آهن تہ ننڊ سوريءَ تي بہ اچي وڃي. مان پنهنجي ڪيس واري هڙ ڪنڌ هيٺان ڏيئي جو سمهي رهيس، تہ صبح جو فجر مهل اک اچي ڪوٽڙي تي کوليم. جتي دادو لائين سان ويندڙ شاگرد لٿا پئي ۽ وٺ وٺان ٿي وئي ۽ عجيب شور برپا ٿي ويو. آءٌ پنهنجن ڳوٺائي دوستن سان گڏ تياريون ڪرڻ لڳس ۽ حيدرآباد اچڻ تي کانئن موڪلائي لهي پيس ۽ منهنجا سنگتي اڏيري لعل اسٽيشن تي لهڻ وارا هوا، جن کي مون تاڪيد ڪيو هو، تہ منهنجي مائٽن کي تسلي ڏجو تہ آءٌ خير سان حيدرآباد پهتو آهيان ۽ هڪ ڏينهن ناناڻي رهي ڳوٺ ورندس.

هڪ ڏينهن حيدرآباد ۾ داٻو ڪري صبح جو مڪس گاڏي ۾ حيدرآباد مان روانو ٿيس ۽ اڏيري لعل اسٽيشن تي اچي لٿس. ان زماني ۾ اڏيري لعل اسٽيشن کي گهانگهلن جي اسٽيشن بہ چوندا هوا جتان گهانگهلا ذات جي ماڻهن جو ڳوٺ ميل کن پنڌ تي هو. هيءَ اسٽيشن گهٽين ڳالهين ڪري وڌيڪ سهوليت واري هئي. هتي اٺن جي ڪوڙي هوندي هئي، جتي اٺ هر وقت ٻاڙي تي سوارين لاءِ ملي سگهندا هوا. ڪوڙيءَ تي جتن کي هڪ روپئي پٺيان هڪ آنو، ڪوڙيءَ جي جمعدار کي آنڪي ڏيڻي پوندي هئي، جنهن جي عيوض هو جتن جي حقي پاڻي جو انتظام رکندو هو. جت اڪثر گهوناٽن جا مير جت هوندا هوا ۽ ٻاڙا ڪڍڻ هنن جو آبائي پيشو هو. هو هر وقت هالن جي مارڪيٽ ۾ اٺ سوڌو نظر ايندا هوا ۽ چار يا اٺ آنا سوٽي وٺي اُٺ ٻڌندا هوا ۽ وقت تي اچي گهران سوار کي ڪڍندا هوا. مون کي ياد آهي تہ سال ۱۹۱۴ع ۾ جڏهن پهرين مهاڀاري لڙائي لڳي تڏهن سرڪار زوريءَ اٺ خريد پئي ڪيا ۽ خريداريءَ لاءِ هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي ويئي هئي. مير جت ويچارا جن جي گذران جو ذريعو ئي ڏاگها هوندا هوا، سي زوريءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن کان محروم ٿي ويا ۽ سندن ڌنڌو بند ٿي ويو. ڪوڙي ان ڪري ويندائي ڪو نه هوا. جو اتان سرڪاري ماڻهو جنهن جو اٿ ڏسندا هوا ته بيگر هٽي ويندا هوا. مير جت ويچارا چوندا هوا ته ادا ڇا ڪريون. ائن پر ڪاميٽي پئي آهي. اسان مسڪينن سان ويل وهي ويا آهن. ائن جي اٿاٽ سبب اسٽيشن تي وينل ميربحر جي پنهنجا ٽانگا ان وقت فقط اڌيري لعل اسٽيشن کان اڌيري لعل وليج تائين هلائيندا هوا. سي هن ائن جي قحط ۾ هالن تائين ٽانگا هلائڻ لڳا هوا. جنهن ڪري ڪجهه پرمر پري وڃي ٿي ۽ مسافرن جي رهجي آئي. وري جڏهن موٽرون نڪتيون ۽هالن جا ماڻهو شهدادپور کان موٽرن ۾ سواري ڪرڻ لڳا. تڏهن به ويچارن مير جتن جي روزي تي لت اچڻ لڳي ۽ جڏهن ڪانئن پڇبو هو ته "جت فقير ياڙا ياڙا ملن ٿا يا نه" ته هٽ ڪٽي موٽرن کي پٽيندا هوا ۽ جنگ عظيم وارو زمانو ياد ڪري چوندا هوا ته "خدا ڪا موٽرن ۾ ڪاميٽي وجهي اسان جو روزگار ئي بند ٿي ويو آهي."

خير آءٌ ٻئي ڏينهن ڳوٺ آيس. منهنجي امڙ ويچاري نهايت سک سان مون کي اچي ياڪر پاتو ۽ خوش ٿي. هن ويچاريءَ ٿي ڏينهن منهنجو انتظار ڪيوهو ۽ اکين مان لڙڪ وهايا هوا. ان وقت ڪراچيءَ جو سفر به حج جو سفر هو. ويچاريءَ چيو پئي ته اسماعيل ٻار آهي ۽ اڪيلو ڪراچيءَ موڪليو اٿوا! چاچا محمد موسيٰ مرحوم کيس دلداري ڏيندو ٿي رهيو ته اسماعيل چالاڪ چوڪرو آهي. تون ڪو به فڪر نه ڪر. اهڙن وڃي ملتان لڌو آهي. هيءُ پڙهيل ڳڙهيل چوڪرو ڪراچيءَ نه پهچندو؟ آخر جڏهن گهر پهتس تڏهن امڙ خوشي ڪئي ۽ خيرات جون جليبيون وراهيون.

سنڌ مدرسو سنڌ جو هڪ اهڙو ادارو هو. جنهن جيٰ شاگردن جي پاڻ ۾ ڏاڍي سک ۽ محبت هوندي هئي. هوبهو علي ڳڙهه جي شاگردن وانگر مدرساين جو هڪ ٻائپي جو سبنڌ هوندو هو. سموري ونڪيشن ڪڏهن هالن پراڻن وارا دوست هالن نون ۾ مون وٽ ايندا هوا ۽ڪڏهن مان هالن پراڻن ويندو هوس. ونڪيشن خير سان کل خوشيءَ ۾ گذري ويئي ۽ آخر اهو ڏينهن آيو جو وري ان شريفاڻي جيل ڏانهن وڃڻو پيو. مگر ڪراچي ويندي اٿاهه خوشي پئي محسوس ڪئي سين. موٽ جي ڪنسيشنِ اسان وٽ هئي ۽ ابوبڪر اسان جو ڪيپٽن هو. پهرئين دفعي آءٌ اڪيلو ڪراچي ويو هوس پر هن دفعي چار اٺ اسان سان گڏ پئي هليا ۽ شهدادپور جي پنڌ اسان کي ڏيکائي ڪا نه ڏني. نيٺ مدرسي جي سيخن اندر بند ٿياسين ۽ مدرسي واري حياتي شروع ٿي.

❑

باب يارهون

سنڌ مدرسة الاسلام جو دؤر (ڀاڱو_٢)

ونڪيشن کان اڳ مون مدرسي ۾ صرف چند ڪلاڪ قيام ڪيو. تنهن ڪري مدرسي جي بلڊنگ خواهہ هاسٽلون گهمي نہ ڏٺيون هيم. جڏهن ونڪشين بعد موٽي آيس، تڏهن انٽرهال جنهن ۾ چند ڪلاڪ ترسيو هوس سو ڊهي پٽ ٿي چڪو هو ۽ اسان ننڍن شاگردن کي سردار هائوس ۾ رهايو ويو، جو ونڪيشن جي عرصي ۾ مڪمل طور تيار ٿي ويو هو ۽ رهائش جي قابل هو. سردار هائوس ۾ چار هال هوا، بہ مٿي ۽ بہ هيٺ مون کي (A) هال ۾ رهايو ويو. پنهنجي هم وطن هالائي دوستن کي ڇيم تہ مون کي مدسو گهمائي ڏيکاريو. ان وقت مدرسي جي بورڊنگ هائوس ۾ چار هاسٽلون هيون. ١_ ٽالپر هائوس ٢_ حسن علي هائوس ٣_ خيرپور هائوس ۴_ سردار هائوس ۽ هڪ سينيٽوريم (اسپتال) هئي، اڄ تائين ساڳيءَ حالت ۾ قائم آهن.

مدرسي جي بلڊنگ بہ طبقي چورس شڪل جي نهيل هئي. جنهن ۾ هيٺ مٿي ڪلاس هوا. ۽ ڏکڻ طرف کان اَپر (مٿيون) هال ۽ ان جي هيٺان هڪ ڊائننگ هال هو. اَپر هال ۾ هڪ ڪلاڪ روزانو رات جو بورڊرن کي ٽيوشن وٺڻ لاءِ لازمي وڃڻو پوندو هو. ۽ حاضري بہ ورتي ويندي هئي ۽ هر ٻئي آچر جي رات ڊبيٽ ٿيندي هئي جنهن ۾ بورڊرن سان گڏ ڊي بئائز (شهري شاگرد) بہ حصو وٺندا هوا. ازانسواءِ امتحانن جي لاءِ بہ ڪتب ايندو هو. هن هال جي هڪ ڪنڊ ۾ ڊرائنگ ڪلاس بہ هلندو هو، جنهن جو ماستر هڪ گجراتي هندو مسٽر ترويدي هو. هيٺين طبقي جا ڪلاس سڀ پرائمري هوا. جن ۾ گجراتي، اردو ۽ سنڌي برانچون ڪم ڪنديون هيون ۽ مٿي سيڪنڊري (ثانوي) ڪلاس درجي ١ کان ٧ تائين هونڊا هوا. البت هيٺ ٣ ڪلاس سيڪنڊريءَ جا بہ هوا. اتز ايرندي جي ڪنڊ تي هڪ روم ۾ مرحوم محمد هاشم نالي بوڪ اسٽال جو انچارج هو. عام طرح ڪيس محافظ سڏيو ويندو هو. مرحوم نهايت مزيدار ماٺهو هوندو هو. انگريزي ٿوري پڙهيل هو، مگر مٿين ڪلاسن جي شاگردن سان زور ڪري ڀڳل ٽٽل انگريزي ڳالهائيندو هو، جنهن ڪري مدرسي ۾ سندس انگريزيءَ جون اهلون ڪندا هوا. بوڪ اسٽال ۾ جيڪي ڪچا نوٽبوڪ، بائونڊ بوڪ ۽ رپورٽ بوڪ يا ايڪسرسائيز يا امتحاني نوٽبڪ هوندا هوا تن ۾ ”سنڌ مدرسة السلام“ جو نالو ڇپيل هوندو هو. سيڪنڊري ڪلاسن ۾ بہ ساڳين ٽن ٻولين يا زبانن ۾ ڪلاس هوندا هوا. مدرسي جي عمارت جيئن مٿي

چيو اٿم، ته چورس شڪل جي هئي. ان ڪري وچ ۾ ٿورو گرائونڊ هو جنهن ۾ لڏڻ لاءِ پينگهون ۽ بار ڪٽڻ لاءِ ڏهن سيرن جي پڃرين ڪان وٺي مٿ تائين ڪاٺ جون پڃريون رکيل هونديون هيون. جتي شام جو ۽ موڪل جي ڏينهن تي بورڊر ورزش ڪندا هوا. ڪي مشهور ماستر جن جا نالا ياد اٿم سي هوا. ١ـ رياضي ٽيچر مسٽر پراگجي، سائنس ٽيچر هڪ يهودي ابراهيم ٽالڪر هوندو هو ۽ پرنسيپال ٽي ايچ وائنس، هڪ انگريز عيسائي هو. مشهور استادن ۾ مسٽر محمد حسن سولنگي جنهن سڄي عمر درجو پهريون پاڙهيو هو. سو هڪ بهترين ۽ لاجواب استاد ليکيو ويندو هو. درجي ٢ ۾ مسٽر عمرالدين نومڙيو، درجي ٣ ۾ مسٽر الهڏنو سمون (علاؤالدين) ۽ هڪ هندو ماستر مسٽر نهالچند هوندا هوا. درجي ۴ تي مرحوم محمد صالح ينٽي هالائي ۽ مسٽر تاج محمد ٻگهيو هوا. درجي ۵ تي مسٽر احمد بخش راهو هڪ قابل استاد هو. درجي ٦ ۾ مسٽر عبدالرحمان مغل مرحوم ۽ ستين درجي تي خانصاحب مريد علي ۽ مسٽر ضياءَ الله هوا. اردو ۽ سنڌي ڪلاسن جي سڀني ماسترن جا نالا لکڻ طوالت جو سبب بڻبا جنهن ڪري ڊيگهه نٿو ڪريان. اسپيشل ٽيچرس ۾ فارسيءَ جو استاد مسٽر سليمان سفوي ايراني هو. عربيءَ جو استاد مولانا قاضي عبدالرزاق هو ۽ فقهه جو استاد مولانا مولوي عبدالرحيم منگسي هوا هڪ ملٽري رٽائرڊ پنجابي ڊرل ماستر هو جنهن کي خان چوندا هوا.

مدرسي بلڊنگ جي اتر واريءَ ڪنڊ ڪان سُني ماسڪ (مسجد) ۽ ڏاکڻيءَ ڪنڊ ڪان شيعا ماسڪ (مسجد) ٺهيل هيون. ٽالپر هائوس، والي رياست خيرپور جي عطيه مان ٺهرايو ويو هو. ان ۾ اڪثر خيرپور جا ٽالپر شاگرد رهندا هوا ۽ حسن علي هائوس جي هيٺين طبقي ۾ ايراني شاگرد رهندا هوا. جن جو خرچ ايراني حڪومت پريندي هئي. اهڙيءَ طرح ٽالپرن جو خرچ والي رياست خيرپور پريندو هو. شيعا مسجد جي لاءِ هڪ شيعا عالم مقرر ڪيل هو ۽ سُني مسجد مولانا عبدالرحيم جي سنڀال هيٺ هئي. شيعه فقه شيعه عالم شاگردن کي پڙهائيندو هو. چونڪ هو ايراني هو، ان ڪري سنڌي شيعا شاگرد هن کي سمجهي نه سگهندا هوا. ٻنهي مولوين کي ٻين هائوس ماسترن وانگر رهائش لاءِ ڪوارٽر مليل هوا ۽ باقي ماستر صاحبان شهر ۾ سڪونت پذير هوا.

مدرسي جون هاسٽلون ڏکڻ ڪان ٽالپر هائوس، ايرندي ڪان حسن علي هائوس ۽ اتر ڪان خيرپور هائوس مدرسي جي وچنين ميدان کي قري ٿي آيون. وچ وارو ڪشادو گرائونڊ راندين لاءِ استعمال ٿيندو هو. بورچي خانا، ڌوٻي گهاٽ، غسل خانا ۽ ٻنگين لاءِ ڪوارٽر سئنيٽوريم جي طرف ڏي هوندا هوا. ٽالپر هائوس والي خيرپور جي ڏنل عطيي سان ٺهرايل هو. حسن علي هائوس ۽ مدرسه بلڊنگ عام چندن سان تيار ٿي هئي ۽ خيرپور هائوس پڻ والي خيرپور جي سخا جو نتيجو هو. سردار هائوس سردار واحد بخش خان ٻٽي جي هٿ جس هئي، ڪاڪوس خانا سڀ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فلش نهيل هوا. جي مون زندگيءَ ۾ پهريون دفعو ڏٺا هوا. ساڳئي طرح اليڪٽرڪ لائيٽ بہ مون پهريون ئي دفعو ڪراچيءَ ۾ اچي ڏٺي هئي.

اسڪول بابت هيءَ مختصر مگر جامع ذڪر ان ڪري ڪيم، جو منهنجي لاءِ مدرسي جهڙو ادارو ان وقت هڪ عجوبي جي حيثيت ٿي رکي. اهڙي اداري جو مان ڪڏهن تصور ئي ڪري نہ ٿي سگهيس.

سنڌ مدرسي ۾ مانٽوريل (مانيٽرن) جي سرشتي جو طريقو نهايت ڪامياب نموني ۾ قائم هو. هر هڪ هال ۾، هاسٽل جو مانيٽر، ڪلاس جا مانيٽر، ڊرل جا مانيٽر، اسڪائوٽنگ جا مانيٽر، ٽيوشن هال جا مانيٽر، ڊائننگ هال جا مانيٽر هابي هال جنهن ۾ واڍڪيءَ جو هنر سيکاريو ويندو هو، ان جا مانيٽر، مطلب تہ هر شعبي لاءِ مانيٽرن جو دستور قائم هو. سُني مسجد ۾ هر جمعي جي رات مولود خواني ٿيندي، جنهن ۾ جيڪي شاگرد حصو وٺندا هوا، تن ۾ قابل ذڪر ١_ نور محمد پني ٢_ عمر الدين (عمر بن محمد) دائودپوٽو، ٣_ محمد يوسف جوڻيجو ۽ محمد صالح راهو جو هوندا هوا. هفتي ۾ جمع ۽ آچر جي ڏينهن شهر ۾ وڃڻ جي اجازت ملندي هئي، جنهن لاءِ بورڊنگ جو سپرنٽينڊنٽ پاسون اشو ڪندو (ڏيندو) هو. اهي پاسون ٽن قسمن جون هونديون هيون. ١_ شارٽ (ننڍي) پاس، ٢_ لانگ (وڏي) پاس، ٣_ رليشن (مائٽن ڪي وڃڻ لاءِ) پاس. جمعي جي ڏينهن شاگردن کي شارٽ پاس ملندي هئي ۽ اهي شاگرد جن جا ڪي رشتيدار شهر ۾ نوڪرين جي سبب يا ڪنهن ٻئي ڪاروبار سان رهندا هوا، تن کي رليشن پاس ملندي هئي. شارٽ پاس فقط ٽن ڪلاڪن لاءِ سٽيءَ (شهر) ۾ گهمڻ ڦرڻ لاءِ ملندي هئي ۽ لانگ پاس صدر، ڪياماڙي، زولاجيڪل گارڊن ۽ منهوڙي لاءِ ملندي هئي، جنهن جو وقت ٦ ڪلاڪ هوندو هو. رليشن پاس صبح جو ٨ وڳي کان شام ۴ وڳي تائين ڏني ويندي هئي. شارٽ ۽ لانگ پاسن جي چڪاس لاءِ هڪ پراڪٽر (نگران) مقرر ڪيل هوندو هو. لانگ ۽ شارٽ پاسن ۾ ڪم از ڪم ٽن شاگردن کي گڏ هڪ پاس ملندي هئي. پاس ۾ وقت ۽ شاگردن جا نالا لکيل هوندا هوا. پراڪٽر شهر ۾ نهايت چوڪسيءَ سان چڪر ڪاٽيندو رهندو هو ۽ ڏسندو رهندو هو تہ ڪي بہ شاگرد نيپيئر روڊ يا ٻين اهڙن ممنوع ڪوارٽرن ڏي تہ نٿا وڃن ۽ شاگردن جي سڃاڻپ جي نشاني اها هوندي هئي، جو شاگرد يونيفارم ڪانسواءِ ٻاهر نڪري نہ سگهندا هوا. يونيفارم ۾ ڪاري صوف جو گلي بند ڊگهو ڪوٽ ۽ ترڪي ٽوپي هوندي هئي ۽ پاس ۾ لکيل شاگرد ٽيئي گڏ گهمندا هوا ۽ جدا جدا ٿي نہ سگهندا هوا. پراڪٽر انهن کي ڏسندو هو. تہ ڪانئن پاس گهرندو هو تہ برابر وٽن آهي يا نہ؟ ۽ انهن تي پنهنجي چوٽي صحيح ۽ وقت وجهندو هو. مانيٽرن کي بہ ڪجهہ معاوضو ملندو هو. جي شاگرد ئي هوندا هوا ۽ پراڪٽر کي چڱو موچارو الائونس ملندو هو. جو هڪ ماستر هوندو هو. اسان جو پراڪٽر مسٽر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علاؤالدين سمون هو جو نهايت زبردست چوڪسي ڪندو هو. پيڙي پيٽ بورڊنگ جي اندر خواه ٻاهر منع هوندي هئي تاهم ڪي شاگرد لڪي ڇپي وڏي احتياط ۽ خوف سان پيئندا هوا.

راندين جو شوق مون جيترو سنڌ مدرسي ۾ ڏٺو. اوترو ڪنهن به اسڪول ۾ نه ڏٺم. شام جو عصر (وچين) نماز سوير پڙهي ويندي هئي ۽ پوءِ سڄو مدرسو بورڊنگ جي ميدان تي پهچي ويندو هو ۽ راندين جو ڇهڇٽو مچي ويندو هو. جدا جدا ڪيپٽن فٽ بال، ڪرڪيٽ، هاڪي ۽ ٻيون رانديون شروع ڪري ڏيندا هوا ۽ مغرب جي اذان (ٻانگ) ملڻ سان هڪدم راند بند ٿيندي هئي ۽ مسجد ڏي ڊوڙي ويندا هوا ۽ وضو ڪري نماز ادا ڪندا هوا. جتي هر نماز تي بورڊرن جي حاضري ورتي ويندي هئي. مغرب جي نماز ختم ٿيڻ بعد ڊائننگ هال جو بيل (گهنڊ) وڄندو هو ۽ سڀ شاگرد اچي مانيءَ تي ڪرندا هوا. ماني جا ٽي ڪلاس هوندا هوا. ١_ فرسٽ ڪلاس ٢_ انٽر ڪلاس ۽ ٣ ٿرڊ ڪلاس. ٿرڊ ڪلاس جي مانيءَ جو معاوضو ماهيانو ڇهه روپيا هو. انٽر جو ٻارهن رُپيا ۽ فرسٽ جو ٢٥ رپيا هو. ٿرڊ ڪلاس ۾ اڪثر فري بورڊر هوندا هوا ۽ ٻيا پيئنگ (خرچ خود ڀريندڙ) هوندا هوا. اڪثر ننڍا شاگرد ٿرڊ ڪلاس ۾ ئي ماني کائيندا هوا. انٽر ڪلاس ۾ مٿين درجن جا شاگرد، جن کي اسڪالر شپ ماهيانه ١٥ روپيا ملندي هئي سي ۽ انهن سان گڏ ٻيا وسعتمند مائٽن جا پٽ پيئنگ بورڊر هوا. فرسٽ ڪلاس ۾ امير مائٽهن جا فرزند جهڙوڪ سردار نبي بخش خان پٽو، مير بنده علي خان ٽالپر، لنواري شريف جو هڪ پير ۽ ڪي رياست خيرپور جا مير ۽ ٻيا وڏن مائٽهن جا پٽ ماني کائيندا هوا. فري بورڊر کي ڊريس، ٽوپيءَ کان وٺي بوٽ تائين مفت ملندي هئي. مون درجي ٢ ۾ جيڪي چند مهينا گذاريا سي ٿرڊ ڪلاس ۾ ماني کاڌي ۽ ٽيني درجي ۾ اچڻ بعد انٽر ڪلاس ۾ ماني کائڻ شروع ڪئي. ١٥ روپيا اسڪالر شپ ملندي هيم. جي کاڌي تي ڏيندو هوس ۽ باقي خرچ مائٽن کان مني آرڊر ذريعي گهرائيندو هوس.

مون کي ٢ ۾ سيڪنڊ ڊي ڪلاس ۾ داخلا ملي هئي ۽ درجي ٣ ۾ اچڻ تي ٿرڊ اي ۾ داخلا مليم. جا ٢ درجي ۾ ڪلاس ۾ پهريون نمبر اچڻ ڪري ملي هئي. ٽئين درجي جو ماستر مسٽر علاؤالدين سمون هو. جو نهايت هوشيار ۽ قابل استاد هو. هو مرحوم مون کي ڏاڍو ڀائيندو هو. جنهن ڪري مون سان گستاخي ڪرڻ جي ڪنهن کي به جرئت نه ٿيندي هئي. ننڍن شاگردن کي وڏن جي (ڪونين) ۾ وڃڻ کان منع هوندي هئي ۽ آئون مدرسي جي رولن (قانون) جي بلڪل پابندي ڪندو هوس ۽ ڪڏهن به ڪنهن کي وجهه نه ڏنم. جو منهنجي ڪا شڪايت ڪري. ٽئين درجي ۾ اچڻ سان. اسان کان پڇيو ويو ته اوهان عربي کڻندا يا فارسي. ياد رهي ته سنڌ جي ٻين سيني اسڪولن ۾ ثانوي زبان ۴ درجي کان شروع ڪرائي ويندي هئي، مگر صرف سنڌ مدرسو ئي هو جتي ٣ درجي کان شروع ڪرائي ويندي هئي. بهرحال مون عربي

ڪٹڻ لاءِ رضامندي ڏيکاري. مولوي مولانا قاضي عبدالرزاق اسان کي مرقات الادب جو ڪتاب وٺايو ۽ جڏهن پاڙهڻ شروع ڪيائين تڏهن مون هڪ اهڙي لذت ۽ سرور محسوس ڪيو، جنهن جو بيان ڪري نٿو سگهان. عربيءَ ۾ ايترو ته شوق رکيم جو سيني شاگردن ۾ برک هوندو هوس. مولانا عبدالرزاق مون کي ڏاڍو پسند ڪندو هو. جڏهن مئٽرڪ پاس ڪري ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ آيس تڏهن ته مولانا مرحوم جي مونسان دوستي ٿي وئي.

مولانا عبدالرحيم منگسي اسان کي فقه پاڙهيندو هو. فقه ڇا آهي؟ وضو، غسل، نماز، روزو، زڪوات، حج وغيره جا اصول ۽ قرآن پاڪ جي پهرين ايميءَ جي سورتن سڳورين جي سنڌي معنيٰ سيکاري ويندي هئي. مون کي خود عالمن جي لاءِ قدرتي طرح تعظيم ۽ تڪريم هوندي هئي ۽ انهن جي وڏي عزت ڪندو هوس ۽ انهن کي هميشه پيرين پئي ملندو هوس. ڀڄ ڀڄ جي عادت ته مون کي اصل کان هئي، ان ڪري ڪيتريون ديني ڳالهيون ڪانئن پڇندو هوس ۽ سندن مٿو کائيندو هوس. الله تعاليٰ ٻنهي مولوي صاحبان تي پنهنجي رحمت جي پالوٺ ڪري. منهنجي ڀڄ ڀڄ سبب هرگز ڪڪ نه ٿيندا هوا. پر پاڻ مون کي وڌيڪ پائيندا هوا ۽ سدائين پنهنجي شفقت جو هٿ منهنجي پٺن تي مٿي تي ڦيريندا هوا. ڪڏهن ڪڏهن عيد ميلاد جا جلسا ڪڍي، جهونا مارڪيٽ، ميمڻ مسجد ۽ مسجد قصابان صدر ۾ ٿيندا هوا ته آئون کين عرض ڪندو هوس ته مون کي اتي وٺي هلو مان عالمن سڳورن جا وعظ ٻڌان. ان تي ڏاڍو خوش ٿيندا هوا ۽ مون کي بورڊنگ جي اختياريءَ وارن کان اجازت وٺي پاڻ سان گڏ وٺي هلندا هوا. هڪ عالم سڳورو مرحوم مولانا مولوي عبدالڪريم درس ته اهڙي تقرير ڪندو هو جا منهنجي دل ۾ چڀي ويندي هئي، ۽ آءٌ نماز جو پابند ۽ قرآن پاڪ جي دؤر جو متقي ۽ پابند ٿي پيس.

مدرسي جو پرنسيپال مسٽر ٽي ايچ وائينس جو راندين تي خاص مارو هو. هفتي ۾ ٻه دفعا فجر جي نماز بعد ڪمپلسري (لازمي) ڊرل ڪرائي ويندي هئي، جنهن ۾ جدا جدا اسڪاڊس (Sqauds) هونديون هيون ۽ انهن لاءِ جدا جدا وڏا شاگرد ڪپتان هوندا هوا. شام جو واري واري سان جدا جدا ڪلاس، سنڌ مدرسي کان منڪلوڊ روڊ ڏيئي ڪمشنرس ميدان تي قطار ۾ ويندا هوا. مان راندين ڪرڻ لاءِ لاچار هوس جو مون کي هرنيا (ڄن) هئي، انڪري راندين ڪرڻ کان معافي مليل هوندي هيم. تاهم پنڌ ڪري اتي ويندو هوس، مگر ڊڪ ڊوڙ نه ڪندو هوس. اهوئي سبب هو جو منهنجو راندين سان اول کان آخر تائين واسطو نه رهيو.

سنڌ مدرسي ۾ هڪ عاليشان لئبرري هئي ۽ هڪ ريڊنگ روم (دارلمطالعه) ريڊنگ روم ۾ چند رسالا ۽ الوحيد اخبار سنڌي ۽ ٻيون انگريزي اخبارون جهڙوڪ سنڌ آبزرور ۽ نيو ٽائمس اينديون هيون. راند ۾ درڪ نه هئڻ سبب منهنجو توجهه لئبرري ۽ ريڊنگ روم ڏي مبذول ٿيو. جيتوڻيڪ هيٺين درجن جا شاگرد ريڊنگ روم ۾ نه ويندا هوا، مگر آءٌ زور ڪري اتي وڃي

ويهندو ۽ پڙهندو هوس. مولانا مولوي عبدالرزاق صاحب مرحوم ۽ محمد صالح ڀنيي مرحوم سنڌ مدرسي ڪرانيڪل جا به ايڊيٽر هوا. ڪرانيڪل ڏاڍي شوق سان پڙهندو هوس ۽ عجب لڳندو هوم ته ماڻهو ڪيئن ٿا ههڙا ليک لکن ۽ دل ۾ چوندو هوس ته آءٌ ڪڏهن اهڙو ٿيندس جو ههڙا مضمون لکندس.

آخر ٽئين درجي جو سال به خير سان پورو ٿيو ۽ آءٌ ساليانه امتحان ۾ ٻيو نمبر آيس. مدد علي نظاماڻي مون کان پهريون نمبر کڻي ويو. ڏک ڏاڍو ٿيم پر مدد علي واقعي هوشيار هو ۽ منهنجو گهاٽو دوست ۽ ڏوري به هو. ان ڪري سندس ڪاميابي مون کي خراب نه لڳي.

ان زماني ۾ ڪراچيءَ ۾ هاءِ اسڪول فقط ڇهه هوا. ١_ سنڌ مدرسة الاسلام ٢_ اين جي وي هاءِ اسڪول. ٣_ گرامر اسڪول. ٤_چرچ مشن اسڪول. ٥_ ماما پارسي گرلس هاءِ اسڪول. پهريان ٤ اسڪول ڇوڪرن جا هوا جن جي وچ ۾ منچون ٿينديون هيون ۽ اڪثر مدرسو کٽي ويندو هو. هر هڪ اسڪول کي پنهنجو پنهنجو راند جو ميدان هو جتي واري واري سان منچون ٿينديون هيون. بهرحال مدرسي جو گرائونڊ سڀني گرائونڊن کان بهتر هو. جنهن تي سدائين رولر سان ليولنگ جو ڪم ۽ ڇٽڪار ٿيندو رهندو هو. مدرسي گرائونڊ جي وچ ۾ هڪ عاليشان ڪرڪيٽ پچ به نهيل هوندي هئي. ڪرڪيٽ راند کان وڌيڪ هاڪي ۽ فٽ بال جون رانديون مون کي پسند ايندڙيون هيون. جڏهن مڪرانين جي ٽيم، جي اڪثر ڪياماڙي بندر جا مزدور هوندا هوا، انهن ۽ انگريز فوجي رانديگرن جي وچ ۾ فٽ بال جي راند ٿيندي هئي ته مان حيرت کان سڄوئي بُت بڻجي ويندو هوس. مڪرانين جا پير اگهاڙا هوندا هوا. انگريزن کي لانگ بوٽ پيل هوندا هوا جي خاص فٽ بال راند لاءِ ڪم ايندا هوا مگر اڪثر مڪراني مئچ کٽي ويندا هوا. ڪن ڪن کي بوٽن جي ٺُڏن سبب پيرن مان رت پيو وهندو هو. مگر مئي مارائي ڪانسواءِ نه رهندا هوا.

انهن آئوٽ ڊور راندين کان علاوه سنڌ مدرسي ۾ ان ڊور رانديون به هر قسم جون کيڏيون وينديون هيون. خاص طور پنگ پانگ ۽ بئڊمنٽن راندين جو خاص شوق ۽ شغف هو.

ٽئين سال جو درجو پورو ڪري چوٿين درجي ۾ ويس ۽ مسٽر تاج محمد ٻگهيو منهنجو ماستر ٿيو. الله تعالى جي قدرت سان درجي ٤ ۾ بيمار ٿي پيس ۽ مون کي پيٽ جي خرابي ٿي پيئي. مدرسي جي مانيءَ، ڪراچيءَ جي پاڻيءَ ۽ منگهڻ پنهنجو اثر ڏيکاريو ۽ مون کي ڊاڪٽر پنتو جو مدرسي سئنيٽوريم جو ڊاڪٽر هو، ان مشورو ڏنو ته تون ڪراچي ڇڏي وڃ ۽ اهڙي رپورٽ لکي پرنسپال صاحب ڏانهن ڏنائين. ان وقت تائين پرنسپال ٽي ايچ وائينس رٽائر ڪري ويو ۽ ايس ڊي ڪنٽرئڪٽر (پارسي) مقرر ٿي آيو هو. آءٌ اها رپورٽ کڻي پرنسپال صاحب جي بنگلي تي ويس، جو مدرسي جي ڏکڻ اولهه ڪنڊ تي هڪ ننڍڙي باغيچي سان موزون جاءِ تي واقع هو. هن صاحب مون کان رپورٽ ورتي، ان تي آرڊر ڪيو ۽ منهنجي اسڪالر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شپ حيدرآباد ٽرانسفر ڪرائي ۽ حيدرآباد اين ايچ اڪيڊميءَ ۾ اچي داخل ٿيس.

مدرسي مان موڪلائڻ کان اڳ مان پنهنجي استادن مان هڪ هڪ سان مليس ۽ پيرين پئي کانئن موڪلايم ۽ دعا طلب ڪيم. هنن کي منهنجي وڃڻ تي ڏک ٿيو. دعا ڏنائون ۽ مون روئي ڏنو. هيڙو مدرسو ڪير ڇڏي! جنهن مان ڪهڙا ڪهڙا شاگرد وڏا وڏا ماڻهو ٿي نڪتا. پرنسيپال وائينس هڪ پادري گهراٽي جو هو. جنهن جي سنڌ جي ڪمشنر ۽ ٻين ڪاٽن جي وڏن وڏن آفيسرن جي ان وقت سڀ يورپين هوا. تن ۾ وڏي عزت هئي. شاگرد مئٽرڪ پاس ڪرڻ بعد جيڪي نوڪري ڪرڻ چاهيندا هوا، تن کي منٽن ۾ نوڪري وٺي ڏيندو هو ۽ جيڪي ڪاليج ۾ پڙهڻ جو خيال ڪندا هوا، تن کي اسڪالرشپون وٺي ڏيندو هو. ڪوبه شاگرد نامراد نہ رهيو. سنڌ مدرسي جا شاگرد ساري سنڌ اندر ملازمتن ۾ برڪ رهيا. وڏا وڏا ليڊر ٿيا. قومي ڪارڪن ٿيا ۽ سهڻو نالو ڪڍرايائون.

خداوند تعالىٰ مرحوم خانبهادر حسن علي آفنديءَ تي رحمت فرمائي. جنهن هيڙو ادارو قائم ڪري سنڌ تي ۽ مسلم قوم تي هڪ عظيم احسان ڪيو. مدرسي کي هلائڻ لاءِ هڪ بورڊ هوندو هو جنهن ۾ ان وقت مير ايوب خان بئريسٽر لس ٻيلي وارو. مرحوم عبدالرحمان بئريسٽر. غلام علي چاڳلا ۽ مسٽر پٽيل (پارسي) جو ڪافي زمانو مدرسي جو ڪارڪن بہ رهيو. بورڊ جي ميمبرن مان چند نالي وارا ميمبر هوا. سنڌ مدرسو جون ٿا تہ شروعات ۾ مدرسي جي موجوده بلڊنگ جي الهندي طرف هڪ ڪمپائونڊ (گودام) ۾ شروع ڪيو ويو. پوءِ مرحوم آفندي جي ڪوشش سان اهڙي بلڊنگ نهرائي ويئي، جا ان وقت ۾ ڪراچي ۾ اول نمبر عمدي عمارت شمار ڪئي ويندي هئي. مرحوم حسن علي هن وقت فردوس برين ۾ جاگير هوندو ۽ هن دنيا ۾ سندس نام نامي اسم گرامي هرگز دلين تان محو ٿيڻ جو ناهي.

خدا رحمت کند اين عاشقان پاک طينت را

هيڙو اشتراڪ جنهن ۾ هندو عيسائي، ڪرستان، پارسي، يهودي ۽ مسلمان ايراني، مڪراني، ڪڇي، خواجہ، بروهي، شيعا ۽ سني هڪ ئي اداري ۾ گڏجي محبت سان تعليم وٺن، ان جو شايد ئي ڪٿي مثال ملي سگهندو هجي.

بهرحال منهنجي مدرسي جي زندگي ختم ٿي ۽ آءٌ اکين مان لڙڪ ڳاڙيندو وري حيدرآباد موٽيس، جتان مدرسي ويو هوس سنڌ مدرسي ۾ اهڙي ڪا بہ تعليمي سرگرمي ڪا نہ هئي، جنهن کان مدرسو وانجهيل هجي. جيڪڏهن مدرسي جي شاگردن جي ٻاراڻين حرڪتن، چرچن، گهٻن، پوڳ مزن بابت تفصيل سان سڀ ڪجهہ ويهي لکان، جو منهنجي صدري دفتر ۽ حافظي ۾ محفوظ آهي جيڪر هڪ امير حمزي يا چار درويش جو داستان ٿي پوي. هينئر سنڌ مدرسو اها رونق ۽ اهميت وڃائي چڪو آهي. شال الله تعالىٰ هن اداري کي سدائين قائم رکي. (آمين)

نولراءِ هيرانند اڪيڊمي حيدرآباد ۾ تعليم

سنڌ مدرسة السلام ڪراچي کي خير باد چئي مذڪوره بالا اسڪول ۾ اچي داخل ٿيس. مون کي فورٿ "بي"درجي يعني ڊويزن ب ۾ داخل ڪيوويو. هن ڪلاس جو ماستر صاحب ديوان پرتابراءِ هو. قداور پيرسن سفيد ريش ڪاري مخملي ٽوپي پاجامون ۽ سليپر زيب تن ڪندو هو. اڪيڊميءَ جي اولهه طرف کان ڪافي ميدان ڇڏيل هو. جتي صبح جو اسيمبلي ٿيندي هئي. هارمونيم تي هندو عامل شاگرد ٻيهي مٺڙن آوازن ۾ پرارٿنا ڳائيندا هوا. سڀ شاگرد ادب سان ٻانهون ٻڌي بيهندا هوا. پرارٿنا پوري ٿيڻ تي هر هڪ ڪلاس جي قطار پنهنجي ڪلاس ڏي هلي ويندي ۽ استاد صاحبان، جي مٿي ورانڊي جي ٿلهي تي قطار ۾ بيهندا هوا، سي پنهنجن پنهنجن ڪلاسن ۾ پهچي ويندا هوا. مسٽر پرتاب راءِ جي عادت هوندي هئي، ته شاگردن جي حاضري وٺڻ مهل سنسڪرت جا ڪي جملا چوندو ۽ پوءِ سنڌيءَ ۾ دعا گهرندو هو ته. "اي پريو تون پيريءَ ۾ پت سان گذارجانءِ. جيوت سکي ڪجان، اي ايشور سڀ جيو جنتر جيت جٽيا تنهنجي گنج مان پلجن ٿا. تون پنهنجي داسن تي سک جو سمون آڻج، اي جڳ جا رکپال، اسان پاپين جي رکشا ڪر وغيره وغيره. گهڻو ڪجهه چوندو هو، هڪ ڇوڪرو ٿانور جو سڄي ڪلاس ۾ حسين هو، دعا ۾ ان لاءِ چوندو هو ته اهي پريو ٿانور جهڙا سندر ڇوڪرا منهنجي ڪلاس ۾ آهن. لڄا رکجان." ٿانور ويچاري سان جٺ هوندي هئي، شاگرد ڪلاس کان ٻاهر مٺس کلندا هوا ۽ هو ويچارو حيا کان ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪندو هو. مسٽر پرتاب راءِ پلا پيءُ ڏاڍي جيڏو ڪير ڪيس سمجهائي. پنج منٽ اها دعا هلندي هئي ۽ پوءِ حاضري وٺي ڪم شروع ڪري ڏيندوهو. اسان کيس ڪڏهن به کلندو نه ڏٺو. چوٿين درجي ۾ باقي ٦_٧ مهينا رهيا هوا. جي خواب وانگر گذري ويا. ساليانو امتحان ٿيو ۽ آءٌ چوٿون نمبر آيس. هندو ڇوڪرا اڪثر عامل هوا. جن جي گهرن ۾ سڀ ڇوڪرا ڇوڪريون انگريزيدان هوا. ان هوندي به ٽيوشنون وٺندا هوا. ۽ گهڻو هوشيار هوندا هوا. اهڙن شاگردن ۾ چوٿون نمبر اچڻ به وڏي ڳالهه هئي. هتي ڪي چند لفظ لکڻ بيجا نه ٿيندا. ته مون کي به پرارٿنائون وڻنديون هيون. اهي هي هيون(١) ديا سان اي ديالو تون ڪرم ڪر مهر سان پريو(٢) ٻاجهه ڪر ٻاجهارا سائين ٻاجهه ڪرين ٻاجهارا. جيستائين ڳائڻ جو تعلق اهي ته مان قبول ٿو ڪريان ته آءٌ قدرتي

بي سرو هوندو هوس.

پنجين درجي "اي" ۾ مون کي ٽپايو ويو. هن ڪلاس جو استاد مسٽر نارائڻ داس ساجناڻي هو. جو ننڍي آدمر جو وينل هو. ان وقت پوهوڪياڻي بلڊنگ ۾ اڪيڊميءَ جو بورڊنگ هائوس هوندو هو. مون بورڊنگ هائوس ۾ داخلا. ورتي، جتي پيا مسلمان شاگرد هڪ مرحوم محمد الياس يوسفاڻي، ننڍوآدمر وارو هو ۽ ٻيو مسٽر پانڊي خان ۽ سندس ڀاءُ محمد علي مرحوم هوا. منهنجو اضافو هنن لاءِ خوشيءَ جو باعث بڻيو. نهايت محبت ۽ پيار سان گڏجي رهندا هواسين. مرحوم پانڊيءَ هڪ نوڪر محمد نالي ڳوٺان آندو. جو اسان جي ماني نڪي ناهيندوهو ۽ اسين هڪ ئي ميس ۾ کائيندا هواسين. اسان جو مئنيجر محمد الياس هو. جو پڪو ميمڻ هو ۽ نهايت ڪفايت سان خرچ ڪندو هو. مسٽر يوسفاڻي ۽ مسٽر پانڊياڻي مون کان هڪ درجو مٿي هوا.

پنجين درجي ۾ اجا ٻه مهينا ڪن مس گذريا هوا ته هڪ سرڪيولر آيو ته ورنيڪيولر فائينل امتحان ۾ جيڪي شاگرد وهڻ گهرن. سي نالا ڏين ۽ فارم ڀري ڏين. سڄي ڪلاس مان فقط مون نالو ڏنو. مسٽر ساجناڻي فارم ڀري مون کان صحيح ورتي ۽ مون ٻه رپيا في ادا ڪئي. فائينل امتحان ۾ فقط ٻه ادائي مهينا هوا. امتحان ڏنم ۽ رزلٽ آئوٽ ٿيڻ تي ڪامياب اميدوارن ۾ پنهنجو نالو ڏسي خوشيءَ ۾ نه ٿي ماپيس. اجا اهو امتحان ختم ئي مس ٿيو ته اسان جو ڊرائنگ ٽيچر مسٽر لوڪومل منهنجي پٺيان پيو. ته ميان تنهنجو هٿ سٺو آهي، تنهنڪري ايليمينٽري ڊرائنگ جو امتحان ڏي. هي فارم ڀري ڏي ۽ ٻه روپيا في ڪٽي اچ. مان البت نتائڻ لڳس جو تياريءَ لاءِ شامر جو ڊرائنگ ڪلاس ۾ اچڻو پوندو. مسٽر لوڪومل جڏهن نااميد ٿيو ته هن ديوان کانچند پرنسيپال کي چيو. جنهن مون کي گهرائي چيو ته ڀٽ تون ڇو نٿو امتحان ڏين؟ ماسٽر صاحب تنهن جي نيڪي ڪري ٿو ۽ تون پڪ پاس ٿيندين. پرنسيپال وٽ مون کي ڳالهائڻ جي جرئت نه ٿي. ڪهڙو سبب ڏيان. اوچتو خيال آيم ۽ چئي ڏنم ته سائين مون وٽ فيءَ جا ٻه رپيا ڪو نه آهن. ديوان صاحب چيو ته ڀٽ بس ڳالهه ٻه ايتري ۽ ائين چئي کيسي مان ٻه رپيا ڪڍي مسٽر لوڪومل کي ڏنائين ۽ مون کي چيائين ته شابس وڃي فارم صحيح ڪري ڏي. هاڻي ته مون وٽ ڪا ٻه حجت نه رهي. امتحان جي تيارين ۾ لڳي ويس. امتحان جو ڏهاڙو ٻه آيو. پيپر بمبئي مان ايندا هوا. امتحان ڏنم ۽ ڪجهه مهينن بعد نتيجو نڪتو ۽ ڪامياب ٿيس.

ڊرائنگ جي امتحان ۾ جيترا ٻه شاگرد پاس ٿيندا هوا. انهن جي تعداد تي اسڪول کي ڪجهه گرانٽ ملندي هئي. هن اسڪول ۾ عربي پڙهائي نه ويندي هئي. ان ڪري ثانوي زبان پارسي هئي پارسي جو استاد مولوي امام بخش هو. جو گاڏي کاتي ۾ رهندو هو. سفيد ريش

سنڌي پناڻ هو. ڏاڙهي مٿو اچو پٽونان وار ۽ ترڪي ٽوپي پائيندو هو. هندو جوڪرا البته سائنس مستيون ڪندا ۽ مٽس ڪلندا هوا پر هو ڪوبه ڌيان نه ڏيندو هو. فقط چوندو هو ته "بس بس" اهو سندس تڪيو ڪلام هو. اسان کي درجي چوٿين ۾ حڪايات لطيف پڙهايو ويندو هو ۽ پنجين درجي ۾ صد حڪايت جو ڪتاب پڙهندا هواسين. ڪتاب ٻئي دلچسپ هوندا هوا. حڪايات لطيف ۾ مزيدار مزاحيه حڪايتون هيون ۽ صد حڪايات ۾ اخلاقي آکاڻيون هونديون هيون. مون کي پارسيءَ سان هڪ خاص شغف ۽ دلچسپي ٿي ويئي ۽ ٻنهي ڪلاسن ۾ اثارٽي سمجهيو ويندو هوس. مولوي امام بخش مرحوم کي آءٌ ڏاڍي ادب سان ملندو هوس، انڪري هو مون کي ڏاڍي پيار سان ڏسندو هو. درجي چوٿين ۽ پنجين ۾ فارسيءَ جو استاد مولوي صاحب هو. ڇهين ۽ ستين ۾ ديوان ڏيارام فارسيءَ جو استاد ٿيو. درجو پنجون مسٽر ساڄنانيءَ جي تربيت ۽ تعليم هيٺ گذريو. سندس جيڪي اوصاف ۽ اخلاق هوا، تن جو ڪهڙو بيان ڪريان. ماستر نه هو پر هڪ فرشتو هو.

درجي پنجين کان منهنجي ڪن هندو شاگردن سان چڱي ڏيٺ ويٺ ٿي ۽ دوستيءَ جو ناتو ٿيو. هوا سڀ ديوان وڏن آفيسرن جا پٽ. مان سندن گهر ۾ ايندو ويندو هوس. سندن مائرون جڏهن ڏسنديون هيون ته هيءُ اسان جي پٽن جو دوست آهي ته مون کي پنهنجي پٽن جيترو گهرنديون هيون ۽ ڪيترائي ڀول ۽ ٻيون شيون کارائينديون هيم. پنجين درجي ۾ منهنجا پيارا دوست هوا. (١) حشو حشمت راءِ ڪيولراماڻي (٢) موتي مير چنداڻي (٣) ٻون گدواڻي (۴) هوتو مهتاڻي (۵) ڪشن ناگراڻي. مسلمان شاگردن ته فقط انهي ۾ لوڻ جيترا به ڪين هواسين. انهن ۾ منهنجي دوستي فقط هڪ واجد عليءَ سان هئي، جو مرحوم علي اڪبر بئريسٽر جو فرزند رشيد هو. جنهن جي گهر ۾ منهنجو اچڻ وڃڻ گهڻو هوندو هو. سندس والده ماجده مون کي نهايت پيار ڪندي هئي.

سنڌ مدرسي کان، جو منهنجي دل ۾ مضمون نويسيءَ جو شوق پيدا ٿيو هو تنهن پنجين درجي ۾ پنهنجو اثر ڏيکاريو. حيدرآباد ۾ جتي اڄ ريڊيو پاڪستان جي جاءِ نهيل آهي، اتي هڪ ڪرسچن جي ريڊنگ روم ۽ لئبرري قائم هئي، جنهن ۾ ديوان پرمانند حيدرآبادي عامل، جنهن عيسائيت اختيار ڪئي هئي، سو هن لئبرريءَ جو سرڪرده هو. هو هڪ اخبار انگريزيءَ ۾ لائيٽ نالي، سنڌيءَ ۾ جوت نالي به هفتيوار اخبارون ڪڍندو هو. مون جوت اخبار ۾ پنهنجا ننڍا ننڍا مضمون آکاڻيون ۽ ظريفانه نقل ڏيڻ شروع ڪيا ۽ روزانو هندو اخبار پڙهڻ جومون ۾ شوق پيدا ٿيو. ننڍا ننڍا ڪتاب پنهنجي اسڪول لئبرريءَ مان خواه هن ڪرسچن لئبرريءَ مان اڌو ڪرائي پڙهڻ لڳس. ازان سواءِ ڪي ڪي ننڍا ناول پنهنجي خرچ سان وٺي اهي به پڙهندو هوس. اهو شوق افسوس اٿم جو منهنجي بين مسلمان يارن ۾ بلڪل ڪو نه هو. البته هندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاگرد، جن جا مٿي نالا ورتا اٿم انهن کان ڪتاب مناسبا تي وٺي به پڙهندو هوس.

اڪيڊميءَ جي هيٺين ڪلاسن ۾ ڪيترائي مسلمان غريب شاگرد هوا، جن مان ڪن جي في معاف نه هوندي هئي ۽ ڪن کي ڪتابن ۽ نوٽبڪن خريد ڪرڻ جي به وسعت نه هئي، مون کي دل ۾ خيال پيو ته ڇو نه هڪ ايسوسيئيشن قائم ڪريان، ته انهن غريب شاگردن جي مدد ڪئي وڃي، هڪ ڏينهن مولوي امام بخش صاحب مرحوم سان دل جو احوال ڪيم ويچارو ڏاڍو خوش ٿيو. خير سان درجو پنجون اچي اختتام کي پهتو. خير سان پاس ٿي ڇهين درجي ۾ آياسين درجه "الف" مان وري "ب" ۾ ويس جتي جو ماستر صاحب مسٽر زيجهومل هو. هو مشهور هوشيار ماستر هو. سخت به هو ۽ شاگرد کانئس ڇرڪندا هوا، مگر مان خوشيءَ سان ب ڪلاس ۾ ويس. ڇهين درجي ۾ اچڻ بعد مون مسلمان شاگردن جي ميٽنگ پنهنجي اوطاق تي گهرائي. ڇهين درجي ۾ مون بورڊنگ هائوس ان ڪري ڇڏيو جو منهنجو چاچو حافظ شفيع محمد مرحوم جو سپروائيزنگ تپيدار هو، سو حيدرآباد بدلي ٿي آيو ۽ هن الهندي ڪچي ۾ متيارين جي قاضي عبدالرؤف مرحوم جي جاءِ مسواڙ تي ورتي ۽ مون کي بورڊنگ ڇڏائي پاڻ وٽ رهايائين. هتي ميٽنگ ٿي، مولوي امام بخش صاحب کي صدر چونڊيوسين. مان پاڻ جنرل سيڪريٽري ٿيس ۽ واجد علي خزانچي ٿيو. هر هڪ شاگرد تي چار آنا چندو ماهوار مقرر ڪيو ويو. سڀني شاگردن فيصلو ڪيو ته اسين درجو پاس ڪنداسين ته پنهنجا سيڪنڊ هينڊ ڪتاب وڪڻڻ بدران ايسوسيئيشن کي ڏينداسين ته اهي ٻين غريب شاگردن کي مفت ڏنا وڃن. ٽين ڳالهه جا طئي ٿي سان اها هئي ته هر آچر تي اهي مسجدون جي هندن جي محلن ۾ اچي وينون هيون ۽ جتي بانگ صلواة ڪانه ٿيندي هئي، انهن جي واري واري سان ڪنهن آچر تي هڪ محلي ته ٻئي آچر تي ٻئي محلي ۾ هلجي ۽ ٻهاري ڏئي صفائي ڪري اچجي. مسجدون سڀئي مٽيءَ جي حالت ۾ هندو محلن جي وچ ۾ اچي ويون هيون ۽ چوگرد هندن جون ماڙيون هيون. جتان ٻارڻ جي گندگي اگهي اگهيون به مسجدن ۾ اڇلايون ٿي وينون. پاٽيءَ جا مٽ ۽ ڪونرا سڪل نوٽ ٿيل، تڏا ڦاٽل پرزا پرزا ٿيل، مٿي ۽ ڪچري جا ڍير لڳل. مسجدن جي دروازي کي زنگو تالو به لڳل نه هوندو هو. اهي حالتون ٻهاريءَ ڏيندي اسان پنهنجي اکين سان ڏٺيون ۽ اسان کي زياده درد ٿيو ۽ صفائي تي وڌيڪ شوق رکيوسين ۽ پاڙي وارن کي هدايت ڪئي سين، ته هيءَ مسجد آهي، جا مسلمانن جي پاڪ عبادت جي جاءِ آهي، مهرباني ڪري گهر وارن کي روڪين ته هن ۾ گند نه اڇلائين.

پنسا جي اسان ۴ ـ ۵ مهينن ۾ گڏ ڪياسين، سي تمام اٽهررو سرمايو هو، ان ڪري مون همت ٻڌي ۽ چار دوست ساڻ ڪري مرحوم محمد ڪامل شاهه سعيدپور واري ۽ خانبهادر مير غلام محمد خان ٽنڊي باگي واري وٽ وياسين ۽ مون انهن کي پنهنجي خدمات بابت تفصيل ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درد ناڪ بيان ڪرڻ سان پنهنجو موقف ٻڌايو. ٻنهي الله جي نيڪ ٻندن پڇيو ته اوهان جو صدر ڪير آهي ۽ مون ٻڌايو ته مولوي امام بخش صاحب پرشن ٽيچر اسان جو صدر آهي. هو صاحب هميشه اڪثر و بيشتر حيدرآباد ايندا رهندا هوا. سندن خيال هو ته مولوي صاحب کان ليٽر وٺي اچو. اهڙا ليٽر مون مولوي صاحب کان لکايا ۽ ٻئي دفعي آٿي، هنن سخي مڙدن کي ڏنم.

مرحوم ڪامل شاهه هڪ سؤ رپيا ڏنا ۽ خانبهادر مير صاحب ٻه سؤ روپيا ڏنا. اسان رسيد بوڪ ڇپايا هوا ۽ رسيد ڪيڏي ڏنم. مون کي ياد آهي ته جڏهن خانبهادر مرحوم جي رسيد ٺئي ڪڍيم ته چيائين ته منهنجو نالو رسيد ۾ نه لک. مون پڇيو ته سائين پوءِ ڇا لکان ته چيائين ته لک "هڪ مسلمان" خير اسان کي ٣٠٠ رپيا ملي ويا. اسان جا حوصلا بلند ٿي ويا. پيسا سب واجد علي خزانچي وٽ رکياسين جو اسان سڀني ۾ سگهڙ شاهوڪار جو ٻار هو ۽ دل ڀري غريب شاگردن جي مدد ڪرڻ شروع ڪئي سين.

هندو شاگردن خواهه استادن کي به خبر پئجي وئي ته مون کي چيائون ميان توکي شاباس آهي پلي ته مائٽ تو جهڙا پٽ ڄڻين. اسان جي مدد جي ضرورت هجي ته اسين به حاضر آهيون. مون استادن کي عرض ڪيو ته رڳو ايتري مهرباني ڪريو جو مسلمان شاگردن جون فيون صفا معاف ڪري ڇڏيو. ان بعد هنن ائين ڪري ڏيکاريو جو ڪن جي اڌ ته ڪن جي سڄي في معاف ڪندا رهندا هوا.

ڇهين درجي ۾ پير رکيوسين. ڏينهن تي ڏينهن گذرندا ويا. مون کي ماستر لوڪومل وري انٽرميڊيٽ ڊرائنگ جي امتحان لاءِ چيو. اهو به ڏنم ۽ پاس ٿيس. مطلب ته منهنجو نالو اسڪول ۾ تمام مشهور ٿي ويو ۽ وڏي پيار ۽ عزت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هوس.

ڇهين درجي ۾ پارسيءَ جو ڪتاب اسان کي ديوان ڏيارام پڙهائڻ شروع ڪيو ان جو نالو هو "حاجب شاهي" اهو ڪتاب فارسي منتخبات جو مجموعو هو. جنهن ۾ گلستان. بوستان. انوار سهيلي نثر جي حصي ۾ ڪريما. پند نامه فريد الدين. عطار. محمود نامه جا شايد ٻه چار غزل ۽ ڪجهه جديد فارسي جا منظومات جن ۾ هڪ وطن جو مرثيه "واءِ وطن واءِ" هوندو هو. ديوان ڏيارام پڙهائڻ وقت مست ٿي ويندو هو. ۽ ڪنڌ پيو ڌوڻيندو هو. چوندا آهن ته جتي وڻ ناهي، اتي ڪانڊيرو به درخت. ويچارا هندو شاگرد پارسي ۾ گهٽ هوندا هوا. مان فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ گوءِ کٽيو بيٺو هوس. رياضي ۽ انگريزيءَ ۾ مون کان هنن مان ڪيترائي هوشيار هوا پر سنڌي ۽ فارسيءَ ۾ مان هنن کان تمام گهڻيون مارڪون کڻندو هوس. جنهن ڪري ٽوٽل نمبر ۾ مٿي اچي ويندو هوس. فارسي گرامر اسان کي ڇهين درجي کان شروع ڪرايو ويو. هڪ گرامر جو ڪتاب "ڪانگا جو گرامر" اسان کي پڙهايو ويندو هو. هيءَ گرامر جو ڪتاب لاجواب هو. مٿي جيڪو ڪورس بيان ڪيو اٿم. سو ٻن سالن جو هو يعني ڇهين ۽ ستين ٻن درجن ۾ پورو

ڪرڻو پوندو هو. ۽ مئٽرڪ ۾ امتحان انهن مان ئي ٿيندو هو.

جڏهن ڇهين درجي کي خير سان پورو ڪري مئٽرڪ ۾ پهتاسين ته ان وقت مئٽرڪ جا ٻه ڪلاس الف ۽ ب هوندا هوا. مون کي ياد آهي ته ان وقت ٻه ۱۴۳ شاگردن مئٽرڪ ڪلاس ۾ هوا. جن مان اسين مسلمان ۱۱ هواسين ۽ ٻيا سڀ هندو شاگرد هوا. مئٽرڪ ۾ اسان جا استاد ديوان هوتچند وائيس پرنسيپال، ديوان جيوترام ۽ ديوان رامچند هوا. پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ يگانه هوا. مئٽرڪ ۾ سنڌي ۽ جاگرافيءَ جا ڪم ختم ٿي ويا. مئٽرڪ جو امتحان فقط هيٺين ڪمن ۾ ٿيندو هو.

۱ــ انگلشن جنرل (هڪ پيپر)

۲ــ انگلش ٽيڪسٽ (هڪ پيپر)

۳ــ انڊين هسٽري ۽ انگلستاني (هڪ پيپر)

۴ــ پرشن (هڪ پيپر)

۵ــ رياضي، ارٿميٽڪ آلجبرا ۽ جاميٽري (هڪ پيپر)

اهو سال ۲۴ــ ۱۹۲۵ع هو. مئٽرڪ جو امتحان هميشه مارچ مهيني ۾ ٿيندو هو. سنڌ ۾ مئٽرڪ امتحان لاءِ فقط هڪ ئي سينٽر ڪراچيءَ ۾ هوندو هو. جتي ٻن هالن ۾ امتحان هلندو هو. هڪ سنڌ مدرسة السلام جو اپر هال ۽ ٻيو خالقڏنو هال.

سال ۱۹۲۵ع پهريون ئي سال هو، جو حيدرآباد کي ٻه مئٽرڪ جو سينٽر بنايو ويو. اهو هندو صاحبان جي ڪوشش جو نتيجو هو. اسان جي پهرين بيچ هئي، جن مئٽرڪ امتحان حيدرآباد ۾ ڏنو. جنهن لاءِ سينٽر هومسٽيڊ هال ۾ ڪيو ويو. ان زماني ۾ حيدرآباد ۾ فقط چار هاءِ اسڪول هوا. ۱ــ گورنمينٽ هاءِ اسڪول جو موجوده نور محمد هاءِ اسڪول ۾ هو. ۲ــ نئو وديالہ هاءِ اسڪول جو موجوده حيدرآباد يونيورسٽي اولڊ ڪئمپس ۾ هو ۽ راءِ بهادر ديوان پريداس ان جو باني هو. ۳ــ نولراءِ هيرانند اڪيڊمي جتي هن وقت گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۽ لاڪاليج آهن. ۴ــ اسڪول جو چوڪرين لاءِ هو. جنهن کي ڪنڊن مل گرلس هاءِ اسڪول چوندا هوا ۽ اڄ اتي جامعہ عربيہ هاءِ اسڪول آهي. انهن سڀني اسڪولن مان اٺي ۾ لوڻ جيترا مسلمان شاگرد آيا. ڪجهه ٻاهران سنڌ مان ٻه آيا. جهڙوڪ سکر، شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي مان. مرحوم آغا تاج محمد مون سان گڏ حيدرآباد ۾ امتحان ڏنو. اسان مسلمان شاگرد هڪ ٻئي کان پڇندا هواسين ته ادا توهان ڪٿان آيا آهيون ۽ پيپر ڏيڻي اچڻ بعد هڪ ٻئي کان پنهنجا پنهنجا جواب پڇندا هواسين. امتحان فقط ٽي ڏينهن هلندو هو. روزانو ٻه پيپر ٿيندا هوا. هن زماني واري اينگهه ڪا نہ هئي. آغا تاج محمد منهنجو دوست ٿي ويو ۽ تادم زيست هڪ دوست رهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جي سنڌ، ان وقت بمبئي پريزيڊنسيءَ سان ملحق هئي ۽ امتحان سڀ بمبئي يونيورسٽيءَ جي ذريعي ٿيندا هوا. اهو وقت اهڙو هو، جو سنڌ مان ڪو هڪ به منترڪ جو ممتحن نه هو. مارچ اپريل ۾ مهينا انتظار جا هوندا هوا ۽ مئي جي آخر ۾ نتيجو نڪرندو هو. ذريعه تعليم انگريزي زبان هئي ۽ امتحان جو رعب تمام گهڻو هوندو هو. ڪاپيءَ جو ته ڪنهن کي خواب و خيال به نه هوندو هو ۽ نه وري امتحان ۾ ڪو اثر رسوخ هلائڻ جو امڪان هو. پڙهندڙ حضرات کي حيرت لڳندي جڏهن کين ٻڌائيندس ته سوالي پيپرن تي ممتحن جا نالا ۽ ايڊريسون لکيل هونديون هيون. مگر ان وقت جا ممتحن اثر يا سفارش کان بي نياز هوا ۽ امر محال هو جو انهن وٽ ڪنهن جي باري ۾ رسائي يا پهچ ٿي سگهي. رزلٽ هميشه بمبئي ۾ رات جو ۱۲ وڳي نڪرندي هئي. ٽيليگراف رستي سيني پريسن کي نمبر ڏنا ويندا هوا جي راتو واهه سپليمينٽريءَ ذريعي شايع ڪري علي الصباح ۲_ ۲ آنه قيمت وصول ڪري هر هڪ شاگرد کي نهايت آسانيءَ سان ملي سگهندي هئي. اها رات شاگردن کي ننڊ ئي نه ايندي هئي. سنڌ جي رزلٽ وڌ ۾ وڌ ۴۰ کان ۴۵ سيڪڙو ايندي هئي. ڊويزنون ڪو نه هيون فقط پاس يا فيل هوندو هو. سپليمينٽ ۾ فقط پاس نمبر ظاهر ڪيا ويندا هوا. جيڪي نمبر نه هوندا هوا سي فيل قرار ڏنا ويندا هوا. اين ايچ اڪيڊميءَ مان اسان ۱۱ مسلمان شاگردن مان فقط مان هڪ پاس ٿيس. ٻيا ويچارا سڀ فيل ٿيا، جن مان ڪي ته ٻه ٻه ٻلڪ ٽي سال هوا. مون کي پنهنجي دوست واجد عليءَ جي فيل ٿيڻ تي ايترو ڏک ٿيو، جو مون روئي ڏنو، ڇو ته هو بلڪل هوشيار هو مگر ڊڄڻو هو. ڪو سوال نه آيس ته حوصلا خطا ٿي ويندا هيس. اهو ئي سبب سندس ناڪاميءَ جو ٿيو.

۱۹۲۵ع جو اهو سال هو جڏهن مرحوم نور محمد وڪيل مسلم ايڊيوڪيشن سوسائٽيءَ جو بنياد رکيو. ان لاءِ ابراهيم رحمت الله کيَ صدارت لاءِ گهرايو ويو. ڪراچيءَ ۾ سنڌ جا سڀ سربر آورده مسلمان جي تعليم جا گهورا بزرگ هوا، سي آيا هوا. سندن نالا لکڻ طوالت جو سبب بڻبو. ان ڪري هتي نٿو لکان. اسان شاگردن رات ڏينهن محنتون ڪري قومي جذبه سان سرشار، هومسٽيڊ هال کي ڪانفرنس لاءِ ڪنوار جيئن سينگاري ڇڏيو.

ڪانفرنس ۾ ڪافي ولوله انگيز تقريرون ٿيون. مخير حضرات وڏن وڏن چندن ۽ عطين جا اعلان ڪيا. اسان خوب نعرا هنيا. تاڙيون وڄايون. مگر ڪانفرنس جي ڪارروائيءَ کان وڌيڪ جنهن ڳالهه مون کي محظوظ ڪيو، سو هو مشاعرو. مشاعري جو نالو مون پهريون دفعو ٻڌو. ياد اٿم ته مشاعري ۾ مصرع طرح اردوءَ ۾ هئي. "چشم موسيٰ کو ڀهي حسرت رهه گئي ديدار کي" سنڌي ۾ ان جو ترجمو هو "چشم موسيٰ کي به حسرت رهجي وئي ديدار جي" اردو مشاعري جي صدارت مير ايوب خان ڪئي، اردو ته ايتري سمجهي نه ٿي سگهيس، مگر سنڌي مشاعره غور سان ٻڌم. مون کي ان وقت عروض، بحر ۽ وزن جا نالا به ڪو نه ايندا هوا ۽ نه خبر هيم ته رديف ۽ قافيه ڇا آهي، مگر مشاعري مان مون جيترو مزو شايد ئي ڪنهن ورتو هجي. مون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي مزو فقط ان مان پئي آيو. ته سيني شاعر ساڳئي مصرح طرح تي ۽ ساڳئي رديف قافيه تي ڪيئن پنهنجا اشعار جوڙي آيا هوا. دل ۾ حضرت موسيٰ جي حسرت ته درڪنار منهنجي حسرت جو ته ڪو حساب ڪو نه هو. خدا کي سوال پئي ڪيم ته مان شاعر ٿيان ۽ مون بي اي جي پهرئين سال يعني ايف اي کان ئي شعر چوڻ شروع ڪيو. جنهن جو احوال منهنجي ڪاليجي تعليم دوران ايندو. مون جڏهن مئٽرڪ پاس ڪئي ته بدن ۾ اهڙو ته لاغر هوس جو نڊو بار پئي لڳس جو ڪنهن کي اعتبار ئي نه اچي، ته مون ڪو مئٽرڪ پاس ڪئي هوندي. منهنجي هاڻي ڪاڻي ان وقت بلڪل ڏبري ۽ ضعيف هئي. منهنجو والد مرحوم ۽ ٻيا عزيز اقارب منهنجي ڪاميابيءَ تي نهايت خوشيون ملهائڻ لڳا. هالن شهر مان هندن. سکن ۽ مسلمانن سيني قومن مان، مان پهريون شخص هوس، جنهن مئٽرڪ پاس ڪئي هئي. ان ڪري سيني لاءِ حيرت جو سامان هو. منهنجي والد مرحوم کي مبارڪن جي ڏوم مچي ويئي. جناب حضرت مخدوم ظهير الدين (پُرو چام) سائين مون کي ويهه رپيا خرچي ڏنا ۽ دعا ڪئي. اما مرحوم مون کي آغوش ۾ وٺي چميون ڏنيون ۽ هالن شهر ۾ هر هنڌ منهنجي ڪامياب ٿيڻ جي چؤ پچؤ هئي ان وقت مئٽرڪ پاس ڪرڻ هڪ وڏي ڳالهه سمجهي ويندي هئي، سو به هالن نون شهر مان، جتان ان کان اڳ ڪنهن به مئٽرڪ جو خواب ئي نه ڏٺو هو.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ نيشنل ڪاليج حيدرآباد ۾ داخلا

مئٽرڪ جو نتيجو نڪرڻ بعد جون ۱۹۲۵ع ۾ مون مذڪوره بالا ڪاليج ۾ داخلا ورتي. داخلا لاءِ هڪ معمولي فارم ڀرڻو هو. جو ڪاليج مان مفت ملندو هو. فارم سان گڏ فقط ڏهه رپيا ڪاشن مني بروقت ڏيڻي پوندي هئي. ڪلارڪ، نالو ۽ مئٽرڪ جو سيٽ نمبر بمبئي مان آيل ڇاپي رزلٽ تان ڏسي تصديق ڪندو هو ۽ بني ڏينهن نوٽيس بورڊ تي لسٽ لڳائي ويندي هئي، ته هيٺين شاگردن کي داخلا ڏني ويئي آهي. ان کان زياده ڪا به پتاڙ يا اينگهه ڪا نه هوندي هئي. تڳيءَ جو ته تصور ئي ڪو نه هوندو هو. مون به فارم ڀريو ۽ داخلا ملي. ان زماني ۾ بي اي جي پهرئين سال کي F.Y.A ايف واءِ اي سڏيندا هوا. مون ڪاليج اسڪالر شپ لاءِ درخواست پرنسيپال جي معرفت ڪئي ۽ ۳۰ روپيا ماهوار اسڪالر شپ نهايت آسانيءَ سان پاڻهي ملي ويئي. ڪاليج جي بلڊنگ انهيءَ ساڳئي جاءِ تي هئي، جتي هينئر گورنمينٽ ڪاليج آهي يعني ڪاري موريءَ پرسان ڦليليءَ جي هُن پار. البت بلڊنگ پراڻي نوعيت جي هئي، جا سلاميءَ واريءَ ڇت نڪر جي نرن سان ڍڪيل هئي، هن وقت ڪاليج جي بلڊنگ جو حليو ئي بدلجي ويو آهي.

هتي اهو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي، ته منهنجو چاچو حافظ شفيع محمد ان وقت ٽنڊي الهيار بدلي ٿي ويو. تنهن ڪري مون ڪيُ الهندي ڪڇي واري اوطاق ڇڏڻي پئي ۽ ڪاليج جي هاسٽل ۾ رهائش اختيار ڪرڻي پيئي. هاسٽل ڇا هئي فقط ۱۰ـ ۱۲ ڪوٺيون پراڻي وقت جون ٺهيل هيون. مگر ٻاهرين شاگردن لاءِ غنيمت هئي. الهندي ڪڇي واري اوطاق ۾ مون وٽ چند دوست ايندا هوا. تن کي به الوداع ڪرڻي پيئي. انهن دوستن مان قابلِ ذڪر دوست هي هوا. ۱ـ مخدوم محمد صالح ڀٽي جو سنڌ مدرسه ڇڏي اچي ملان اسڪولن جو اسسٽنٽ ڊپٽي ٿيو هو. ۲ قاضي فضل الله جو انٽر آرٽس ۾ هو. جڏهن مان مئٽرڪ ۾ هوس ۳ ميون شيخ عبداللطيف ريحان پونو جو ان وقت ڊويزنل فاريسٽ آفيس ۾ ڪلارڪ هو ۽ پوليس ۾ ڀرتي ٿي ناسڪ پڙهڻ لاءِ ويو ۽ آخر ايس پي ٿي رٽائر ڪيائين ۽ وفات ڪري ويو. ۴ مراد علي ڪاظم جو ان وقت انڪمبرڊ اسٽينس آفيس ۾ ڪلارڪ هو ۽ ۽ هڪ ٻئي ساڳئي آفيس جي ڪلارڪ مسٽر محمد يونس مرحوم وٽ رهندو هو. مرحوم ڪاظم شاعر هو ۽ مون کي پنهنجا شعر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهي پڏائيندو هو ۽ منهنجو هٿ ڏسي چوندو هو تہ ”پٽيا تون بہ شاعر ٿيٺو آهين.“ اهي سڀ الهندي ڪچي ۾ رهندا هوا. قاضي فضل الله ۽ ڊاڪٽر غلام حسين جعفري انٽر جو امتحان ڏيئي ڪاليج ڇڏي ويا ۽ سندن جاءِ اسان هيٺين مسلمان شاگردن پري ۽ هاسٽل جا مقيم ٿياسين. ١_ مسٽر محمد اعواڻ ٢_ مسٽر عبدالخالق اعواڻ ٣_ قاضي عبدالرسول ۴_حافظ محمد ابراهيم خيرپوري ۵_ شيخ عباس خيرپوري ٦_ هڪ هندو شاگرد مسٽر مورجاڻي ٧_ محمد اسماعيل عرساڻي ٨_ قادر نواز اعواڻ ٩_ نور محمد قادري. حيدرآباد جا مقامي شاگرد هينيان هوا.

١_ مرحوم رجب علي، اڪبر علي بئريسٽر جو پٽ ۽ واجد عليءَ جو وڏو ڀاءُ ٢_ مسٽر قربان علي ميمڻ ٣_ مرحوم عبدالخالق ميمڻ ۴_ مرحوم علي احمد شهواڻي، ۵_ مرحوم حسين علي آفندي مرحوم سراج الحق جج جو ننڍو ڀاءُ. سنگت نهايت سٺي هلي. پاڻ ۾ پيارن وانگر ملندا جُلندا هواسين ۽ ڪل يوڳ ۽ ڪچهريون ڪندا هواسين. قاضي عبدالربسول اسان ۾ البت چالاڪڙو هو. ان ڪوشش وٺي هڪ بورچي رکيو ۽ ڪلب جو بنياد وڌو. ان ڪري مانيءَ ٽڪيءَ جا سهنجا ٿي پياسين. سابق مسلمان شاگردن چڱو نالو ڇڏيو هو. ان ڪري اسان مسلمان شاگردن کي سڀ پروفيسر عزت ۽ پيار جي نگاهہ سان ڏسندا هوا. هندو ڇوڪرا تہ البتہ چيگرا هوندا هوا. ان ڪري ويتر اسان مسلمانن سان عملي جو سهٽو. برتاءُ هوندو هو عام طرح ائين چوندا هوا تہ مسلا (مسلمان) وڏيڪ فضيلت وارا آهن.

جڏهن آءٌ ڪاليج ۾ داخل ٿيس تڏهن اسان جا هينيان پروفيسر صاحب هوا.

١_ پروفيسر شاستري (مدراسي) آلجبرا سيکاريندو هو.

٢_ پروفيسر (گجراتي) ٽرگنامينٽري سيکاريندو هو.

٣_ پروفيسر ڪيسواڻي (روهڙيءَ وارو) پارسيءَ جو پروفيسر هو.

۴_ پروفيسر اين ڊي گربخشاڻي (نرملداس) انگلش جنرل پڙهائيندو هو.

۵_ پروفيسر ايم ايم گدواڻي (پرنسيپال) انگلش ٽيڪسٽ وغيره.

اسان جي ڪاليج جو نالو اول سنڌ نيشنل ڪاليج هو بعد ۾ اين اي ڊي نيشنل ڪاليج رکيو ويو ۽ هن وقت اهو گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد جي نالي سان سڏجي ٿو. اسان جي داخلا وقت في الحال پرنسيپال ڪونہ هو ۽ وائيس پرنسيپال مسٽر اين_ ڊي گربخشاڻي قائم مقام پرنسيپال هو ۽ جلد ئي مسٽر ايم ايم گدواڻيءَ جو تقرر ٿيو. اين ايچ اڪيڊميءَ مان جن بہ هندو شاگردن مئٽرڪ پاس ڪئي هئي، تن سڀني داخلا ورتي، ان ڪري منهنجي واقفيت هندو سرڪل ۾ مسلمانن ڪان گهڻي هئي، جو تہ بيا مسلمان شاگرد ٻاهران آيل هوا.

فارسيءَ ۾ اسان تي نثر ۾ بهارستان جامي ۽ نظم ۾ طيبات سعدي بہ ڪتاب رکيل هوا.

پروفيسر ڪيسواڻي فارسيءَ ۾ اهڙو هوشيار ڪين هو. تاهم نهايت محنتي هوندو هو ۽ پنهنجي فرض ادائيءَ ۾ ڪا به ڪسر نه ڇڏيندو هو. باقي پروفيسر پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ ماهر هوا. اسڪول جي ماحول ۾ ڪاليج جي فضا ۾ زمين و آسمان جو فرق نظر آيم. پاڻ کي ڪاليجي جوانڻ ۾ فخر محسوس ڪندا هواسين. مئٽرڪ ڪانپوءِ ارٿميٽڪ ختم ٿي ويئي. ٽرگناميٽري هڪ بلڪل نئون مضمون سکڻو پيو. هرهڪ پيرئڊ (فرجي) جي حاضري پوندي هئي ان ڪري پيرئڊ ۾ گسائڻ قطعاً ناگوار لڳندو هو ۽ نهايت تاڪيد سان هر هڪ فرجي ۾ حاضر رهبو هو. ثانوي اسڪول به راندين، ڊرامن، ڊبيٽن، ايڪسڪرشنن ۽ ٻين سوشل دلچسپين کان خالي نه هوا، مگر ڪاليج ۾ فضائي اور هئي. انهن دلچسپين جي مزيدارين کي قلمبند ڪرڻ لاءِ هڪ جدا ڪتاب جي ضرورت پوندي، جي سڀ منهنجي دل و دماغ ۾ اڃا حرف بحرف موجود آهن. انهن کي درگذر ڪندي مان فقط ڪاليج جي ٻن ٽن دلچسپين ڏي اشارتاً انگشت نمائي ڪندس.

پروفيسر ايم ايم گدواڻي اچڻ سان ڪاليج ۾ زندگي يا زنده دلي پيدا ڪئي، هڪ دفعي ڪاليج لان تي هڪ "انڊين مجلس" ڪرايائين، جنهن لاءِ ڪو به چندو وغيره رکيل ڪو نه هو. ڳائڻ وڄائڻ سان گڏ هڪ فينسي شو به هن مجلس جي پروگرام ۾ شامل هو. ڪاڌي لاءِ سڀ ڪنهن کي حڪم هو ته پنهنجي گهران سيڪو ڪجهه نه ڪجهه سنڌي طرز جو ڪاڌو رڌائي پاڻ سان کڻي اچي. عجيب غريب قسم جا ڪاڌا جمع ٿي ويا، ڪنهن ٻاجهريءَ جا ڍوڍا ۽ چٽني آندي، ڪن ڪڻڪ جو رڌل ڏارو جنهن کي ٻاٽ چوندا آهن، سو آندو ته ڪنهن لپٽي آندي، ڪنهن ڪڻاهو پرشاد يعني چڻن جي ڪهرن جي چٽني آميز پليٽ آندي جنهن کي چولا چيو وڃي ٿو، ڪنهن سيگو چانورن جي رٻ آندي ڪنهن سوجيءَ جو سيرو، ڪنهن ڪيرٽي ڪنهن پٽاٽن جون ٽڪيون، ڪنهن ڪچٽي ۽ ڪڙهي، ڪنهن ڏونري ۾ ٺهيل رائتو، ڪنهن ٻاجي پلاءُ، ڪنهن مُگن ۽ چڙنن جا ڪُهر ڪنهن صرف ڪچونبر، ڪنهن ٽماٽي جي چٽني ڪنهن سلان ڪنهن ڦلڪا، ڪنهن موٺيون ڪنهن چوڪا، ڪنهن ٻُسريون ڪنهن مٺا چانور (رنگ بنا چاشني) ڪنهن وڙيون ڪنهن آچار ڪن مربا ڪن ڏهي، ڪن لسيءَ جا لوٽا ڪن پڪوڙا، ڪن پوريون، ڪن ٻهن چيڙن انب چور جون ڪچريون، ڪن پالڪ ته ڪن سرنهن جو ساڳ، ڪن موريون ته ڪن ڪريلا ڪن گاجر جو حلوو ڪن ٻيون قسمين قسمين گهر جون ٺاهيل مٺايون آڻي ڍير ڪيون. انهن ويشنو ڪاڌن جا مان ڪيترا نالا ياد ڪري ڪيترا ياد ڪريان. پاپڙن جو ته حساب ئي ڪو نه هو. ڪو ٽانڊن تي سيڪيل، ڪي تريل ڪائيندي حال! هندو پائرن اڪثر اهو سانتيڪو پرشاد آندو هو جنهن کي ويشنو ڪاڌو سڏجي ٿو. هاڻي اسين چند مسلمان ڇا آڻيون، شهر وارن مسلمان دوستن تي تريل مڇيون، گوشت، بيضن جا ٻوڙ، سوپ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ڪڪڙ جو ٻوڙ، ڪونئرا پراٺا، چاشني، ڪورمون ۽ ٻيون اهڙيون غذائون آنديون. بهرحال ست رڇي جو ته مان مرتبو گهڻجي ويو. هتي ته ست رڇيءَ ڪان ڳالهه لنگهي ويني. ههڙي، ايٽ هوم چوس يا ڊنر چنوس، ريفريشمينٽ چنوس. مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪانه ڏٺي ۽ نه ٻڌي. ڪانٽن تي ويٺاسين. پليٽ پليٽ هر هڪ جي جدا هني ورڪر بيٺا هوا. چمچن سان لاهي ٿي ڏنائون جيڪي گهر سو حاضر. ڪائي چڙهه ۽ رڄ ڪياسين. اسان هاسٽل وارن جو ته نوڪر به پڃي ويو هو. تنهن ڪري اسان ٺاري چوڪيدار کي چيو جنهن ماهيو کير آٽي ڏنو ۽ ان ۾ راسبيريءَ جو رنگ ۽ کنڊ گڏي کٽي ملڪ روز بنايو ۽ هڪ وڏي ديگ ڀري رکي سين. واهه واهه ٿي ويني چو ته شهر وارن کي ملڪ روز جو ڍڪ ڍڪ آڻڻ ذرا مشڪل بلڪ محال هو.

هن مجلس جي آخر ۾ پرنسپال صاحب هڪ دل نشين ۽ بصيرت افروز تقرير ڪئي ۽ اسين سڀ اهڙو ته خاموش ٻڌندا رهياسين گويا ڪ ڪو ماڻهو هوئي ڪو نه. صرف ٻه ٽي دفعا تاڙيون وڄايوسين. سي به فضيلت سان ۽ نه اجوڪي نموني. تقرير پوري ٿيڻ بعد پرنسپال صاحب پنهنجون ڪي تجويزون پيش ڪيون. جن مان مکيه رٿ هئي "ڪاليج جي ميگزين ڪڍڻ" سڀني خوشيءَ جو اظهار ڪيو ۽ منگزين جو نالو "ڦليلي" تجويز ڪيو ويو. ان بعد پرنسپال صاحب هڪ سوال سڀني جي اڳيان پيش ڪيو. صاحب موصوف پڇيو ته اوهان شاگردن مان ڪو شعر ناهي سگهندو؟ خاموشي طاري ٿي وئي. مون اهو خاموشيءَ جو عالم ٽوڙيو جڏهن اٿي بيٺس ۽ چيم ته "سائين مان شعر لکي سگهندس." واهه واهه ٿي ويني ۽ سڀ شاگرد يڪ زبان ٿي چوڻ لڳا ته "سر مسٽر عرساڻي پارسيءَ ۾ ڏاڍو هوشيار آهي ۽ هو شعر لکي سگهندو" پرنسپال صاحب مسرت جو اظهار ڪيو. خوش ٿيندي چيائين ته پوءِ مسٽر عرساڻي اسان جي ڪاليج جو "پوئٽ لارئيٽ" يعني درباري شاعر آهي. سڀ خوب کلياسين. محفل ختم ٿي ۽ ان بعد چند روز ته هن مجلسن جون ڳالهيون ٿينديون رهيون.

ڪجهه وقت بعد هڪ ايڪسڪرشن جو انتظام ڪيو ويو. ڦليلي ان وقت ڦوهه جوانيءَ ۾ هئي، سندس وهڪرو سنڌو درياءَ سان ڪلهو هٽي رهيو هو. هڪ ٻن ٻيڙين جو ڪرايو وغيره مير بحرن سان طئي ٿيو ۽ آرتوار صبح جو چونڪ اسان کي ڪاليج کان ڄامشوري موريءَ وٽ وڃي پي ڊبليو ڊي جي بنگلي ۾ ڏينهن گذارڻو هو. تنهن ڪري ٻيڙيون اوياريون هليون جي ڦليليءَ جي ڪپ سان ميربحرن رسن سان ڇڪي ٿي هلايون. هڪ ميل ڪان ٻه مفاصلو ڪجهه سجيهه هو ان ڪري اڌ ڏينهن ته ڄامشوري موريءَ تائين پهچڻ ۾ لڳي ويو. ٻيڙين ۾ ڪيترا گيت، گانا ڳائيندا، خوشيون ڪندا ڦليليءَ جي ٻنهي ڪپن تي ماڻهن جو توجهه ڇڪائيندا خير سان منزل مقصود تي پهتاسين. بسڪوٽن جا پڙا، ڪيڪن جا ڊرزنن جا ڊزن ۽ ٻيا قسمين قسمين مال ٺال وٺي ويا هواسين. جي ڪائي آسپاس جو شيل ڪري شام جو

وارو ٿياسين ۽ سج اندر ٻاهر هو تہ واپس ڪاليج ۾ پهچي وياسين ۽ سيڪو مائٽن جو انتظار دُفع ڪرڻ لاءِ پنهنجي پنهنجي گهر روانو ٿيو.

هڪ دفعي ڪاليج ۾ ڊرامو منعقد ٿيو جو شيڪسپيئر جو روميو ۽ جوليٽ جو اختصار هو پون گدواڻي جوليٽ جو پارٽ ادا ڪيو ۽ وڻ وڄائي ڇڏيائين. ڪاليج جا ٧٠ سيڪڙو شاگرد تہ مٿس گويا عاشق ٿي پيا. انگريزي ڊرامو مون پنهنجي حياتيءَ ۾ پهريون دفعو ڏٺو هو. تنهن ڪري گدگد پئي ٿيس. ڪاليج ۾ ڪو ايڊيوڪيشن هئي، تنهن ڪري ڪيتريون ئي عامل ڇوڪريون بہ پڙهنديون هيون. ڇوڪرن لاءِ ڊيسڪون هونديون هيون ۽ گئلريءَ وانگر رکيل هونديون هيون ۽ ڇوڪرين لاءِ پهرين صف ۾ ميزون ۽ ڪرسيون رکيل هيون. ميزون پراڻي قسم جون هيون منجهن اڳيان ۾ بہ خانا هوندا هوا. هونءَ تہ ڇوڪرين جي نهايت عزت ڪئي ويندي هئي ۽ هڙ ڪو شاگرد انهن کي ڀينرن وانگر ڏسندو هو. جڏهن هو ڏاڪڻ تي چڙهنديون هيون يا لهنديون هيون تہ ڪو بہ ڇوڪرو لهندو چڙهندو نہ هو جيستائين هو سيڙهي عبور ڪري وڃن. پر ان هوندي بہ ڪي عامل ڇوڪرا شرير هوندا هوا ۽ ڪڏهن ڪڏهن ساڻن چرچا ڪندا هوا. هڪ چرچي جو مثال پيش ڪرڻ بيجا نہ ٿيندو. ڪنهن شرير شاگرد کي ڪو مئل وڇون يا پنون هٿ چڙهي ويو. سو کڻي هڪ ڇوڪري جي ميز واري خاني ۾ وجهي ڇڏيائين. جيئن ئي ان ڇوڪريءَ خانو کوليو تيئن وڇونءَ تي نظر پيس ۽ هڪ اهڙي تہ دردناڪ ڪيڪ ڪيائين جو سڄو ڪلاس حيران ٿي ويو. ڇوڪري ذري گهٽ بيهوش ٿيڻ تي هئي. آخر راز معلوم ٿيو ۽ ڪلاس ۾ اهو فرجو پڙهائي نہ ٿي سگهي خير، ٻين شرارتن جو ذڪر ڪرڻ طوالت جو سبب بنبو لهاذا ضرورت محسوس نٿو ڪريان.

قليلي منگزين جي اشاعت جو وقت اچي ويو، مون کي شعر لکڻ لاءِ چيو ويو. مان جو پري محفل ۾ ٻٽاڪ ۽ لاف زني ڪئي هئي ان کي پاڻي ڏيٺو هو. طيبات سعدي، سعدي عليه الرحمة جي غزليات جو ڪتاب هو. سعدي سڀورو غزل جو تہ پيغمبر هو. فارسي ۾ چيو اٿن تہ:

در شعر سہ تن پيغمبراند هر چند کہ لانبي بعدي

مثنوي و قصيده و غزل را

فردوسي، انوري، سعدي

منهنجي لاءِ ٻيو ڪو بہ رستو نہ رهيو. طيبات کڻي ان مان ڪافيہ جي ڪن الفاظن جي چونڊ ڪندو هوس ۽ پوءِ ويهي پچ گهڙ ڪري ڪو نہ ڪو شعر ٺاهيندو هوس. عروض جي تہ پوري ڄاڻ ڪا نہ هئي، ان ڪري هر شعر زبان سان دهرائيندو هوس. تہ گهٽ وڌ تہ نٿو بيهي. بهرحال ڪوشش ۽ سعيو ڪاميابيءَ جي ڪنجي چيو اٿن. مون پهريون شعر جو ٺاهيو ۽ قليلي ۾ شايع ٿيو. ان جا چند شعريڪ مشڪ نمونءِ خروار هتي لکان ٿو. هن شعر لاءِ مصرع طرح در

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حقيقت مجلس مشاعره "سرسوتي گروپ" ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ مان آيل هئي، جا ڪاليج جي نوٽيس بورڊ تي لڳائي ويئي هئي. مون ان تي طبع آزمائي ڪئي ۽ شعر لکي ڪراچيءَ موڪليو ۽ قليلي ۾ به ڏنو. گويا هڪ تير سان ٻه پي شڪار ڪيم. اهو شعر قليليءَ ۾ شايع ٿيو ته ڊي جي سنڌ ڪاليج مخزن ۾ به اشاعت پذير ٿيو. مصرع هن طرح هئي.

"ڪهڙي ڪهڙي تنهنجي هيٺان اي فلڪ فرياد آهه"

هن ڏس ۾ منهنجي پهرين ڪاوش هئي، ان ڪري ني هتي لکان ٿو ورنه لکڻ جي قابل نه آهي.

"نتيجه فڪر محمد اسماعيل عرساڻي"

١_ تحفئه رنج والم اچ عاشقن امداد آهه.
برهه وارن سان بلاشڪ بي سبب بيداد آهه.

٢_ زلف زندان ڏي سڏي ٿو چشم ٿو ڪوني ڪهي،
تيغ ابروءَ جي تماشي لاءِ سندن ارشاد آهه.

٣_ خال و خط دام ۾ ڏس درد وارن جو شڪار،
جار ڪنهن سنجيده دل سهٽي وڏو صياد آهه.

٤_ ڪنهن سڪايل جي صدا توکي نه پهتي آسمان،
ڪهڙي ڪهڙي تنهن جي هينيان اي فلڪ فرياد آهه.

٥_ سهه فدا هي سور سهڻ جا سيئي هموار ڪر،
ڪجهه عمر گذري ويئي باقي به ڪجهه ميعاد آهه.

مون پنهنجي لاءِ تخلص فدا اختيار ڪيو، جو اڄ تائين هليو اچي ٿو.

منهنجو شعر ڪٿي ڪهڙو به هو، مگر منهنجي عجب جي حد ڪا نه رهي، جو هن شعر جي بن ذڪر ڪيل محفلن ۾ اشاعت مون کي شاعرن جي لسٽ ۾ آڻي ڦٽو ڪيو. مون کي جدا جدا مشاعرن مان خطوط اچڻ لڳا ۽ مصرع طرح موڪلي ويندي هئي مشاعرن ۾ مدعو ڪيو ويندو هو. ۽ سر خود اچي پڙهڻ لاءِ ارشاد ٿيندو هو. خاص طور جنهن ڳالهه مون کي خوشيءَ جو خزانو پهچايو، سا هئي مشاعرن جا ڇاپي دعوت نامه. جن ۾ مڪرمي محترمي جناب فدا عرساڻي لکيل هوندو هو. مون اڳ اهڙا ڇاپي دعوت نامه ڏٺا به ڪونه هوا ۽ منهنجي اشعار مٿان ڪٿي نتيجه فڪر ڪٿي اثر خامه الفاظ لکيل ڏسي دماغ چڪر ۾ اچي ويندو هو. چوندو هوس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ "هي چا ٿو مان زعفران بنجي ويس." هن ڳالهہ اچي مون ۾ شاعريءَ جو شوق پيدا ڪيو ۽ شاعري ڳل پنجي ويني ۽ انهيءَ خبط اچي ڳتڙ ڪان جهليو. پڙهڻ تان شوق گهٽجڻ لڳو ۽ شعر و شاعريءَ جي مرض ۾ مبتلا ٿي ويس. بزم مشاعره لاڙڪاڻہ، بزم مشاعره نئو آباد ڪراچي، بزم مشاعره سنڌي ادبي سوسائٽي حيدرآباد مان دعوت نامہ ايندا هوا ۽ منهنجي بيماري وڌندي ويئي ۽ شاعريءَ جي ذوق کي تسڪين ملندي ويئي. مون کي اعتراف آهي تہ مون ڪاليج لائيف ۾ ٻہ خراب عادتون پرايون ١_ سگريٽ نوشي ٢_ شعر گوئي. مون کي شعرا ڪرام معاف فرمائيندا جو شاعريءَ کي بري عادت سڏيو اٿم. جا فقط پنهنجي سر لاءِ هجي ۽ ٻين اصحابن لاءِ سياڳ جي نشاني هجي ۽ نہ بدبختيءَ جي. دانائي روم تہ شاعريءَ کي پيغمبريءَ جو جزو سڏيو آهي ۽ فرمايو آهي تہ:

شاعري جزوي است از پيغمبري
جاهلانش ڪفر دانند از خري

۽ اڪبر الله آبادي مرحوم بہ فرمايو آهي تہ:

لوگ کهتے هيں کہ فن شاعری منحوس هے،
شعر کهتے کهتے مين ڈپٹی کليکٹر بن گيا.

سگريٽ نوشيءَ جي عادت شعر گوئيءَ سبب پئي، جو رات جو ١_٢ بجي تائين هاسٽل ۾ منهنجي ڪمري جي بتي ٻيئي ٻرندي هئي. دوست سمجهندا هوا تہ عرساتي ڏاڍو ٿو پڙهي پر مان وينو شعر لکندو هوس ۽ ان جي پيچ گهڙ ۾ مست هوندو هوس. حلقہءِ شعرا ۾ منهنجي نيڪ نامي ٿي يا بدنامي خدا ڄاڻي ليڪن "بدنام بہ گر هونگے تو کيا نام نہ هوگا." وارو مسئلو هو. مون مٿي ذڪر ڪيو آهي تہ مئٽرڪ پاس ڪرڻ وقت اچي ذري گهٽ ١٨ ورهيہ ڄمار ٿي هئي مگر ڏسڻ ١۴_ ١٥ ورهين جو ايندو هوس، ۽ سو بہ ڏٻرو ۽ دل ۾ چوندو هوس.

ڪنهن سان حال ڪريان هيٺائيءَ جو.
ڪنهن کي ڏوهہ ڏيان ڏبرائيءَ جو.

منهنجو سؤٽ مرحوم نور محمد خلد آشياني ان وقت تپيدار هو. مون سان ڏاڍو پيار هوندو هوس. منهنجي ضعيف بدن کي ڏسي پريشان ٿيندو هو. ياد اٿم تہ مون کي ٽي دوائون وٺي ڏيندو هو جي خوب پيئندو هوس. ١_ فاسفوليسيٽن ٢_ بي جي فاس ٣_ مالٽ ايڪسٽريڪٽ. هنن دوائن جادو ڪري ڏيکاريو. بدن ۾ ورڻ لڳس ۽ قد قامت ۾ بہ اُسرڻ لڳس. سٿون لنديون ٿينديون ويئون. ڪن ۾ بيا اُبداٿا وجهائٿا پيا. پاڻ کي آرسي ۾ ڏسي، پنهنجو مهاندو ڏسي پاڻ کي پيو وٺندو هوس. ڪاليج لائيف جي لذتن ۽ رعنائن جو ڪهڙو ذڪر ڪريان. ظرافت جو ملڪو الله تعاليٰ خوب عطا ڪيو هو. دوستن احبابن جي محفل مون ڪانسواءِ گرم نہ رهندي هئي. سڀ چوندا هوا تہ ياراڄ اسماعيل ڪونهي مزو نہ ٿو اچي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙو ڪير انسان آهي، جنهن کي پنهنجي تعريف نہ ٿي وڻي؟ انهن تعريفن ڪٽي مون کي بيوقوف بنائي ڇڏيو. دوستن جي پڏائڻ تي مان بہ ڪجهہ ڦونڊجي ويندو هوس ۽ سمجهندو هوس تہ آسمان جي هيٺان مان بہ ڪا شئي آهيان تاهم متوازن طبع هوندو هوس. دوستن جي مٿان سر قربان پيو ڪندو هوس. وفاداري منهنجو شعار بنجي چڪو هو ۽ هڪ شعر جو پڏو هوم، ان ڪري هيڪاري ان کي مون اپنايو.

وفاداری بہ شرط، استواری اصل ایمان ہے،
مرے بتخانہ مین تو کعبہ مین گاڑو برہمن کو.

جيڏن سرتن ۾ منهنجي لاءِ پيار عزت ۽ محبت هئي، ان کان وڌيڪ ڪهڙي دولت مون کي کپندي هئي. منهنجا دوست سڀ ڳالهہ ۾ اڳيرو ڪندا هوا، جنهن ڪري ڪڏهن ڪڏهن پريشانين جو منهن بہ ڏسڻو پوندو هوم ليڪن چوندو هوس تہ خودپسنديءَ جو اهوئي صلو آهي مان ٻين جي هُش هُش تي جو پيش پيش ٿيندس تہ آخران جو نتيجو منهنجي ني حصي ۾ ايندو ۽ ضرور ايندو.

المقصد تہ ايف اي جو سال چشم زدن ۾ پورو ٿي ويو ۽ ائين پئي جاتم تہ:

بزم ہستی مین ابھی آکے تو ہم بیٹھے تھے،
یوں اجل آئی کہ زانون بھی بدلنے نہ دیا.

حسين نهر، ڦليليءَ جو ڪاہو ڪپ اسان جو ڪاليج ۽ لب رستي تي "شامداس پرامينيڊ" جي قائم ڪرڻ جون تياريون. ڪاليج جي ڏکڻ کان باغات ڏاڙهون، زيتون، ليمان ۽ انب. ڦليليءَ جي لڙانيل پاڻيءَ مان نڪرندڙ ٽڏڙيون هيرون، پيڙين جي اچ وڃ ۽ ٻيو ڇا نہ هو. بار سڀ ان باري تعالیٰ ۽ مٿن مائٽن تي هو. اسين دنيا جي هر معاملي کان بي نياز. رڳو خوشي هئي غم سان قطعاً ناآشنا! سبحان الله!

آخر امتحان ٿيو، سڀئي مسلمان شاگرد پاس ٿياسين.

منهنجي شاعري گل ڪديا، ٻيا مضمون تہ بجاءِ خود پر تڪلف برطرف. فارسيءَ جي پيپر ۾ منهنجو دوست موتي مير چنداڻي جو مون کان سکندو ۽ مدد وٺندو هو، سو مون کان زياده مارڪون کڻي ويو. ماشا الله. رزلٽ رات جو ١١ بجي نڪتي. رات جا باقي ڪلاڪ خوشين ۽ مذاقن ۾ گذريا. ننڊ نہ آئي صبح جو سڀئي ٽپڙ گول ڪيا ۽ هر ڪو ڳوٺ راهي ٿيو. ٻئي سال مان انٽر لاءِ دوستن جي زور بار تي عليگڙهہ ويس ۽ نيشنل ڪاليج جي دوستن کي آخري الوداع ڪرڻي پئي.

ڪٿا منجهہ قرار هوا هيڪاندا سنگ ۾،
ڳاهي ڳاهہ فراق جي ڪيا ڏارون ڏار،
نہ جاڻان ٻيهار، ڪير مڙندا ڪن سين.

باب چوڏهون

علي ڳڙهه جي تياري

علي ڳڙهه جي نالي وٺڻ سان ئي دل ۽ دماغ ۾ هڪ قسم جي خوشيءَ ۽ سرور پيدا ٿي وڃي ٿو. ٻڌندا پيا هواسين ته مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهه هندستان ۾ مسلمانن جي هڪ اعليٰ تعليمي درس گاهه بلڪ دانش گاهه آهي، جنهن جو باني مرحوم سر سيد احمد خان هو. علي ڳڙهه هيڙو ادارو آهي، هيڙو ادارو آهي ۽ هندستان جي مسلمانن جي جان آهي ۽ اسلام جو روح آهي. هن يونيورسٽي ۾ وڏا وڏا ۽ اعليٰ انسان پيدا ڪيا آهن ۽ مسلمانن جو شان شوڪت ڏسڻو هجي ته علي ڳڙهه ضرور وڃجي. المقصد ته علي ڳڙهه جي تعريف ٻڌي، اسان جو واتُ پاڻي ٿيڻ لڳو ته اسان به اتي هلي پاڻ کي علي ڳڙهي ته سڏائڻ جا لائق ٿيون ۽ اهو لقب حاصل ڪريون. اسان مان ڪن دوستن هن مهم سر ڪرڻ لاءِ پيش قدمي ڪئي ۽ خوب پروپيگنڊا ڪري هڪ حلقهءِ احباب تيار ڪيو. مان، مسٽر علي اڪبر ميمڻ، مسٽر محمد يوسف جوڻيجو، مسٽر پانڌياڻي، تاج محمد پناڻ، مير محمد هاليپوٽو، محمد اسماعيل خواجه نصير خان ۽ سندس ڀاءُ قمرالدين، ملڪ شير دل خان جا فرزند، الله بخش نظاماڻي، غني محمد آرائين، جمع خان (ڊي سي) ڊي سي ان ڪري ڪوٺيانس ٿو، جو هن اهو عزم ڪيو هو ته آءٌ ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيندس. ان سبب هو جتي ڪٿي جمع خان ڊي سي جي نالي سان مشهور هو. مسٽر جمع خان ڳوٺ ملڪن ضلعي دادوءَ جو رهاڪو هو ۽ نهايت غريب لاوارث هو. سندس دماغ ڪجهه قدر چرياڻپ ڏي مائل هو. سڀ شاگرد سندس مالي مدد ڪندا هوا. خير جڏهن مٿي ذڪر ڪيل دوستن ۽ چند ٻين علي ڳڙهه هلڻ جي همت ٻڌي داخلا لاءِ علي ڳڙهه درخواستون موڪليوسين، ته مٿان اسان کي فوراً داخلا ملي ويئي.

منهنجي وَالده ماجده مرحوم جڏهن ٻڌو ته آءٌ علي ڳڙهه وڃڻ جون تياريون ڪري رهيو آهيان تڏهن بابا مرحوم کان پڇيائين ته اهو علي ڳڙهه ڪٿي آهي؟ هن ٻڌايس ته گهڻو پري آهي ۽ ريل گاڏيءَ ۾ به ڏينهن ۽ به راتيون ته سفر ڪرڻ ۾ لڳي وڃن ٿيون. منهنجي پياري امڙ ڏاڍو پريشان ٿي ۽ چيائينس ته "ڀهڙيءَ وَلايت چو ٿو ويچاري ٻار کي موڪلين." بابا ٻڌايس ته پنهنجي مرضيءَ سان ٿو وڃي ٻيا به ڪيترائي ساٿي ساڻس گڏ آهن. ازانسواءِ علي ڳڙهه اڳئي ٻيا به سنڌي ڇوڪرا پڙهن پيا. تون ڪو به فڪر نه ڪر انگريز ملڪ گڏي ڇڏيو آهي. رڳو دعا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويني ڪرينس ته سندس بخت پلو ٽئي ۽ اتي خوش ۽ صحتيو گذاري. وقت گذرندي ويرم نه ٿو ڪري. سيني پاڻ ۾ فيصلو ڪري ساڳيءَ گاڏي ۾ گڏجي هلڻ جو پروگرام ٻڌو. آسرو الله جو توڪل برخدا ڪري سنڌ جا وڻ ڇڏياسين. گاڏين ۾ هن وقت واري ڀيڙ ڪا نه هئي. سفر آرام جو هو. پاڻ يڪو رهاڻ ڪندا ڪلندا ڪڏندا مين لائين براسته روهڙي سنڌ جي حدود کي خيرباد چئي وڃي علي ڳڙهه ۾ وارد ٿياسين. واٽ تي ڪهڙا چرچا گهبا ٿيا، ڪهڙين اسٽيشنن تي گاڏيون مٽايوسين، ڇا ڪاڏوسين ڇا پيتوسين، ڇا ڏٺوسين ڇا وائنو سين، ان جي بيان لاءِ هتي گنجائش نه آهي. اهڙو بيان هڪ خاص دفتر جو محتاج آهي.

علي ڳڙهه اسٽيشن تي لٿاسين. هر هڪ سان هڪ ٽرنڪ ۽ هڪ بسترو هو. سامان پنهنجي هٿن سان لاٿوسين ۽ کنيوسين. مزورن ويني نهاريو. پر اسين ٽرڊ ڪلاس جا مسافر ڪٿي ٿا مزدورن کي سنوت ڏيون. مزدوري به داڳيني جا فقط ٻه آنا هئي. پوءِ هر هڪ ۴ آنه خرچي ڇو؟ پليٽ فارم ڪان ٻاهر نڪري چيوسين ته هاٿي ٽانگا ڪجن. ڏندين آگريون اچي وينون. جڏهن ٽانگي جو ته ڪو نام و نشان به ڪو نه هو. هڪ قسم جون عجيب و غريب گاڏيون جام بيٺيون هيون. جن کي ايڪا يا "يڪا" پئي سڏيائون. مٿان هڪ ڇٽي وهڻ لاءِ هڪ چورس تختو ۽ هر هڪ ايڪي ۾ هڪ گڏهه نما ٽٽون گهوڙو جوٽيل هو. سامان ايڪن تي رکي پاڻ تختي تي پلٿيون پچي ويناسين. ڪل جهل نه ڏني. اسان کي هدايت هئي ته منٽو سرڪل ميل ڏيڍ پنڌ هو. گهوڙا ننڍڙا پر هلڻ جا ڪونتل. ايڪي وارو گهوڙي کي ڳٽ ڳٽ ڪندو هليو. خير سان آٽي منٽو سرڪل جي گيٽ تي ڦتو ڪيائين. هاسٽلن جا بيئرر بيٺا هوا. سامان اندر ڪرايائون ۽ هائوس ماسٽر مسٽر شيدا وٽ وٺي هليو. ڏينهن شينهن آهي. صبح جا ١٠ـ ١١ وڳا هوا ۽ شيدا صاحب پان چبي رهيو هو. نالا پڇيائين نوٽ ڪيائين. مون کي ۽ مير محمد هاليپوٽه کي هڪ روم ڏنائين. مسٽر نصير خان ۽ قمرالدين کي بي روم ڏنائين ۽ بيئرر کي چيائين ته هنن کي منٽو C (سي) ۾ وٺي وڃي ڪمرا ڏيکار. مسٽر پانڊياڻي ۽ تاج محمد پناڻ کي منٽو ڊي ۾ هڪ روم ڏنائين ۽ مسٽر علي اڪبر ۽ رجب عليءَ کي ساڳيءَ هاسٽل ۾ بي روم ملي. غني محمد کي منٽو بي ۾ روانو ڪيائين. اهڙي طرح بين کي به جدا جدا ڪمرا الاٽ ڪندو ويو. بيئرر ماني ڪٺي آيا. ريڊي گوشت جو بوڙ هو. ان سان گڏ ماش جي دال ذرو ۽ ڪٽڪ جون مانيون. مانيون ته مان ٿو چوان پر هنن انهن کي چپاتيون پئي چيو. چپاتيون وڏيون ۽ اهڙيون سنهيون جو ڦوڪ سان اڏامن. ٦ـ ٦ چپاتيون هر هڪ کي مليون. بک ۾ بصر به مٺا ڪائي ڊؤ ڪيوسين. پر چپاتين تي ڏاڍا رونشا ڪياسون. جو اهڙيون چپاتيون اسان خواب ۾ به ڪو نه ڏٺيون هيون. ماني بهرحال سوادي هئي.

ٿوري ويرم گذري، ته چند هاڪر آيا ۽ سنگهاري سنگهاري جو هوڪو ڏيڻ لڳا. هت

لائي ڏنوسين تہ ساوا ساوا نهايت ٿڌا. عجيب غريب چيز معلوم ٿيڻ لڳي. مون هڪڙي هاڪر کي چيو تہ "ايک کهلانو. کهاکر ديکهين" هن هڪ هڪ سنگهاڙو چلي سائي کل لاٿي تہ اندريون ڳِپ بلڪل سفيد آئيس ڪريم جهڙو نظر آيو. هر هڪ کي هڪ هڪ ڏنائين ۽ چيائين تہ "لو کهاکر ديکهو جميل سے تازی لائے هين" وات ۾ وجهي ڏٺي سين تہ نهايت مٺا لذيذ گويا وات ۾ کير اچي ويو. پوءِ تہ هڪ آني آني جا ٻہ ٻہ پر ٻن ٻن آنن جا وٺي خوب ڪاڌاسين پر سنگهاڙي نالي تي کل اچڻ لڳي ۽ هڪ ٻئي کي چيوسين تہ سنگهہ کائو. بهرحال سنگهاڙا اهڙا تہ تازا ۽ لذيذ هوندا هوا جو خاص طور آءٌ تہ انهن تي اهڙو هري پيس. جيئن جبل جي ٻڪري اَن تي هري. ٻيا سنڌي دوست بہ سنگهاڙن سان چڱو شغل ڪندا هوا.

اسان کي ٻڌايو ويو. تہ فرنيچر هر هڪ شاگرد کي پنهنجو خريد ڪرڻو هو عجب لڳو. پر پوءِ معلوم ٿيو تہ ان کان چند بار اڳ شاگردن اسٽرائيڪون ڪيون هيون ۽ سرڪاري فرنيچر ڍير ڪري ان کي باهہ ڏيئي ڇڏي هئي. ان بعد يونيورسٽي اهو آرڊر ڪڍيو هو. خير پهرين رات تہ هنڌ ڪوٺين ۾ زمين تي وڇائي ستاسين ۽ ٻئي صبح جو سرڪل ٻاهران فرنيچر جا واپاري ميزن ڪرسين ۽ کٽن کٽولن جا ڍِڳ کڻي وڪري لاءِ آيا. فرنيچر اڪثر رف هو ۽ سجو ٽالهيءَ مان ٺهيل هو. ٽالهي ان زماني ۾ سنڌ ۾ ڪانہ ٿيندي هئي. خصوصاً لوئر سنڌ ۾ تہ ان جو نالو نشان بہ ڪو نہ هو. اسان ٽالهي نالو ٻڌوئي وڃي علي ڳڙهہ ۾. فرنيچر بلڪل سستو. اسان مان هر هڪ. هڪ ميز ڪرسي ۽ هڪ کٽولو واٽيل ٺهيل پسند ڪري ورتا ۽ ٻہ ٽپايون هر هڪ روم لاءِ حصو ڪري ورتيونسين. ڪوٺين کي زيب و زينب وٺائڻ لاءِ اتي جي دستور موجب ڇتايون يعني تڏا نُکن جيڏا ورتاسين ۽ انهن جي مٿان گلم. جاجم جو ڪپڙو جنهن تي ڳاڙها ۽ ڪارا پٽا هوا سو وڏو ٿان ورتوسين. جو ڪونيءَ جي ماپ موجب درزيءَ کان بخيو هڻائي ڇتائيءَ مٿان رکي خبرداريءَ سان ڇڪي ڇئن پاسن کان ڪِلين نوڪڻ سان گلم طرح وڇايوسين. هاڻي ڪوٺيون حسين ۽ مزيدار ٿي پيئون. اهو ڪم سڀ اتي جي ٻيئرن جي مشوري سان ڪيوسين. هي گهربل شيون وري ايڪي ۾ چڙهي شهر مان آنديونسين. جهڙوڪ گهگهي، گلاس، بدنو، لوٽو وغيره وغيره. مطلب تہ ٻئي ڏينهن شام کان اڳ تياري مڪمل ڪئي سين.

شام جو اسان جا واهرو بہ وريا اهي هوا يونيورسٽيءَ جا شاگرد. اسان کي انٽرميڊيئيٽ جو شاگرد سڏيو ويندو هو. يونيورسٽيءَ جو شان الڳ هو. اسان جا واهرو اسان جا سنڌي سينئر دوست هوا جي هوا. ١_ پير الاهي بخش ٢_ محمد الياس قاضي ٣_ غلام رسول سومرو ۴_ ارباب علي شاهہ ۵_ مسٽر عيسائي. هنن ٻڌو تہ ڪي نوان سنڌي اچي سهڙيا آهن. تنهن ڪري فرط محبت ۽ وطن جي حب وچان هنن اسان کي ملڻ ۽ اسان جي آجيان ڪرڻ پنهنجو فرض ڄاتو. اسان هڪٻئي کي ڀاڪر پائي ملياسين، هڪ ٻئي جو تعارف ڪيوسين، حال احوال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏناسين ۽ ورتاسين. دلين کي ڏاڍي تقويت آئي ۽ سمجهڻ لڳاسين تہ گويا سنڌ ۾ آهيون. ٻئي ڏينهن هنن سينيئر دوستن اسان جونيئر ۽ نؤواردن کي يونيورسٽي ريسٽوران (ريسٽورنٽ) ۾ چاءِ لاءِ مدعو ڪيو. وڏي خوشي ۽ فخر وچان اتي وياسين. قاضي محمد الياس اسان کي وٺڻ لاءِ آيو. چاءِ ڪيڪ وغيره کارايائون ۽ هڪ اسپيشل پليٽ "ٽڪڙے" بہ گهرايائون اها شيءِ اسان لاءِ بلڪل نئين هئي، جنهن جو سنڌ ۾ نالو بہ ڪو نہ ٻڌو هوسين. ٽڪڙي ڇا هو؟ حلوي جو هڪ قسم هو، جو وڏيل روٽين کي چاش ۾ پچائي ٺاهيو ويو هو. مگر ان جي سواد ۽ لذت اسان کي ٽڪڙي کائڻ جو عادي بنائي ڇڏيو. خير کائي – پي موڪلايوسين ۽ هڪ ٻئي وٽ وقتاً بوقتاً اچڻ وڃڻ جا واعدا ڪري واپس آياسين. مائٽن ڏانهن خيريت سان پهچڻ بابت خط لکياسين ۽ لکيوسين تہ اسين بلڪل خوش آهيون ۽ ائين محسوس ڪريون ٿا گويا پنهنجي وطن يا گهر ۾ آهيون. سنڌي يار دوست گهڻا آهن، ان ڪري ڪو بہ فڪر نہ ڪندا.

هفتو کن داخلائن ۾ لڳو. نالي ماتر ڪلاسن ۾ وڃبو هو ۽ موٽي اچبو هو. اهو هفتو اسان سڄي يونيورسٽي کي ۽ شهر کي خوب چڪر ڏنا. جنهن هاسٽل ۾ آءٌ رهندو هوس ان جو نالو "منٽو سرڪل" هو. ان سرڪل ۾ چار هاسٽلون هيون اتر کان منٽو "اي" الهندي کان منٽو "ڊي" اڀرندي منٽو "بي" ۽ ڏکڻ کان منٽو "سي". منٽو "سي" ۾ هڪ هال هو، جنهن کي يونين هال سڏيو ويندو هو. جتي ڊبيٽون، ميٽنگون، مشاعرا ۽ ٻيا فنڪشن منعقد ٿيندا هوا ۽ اتر واري هاسٽل منٽو "اي" ۾ هڪ هال هو، جو مسجد طور استعمال ٿيندو هو. منٽو "بي"جي مٿان انٽرميڊيئيٽ ڪاليج هو. باقي هاسٽلن جي مٿان ڪا بہ عمارت ڪا نہ هوندي هئي. منٽو سرڪل جي نموني تي هڪ ٻيو سرڪل "ريڊنگ سرڪل" نالي سان تعمير ٿيل هو. جو منٽو سرڪل جي اتر الهندي طرف سڏ پنڌ تي هو ۽ اسان جي ئي ڏينهن ۾ نهي راس ٿيو ۽ شاگرد رهايا ويا. ٻيون ننڍيون هاسٽلون جهڙوڪ ظهور وارڊ، صاحب باغ هيون. ظهور وارڊ ۾ ننڍا شاگرد سيڪنڊري ليول وارا رهايا ويندا هوا. صاحب باغ ۾ محمد يوسف جوڻيجو، ملڪ جمع خان ڊي سي اهي بہ سنڌي رهندا هوا. باقي ٻين ايراضين جا شاگرد هوا. يونيورسٽي ۾ سر سيد هاسٽل هئي، جنهن ۾ بہ هاسٽلون هڪ سر سيد ايسٽ ۽ ٻي سر سيد ويسٽ. انهن کان علاوه بہ هاسٽلون عثمانيہ هاسٽل ۽ ممتاز هاسٽل بہ پنهنجو مٽ پاڻ هيون. يونيورسٽيءَ کي پوسٽ آفيس، تار آفيس ۽ اسپتال پنهنجون هونديون هيون. يونيورسٽيءَ جي جامع مسجد بہ اتي هئي ۽ هڪ نهايت شاندار هال هو. جنهن جو نالو اسٽريچي هال هو. هتي وڏا وڏا قومي ليڊر ايندا هوا ۽ تقريرون ٿينديون هيون. جي سڀئي ٻڌڻ ويندا هواسين. تمام وڏا وڏا ماڻهو عالم ۽ نواب ايندا هوا. اسان کي مولانا سيد سليمان ندوي، مولانا اشرف علي ٿانوي، مولانا محمد علي جوهر، مولانا شوڪت علي، نواب آف ڇتاري ۽ نواب حميد الله خان آف ڀوپال. جو يونيورسٽيءَ جو

وائيس چانسلر بہ هوندو هو. تن جي زيارت فيض بشارت اُتي ٿي. علي ڳڙهہ نہ وڃون ها تہ انهن مان ڪيترن جو ديدار جيڪر نصيب نہ ٿئي ها. انهن ڪانسواءِ بيا بہ ڪيترا انگريز عالم بہ وقت بوقت ايندا رهندا هوا. هندو شاگردن جي هڪ هاسٽل الڳ هئي. بهرحال پڙهائي شروع ٿيڻ کان اڳ اسان گهمي ڦري ٽائون شپ جو چڱي طرح اڀياس ڪيو. جا تقريباً ٻن ميلن ۾ واقع هئي.

منٽو سرڪل کان اتر طرف ٣_٤ نمبرن جي منڊي تي مرهٽن جو هڪ قديم قلعو هو. جو ملهار راءِ هولڪر جو نهرايل چيو ٿئي ويو. ان جي ديوار چوگرد ايترو تہ ويڪري هئي. جنهن مٿان جيڪر بيل گاڏي هلي سگهي. هڪ دفعي هن قلعي ڏانهن ويندي. اسان جي عجب جي حد نہ رهي جڏهن اسان سُوئرن جا ڌڻ ڏٺا. جن ۾ مهمايل سُوئرَ نر ۽ ماديون ۽ انهن جا ٻچر ڌنار چوڪرائين ڪاهي پئي ويا. جيئن هتي ٻڪريون ۽ ڇيلا چارڻ وني وڃن. هتي تہ سوئرَ ڏسندي ساهہ ئي سڪي ويندو آهي. پر هُتي جو اهو منظر ڏسي استعجاب جي حد ئي نہ رهي. ٻڌايوويو تہ يو پيءَ ۾ سوئر پاليا ويندا آهن ۽ اتي جا ديهاتي هندو انهن جو کير. مکڻ ۽ گوشت کائيندا آهن بدن کي ڏڪٽي وني ويئي. تہ اسان کي جيڪو گيهہ مکڻ ملي ٿو سو اهو ناپاڪ جانورن جو نہ هجي. مگر ان لاءِ مسلمان وڏو احتياط ڪندا هوا. کير بوتلن ۾ ملندو هو. جو نج ماهيو هوندو هو ۽ ان لاءِ خاص مسلم ڏنريون الڳ هيون ۽ جتان اهو خريد ڪيو ويندو هو. گوشت اڪثر ريڊو هوندو هو. هر هڪ سرڪل جي وچ ۾ هڪ ڪشادو لان هوندو هو جنهن ۾ گلاب ۽ موتئي جا گل بي انداز ڦلندا هوا. جيترا بہ جنهن شاگرد کي گهرجن پٽي سگهندو هو ۽ ڪا بہ منع ڪا نہ هئي. اهڙيءَ طرح سيني هاسٽلن کي لان ۽ باغيچا هوا. شير شاهہ سوريءَ وارو جوڙايل رستو جو آگري ۽ دهلي کي ملائيندو هو. سو بہ علي ڳڙهہ جي الهندي پاسي کان لنگهندو هو. وڻن سان ڇانيل راحت پريو ۽ مسلم حڪمرانن جو يادگار هو. رستي جي ٻنهي ڪپن تي وڻ سمورا ميويدار هوندا هوا. خصوصاً جمون ۽ انبن جا وڻ بڪثرت هوندا هوا. بهار ۾ رستي تان لنگهبو هو تہ دماغ معطر ٿي ويندو هو.

يوپيءَ جي شهرن جا سڌريل مسلمان ترڪي ٽوپي، اچڪن ۽ چُست پاجامون پهريندا هوا. باقي ديهاتي هندو خواهہ مسلمان ڌوتي ٻڌندا هوا. هڪ صدريءَ جهڙو ڪڙتو ۽ مٿي تي يورپي پين واري سنهي ٽوپي زيب تن ڪندا هوا. هندو مسلمان ۾ امتياز ڪري نہ سگهبو هو. مسلمانن ديهاتين جا نالا بہ اڪثر هندوانہ هوا. اسان جي ٻن بيئررن مان هڪ جو نالو منگل ۽ ٻئي جو جمن هو. انگريزن جي راڄ جو رعب هڪ طرف ۽ مسلم يونيورسٽيءَ جي ماحول جو رعب ٻئي طرف. هرڪو نوڪر چاڪر باادب باملاحظ. خدمتگاريءَ ۾ پيش پيش هوندو هو. ٿوري خرچي ملڻ تي جڻ تہ هنن کي دولت ملي ويندي هئي. ان مان اندازو لڳايوسين تہ غربت تمام گهڻي هئي. مڊل ڪلاس ڪو نہ هو. اميريا غريب فقط اهي بہ ڪلاس هوا.

مسلم يونيورسٽيءَ ۾ قوانين موجب شاگردن لاءِ يونيفارم مقرر ڪيل هو. جنهن ۾ ترڪي ٽوپي ڦندڻ سان، اچڪن يا ترڪش ڪوٽ ۽ چست پاجامو، پر جيڪڏهن ڪو ڊرل جي اچي پينٽ پائي ته اعتراض ڪو نه هو. اسان سڀني کي يونيفارم نهرائڻو پيو. صلاح ڪئي ته اچڪن ته هرگز ڪو نه پائينداسين باقي ترڪش ڪوٽ ضرور نهرائينداسين. چست پاجامه تي بحث هليو انهن پاجامن جا ٻه قسم هوا. هڪڙا چوڙيدار ۽ ٻيا بنا چوڙيءَ. اسان مان ڪن جو خيال هو ته پينٽ پايون ۽ چست پاجامو نه نهرايون جو مقعد تي لغام چڙهيل نظر ايندو. آخر چيوسين ته اهو ٻه هڪ نئون تجربو آهي. "جنهن جي وڃجي گهران جي ڪجي پر" چست پاجامه في الحال ٻه ٻه نهراياسين. رجب عليءَ ته بلڪل بغاوت ڪئي ۽ نه نهرايائين سو نه نهرايائين پينٽ پائيندو هو. ترڪش ڪوٽ، نيوي بلو ڪپڙي جو نهرايوسين. نيوي بلو هڪ عاليشان انگلش ڪپڙي جو. هن وقت جيڪر ۱۲۰ روپئين وال ٻه نه ملي. ان وقت اٺين رپئين وال هو. ڪپڙي ۽ سبائيءَ ڪل ۱۸ رپيا ڪوٽ ڪاڏا. جڏهن ڪوٽ نهي راس ٿيو، تڏهن اسان مسلم يونيورسٽيءَ جي ٻنج جي گهر ڪئي جا مفت ڏني ويندي هئي. مٿس ڪجيءَ جو نشان هو ۽ ڪوٽ جي ڪالر تي لڳائبي هئي. ڪوٽ جو ڪالر گلي بند هو. ڪوٽ پهرڻ سان پاڻ کي وڏو ماڻهو پيا سمجهندا هواسين.

علي ڳڙهه ۾ اسلام عليڪم جو رواج بلڪل گهٽو هو. ايتري قدر جو روم مان ٻاهر ٽڪ ڦٽي ڪري وري روم ۾ اندر گهڙبو هو ته "السلام عليڪم" چوڻ لازمي هوندو هو. وعليڪم السلام جي وائي اصل ڪا نه هئي، السلام عليڪم جي جواب ۾ وري ٻه اسلام عليڪم چوندا هوا. اسان ٻه اها ڳالهه اپنائي. شاگرد هڪ ٻئي کي مولانا ڪري سڏيندا هوا. مولانا، مولانا پئي پوندي. آئيے تشريف رکھئے شکريہ وغيره ٻه اتي سکياسين. مسلم يونيورسٽيءَ جو يونيفارم ۽ ٻنج لڳل هوندي هئي ته شهر ۾ تمام گهڻي عزت هوندي هئي، اسٽيشن تي ڪو ٻه شاگردن کان پليٽ فارم جي گهر نه ڪندو هو. جو ان ڳالهه تان ريلوي وارن سان اڳي ڪافي جهڳڙا ٿي چڪا هوا ۽ آخر شاگردن کي بري ڪيو ويو هو.

بورڊنگ ۾ ٻه ويلا ماني ملندي هئي. منجهند ۽ رات باقي صبح جو ناشتو پاڻ ڪندا هواسين. اڪثر بيضه ڊبل بريڊ ۽ چاءِ. جنهن لاءِ پنهنجو اسٽو هر ڪنهن روم ۾ هوندو هو. ملڪ نصير خان مون کي ناشتي لاءِ هميشه سڏ ڪندو هو. چوندو هو ته اسان پائرن سان ڪندو ڪر. ڪجهه ڏينهن بعد مسٽر مير محمد هاليپوٽي ۽ مون سان گڏ هڪ نئين شاگرد کي ٻه رهايو ويو. جو هو مسرور احمد مراد آبادي، نهايت سٺو رفيق هو. اردو ڳالهائڻ لاءِ اسان لاءِ هڪ ذريعو بنجي پيو مسٽر غني محمد آرائين وٽ هڪ ٻيو شاگرد رهايوويو. جو هو شاهه عالم مغليه خاندان جو فرد. هن کي گورنمينٽ وٽان سڀ اخراجات ملندا هوا. جيڪڏهن مغل حڪومت هجي ها ته

والي تخت و تاج اهوئي شاهه عالم هجي ها. اسان هن وٽ اڪثر ڪچهريءَ لاءِ ويندا هواسين ۽ اهڙو تہ منڍو ماڻهو هو. جو خوش مزاجي، خلق ۽ هلت چلت لاءِ ڇا لکي ڇا لکجي. ڪيس ڏسي خوشي ۽ ڏک ٻئي يڪ وقت محسوس ڪندا هواسين. هاڻي اسان بلڪل هري مري وياسين، مان زور ڪري يو پيءَ وارن شاگردن ۽ پنجابي شاگردن سان اردو ڳالهائيندو هوس. غلطيون بہ ڪندو هوس ۽ پاڻ تان سنگتي کلائيندو بہ هوس. مگر ان جي ڪا بہ پرواهہ نہ ڪندو هوس. ان جو نتيجو سنو نڪتو جو منهنجي زبان اردوءَ تي وري آئي ۽ منهنجا دوست اردو ڳالهائڻ کان گهبرائيندا هوا ۽ شرمائيندا هوا جا ڳالهہ سندن نافائدي ۾ آئي. مان چڱي اردو سکي ويس ۽ هو وانجها رهيا.

اسانجي انٽرميڊيئيٽ ڪاليج جو پرنسيپال هو مسٽر قريشي ۽ وائيس پرنسيپال مسٽر ولي محمد شاهہ پنجابي جنٽلمين هو. ٻيا پروفيسر هي هوا. پروفيسر حاذق پرشن جو استاد. پروفيسر رشيد تاريخ جو استاد. مسٽر ولي محمد شاهہ انگلش جو. مسٽر خاوري M.OL ماسٽر آف اورينٽرل لنگويجز هو. جو شاعر بہ هو ۽ تخلص خاوري هوس. ڪتاب اڪثر سليڪشنس هوندا هوا. انگريزي ڪتاب بہ سليڪشن هو، پارسي بہ سليڪشن تاريخ اسان تي جا رکيل هئي، سا مسلم هسٽري هئي جنهن ۾ اسان کي هڪ ڪتاب مسٽر اسنس جي تاريخ (ترڪيءَ جي) ۽ ٻي سر امير عليءَ جي تاريخ رکيل هيون. پروفيسر رشيد تاريخ تي اٿارٽي شمار ڪيو ويندو هو. فارسيءَ ۾ پروفيسر حاذق لاجواب هو. هو اسان کي فارسي بذريعہ اردو پڙهائيندو هو. اسان جي دوست رجب عليءَ هڪ دفع کيس چيو تہ: ”سائين اسين اردو ڪونہ ٿا سمجهون اسان کي انگريزيءَ ۾ پڙهايو. هن کي ڪاوڙ ضرور آئي، ليڪن هن انگريزيءَ ۾ معنيٰ ڪرڻ شروع ڪئي ان جو اهو نتيجو ٿيو جو ديوان حافظ، نظيري وغيره جي غزليات جي فقط تحت اللفظ معنيٰ مان ڪو بہ لطف اچڻ نہ لڳو. هونءَ جو پروفيسر حاذق اسان کي پڙهائي جي دوران وچ وچ ۾ ٻين شاعرن مثلاً غالب، اقبال، مير درد ۽ ٻين مشهور اردو شعرا جا شعر بہ ٻڌائيندو هو. انهن جو خاتمو ٿي ويو. پڙهائي بي رونق ٿي. اردو شاگردن کي بہ ڪو لطف اچڻ نہ لڳو. هنن مون کي چيو تہ مسٽر اسماعيل ” يہ کيا کرديا آپ لوگون نے“ مون رجب عليءَ کي ها ها ڪئي ۽ کيس وٺي پروفيسر حاذق وٽ ويس. بہ چار سنڌي دوست بہ پاڻ سان ورتم. هڪ وفد جي صورت ۾ پروفيسر حاذق وٽ وياسين تہ سائين اسان کي معافي ڏيو فارسي دستور موجب اردوءَ جي ذريعي پڙهايو. پهريائين تہ ضد ڪيائين مگر اسان جي استدعا قبول ڪيائين ۽ منهنجي واهہ واهہ ٿي وئي. اردو شاگرد شڪرگذار ٿيڻ لڳا.

پروفيسر خاوري اسان کي N.M.T نان مدرٽنگ غير مادري زبان اردو پڙهائيندو هو. جو تہ جن جي اردو مادري زبان نہ هئي، انهن لاءِ اهوئي آسان اردوءَ جو ڪتاب نصابي طور مقرر ڪيل

هو. مسٽر خاوريءَ سان اتي جا شاگرد چرچا ڪندا هوا مگر هن جهڙو ساده لوح انسان ۽ فضيلت جو مالڪ مون علي ڳڙهه ۾ مشڪل ڏٺو. دينيات لاءِ مولانا احمد مقرر ٿيل هو. هو قد جو بندرو، بدن ۾ موٽو، بي ڊولو، پيٽ نڪتل ۽ ڳالهائڻ ۾ تمام تڪڙو هو تقرير ڪرڻ لڳو، ته جڻ راڪيٽ چٽو. اتي جا شاگرد ڪيس مولانا منڪو سڏيندا هوا جتي به وڃجي، اتي پان جي آڇ ضرور ٿيندي هئي. اسان کي نفرت به ايندي هئي، مگر طوحاً ڪرهاً کائڻو ئي پوندو هو. چو ته نه کائڻ تهذيب جي خلاف سمجهيو ويندو هو. ڪن ڪن سنڌين پان کائي کائي پاڻ کي عادي بنائي ڇڏيو هو. مگر مون پاڻ ۾ اصل هير نه وڌي.

يو پيءَ جا شاگرد ڏڄڻا به هوندا هوا مگر شرارت ۾ طاق هوندا هوا. شرارتن کي ائڪٽونيز ڪونيو ويندو هو. اهڙيون ته شرارتون ڪندا هوا، جي اگر تفصيل سان ويهي قلمبند ڪجن، ته به ني قسطون ته لامحاله لکي وڃان. يک مشت نمونه خروار هنن جون به چار شرارتون نه لکندس ته هڪڙو خال رهجي ويندو. بهرحال هن قسط ۾ انهن شرارتن جو ذڪر اذڪار لاءِ گنجائش نه آهي. اڳتي هلي اُنهن تي تبصرو ڪيو ويندو.

علي ڳڙهه جي هوا نهايت خنڪ ۽ صحت بخش هئي، پاڻي شفاف ۽ شيرين کاڌي جون شيون ملاوت کان قطعاً صاف ۽ پاڪ، ياڇيون ميوا بلڪل تازا. ڪنهن ٻاهرئين گهورڙائي جي مجال نه هئي، جو ڪا به پاروٽي شيءِ وڪڻڻ لاءِ آڻي ورنه شاگرد هن جو سمورو مال اجلي ڇڏيندا هوا. ان ڊپ کان ڪو به خراب شيءِ آڻڻ جي جرائت ئي ڪين ڪري سگهندو هو. مون علي ڳڙهه ۾ چڱو قد قامت ڪيو ۽ بلڪل هڪ جوان ٿي پيس. ههڙي حسين ماحول ۾ منهنجي شعر گوئيءَ جو شوق به ويو پروان چڙهندو. اڪثر پنهنجي دوستن تي ئي هجو جا اشعار لکندو هوس علي ڳڙهه ۾ ويتر جو مشاعرا ٿيندا هوا. جن جو ذڪر جدا ڪيو ويندو. تن مون ۾ شعر گوئيءَ جو شوق وڌائي ڇڏيو. هڪ شاگرد بنام اقبال لکنوي هو. منتو "سي" ۾ رهندو هو سو نهايت حسين هوندو هو ۽ تقريباً هر ڪو ان کي عاشقانه نظرن سان ڏسندو هو. اسان جو يار ملڪ نصير خان به مٿس مفتون ٿي پيو. ملڪ نصير خان جو آواز منو هو ۽ چڱو ڳائيندو هو ۽ مون کي چيائين ته اقبال تي ڪو شعر لکي ڏي. مان پاڻ ته ڪنهن تي مچ ئي ڪو نه ڇنڊيندو هوس. ليڪن دوستن جي ارشاد انهن جي منظور نظرن تي شعر لکي سندن دل خوش ڪندو هوس. اها يارن جي خير دلالي منهنجي فرائض ۾ داخل ٿي چڪي هئي. ملڪ نصير خان کي هڪ شعر لکي ڏنم جو ميز تي ڏڪڙ وڄائي وڏي آواز سان ڳائيندو هو ۽ اسين واهه واهه ڪندا هواسين. شعرڪو لکڻ جي قابل ته نه آهي، ليڪن پراڻين يادگيرين جي نشاني آهي، ان ڪري هتي ناظرين جي تفريح طبع لاءِ لکان ٿو ۽ هي باب ختم ڪريان ٿو.

اسان جو ٿيو چو خال بي حال آهي،
نه ياور ٿيو افسوس اقبال آهي.
نمادار نخرا ڏسي نازور جا،
جيئڻ ئي اسان جو ويو جنجال آهي.
نه ڳالهائي ٿو چو نهاري نٿو چو،
ويو مه رخن جو ٿي چا ڪال آهي؟
عمر چو اسان جي ڏکن ۾ ئي گذري،
ستم چو روا مون تي هر سال آهي.
اگر روبرو آهه پردو حجابي،
ته خط چو نه مون ڏي ٿيو ارسال آهي.
نه ڪر محب ماٺا ٿو مارين اسان کي،
سندم موت هي تال تيتال آهي.
اهو ويس رنگين اهو زلف ڪارو،
وني دل ٿو جڻ شير چنگال آهي.
"فدا" تو سان ڳالهائي جي نه ته تو بي،
ڏٺو چا نه دلبر جو دنبال آهي.

امرد پرستيءَ جو مرض البته علي ڳڙهه ۾ گهڻو هو. ان جو سبب هڪ اهو به هو، جو ڪو ايڊيوڪيشن ڪانه هئي. امرد پرستيءَ جي رواج، فارسي عربي مدرسن ۾ جو زور ورتو. سو به ان ڪري جو اتي سڀ شاگرد نوان هوندا هوا ۽ صنف نازڪ جو عنصر غير موجود هئڻ سبب، هڪ ٻئي تي عشق پچايو ويندو هو. علي ڳڙهه ۾ به تون مون تي عاشق آءٌ توتي. هو هن تي ۽ هيءَ هن تي. منهنجو دوست هڪ مسٽر نور سلطان پنجاب جي ضلعي جو هو. سو بدقسمتيءَ سان هڪ چوڌري محمد عليءَ تي مفتون ۽ مجنون ٿي پيو. چوڌري محمد علي وڏو شاهوڪار ۽ زميندار هو ۽ نور سلطان هڪ مفلس غريب روز اچي منهنجو مٿو کائيندو هو ته "محمد علی ايسا حسين هے ايسا مه جبين هے " مفت ۾ آءٌ ڦاسي ويس. ٻڌندو بور ٿيندو رهندو هوس. مگر اخلاق اجازت نه ڏيندو هو ته هن غريب جي جذبات جو فقط ذڪر به نه ٻڌان فقط ايترو چوندو هومانس ته نور سلطان.

مفلس کو خدا عشق کے پهندے مين نه ڈالے،
آرام کهاں دل جو پڑا غير کے پالے.

هن ويچاري جي اکين ۾ آنسون اچي ويندا هوا. هن وقت الائي ڪٿي آهن ۽ چا پيا ڪن. والله اعلم باالصواب.

علي ڳڙهہ جي شرناٿين (شاگردن) جون چند شرارتون

اسان کي علي ڳڙهہ ۾ ٻہ ٽي مهينا مس گذريا هوا، تہ يونين جي چونڊن جي تياري ٿي. چونڊن جو ورڪ نهايت زور شور سان هليو. يونين جو پريزيڊنٽ تہ هميشہ پرنسيپال هوندو هو. باقي وائيس پريزيڊنٽ جي چونڊ ۽ ڪئبينيٽ جي ميمبرن جي چونڊ تي لٺ لڳندي هئي. سنڌ جا شاگرد تہ چونڊن ۾ حصو ڪو نہ وٺندا هوا، جو انهي ۾ لوٽ برابر هوا. پر هن سال يونيورسٽيءَ جي مورن يعني پير الاهي بخش، قاضي محمد الياس شاهہ، ارباب علي شاهہ ۽ مسٽر غلام رسول سومري وارن اسان کي همٿايو تہ ڪو نہ ڪو شاگرد ڪئبينيٽ جي ميمبري لاءِ ضرور بيهاريو. اسان سنڌن مدد سان پنجابي شاگردن سان هڪ پئڪٽ ڪيو، جن اسان جي مدد ڪرڻ جو پڪو وعدو ڪيو. هاڻي اميدوار ڪنهن کي بيهاريون. ڪو بہ دل نہ پيو ٻڌي. سوچي الله بخش نظاماڻيءَ کي پڳ ٻڌائي سين ۽ هو تيار ٿي ويو. ٿورو ڪي گهڻو جو خرچ ٿيو. سو اسان چندو ڪري گڏي ڪيو. يونين جي اليڪشن تہ نہ هئي، وڏو هڪ گهمسان هو پوريون پندرهن راتيون ننڊ حرام هئي. ورڪرن جا وفد هڪڙو وڃي تہ ٻيو اچي. ڪئبينيٽ جا شايد ١١ اميدوار چونڊجڻا هوا. يوپي وارن کي جڏهن معلوم ٿيو تہ سنڌي ۽ پنجابي هڪ گروهہ ٿي ويا آهن، تہ انهن مان ڪن اسان جي اميدوارن جي مدد ڪرڻ لاءِ حلف کنيو. بشرطيڪ اسان سنڌن اميدوارن کي سڀ ووٽ ڏيون. معاملو طئي ٿيو. مسٽر الله بخش جي قسمت سنڌس قد و قامت کان گهٽي وڏي ۽ ڊگهي هئي. اليڪشن جي ورڪ بابت جيڪڏهن ويهي لکان تہ ڪم از ڪم ١٠_ ١٥ صفحا پرجي وڃن. ان ڪري ڪفايت کان ڪم وٺان ٿو. آخر اليڪشن جو ڏينهن آيو. اسان جو نامزد اميدوار مسٽر الله بخش نظاماڻي فرسٽ ڪئبينيٽ چونڊيو ۽ ٻيا بہ اهي اميدوار چونڊجي ويا. جن جي اسان جي گروپ مدد ڪئي. جن هارايو تن جا لاش ڪائيءَ تي ڪڍيا ويا. مرثيہ پڙهيا ويا. منٽوسرڪل جا تمام گل ڦل لاش تي وڌا ويا. روئڻ ۽ اچنگارن جا رينگٽ هوا مطلب تہ هارائيندڙ لاءِ ڪٽندڙ اهي اهي بيهودگيون ڪيون، جو انگشت حيرت در دهان نيم درون نيم برون. هڪ عجيب تماشو هو. جو اسان ڪڏهن خوآب ۾ بہ نہ ڏٺو هو. پارٽيون، ائٽ هومون، گانا بجانا سڀ ڪجهہ ٿي گذريا. مان چا چوان تہ چا چا ٿيو. اتي جي

شاگردن کي نظاماڻي چوڻ ته اصل پچاڙيءَ تائين نه آيو سو نه آيو. چونداڻي هيس "مسٽر نظامي" يونين جي ميٽنگ ۾ صدر صاحب اتفاقي صدارت ڪندو هو ورنه وائيس پريزيڊنٽ صدارت ڪندو هو. ڪئبينيٽ جا ميمبر مٿي ڊائز تي وهندا هوا. ٻيا هيٺ گئلريءَ ۾ اسان جو وائيس پريزيڊنٽ سعيد الدين صالح هو. زيد احسن لاري ڪئبينيٽ جو ميمبر هو. هو ته اسان سان گڏ انٽر ۾. مگر انگريزي اهڙي ڳالهائيندو هو. جو وات ڦاٽي ويندا هوا گويا انگريزي سندس مادري زبان هئي. ان وقت اسان کي هڪ آرٽيڪل ڏسڻ ۾ پئي آيو. ان جي برعڪس اسان جو فرسٽ ڪئبينيٽ انگريزي ته بجاءِ خود پر اردو خواهه سنڌيءَ کان بي بهره هو. شاهه ڪريم وارو صبر هوندو هوس. ماڻڙي ڪري هيڏانهن هوڏانهن پيو نهاريندو هو.

هڪ دفعي شاگردن هڪ شرارت سوچي. سعيد الدين صالح کي هڪ ميٽنگ مان غير حاضر ڪيائون. هاڻي ته فرسٽ ڪئبينيٽ کي پرزائيڊ ڪرڻو پيو. صدارت جي ڪرسي وڏيءَ پٺيءَ واري هئي مسٽر نظاماڻي ڪرسيءَ تي وينو ته نظر نه پيو اچي. ڪنين آواز ڪسيا ويا. هو ويچارو هنمر هٿ ۾ کڻي ميز تي لڪاءَ ڪرائي پر ڪير ٿو ٻڌي. ڪي چون ته " نظامی صاحب ابھی تشریف نہیں لائے " حالانڪ هو ڪرسيءَ تي وينو به هجي. ڪي چون ته " صدر صاحب کھڑے ہو کر رخ زیبا تو دکھلائیے " ڪي ڪينن ڪي ڪينڻ چون ماٺ ٿيئي نه. اسان کي اصل خبر ڪانه هئي. ته هال جي ٻاهر به ڪا شرارت ٿي رهي آهي. شرارتين ڇا ڪيو. جو هڪ بيمار نتون. جو گڏهه جي قد ڪان ننڍو هو. جو اڪثر منٽو سرڪل جي لان تي چِبر ڪائيندو وتندو هو. ان کي ڏينهن جو جهلي هڪ ڪونيءَ ۾ بند ڪري ڇڏيو هوائون ۽ هن کي ڪي قدر سينگاري سنواري سندس منهن تي هڪ دفتريءَ جي تختي لڳائي ڇڏيائون. جنهن تي لکيائون " نظامی صاحب تشریف لاتے ہیں با ادب با ملاحظہ ہوشیار" يونين هال ۾ جنهن دروازي کان هن نتونءَ کي اندر آڻڻو هو ان تي خاص پنهنجا ماڻهو بيهاري ڇڏيا هوائون. جي وقت تي هني نتونءَ کي جاءِ ڏين ۽ اندر هال ۾ آڻڻ ۾ مدد ڪن. ناظرين ڪرام تصور ڪري سگهندا ته ڇا نظارو هوندو. جڏهن اهو نتون اندر گهڙيو. تاڙين جا ڦهڪا هوا. عجيب عجيب آواز ۽ نعرا لڳا. اهڙي زور سان جو زمين وارا ته ڇا مگر آسمان وارن به شايد ٻڌا هوندا. اسان کي بخيلي ته ڏاڍي لڳي پر ڇا ڪريون خود اسين پنهنجي کل کي به روڪي نه ٿي سگهياسين. ميٽنگ درهم برهم ٿي ويئي ۽ مهمل ڪئي ويئي. ٻيءَ تاريخ جو اعلان ڪو نه ڪيو ويو. اسين سنڌي ڦلهڙو منهن ڪري ڪونين ۾ آياسين. مسٽر نظاماڻيءَ جي جذبات کي ڪهڙي ٺيس لڳي هوندي. ان جو اندازو هو پاڻ ئي ڪري ٿي سگهيو ڇاڪاڻ ته "جتي ٻاهه ٻري اتي سيڪ اچي. ڪهڙو سيڪ پاڙي واليان نون" هيءَ شرارت هڪ بيمثال شرارت هئي جا نه اڳي ٿي هئي ۽ نه پوءِ ٿي. علي ڳڙهه جي تاريخ ۾ پهرين ۽ پوئين شرارت هئي. گذشته را صلوات

چنيسين مگر جند ڪا نہ ٿئي چٽي. مسٽر نظاماٽي ويچارو ڪاليج ۾ هلي يا ٻاهر گهمڻ نڪري تہ ڪير جو ڪيس ڏسي ڪل روڪي سگهي. شرير شاگرد زور ڪري ڪيس سلام ڪن ۽ عافيت پڇن. " مولانا نظامی صاحب کیا حال ہے مزاج بخیریت ہے " ڪو چوي تہ " جناب اس رات یونین ہال میں کس کا فاختہ اڑ گیا تھا " ائين چئي نهڪڙا پنجي ويندا هوا. آخر طوفان بدتميزي بعد ڪجهہ سانت آئي تہ هڪ ٻي عجيب شرارت ڪئي وئي.

هڪ رات شرارتين جو هڪ وڏو وفد نڪتو. هو اڪثر ڪري نئون وارد شاگردن جي رومن (ڪمرن) ۾ آيا ۽ اچي چيائون تہ مرحوم سر سيد احمد خان جي فاتحہ ڪرڻي آهي، جا هر سال ڪئي ويندي آهي. ان لاءِ چندو ڏيو. ٢_ ٢ رپيا چندو اسان خوشيءَ سان ڏنو. سر سيد جي فاتحہ لاءِ ڪير چندي ڏيڻ کان انڪاري ڪري! تاريخ مقرر ٿي. ڪي شرارتين جا سردار سوچي سوچي مسٽر رجب عليءَ وٽ ويا ۽ کيس چيائون تہ فاتحہ جي مجلس لاءِ صدارت قبول ڪريو. هن چيو تہ ڪيترا سينيئر شاگرد ويٺا آهن. انهن مان ڪوبہ شاگرد چونڊيو. مون کي اردو بہ ڪا نہ اچي. تنهن ڪري مهرباني ڪري مون کي معافي ڏيو. هنن چيو تہ اسان جو دستور آهي تہ صدارت نون آيل طالبن مان ڪنهن کي سونپي ويندي آهي ۽ واري واري سڀني علائقن جي شاگردن مان صدر چونڊيو ويندو آهي جيئن تہ اڳئين سال پنجاب مان صُدر چونڊيو ويو هو. ۽هن سال سنڌ جو وارو آهي. اوهان جي ماشاالله پرسنلٽي (شخصيت) چڱي آهي. اسان سڀني جو انتخاب اوهان آهيو. اوهان کي ڪجهہ گهڻو ڳالهائڻو ڪو نہ پوندو. اوهان جي علي ڳڙهہ مجلس جي ڪارروائيءَ ۾ رهنمائي ڪئي ويندي هن نيڪ موقعي تي اسان کي نااميد نہ ڪريو. رجب عليءَ ويچاري قبول ڪيو. مجلس جو انتظام سرڪل جي لان تي ڪيو ويو. جنهن کي ڏاڍو سينگاريو ويو وقت معين تي سڀ اچي حاضر مجلس ٿيا. اسٽيج تي چونڊ شرارتين کي جاءِ ملي. مسٽر رجب عليءَ کي مٿي وهاريو ويو. هڪڙي اٿي مسٽر رجب عليءَ جي صدارت جي رٿ ڏني. يڪراءِ منظور ٿي. مسٽر رجب عليءَ ڪرسي والاري تاڙيون وڳيون. هيڏانهن هوڏانهن ڪاٻي ساڄي شرارتي گلن جا هار ڪٿيو بيٺا هوا. مسٽر رجب علي خواهہ اسان سڀني جو خيال هو تہ اهي هار صدر کي پوندا. اسان کي ڪا بہ خبر ڪا نہ رهي تہ عين صدر صاحب جي پنيان هڪ مها شرير جو هڪ ڪاغذ ۾ ويڙهيل هار جهڙي شئي کنيو بيٺو هو. ان وٽ هار هو يا ٻيو ڪجهہ هو ۽ اوچتو هن اهو هار کولي صدر صاحب جي گردن مبارڪ ۾ پاتو. هار ڇا هو؟ سينگهاڙن جي کلن جو هڪ نوڙيءَ پوتل ڪنڌي هئي. جيئن ئي هن اهو هار صدر جي ڳلي ۾ پاتو تاڙين ۽ ٽهڪن جا ڦهڪا ٿي ويا. رجب عليءَ کين ڪچيون گاريون ڏنيون. هنن لچن کي تہ انهن گارين جي ڳهرج هئي ۽ مزو پئي آين. ٿن ويتر وڏيڪ شور غل مچايو. اسان سڀ سنڌي غيرت وچان اٿي ڪڙا ٿياسين. پر ڪري ڇا پيا سگهون. ڇڙ بہ پيئي اچي تہ ڪل بہ پيئي اچي. رجب

علي اسٽيج تان لهي آيو ۽ چيائين ته "ڏنو حرامين جا ڪم" رجب عليءَ جو ڪمرو ويجهو هو، اتي سڀ اچي مڙياسين. پنهنجي ڏر تي گدڙ به شينهن آهي. گهر وڃي گهٽيئي گاريون ڏنيوسين. پر جيڪي ٿيڻو هو، سو ٿي چڪو. پاڻ رجب عليءَ کي گهڻ وڏ ڳالهايوسين، ته تو اسان سان ڳالهه به نه ڪئي. ۽ نه مشورو ڪيو. خير هن هڪ نڪتہ تي ويهي لکان ته جا وهيو جا واپريو ته خبر ناهي ته ڪيترا صفحا ٿي وڃن. يونيورسٽيءَ جي سنڌي ياڻرن کي خبر پئي ته هيءَ سانحه ٿي گذريو آهي. سي آيا ۽ چيائون ته اسان ڪان اوهان کي پچڻ ڪپندو هو پر خير علي ڳڙهہ ۾ اهي ڳالهيون بلڪل رواجي آهن. ڪلندا رهو ٻوت نہ سڄايو. چرچا مڙس ڪندا به آهن، سهندا به آهن. پرنسپال کي شڪايت ڪندا يا ٻئي ڪنهن کي چوندا ته اهي به فقط ڪلندا. جو ته علي ڳڙهہ چنبو ئي ان کي آهي. اڳتي جو ڪم ڪريو. اسان جي پچڻ ڪانسواءِ نہ ڪريو. رجب علي پاڻ به لچو هو، سندس منهن تي مُرڪ اچي وئي ۽ غم غلط ٿي ويس. قصو ڪوتاهہ چندو جيڪو گڏ ڪيو هوائون، تن مان ڪجهہ ڊيڪوريشن تي خرچ ٿيو باقي شريرن جي پڳدارن خوب يونيورسٽي ريسٽورينٽ ۾ وڃي جشن جُهوڙا ڪيا.

منٽو سرڪل ۾ جاءِ ضرور (ڪاڪوس) جيڪي هوا تن کي دروازا نہ هوندا هوا. دستور هو ته هر ڪو شاگرد جو قضا حاجت لاءِ لوٽو يا بدنو کڻي ڪاڪوس ڏي ايندوهو. سو اچي ڪاڪوس خانہ جي دروازي واري خال وٽ کنگهڪار ڪندو هو. جي اندر ٻيو شاگرد هوندو هو، ته اهو به اندران کنگهڪار ڪندو هو. ائين ڪرڻ سبب ٻاهريون اميدوار وري ٻئي ڪاڪوس خانہ جي در وٽ کنگهندو هو ۽ جواب نہ آيو ته وڪنسي (خالي جڳهه) سمجهي اندر داخل ٿيندو هو. انهيءَ ريت رسم جو ناجائز فائدو وٺي ڪيترا شرير ڪنهن نہ ڪنهن ساده لوح شاگرد کي پريانئي تاڙي ٻيٺا هوندا هوا. هن جو اندر گهڙڻ ۽ هنن جي لڳاتار کنگهڪار شروع ڪرڻ. هڪ کي کنگهڻ جو جواب کنگهڻ سان اچا مس ملندو هوته ٻيو کنگهڪار ڪندو هو. ائين ڪرڻ سان اندر پردي نشين جو پانخانو چڙهي ويندو هو. هو پائخانو ڪري پوري طرح قرار ڪري نہ سگهندو هو. ذري ذري چرڪ پيو پريندو هو ته ڪو اندر لنگهي نہ اچي. مسٽر تاج محمد پناڻ ويچارو ڏاڍيون رڙيون ڪندو هو ته هن مصيبت جو ازالو ڪينن ڪجي. هي حرامي ته هنگڻ به کنگهائي کنگهائي ڪرڻ ٽا ڏين. تاج محمد شبيهہ جو موچارو هو، ان ڪري هن سان خاص هٽ چراند هوندي هئي. اسين سڀ به اُتس ڪلندا هواسون. هو چوندو هو ته يار ڪلو پلي ڪلو پر اسان جيڪو هنگيو سو هنگيو. ڪاڪوس جي پٽين تي اندر ڪيئي اردو اشعار لکيل هوندا هوا. سيئي شعر بدتميزي. بدفضيلتي ۽ بداخلاقي جا هوا. هڪ شعر جو مون ياد ڪيو سو هي آهي!

قبض سے یہ حال ہے صاحب
پادنا بھی محال ہے صاحب

ڪاڪوس تہ نہ هوا. هنگ هنگان جو اٿاهہ لٽريچر هو. وينا هنگندا بہ هواسين ۽ ڪلندا بہ هواسين. بعضي خيال ايندو هو تہ ٻاهر ڪو ڪلڻ جو آواز ٻڌندو تہ ڇا چوندو تہ هنگي ٿو يا ڪلي ٿو. پر ڪل روڪي نہ سگهبي هئي، انهن چند شرارتن جي ذڪر تي اڪتفا ڪريان ٿو. لچ جي ڪنهن سان دشمني ڪا نہ هوندي آهي. هن جو ڪم حرڪت سان پوءِ ڪير بہ هجي. پاڻ ۾ يوپي وارا اهڙيون گونهاديون ڪندا هوا، جن جي بيان ڪرڻ سان لکندڙ خود واهيات ليکيو ويندو تہ ههڙا گندا مسئلا چيڙڻ جو ڪهڙو مزو. جو اڄي تي ڪارو ويهي ڪڍيو اٿس. نون شاگردن سان هتي اسان جي لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۽ ٽنڊي جام ايگريڪلچر ڪاليج ۾ بہ فولنگ ڪئي ويندي آهي ۽ ٻين هنڌن تي بہ رواج ٿي ويو آهي مگر هتي جون حرڪتون بعضي دائره اخلاق کان قطعاً ٻاهر هونديون آهن. بهرحال مون مٿي چيو آهي تہ شرارتين جو ڪم شرارت سان. جا شرارت ڪنهن وير سبب نہ هوندي آهي." فارسيءَ ۾ چيو اٿن تہ:

نيش عقرب نہ از پي کين است.
مقتضائي طبيعتش اين است.

هاڻي مان ڪن مشاعرن جو ذڪر ڪندس، جي اسان واري سال ۾ منعقد ٿيا هوا. هونءَ تہ شعر هڪ لطيف فن آهي مگر شرارتي نماز پڙهندي مسجد ۾ بہ شرارت ڪندي مجبور ٿي ويندا آهن. مشاعره ڪهڙي ڳالهہ آهي! اسان جي انٽرميڊيئيٽ يونين هال ۾ اسان جي وقت ۾ ڪل ٽي مشاعرا ٿيا. يونيورسٽي جي اسٽريچي هال ۾ تہ مشاعرن جي ذمر هوندي هئي. جن ۾ شريڪ ٿيڻ پنهنجو فرض ڪري ڇڏيو هوم. محفل مشاعره ۾ سڀ دوست هر حالت ۾ ويندا هواسين. ۽ لطف اندوز هواسين. يونين ۾ اڪثر طرحي مشاعرا ٿيندا هوا. هڪ مشاعري جي طرح هئي. "ابھی عشق کے امتحان اور بھی ہیں" هي شعر علامہ اقبال جي هڪ مصرع جي سٽ آهي، جا هن طرح آهي،

ستاروں کے آگے جہاں اور بھی ہیں،
ابھی عشق کی امتحاں اور بھی ہیں.

ماشاءَ الله مشاعري ۾ ڏاڍا عمدا غزل پڙهيا ويا. واه واه مکرر مکرر، کيا خوب کيا خوب – کمال کا شعر ہے۔ سبحان الله سبحان الله پھر فرمائیے. ۽ ٻيا ڪيترا آواز هر هڪ شعر تي اٿندا هوا. اسان هن قسم جو مشاعرو پهريون دفعو ڏٺو هو. جنهن ۾ اهڙي رونق ۽ روح پرور نظارو هجي. حافظ شيرازي رحہ فرمايو آهي تہ "در وجد حالت آرد پيران. پارسا را" اسين بہ جذبات جي وهہ ۾ لُڙهي وياسين ۽ مڪرر مڪرر ڪرڻ لڳاسين. آخر هڪ شاعر اسٽيج تي رونق افروز ٿيو ۽ پنهنجي مطلع ۾ ٻي مصرع طرح نباهيائين. ٻڌو، تہ ڇا فرمايائين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ابھی عشق کی امتحاں اور بھی ھیں،
محلے پر مین دو لڑکیاں اور بھی ھیں.

بس شور و شر جو طوفان مچي ويو مڪرر مڪرر جي فرمائش بند ئي نہ ٿئي. مون تہ شعر ياد ڪري ورتو ۽ اجا نہ ٿو وسري ڪمال جي بدمعاشي هني پر وسارڻ جي چيز هرگز نہ هئي جا نہ وسري اٿم نہ وسرندي. ڪجھ وقفي بعد وري هڪ مشاعرو منعقد ٿيو ڏاڍي خُوشي ٿي انتظار جا ڏهاڙا ڳڻيندا رهياسين. آخر مشاعري واري رات آئي. مصرح طرح هني.

ھم نے تیرے عشق کی نیرنگیان دیکھا کئے.

واھ جو مشاعرو ٿيو. اعلیٰ درجي جا اشعار سماعت ڪياسين. آفرين آفرين جا نعرا بلند ٿيا. آخر پر هڪ شاعر آيو جنهن جو تخلص "مضطر" هو. سندس سجو شعر مزاحيہ هو ست تي ڪلن جا ڪوڪريا هوا آخر مقطع پر جيڪو شعر چيائين. سو مون کي اج تائين ياد آهي اهو آهي!

شوق سے مضطر چلا یار کے گھر کو
وہ تو گھر پہ تھا نھین ھم کھڑکیان دیکھا کئے.

بس ڪلندي ڪلندي مٽي پر سور پنجي ويو. مڪرر جون رڙيون ڪندي گلو خراب ٿي چڪو. مون کي اج تائين اهو شعر نہ وسريو آهي. وسري بہ ڇو؟ هينئر حافظو گهٽ اٿم. ليڪن هي دل جي فرحيءَ تي نقش ٿي پيو آهي. ڪجھ وقت بعد ٽيون مشاعرو ٿيو جنهن جي مصرع طرح هني.

درد بھی ھوتا ھے فریاد مین آواز کے ساتھ

مصرح طرح واقعي مزيدار هني ۽ داد جي قابل. شعرا ڪرام پئي در پئي ايندا ويا ۽ پنهنجي اشعار سان محظوظ ڪندا ويا ۽ داد حاصل ڪندا رهيا. مشاعري جي وچ پر هڪ شاعر سڳورو آيو. جنهن جو هڪ معشوق چوڪرو ممتاز هاسٽل پر رهندو هو ۽ پاڻ عثمانيہ هاسٽل پر رونق افروز هو. چڱا چڱا شعر پڙهيائين.

پکا بارک جیسی اک اور عمارت بن جائے،
جذب ھو جائی عثمانیہ ممتاز کی ساتھ.

هي شاعر چوڪرو پنهنجي معاشقہ پر ڪافي بدنام ٿيل هو. هر هڪ کي خبر هئي تہ جا ٿو چوي مڪرر مڪرر جا فلڪ شگاف آواز ايري مٽي چڙهيا. ڪلي ڪلي پيٽ پر سور. خوش قسمتيءَ سان سندس معشوق بہ مشاعري پر حاضر هو. هر هڪ جون نگاهون ان طرف مائل ٿيون. هو پاڻ بہ مڪرر مڪرر چوڻ لڳو. اها منهن جي پڪائي نہ ڪري ها تہ چيهون چيهون ٿي وڃي ها. مون کي هي شعر بہ دل تي اُڪري ويو. جو اج ناظرين ڪرام جي خدمت پر پيش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري رهيو آهيان. هيءَ مشاعرا به آءٌ انهن حرڪتن ۾ ني شامل ڪري ڇڏيان ٿو. ورنه مشاعرن کي شرارتون سڏڻ گناهه عظيم آهي. شعرا جي ڪير هتڪ ڪري ته پرزا پرزا ڪري ڇڏينس. تنهن ڪري مان ته ڏجندي ڏجندي انهن کي ”لسان الغيب“ ني سڏيندس ۽ پنهنجي ڪَل بچائيندس. خود به ”شاعر“ آهيان جي شاعر نه آهيان ته ”مائر“ ضرور آهيان. مائر لفظ کي صاف ڪري ٻڌائڻ لاءِ مون کي شيخ سعدي رحه سان پيش آيل هڪ واقعو بيان ڪرڻو پوي ٿو. چون ٿا ته شيخ صاحب پاڻ به نهايت خوش طبع ۽ چرچائي هو. ڪيترائي ماڻهو سندس چرچن جو شڪار ٿيندا هوا. هڪ ماڻهوءَ عزم ڪيو ته سعديءَ کان گوءِ کٽان. سو هڪلي شيراز آيو. شيخ سعديءَ کي مليو سلام عليڪ بعد هن طرح هم ڪلام ٿيا. اجنبي شيخ صاحب کان پڇيو ته:

اجنبي – تو ڪيستي؟

سعدي ـ من شاعرم. تو ڪيستي؟

اجنبي ـ من مائرم؟

سعدي ـ مائر چيست؟

اجنبي ـ شاعر چيست؟

سعدي ـ شاعر آن است ڪه شعر گويد.

اجنبي – ماعر آن است ڪه مئر گويد.

سعدي ـ جواب جاهلان باشد خموشي.

اجنبي ـ مواب. مائلان ماشد مموشي.

شيخ سعديءَ ڪلي ڏنو ۽ سمجهي ويو ته هن ۾ راز ڪهڙو رکيل آهي ۽ اجنبيءَ جي دعوت شيراز ڪيائين هن قسط جو علي ڳڙهه جي چند مشاعرن تي اختتام ڪريان ٿو. اڳتي علي ڳڙهه جي ٻي هڪڙي رعنائي جو انتظار ڪندا.

جذبئہ انتقام نهايت برو ٿيندو آهي. اسان ۾ مسٽر غني محمد آرائين نهايت پهلوان ۽ طاقت مند جوان هو. سندس وزن ٽن مڻن کان گهٽ نه هو. ڪنهن پهلوان کي ٻانهن ۾ هٿ وجهندو هو ته جڻ فولادي چنبي ۾ اچي ويو. سندس ڪرائيءَ جو هڏو پڃي پوي ته ٽي سگهيو ٿئي. ليڪن هن کان ٻانهن ڇڏائڻ ناممڪن. ادائي مڻن جي پڃري بلڪل آسانيءَ سان کڻي ويندو هو. پوري علي ڳڙهه ۾ پڃري کڻڻ ۾ ڪو به سندس مد مقابل ڪو نه هو. اسان سنڌين ۾ رانديڻ جو شوق ڪو نه هو. البت هڪ دفعي جڏهن اسپورٽس رانديڻ جا مقابلا ٿيا. تڏهن مسٽر نصير خان هاءِ جمپ ۾ ساڍا ڇهه فوٽ ٽپو ڏئي انعام حاصل ڪيو. ٻيو ڪو به ۵ فوٽ ۹ انچن کان وڌي نه سگهيو. غني محمد کي سخت خارون هونديون هيون. سنڌين سان به ٽي شرارتون ٿي

گذريون آهن. اسان پر اهڙو مڙس ني ڪونهي جو يو پي وارن ڪان وير وني. سمورو وقت تاڙ پر هوندو هو تہ سنڌين سان ڪيل شرارتن جا سرڪرده ڪير هوا. آخر گولي لڌائين هڪ دفعي ظاهر ڪيائين تہ مون کي پت ڄاڻو آهي ۽ اهڙو خط گوڻان پهتو آهي. اسان سڀني ڪيس مبارڪون ڏنيون ۽ انهن شرارتين بہ مبارڪباد چئي ۽ منائي طلب ڪئي. غني محمد حاضر چيو سندس ڪمري پر چار ڪتون هيون. هڪ ساري رات محنت ڪري ٻن ڪتن جو واڻ ڪڍي چڏيائين ۽ انهن جي مٿان چادر وجهي . ان کي ڪچن ڏاڳن سان پاون سان نهايت نزاڪت سان ٻڌي ڇڏيائين ائين پئي معلوم ٿيو تہ جڻ کٽ تي بسترو وڇايل آهي. انهن شرارتين کي دعوت ڏنائين جي باقي رهيل ٻن کتن تي ويهي وڃن. اسين اڳي آياسين ۽ اڇي اهي سالم بہ کٽون والاري ويناسين. باقي ٻہ کٽون. جن کي اتي جا شاگرد چار پايون يا پلنگ چوندا هوا ۽ بنا واڻ ملمعو منديل هو سي شرارتين لاءِ ڇڏيائين. اسان کي راز مان واقف ڪيائين تہ هنن کتن تي ڪو بہ نہ ويهي. اهي مهمانن لاءِ آهن. پاڻ اٿيو ۽ وڃي هڪ هڪ جي ڪمري مان انهن کي ساڻ وٺي آيو. هو خوشيءَ وچان ٽپندا ڪڏندا آيا. غني محمد ڪين نهايت خنده پيشانيءَ سان انهن ٻن کٽن ڏي اشارو ڪري چيو تہ "تشريف رکهئے" بس ويهڻ جي دير هئي، جيئن ئي اهي کٽن تي گڏجي ويٺا تہ ڏاڳا ٽٽڻ لڳا ۽ ڏو ڪنڌ پرهيٺ اچي ڪريا ۽ سندن ٽنگون مٿي ٿي ويئون. تاڙين جا ٺهڪا لڳي ويا ۽ غني محمد سندن ني لفظن پر چوڻ لڳو تہ "جناب کس کا فاختہ اڑ گيا" هو بہ حد شرير هوا پر ايترو شاق آين جو ڏڪ هٿون تہ رت نہ نڪري. رت خشڪ ٿي وين ڦڪائيءَ کان مرڪڻ لڳا. هڪ کي چڱي خاصي ڏاڙهي رکيل هئي. ان کي غني محمد هٿ ٻڌي چيو تہ " مولانا ابهی تو بچہ نهيں هوا هے دعا کيجئے " کلي کلي کيرا ٿي پياسين. شرارتين قبول ڪيو تہ اها لڳي مجڻ مراد آهي.

مون مٿي ذڪر ڪيو آهي تہ غني محمد تمام پهلوان مڙس هو ۽ نهايت جسيم. ڪجهہ ڏينهن بعد هو مون وٽ آيو ۽ منهنجي کٽ تي چڱيءَ طرح واڻ تي وهڻ ٻدران ايس تي وينو ۽ ايس فوراً ڀڄي پيئي. انهيءَ آزمودي مان هن کي شرارت دماغ پر آئي. هڪ ڏينهن يوپيءَ وارن جي ائن ڪوٺين پر ويو. ائن کٽولن جون ايسون ڀڳائين. کٽن جا پاوا تہ ٺالهيءَ جاهوا ليڪن ايسون ڪنهن ڪمزور ڪاٺي جون هيون ان بعد غني محمد تي نالو ني "مولانا پلنگ توڙ" پئجي ويو.

رمضان شريف جو مهينو آيو. جمع رات اسان کي ڪريم واري کير جون بوتلون ۽ جليبيون سحريءَ لاءِ ملنديون هيون. ڪوٺين جا دروازا کليل رکبا هوا. صرف بيڪڙيل هوندا هوا. اسر جو سوير بيئرر ايندا هوا ۽ هر هڪ ڪوٺي پر وچ تي پيل ميز تي جليبيون ۽ کير جون بوتلون رکي ويندا هوا. شاگرد البتہ دير سان اٿندا هوا ۽ بئرر گهڻو اڳ ڪم لاهي ويندا هوا. هڪ جمع جي رات غني محمد ننڊ نہ ڪئي ۽ بيئررن جي اچڻ جي تاڙ پر رهيو. جيئن ني بيئرر سڀني رومن پر جليبيون

رکي ويا تيئن غني محمد به پير اگهاڙا ڪري ٻليءَ پير هر هڪ ڪمري ۾ گهڙندو جليبيون ميڙيندو سندس هڪ ٿلهو وهاٿو هوندو هو. ويو اُن جي چون ۾ وجهندو. سيني رومن مان جليبين جو ڍير ميڙي اچي پنهنجي روم ۾ رکيائين جمع رات هر ڪو روزي وارو جليبين کان نرهه رهيو. اهو واقعو منتو بي ۾ ٿيو جتي غني محمد رهندو هو. صبح جو پيشنگويون هليون ۽ سيني کي غني محمد ۾ پختو گمان ٿيو. خير. شريرن پهه پچايو ته غنيٰ محمد کي سبق سيکارجي. غني محمد کي ڪڪ پنجي وني ته فلاڻا فلاڻا منهنجي خلاف منصوبو رٿي رهيا آهن. سو انهن کان سبقت ڪٺن جي ويچارن ۾ هو ته هو. ڪجهه ڪن. ان کان اڳ ساڻن ملاکڙو ڪجي. هڪ رات غني محمد ٢_٣ بوتلون گاسليٽ جون گهرائي رکيون ۽ هڪ پراڻي ٽين ۾ وجهي ان ۾ ڪجهه گندگي به گڏيائين ۽ اهي جن انتقام جو دم ٿني هنيو تن تي وار ڪرڻ جو پڪو پهه ڪيائين. رات جو جڏهن سڀ سمهي رهيا۽ سيني رومن جون بتيون گل ٿي چڪيون (انوقت ا ليڪٽرڪ ڪا نه هئي سڀ ڪو ٽيبل ليمپ ٻاريندو هو) رات جي انڌيري ۾ هر طرف خاموشي ڇانيل هئي، تڏهن مانجهي مڙس غني محمد ڪنيڙانيون ڪوليون ۽ هاسٽل جي پنيان ڦري آيو ۽ ڪمرن جون پويون دريون جي لوهي سيخن سان هونديون ۽ هوا لاءِ رات جو کليل هونديون هيون. اتان ٻيهي هڪ وڏي شرارتيءَ جي روم ۾ اهو گندگي آميز گاسليٽ ڪنهن ترتيب سان اندر اڇلايائين. جنهن ۾ اندر سٽلن جا هنڌ بسترا ۽ ڪمرو گاسليٽ جي بوءِ ۽ عفونت سان ڀرجي ويو. صبح جو سيني جو گمان وري به غني محمد ۾ پيو. آخر هڪ دوست وٺي غني محمد وٽ آيا ۽ چيائون ته " مولانا غنی! اب صلح ہے ہم سندھی کا نام نہ لینگے اور آپ ہم سے درگذر کرین" غني محمد پنهنجو ڏوهه باسيو ته هرگز نه پر صلح تي زباني دستخط ٿيا. ان بعد ڪنهن به سنڌيءَ جو مُٽ به نه اورانگهيو.

آخر غني محمد اسان سان قبول ڪيو ته هنن کي مڙس ٿي ڪونه گڏيو هو. اوهين سڀ للو چپو حرڪتون برداشت ڪندا ٿني رهيا. هاڻي صلح ٿي ويو. اسين سنڌي آهيون ئي صلح پسند ۽ امن جا خواهان هنن سان به محبت سان هلبو. زنده باد غني محمد!!

❑

علي ڳڙهه ايگزبيشن (نمائش)

علي ڳڙهه ۾ هر سال ١ فيبروري کان ١٥ فيبروري تائين هڪ وڏي نمائش لڳندي هئي. نمائش جو ميدان منٽوسرڪل جي الهندي طرف اٽڪل ٻن فرلانگن جي مفاصلي تي هوندو هو. هڪ وسيع عريض ۽ ڪشادو ميدان جنهن ۾ پڪين سرن سان دڪان ۽ بازاريون ٺهيل هونديون هيون. جي سال جي دوران ڪجهه خستہ حال ٿي وينديون هيون ۽ انهن کي ازسر نئو مرمت ڪري شاندار بنايو ويندو هو. يوپيءَ جو گورنر اتي منزل انداز ٿيندو هو ۽ هڪ وڏي دربار لڳندي هئي. گورنر جي ڪئمپ ۾ وڏا وڏا تنبو ۽ شاميانا لڳندا هوا. رياستن جا ڪيترا نواب، وڏا وڏا زميندار چوڌري ۽ ٻيا وڏا ماڻهو ايندا هوا. جتي گورنر انهن جي وفاداري ۽ خدمات کي ساراهيندا هوا ۽ انهن کي تلوارون، بندوقون، سون ۽ چانديءَ جا ٻلا (ميڊل) چانديءَ جون ٿالهيون (جن تي انهن جا نالا لکيا ويندا هوا) عجيب عجيب لونگيون، آفرين ناما، خطاب وغيره عطا ڪيا ويندا هوا.

بازاريون جدا جدا حلقن جي ماڻهن لاءِ جدا جدا هونديون هيون. مثلاً ملتان بازار، دهلي بازار، مراد آباد بازار، لاهور بازار، جيپور بازار وغيره وغيره. هر هڪ هنر جي جنسن جي الڳ الڳ بازار هوندي هئي. ملتان مان ميناڪاريءَ جوسامان ۽ جنديءَ جو سامان ايندو هو. ميناڪاريءَ ۾ ٻٽڻ، تعويذ، گلدستہ، لوٽا، صراحيون (گهگهيون) زيورن جا نمونا ۽ زيورن لاءِ ننڍيون پيتيون سرميدانيون، جڳ گلاس ۽ ٻيون عجيب و غريب شيون رکيون وينديون هيون.

دهليءَ مان خوشبودار صابڻ، عطريات، تيل، سنگ مرمر جي پٿر مان ٺهيل رانديڪا، ننڍيون صندوقون، گلدستا، زيور، ٻيڙا، پٿر تي قرآني آيات ۽ اشعار لکيل ۽ تصويرون چٽيل تاج محل، موتي مسجد، مغليہ عمارات جا ماڊل ۽ ٻيون حيرت انگيز چيزون آنديون وينديون هيون. لاهور مان لائل پور جون چادرون، چر جو ڪمر، ڪتاب ۽ ٻيا هنري نمونا آندا ويندا هوا. جيپور مان پتل جو سامان آندو ويندو هو. جنهن کي ڏسندي ئي اتي جي فيڪٽرين جي ساراهه ڪانسواءِ رهي نہ سگهبو هو. خود علي ڳڙهه ۾ بستري جون چادرون جي اتي چريون وينديون هيون. سي تہ پوري هندستان جا ماڻهو خريد ڪري ويندا هوا. اسان شاگردن جي بسترن جو زيب بہ اهيئي هونديون هيون ۽ اسان پنهنجي ڳوٺن ڏانهن بہ اهي وٺي ايندا هواسين. رضاين جون کلون، وهاڻن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جون چوون وغيره بہ خريد ڪرڻ جي قابل هونديون هيون. دهليءَ جا صابڻ معطر هڪ طرف هوا تہ سستا ٻئي طرف ڪيترين بازاريون تہ مٿاين جون هونديون هيون ۽ ڪيترين ۾ ڪاڏي جون هوٽلون هيون. هڪڙيون هوٽلون صرف سوجيءَ جي حلوي (سيري) مالپڙن، پورين، پڪانن، پراٺن جون هونديون هيون. جن ۾ قيمي وارا ڏاڍا لذيذ هوندا هوا. پراٺن کي اتي جا ماڻهو فراٺا چوندا هوا کيرٽيءَ کي فيرٽي ۽ کير جي رٻڙيءَ کي کير چوندا هوا. ۽ خود کير کي دود ڪبابن (ڪوابن) ۽ نانن جا انبار ڪائڻ ۾. اهڙا تہ سوادي دلپذير جو ڪائيندي ڍو ئي نہ ٿئي. شاگرد ايترو تہ ڪائيندا هوا تہ هينئر ئي ڪائي وٺون وري ٻارهن مهينا ڪير جيئرو هوندو. ڦاٽي مُناسين تہ شهيد ٿياسين.

در حقيقت علي ڳڙهہ جو سارو واپار يونيورسٽيءَ تي مدار رکندو هو. نمائش تہ نہ هئي هڪ شهر آباد ٿي ويندو هو ١٥ ڏينهن بہ ڪافي عرصو آهي. اسان جو پڙهڻ ڍرو ٿي ويو. ڪلاس مان بہ چار پيرڊ اٽينڊ ڪيا نہ ڪني جهڙا. ڏو نمائش ۾. گهمندي گهمندي ٿڪ ئي ڪو نہ ٿيندو هو. فيبروريءَ جو مهينو اچا سيءَ قدري هوا ۽ اوور ڪوٽ پاٺو پوندو هو. هڪ دفعي جي مزيدار ڳالهہ آهي تہ قاضي محمد الياس جو ڏاڍو خوش طبع مسخرو بہ هو ۽ حرڪتي بہ. ان هڪ مراد آبادي لوٽو دڪاندار جي اک ٽيٽ ڪري ڪٽي اوور ڪوٽ جي کيسي ۾ وڌو. جو چوري ڪري ڪنيو هوائين. اسان ساٿس گڏ هواسين. پر اسان مان بہ ڪنهن کي ڪل ڪا نہ پيئي. ٻاهر اچي لوٽو ڏيکاريائين ۽ پنهنجي فتح تي نازان هو. اسين ڏاڍو ڪلياسين ۽ قاضيءَ کي چيوسين تہ بس هاڻي اسان کي پئسن خرچڻ جي ضرورت ڪانهي. اهو ڏنڌو چالو رک جنهن ۾ تنهنجو بہ ڀلو ۽ اسان جو بہ.

مولوي غلام رسول سومري کي اسين سڀ مولوي ان ڪري چوندا هواسين. جو اسان ۾ ٿوري ڪي گهٽي ڏاڙهي فقط هن کي رکيل هوندي هئي ۽ ٻيا سڀ شيو ڪندا هوا. ڪوڙائيندا ڪونہ ٿو چوان جو "مٺا ڏاڙهيءَ ڪُوڙ" وڏو طعنو ۽ گار هوندي هئي. جا سنڌ جون زالون مرد کي ڏينديون هيون. مولوي غلام رسول کي ملتان بازار ۾ ميناڪاريءَ جي دڪان تي جو هڪ حسين ڇوڪرو ويٺل هو سو نهايت وڻي ويو. تنهن ڪري ذري ذري هتان هُتان گهمي ڦري چوندوهو تہ هلو ان ڊڪان تي ۽ ان ڇوڪري کان ڪجهہ نہ ڪجهہ وٺو. هلو سائين حاضر آهيون. آخر وٺون بہ ڇا. قميص جي ٻانهن جا بٽڻ. ڳچيءَ جا بٽڻ. اچڪن جا بٽڻ. ڪوٽن لاءِ بٽڻ وٺي وٺي ٿڪجي پياسين. آخر ڪيترا وٺي ڪيترا وٺون. مولوي صاحب تان ڀُرچا ڪرڻ لڳاسين. پر هن کي ان جي ڪا بہ پرواهہ نہ هئي. چوندو هو تہ "هل ڇري ڪالهوڪي هنڌ" مٺايون هينئر تہ هتي ڪراچيءَ ۾ بہ سنيون سنيون ٿيون ملن. پر نمائش ۾ مٺاين جا دڪان اهڙي تہ سهڻي ترتيب ۽ سجاوت سان مزين ڪيا ويا هوا. جو ڏسڻ سان اشتها زور وٺي ويندي هئي. ڪائي ڪائي ادڙجي پوندا هواسين. اڪثر ٻڏو هوسين تہ دهلي جا لڏن جيڪو ڪائي سو بہ

پڇتائي جيڪو نه کائي سو به پڇتائي پر سچ پڇو ته دهليءَ جا لذون اهڙا ته عمدا هوا ۽ ايڏا ته وٽندڙ جو اڄ به يادگيري ٿي اچي ته چپن چٽڻ تي مجبور ٿيو پوان. شايد اهو عليءَ گڙهه جو سحر يا جادو هو. هر ڪنهن کي واپار سان گڏ پنهنجي نام نمود جي پروپيگنڊا ڪرڻي هئي. مٺاين ۽ کاڌن ۾ گيهه سچو ڪا به ملاوت نه. جيئن هتي عام ميلن ۾ آهي، جتي هرڪا گندي شيءِ نيڪال ڪرڻ لاءِ، واپارين کي ميدان ڪشادو ملي وڃي ٿو.

کاڌي جي هوٽلن جو ڪهڙو بيان ڪجي. هندستاني کاڌا ۽ سي به خاص مسلمانڪا کاڌا. سبحان الله! سچ پڇو ته اسان اهڙا طعام ڪڏهن اکين به ڪو نه ڏٺا هوا. رڌڻ جي به اتي جي بورچين کي خاص تربيت مليل هئي، يا ڪنهن کاني پڪاني جي ڪاليج مان ڊگري حاصل ڪيل هين. قسمين قسمين ٻوڙ (سالن) ڪڪڙ، تتر، ٻاني ڦر، آبي پکي، (رڍ) ٻڪري دنبو، ڳائو جيڪي طلب سو حاضر. نانن پچائڻ جي ته ڪا خاص مهارت هين. رڪا کائجن ته به پيا وڻن انهن جي خميري ۾ ڪو خاص هنر سمايل هو. پلاءُ، خشڪا، چاشني، ڪهڙو وستار ڪري ناظرين ڪرام جو وات پاڻي ڪريان. سروس نهايت سٺي، جناب جناب ڪانسواءِ ته ٻيو لفظ نه ڳالهائين. پندرهن ڏينهن جناب ۽ حضور ٻڌي ٻڌي اسين پاڻ کي بلڪل جناب ۽ حضور پيا سمجهون.

هڪ به بازار ته فقط مربن ۽ آچارن جي هئي. وڏن مٽن جيڏين شفاف برنين ۾ رکيل آچار سڀ ڪنهن جي توجهه جو مرڪز بنيل هوا. گجرون، موري، شلغم (گوگڙو) انبڙي، ڪچا گيدوڙا، پياز (بصر) تيل ۽ اهر ۾ جدا ته سرڪي ۾ جدا. چٽنين جا قسم ته ڳڻڻ کان ٻاهر هوا خشڪ ميوو ته سرڪي جي چٽنين ۾ به ڪثرت سان پيل هو. بادام پستا، اکروٽ، ڪاري ڊاک، ڪشمش ۽ مختلف ٻجن جا مغز. ڪجهه چٽنين جا شيشا اسان به خريد ڪري ورتا ته ڪم از ڪم مهينو به ته هاسٽل ۾ کائيندا رهون.

نمائش جي ذڪر لاءِ اگر تفصيل سان لکان ته ڪم از ڪم هڪ ٿيهن چاليهن صفحن جو ڪرائون سائيز ڪتاب گهرجي، هن باري ۾ هاڻي ڪافي پڙهندڙن جي سمع خراشي ڪئي اٿم. مٿي جو ذڪر ڪيو هوم ته عليءَ گڙهه جي هڪ ٻئي رعنائيءَ جو ذڪر ڪندس سا اها نمائش هئي. مون ان کان اڳ اهڙي نمائش نه ته ڏٺي هئي ۽ نه تصور ئي ڪري ٿي سگهيس. ڪراچيءَ ۾ وڏيون وڏيون نمائشون ڏٺيون اٿم. جن مان جيڪڏهن مشينري ٽولس وغيره کي خارج ڪجي ته باقي نمائش عليءَ گڙهه جو مقابلو هرگز ڪري نه سگهندس. پندرهن ڏينهن خواب وانگر گذري ويا جتي رونق ئي رونق هئي، اتي ڇا ڏٺوسين، شاميانا ۽ تنبو پٽيا ڏٺاسين، دڪان ۽ بازاريون ڊهنديون ڏٺيوسين. سامان ويڙهيا ڏٺاسين. جهڪڙا ڀريا ڏٺاسين اسٽيشن جي طرف قطار در قطار ڇڪڙا ويندا ڏٺاسين. پليٽ فارم سارو ڊاگينن سان پُر ڏٺوسين. پئسينجر گاڏين ۾ بريڪ جا گاڏا بڪثرت لڳايل ڀريا ڏٺاسين. جنهن نڪاٽي هڪ حسين شهر آباد هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سو ويرانيءَ ۾ بدلبو ڏٺوسين.

مور اڏامي هنج هلي ويا تنهن تڪاڻي رهيا ڪنگ،
ڪالهه ڏٺوسين اڄ سو ناهي عبرت خانو رنگي رنگ.

"آئی بھی وہ گئے بھی وہ ختم فسانہ ہوگیا " بوٽ پلڪرا ڪري سيڪو نمائش ڪي انالله وناالیه راجعون چئي اڇي هاسٽل پيڙو ٿيو. هي نمائش هڪ مهذب ميلو هو. جتي نه ڪنهن اولياءَ جي مسند هئي، جتي ڪو سجدا ڪندي ڏسڻ ۾ اچي نه بازار حسن هئي، جتي بدڪاريءَ جي بازارگرم هجي نه ڪي ڪشتي بازهوا جن جو ميل متل هجي. هتي سرڪش، آئينه خانه شعبده بازين جا آستان، چوڏول وغيره جيڪي هوا سپ ريڙهبا ڏناسين ۽ ڏسندي ڏک پئي ٿيو. "هر ڪمال – را زوال" جو منظر هو انهيءَ ميدان تي جتي رات جو روشنيءَ جي جهرمرتل هئي ۽ بلڪل بقعہ نور هو. اتي ڪاري اونداهه ڏسڻ ۾ آئي. سپ ڪو ڪک پن ٿي ويو. جتي روز چنڪار ٿيندا هوا ۽ لکين ماڻهن جي آمد رفت ڪري، زمين هڪ پٽر جو فرش بنجي چڪي هئي اتي ڪاريءَ وارا ڪک هوا ۽ رک ڏوڙ اڏامڻ لڳي. سپ ڪجهه اکين آڏو اها بربادي ٿيندي ڏٺي سين. هاڻي فقط يادگيريون رهيون آهن. جي دل و دماغ جي فرحيءَ تان اڄا ميسارجي نه سگهيون آهن.

بھولی بسری چند امیدیں چند فسانے آئے،
تم یاد آئے اور تمھارے ساتھ زمانے یاد آئے.

مون مٿي ذڪر ڪيو آهي، ته رمضان شريف ۾ غني محمد ڪيئن جليبيون چورايون هيون. رمضان شريف به خير سان گذري ويو اسان کي رمضان شريف جي عيد علي ڳڙهه ۾ ئي ڪرڻي پئي ويجهڙائي جا ڪافي شاگرد پنهنجي ڳوٺن ڏي هليا ويا. اسان دور درازي مفاصلي وارا چار ڏينهن موڪل تي وڃي نه سگهياسين. عيد نماز جو هڪ نهايت وڏو ۽ شاندار اجتماع جامع مسجد يونيورسٽي ۾ ٿيو. هڪ قادريءَ نماز پڙهائي. هن جي قرآت ٻڌڻ وٽان هئي. خداوند قيوم جهڙو ڪيس خوش الحان ڪيو هو. اهڙي ئي قرآت جي ذات مليل هيس. مان ته حياتيءَ ۾ پهريون دفعو هن قسم جي قرآت ٻڌي هئي. حيران ٿي ويس ته اسان جا مُلا سنڌ ۾ قرآن ڪيئن ٿا پڙهن. موازنه ڪيم ته، زمين آسمان جو فرق معلوم ٿيو ۽ دل ۾ چيم ته سنڌ جا ويچارا ملا جي قرآت نٿا ڪري ڄاڻن سي قرآن کي ائين ٿا پڙهن جو بقول رومي.

گر تو قرآن بدين نمط خواني،
به بري رونتي، مسلماني.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نماز ختم ٿي خطبو پڙهيو ويو ۽ وٽ ونان ٿي ويني. ڀاڪرن جو ڦهڪو ٿي ويو. اسين سنڌ ۾ فقط هڪ ڀاڪر پائيندا هواسين پر هتي ته ٽي ڪلها هٿندي هٿندي ڪلهائي ڇڄي پيا ڊاڪٽر ضياءُ الدين جو اسان جي يونيورسٽيءَ جو پرو وائيس چانسلر هو ان تي شاگردن جي هڪ هجوم حملو ڪيو. قطارون ٻڌي بيهي رهيا. ڊاڪٽر صاحب موصوف قد ۾ ٺندرو بدن ۾ لاغرو هر هڪ شرير ٽن ڪلهن کان گهٽ ڪلها نه لڳائي. ويچارو فنا ٿي پيو. قريب هو جو بيهوش ٿي وڃي ها گهٽي ۾ پڄڻ جون واهون ڳوليائين پر ڇٽي نه سگهيو. نيٺ مسجد جي گيٽ وٽ پهچي وني ٻاهر تڪڙو تڪڙو ڀڳو ۽ جان ڇڏائي ويو. شاگرد ڪلها هٿندا رهيا جيڪو حسين ڇوڪرو هجي، ان کي ته ڪير به ڀاڪر کان سواءِ اڳتي هلڻ نه ڏئي. اسان جي دوست ملڪ نصير خان کي به اقبال جو ڀاڪر نصيب ٿيو. عيد جي مبارڪن سان گڏ ڀاڪر جون مبارڪون ڪيس ڏنم. ڪي يوپيءَ جا شاگرد ته اقبال کي ڀاڪر ۾ جهلي ڇوڻ لڳا.

عيد کا دن هے ذرا آج گلے مل ظالم،
رسم دنيا بهى هے موقع بهى هے دستور بهى هے.

مطلب ته ڀاڪر پائي پائي ڀاڪرن مان منهن پڄي پيو. مون ته توبه ڪئي ته ڪڏ ۾ پون اهڙا ڀاڪر ڪيترا ڏينهن ڇاتي ۽ ڪُلها سور ڪندا رهيا. مون کي ته هر دم منڙي امان پيارو بابا، ڀائر ڀينرون ٻيا عزيز اقارب ياد اچي رهيا هوا. اکين ۾ آنسو هوا. حياتيءَ ۾ ڀهرين عيد گهر کان ٻاهر ڪئي هيم. ڳوٺ، يار دوست درگاهه مخدوم نوح تي عيد نماز پڙهڻ اکين اڳيان تري آيا. خصوصاً عيد تي آءٌ ٽئي جي لونگي ٻڌي عيد نماز تي ويندو هوس اها به ياد اچڻ لڳي. سچ چيو اٿن ته:

عيد هو اهل وطن کي بے وطن کي کيا هے عيد

رات ٿي علي ڳڙهه جي دستور موجب هاسٽل جي طرفان هڪ "هاءِ ٽيبل" ٿي. جنهن ۾ تمام پروفيسرن ۽ شاگردن گڏجي طعام تناول ڪيو. ڳوٺ جون سيون ۽ کير ڪارڪون ياد پئي آيون ۽ چيم ته ڏسجي ته هن هاءِ ٽيبل تي ڇا ٿو ملي. سبحان الله شير خرما به هوا ته سيون به هيون. ٻيو طعامن جو ذڪر ئي ڪهڙو ڪريان برياڻيون، چاشنيون، حلوا، سالن، نان، مٺايون مختصر ته ههڙي هاءِ ٽيبل به مون اڳ نه ڏٺي هئي. انسان کائي ڇا کائيندو. مان اڳيئي ڍڄر هوندو هوس البته نڪڙي وٽندا هوا انهن مان کائي چڙهه ڪيم ٻين شين مان ذرو ذرو تبرڪ طور کائيندو ويس. علي ڳڙهه جو پاڻي نهايت هاضم. هڪ گلاس پيءُ ته ڪلاڪ بعد ائين محسوس ڪرڻ لڳبو جو ڄڻ ڪجهه کاڌو ئي ڪو نه هوسين. ملڪ نصير خان پنهنجي ڪمري ۾ وٺي هليو ۽ منٽو سرڪل جي لان تي گلاب جي گلن جي ٻوٽن درميان جي سبز چانهه جا ٻوٽا هوا، تن مان ڪجهه پن پٽي آيو ۽ انهن کي ڪتر ڪري چانهه بنايائين، جا پي وڏي اوڳرائي ڏنم ۽ چيم ته شڪر

الحمدالله. ڪي غريب ويچارا ٻاجهريءَ جي ماني ۽ لسي لپ کائي شڪر الحمدلله چوندا آهن پر هتي تہ پوپيءَ وارن ههڙا مرغوب طعام کائي بہ الحمدلله ڪو نہ چيو. عيد کان ٻہ ڏينهن اڳ ڳوٺ عيد مبارڪ جو خط لکيو هوم اهڙيءَ طرح ڳوٺان بہ خط لکيو ويو هو جو عيد ڏينهن پهتو. ڏاڍو خوش ٿيس. ڊاڪيہ. مني آرڊر وارو ۽ بيئرر سڀ عيد مبارڪ وٺڻ لاءِ آيا ۽ خرچيءَ جي تمنا رکڻ لڳا. جا نهايت فراخدليءَ سان ڏني سون ۽ هر هڪ سان اهيئي ٿي ڪلها هنياسين پرنسيپال مسٽر قريشي ۽ پروفيسرن سان بہ اهائي ياڪرن جي ڏي وٺ ٿي ۽ عيد مبارڪ خير سان پوري ٿي.

ششماهيءَ جي وئڪيشن قريب پوندي آئي. ڏينهن ڏينهن تي ڳڻيندا رهياسين ڳوٺ جي سڪ تپائي ڏنو. جيئن وچين نماز مهل ٿيندي آهي، تہ روزيدارن کي افطار جو انتظار بہ وڌي ويندو آهي. ساڳيءَ طرح اسان کي بہ عزيز قريب ياد اچڻ لڳا چيو اٿن تہ:

وعده وصل چون شود نزديک،

آتش شوق تيز تر گردد.

آهستي آهستي ڳوٺ لاءِ ڪي سوکڙيون پاکڙيون خريد ڪندا رهياسين هڪ ڏينهن اوچتو گرج چمڪ ٿي ڪارا ڪڪر آسمان تي ڇانئجي ويا. برسات جون تياريون ٿي ويئون ۽ وڏ ڦڙو وسڻ لڳو. علي ڳڙهہ جي زرخيز زمين رات جو مينهن پوي تہ صبح جو يونيورسٽيءَ جي ميدانن تي سبز سلا ڪر ڪڍي نڪرن. متواتر ٻن ٽن ڏينهن بعد ميدان ساوا ٿي ويا. گويا زمردين چولو پهري ساري زمين کي سبز وڳو ڍڪائي ڇڏيائون. ٻن هفتن اندر گوڏي جيڏا گاهہ ٿي ويا. گاهن ۾ نانگ بلائون پيدا ٿي پيا. ڪي حادثا بہ ٿيا. يونيورسٽي جنبش ۾ آئي. گاهہ ڪاٽڻ لاءِ مزدورن جون ويهون مقرر ٿي وينون. جن سون جهڙو عطربيز گاهہ وڍي ڪٽي ڌنيون ناهيون. مالدار گاهہ لٽڻ لڳا ۽ ميدان اجا ٿي ويا نانگن بلائن جو خوف لٿو ڪيترا جيت ماريا بہ ويا. دل ۾ چيم تہ چڱو ٿيو جو بارش جو نظارو بہ ڪيوسين. وئڪيشن تي هليا وڃون ها ۽ پوءِ مينهن پون ها تہ حسرت رهجي وڃي ها. ڳالهيون سگهيون ٿين وقت پنهنجي مداءَ تي گذري آخر وئڪيشن جي تعطيلات کي اچي اکين ڪيوسين. ريلوي ڪنسيشن ورتي سين. تقريباً ڇهن مهينن جو لاوطنيءَ جو زمانو ۽ حبس بيجا پوڳي ريل ۾ سوار ٿياسين. سنڌ جا ٻير. ڪبڙ ۽ جاريون ياد ڪندا پيچ مولا ڪندا، راتيون ڏينهن سفر طي ڪري، سنڌ وٽن کي لوڇي اچي لڌوسين. سنڌ آئي هنيون سڌير ٿيو ڪجهہ وقت پرڏيهہ جا ڏولاوا لٿا. صلاح ڪئي سين تہ پنهنجي پنهنجي ڳوٺ علي ڳڙهہ يونيفارم ۾ وڃبو. ڳوٺ واري اسٽيشن ويجهي آئي تہ سڀ ڪنهن اٿي يونيفارم پاتو ۽ صحيح معنيٰ ۾ علي ڳڙهي ٿي سر زمين سنڌ تي قدم رکيوسين. دل بهار بهار پئي ٿي. هلڻ چلڻ جي ڍنگ ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو نوع بہ قدري علي ڳڙهہ وارو ڪيوسين. پاڻ ۾ تصنع پيدا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيوسين. جيڪو السلام عليڪم چوي تنهنکي بہ ورنديءَ ۾ السلام عليڪم چيوسين. سڀ ڪو چوي تہ هيءَ ڪهڙي حرڪت آهي. اسان هر هڪ ڳالهہ ۾ علي ڳڙھ جو حوالو ڏيندا ٿي رهياسين.

واهہ علي ڳڙھ واهہ — شادباد شادباد

❑

وئڪيشن بعد علي ڳڙهه ڏي واپسي

وئڪيشن جو مهينو پنهنجي دوستن احبابن سان علي ڳڙهه جون ڳالهيون ڪندي گذري ويو. هن دفعي جيڪا ڪنسيشن ورتيسين سا جوڌپور ۽ بيڪانير ريلوي جي طرف کان ورتيسين. ان جا ٻه ڪارڻ هوا. هڪ ته هيءُ ٻيو طرف به ڏسجي ۽ ٻيو ته اجمير شريف جو ميلو هو. سو به واٽ تي ديدار ڪندو وڃجي. سيئي اُتر خواهه لاڙ جا دوستُ اچي حيدرآباد ۾ گڏ ٿياسين ۽ بمبئي ميل ۾ حيدرآباد کان روانا ٿياسين. رات جي ماني ميرپورخاص اسٽيشن تي سوير ئي کائي چڙهيسين ۽ ڪير گڏڙي ۾ وٺي پيتوسين جو اسان کي معلوم ٿيو ته اتي ڪير سستو ۽ سٺو ملندو آهي، واقعي هو به ائين.

پاڻ ۾ مشورو ڪيوسين رستي ۾ جوڌپور ۽ جيپور جو سير ڪريون. آخر وقت جي لحاظ ۾ رکندي جوڌ پور لهڻ جو خيال ترڪ ڪيوسين باقي جيپور ۾ ضرور لٿاسين. قلعي جي ٻاهران هڪ ڌرمسالا (سراءِ) هئي، جتي وڃي هڪ ڪوٺيءَ ۾ سامان رکيوسين ۽ هڪ سادي هوٽل هئي، اتان ماني وٺي ڪاڏي سين قلعي ۾ اندر سڀ هندو هوا. جن ۾ اڪثريت برهمڻ جي هئي، سي ويشنو هوا ۽ اسٽيٽ جي قاعدي موجب قلعي جي اندر گوشت رڌ پچائڻ، کائڻ پيئڻ يا آڻڻ نيڻ تي بندش هئي ۽ هڪ ڏوهه قرار ڏنو ويندو هو. جنهن لاءِ سزا مقرر ٿيل هئي. قلعي جي اندر آياسين سڄو شهر هڪ نئي وقت نهيو هو. جنهن ڪري ان جي تعميراتي رٿا هڪڙي هئي. جنهن چوڪ تي اچ سو ساڳيو ٻين چوڪن جهڙو. بازاريون ۽ دڪان ساڳئي قسم جا ۽ جايون ساڳئي نوعيت سان نهيل. چهل پهل ايتري ڪا نه هئي، مگر رٿا هڪ جهڙي ڏسڻ وٽان هئي. اسان کي ٻڌايو ويو هو ته جيپور ۾ ٽي شيون ضرور ڏسجو: ١_ آبزرويٽري ٢_ براس فيڪٽري ٣_ راجائي باغ. ان ڪري اسان انهن ٽن شين ڏسڻ تي توجهه ڏنو.

آبزرويٽري واقعي ڏسڻ جي لائق هئي. قديم زماني جي جوتشين جو ڪمال هو. ستارن گرهن چنڊ سج، نظام شمسي ۽ فلڪيات جي مطالعي جو ڪمال هو. ان وقت جي جوتشين کي داد ڏيڻ کانسواءِ رهي نه ٿو سگهجي. ڪي مکيه مکيه ڳالهيون مون کي ياد آهن. پر انهن جي لکڻ جي يڪ به يڪ هتي گنجائش نه آهي. مان فقط هڪ ٻه ڳالهيون رقم ڪندس. چونڊا آهن ته "غنيده ڪي بود مانند ديده" جنهن کي شوق هجي سو روبرو وڃي نظارو ڪري. اڄ به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آبزرويٽري صحيح سلامت آهي ۽ ان جي ديک ڀال بلڪل خبرداريءَ سان ٿي رهي آهي ۽ حڪومت جو ان تي ڪنٽرول آهي. هڪ ٻُهرو هو جنهن ۾ چاڙهيون هيون انهن چاڙهين تي هيٺ لٿاسين. هڪ گائيڊ مليو. جنهن اسان کي ڪجهه قدر سمجهايو. پر سنڌس ٻولي نه هئي سنڌي نه اردو ۽ نه انگريزي. مارواڙي قسم جي ٻولي سان ٻه اهڙيءَ طرح ٿي ڳالهايائين جيئن اسان جي جبلن جا ٻروچ سنڌيءَ جي ٽنگ ڀڃندا آهن. بهرحال ڪم جو اهڙي سان پيو. سو نباهئو هو هن غريب حد کان وڌيڪ ڪوشش ڪئي ته هنن کي سمجهايان. هڪ طرف هن جو عزم ٻئي طرف اسان جي خواهش. سمجهڻ جي ڪوشش ڪئيسين. ان ٻُهري جي ڏاکڻ مٿان هڪ ڪمان وانگر ڇت اڏيل هئي. جنهن ۾ سوراخ نڪتل هوا ۽ سامهون هڪ سفيد پٽ خاص ان ڪم لاءِ لهرائي ويئي هئي. جنهن تي ستارن گرهن سج ۽ چنڊ جا پرتوا پوندا هوا. سڄي دنيا جو جيڪر وقت خراب ٿئي ۽ هيءَ آبزرويٽري سلامت هجي ته ڪو ٻه جوکو پهچي نه سگهي. ڪهڙي وقت ڪهڙو ستارو ڪٿي ٿو بيهي ۽ گرهه ڪٿي ٿا جاءِ وٺن ٻڌ. منگل، ورهسپت. ڇنڇر. شُڪر مطلب ته سيني گرهن ۽ سيارن لاءِ جدا جدا سوراخ وڏي مطالع بعد ٺاهيا ويا هوا ۽ جدا جدا موسمن ۾ انهن جيئن جيئن جايون بدلايون ٿئي. انهن سيني جو انتظام ڪيل هو. عقل دنگ رهجي ٿئي ويو ته انساني دماغ ڇا ڇا سوچيو آهي. ڇاڇا سمجهيو آهي ۽ ڪهڙن ڪهڙن نتيجن تي پهتو آهي ۽ آئنده نسلن لاءِ حيرت جو سامان ڇڏيو آهي. خير.

ان بعد پٽل جي ڪارخاني ۾ وياسين. پوري هندستان ۾ ههڙي فئڪٽري ان وقت ته ڪا نه هئي. پر شايد هن وقت تائين ٻيو اهڙو ڪارخانو وجود ۾ نه آيو هجي. پٽل جو طرحين طرحين جو سامان نالا وٺندس ته وڏي لسٽ ٿي پوندي ان ڪري اختصار ڪريان ٿو. ڪو سامان لسو هو ته ڪنهن تي گلڪاري نڪتل هئي. سامان اهڙو ٿئي چمڪيو جو ائين پئي ڀانيو ته ڄڻ ناصري سون آهي ۽ نه پٽل. گلدستا. وڏا وڏا جڳ گهگهيون. گلاس ۽ ٻيو تعيش جو سامان جو فقط راجائي محلن جي سينگار جي لائق هو. ٿالهيون. لوٽا. وڏا ٿالهه. ڪٽورا ڪٽوريون ۽ ٻيو رڌڻ پچائڻ جو سامان ته بيان ڪري نٿو سگهجي. ننڍيون ننڍيون شيون ته سون بلڪ هزارن جي تعداد ۾ هيون. قسمين قسمين سماوار. نلڪن جون ٻنجيون. بينڊ جو سامان. بيوگل. موريا. چونريون. گڏون ۽ ٻيا عجيب غريب ڀانت ڀانت جا بادلا جن جي ڏِڍن تي ڳاڙهو ڪپڙو چڙهيل هو ۽ منهن صراحيءَ وانگر سوڙهو هو ۽ ڪلنگي دار ڍڪ سان موجود هوا. بادلا خاص طرح صحرائي سفر ۾ اُٺ جي سواريءَ ۾ پاڻي کڻڻ لاءِ بلڪل ضروري هوندا هوا. جن ۾ پاڻي ٻه ٿڌو رهندو هو ۽ اٺ جي پاکڙي واري اڳينءَ گڏي ۾ وجهي ڇڏبا هوا. ڪن بادلن ۾ پتلي گلاس ٻه مٿان وڌل هوندا هوا. اهڙا بادلا مون وٽ اڃا ٻه ۾ عدد رکيا آهن. جي مون ٿر جي سفر لاءِ خريد ڪيا هوا جڏهن آءٌ اتي جو ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر هوس. افسوس جو ايامن جي بيڪار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رکڻ سبب ڪنجي ويا آهن ۽ سندن اصلي رونق نہ رهي آهي. قصو ڪوتاهه وڌيڪ هن باري ۾ لکڻ طوالت جو سبب بنبو ان ڪري ختم ڪريان ٿو.

هاٿي رخ رکيوسين مهاراجا جي باغ جو. گهمڻ جي اجازت ملي خصوصاً جڏهن ظاهر ڪيوسين تہ اسان علي ڳڙهه جا شاگرد آهيون پلان پليءِ جو چيهه ني ڪونهي دنيا ۾ شايد ان کان بہ وڌيڪ عمدا باغ هجن مگر اسان جي لاءِ زندگيءَ ۾ پهريون دفعو ههڙي باغ جو درشن عبرت انگيز هو. ائين بہ سمجهيوسين تہ دنيا جي گلن جو باقي ڪو بہ قسم نہ رهيو هوندو جو هتي موجود نہ هجي. طوبيٰ صفت درخت سرو ۽ شمشاد جا سهڻا پودا مورن ڊيلن ۽ پين حسين پکين جا آواز وچ باغ ۾ ڳاڙهي جوڌپوري پٿر جو ننڍڙو حسين محلات. بس باغ ارم جو نمونو هو. شنيده کے بود مانند ديده۔ ترادیده و یوسف راشنیده منهنجي عادت هوندي هئي، تہ سچ پچ ائين ڪندو هوس جو هر قدرت جي چيز جو بغور مطالعو ڪندو هوس ۽ ننڍي خواه وڏي شيءِ جي باريڪ بينيءَ سان ڏسندو هوس. منهنجا دوست مون سان خفي ٿي پوندا هوا. مون ڪئي ان ڪري سندن سنون ۽ جنيون جهلٽيون پونديون هيون. چوندا هوا تہ وات ڦاٽيو وڃني. جتي ٿو بيهين اتي پيرن ۾ بيڙيون پنجيو وڃني. صفا واهيات آهين شل نہ ڪو ماٺهو ملئي تہ رت پي ٿو وڃنس وغيره وغيره اهي لقب سهڻا پوندا هيم. باغ جو وڌيڪ احوال ڪهڙو ڪريان جو ڪجهه ڏٺو هوم ان مان گهٽو ڪجهه ياد اچي ٿو. شاعرن اڳئي بنا ڏسڻ جي فقط ٻڌيءَ ڳالهه تي باغ بستانن، حسين گلزار بوٽن گلن بابت ڪئين اشعار چئي ڇڏيا آهن مون تہ اکين سان سڀ ڪجهه ڏٺو هو ان ڪري جيڪر چاچا نہ لکان پر ختم ڪريان ٿو مبادا پڙهندڙ ني بور نہ ٿي پون ۽ منهنجي سنگت وارا ساڳيا لقب لائين. مهاراجا جي باغ لاءِ ان وقت ائين پئي سمجهيم تہ:

اگر فردوس بروئے زمین است — همین است وهمین است

ڏينهن پورو ٿي ويو شام آئي. اسان کي فقط ڪنسيشن ۾ ٢ ڪلاڪ جرني بريڪ ڪرڻ جي اجازت هئي، موٽي سراءِ ۾ آياسين. ٿورو ٽڪ پڳوسين. منهنجي دل اجا سير نہ ٿي هئي. چاهيم ٿي تہ عجائب گهر. چڙيا گهر بہ ڏسجي ها. ۽ خصوصاً راجا جو محلات جا ڳالهه ممڪن نہ هئي. ٻڌڻ ۾ آيو تہ مهاراجا وڏو ڪجهه وقت کان انتقال ڪري ويو هو سندس ولي عهد اسان جي عمر جو نوجوان هو. ان جي تخت نشيني ٿي چڪي هئي. دل چيو تہ اسٽيٽ جو والي ڏسجي تہ ڪهڙو آهي؟ خير اهي سڏون ڪندي سامان کڻائي اسٽيشن تي آياسين رات جو هڪ پيسينجر گاڏي ملي نهايت آساني ۽ آرام سان گاڏيءَ ۾ سمهڻ جي جاءِ ملي ويئي. جيپور جون ڳالهيون ڪندا ڪندا ننڊا آکرا ٿياسين سمهي پياسين. جنڪشن تي گاڏي مٽائي سين آخر مارواڙ جنڪشن تي ڪافي ڏينهن مٿي چڙهي آيو. هتي لهڻو پيو. چو تہ اها گاڏي احمد آباد وڃئي هئي ۽ اسان کي اتي التي طرف ٻيءَ گاڏيءَ ۾ سوار ٿي اجمير شريف اچڻو هو. هن دفعي

سامان ٽورو هو جو بسترا ۽ ڪجهه ٻيو سامان علي ڳڙهه بند ڪري آيا هواسين. اجمير ۾ اچي ٻيو سامان ليفٽ لگيج آفيس ۾ رکيوسين، جتي ٻه آنا في داڳينو ۲۴ ڪلاڪن لاءِ چارج ڪيا ويندا هوا. مگر سامان محفوظ هوندو هو. هاڻي قدم سر زمين اجمير تي رکيوسين. شهر سڄو انسانن جو هڪ سمنڊ نظر آيو. ميلي ڪي ٽيون ڏينهن هو. گهڻا زيارتي ميلو گهمي موٽي رهيا هوا. اسٽيشن تي حشام ماڻهن جا ڏسڻ ۾ آيا. اسان ٻه گهمندا ڦرندا پڇنا نہ منجهڻا درگاهہ شريف تي آياسين. معلم ڪيُ تاڙيو بيٺا هوا. ٽيون شڪليون ۽ علي ڳڙهه يونيفارم ڏسي اسان جي مرحبا ۽ آجيان ڪيائون ۽ خوردنوش جو بار پاڻ تي هموار ڪيائون. اسين ٻي اونا ٽي انهن جي پنيان لڳاسين درگاهہ واقعي هڪ اعليٰ درجي جي درگاهہ هئي. مون تہ فقط ڀٽائي ۽ مخدوم نوح جون درگاهون ڏٺيون هيون. انهن سان مقابلو ڪيم تہ هي درگاهہ بلڪل وڏي هئي. معلم نهايت مصروف هو، تنهن هڪ ٻيو ماڻهو گڏي ڏنو تہ اسان کي گهمائي ڦيرائي. درگاهہ جي وڏي گيٽ کان گذرندي ئي هن ٻڌايو تہ هن گيٽ جي مٿان هي نقارخانو آهي جتي صبح شام ڌمال وڄندي آهي. ان بعد ڪاٻي هٿ تي وٺي هليو جتي وڏيون ڪوهن جيڏيون ٻہ لوهي ديڳيون هيون ۽ انهن جي ويجهو ٽوبيون هيون. چيائين تہ هنن ديڳين ۾ خواجہ غريب نواز جو ستن اناجن وارو حليم رڌو ويندو آهي ۽ هنن ٽُوبين تي روٽ پچندا آهن. ڇت جي ڪامن جيڏا وڏا ڏاسا رکيل هوا جي چيائين تہ ڏوئيون آهن جي ڏهہ ڏهہ مڙس گڏ ديڳ ۾ گهمائيندا آهن. ميلو ختم ٿي چڪو هو ان ڪري ديڳيون خالي هيونَ. انهن ديڳين مان جيڪا ڪرچڻ بچي هئي سي ٻاهر ويٺل ماڻهو تبرڪ طور وڪڻي رهيا هوا ۽ زيارتين تبرڪ طور پنهنجي ڳوٺن لاءِ خريد ڪئي. ان بعد هو درگاهہ جي خدام جا حجرا ڏيکارڻ هليو ۽ انهن جي پرسان هڪڙيون چار قبرون ڏيکاريائين، جن لاءِ چيائين تہ اهي خواجہ غريب نواز جا چار يار هوا. اهڙي طرح ذرو پرزو ڪري درگاهہ گهمايائين. پڄاڙي ۾ وٺي مزار مبارڪ واري مقبري (قبي) ڏانهن آيو. فقراءَ تہ ايترو هو، جو مون ائين ٿي سمجهيو تہ سڄي دنيا جا پينو هتي اچي گڏ ٿيا آهن_ نہ، بلڪ ائين پيو سمجهان تہ سڄي دنيا گداگر آهي. روضي ۾ اندر گهڙڻ سان ڏٺم، تہ قبر جي مٿان ڇتيءَ ۾ ڪي ڪپڙا ٽنگيل ۽ لڙڪيل هوا. انهيءَ تي اسان جي گائيڊ چيو تہ هي هڪ هڪ ڪپڙو پنهنجي سر مٿان وجهو ۽ اکيون پوري تصور ڪريو تہ اوهان کي خواجہ جو نور ڏسڻ ۾ ايندو. ائين چئي هر هڪ جي مٿان ڪپڙو وجهندو ويو. مون انڪار ڪيو حيرت لڳس، پر مون چيو ماڻس تہ تون ڇڏ مان پاڻهي ٿو وجهان. مون کي ديدار ٿيڻو هوندو تہ پاڻهي ٿيندو، توتي ميار نہ آهي. ڏنو تہ ڪنهن ڪجهہ ٻہ ڪو نہ آخر ختمو ڏيئي فارغ ٿياسين ۽ ٻاهر آياسين، نذراني جي پئسن جا دروازي تي ڍير لڳا پيا هوا. اسان ڪو ٻہ پئسو ڍير ۾ نہ اڇليو باقي گائيڊ کي ٻہ روپيا خرچي ڏنيسين ۽ چيوسين تہ هاڻي توکي موڪل آهي. اسين هاڻي پاڻهي گهمنداسين. هن ويچاري چيو تہ ظهر جي نماز بعد هن جاءِ تي آءُ

حاضر هوندس، اوهان ملجو ۽ هلي ماني کائجو. اها ڳالهه طئي ڪري خيال ٿيوسين ته هلي ميلي جون بازاريون گهمجن. مون چيومان ته ٿورو ترسو ته هنن قوالن جون قواليون ٻڌون هنن چيو ته نهيو هاٿي قواليون پيا ٻڌنداسين هينئر ڇڏ ٽائيم ٿورو آهي. مون اصرار ڪيو ۽ هنن کي مجبور ڪيو. آخر مجيانون واه جا قوال هوا. ههڙيون قواليون هونءَ ته ياحياتي دنيا جي ڪنهن به خطي ۾ ٻڌي نه سگهبيون. جهڙيون خواجه جي درگاهه ۾ ٿي رهيون هيون.

ٿورو اڳيرو چرياسين ته ڏٺوسين ته هڪ نهايت حسين عورت سياهه پوشيءَ ۾ ملبوس مٿو اگهاڙو. ڪارا عنبرين وار ڇڙيل هڪ سفيد ۽ سيمين بدن تي سياهه پوشاڪ ائين پئي نهي جيئن

"سياهي بر سفيدي نقش بند"

اسان جون نظرون جمي ويئون. شايد هڪ چار جو وڻ هو جنهن جي سايه ۾ بيٺي هئي ۽ خواجه جي مقبري ڏي هٿ کٽي بيني چوي ته "دے خواجه. ديتا هے نهيں. تم نه ديگا تو اور کون ديگا" اهڙا ڪلما سندس زبان مان ٻڌي مون کي ڏاڍي ڪراهت ۽ نفرت آئي پر سوين ماڻهو حلقو ٻڌيو بيٺا هوا. عجيب تماشو ۽ منظر هو. ڪجهه وقت بيهي نظارو ڪيوسين. پئسن جو ڍڳ مائيءَ جي اڳيان لڳو پيو هو. جيڪو اچي سو ڪجهه نه ڪجهه پئسا رکي وڃي. اسان مان ته ڪجهه ڪو نه وريو. ڪنهن به ڪم بخت هڪ ٽامي جي پائي ڪا نه ڏني.

اسان علي ڳڙهي اتان خرامان خرامان هلندا ميلي جي مکيه بازار ۾ آياسين. دڪانن تي سليقه سان رکيل شيون ۽ گراهڪن جا هجوم ڏسندا هلندا پئي هلياسين. ميلي کي خوب چڪر ڏناسين. ڪي شيون خريد ڪري هلندي هلندي کائيندا رهياسين. ٻه ڪلاڪ هيڏانهن هوڏانهن ڦري سري موٽي درگاهه تي آياسين. ساڳيو معلم جو ماڻهو مليو وٺي مهمان خانه ڏي هليو. هٿ ڌناريا ويا. مانيون اڳيان دسترخوان تي رکي ويئي. نهايت پرتڪلف کاڌو هو. اسان معلم کي گڏجي ڏهه رپيا ڏنا جي هن خوشيءَ سان ورتا. حالانڪ ڏهن روپين کان ته وڌيڪ ماني کائي چڪا هواسين.

فقرا جو ته مون ذڪر ڪيو آهي ته ساري جهان جا فقير اچي اجمير ۾ گڏ ٿيا هوا. خيرات ڏيئي پورو ڪينئن پنجي. پنسو پنسو هر هڪ فقير کي ڏجي ته به کيسا خالي ٿي وڃن. ان جو علاج به اجمير ۾ ڳوليو ويو هو ٻاهر بازار ۾ ڏٺوسين ته تقريباً هر هڪ دڪان تي ڪوڏين جون ڳوٺيون پريل رکيل هيون. انهيءَ ڳالهه البت حيرت ۾ وڌو. ان جو سبب معلوم ڪيوسين ته پتو پيو ته هتي جي فقيرن کي ڪوڏيون ڏبيون آهن ۽ نه پئسا. ان وقت واري پنسي جا چار چوڪ ڪوڏيون مليون ٿي، جي وٺي کٽي کيسيا پرياسين. فقير فقير کي ٢ـ٣ ڪوڏيون ڏيندا وياسين. هر هڪ فقير جي اڳيان ڪوڏين جو ڍڙ نهندو ٿي ويو. جي وري هو دڪان کي وڪٽي پيسا سچا ڪندا هوا. خدا معاف ڪري. ڪتان ڪتان جا زيارتي ڪهي اچي اجمير ۾ زيارت به

ڪندا هوا ۽ خير خيرات به. اسان به پنهنجي وسعت سارو چار ڪوڏيون خرچ ڪيون. ميلي مان ته فقط ڪنهن رومال ورتو ته ڪنهن وهنجڻ جو سرهو صابڻ. آخر ١٢ ڪلاڪ پورا ڪياسين ۽ هاٽي اسٽيشن تي پير رکڻ جي جاءِ ڪا نه هئي. اسان جي پهچڻ کان اڳي گاڏي پليٽ فارم تي بيٺي هئي. سيٺي چيو ته جلد ڪريو گاڏي چٽڻ واري آهي. گاڏي ۾ ته اندر خير پر ٻاهر فٽ پاٿريءَ تي به پير رکڻ مشڪل هو. سيٺي مون کي پڳ ٻڌائي ته اسماعيل اڄ ڪا همت ڪر، اسين ڪوشش ڪري ڪا جاءِ وٺون. تون سامان مزورن کان کڻائي اسان کي ڏيندو وڃ، هو ته سڀ ائين چئي هليا ويا. مان آئيءَ ۾ اچي ويس. مزدور چوي ته روپيو ننگ وٺنداسين ۽ سامان چاڙهي ڏينداسين. مون سوچيو ته هينئر جي بحث مباحثو ڪندس ته سامان ۽ مان رهجي ويندس ۽ ٻيا همراهه هليا ويندا. مزدورن کي چيم ته "اچھا بھائی جان اٹھائو" هنن مون کي اک پڳي ته تون پوسٽ واري گاڏي ۾ چڙهي پؤ ۽ مون ائين ڪيو. سامان جا ڪل اٺ ننگ هوا. جي هڪ هڪ ڪري اندر اڇلائيندا ويا. پوسٽ وغيره ته هئي ڪانه جو گاڏي ميل ڪا نه هئي پر پئسينجر هئي. فقط هڪ ماڻهو دروازو بند ڪري گاڏو روڪيو وينو هو. هيءَ گاڏو تمام ننڍڙو هو فقط هڪ سيٽ هيس. مان اندرئين ماڻهوءَ سان هٿين پئجي ويس ۽ مزدورن ان جو وجهه وٺي سامان اندر اڇلي وڌو. ايتري ۾ گارڊ پهرين وسل (سيٽي) وڄائي. مزدورن کي مون هڪ روپيو آچيو ۽ چيو مان ته " ایک پھیرے کے دو آنے ھیں. تم نے چار پھیرے کئے ھیں۔ ھوتے تو آٹھ آنے ھیں. لیکن لو بھائی ایک روپیہ" هنن گوڙ ڪيو جو ان روپين جي بدران هڪ روپيو پئي ملين. مان ته اندر محفوظ هوس. تون چا تون چا ۾ ٻي سيٽي به لڳي. افراتفري مچي وئي. مزدور ڊوڙي پليٽ فارم انسپيڪٽر کي وٺي آيا جنهن جي ڏاڙهيءَ ۾ سينڌ نڪتل هئي ۽ هڪ ڪُتل جهڙو پئي معلوم ٿيو. مون هن سان انگريزي ڳالهائڻ شروع ڪئي. هن ويچاري کي انگريزي قطعاً ڪا نه ايندي هئي. ان ڪري اچي منجهيو ۽ منٿ ڪيائين ته "بیچارے غریب ھیں ان کو مزدوری دیدو" مون چيو ته "وہ نھیں لیتے" آخر ٽين سيٽي لڳي ۽ گاڏي چٽي، مزدورن هٿ ٻڌڻ لڳا مون به روپيا چانديءَ وارا اڇلي کين ڏنا. پُشت واري دٻي ۽ باقي گاڏي جي وچ ۾ هڪ لوهه جي تارن جي جاري لڳل هئي، منهنجا دوست هي سارو تماشو ڏسي ۽ کلي رهيا هوا. مان سامان جي مٿان پولڙي وانگر چڙهي ويهي رهيس ۽ پوسٽ جو ماڻهو به منهنجي پرسان ويهي رهيو. منهنجي دوستن جاريءَ مان مون کي داد ڏنو ۽ چيو ته بيشڪ تون مڙس آهين. مون چيومان ته مون کي چٽون ٻڌي جهيڙي جي منهن ۾ ڏيئي هاٽي وينا آهيون واه واه ڪرڻ حيف اٿو. مان سامان تي چڙهيو وينو هوس ته جاءِ وهڻ جي منهنجي دوستن کي به ڪا نه ملي بيٺا رهيا. آخر ميلي جي خلق سو ڪٿي ڪٿي رفته رفته پئسينجر لهندا ٿي رهيا. آڌي رات تائين سيٺي کي جاءِ ميسر ٿي. ڪي ليٽيا ۽ ڪي پنڪيون ڪائڻ لڳا. ٻئي ڏينهن اچي علي ڳڙهه اڪئين

ڪيوسين. چوندا آهن ته آءُ به ويندس پيڪن ڏي ۽ منهنجي به لهندي سڌ. اهي روهيون اهي رنبا، اها انڌي اهو جنڊ، اچي پنهنجون ڪوئيون وسايون سين. نوان پراڻا ٿياسين. پر هن سفر اسان ۾ مزيد سير و سياحت جو شوق پيدا ڪيو ۽ صلاح ڪئي سين ته علي ڳڙهه ۾ الائي ڪيترو عرصو هجون دهلي ۽ آگرو گهمي وٺون. جلد ڪو پروگرام ٺاهيون سين ڪي صلاح پسند آئي. مان ته ڪنهن سان اختلاف ڪندو ئي ڪو نه هوس. جيڪا پنهنجن جي سا ساڏن جي.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علي ڳڙهه جي طفيل سير و سياحت

هاڻي ڪجهه ڪلاسن ۽ ڪتابن ڏانهن بہ متوجهه ٿياسين، ساليانہ امتحان ۾ باقي ڪي پنج مهينا هوا. نيٺ ڪجهه عرصي بعد دهليءَ وڃڻ جو پروگرام ٺهرايوسين. سڀ سنڌي دوست تہ ڪو نہ هليا. مون سوڌا پنج ڄڻا سنبرياسين ٻين همراهن جا نالا آءٌ نٿو وٺان، جنهن جو سبب اڳتي هلي معلوم ٿيندو. اهي چار ئي دوست وفات ڪري ويا آهن. ڪنسيشن ملي، گاڏيءَ ۾ هڪ ڏينهن سوار ٿياسين ۽ دهلي مغليہ سلطنت جو تخت گاهہ سبحان الله ڇا چئجي. هڪ معمولي هوٽل ۾ ترسياسين. هيڏانهن هوڏانهن وائڙن وانگر چڪر هڻندي چاندني چونڪ ۾ آياسين فتحپوري مسجد ڏٺي سين. چاندني چوڪ جي بازار نهايت سهڻي ۽ واپار جو وڏو مرڪز هئي. اسان کي وٺڻو تہ ڪجهه بہ ڪو نہ هو. پر ان هوندي بہ دڪانن تان ڪن شين جون قيمتون پڇندا دل جي سڌ پوري ڪندا ناسون هڻندا رمندا ٿئي رهياسين. ڪراچيءَ جي ٽرام وچ رستي تان هلندي آهي پر هتي جي ٽرام هڪ پاسي کان ٿي هلي. پڇڻا نہ منجهڻا. ٽرام ۾ سوار ٿي شهر کي چڱو چڪر ڏنوسين. منجهند جي ماني هڪ هوٽل ۾ کاڌي سين ماني سٺي، سوادي هئي. آخر خيال ڪيوسين تہ نئين دهلي ۾ قطب مينار ڏسي وٺون. قطب مينار چيائون ٿئي تہ ١١ ميل مفاصلي تي آهي، ايڪي ۾ سوار ٿياسين پهرين نئين دهليءَ ۾ وياسين جتي اسيمبليءَ جي عمارت نهي راس ٿي چڪي هئي. رستا ڪشادا ۽ نهايت حسين ۽ نزاڪت وارا ناهيا ويا هوا. پاسن کان وڻراهہ روح افزا. اسان هن کان اڳ ههڙي سرڪاري عمارت نہ ڏٺي هئي. ڏسندي اکيون پٽي نريون. ڪي گهڙيون چڪر ڏيندي اتي گذريون ۽ پوءِ اڳتي قطب مينار ڏي وڌياسون. گهوڙو اهو ئي ٽتون هو پر هلڻ جو ڪونتل قطب مينار پريان ئي ڏسڻ ۾ پئي آيو. وڻي وڻي ڀانيوسين تہ دهليءَ وارا ڪوڙ ٿا ڳالهائين تہ ١١ ميل مفاصلو آهي. منارو اهو اکئين ٿو ڏسجي، آيو ڪي آيو مس ڪو ٤ـ ٥ ميل ۾ هوندو پر نہ پنڌ کٽي نہ جند ڇٽي. سنگ ميلن موجب پورا ١١ ميل هو. سبحان الله. اتي بہ ڪي معلم هوا جي اسان کي گهيري ويا. ٻڌايائون تہ قطب الدين ايبڪ جو ارادو هو تہ هتي هڪ شاندار مسجد تعمير ڪرايان ۽ ان کي ٻہ منارا هجن. هڪ تہ نهي راس ٿيو، باقي ٻيو جو اڃا تعميري ابتدائي مرحلي ۾ هو ۽ ڪجهه حصو نهي چڪو هو، سو رهجي ويو. اتي ڪيترائي ماڻهو دهليءَ جي مغليہ عمارتن ۽ قطب مناري جا ڪارڊ سائيز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فوٽا وڪري لاءِ کنيو ويٺا هوا. اسين اهي فوٽا استحجاب مان ڏسندا رهياسين ۽ هڪ هڪ سيٽ خريد بہ ڪيوسين. ان بعد مناري تي چڙهڻ لاءِ ڪمر ڪشي سين چڙهندي چڙهندي اپ ساهي وٺي ٿئي ويئي. ساهيون پٽيندا پٽيندا آخر اچي منزل مقصود تي پهتاسين. مناري جي چوٽيءَ واري پڄري پر اٿي بيهڻ سان ڏپ پيئي ورتو ۽ دماغ کي چڪر ٿئي آيا. بهرحال شوق جو ملهہ ڪونهي، ايا بيهي چوڌاري نظر ڊوڙائي سين تہ نئين دهلي پراڻي دهلي، جامع مسجد، قلعو ۽ شهر جو منظر جڻ ڪ پيرن هيٺان ٿئي نظر آيو. آسپاس خاص طور دهلي ۽ مناري جي وچ واري زمين تي ڪي ڳنون بينيون هيون جي ائين ٿئي نظر آيون، گويا ڪي ننڍڙيون ڪتيون هجن. آسپاس خاص طور دهلي ۽ مناري جي وچ واري زمين پر ڪيترائي قديم مقبره ڏسڻ پر پئي آيا پر اها ساري ١١ ميل زمين کنڊر ئي کنڊر هئي. اسان کي ٻڌايو ويو تہ دهليءَ جو اصلي شهر هن مناري تائين پکڙيل هو جو زماني جي دست برد کان فنا ٿي چڪو آهي. مون کي سنڌي ڪتاب جو بيت ياد آيو.

هنيلا! هوڏ پئي پلي ڪوٽ اڏاءِ،
خرچي خزانا تون ماڙيون محل بناءِ،
پٽ نہ مڙنڊءِ پٽ کي ايءَ هنئين سين لاءِ،
شاهہ زمان سان جاءِ، بيشڪ ڪنهن جي ناهہ ڪا.

وقت ٿورو ۽ ڏسڻ جو مواد گهڻو. جلد ئي هيٺ لٿاسين ۽ واپس ورياسين شام ٿي چڪي هئي جامع مسجد پر اچي مغرب جي نماز ادا ڪئي سين. مسجد جون چاڙهيون ۽ صحن ان جي وچ پر وضوءَ جو تلاءُ، گنبذ ۽ منارا ڏسي اسان جو تہ وات ڦاٽي ويو. بهرحال مغل شهنشاهن کي دعائون ڏيندي ۽ ان زماني جي تعميراتي فن کي داد ڏيندي، مسجد شريف جو ديدار ڪري ٻاهر آياسين. رات ٿي ڪجهہ رات جي وقت بہ شهر جو نظارو ڏسندا رهياسين. گهمي ڦري ۽ هوٽل پر آياسين ۽ آرام ڪيوسين ۽ ڏينهن جي ڏٺل وائٺل شين تي تبصرا ڪندي ننڊ کئي ويئي.

ٻئي ڏينهن صبح جو اٿياسين. ناشتہ وغيره ڪري خدا جي زمين تي پکڙي پياسين. پهريائين لعل قلعي پر آياسين. قلعي جو چپو چپو ڪري گهمياسين. آگره ۽ لاهور وارا قلعا اسان بعد پر ڏٺا هوا. انهنجي ملاحظ مان معلوم ٿيو تہ مغليہ شهنشاهن جا قلعاڪم و بيش هڪ ئي نوعيت جا هوا. هر ڪنهن پر ديوان عام، ديوان خاص، شيش محل، موتي مسجد، ٻُهرا ۽ حجرا هڪئي نموني جا هوا. دهليءَ جو قلعو جاڪاڻ تہ اسان پهريائين ڏٺو پئي، ان ڪري اسان کي وڌيڪ لطف اندوز ٿيڻو پيو. مغل شهنشاهن جي شان و شوڪت، عزت و عظمت، جلال ۽ ڪمال جا داستان جي تاريخ جي ڪتابن پر پڙهيا هواسين. هنن عظيم نشانن مان اکين جي آڏو ڏسي رهيا هواسين ۽ انهن جو شان ساراهي رهيا هواسين. ڪو هندو پاڪ جو شاعر لندن

گهمڻ لاءِ ويو. هائيڊ پارڪ ۾ خصوصاً ۽ ٻين هنڌن تي عموماً جڏهن سفيد فام منڍمن جو ديدار نصيب ٿيس ۽ مغربي تهذيب جا ڪارناما ڏٺائين تڏهن چوڻ لڳو ته:

چلے کعبہ کو زاھد، ھم تو انگلستان دیکھیں گے
وہ دیکھے گھر خدا کا، ھم خدا کی شان دیکھیں گے

خير اسين به جتي ڪٿي خدا جي جوڙ ساراهيندا والهانه انداز ۾ پٽڪندا ٿئي رهياسين. هاڻي خيال آيو ته خواجه نظام الدين اولياءَ جي مزار مبارڪ جو درشن ڪجي ۽ درشن ڪري پرشن ٿجي. هيءُ بزرگ چوڻ ۾ ٿئي آيو ته ان وقت جي خواجه حسن نظاميءَ جو جد امجد هو. خواجه حسن نظامي رسالہ منادي ڪڍندو هو جنهن جو چندو فقط هڪ روپيو سال هو ۽ آءٌ شوق سان پڙهندو هوس. اهو روپيو فقط ٽپال خرچ هو ۽ رسالو مفت ملندو هو. "تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهہ ڪانهي ويل وهڻ جي، متان ٿئي اونداهہ پير نہ لهين پرينءَ جو." هلياسين خواجہ جي مزار طرف هڪ جاءِ تي پهتاسين. هڪ ننڍو دروازو هو. اسان کي زائرين ڏسي خدام (مجاور) ڦري آيا ان دروازي وٽ بوٽ لاهڻا پيا. مقبرو تہ اجا ڏسڻ ۾ ڪو نہ ٿئي آيو. سوڙهيون ۽ ڏکيون گهٽيون. هو اڳيان ۽ اسان پٺيان هلندا رهياسين. آخر ڪجهہ وروڪڙ ڏياري اسان کي آڻي مقبري جي اڳيان بيهاريائون. قبي جي هڪ پاسي کان چورس کوهہ وانگر تلاءُ هو. جنهن ۾ هيٺ تري ۾ پاڻي پيل هو. ان پاڻيءَ تائين پهچڻ لاءِ ڏاڪڙيون نهيل هيون. ميلي جي وقت ان ۾ تازه دم پاڻي پريندا هوا. اسان جي اتي پهچڻ وقت اهو پاڻي سائو ٿي ويو هو ۽ منجهانئس گهڻو وقت بيٺل پاڻيءَ ۾ جا بدبوءِ ٿيندي آهي سا زور سان اچي رهي هئي. خير اسان گنبذ ۾ اندر وڃي ختمو ڏنو ۽ دعا گهري ٻاهر آياسين تہ خدامن چيو تہ هن تلاءُ جي پاڻيءَ مان ڍڪ پيئو. جو هيءَ پاڻي هر مرض جي شفا آهي. مون کي سخت خار لڳا ۽ مون کيس تنبيهہ ڪئي، تہ هيءُ ڪنو پاڻي هزار مرض پيدا ڪندو. شفا ڇا جي هنن کي اها ڳالهہ ڏکي لڳي. پر اسان کي علي ڳڙهہ جو يونيفام پيل هو تنهن ڪري وڌيڪ ڪجهہ نہ سگهيا فقط ايترو چيائون تہ "آپ کیا فرماتے یھاں تو دن رات خواجہ کاں نور برستا ھے" ۽ مون چيو مان تہ "خوب سنایا او ھم نے سن لیا" ٻيا دوست ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳا ۽ هُو چپ ٿي ويا جو کين پنسن جي لالچ هئي. زيارت ڪري وارو ٿياسين. خدام کان پڇيم تہ مقبرو ڪيترو پري هو. اوهان اسان کان جتيون ڪٿي لهرايون ۽ اسان کي پيرين اگهاڙي آڻي اوهان اسان کي ڪيتري تڪليف ڏني. انهن مان هڪڙي چيو تہ هيءَ درگاهہ ۽ ان جي آسپاس وارو خطو هڪ پاڪ جاءِ آهي جتي شب روز نور ٿو وسي ۽ ادب جي تقاضا آهي جوتا لاٿا وڃن. مون ڪانئن پڇيو تہ هي گهٽين ۾ گهر ڏسجن ٿا سي ڪنهن جا آهن؟ هنن چيو تہ خدامن جا. مون سوال ڪيو تہ خدام هنن گهرن ۾ ٻارين ٻچين رهن ٿا يا اڪيلا. وراڻي ملي تہ ڪٽنبن سوڌا رهن ٿا. مون چيو تہ "خدام تو رات کے وقت جب نور

برستا هے اپنے عورتون سے بيوی اور خاوند کا حق ادا کرتے هونگے او ٹٹی او پيشاب بهی کرتے هونگے. اس وقت آپ کا ادب اور احترام کهاں هوتا هے؟" دوست وري به کلڻ لڳا. خادم پڇيو "جناب آپ کهاں سے تشريف لائے هيں؟" مون چيو "سندھ سے" هن چيو ته "سندھ کے باشندے تو وليون کی بهت عزت کرتے هيں" خير هن هيس بيس ۾ هلندي هلندي اچي جوتن واري در وٽ پهتاسين. آنو آنو ڏيئي گروي رکيل بوٽ ڇڏاياسين ۽ پير ۽ جوراب ڇنڊي ڇنڊي بوٽن ۾ وڌاسين سڳا ٻڌاسين ۽ خادمن کي چڱي خاصي خرچي ڏيئي اجازت ورتي سين.

"ٻي ڪا ڏسڻ جي لائق جاءِ آهي" اهو سوال پڇڻ تي هڪ دهلويءَ ٻڌايو ته شهنشاھ همايون جو مقبرو ڏسڻ جي لائق آهي جو ضرور ڏسو" هن کي شڪريه چئي ايڪي ۾ چڙهي همايون جي مقبري ڏي وياسين. اتي به هڪ خادم گڏيو جنهن مرحبا ڪئي ۽ اسان کي سارو مقبرو گهماياڻين مقبرو سادو هو. ڏک ڏاڍو ٿيو ته ڇا شهنشاھ همايون جا سندس مقبرو ختمو ڏنوسين. معلم ٻڌايو ته هي جي مقبري کي چوڏاري محراب ڏسو ٿا. سي اهڙي ترتيب سان ٺهيل آهن، جو انهن کي "ڀُول ڀلاڙي" چنبو آهي. هڪ محراب ۾ لڪي بيهبو ته پرسان لنگهندڙ ماڻهو هرگز ڏسي نه سگهندو. مون ڀول ڀلاڙيءَ جو ترجمو لڪلڪوٽي ڪيو ۽ چيوسين ته آزمودو وٺي ڏسون. مان هڪ محراب ۾ پاسو وٺي لڪي بيٺس. باقي چارئي دوست مون کي ڳولڻ لڳا. مون وٽان لنگهيو وڃن، پر مون کي ڏسي هرگز نه سگهن. آخر آءٌ ظاهر ٿيس. اهڙيءَ طرح هر هڪ لڪو ۽ ٻين ڳوليو پر هڪ ٻئي کي لهي نه سگهياسين. ڪاريگرن اهي محراب اهڙيءَ طرح ٺاهيا هوا جن جي فن جو هنن کي داد ڏنوسين. ڪجهه وقت وندر ڪئي سين ۽ آخر مقبره کان ٻاهر نڪتاسين بلڪل نزديڪ ٻيو هڪ قبو هو. جو چيائون ته صفدر جنگ جو آهي. بلڪل قريب هو. ان ڪري اتي به وڃي ختمو ڏنوسين. نهايت سادو قبو هو. مگر ڪجهه ماضي کي ياد ٿئي ڪيوسين ته اکيون پرنم ٿي ويئون ۽ مون حيرت جو هڪ شعر پڙهيو.

حيرت نظاره آخر بن گئين رعنائياں،
خاک کے ذرون ميں آئی هيں پهنائياں.

دل تي ڪجهه ڏک ۽ ملال جو بار کڻي موٽي دهلي شهر ۾ آياسين ۽ اوڳن ائن وانگر هيڏي هوڏي نهاريندا گهمندا رهياسين. منهنجي اها ئي چال "بے ڈهنگی, جو پهلے تهی وه اب بهی هے" ڪٿي ڪو اشتهاري دوا فروش تقرير ڪندو ڏسان ته حلقي ۾ بيهي رهان ۽ ڪٿي ڪو بازيگر ڏسان ته ان حلقي ۾ ٺورو ئي وقت پر لينو پائي ڏسان ضرور. دوست ڪاوڙجن پر مان انهن کي جوان ته سنڌي ڪتاب ۾ "اکيون کولي هل". "وڃايل اٺ" وارا سبق توهان نه پڙهيا هوا ڇا؟ ڏسڻ کپي ته ڇا پيو ٿئي. ٺهلندي ٺهلندي شام ٿي. ٻي ارادي بازار حسن

۾ پهچي وياسين. منهنجي نظر هڪ ماڙيءَ جي دريءَ ڏي کڄي ويئي، ڇا ڏسان ته هڪ مه جبين سيمين تن دريءَ مان نهاري رهي آهي. هن کي پيشانيءَ تي هڪ جهومر لٽڪيل هو. جنهن کي اسين ساديءَ سنڌي ۾ بينسر چوندا آهيون. مون هڪ پنهنجي دوست جو نالو نٿو وٺان کي ٺونٺ هنئي. هن پنهنجي نظر مٿي ڪئي. پوءِ ته سيني اسان کي پانهي ورتو ۽ نظرون دريءَ ڏي کنيائون. هوءَ پري ڇهرو ته هڪ جهلڪ ڏيکاري اندر هلي ويئي. مون چيو ته هيلي هلو ته مار نه کائون. مگر منهنجي دوست چيو ته ٿورو ترسون من وري دريءَ کان منهن ڪڍي ته حمل جو بيت ياد آيم

دريءَ ڪنون اڪ درس وکا ڳني مه رخ ماهِ مثالي، بينسر والي،

حمل ڪون اڪ لحظي دي وچ ڪر ڳئي مست موالي بينسر والي.

اجا ان جهوري ۾ اٿ ٽڻ ۾ هواسين ته هڪ معتبر قسم جو ماڻهو جو اسان کي تاڙي رهيو هو سو ويجهو آيو ۽ اسان کي السلام عليڪم چيائين. سلام جو جواب سلام سان ڏنو. سچ چيو اٿن ته ”تاڑ ليتے هيں تاڑنے والے“ هن شخص اسان کان حال احوال پڇيو. اسان ٻڌايس ته اسين علي ڳڙهه جا طلباءِ آهيون. هن تمام زور سان اسان جي مرحبا ڪئي. آخر پنهنجي مدعا ظاهر ڪيائين. چوڻ لڳو ته اها حسينه مغنيه آهي. دهليءَ جي بهترين طوائف. دوست مون کان پڇڻ لڳا ته اسماعيل هيءَ مغنيه ڇا آهي؟ مون چيو ته ولايت جي ڪبر هتي مينا. اسان سنڌ ۾ چنون ڪيري ۽ هي چون مغنيه ۽ طوائف. هن چيو ته ڪجهه راڳ ٻڌڻ جو شوق ڪريو ته مون سان هلو. اسان جا مهمان آهيو. اهڙو ته چالاڪيءَ سان ڳالهائڻ لڳو. جو اسان کي اتان ڇُرڻ جي واهه نه ٿئي. سنڌيءَ ۾ صلاح ڪئي سين. مون چيو ته هيلي اهو ڪم چڱو نه آهي. پر ٻيا چارئي ستگتي يڪ زبان چون لڳا ته دهليءَ جون ڳائيون مشهور آهن راڳ جو لطف به وٺي ڏسون. ايتري ۾ هن کي مٿي سڏ ٿيو ”معاف کيجئے دو منٹ ميں حاضر هوتا هوں“ چئي ويو. منهنجي دوست چيو ته ڪهڙي ترتيب ڪجي جو هوءَ وري هڪ دفعو دريءَ کان منهن ڪڍي. مون کي هڪ شعر ياد آيو ۽ نه ڦهه چئي ڏنم ته:

ناز نينے ديدم اندر غرفئه،

مه جبينے عشوه چينے طرفئه.

حيلئه بايد برائے ديدنش،

خنده، يا گريئه يا سُرفئه.

ادا، يا زور سان ٽهڪ ڏيئي کل، يا زور سان اوڇنگارون ڏئي رؤ يا کنگهڪار شروع ڪر. ٻيو ته ڪو حيلو وسيلو ڪونهي. سيني ٽهڪ ڏيئي کلياسين. پير اتيئي ڄمي ويا، سيني چيو ته ۵ـ۵ روپيا قربان آهن راڳ ضرور ٻڌنداسين. ايتري ۾ همراه به اچي ويو. اسان جي يارن تي

مسمريزم جو اثر ٿي ويو. هُو اڳيان اسين پنيان هُو عامل اسين معمول. ماڙيءَ تي چڙهندي لڳ ڪاندارجن. هڪ عمدو قالين وڇايل هو. پيڪدان رکيا هوا. نيڪ ڏين لاءِ خوشنما گاديلا موجود. بت بنجي وياسين. مغنيہ دهليءَ جي تهذيب موجب چئن آگرين لوڏڻ سان سلام ۽ آداب بجا آندو. خوش آمديد چئي "بہت خوشی ہوئی آپ سی ملاقات کرکے" اسان مان سڀني جي زبان تي مهر سڪوت ثبت ٿي ويئي. ڪير نہ ڳالهائي مون وڏي جرائت کان ڪم ورتو پر چوان ڇا؟ اچانڪ زبان تي هي لفظ اچي ويا "آپ کی ذرہ نوازی ہے" بس پوءِ ڪجھ نہ چيم. سارنگي ۽ ڍڪڙن وارا ويهي ويا ساز و سرود شروع ٿيو. ۲ـ غزل بڌايائين ناز ۽ آواز غضب جو هوس. عمر ۾ هيءُ پهريون تجربو هو. ڪو بہ نہ ڪڇي. مون البت دل ۾ خيال ڪيو تہ وڃڻ کان پوءِ هو ڇا چوندا تہ هي سنڌي تہ ڪي گونگا هوا. ان ڪري همت ٻڌي چوندو رهيس "واہ واہ سبحان الله کیا خوب وغیرہ" اهي ڪلما مشاعرن مان سکيو هوس. وڌيڪ ڪجھ آيو بہ ڪو نہ ٿئي جو چوان. راڳ پورو ٿيو. هٿن سان پان ناهي هر هڪ کي ڏيندي ويئي. ائين پيا پانيو تہ پان نہ آهي ڪو آسمان مان من سلويٰ لٿو آهي. هڪ ٻئي کي اک هڻي سين. ۵ روپيا هر هڪ ڪڍي مغنيہ جي پيش ڪيا. جا شڪريہ سان وٺندي ويئي. اٿياسين. اجازت گهري سين. هن سلام ڪيو. هڪ دوست ڪن ۾ چيو تہ نالو تہ پڇينس. مون هن کان نالو پڇيو. "آپ کا اسم شریف" هن وراڻيو "جہان آرا" ابانوت ڻرن نڪتاسين ٻاهر.

هيٺ لهڻ کانپوءِ کلڻ ڳالهائڻ جهڙا ٿياسين. مون چيو واہ واہ اچهي آيا "شوقي شير، ڪارو منهن نيرا پير" اهو هڪ دوست جو ڏري گهٽ مفتون ۽ مجنون ٿي چڪو هو سو ڪاوڙجي ويو. مون کي چيائين تہ "تون انسان ني ناهين" ڪا پٿر جي دل اٿئي. منهنجي صلاح آهي تہ اڄ رات بہ دهليءَ ۾ رهي پئون ۽ سڀاڻي وري بہ هن جو راڳ ٻڌون. اوهان پيسو بہ نہ ڏجو ويهہ رپيا آءٌ ڏيندس. مون سان هن يار جي گهرائي هئي سو مون پادر ۾ هٽ وڌو. چيومانس تہ احمق اڄ رات واريءَ گاڏيءَ ۾ هلڻو آهي سڀاڻي ضرور حاضر ٿيڻو آهي. ڪنسيشن ۾ بہ اجوڪي تاريخ باقي آهي. هيءُ پڻ اچي عاشق مزاج پيدا ٿيو آهي. سڌو ٿي هل تہ پادر نہ کائين. خير هوٽل ۾ ماني کاڌي سين. ساجهر ئي اسٽيشن تي آياسين. گاڏيءَ ۾ چڙهياسين پر ساري رات جهان آرا پئي ياد آئي. صبحءَ جو سج ڪافي مٿي چڙهيو سو. اچي علي ڳڙھ پهتاسين. پاڻ ۾ وعدو ڪيوسين تہ ڳالھ ڪنهن سان نہ ڪنداسين ڪجھ ڏينهن تہ ڳالھ راز ۾ رهي پر هن دوست کي جو نرڙي ڪڪڙ وانگر وائي آنو هو سو نيٺ اسان سڀني کي خوار ڪيائين. الله تعاليٰ مرحوم کي غريق رحمت ڪري. هن جون ڳالهيون لکڻ جهڙيون هونديون هيون. سندس ڪيترا نڪتا ياد اٿم. بيان ڪريان تہ بحرستان نهي پوي. مون کي دوست چوڻ لڳا تہ "اسماعيل تون بہ وڃي آخر ڦاٿين" تہ مون چيو تہ مون کي پنهنجي هٺ جو نتيجو مليو آهي. مان پاڻ کي پارسا

سمجهندو هوس ۽ پنهنجي پاڪبازيءَ جو دم هڻندو هوس. تنهن ڪري مون ۾ غرور اچي ويو هو. تنهن ڪري اهو گناهہ جو ڪم ڪيم. ۽ هڪ شعر پڙهيم.

خود پرستی خدا نہ بنجائے،
احتياطاً گناهہ کرتا هون.

باقي آگره ۽ فتح پور سڪريءَ جي ڏسڻ جو شوق هو ان لاءِ انتظار ڪندا رهياسين تہ ڪڏهن ٿي قسمت ٿئي ۽ تاج جو ديدار نصيب ٿئي. في الحال تہ پڙهڻ ڪي جنبي وياسين. وطن کان دور جنهن مقصد سان آيا هواسون ان کي مقدم رکيوسين ۽ ڪتابن کي خوب پڙهيوسين بلڪ ڪتاب چٽي ڇڏياسين.

❑

فتح پور سڪري ۽ آگره (اڪبر آباد) جو سير

· **ڏيڍ** مهينو ڪن سير جي تڙپ رهي آخر "سامي سفر سنيريا" پاڻ ۾ ڪل اٺ ڄڻا هواسين. ڪنسيشن جو بلو ڪيوسين. ڪنسيشن ملي ۽ سندرا ساهياسين. اول آگره جو رخ ڪيوسين ۽ واپسيءَ ۾ فتح پور مان ٿيندا علي ڳڙهه آياسين. گهڻن ڏينهن جي سڪ پوري ٿي. الله تعالىٰ جو شڪرانو ڪيوسين. آگره لهي پهريائين هڪ طعام گاهه ۽ قيام گاهه تازي سين. سستي به ۽ سني نيڙ رکياسين، ڪجهه پيٽ جي پوجا ڪئيسن ۽ صلاح بيني ته اول تاج محل جو ديدار ڪجي هتي ٽانگا ڪياسين. جمنا جي پل عبور ڪري تاج جي فلڪ بوس دروازي تي لٿاسين. خادم ڦري آيا. خادمن ڪانسواءِ درحقيقت رهبريءَ لاءِ بيو ڪو ذريعو به ڪونهي. مقبري ڏي جو رستو ويو ٿئي ان ڪي سڄي ۽ ڪبي به فوٽ پاٽ ۽ فٽ پاڻن جي لڳو لڳ سرو جي وڻن جون سرسبز قطارون، وچ ۾ پر آب شفا نهر جنهن ۾ فوهارن جي سڌي قطار. زبان تي سبحان جو ورد هو. هلي اچي مقبري جي ٿلهي کي پهتاسين. سنگ مرمر ڪانسواءِ ٻي ڪا به شيءِ ڏسڻ ۾ نه ٿئي آئي. ۴_۵ چاڙهيون چڙهي ٿلهي تي قدم رکيوسين. ٿلهي جي پوري وچ تي مهاراڻي ممتاز محل جي تربت مٿان مقبرو يعني تاج محمل جو گنبذ. ٿلهي جي چئني ڪنڊن تي منارا. جن جي ڏسڻ سان دل و دماغ ۾ ڇا ٿئي وهيو واپريو. ان جو بيان منهنجي طاقت قلم کان گهڻو مٿي آهي. فقط بچشم خود ڏسڻ سان ڳالهه تعلق رکي ٿي. قلم ڪي لکڻ جي ۽ زبان کي بيان جي قوت ڪٿان اچي. پهلوءَ ۾ دل نه رهي ۽ سر ۾ مغز نه هو. دل و دماغ جي ڪيفيت اها هئي جو:

مرا دردست اندر دل اگر گويم زبان سوزد.
وگر دم درکشم ترسم مغز استخوان سوزد.

لبن تي سڪوت ۽ مُهر خاموشي هئي، اکين جا تارا ڪوڻن ۾ ڦري رهيا هوا. بت بنيا اهو سڀ ڪجهه ڏسندا ۽ ٻڌندا ٿئي رهياسين. جو معلم ٻڌائيندو ٿئي ويو. اندر مقبري ۾ گهڙياسين. هڪ پوري ٻني سنگ مرمر جي ٿلهي تي به تربتون هڪ ٻني جي پرسان. سنگ مرمر پٿر قرآني آيات سان مزين. سنگ مرمر جي پڃري اندر ۽ هڪ سنگ مرمرجي ڄڻيءَ هينيان شهنشاه شاهجهان ۽ سندس پياري راڻي، جن جو ذڪر تاريخ ۾ پڙهيو هوسين. اهي ياد آيا. هي مزارات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيشڪ هَڪ خاوند ۽ بيبيءَ جي عشق و محبت جو داستان ياد ڏياري رهيون هيون. نهايت ادب ۽ احترام، خضوع ۽ خشوعءَ سان فاتحا پڙهي سين ۽ منارن جي چئني طرفن کان ڦيرو ڪري باهر نڪتاسين. سفيد گنبذ، سفيد ديوارون، سفيد مزارات، سفيدٿلهو، سفيد منارا، مطلب ته هر شيءِ سفيديءَ جي سبب پاڪيزه نظر پئي آئي. ساري عمارت ۾ ايڏا وڏا ڀاري سنگ مر مر جا پٿر ڪاريگرن ايترو متي ڪيئن چاڙهيا هوندا. جڏهن ان وقت مشيني دور نه هو. حيرت ۽ استعجاب جو مقام هو. ايڏن وڏن پٿرن جو جڙاءُ يا اوساري اهڙي ڪيل هئي، جو ايامن جي گذرڻ بعد ائين پئي معلوم ٿيو. گويا مقبرو اڄ تيار ڪري راس ڪيو ويو آهي. نه سيمينٽ هئي نه نيرُو هو پٿر هڪ ٻئي سان اهڙيءَ طرح ته منسلڪ ٿيل هوا، جو ڳنڍ جو نشان به مشڪل ٿي نظر آيو. معلم ٻڌايو ته هن ٿلهي جو فرش تي سنوت جو اندازو اوهان هن مان لڳائي سگهندا. ائين چئي هڪ ٺامي جو نڪو (ان وقت جو سڪو) کيسي مان ڪڍيو ۽ ان کي ايو ڪناري پر فرش تي ٻن آڱرين جي زور سان هلايائين ۽ اسان کي چيائين ته غور سان ڏسو ته هيءُ نڪو هلي پيو مگر ڪري نه ٿو. اها ثابتي آهي هن مرمرين فرش جي سنوت جي. اسان پاڻ آزمائي ڏٺو ۽ نتيجو واضح هو. آخر هر هڪ مناري کي هٿ لاهي ڇهڻ جي خواهش ٿي. ائين ڪندا وياسين اتر طرف جي ٻن ڪنڊن وارن منارن وٽ بيهي نظر ڪئي سين ته جمنا نديءَ ۾ تاج محمل جو عڪس پئي پيو ۽ ان وقت جي نديءَ ۾ هلڪيون لهرون لڳي رهيون هيون. تن ۾ گويا سجو گنبذ رقصان هو. معلم ٻڌايو ته تاج محل جي رونق الڳ الڳ وقتن تي نرالي هوندي آهي، اسين سمجهي نه سگهياسين ته ڇا ٿو چوي. هن ٻڌايو ته هن وقت ڪڇا پيهر آهن. تاج محل ڏي نظر ڪريو، ته اوهان کي برف وانگر نظر ايندو. ٺاڪ منجهند جو جڏهن تيز اُس هوندي آهي، ان وقت اوهان کي چانديءَ جو نظارو بخشيندو. چانڊوڪي رات ۾ سندس نظارو ڪير جهڙو معلوم ٿيندو آهي. مون معلم کان استفسار ڪندي پڇيو ته. هيءَ ٿلهو ته ڪيترو نه مٿي اوچائيءَ تي آهي ۽ هن ۾ قبرون ڪيئن ڪوٺي ٿيون سگهجن. ان تي معلم جواب ڏنو ته اصل قبرون گهٽو هيٺ هڪ ته خاني ۾ آهن، جن تائين وڃڻ لاءِ هڪ دري آهي ۽ سيڙهي آهي. هي مٿيون قبرون بلڪل انهن جي مٿان پوريءَ جاءِ تي مصنوعي تعمير آهي. اهو ٻڌي مون کي اطمينان ٿيو ۽ معلم کي چيم ته براءِ نوازش اسان کي هيٺ اصلي تربتن تائين وٺي هل. هن وراڻيو ته اهو منهنجي وس ۾ نه آهي. مضبوط تالو لڳل آهي ۽ اهڙي اجازت ناهي.

ٿلهي تان هيٺ لهڻ بعد، هن اسان کي مسجد شريف جا الهندي طرف کان هئي، ۽ خانقاه جا ايرندي طرف کان هئي ڏيکاريون ٻئي عمارتون هوبهو. هڪ جهڙيون ڳاڙهي پٿر جون هيون. مسجد جو محراب الهندي ۽ خانقاه جو محراب ايرندي هو. مسجد جي محراب ۾ هڪ پٿر نصب ٿيل هو، جنهن ۾ ٻڌايائين ته غور سان ڏسو هن پٿر ۾ سڄي تاج محل جو عڪس پوي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلڪل اهڙيءَ طرح جيئن آرسي يا آئيني ۾ شڪل ڏسجي. جاچي ڏٺوسين ته واقعي تاج محل جو پاڇو ان تي مڪمل طرح پيو ٿئي. عجب وڻي ويو ته هيءَ آئينه مثل پٿر ڪهڙو آهي؟ ان بعد ڪجهه قبرون جي وڏي دروازي وٽ هيون سي به غور سان ڏٺيوسين. دروازي وٽ بيهي هڪ دفعو تاج تي نظر ڪئي سين ۽ ان جي رعنائين جو نظارو ڪيوسين.

حيرت نظاره آخر بن گئين رعنائيان،
خاک کے ذروں میں آئی نظر گلزاریاں.

هيءُ شعر دل تي تري آيو. خداوند تعاليٰ جي ذات اقدس جو يقين پختو ٿيو ۽ ايمان تازو ٿيو. وڃڻ وقت منهنجي دل ائين پئي چيو ته جيڪر تاج جي آسپاس قبر لاءِ چار گز زمين ملي ته هوند حياتي لکي ڏيان. هڪ شعر ياد آيو.

مقرر کرده امر درد ازین درگه تخواهم رفت،
سراینجا سجده اینجا بندگی اینجا قرار اینجا.

آخر ٿڏا شوڪارا پريندي قلعي ڏي رخ رکيوسين. دهليءَ کان پوءِ هيءُ ٻيو قلعو هو جو اسان جي ديدار جو سامان بڻيو. مون اڳئي ذڪر ڪيو آهي ته مغليه شهنشاهن جا قلعا اڪثر ساڳئي پيٽرن نموني جا آهن. قلعي ۾ اسان کي وڌيڪ به شيون ڏسڻ ۾ آيون. معلم هوشيار هو. هو اسان کي شيش محل ۾ وٺي ويو جو اندران سڄو آئيني جهڙين ڪاچ جي ٽُڪن سان جڙيل هو. اندر لنگهڻ سان اسان پنهنجون شڪليون هزارين انهن ٽڪن ۾ ڏسندا رهياسين. هاٿي معلم هڪ شخص کي سڏ ڪيو جو شايد خاص شيش محل جو نگهبان هو. هن اسانکي هڪ طرف بيهاري هڪ ڪنڊي ۾ مصالح وجهي ان ۾ تيلي هٽي ٻاريو مصالح ڳاڙهو هو اهڙي ته جهرمر لڳي ويئي جو جا بيان ڪجي ائين پئي ڏسڻ ۾ آيو. ته لعلون ۽ ياقوت مڙهيل هوا.

وري ڳاڙهي روشني بند ڪري، سائي جوت جاڳايائين ۽ پايوسين ته چوڌاري سچا زمرد آهن. اهڙيءَ طرح نيلي ۽ پيلي روشني ٻاريائين ۽ اسان کي نيلم ۽ پکراج جو نظارو ڏسڻ ۾ آيو. معلم چيو ته شهنشاهه مغليه جي زماني ۾ شيش محل اندر هن طرح جوت جا جدا جدا رنگ روشن ڪيا ويندا هوا. سبحان الله مغل حاڪمن ڪهڙي نه بادشاهي ڪئي. افسوس اڄ اهي ڪٿي آهن. وقت هر دور مٽائيندو ٿو رهي: واقعي شاهه زمان سان ڪنهن جي به هلي نه ٿي سگهي.

الله رب العزت جي جلال ۽ ڪبريائي کان ڪنبدا ٻاهر نڪتاسين. بهرحال قلعي جون تمام عمارات هڪ هڪ ڪري معلمُ اسان کي گهمايون ۽ انهن بابت ڪجهه نه ڪجهه تاريخي احوال به ٻڌائيندو ويو. هيءَ معلم تمام هوشيار ۽ پڙهيل هو ۽ ائين پئي جاتم ته جڻ شاهان، مغليه جي تاريخ جو ماهر هو. خدا کيس خوش رکي. هتان هُتان گهمائي ڦيرائي اسان کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوڌبائيءَ جي محلات ڏانهن وني آيو. هيءَ محلات ننديي پر نهايت خوبصورت هئي. سڄي ستونن (ٿنڀن) تي بيهاريل هئي. جوڌبائي شهنشاهه اڪبر جي راڻي هئي، جنهن سان سندس نهايت گهڻي محبت هئي. ان بابت معلم اسان کي ڪيترين ئي ڪهاڻيون ٻڌايون. جن جي لکڻ جي هتي گنجائش نه آهي. اسان کي هڪ سرنگهه ڏيکاريائين، جا ڏسي اسان کي خاص طور تي تعجب ٿيو.

اها سرنگهه جوڌبائيءَ جي محل کان نڪري زير زمين وڃي جمنا جي ڪناري تي پهتي ٿي. جوڌبائي چون ٿا ته روزانو جمنا پوڄا پاٺ لاءِ انهيءَ سرنگهه مان ايندي ويندي هئي. دنيا جا بادشاهه سي به مغل شهنشاهن جي تعميراتي فن کي نهايت پسند ڪندا هوا. هي قلعا هي مسجدون هي مقبرا جي سندن دور حڪومت ۾ تعمير ٿيا. سي ان ڳالهه تي گواهي ڏين ٿا ۽ زبان حال سان چئي رهيا آهن ته واقعي شاهه جهان کي محلات اڏائيندڙ چو چوندا هوا. قصو مختصر قلعو گهمي موٽياسين. ڏينهن جو ڪافي حصو گذري ويو. شيش محل واري ملازم ۽ پنهنجي هن معلم کي ڪافي رقم ڏيئي خوش ڪيوسين. هاٽي پنهنجي قيام گاهه تي آياسين طعام تناول ڪيوسين، ماني سادي هئي، ليڪن بک خوب لڳل هئي. ان ڪري مانيءَ مان ڏاڍو لطف آيو. چوندا آهن ته:

ڪوفته را نان تهي ڪوفته است

آگري کي خوب چڪر ڏناسين ۽ هن قديم شهر جي گهمڻ جو چڱو لطف ورتوسين. ٻئي ڏينهن صبح جو فتح پور سڪريءَ ڏي روانا ٿياسين.

فتح پور به آئي. سر زمين تي قدم رکيوسين. اول اول شهنشاه اڪبر اعظم جي مزار تي وياسين. هتي جو خادم به چڱو باخبر هو. هن اسان کي مقبرو چڱيءَ طرح گهمايو ۽ شهنشاهه جي ڪارنامن بابت ڪيتراني داستان ٻڌايائين، جنهن جي لکڻ جي هتي ضرور محسوس نٿو ڪريان، ورنه به ئي صفحا ٻيا به هن سوانح حيات جي جلد ۾ اضافي ٿيندا. ختمو درود ڏيئي شيخ سليم چشتيءَ جي مزار مبارڪ تي آياسين، هن بزرگ لاءِ چيو ٿئي ويو ته هو شيخ فريد شڪر گنج جو پوٽو هو. شهنشاهه اڪبر سندن وڏن معتقدن مان هو. شهزادي سليم جو نالو سليم به هن بزرگ جي نالي پٺيان رکيو هوائين، جو پوءِ شهنشاهه جهانگير ٿيو. شيخ سليم جي گنبذ ۽ مزار تي سپ (صدف) جي نڪرن جو جڙاءُ ڪيل هو. جنهن جي ڏسڻ سان يڪبار وري به اسان کي ان وقت جي هنر مند ڪاريگرن جو خيال آيو. ۽ بي ساخته آفرين ۽ تحسين جا نعرا بلند ڪياسين. سپ به اهڙي جرڪندڙ هئي، جنهن جي ڏسڻ سان حيراني وٺي ٿئي ويئي. اڄ ڪلهه جي سپ به ڏسون پيا. ڪُجا ڪَچن ۽ ڪوڏن جي موجوده زماني واري ڪوڙي سپ ۽ ڪُجا اها سپ جا شيخ سليم جي مقبري کي روشن ڪيو بيٺي هئي. نقش و نگار به اهڙو ته هو.

جنهن جو بيان لکڻ منهنجي قلم کي طاقت نہ آهي. ختمو ڏيئي دعا گهري ۽ پوءِ بلند دروازي ۽ جامع مسجد جي زيارت ڪئي سين. بلند دروازي ۽ مسجد جو جا شان بيان ڪجي ”در بيان هرگز نہ گنجند انگشت حيرت دردهان نيم درون نيم برون“ هئي.

آخر اهي سڀ شيون ڏسي ۽ بين ڪيترين مزارات تي جو قطعا لکيل هوا خصوصاً پارسي زبان ۾ سي پڙهندا ڪجھ سمجهندا ڪجھ نظر انداز ڪندا واپس علي ڳڙھ جي واٽ ورتي سين.

آمديم برسر مطلب – هن سفر مون ۾ هڪ قسم جو اونهون غم پيدا ڪيو. ڪجھ ڏينهن تہ ڪا بہ ڳالھ نہ ٿئي وٽي. ڪجھ دوست سير سياحت جو حال احوال پڇڻ لاءِ خاص طور مون وٽ گهڻو ٿئي آيا. جو مون کي پنهنجي دوستن کان قوت بيان جي خاص سبقت حاصل ڪئي هئي. اهو سڀ الله جو ڪرم هو. قوت گويائي ئي آهي جنهن انسان کي بين تمام ساهوارن کان متميز ڪيو آهي. مگر منهنجي زبان جيڪي ڏنو هوم. ان اثر کان اهڙي تہ متاثر ٿي هئي. جو زبان کولي نہ سگهان ۽ ڪجھ نہ ڪچان. دوستن کي فقط ايترو پيو چوان تہ بين کان پڇو مون کي ڇڏي ڏيو. هُو چون چو چريو ٿي پيو آهين ڇا؟ مان جواب ۾ چوندو رهيس تہ ها ها چريو ٿي پيو آهيان منهنجي پچر ڇڏيو. سڀ ٿهڪ ڏيئي چوڻ لڳا تہ ماٺهو آهين مسخرو آهين. آگري مان ڪنهن ديو جو پاڇو پيو اٿيئي ڇا؟ يار بيهجو تہ همراھ جو دماغ ٺڪاڻي اچي هينئر هوش ۾ نہ آهي. چيم تہ يار نہ ڪو چريو ٿيو آهيان نہ ڪو ديو جو پاڇو پيو اٿم. اوهان کي سڀ ڪجھ بڌائيندس پر في الحال مون کي معافي ڏيو. مون کي طبيعت تي هن وقت قلق آهي ۽ درد جا دونهان دکي رهيا آهن. هيترو اثر مون اگ ڪڏهن بہ نہ ورتو آهي. جهڙو هن دفعي. ۽ شعر پڙهيم.

درد سے واقف نہ تھے، غم سے شناسائی نہ تھی،
چوٹ وہ کھائی ہے دل پر، جو کبھی کھائی نہ تھی.

چوندا آهن تہ ”چنان قحط افتاد اندر دمشق کہ ياران فراموش کردند عشق“ تہ امتحان بہ وڏي مصيبت آهن. امتحان اچي ڪنڌ تي پيو پڙهڻ ۾ رات ڏينهن گذرندو پيو هو. گاسليٽ جون ٽيبل لئمپون. اليڪٽرڪ جو ان وقت نالو نشان بہ ڪو نہ هو. وٽ وٺان ٿي وئي، گذريل سالن جا سوالي پيپر گڏ ڪياسين انهن کي حل ڪرڻ ۾ جنبي وياسين. هڪ ديسان دور ڏيهان پري اهو خيال دل پيو ڏاري تہ هيترو وطن کان دور رهي اگر ناپاس ٿياسين تہ پتڪار جني، شهنشاهان مغليہ جا مقبرا ۽ سير سياحت جون ڳالهيون لوح دل تان رفتہ فتہ محو ٿيڻ لڳيون. عام طرح چوٽي آهي تہ پنڻ کان پڙهڻ ياد نتو اچي. پر اسان جو حال ان جي برعڪس هو. يعني پڙهڻ کان رلڻ پنڻ ياد نہ پيو اچي. ڪتابن کي خوب رنيوسين. باقي ڏيڊ مهينو اچي بچيو. سنڌ مان ڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايڪسٽرنل اميدوار به آيا مون کي اڳ ۾ ئي هڪ اڻ واقف هستيءَ خط لکيو ته آءٌ اچان ٿو ۽ اوهان جو مهمان آهيان اها اڻ واقف هستي مرحوم فتح محمد قريشي هو. جو ان وقت سنڌ مدرسة الاسلام ۾ اسسٽنٽ ماسٽر هو. موصوف ڊي. جي سنڌ ڪاليج مينارام هاسٽل ۾ ويو. مرحوم حافظ محمد صادق سان مليو هو ان کان پڇيائين ته علي ڳڙهه ۾ ڪو ڄڳو شاگرد واقف اٿيئي؟ مان وٽي رهيو آهيان. ان ڏي خط تعارف جو لکي ڏي. حافظ صاحب چيس ته مان اهڙي ماٺهو جو نالو ٿو ٻڌايانءِ جو ڪنهن به تعارف کي ڪو نه ڏسي. اوهان خط لکوس ته اچان ٿو خبردار! مرحوم قريشيءَ چيو ته سچ ٿو چوين. حافظ صاحب چيو ته بلڪل . مرحوم مون کي خط لکيو. سنڌس خوش خطي سون ۾ مڙهڻ جهڙي. خط جو مضمون سهڻو ۽ ڏاڍو پيارو. خط پڙهي نهايت مسرت ٿي. انتظار ڪندو رهيس. ايڪسٽرنل شاگرد انٽر لاءِ فقط ٻه آيا. هڪ اميرالدين جوڻيجو جو پنهنجي ياءُ مسٽر محمد يوسف جوڻيجي وٽ اچي رهيو هو ۽ ٻيو مسٽر قريشي جو مون وٽ اچي رهيو ۽ مون سندس يائرن کان به وڌيڪ خدمت ڪئي ۽ سنڌس لحاظ رکيو. هڪ ٻئي کي ملڻ سان ئي گهاٽي ياراڻي قائم ٿي ويئي. ڪائڻ پيئڻ گڏ، اٿڻ وهڻ گڏ گهمڻ ڦرڻ گڏ ۽ پڙهڻ به رات ڏينهن گڏ. مرحوم مون کان ته گهڻو بلڪ تمام گهڻو هوشيار هو. ساڻس گڏ پڙهڻ مان مون کي گهڻو فائدو رسيو. آخر امتحان اچي ليڪو پاتو. سوالي پيپر رنگين هوا. ڳاڙها، ساوا، پيلا مٿان علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ جو مونو گرام وچ ۾ کجيءَ جي وڻ سان. جهڙو بيج ۾ نشان هوندو هو. پراڻا يار مون کي نوڪڻ لڳا ته اڳيان ويا وسري ۽ پويان لڳا مصري. مون چيو مان مسٽر فتح محمد مصري ته چا پر ماکي کان به مٺو آهي. وڏي ڳالهه ته انگريزيءَ ۾ ڏاڍو هوشيار آهي. ٻي اي جي امتحان ۾ ويهي ته اتي به ڪامياب ٿي وڃي، مگر قانون ماتحت کيس انٽر ضرور پهريائين پاس ڪرڻو آهي. خير اسان جو وقت ڏاڍو محبت سان گذريو حقيقي سڄڻ يائرن وانگر ڪتاب ڪڇي هاسٽل جيءَ شور شرر کان نڪري ٻاهر هليا ويندا هواسين ۽ ڪنهن نه ڪنهن ڏورانهين لان تي وڃي ويهي پڙهندا هواسين. ڪڏهن ڪڏهن ماني به وسري ويندي هئي ۽ ڪنهن ٽي شاپ ۾ چانهه تي ئي گذر ڪري وري اچي. ڪتابن کي ونندا هواسين. مغرب مهل بهرحال هاسٽل ۾ موٽڻو پوندو هو. ۽ رات جو چار چونڪ يارن سان ڳالهيون ڪري تازگي ونندا هواسين ۽ وري لوڪ لقاءُ سُتي اسان ۽ ڪتاب.

ماشا الله دير ڪانه لڳي. وقت خواب وانگر گذري ويو. امتحان شروع ٿيو پيپر ڏيئي ايندا هواسين پوءِ سوال سوال ڪري ان جو جائزو ونندا هواسين پاڻ کي پاڻهي مرڪون ڏيندا هواسين. امتحان پورو ٿيو. پاڻ کي اڳيئي پاس ڪري ڇڏيو هوسين دل دماغ اکينءِ بدن جا ٿڪ لهي ويا. ڪچهريون گرم ٿيون ٽهڪڙا شروع ٿيا. امتحان جي موڪل ۾ اجا ڪجهه ڏهاڙا هوا پر اسان تي ڏينهن ڏينهن گران گذري رهيو هو. صلاح ڪري پرنسپال صاحب وٽ وياسين ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسين دور افتاده آهيون. موڪل ۾ باقي ٨_ ١٠ ڏينهن آهن. اهي ڏينهن اسان کي اڳواٽ ڇڏيو. موصوف فوراً قبول ڪيو. مسٽر قريشيءَ کي ٻه ٻه ٽي ڏينهن ترسائي ڇڏيم. ته گڏجي سنڌ ڏي هلنداسين ۽ واٽ تي لاهور ۽ امرتسر ضرور ڏسنداسين. مرحوم ترسي پيو. ڪنسيشن ورتيسون جا فوراً مليا. قريشي صاحب کي اڌ ٽڪيٽ جو فائدو پيو. هو صاحب ڪم خرچ ۽ بالانشين ته اڳيئي هو پر ترسيو رڳو منهنجي رشتهءِ پيار ڪري هو. جو اسان قائم ڪري ورتو هو. هُو نوڪريءَ وارو هو ۽ جيترو جلد ٿي سگهيو اوترو جلد وڃڻ ٿي گهريائين. مون کان موڪل گهريائين ته مون انڪار ڪيو ۽ چيومانس ته جيڪڏهن وڃڻ تي اصرار ڪندا ته "بس اب آپ تشريف لے جايے. گذرني جو هوگى گذر جائيگى. طبيعت پر هوگا قلق چند روز ٹهرتے ٹهرتے ٹهر جائيگى" هن شعر يار کي ليٽائي رکيو. اردوءَ ۾ وڏو قابل هو. علي ڳڙهه ۾ رهيو به ڪو نه فقط ڪراچيءَ ۾ رهيو هو جتي مڪرانين ۽ گجراتين واري اردو ڳالهائي ويندي هئي. مون کي حيرت ونندي هئي ته مرحوم ههڙي فصيح اردو ڪٿان سکيو. هبڪي هبڪي پڇيومانس. چيائين اردو ڪتابن پڙهڻ مان ئي سکيو آهيان ۽ سنڌ مدرسي جي اردو ماسترن سان ڳالهائيندي چڱي اردو سکي ويو آهيان. خاص طور اردو ماسترن گهٽ هئڻ سبب مون کي اردو درجي چوٿين پڙهائڻ لاءِ مليو. جنهن هيڪاريءِ سون تي سهاڳي جو ڪم ڏنو. مون محنت ڪئي ۽ اردو ڳالهائڻ خواهه لکڻ تي چڱو ملڪو حاصل ٿي ويو.

ٽيڙ گول ڪياسون. ڪٿا منجهه قرار هوا هيڪاندا سنگ ۾ ڳاهي ڳاهه فراق جي ڪيا ڏارون ڏار. نه جاٽان پيهار ڪير ملندا ڪن سان. ڳوٺ لاءِ ڪا شيءِ شڪل به چيوسين ته لاهور مان وننداسون. آخر "لهور دى گڈى وچ" چڙهياسين ۽ سج ابري سنئون ٿيو ته لاهور جي اسٽيشن تي وارد ٿياسين. اسٽيشن ڏسي اکيون چرخ ٿي ويئون. نارٿ ويسٽرن ريلوي تي وڏي ۾ وڏي هيڊ ڪوارٽر اسٽيشن هئي. پليٽ فارمن جي ڳٽپ ڪندا رهياسين ته وري پلجي پئي پياسين. نيٺ ٻاهر نڪتاسين ٽانگن وارا ڪم بخت اهڙا جو سنڌي ته درڪنار اردو به نه پيا ڄاڻن. پنجابي ڪانسواءِ ٻيو ٿيو خير. قريشي صاحب جي هئڻ ڪري مون تان گهڻو بار لهي پيو ۽ قريشي صاحب کي منهن ۾ ڏنوسين. سامان ڪٺائي ٻاهر اچي ستيوسين ته ڪن هوٽلن جا دلال ڦري آيا. ننڍا ڪارڊ سندن هٿن ۾ هوا. جن تي هوٽل جو نالو لکيل هو سڀ ڪو پنهنجي هوٽل جي تعريف پيو ڪري. ڪجهه پنجابي ۾ ڪجهه پڳل ٽٽل اردو. هن ڪشمش ۾ منجهي پياسون. آخر بدقسمتيءَ ڪنيو ۽ هڪڙي سان هائو ڪئي سين. ٽانگا ڪري هن کي به ساڻس ڪنيوسين. لاهور پلا هن کان اڳ اسان جو ڏٺل ڪو نه هو. هُو ڪمبخت اسان کي وٺي درون قلع هڪڙي غليظ هوٽل ۾ وٺي آيو. هوٽل ته نه هئي هڪ نانوائيءَ جو دڪان هو. هينيان دڪان مٿان ٻه ڪوٺيون جن جي ڏني ڪراهت پئي آئي. ٽانگن وارا سامان لاهڻ لڳا صبر ڪانسواءِ ٻيو ڪو به چارو نه هو.

سامان ڪٽائي مٿي ڪيوسين. هاڻي پڇڻ آيا ماني لاءِ. ماني کائڻ کان انڪار ڪيوسين. خاص طور جو گوشت بہ ڳاڻو هو.ءِ اندرون قلعہ سکن جا ڪمپائونڊ. سوڙهيون جايون. هيٺ چتيون ۽ نندڙيون دريون. جاين کي ڏسي عجب ٿئي لڳو تہ ههڙي گرم ملڪ ۾ هنن جاين ۾ ڪيئن گذر ٿيندو هوندو! اهڙو ماحول ڏسي لاهور لاءِ اسان تي سٺو اثر نہ پيو. آخر قلعي کان ٻاهر آياسين. مال روڊ ڏٺوسين. نئون شهر منجهنس وڻڪار. لان صاف سٿرا رستا. ٽانگن جي ٽريفڪ ۽ موچاريون موچاريون هوٽلون ۽ واپار جا مرڪز نظر مان گذريا تڏهن وڃي اهو اثر لٿو.

ٽانگن ۾ چڙهياسين. راويءَ جي پل عبور ڪري شهنشاهہ جهانگيرُ جي مقبري تي آياسين. سبحان الله دل کي وري بہ غم ويڙهي ويو. جڏهن خادم ٻڌايو تہ مقبري جو چوگرد پٿين تي گلڪاري جا ڏسو ٿا. اها اصل ۾ قيمتي پٿرن جي هئي. مثلاً ساوا پن زمرد جا هوا. ڳاڙها گل لعلن جا. نيريون ڏانڊيون نيلم جون پيلا نرماد پکراج جا هوا. جي انگريزن ڪڍي ان جي جاءِ تي هي ڪوڙا شيشا لڳايا ۽ بهرحال صورت ساڳي قائم رهي. مزار تي فاتح پڙهي مٿي ڪڏ تي چڙهياسين ۽ چئن منارن مان هر هڪ وٽ بيهي لاهور جو غائرانہ ديدار ڪيوسين. آسپاس جا ساوا سرسبز لان گهمي، ميدان تي جو ڳاڙهين پڪل سرن جو فرش لڳل هو. جنهن تي طرحين طرحين ڊزائنون هيون. اهو ڏسي ڪاريگرن کي آفرين ڏنيسين. هاڻي نورجهان جي مقبري ڏي وياسين جا ريلوي لائين جي هن پار هئي. سنگ مرمر جي تعمير، پر نهايت سادي تربت ڏسي خداوند تعالىٰ جي جباريت ۽ غفاريت کي ساراهيوسين. نورجهان جي مزار بہ اصل هيٺ ٻُهري ۾ هئي، مگر هيٺ لهڻ نہ ڏنو ويو. فاتحا پڙهيسين ۽ واپس ورياسين. شاهي قلعي جو نمونو ساڳيو دهليءَ جي لعل قلعي ۽ آگري جي قلعي جهڙو هو. بهر صورت چپو چپو ڪري گهمياسين ۽ معلم کان خبرون ٻڌندا رهياسين. ديوان عام، ديوان خاص، موتي مسجد، شيش محل سڀ ڪجهہ غور سان ڏٺوسين. ڪافي وقت لڳي ويو. قلعي جو ديدار ڪري جامع مسجد ۾ آياسين. هڪ مناري تي بہ چڙهياسين ۽ اتان لاهور جو نظارو برلب راوي ڏسي دل بهار بهار پئي ٿي. ان بعد شهر ۾ آياسين. انارڪلي بازار جو هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين چڪر ڏنوسين. ميوزيم، چڙيا گهر ڏسي داتا گنج بخش جي مزار ڏي وياسين. ختمو دورد ڏنوسين. اتي ويجهو هڪ هوٽل ۾ ويهي ماني کاڌي سين ۽ ٿڪ ڀڳوسين. سيني جي دل چيو تہ لاهور کي چڱي طرح نہ ڏٺو اٿئون. هڪ ڏينهن وڌيڪ رهي پئون. ليڪن ڳوٺ جي سڪ بہ ڪا بلا جي سڪ آهي. ڇڪ لڳي پيئي هئي. جلد بازيءَ کان ڪم وٺڻ ضروري ٿي پيو. ٻئي ڏينهن امرتسر ۾ آياسين. اهو ان ڪري جو تحريڪ خلافت ۽ ڪانگريس جي وقت ۾ جنرل اوڊاير جيڪا جليانا والا باغ ۾ گولي هلائي هئي، ان خيال کان چيوسين تہ جليانا والا باغ بہ ڏسون.ءِ سکن جي سوني مندر جي تعريف ٻڌي هئي سين. ان جو بہ درشن ڪريون. اسان جي خيال ۾ تہ جليانا والا باغ ڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عاليشان باغ هوندو پر سر زمين تي وجڻ سان ڏٺوسين ته هڪ سوڙهي بازار جي وچ ۾ هڪ معمولي باغيچو هو. جنهن ۾ اندر هڪ کوهه نار سان عام ماڻهن جي پاڻي پرڻ لاءِ موجود هو ۽ ان جي ڏاڪڻي پٽ تي ٥_٦ نشان گولين جا هوا. جن کي ڪاري رنگ سان گول سرڪل ڪڍيل هوا. هتي ڪا ميٽنگ ٿي هئي، جنهن ۾ انگريزن جي خلاف تقريرون ڪيون ويون هيون ۽ هن انگريز جنرل جو دماغ خراب ٿي پيو ۽ گولي هلائڻ جو حڪم صادر ڪيو هوائين. جن ۾ ٨ _ ١٠ ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا ۽ ميٽنگ درهم برهم ٿي ويئي. خير، هتي تمام ٿورو وقت ترسياسين ۽ پوءِ سوني مندر ڏي رخ رکيوسين هڪ وڏو شفاف پاڻيءَ سان پريل تلاءُ هو. باهرينءَ وڏي گيٽ کان مندر تائين جو بلڪل تلاءُ جي وچ ۾ ٿنبن تي ٺهيل هو، ان وٽ رسڻ لاءِ گيٽ کان مندر تائين هڪ رستو ٿنين تي جُڙيل هو. جو نهايت شاندار هو. تلاءُ جي چئن پاسن کان سکن جون ماڙيون هيون ۽ تلاءُ تي اشنان ڪرڻ لاءِ عمديون چاڙهيون ٺهيل هيون. مندر کي سونو رنگ هو ۽ سونيون نيلون هيون. نهايت سهڻو هو. وچ ۾ هڪ ڪمرو هو جو گرد تجرون هيس. ڪمري ۾ هڪ طرف وڏي اسٽيج ٺهيل هئي. جتي گرنٿ صاحب رکيل هو ۽ هڪ وڏو مهنت (سک) سفيد ريش سان مورچل کڻيو گرنٿ صاحب، کي هٽي رهيو هو. پاسن کان قوال ويٺا هوا. جن گرنٿ صاحب جون باڻيون پئي پڙهيون ۽ گرونانڪ جا شبد پئي ڳايا. اسان جي حيرت جي حد نه رهي. جڏهن انهن باڻين ۽ گيتن ۾ رسول اڪرم ﷺ جي تعريف جا ڪيترائي گفتا بار بار پئي آيا. مهنت جي اڳيان پنسن ۽ ڏونگهين پتاشن ۽ خشڪ ميوي جا انبار لڳل هوا. جي هر هڪ نذرانه طور پئي رکيا. قوال ڏاڍا سريلا هوا ۽ انهن ۾ مسلمان قوال به هوا. ٿورو وقت راڳ ٻڌي پنتي موٽ ڪاڏي سين. حسين جميل سيم تن، سيمي بدن سکيون اشنان ڪري رهيون هيون.

اڪ نيت سان انهن کي ڏسندا رهياسين. پر بيهي نظارو ڪرڻ جي، موچڙن جي خوف اجازت نه ڏني. سکن جو مرڪز، سک ئي سک، سکن جي اوج جو هتي خوب نظارو هو. امرتسر نندو هو. بهرحال چڱي طرح گهمياسين ڦرياسين. ماني وري به اسٽيشن تي اچي کاڌي سين جتي سامان ليفٽ لگيج روم ۾ رکيو هوسين. هيءَ مختصر سفر هرگز وسرڻ جهڙو نه آهي. رات جو گاڏيءَ ۾ چڙهي نڪتاسين. سنڌ وٽن جي سڪاپلن کي سنڌ جي اڪير هئي. ڏٺل ڳالهين تي ويچار ۽ بحث ڪندا، نيندرا ديويءَ جي گود ۾ هليا وياسين. صبح ٿيو سنڌ اچي اکئين ڪئي سين. روهڙيءَ کان ڪٿو ڪٿو ٿيندا وياسين، آخري منزل اسان حيدرآباد وارن جي هئي. پنهنجي گهرين تڙين ٿياسين، ڪجهه ڏيهاڙا عليگڙهه جون ڳڻن پريون ڳالهيون ڪندا رهياسين. رزلٽ جو انتظار گرفت ڪندو ويو، علي ڳڙهه ۾ اهڙا ماڻهو به هوا. جن کي سيٽ نمبر ڏيئي آيا هواسين ۽ ان سان خرچي ۽ تار جو خرچ به سندن حوالي ڪري آيا هواسين، به ٽي خط انهن کي يادگيريءَ

لاءِ بہ لکياسين، مهيني ڏيڍ بعد رزلٽ جون تارون هرهڪ کي پهتون. الله پاڪ جا لکين شڪرانا، ڪل جا ڪل ڪامياب ٿياسين. قريشي فتح محمد مون کي تار ڪئي ۽ مون کيس جنهن ۾ هڪبئي کي مبارڪ ڏني سين. وقت گذرندو ويو. منهنجي حلقہ احباب چيو تہ هاڻي ڪراچي ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ جونيئر ۽ سينيئر بہ سال پڙهنداسين. علي گڙهہ جو تجربو ڪيوسين. ڪافي پري آهي. مٽن مائٽن دوستن عزيزن کان دور_ اهو ڏهاڳ ڪير ڏسي. بهرحال منهنجي تہ عادت هوندي هئي تہ جتي سنگتي ڪٽي بيهاريندا هوم، اتي هائو ڪري وهندو هوس. ۽ چوندو هوس تہ ادا، جيڪا ساڏن جي سا پنهنجن جي. همہ ياران دوزخ همہ ياران بهشت. آخر سنڌ ڪاليج ۾ داخلا وٺڻ جو پڪو پهہ پچايوسين ۽ ڪاليج کلڻ سان ڪراچيءَ کي اچي شرف بخشيوسين. جنهن جو بيان هن بعد ايندو.

واڳ ڏٽين وس، آءٌ ڪا پاڻ وهيٽي!

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ وارو زمانو

ڪاليجن جي بدل سدل ڪري اسانجا تقريباً ٦_٧ مهينا ضايع ٿيا. پر ليکي لُڪ ڪو نہ هو. جواني ديواني آهي، نہ هيءَ پرواه نہ هوءَ پرواه. جيئن "مزاج يار مين آئـے" دوستن گڏجي فيصلو ڪيو تہ سنڌ ڪاليج ڪراچي ۾ داخلا ونجي. آخر تعطيلات بعد ڪاليج کليو. اسين ٻئيهين ڏندين سلامت اچي ڪراچيءَ سهڙياسين. داخلائن جو طريقو بلڪل آسان هو ڪاليج ۾ ہ ڪلارڪ هوا. پهريون مسٽر ڊسوزا جو ڪرستان هو ۽ ٻيو مسٽر لمڪي جڪو پارسي هو. مسٽر ڊسوزا هيڊ ڪلارڪ هو. فارم ڀري ان سان ڏهہ رپيا "ڪاشن مني" ڏنيسون. ان سان گڏوگڏ مينارام هاسٽل ۾ درخواست سان گڏ ڏهہ روپيا ڪاشن مني ڏنيسون. هاسٽل ۾ ڪوني ورتيسون. مان، مسٽر پانڊياڻيءَ سان روم نمبر ٢٥ اترئين ونگ ۾ مقيم ٿيس. روم نمبر ٢٤ ۾، مسٽر عبداللطيف شيخ ۽ محمد پريل ٽانوري، ٢٦ روم ۾ مسٽر علي اڪبر ميمڻ ٢٧ ۾ جواد حسين شاهہ موسوي سڄي ونگ ڀرجي ويئي. اها ونگ پنئين طبقي جي هئي، هاسٽل ۾ هندن کان وڌيڪ مسلمان شاگرد هوا. ڪهڙن ڪهڙن دوستن سان نئي شناسائي ٿي، تن ڪيترن جا نالا لکي ڪيترن جا نالا لکان! قاضي فضل الله، ممتاز ڀٽي، مسٽر حافظ محمد صادق، نظر محمد ٽگڙ، محمد عثمان چانڊيو، علي احمد گهلو، عزيز الله ميمڻ، حبيب الله خشڪ، واجد علي شيخ، شيخ عبدالباقي، حيدر بخش جتوئي وغيره وغيره.

اسان جو پرنسيپال بلو ڪوڪر جو مصنف مسٽر سي ايس شهاڻي هو. وائيس پرنسيپال مسٽر ٻٽاڻي ۽ ديگر پروفيسر صاحبان مسٽر ڊيو آرٽ، ٽي ايم آڏواڻي، ايل ايچ اجواڻي، مسٽر ماڙيوالا، ڪي ايل شيخ، ايم يو ملڪاڻي، پروفيسر محمد قريشي (عربي) مسٽر ڊيو آرٽ (فرينچ) پروفيسر لاگو وغيره وغيره هوا. فارسي انٽر تائين مسٽر سليمان صفوي وٺندو هو ۽ بي اي لاءِ ڊاڪٽر گربخشاڻي مقرر ٿيل هو. جو پي ايچ ڊي لاءِ ولايت هو ۽ جلدئي اچڻ وارو هو. هيءُ سال ٢٩_١٩٢٨ع وارو هو. ڊائننگ ڪلب ٺاهياسين. ڪچن (بورچيخانہ) الاٽ ٿيا. مسلمان شاگردن جا ڪل ٽي ڪلب هوا. اسان جي ڪلب جو مئنيجر مسٽر محمد پريل ٽانوريءَ کي مقرر ڪيوسين، ماني چڱي ملندي هئي. صبح جو ناشتي تي سيون، بيضو يا مغز ۽ ماني ۽ چانهہ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منجهند جو ٻوڙ گوشت مڇي، منڊي يا جيرانڊي (ڪليجي) ۽ ڪا نه ڪا مٺي ڊش، ڪڏهن پيني جو حلوو، ڪڏهن سوجيءَ جو سيرو ۽ ڪڏهن کيرٽي وغيره. رات جو اڪثر چانور سڳداسي، قيمي يا پٽاٽن جون ٽڪيون، يا ڪا نه ڪا پالڪ، ڀاڄي، پينڊي، توري، آچر ڏينهن رات جي ماني نه ٿيندي هئي ۽ باقي منجهند جو ٻوڙ پلاءُ، چاشني ۽ ميوو ملندو هو. ان هوندي به خرچ ماهانه ارڙهن ويهه روپيا ايندو هو. ان وقت ۾ اهو خرچ تمام گهڻو چيو ويندو هو. مسٽر نانوري جيتوڻيڪ گهڻي ڪفايت ڪئي ٿي. مگر ان هوندي به ڪلب جا ڪي ميمبر مٿس ناراض هوندا هوا.

ميٺارام ڪانسواءِ ۾ ٻيون به اقامت گاهون هيون جهڙوڪ ريواچند هاسٽل ۽ شيوا ڪنج هاسٽل. شيوا ڪنج هاسٽل ۾ فقط وئشنو ڪاڌو ڪائيندا هوا. جيڪڏهن ڪو نان وئيشنو رهايو ويندو هو، ته اهو به اتي وئيشنو ڪاڌو کائيندو هو.مڇي ماس رڌڻ جي منع هوندي هئي. اسان جو هڪ ٻروچ يار مسٽر غلام الله لغاري اچي ٿو هن هاسٽل ۾ مقيم ٿيو. سو دال ڪائي ڪائي ريخ سان پرجي پيو. لاچار اچي اسان جي ڪلب ۾ ڪنهن نه ڪنهن ميمبر جو پيڊ مهمان ٿي گوشت مان چڙهه ڪندو هو. مينا رام هاسٽل سيني ۾ اعلىٰ درجي جي بلڊنگ هئي ۽ هئي به ڪاليج بلڊنگ جي آمهون سامهون ان وقت ڪراچي ميوزيم به اجا ڪاليج بلڊنگ ۾ ئي هو. جو پوءِ وري برنس گارڊن جي هڪ چيڙي تي عاليشان گنبذ واريءَ بلڊنگ ۾ منتقل ڪيو ويو. جا خاص ميوزيم لاءِ نهرائي ويئي هئي ۽ ڪاليج جي تنگي دور ڪرڻي هئي. ڪاليج بلڊنگ جي هڪ ونگ ۾ گرائونڊ فلورتي هڪ هال هو. جنهن کي ليڪچر ٿيٽر ڪوٺيو ويندو هو جنهن ۾ ميٽنگون، مجلسون، مشاعرا، ڊرامه ۽ ليڪچر ٿيندا هوا. اسان واري زماني ۾ هڪ دفعي مولانا محمد علي جوهر ۽ سندس برادر بزرگ مولانا شوڪت علي تشريف فرما ٿيا. مون کي ياد آهي ته جڏهن مسٽر بوناٽي اتي استقباليه تقرير ڪئي. تڏهن هن مولانا شوڪت علي کي تمام گهڻو ساراهيو. يعني مولانا محمد عليءَ کان گهڻو وڌيڪ. مولانا محمد علي جڏهن اٿيو تڏهن چيائين ته سچ چيو اٿن ته "سگ باش برادر، خرد ماش" ڏاڍايون تاڙيون وڄيون. مولانا ابوالڪلام بابت ته ٻڌندا هواسين ته سندس قادر الڪلامي بي نظير آهي. مگر مولانا محمد عليءَ کي ٻڌي اسين ته سڀ انگشت بدندان بنجي وياسين. ائين پئي سمجهيو ويو ته انگريزي زبان ته جائي هن وٽ آهي. هڪ طرف سندس انگريزي وسيع ۽ ٻئي طرف ايترو آسان جو اسين هن کي حرف به حرف سمجهي پئي سگهياسين. سبحان الله!

ٻئي هڪ دفعي مهاتما گانڌي آيو. اهو ئي لوڙهو مٿو، پنا اُگهاڙا، هڪ ٿلهي ڪاڏي جي ڪپڙي جو لنگوٽو ٻڌل ۽ پيرن ۾ چمپل. هڪ فقير ماڻهو اچي اسٽيج تي ڪرسي والاري. ڏسي عجب پئي ورتو. جڏهن تقرير ڪرڻ اٿيو ته ائين پيو ڳالهائي جيئن هڪ ٻار ٻين سان ڳالهائي. والله

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌس بزرگيءَ ۾ ڪو بہ شڪ ڪو نہ هو. هڪ فقيرتن ماڻهو بيشڪ مهاتما هو. هن باري ۾ وڌيڪ لکڻ ڪان قاصر آهيان.

هڪ دفعي ڪنور ڀڳت آيو. چيائون پريات ڦيري ٿيندي ۽ ڀڳت پرياتي راڳ ڳائيندو. صبح جو سوير فجر نماز پڙهي ليڪچر ٿيٽر ۾ آياسين تہ ڀڳت ڪنور اڳيئي پهچي چڪو هو. جڏهن ڳائڻ شروع ڪيائين، تڏهن ڪن تي هٿ پئي رکيائين. صبح جو پريات وقت. سنڌس آواز ۾ ميناج ۽ دل اٿاريندڙ آلاپ، سنڌس اکيون پوريل ۽ ائين پئي سمجهيوسين تہ سارو سنڌس جسم هڪ نيڪيءَ ۽ صداقت جي تصوير آهي. جيڪي ڳايائين ٿي، ان ۾ گهڻو تڻو شاهہ جو ڪلام هو. ڪي بيا ٻچن بہ ٻڌايائين جن جي اپٽار هتي نٿو ڪريان. پر ايترو ضرور چوندس جڏهن وراڻيءَ ۾ "هي رام" ٿي چيائين تہ سيرون پئي وڌائين.

هڪ موقعي تي بہ گويا آيا جي ان وقت جا مشهور گويا هوا. هڪ ٻائي چيلو ٻنيالي والا ۽ ٻيو آغا فيض محمد فريد آبادي. ٻائي چيلي کي مارواڙي طرز جو هڪ ڳاڙهو پٽڪو ٻڌل هو ۽ آغا فيض فريد آبادي کي مشهدي لونگي ڪلي (ڪلاه) تي ٻڌل هئي. ڏڪڙ ساز سارنگيون، ۽ وڄت وارا پنهنجا ساڻ هئن. ٻائي چيلي پنهنجو مشهور راڳ مالڪوس ٻڌايو

درس سے واقف نہ تھے غم سے شناسائی نہ تھی،
چوٹ وہ کھائی ھے دل پہ، جو کبھی کھائی نہ تھی.

ان ڪانسواءِ بيا بہ بہ ٽي گانا ٻڌايائين، جن جو ذڪر ڪرڻ لاءِ هتي گنجائش نہ آهي. ان ڪانپوءِ آغا فيض ميدان تي آيو سنڌس بہ گانا ١_ "گلا ڪاٹو نازک بدن دھیرے دھیرے" ۽ ٻيو "ادھر آؤ آواز ذرا سن لو ھماری بات کوٹھے پہ". "لاجواب هوا. ڻاهو ٻرائي چڏيائين يا چنجي تہ "وڻ توري چڏيائين." هن ڪاليج ۾ ڪو ايڊيوڪيشن هئي. ڇوڪريون بہ شريڪ محفل هيون. جن کي اڳيان ويهڻ لاءِ ڪرسيون مليل هيون. ويچاريون لڄائين پيئون ۽ ساڙهين جي پلون سان ڪل کي روڪڻ لاءِ پنهنجا مک پئي ڍڪيائون. ساري هال ۾ شاگردن جون نظرون شاگرديائين ۾ هيون. خود آغا فيض محمد مست ٿي ويو. قوالن جا پلتا ۽ بين گوين جا پلتا، هينئر بہ ٻڌندا ٽا رهون. ليڪن آئون ڇا بيان ڪريان هنن گوين جي سرگمن ۽ پلٽن ۾ جو ميناج هو ۽ اسان ٻارن کي جن جو ڪلاسيڪي راڳ سان ڪڏهن واسطو نہ پيو هو، تن جي بہ دل وني وڌائون ۽ چاهيوسين پئي تہ پلٽن ۾ جو حلق جو آواز ٿئي ڪيائون سو جاري رکندا اچن تہ بهتر.

المختصر تہ انهن محفلن ڪانسواءِ جيڪي ڊبيٽون ۽ ليڪچر ۽ ڊراما ٿيندا هوا. تن جو بيان طويل ٿي ويندو ان ڪري وڌيڪ لکڻ ڪان قلم روڪيان ٿو. منهنجي وقت ۾ اسان جي سرسوتي گروپ جا مشاعره تہ اڪثر و بيشتر ٿيندا هوا. جي اڪثر طرحي هوندا هوا. بهرحال

ڪي غير طرحي بہ منعقد ڪيا ويندا هوا. جن ۾ اسان مسلم شاگردن مان مسٽر حيدر بخش جتوئي ۽ مان بهرو وٺندا هواسين. ڪڏهن ڪڏهن حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ کي بہ صدارت لاءِ گهرائيندا هواسين. هڪ وڏو مشاعره جو قابل ذڪر آهي. ان بابت ڪجهہ لکڻ ضروري ٿو سمجهان. اهو شايد سال ١٩٢٩ع ۾ ٿيو. جنهن ۾ مرزا قليچ بيگ مرحوم کي صدارت لاءِ استدعا ڪئي هوئيسين. هن بزرگ هستيءَ اسان کي نااميد نہ ڪيو ۽ بنفس نفيس تشريف فرما ٿيا مشاعري ۾ رونق مچي وئي. مون مرزا مرحوم کي زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ڏٺو هو. سندس پاڪيزه شخصيت ۽ نوراني چهري جو ڇا ذڪر ڪريان. سراپا بزرگ هو. مشاعرو غير طرحي هو. مگر ان لاءِ مضمون مقرر ڪيل هو. تہ هر شاعر شاهہ عبداللطيف تي نظم لکي، ڇو تہ مشاعرو منعقد ئي ان لاءِ ڪيو ويو هو. جو شاهہ صاحب جي ورسي ملهائي رهيا هواسين. آءٌ شاعرن جي صف ۾ شمار ٿيڻ ڪري اسٽيج تي ٻين شاعرن سان ويٺل هوس ۽ سو بہ مرزا مرحوم جي بالڪل قريب پرسان. جڏهن مشاعرو شروع ٿيو ۽ لطيف تي نظم پڙهيا ويا تہ پاڻ خوشي کان مرڪندا رهيا. سندن لبن مبارڪ تي هڪ حسين مرڪ جڻ بجليءَ ڪيرائي ٿي. وڏي، منهنجو وارو بہ آيو ۽ مون هڪ ننڍڙو نظم پڙهيو. مون شعر پورو ڪيو تہ نہ ڄاڻان مرزا صاحب مرحوم کي ڪهڙو خيال آيو. جو منهنجي پٺي ٺپريائين جو مان بلڪل سندن پير ۾ ويهي شعر پڙهي رهيو هوس. منهنجي پٺي ٺپريائون تہ خوشيءَ کان تاڙيون وڄي ويون. مان ذري گهٽ خوشيءَ کان بيهوش ٿيڻ تي ويس، سمجهہ ۾ نٿي آيم، تہ منهنجو شعر ڪهڙو سادڙو ۽ هيءَ نوازش چہ معنيٰ دارد؟ خير وڃي پنهنجي جاءِ تي وينس. وري ٻين اشعار پڙهيا. پڇاڙيءَ ۾ پاڻ اٿيا ۽ پنهنجو هڪ طويل شعر پڙهيائون. منهنجي خوشيءَ جي ڪا بہ انتها نہ رهي. جڏهن مرزا صاحب جن جو شعر ساڳئي، بحر، وزن قافيہ ۽ رديف تي هو. جنهن تي مون جوڙيو هو. اتي مون کي سندن شفقت جو راز معلوم ٿيو.

جڏهن مرزا صاحب جن پنهنجو ڪلام پڙهيو، تہ مان ڏاڍو شرمندو ٿيس ۽ چيم تہ "چہ نسبت خاک را بہ عالم پاک" بهرحال مشاعرو ختم ٿيو. مرزا صاحب جن کي وڪٽوريا گاڏيءَ تائين ڇڏڻ وياسين. مون کي سندس مهربانيءَ جو پنن تي ڦيريل هٿ اڃا نٿو وسري ۽ هينئر بہ تصور ڪريان ٿو تہ پانيان ٿو تہ سندس هٿ مبارڪ منهنجي پٺيءَ تي نقش ٿيو پيو آهي.

پروفيسر ايچ ايم گربخشاڻي فارسيءَ جو معلم، ان وقت ڊاڪٽوريٽ جي ڊگريءَ لاءِ ويل هو ۽ جلد ئي واپس اچڻ وارو هو. مون پرشن آنرس ڪورس کنيو هو. اُن ڪري خاص طور سندس اچڻ جو انتظار هيم. سندس تعريف ٻڌي هئي سين، خصوصاً جو هو مسلمان شاگردن ڏي گهڻو مائل هو ۽ سندس هر مرحله تي مدد ڪندو هو. اهو ئي سبب هو جو مسلمان شاگرد ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ کي گهڻو عزت ۽ محبت سان ڏسندا هوا. ٿوري گهڻين ڏينهن ڊاڪٽر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گربخشاڻيءَ جي آمد ٿي. اسين سڀ سنڌس مرحبا ۽ آجيان لاءِ ڪيامازي وياسين. ڪيس هارن سان جهنجهي چڏيوسين. هن کي هڪ شاندار پارٽي ڏيڻ جو انتظام ڪيوسين. پروفيسر شاهاڻي (پرنسپال) بہ رٽائر ڪرڻ وارو هو تنهن ڪري ٻنهي کي مدعو ڪيوسين. ڪاليج جا پروفيسر، مکيہ شاگرد ۽ شهر جون چند معزز هستيون بہ گهرايونسين. ميرايوب خان بارايٽ لا کي صدارت سونپيسون. ڊاڪٽر صاحب چارج ورتي ۽ ان بعد ٻن ٽن ڏينهن بعد پارٽي ٿي. مون تي دوستن زور ڀريو تہ هڪ مرحبائي شعر لک. جو مون ڪين لکي پيش ڪيو. جنهن کي مونئي ڪاغذ تي باڊر سان نهايت سهڻي نموني ۾ ڇپايو ويو ۽ حاضرين مجلس جي هٿن ۾ ان جي هڪ هڪ ڪاپي ڏني وئي. پروفيسر پرنسپال شاهاڻي چارج اڳيني پروفيسر ٻناڻيءَ کي ڏيئي ڇڏي هئي. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي اچڻ تي هن صاحب موصوف ۽ ٻناڻي صاحب جي درميان پرنسپال جي عهدن لاءِ ڪشمڪش شروع ٿي ۽ سندن تلخي پاڻ ۾ وڌي وئي ۽ آخر گهڻي تنازع بعد بورڊ پروفيسر ٻناڻيءَ کي سينيئر جاتي، سندس حق ۾ فيصلو ڏنو. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ کي هڪ قسم جو شاق پهتو، ليڪن جيڪي ٿيڻو هو سو ٿيو ۽ کيس خاموش رهڻو پيو. ڊاڪٽر صاحب اسان جا پرشن ڪلاس پنهنجي خاص روم ۾ وٺندو هو. اسين فقط اٺ ڄڻا هواسين جن ۾ آنرس ڪورس فقط مون کنيو هو. پارسي ڪتابن جي پري خريد ڪرڻي پئي، جن کي خريدي مون کي بيحد خوشي محسوس پئي ٿي. ڪتاب جملہ هينيان هوا.

(۱) ڪيميائي سعادت	غزالي
(۲) تاريخ جهان ڪشائي	قادري
(۳) چهار مقالہ	نظامي عروضي
(۴) شاهنامہ فردوسي	
(۵) مثنوي مولانا رومي	
(٦) سڪندرنامہ	نظامي گنجوي
(۷) قصائد قاآني	حبيب الرحمان شيرازي
(۸) اسرار خودي	علامہ اقبال
(۹) رموز بيخودي	علامہ اقبال

چار ڪتاب نثر جا ۽ پنج ڪتاب نظم جا. بهرحال جن آنرس نہ کنيا هوا، انهن لاءِ ڪتاب گهٽ هوا. معني مطلب، ترجمو وغيره سڀ ڪجهہ انگريزي زبان ۾ ٿيندو هو. ڊاڪٽر گربخشاڻي واقعي فارسيءَ جو گوهر ناياب هو. سندس پڙهائڻ جو ڍنگ دلپذير ۽ دلنشين هو.

مون کي تہ ڏاڍو مزو ايندو هو. حالانڪ ٻيا دوست فارسي کڻڻ ڪري پڇتائڻ لڳا. جي وڏو بوجهہ سر تي کنيوسين مٿي ذڪر ڪيل شعر جي ڪري ڊاڪٽر صاحب موصوف جي

مون سان گهڻي دل هئي ۽ مون ڏي هو توجهه ڪندو هو.

ڪجهه وقت گذريو ته ڪاليج يونين پروفيسر ٻناٽي کي پرنسيپال ٿيڻ تي مبارڪ باد ڏيڻ لاءِ هڪ وڏي شاندار پارٽيءَ جو اهتمام ڪيو. ڪاليج بلڊنگ جي پٺ کان اوول (بيضوي) لان هوندو هو. لان تي پارٽي ڏيڻ جو فيصلو ٿيو. مون کي مسٽر تيرٿ سياڻي جو اسان جي يونين جو جنرل سيڪريٽري هو. ان چيو ته "مسٽر عرساڻي، هڪ شعر ٻناٽي صاحب جن جي شان ۾ لکو. مگر ڊاڪٽر صاحب وارو شعر رکو نالي جي سنڌي هئي ورنه گهڻو فارسي هو. هن دفعي سنڌي ڪجهه سليس لکو: مون ڪليو ۽ حاضر ڇيم. روم ۾ آيس ۽ تشويشن ۾ پئجي ويس. ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ پروفيسر ٻناٽي هڪ ٻئي سان نهيل ڪو نه هوا. دوستن به چيو ته جيڪڏهن شعر پڙهندين ته ڊاڪٽر جي نظرن ۾ ڪري پوندين. ان ڪري سنڌس قرب ۽ شفقت نه وڃاءِ. باهه ۽ پاڻي جي وچ ۾ اچي ويس. نٿو لکان ته خوامخواه سنگدلي ۽ بيجا روش جو مرتڪب ٿو ٿيان. جي لکان ٿو ته ڊاڪٽر موصوف ناراض ٿيندو. آخر سوچيم. ۽ وري وري سوچيم. دل گواهي ڏني ته آخر پرنسيپال ٻناٽيءَ مون سان ڪهڙي بدسلوڪي ڪئي آهي. هو به هڪ لائق انسان هو ۽ مون کي عزت سان ڏسندو هو. جيڪڏهن نه لکندس ته سڄي ڪاليج ۾ شاگردن، پروفيسرن ۽ ٻين جي درميان ڏنو ٿيندس. ٻئي طرف فقط هڪ ڊاڪٽر صاحب ناراض ٿيندو. جنهن کي راضي ڪري سگهندس چو ته هو صاحب اهڙي طبيعت جو مالڪ نه هو. جيئن منهنجي دوستن تصور ڪيو هو. بسم الله ڪري شعر لکيم وقت ٿورو هو. اهو شعر هڪ عيد ڪارڊ جي نموني چوپڙيءَ ۾ ڇاپيو ويو ۽ ان کي ريشمي ربين سان مزين ڪيو ويو ۽ موقعي تي هر هڪ جي هٿ ۾ هڪ هڪ ڪاپي ڏني ويئي. مون اڳئي اعتراف ڪيو آهي ته مان ڪو اعليٰ شاعر نه هوس مگر شاعريءَ جي تهمت مون تي لڳي چڪي هئي، لهاذا جيڪي دل و دماغ ۾ آيم سو لکي وجي پار پيس. چونڪ اهو پڙهڻو مون کي ئي هو. ان ڪري ان جو دوُر ڪيم. اها شام به آئي، لان کي نهايت خوبصورتيءَ سان سجايو ويو هو. گذجاڻي ٿي، شعر پڙهيم. واه واه ٿي. خصوصاً مون پرنسيپال ٻناٽيءَ کي هڪ شعر ۾ "هير" ڪري ڪوٺيو. ان رنگ لاتو_ تاڙين جو ڦهڪو ۽ ٺهڪڙو مچي ويو. خود پرنسيپال ٻناٽي پاڻ کلي رهيو هو. ڊاڪٽر صاحب هن محفل ۾ شريڪ ڪو نه ٿيو. جنهن ڪري مون اهو شعر ڏاڍي ڍنگ سان پڙهيو. هونءَ جيڪر ڊاڪٽر صاحب جن جي حاضريءَ ۾ ضرور گهبرايان ها.

هن شعر ته مون کي ڪاليج جي شاگردن، پروفيسرن ۽ پرنسيپال صاحب جي نظرن ۾ پيارو بنايو ته ٻئي طرف ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب جي متعلق دل ۾ جيڪو ڪجهه ڪنڪو پيدا ٿيل هو، سو به لهي ويو. ان وقت ڊاڪٽر صاحب موصوف شاهه جي رسالي جي غالباً ٽين جلد جو ڪم شروع ڪيو هو ۽ آءٌ سندس چڱو مددگار هوس. مسٽر پانڌياڻي صاف اکر لکي پريس

ڪاپي تيار ڪندو هو ۽ آءٌ پاڻ بارهين ڪمر تي هوندو هوس. ۽ ناري، عمرڪوٽ ۽ هنگورني ۽ بين ڳوٺن ۾ وڃي ڊاڪٽر صاحب جا ڏنل لفظ ڪٽي ويندو هوس ۽ انهن جون صحيح معنائون دريافت ڪري ايندو هوس. محمد هاشم هاليپوٽو نالي هڪ بزرگ هنگورني ۾ هوندو هو. جو شاهه جي رسالي ۾ خاص طور ٿري الفاظ جو مشهور ڄاڻو. هو ان ڪان مون کي چڱي مدد ملندي هئي. ورت، ڪُوس، پوڻ، لُنب، وينگس ۽ ٻيا ڪيئي لفظ هن ڪان پڇي ايندو هوس ۽ ڊاڪٽر صاحب کي ٻڌائيندو هوس. پارسيءَ ۾ واحد هوشيار شاگرد هوس ۽ ڊاڪٽر صاحب هوشيار شاگردن تي خاص مهربان هوندو هو.

اسان جي ڪاليج جي، ڊي جي سنڌ ڪاليج مسيلني شايع ٿيندي هئي، جنهن ۾ منهنجا اشعار ۽ مضامين ڇپيا هوا. ڪيترا دوست مون ڪان شعر ۽ مضمون لکائي پنهنجي نالي ڇپرائيندا هوا ۽ آنون ڏاڍو خوش ٿيندو هوس. تہ ڪم از ڪم ڪن مسلمانن شاگردن جا مضامين تہ مسيلنيءَ ۾ درج ٿيا، ورنہ اڪثر مضامين هندو شاگردن جا هوندا هوا.

وقت گذرندو ويو بي اي جي ٽنين سال يعني جونيئر بي_ اي جو امتحان لوڪل ورتو ويندو هو ۽ جونيئر سينيئر ٻن سالن جو امتحان پڇاڙي ۾ گڏ يونيورسٽي وٺندي هئي. انگريزيءَ ۾ هنن ٻن سالن ۾ اسان شيڪسپيئر جا ٻہ ڊرامہ هڪ سمبيلائين ۽ ٻيو هئمليٽ پڙهيا ۽ هڪ ڪئنڊيڊ جارج برناڊشاهہ جو ماڊرن ڊرامہ اسان کي پڙهايو ويو. هنن ڊرامن مون ۾ ڊرامي لکڻ جو اشتياق پيدا ڪيو. قصائد قاني جنهن جي شروعات هن طرح ٿي ٿئي.

دوشم ندا رسيد ز درگاهہ کبريا،
کہ اے بنده کبر بهتر ازين عجز باريا.
دانی مرا خبير خلاف تو آشکار
دانی مرا بصير خطائے تو برملا.

قصائد قآني جي مان جا تعريف ڪريان، پڙهڻ سان تعلق آهي. سندن قصيدن مان مون کي شعر چوڻ لاءِ قافيہ جي وڏي مدد ملندي هئي. ٻڌندو هوس تہ ديوان حافظ پڙهڻ سان ڪن ماڻهن تي ديوانگيءَ جو اثر ٿي ويندو آهي. مون تي فارسي ادب ۽ شعر پڙهڻ ڪري ديوانگي تہ بفضلِ خدا غالب ئي ڪا نہ ٿي، پر فرزانگي بہ ڪا نہ آئي. طبيعت سودائي ضرور ٿي پيئي. ڪمبختيءَ منهن ڪڍيو. پڙهڻ تي شوق گهٽجي ويم. شعر و شاعري ۽ مضمون نگاريءَ تي وقت حد ڪان وڌيڪ گهڻو صرف ٿيڻ لڳو. هڪ دفعي اٺ روپيہ کيسي ۾ هوم. رستي هلندي هڪ هڪ روپيو ڪري فقيرن کي ڏيندو ويس ۽ هٿين خالي هاسٽل ۾ موٽي آيس ۽ پنهنجي ضرورت في الحال دوستن کي اوڌر وٺي پوري ڪيم. جيستائين اسڪالرشپ ملي ۽ ڳوٺان مني آرڊر آيو. اجايا سجايا خيال دل و دماغ تي اچڻ لڳا تہ هيءَ دنيا فاني آهي، پڙهي نوڪريون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ڇا ڪبو. خدا کي ياد ڪجي. فقيري اختيار ڪجي وغيره وغيره. اهڙا خيال وڪوڙي ويا نماز تهجد ۽ عبادت تي زور رکيم. اڇي اُجري ڪپڙي جو خيال ۽ خوشبوءِ مکڻ جي عادت موڪلائي ويئي. طبيعت صفرا هوندي بہ سودائي ڏسڻ ۾ ايندي هئي. ابي امان جون دعائون هيون، جن جي طفيل بچاءُ ٿي ويو. طبيعت تي هيءَ قلق چند مهينا رهيو ۽ رفتہ رفتہ وري طبيعت ۾ سانت آئي ۽ بچي ويس.

❑

باب ايڪيهون

ڏي جي سنڌ ڪاليج جون ياريون دوستون

هونئن تہ مان هر هڪ جو يار هوندو هوس ۽ هر هڪ سان کِل ڪيڪر ۽ سنو سنهنڌ هوندو هوم. ڪنهن سان بہ ٻاڙو نہ ٻوليندو هوس. مسٽر پانڊياڻي منهنجو روم ميٽ هو. علي اڪبر ميمڻ منهنجو ڳوٺاڻي ۽ ننڍپڻ جو سنگتي هو. جواد حسين شاھ موسوي سان ڪاليج ۾ ياراڻي ٿي. اهڙيءَ طرح ٻين سان بہ سهڻو سلوڪ هوندو هوم. پر دل ڪنهن هڪ سان هوندي آهي. منهنجي پريت حافظ محمد صادق سان نهايت گهاٽي ٿي ويئي. هن ڪانسواءِ آرام نہ ايندو هوم. صاحِب هم صفت موصوف هو. سندس هوشياريءَ جو ڪو حساب ڪو نہ هو. سندس خوشخطي سچا موتي هوا. ظرافت تہ منجهن ڪا خداداد هئي. ڳالھ ٻولھ ۾ اهڙو تہ چرچو ڪري وٺندو هو جو حيرت وٺندي هئي تہ سندس دماغ ۾ اهي نڪتا ڪيئن ٿا اچن. جو ڪجھ هڪ دفعو پڙهيائين جو جڻ نقش برسنگ ٿي ويندو هوس. مون کان هڪ سال مٿي هو، حالانڪ عمر ۾ ڏيڍ سال گهٽ هو. مون کي اصل کان مذاق ۽ مزاح ۾ لطف ايندو هو، ان ڪري حافظ صاحب جي پٺ نہ ڇڏيندو هوس. هو شعر نہ لکندو هو ليڪن مان عجب کائيندو هوس، جڏهن هو منهنجي شعر مان چُڪون ڪڍندو هو. ساڻس غائبانہ واقفيت تہ تڏهن ئي ٿي هئي، جڏهن اجا آءٌ ايف اي ۾ سنڌ نيشنل ڪاليج حيدرآباد ۾ هوس. اها دوستي منهنجي پياري دوست مسٽر علي اڪبر جي توصل سان ٿي. هينئر تہ اچي پاڻ ۾ هڪ هنڌ ملياسين. اٿڻ، ويهڻ، گهمڻ، ڦرڻ، کائڻ پيئڻ سڀ حافظ صاحب سان سيبائيندو هو. وقت گهوڙي وانگر تڪڙو ڊوڙندو ٿو رهي. مون جونيئر بي اي جو سال پورو ڪيو، تہ حافظ صاحب جو سينيئر جو امتحان ٿيو ۽ حافظ صاحب مون کان موڪلايو. چوندا آهن تہ "دل را بدل است" منهنجي ساڻس دل هئي تہ هن جو بہ مون سان پيار هو "منڙا گهر تہ گهران" وارو قصو هو. حافظ صاحب امتحان ڏيئي وڃي ويهي رهيو. مون سان موڪلايائين چيو مانس تہ بس وڃين ٿو. چيائين تہ يار ڇا ڪريان وڃڻو ئي پوي ٿو. حافظ صاحب جي معرفت منهنجو اچڻ وڃڻ مولانا دين محمد وفائيءَ وٽ ٿيندو هو. موصوف بيلاسز اسٽريٽ ۾ الوحيد پريس جي مٿان هڪ فليٽ ۾، مسٽر دين محمد عليگ، آخوند رسول بخش ۽ مولوي قاضي عبدالرزاق سان گڏ رهندو هو. ونس اچ وڃ سبب انهن صاحبن سان بہ ڪافي گهرائي ٿي ويئي. هر جاءِ خوش مزاجيون ٿينديون هيون، جن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئون بہ بدرجہ اُتم حصو ونڊدو هوس ۽ سڀني سان گهرائي ٿي ويئي. خود مولانا وفائي جنهن جو سڀ ادب ڪندا هوا، ان سان بہ آءُ ڪافي گستاخ ٿي ويس. صاحب موصوف ان وقت الوحيد جو ايڊيٽر هو. آفيس ۾ ونس ويندو هوس ۽ پاڻ اداريہ لکڻ ۾ مشغول هوندو هو تہ آءُ گهڙي ماٺ ڪري ويهندو هوس. پاڻ چوندو هو تہ اسماعيل اڄ ڪجهين پڇين ڪو نہ ٿو؟ مان چوندو هوس تہ سائين اوهان جي ڪم ۾ رخنو پوندو تہ پاڻ فرمائيندا هوا تہ بلڪل تون ڳالهيون ٻولهيون ڪندو رهہ، منهنجو ڪم ٿيندو رهندو. جيئن مسٽر حافظ، علي اڪبر، حبيب الله خشڪ ۽ محمد يوسف جوڻيجي جي ساڻن عقيدت هئي، منهنجي بہ اهڙي ني سندن لاءِ عزت، محبت ۽ احترام ٿي ويو. محمد يوسف جوڻيجي سان پيار هوندو هون. هو نهايت سهڻو هو. سڀ ڪيس چاهت جي نظر سان ڏسندا هوا. هڪ دفعي ڳالهين ڳالهين ۾ هڪ حديث سڳوري جو ذڪر نڪتو، جنهن ۾ هو تہ "قيامت ۾ جيڪو ماڻهو جنهن سان محبت ڪندو هوندو، ان جي پنيان هوندو." آءُ حديث جو پورو مطلب سمجهڻ تائين ترسيس ۽ هڪدم مرحوم وفائي کي چيم تہ سائين پوءِ يوسف جي پويان قيامت ۾ ٽولا هوندا. مولانا ڏاڍو زور سان کليو ۽ مون کي چيائين تہ ڏاڍو بيهودو آهين. يوسف مُنهن جو پڪوهو. مون کي چيائين تہ "ٻيا سڀ منهنجي پنيان هوندا پر آءُ وري تنهن جي پنيان هوندس، جو تون مون کي ڏاڍو وڻين ٿو." خير کل ٻوگ ٿي گذري.
منهنجا مذڪوره دوست جڏهن مولانا صاحب جن وٽ اڪيلا ويندا هوا، تہ چوندو هو تہ اسماعيل ڪٿي؟ اسماعيل ڪانسواءِ مون وٽ نہ اچو. ڪيترائي شرعي مسئلا مولانا صاحب جن کان پڇندا هواسين، جي اهڙي تہ سليس نموني ۽ پياري انداز ۾ حل ڪري ڇڏيندو هو. جو اسان جي حيرت جي حد نہ رهندي هئي. سنڌ جي هڪ هڪ خاندان ۽ ذات جي اهڙي تہ هسٽري اينديءِ هيس جو عقل دنگ رهجي ويندو هو. دنيا جي جاگرافيءَ جو تہ اٿاهہ علم هوس. اسان حياتيءَ جا ڪيترائي قيمتي سال جاگرافي پڙهي، مگر اسان کي پنهنجن استادن کان ايترو علم حاصل نہ ٿيو. جيترو مولانا صاحب جن کان ٿيو. مان عجب ۾ هوندو هوس، تہ هي مولوي صاحب عربيدان جديد علمن کان ايترو ڪيئن واقف ٿيو. هن کان اڳ آئون سمجهندو هوس ۽ جاگرافي بابت ملن ۽ مولوين جو علم فقط ايترو آهي تہ ست آسمان، ست زمينون ۽ ست سمنڊ آهن ۽ بس اهو منهنجو غلط ۽ محض غلط خيال بدلجي ويو. جڏهن مولانا وفائي صاحب جن سان عقيدت منديءَ ۾ آيس، جنهن بہ موضوع تي ڪٿي گفتگو ڇيڙيو، تہ اتان پيا ايندا هوا. جتي اسان جو وهم و گمان بہ نہ ويندو هو. ناظرين ڪرام کي حيرت لڳندي تہ راڳ جنهن کي عالم حرام چوندا آهن، ان بابت بہ مولانا صاحب جن کي ايتري تہ خبر هئي جو ڪوبہ راڳ جو ماهر سندن اڳيان بيهي نہ سگهندو هو. سندن صفتن ۽ اوسانن جو ويهي بيان ڪريان، تہ خبر ناهي ڪيڏانهن جو ڪيڏانهن وڃي نڪران.

مسٽر فتح محمد قريشيءَ سان منهنجي دوستي علي ڳڙهه ۾ ٿي صاحب موصوف سنڌ مدرسه ۾ استاد هو ۽ نالي وارو استاد. رام باغ گاڏي کاتي ۾ ميمڻ جي جامع مسجد ويجهو حسن علي بلڊنگ ۾ چند سالن سان رهندو هو. جن مان فقط پرائمري ماسٽر عبدالحميد سان سنگت هيس. هاڻي آئون جو ڪراچي آيس ته پيو دوست ملي ويس. جلد ئي ماسٽر عبدالحميد وڏي موڪل تي ويو هليو ۽ کيس هن جاءِ ۾ آرام نه آيو. هو اڪيلائي پسند ۽ ڪم گو هوندو هو. انڪري ايڪانت ۾ رهڻ جو پهه پچائي رام سوامي گاڏي کاتي ۾ ١٠ روپيه مسواڙ سان هن ننڍڙي جاءِ مسواڙ تي ورتائين. پنهنجي ماني اسٽوو تي پاڻ ناهيندو هو. ايترو دور ونس ڪوبه ڪونه ويندو هو ۽ نه وري هو ڪنهن جو اچڻ پسند ڪندو هو. فقط هڪ مان هوندو هوس جو ايترو پنڌ ڪري شام جو ونس اڪثر ويندو هوس ۽ هو ڏاڍو خوش ٿيندو هو ۽ پنهنجي هٿن سان چانهه ناهي پياريندو هو. الله تعالى مٿس رحم فرمائي. ٿورو وقت ٿيو آهي ته وفات ڪري ويو آهي. اناالله و انا اليه راجعون.

ٻي دوستي هوندي هيم مولانا هدايت الله هالائيءَ سان. مولوي صاحب ڪي هالن ۾ عام طرح مولوي چنو چوندا هوا. اهو هن ڪري جو ڪنهن زماني ۾ سخت بيمار ٿي پيو. علاج معالج بعد جڏهن خدا تعالى کيس صحت ياب ڪيو تڏهن سندس والد حاجي حسن خيرات ڪيو ۽ ننڍڙن ٻارن پلاءُ کائي هٿ ڌوني مولوي صاحب کي چنبا هنيا ۽ يڪ آواز چوڻ لڳا ته چنو. چنو چنو چنو. اهو هالن ۾ رواج هو. ان بعد هرڪو کيس مولوي چنو ڪري سڏيندو هو. اسان جي گهر جي اتر طرف سندس گهر هو. فقط وچاڙ جي پٽ وچان هني. انڪري قريبي پاڙيسري هواسين. سيٺ حاجي حسن جو پنهنجن مائٽن سان ناهه ڪونه هو. ان ڪري لڏي اچي ڪراچيءَ ۾ ڪلاڪوٽ ۾ رهيا. جتي ٻنهي پيءُ پٽن شاديون ڪيون. حاجي حسن جلد جڳهيون وڪڻي هميشه لاءِ ڪراچي ۾ سڪونت اختيار ڪئي مان ونس هر آچر تي بلاناغه ويندو هوس.

اقبال جا ٻه ڪتاب اسرار خودي ۽ رموز بي خودي ونس پڙهڻ ويندو هوس. الله اڪبر چا بيان ڪريان تقرير ڪندو هو ته شاهه لطيف، رومي قرآن، حديث مان حوالا پلٽي پوندا هوا. منهنجون ڏندين آڱريون هونديون هيون ۽ عرض ڪندو هوس ته هڪ شعر تي اوهان هڪ پورو ڏينهن وٺندا ته منهنجو نصاب پورو ئي ڪونه ٿيندو اسان کي ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب فقط لفظن جي معنى انگريزيءَ ۾ ٻڌائيندو آهي ۽ اسين لکندا ويندا آهيون. پاڻ ڪلندو هو. ديني علم سان گڏ شاعريءَ ۾ به وڏو درڪ هوس فارسي، عربي ۽ سنڌي ٽنهي ٻولين ۾ شعر گوئي ڪندو هو. ان وقت شاهه جي رسالي جو فارسي ترجمو شروع ڪيو هوائون. مولانا وفائي مرحوم ونس ويندو هو ۽ توحيد رسالي لاءِ ڪانئن شعر وٺندو ۽ شايع ڪندو هو. مولانا وفائي پاڻ هيڏو عالم

هوندي بہ چوندو هو تہ هن هالائي ملنگ سان دنگ لڳو پيو آهي. ملنگ انڪري چوندو هوس، جو ويهڻ جي روم جيڪا هوندي هيس ان ۾ بن تڏن ۽ هڪ ڪتولي کانسواءِ ڪجهہ بہ نہ هوندو هوس. ڪتولو بہ ڪتابن سان ڀريو پيو هوندو هو. وار ڀتوئان پر نہ تيل نہ ڦڻي. هڪ ڪپڙ (ڪاڏيءَ) جو ميرو چولو ۽ هڪ ٻن والن جي سٿڻ، ڪنهن کي مولوي هدايت الله سان ملائجي تہ ڪوبہ ڪونہ چوندو هو تہ هي ڪو لکيل پڙهيل ماڻهو آهي. سيڪو ائين چوندو تہ ڪو مزدور ماڻهو آهي. چرچو مذاق ۽ خوشطبعي سندس مذاق ۾ شامل هوا. تصوف جو قائل هو. پر اهو تصوف ئي پيو هو. جنهن سان پنهنجي پرينءَ کي ملجي. ڪسرنفسي وري اهڙي جو پنهنجون ڪي تحريرون وري مون کي پڙهڻ لاءِ ڏيندو هو تہ هنن تي نظرثاني ڪري ڏيو. مان ڏاڍو شرمندو ٿيندو هوس ۽ چوندو هوس تہ مان هيچمدان، اوهان جي قدمن جي خاڪ بہ نہ سونهان.

صلاح کار کجاؤ من خراب کُجا.

ببين تفاوت اين ره کجا است تاب کجا.

مان اوهان جي تحرير تي نظرثاني ڪريان! تفو بر تو اي چرخ گردان تفوا پاڻ ٿهڪ ڏيئي کلندا هوا تہ اوهان کيايترو احساس ڪمتري جو آهي؟ اوهين انگريزي خوانده آهيو ۽ اسان کان وڌيڪ ڄاڻو. خالي الذهن آهيو. فقط ڪوشش ڪريو. مون کان وڌيڪ ٿا ڄاڻو. مان وري بہ چوندو هوس تہ قبلا "من آنم کہ من دانم" ائين چئي مونکي ماري ٿا وجهو. خوش خطي سندس موتيءَ جا داڻا هئي. ڪتابت ڪندو هو ۽ اهو ئي ذريعہ روزگار هوس. پريس مان جيڪا ڪاغذن جي ڪٽنگ ٿيندي هئي، اهي ٻن اڍائي انچن جون پٽيون ڪٽي ايندو هو ۽ انهن تي لکندو هو. فيئر ڪرڻ بعد اهي ڦاڙي ڦٽيون ڪندو هو. گربخشاڻيءَ وارو رسالو ياڳو پهريون گورنمينٽ پريس مان ڇپجي ظاهر ٿيو ڇوطرف واه واه جي ڏونم مچي ويئي. هڪ ڪاپي موصوف کي آٽي ڏنم جا مون کي ڊاڪٽر صاحب تحفہ طور ڏني هئي. ان جي مطالعو ڪيائين. مونکي فرمايائين تہ ڊاڪٽر صاحب ڪيتريون غلطيون ڪيون آهن. هو وري بہ ويچارو هندو آهي. محنت سان شاباش هجيس پر هاڻي مان ٿو شاه جي شرح لکڻ شروع ڪريان. مون چيو تہ سائين الاهم زد فزد. هيءَ تہ سون تي سهاڳي جو ڪم ڏيندو. فرمايائين تہ لطيف ويچارو پنهنجو ڳوناڻي آهي. ان جي خدمت ضرور ڪندس ۽ شروع ٿي ويو. فرمايائين تہ اوهان انگريزيءَ وارا ڪتابن جي شرح هميشہ پنيان ڏيندا آهيو ۽ اسين مشرقي علومن وارا حاشيہ ۾ ڏيندا آهيون، اتي جو اتي ڏسندا هلون ۽ لفظ لفظ لاءِ پنيان پنا ورائڻا نہ پون. خير مان تہ شاه جي شرح جدا لکندس ۽ لفظي لغت جدا ڪتاب جي صورت ۾ لکندس. مون چيو تہ سائين ماشاءالله خداوند تعالٰي توهان کي توفيق بخشيندو. مولانا صاحب چونڪ منهنجو پاڙيسري ۽ دوست هو، ان ڪري سائٽس تڪلف تہ هوندو ئي ڪونہ هو. نهايت پاڻ ۾ گهرا هوندا هواسين. آچر آچر تي سندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خدمت ۾ وڃان ته شاه تي ڪافي مواد تيار. مصنف ۽ شارح ٻه پاڻ ته ڪتابت ٻه پاڻ ۽ جلد بند ٻه پاڻ. مون کي پيو ٻڌائي ته ڏس هتي ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ "موريسر" جي معنيٰ "اکين ۾ ڦلا" لکيو آهي. شعر آهي "تنهان پوءِ پيام موريسر اکين ۾" اسماعيل ڏس هيءَ طب جو ڪتاب. وري پيو ڪتاب ڏيکاري. ڏس هي پيو طب جو ڪتاب جو هيءَ لفظ آهي "موعسره" اهي هڪ قسم جا سنها وارن جهڙا ڳاڙها ليڪا ٿيندا آهن ۽ اکين ۾ پئجي ويندا آهن. ۽ اهي علامت آهن گهٽي روئڻ جي. ڏس هن هنڌ ڊاڪٽر موصوف "باردار" جي معنيٰ لکي آهي. بارڪنندڙ يعني الله تعاليٰ. ڪيترو نه غلط آهي. اسماعيل پاڻ وٽ باغائي ڪين چوندا آهن ته "اڄ بار گهٽ لٿو آهي" يعني ميوو ۽ ڦل ڦول گهٽ لٿو آهي. شاه صاحب ميوي سان پُر ٿيل ميويدار وڻ کي باردار چيو آهي. ڊاڪٽر جي معنيٰ مضحڪه خيز آهي. اهڙيءَ طرح ويو ٻڌائيندو مون کي ته حيران ڪري ڇڏيائين. مون کي مرحوم جي بحث جا گهڻا پهلو هينئر به ياد آهن. ليڪن هتي انهن جي لکڻ جي گنجائش نه آهي.

بهرحال هڪ سال اندر هن خدا جي بندي چار ۴ جلد شرح جا تيار ڪيا ۽ لغت جدا ناهي. جيڪو دوست وٽس ايندو هو. ان کي ڏيکاريندو رهندو هو. هڪڙو سادو ۽ اسراف بيجا کان پري غريب مولوي. شوق جو ملهه ڪونهي. وڃي هڪ ننڍي بيگ ورتائين. جا ڪتابن جي سائز جي هئي. ان ۾ اهي پنج جلد شرح ۽ لغت وڌائين ۽ خوشيءَ کان ڪپڙن ۾ نه پيو ماپي. شاه جي شرح گويا ڪيس هڪ دولت بي بها ملي چُڪي هئي. ڳوٺ وڃي ته بنگ ساڻ. گهمڻ وڃي ته ساڻ. ڊاڪٽر دائود پوٽه مرحوم کي ڏيکاريائين. حالانڪ هو وڏن آفيسرن يا وڏن ماڻهن وٽ ويندو ئي ڪونه هو. مگر شرح جي خوشي ايتري جو ڊاڪٽر صاحب وٽ هلي ويو. هن صاحب سندس ڪو قدر ڪونه ڪيو ۽ چيائين ته اوهين غريب ماڻهو آهيو. اسان کي حق تصنيف وڪڻي ڏيو. اسين مناسب وقت تي ڪن ضروري ڦيرڦارين سان اهو شايع ڪنداسين. مولوي هدايت الله مرحوم کي اها ڳالهه پسند ڪانه آئي ته هُو پنهنجي دولت واپس کڻي آيو ۽ چيائون ته:

مادرچه خيالم فلک درچه خيال،
ڪارے که خدا کند بنده را چه مجال.

هڪ دفعي ٺٽي شهر ۾ دعوت مليس. ويو ۽ بنگ ساڻ کنيائين. ڪن شائقين کي پڙهي ٻڌايائين. ڏاڍو داد مليس. مگر رات جو ڪو ازلي ڪمبخت سندس بنگ چورائي فرار ٿي ويو. مولانا صاحب صبح جو اٿي بنگ نه ڏسي واويلا مچائي. مگر سڀ بي سود. اکين مان لڙڪ هاريندو گهر موٽيو ۽ پورا ۳ مهينا گهر کان ٻاهر نه نڪتو. مشهور ٿي ويو ته مولانا ديوانه ٿي پيا آهن. ڪنهن سان به ملاقات بند هئي. ڪاليج ڇڏي چُڪو هوس. ڳوٺان اُهي چميگيون ٻُڌي خاص مولانا سان ملاقات لاءِ آيس. ٻاهر نه نڪتو. موٽي آيس. ليڪن اهل خاندان کان معلوم

ٿيو تہ دماغ سالم اٿن. ڪوبہ خطرو ڪونهي فقط ملال اٿن. پاڻ حڪيم بہ آهن علاج پنهنجو ڪن ٿا. دعا ڪريو تہ خدا کين عافيت ڏي. آخر جڏهن بڌم، تہ هاڻي باهر نڪري وڃن ٿا ۽ دوستن سان ملاقات ڪن ٿا. تڏهن وري سندس خدمت ۾ ويس. اٿي پاڪر پائي ڏاڍو پيار سان مليا. حال احوال سربستو ٻڌايائين. ڀلا جنهن جو الله جي ذات پاڪ ۾ پورو پورو ڀروسو هجي ۽ تقدير جو قائل هجي ۽ صوفي فقير هجي، تنهن کي ڪهڙو لهر ڪهڙو لوڏو. مون سان سارو ذڪر کلندي ڪيائين. افسوس اهو رسالو هينئر بہ اهو خبيث ڪٿي ظاهر ڪري تہ مولانا جن تہ رحلت ڪري ويا آهن. سندس رسالي مان عوام الناس فيض حاصل ڪري ۽ سنڌي ادب جو هي ”گم ٿيل باب“ اسان جي دلين ۽ اکين کي سرور بخشي!

ڪن دانائن چيو آهي تہ جيڪڏهن ٻيو نہ تہ بہ جيڪر ڪو ماڻهو پنهنجي زندگيءَ جي سرگزشت ڪٿي لکي تہ اهو هڪ بهترين ڪتاب ٿي پوي، بشرطيڪ صداقت سان لکيو وڃي اهو خيال دل ۾ رکي، مان مسٽر محمد حسن ميمڻ سان پنهنجي محبت جو داستان لکڻ کان نٿو هٻڪان. آءٌ سينئر بي-اي ۾ هوس ۽ مسٽر محمد حسن ميمڻ نئون شاگرد ايف-اي ۾ پڙهڻ آيو. هن جي مون سان آشنائي ٿي. منهنجي روم ميٽ مسٽر پانڌياڻيءَ جو نصرپوري ڳوٺائي هو، ان ڪري اسان جي روم ۾ ذري ذري ايندو هو. رنگ جو سانورو بدن جو سنهون کلڻ ڳالهائڻ ۾ ناز انداز پرلطف. هن منهنجي تعريف ٻڌي هئي، تہ شاعر ۽ چڱو مضمون نگار آهي، تنهن ڪري مون سان چڱو گهرو ٿيڻ لڳو. اکيون سندس شربتي هيون ۽ زلف پيچان. مون کي خبر ناهي تہ ڇا ٿي ويو مان هن تي فريفتہ ٿي ويس ۽ هن کان سواءِ ساعت نہ سريم. آخر مشڪل ۽ عشق لڪي نہ سگهي، منهنجي نگاهن جي روش ظاهر ڪري وڌو تہ منهنجي ساڻن دل لڳي چُڪي آهي. عمر ۾ مون کان ٽي سال ڪن ننڍو هو ۽ پيار جو پتلو. مون سان گڏ هلي تہ مون کي ڳراهتي پائي هلي. مون کي حسن عليءَ جو آرينج ۽ ٻيون شيون شڪليون وٺي ڪارائي. مان اصرار ڪريان تہ پئسا مان ڏيندس تہ مرڳو ضد ڪري تہ پئسا مان ڏيندس. گهمڻ بہ مون کان سواءِ ڪنهن سان نہ وڃي. ڪلب ۾ ماني بہ مون سان گڏ کائي، مطلب تہ هن پنهنجي ادائن سان مون کي گرفتار ڪري وڌو. مٿس هڪ عاشقانہ شعر ناهيم جو مسٽر پانڌياڻيءَ ڏسي ورتو ۽ مون کي چيائين تہ چپ چنن شاهي حسن ۾ ڏٺو ڇا اٿي جو اچي چتو ٿيو آهين؟ مون چيومانس تہ پانڌياڻي رومي صاحب فرمايو آهي تہ:

گفت ليليٰ را خليفہ آن توئي،
کزتو مجنون شد پريشان و غوي.

❖

از دگر خوبان تو افرون نيستي،
گفت خامش چون تو مجنون نيستي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي حسن منهنجو حياتيءَ دم معشوق رهندو. اهو فيصلو آهي. پانڊياڻي وات ڦاٽوڙو ڀڳل دهل هو. تنهن هن ڳالهه کي ڏاڍو مشهور ڪيو. آخر علي اڪبر جو منهنجو ننڍي هوندي جو يار ۽ ڳوٺائي هو. تنهن کي خبر پيئي. مون کي چيائين ته اسماعيل چا ٿي ويو. تون ته ڀين تان ڪلندو آهين. ڪيئن ڦاٿين. مون با ادب چيس ته يار:

میری انکی نگاہیں لڑگئی تھیں رات محفل میں،
یہ دنیا ہے۔ بس اتنی بات پھیلی، داستاں ہو کرا۔

ڪا ڳالهه شل ڪنهن جي هٿ نه اچي، بس پوءِ وڌائي ڪٽي وٺ ڪندس. ڄام محمد امين آيو. گهلو علي احمد آيو. هي آيو. هُو آيو. عرساڻي خير ته آهي. مون چيو سڀ خير آهي. حسن منهنجو پهريون ۽ پويون دلبر آهي. ٿورا گهڻا ڏينهن گذريا ته ڏنم ته امين، علي اڪبر، علي احمد سڀ حسن پويان مست هجن. مونکي رقابت ته ٿيندي ني ڪانه هئي. پاڻ خوش پيو ٿيان ته آئون اڪيلو ڪونه آهيان. حسن کي چيم ته منهنجي تقليد ڪندي عاشقن جو ٽولو ٿنهنجي پويان ظاهر ٿي پيو آهي. هن ويچاري جي منهن جو رنگ ورن ورن ٿيو وڃي. خير منهن جو ڪچو ڪونه هو. سڀني جو دوست هو. موڪل ملندي هئي ته آءٌ کيس هرويرو عاشقانه شعر لکندو هوس ۽ پنهنجي پريشانيءَ ۽ بي چينيءَ جا باب بيان ڪندو هوس. هڪ دفعي خفي ٿي لکيائين ته منهنجو ته وڏو ڀاءُ آهين. تنهنجي لاءِ منهنجي دل ۾ اٿاه عزت آهي. توکان سواءِ ته مان ڪنهن سان گهمڻ ڦرڻ به ڪونه وڃان. باقي توکي پريشان چو ٿيڻ گهرجي؟ جيڪڏهن آءٌ تنهن جي پريشانيءَ جو باعث آهيان ته مون کي وسارڻ جي ڪوشش ڪر. ٻيو ڪهڙو علاج آهي. خير اسانجو سال ختم ٿيو. موڪلايوسين ۽ ان ڏينهن کان وٺي آخر دم تائين محمد حسن مون کي اها عزت ۽ محبت ڏيندو هو. جو آءٌ بيان نٿو ڪري سگهان. ونس ويندو هوس ته گويا مرشد اچي لٿو. سوين خوشامديون ڪندو هو ۽ اڪين ۾ جايون ڏيندو هو. پاڻ بي اي پاس ڪري ڪوٽڙي هاءِ اسڪول ۾ پهريائين اسسٽنٽ ۽ پوءِ هيڊماسٽر ٿيو. ڪجهه وقت ميهڙ جي هاءِ اسڪول ۾ نائب هو. ديوان جڳت سنگ ڪليڪٽر هو. ان جي نالي سان جڳت سنگ هاءِ اسڪول جو بنياد رکيو ٿني ويو. مون کي لکيائين ته هڪ شعر موقعي موافق لکي موڪل. لکي موڪليم. سندس ڏاڍي عزت ٿي. پوءِ دادو ميرپورخاص ۽ حيدرآباد ميونسپل جو چيف آفيسر ٿيو ۽ مون کي هردم پنهنجي بزرگ ڀاءُ جهڙي عزت ڏيندو هو. اوچتو اپنڊڪس جو حملو ٿيس. حيدرآباد اسپتال ۾ ئي وفات ڪيائين. مان حيدرآباد کان ڪوٽڙيءَ تائين روئندو ويس. ان وقت هو ڪوٽڙيءَ ۾ ئي رهندو هو. جتي سندس چاچي مرحوم محمد هاشم کيس نپايو هو. چاڪاڻ جو سندس والد مرحوم ننڍپڻ ۾ ئي کيس ڇڏي دارالبقا ڏي هليو ويو. سندس محبت جو داستان لکان ته هڪ چڱو خاصو دلچسپ ڪتاب ٿي پوي. الله تعالیٰ مرحوم کي غريق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رحمت ڪري آمين.

المقصد تہ مولانا وفائي، حافظ محمد صادق، قريشي فتح محمد، علي اڪبر، مولانا هدايت الله، منهنجي حلقہ احباب مان چند دوست هوا. جن سان پنهنجي خاص دل بستگي هئي ۽ جن جي دوستي تي رهي مون گهڻو ڪجهہ پرايو. هينئر هو هن دارلفانيءَ کي ڇڏي ويا آهن. خداوند تعاليٰ سندن قبرن کي نور محمديءَ سان روشن ڪري مان فقط هينئر سندن مٺڙيءَ صحبت جون يادگيريون دل تي سانديي پرنم ٿيندو رهان ٿو. هن فاني دنيا ۾ نہ ڪو رهيو آهي نہ ڪو رهندو تنهن ڪري:

لازم ہے ہر بشر کو خيال قضا رہے،
ہم کيا رہينگے، جب نہ رسول خدا رہے.

مون مٿي ذڪر ڪيو آهي تہ شاعريءَ جو مرض مون کي وڪوڙي ويو. ذري ذري ڳالهہ تي شعر، دوستن کي خط لکان تہ شعر ۾، مبارڪباد ڏيان تہ شعر ۾ گفتگو ڪريان تہ ڪي نہ ڪي شعر پڙهان. منهنجي لاءِ شاعري بدبختي کڻي آئي، ويتر جو انهيءَ شاعريءَ مون کي ڪُجهہ عاشق مزاج بہ بنائي ڇڏيو. تنهن تہ مون ماں محنت جو مادو ڪڍي ڦٽو ڪيو ۽ مستي گهر ڪري ويئي. پڙهڻ کان دل لهي ويئي. هونءَ جو ۱_۲ بجہ رات تائين پڙهبو هو. تنهن سان دل نہ لڳي. سوير ئي بستري تي دراز ٿي ويندو هوس ۽ ننڊ بہ نہ ايندي هئي. پاسا پيو بدلائيندو هوس.

کباب سيخ کہ مانند ہم پہلو بدلتے ہيں
جو جل اٹھتا ہے یہ پہلو تو وہ بدلتے ہيں

منهنجو روم ميٽ مسٽر پانڊياڻي مون کي چوندو هو تہ ڇو خدا خراب ڪيو اٿئي؟ اٿي ويهي پڙهہ. امتحان اچي سر تي بيٺو آهي. تون سمهي ٿو رهين تہ مون کان بہ پڙهڻ نٿو پُڄي ۽ اکيون ننڊاکڙيون ٿيو وڃن. منهنجو بہ تو پڙهڻ وڃائين. حسن کي وساري ڇڏ آخر هن ۾ ڏٺو ڇا اٿئي؟ هو تہ ويچارو سڄو وقت توسان گڏ آهي. پوءِ هيءَ نرڙائي کهڙي ڪئي اٿئي؟ دل تان لاهي ڇڏينس وغيره وغيره نصيحتون ڪندو هو. پر منهنجو اهوئي جواب تہ:

شب و روز مانگتاہوں دعا ترک عشق کی
دل جو نہ چاہتا تو دعا ميں اثر کہاں.

خير منهنجو اهوئي ڳن ڪهاڙيءَ ۾. پنهنجا تہ شعر لکان، پر ٻين دوستن جي فرمائش تي انهن جي منظور نظرن جا شعر بہ انهن کي لکي ڏيان. بقول غالب:

اگر خط انکو لکھوائے کوئی تو مجھ سے لکھوائے
ہوئی صبح اور رکھ کر کان پر اپنے قلم نکلے

ڪجهہ پڙهڻ جو خيال ڪريان تہ دل نہ لڳي. وري ڪتاب مٿان ڦٽو ڪري وري ڪان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهان ۽ ڪُجهہ نہ سمجهان. وري ڪتاب رکان. ڪا مصرع دل و دماغ تي تري اچي تہ شعر لکڻ ۾ لڳي وڃان ۽ شعر ۾ ڪُجهہ جو ڪجهہ لکندو رهان ۽ وري چوان تہ:

بک رہا ہوں جنوں میں کیا کیا کُچھ

کُچھ نہ سمجھے خدا کرے کوئی!

هڪ دفعي پنهنجي ڪرسيءَ تي شعر لکڻ ۾ محويت هئي تہ اوچتو مسٽر پانڌياڻي جو باهر ويل هو، سو روم ۾ آيو. پتو نہ پيم. هو بہ پلڪ پير اچي آهستي آهستي منهنجي پنيان اچي بيٺو ۽ سمورو شعر جو لکيم پڙهندو پي ويو. مون بہ نالي واري مصرع ختم ڪئي ۽ هن بہ زور سان السلامُ عليڪم ڪئي. چيائين تہ بس خدا توکي اهو شغل ڏنو آهي تون پڪ ناپاس ٿيندين. جو شعرن ۾ اهڙي قسم جون تمنائون ڪري رهيو آهين!! مون چيو يار اهڙي تہ وائي وات نہ ڪر. چيائين تہ پنهنجا افعال ڏس. شعر مون کي ڏي تہ پڙهان ڏاڍو سٺو آهي.

مينارام هاسٽل ۾ البتہ اهو دستور ٿي ويو هو تہ، ڪنهن کي بدنام يا خوار خراب ڪرڻ لاءِ "ليم پون" يعني گلا جا پترا لکي هاسٽل خواهہ ڪاليج جي ڪن خاص جڳهين تي چنبڙائي ڇڏيندا هوا. جي صبح جو سيڪو پڙهندو هو. ۽ هن مظلوم جي رسوائي ٿيندي هئي. منهنجي دوست مسٽر پانڌياڻي هڪ دفعو اهڙو "ليم پون" لکي مشتهر ڪيو هو. مان انهن جا نالا نہ ٿو لکان جن تي اهو "ليم پون" لڳايو هوائين.

خير وقت انهن اُلجهنن ۽ ڪشمڪش ۾ گذرندو رهيو. امتحان سينئر بي اي جو اچي ويو. امتحان ۾ ويناسين. پيپر بہ ڏکيا نڪتا. منهن ڏنوسين. راتين جا اوجاڳا ڪري ڪتابن ۽ نوٽن سان رهاڻ ڪئيسين. امتحان ختم ٿيو. هن گران بار کان سبڪدوش ٿياسين. اڳتي ڪمر ڪريم تي ڇڏياسين. ڪاشن مني واپس ورتيسين. ڪلب جو حساب ڪتاب چڪايوسين ۽ گهڻن ڏانهن واپس وڃڻ جي تياري ڪئيسين ۽ اتي رزلٽ جو انتظار ڪندا هواسين. جو تہ اسان جي مستقبل جو دارومدار هن سال جي نتيجي تي هو. ڪاليج ڇڏڻ وقت سيڪو ڪک پن ٿي ويو. مان بہ ٿي ڏينهن وڌيڪ ڪراچي ۾ رهيس، هاسٽل ۾ وڌيڪ رهڻ لاءِ پو.ا يم. ملڪاڻي صاحب کان اجازت طلب ڪيم. جا هن صاحب فراخدليءَ سان ڏني. مان مولانا وفائي، قريشي فتح محمد ۽ مولانا هدايت الله کان بہ موڪلائڻ ويس ۽ هرهڪ پروفيسر وٽ بہ ويس. پروفيسر صاحبان کان ٽيسٽيمونيل (سرٽيفڪيٽ) جي طلب بہ ڪيم. پرنسيپال بناڻي، ڊاڪٽر گربخشاڻي، پروفيسر ايل-ايچ اجواڻي ۽ پروفيسر ٽي-ايم آڏواڻي مون کي نهايت وڏي خوشيءَ سان لکي ڏنا جي اڄ بہ منهنجي رڪارڊ تي موجود آهن ۽ انهن کي مان پنهنجي هڪ وڏي دولت شمار ڪريان ٿو.

ٽيسٽيمونيل وٺڻ جي منهنجي ڪنهن بہ پئي سنگتيءَ کي سمڪ ڪانہ آئي. شايد ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري جو هنن جي پروفيسرن سان شخصي واقفيت نہ هئي. منهنجي پرنسپال بتاڻيءَ ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ سان تہ گهڻو اچ وڃ جو رستو هو ۽ پروفيسر اجواڻي ۽ آڏواڻيءَ سان بہ ڪڏهن ڪڏهن وڃي ملاقات ڪري ايندو هوس. ويتر جو مشاعرن ۽ مجلسن ۽ مسيلنيءَ ۾ بهرو وٺندو هوس ان ڪري هنن وٽ ڪافي مقبول ٿي چڪو هوس. اهوئي سبب هو جو هنن دل کولي وڏي خوشيءَ سان بہ اکر لکي بہ ڏنا ۽ مون کي وش (دعا) بہ ڪيائون. آخر تہ اَنَ جو منهن جنڊ ڏانهن، مهربانن، دوستن ۽ احبابن کان رخصت ٿي ڳوٺ آيس. امتحان جي رزلٽ نڪتي. پهريون ڀيرو ناڪاميءَ جو منهن ڏٺم. والنٽري انگلش جي پيپر ۾ فيل ٿيس. مون سان گڏ منهنجا دوست علي اڪبر، پانڌياڻي، جواد حسين ۽ چند ٻيا دوست بہ ويچارا ڊهي پيا. مون چيو تہ اڪيلو نہ آهيان ”هم تو ڈوبينگے صنم، تم کو بهی لے ڈوبینگے“ هڪ ٻئي تي خط و ڪتابت رستي شرم وندرائڻ لاءِ ڪلون ڪيونسين هي سال ۱۹۳۰ع هو. منهنجي والد مرحوم کي بہ منهنجي ناڪاميابي تي صدمو رسيو، مگر هو نهايت بلند حوصلہ ۽ باهمت انسان هو. مون کي همٿائڻ لڳو تہ ”فڪر نہ ڪر ناڪامي ڪاميابيءَ جي ڪنجي آهي وري همت ڪري محنت ڪر فتح تنهنجا قدم چمندي“ وغيره وغيره. علي اڪبر ۽ آئون تہ هميشه گڏ هوندا هواسين. مون کي ايترو نہ جيترو هن کي شاڪ پهتو. سندس والد محترم بہ پيرسن هو. ان جو ڪين ايترو خوف نہ هو جيترو وڏي ڀاءُ ڊاڪٽر حاجي محمد علي جو. چيائين تہ ”ڀائو مون کي ماري ڇڏيندو. اڳي ئي ڀيو مون کي نوڪيندو هو تہ ”اوهان کي گهرجن ياريون دوستيون، ڪلون چرچا، ڪچهريون ۽ گهمڻ ڦرڻ“ هاڻي جو فيل ٿيو آهيان سو ڏاڍو ڪاوڙبو پر ”برچہ آيد برسر من يا نصيبہ“

ان زماني ۾ ائين ڪونہ هو تہ ڪمپارٽيمنٽل يا سپليمينٽري امتحان ٿيندا هوا. يا گريسون ملنديون هيون. هڪ ڪم ۾ فيل تہ سڄي امتحان ۾ فيل ۽ وري پوري هڪ سال بعد جو امتحان ڏيڻو پوندو هو. بدقسمتي ايندي آهي تہ ڳاڏا ڀرجي ايندا آهن. منهنجن حالتن يڪسر ڦيرو کاڌو بابا مرحوم مخدومن جو خانگي ملازم هو. سو بيمار ٿي پيو. سرڪاري نوڪري ڪانہ هئي جو پينشن ملي نوڪري ڇڏڻي پيس. هڪ بي روزگاري ٻي بيماري حالتون تشويشناڪ ٿي پيون. ڪو ڪمائيندڙ ڪونہ هو. منهنجو وڏو ڀاءُ مرحوم عبدالستار سنڌ سي. آءِ.ڊي ۾ فورٿ گريڊ هيڊ ڪانسٽيبل (جمعدار) هو. فورٿ گريڊ جو پگهار ۲۸ روپيہ ماهوار هو. منهنجو ڀاءُ محمد اسحاق مرحوم پڙهندو هو ۽ سڀني ۾ ننڍو ڀاءُ عبدالفتاح اجا هالن جي ٽن درجن واري اي. وي اسڪول ۾ تعليم وٺندو هو.

ابو امان ٽي ڀينرون ۽ چار ڀائر سميت رب جي توه تي. جو سڀاري جهان جو رب آهي. مون حالات جو مقابلو ڪرڻ جو تهيو ڪيو. جواد حسين شاهہ کي چيم تہ هو پنهنجي ڀاءُ عطا حسين شاهہ موسويءَ کي چوي تہ هو مون کي ٽرپارڪر ضلعي ۾ ڪنهن بہ انگلش ڪلاس جي

ماستري ڏي. انگلش ڪلاس ڊسٽرڪٽ اسڪول بورڊ جي حوالي هوا ۽ مسٽر عطا حسين شاهه ضلع ٿرپارڪر جي تعليم جو ائڊمنسٽريٽو آفيسر هو. ڪم جلد ٺي ويو. مون کي ڊگري جي ڳوٺ ۾ انگلش ڪلاس ٽيچر جو آرڊر مليو. مان وڃي دخل ڪار ٿيس. هڪ سال ۾ ٽي بدليون ٿيون. ڊگريءَ مان ڦلهڏيون ۽ اتان هيڊماسٽر برانچ مدرسي اي ـ وي اسڪول، ميرپورخاص. ١٩٣١ع جو سال ته اتي گذاريم.

❑

ٽنڊي محمد خان وارو وقت

١٩٣٢ع ۾ ٽنڊو محمد خان جي، اي_وي_اسڪول، جنهن ۾ ۴ درجا هوا اتي پهريائين نائب ۽ پوءِ هيڊماستر مقرر ٿيس. اسڪول ميونسپالٽيءَ جو هو. ميرحاجي حسين بخش خان ميونسپل جو پريزيڊنٽ هو. مونکان اڳ جي هندو هيڊماستر اسڪول تي ڪانگريس جو جهنڊو چاڙهيو، جنهن جي پاداش ۾ هن کي نوڪري ڇڏڻي پيئي. چاڪاڻ جو ميرصاحب تي انگريز حڪومت جو دٻاءُ پيو ۽ کيس هدايتون ڏنيون ويون ته هيڊماستر ڪو مسلمان رکو. اهو سبب هو، جو مونکان هندو ماستر مسٽر جي ڪرشن جو سينئر هو. تنهن کي ريٽي مون.کي هيڊ ماستر بنايو ويو. ميونسپالٽيءَ ۾ هندو ميمبرن جي اڪثريت هئي، تن منهنجي تقرر تي سخت اعتراض ورتو. سول ڪورٽ تائين معاملو ويو. تقدير مونکي هتي ٻه رهڻ نه ڏنو. جنهن جا ٻه ٽي سبب هوا. پهريون ته منهنجو والد مرحوم ١٩٣٢ع ۾ وفات ڪري ويو. ٻيو مونکي اوچتو لقوه جو حملو ٿيو. جنهن مان جيتوڻيڪ ٻن هفتن اندر مڪمل صحت يابي ٿي. ٽيون ته سنڌ جدا جي تحريڪ هلندڙ هئي ۽ مسلمانن اهو نهراءُ ڪيو ۽ هڪ جمعو مقرر ڪيو ته نماز بعد جامع مسجدن ۾ دعائون گهربيون ۽ تقريرون ڪري سنڌ جي جدائيءَ لاءِ نهراءُ پاس ڪبا.

مان، ميمڻ محلہ ۾ جامع مسجد جي بلڪل سامهون هڪ تپيدارن جي اوطاق هئي، ان ۾ رهندو هوس. جمع جي ڏينهن سيني مون تي زور ڀريو ته تون تقرير ڪجانءِ ۽ نهراءُ لکي پاس ڪرائجان. جماعت جي اصرار تي لبيڪ چيم هڪ شعر ۾ لکيم جو نهراءُ پاس ٿيو. سي_آءِ_ڊي وارا ٻه ڪي آيل هوا. مون تي رپورٽ ٿي هندن وجهه وٺي ٽنڊي ڊويزن جي ڊپٽي ڪلڪٽر لالا (شڪارپوري) کي پڙڪايو. نتيجي ۾ مونکي حڪومت کان وارننگ آئي ته سياسي ڪمن ۾ بهرو نه وٺ نه ته تو تي سخت قدم کنيو ويندو. بهرحال آئون ٽنڊي محمد خان ۾ خوش رهي نه سگهيس. والد مرحوم جي گذارڻ سبب گهر کي ويجهو رهڻ ضرور ٿي پيو. انڪري اڏيري لعل جي انگلش ڪلاس کي اچي وسايم.

ٽنڊي محمد خان ۾ منهنجو وقت چڱو گذريو. مير پير بخش خان، مير علي بخش خان ۽ سيد محمد عارف شاه ۽ علي ڏنو شاه منهنجي تلاميذ رشيد مان هوا. هتي اي_وي_ اسڪول ڪوبہ مسلمان ماستر نه ڏنو هو. ويتر جو مان هيڊماستر ٿيس ته ڏاڍا خوش ٿيا ۽ مان ٻه سندن هر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرح سرپرستي ڪندو هوس. مير حاجي حسين بخش خان ميونسپالٽيءَ جو پريزيڊنٽ هو ۽ ٻين مسلمان ميمبرن مان سيٺ لقمان مرحوم سان منهنجو گهاٽو تعلق ٿي ويو. سندس ننڍو ڀاءُ سيٺ محمد جو پوءِ شهيد ٿي ويو. منهنجي تمام گهڻي خوشامد ڪندو هو. سيٺ موليڏنو سندن چاچو جنهن کي عرف عام ۾ "سيٺ مولُو" چوندا هوا. هڪ پيرسن بزرگ هو. ننڍي محمد خان ۾ به سندس ڪيتريون ئي جايون هيون. سو مونکي پٽن وانگي پيار ڪندو هو ۽ هڪ جاءِ بنا مسواڙ جي مونکي ڏنائين ته تپيدارن کي ڇڏي اتي اچي رهان. مير غلام علي ڪراچيءَ ۾ پڙهندو هو ۽ مير غلام الله مير حاجي حسين بخش جو وڏو پٽ پڙهندو ڪونه هو. هن ٣_۴ درجا پڙهي تعليم ترڪ ڪري ڇڏي هئي. هي ٻيئي صاحب سندن حيدرآباد واري بنگلي تي اڪثر اچي رهندا هوا ۽ ڪئٽلاگ ڪٽي ايندا هوا. جن مان سينٽ ۽ رومال ۽ ٻيون اهڙيون شيون انتخاب ڪري مون کي چوندا هوا ته هنن جا آرڊر لکي ڏي ۽ وي_پي طور سامان گهرائي ڏي. سندن پاران آرڊر لکڻ جي مشغولي منهنجي سپرد هئي. بهرحال جڏهن مون ننڍو ڇڏيو ته هنن سڀني کي منهنجو ڏک ٿيو. مون کي خود هنن کي الوداع ڪندي ڪافي قلق رسيو. ليڪن حالات جي تقاضا هئي منهنجي وس کان ڳالهه ٻاهر هئي. حڪيم غلام مرتضيٰ شاهه، مسٽر نصير محمدنظاماڻي وڪيل، مولوي نور محمد نظاماڻي (ايڊيٽر نوراسلام)، ۽ مير فتح محمد خان، مير پيربخش جو والد انهن مهربانن مان هوا. جن وٽ منهنجي وهڪ هوندي هئي. اهي سڀ مون کي سمجهائڻ لڳا ته اوهان نه وڃو. ليڪن منهنجو داڻو پاڻي ننڍي محمد خان مان کڄي چڪو هو. اسڪول ۾ شاگردن ۽ ماسترن مون کي موڪلائڻ جي پارٽي ڏني. مون هڪ وڏو الوداعي شعر لکي پڙهيو جنهن ۾ سڀني استادن جا نالا هوا. اهو شعر مون وٽ موجود آهي، مگر هتي طوالت جي سبب لکڻ ضروري نٿو سمجهان. بهرحال موڪلائڻ وقت مير صاحب مون کي هڪ عمدو ٽيسٽيمونيل ڏنو.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڏيري لعل جو زمانو

مون مٿي ذڪر ڪيو آهي ننڍو محمد خان چڏڻ ڪانپوءِ آءٌ اڏيرو لعل انگلش ڪلاس ۾ ٽيچر ٿي آيس. هتي مون کي اهڙي شفيق دوست جي صحبت ملي، جنهن کان نهايت مسرور ٿيس. هو صاحب ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ خواهه ڊسٽرڪٽ اسڪول بورڊ جو ميمبر به هو ۽ انگلش ڪلاس سندس سعيي ۽ ڪوشش جو نتيجو هو. مطلب ته هو صاحب ساري اسڪول جو روح روان هو ۽ پنهنجي اسڪول جي هر طرح سان مدد ڪندو هو. سنڌي اسڪول جو هيڊ ماستر حاجي عبدالرؤف ڪيبرائي هو جو نهايت ديندار ۽ هوشيار استاد هو. مانيون سومر پٽي پٽيوالو تيار ڪندو هو ۽ ٻوڙ حاجي عبدالرؤف شاگردن جي مدد سان تيار ڪندو هو. اڏيرو لعل هڪ ننڍو واهڻ هو. شروعات ۾ ته هن ڳوٺ جي چڱي رونق هئي، مگر جڏهن هندن اڏيرو لعل جي مقبري مٿان اڏيري لعل جو بُت نصب ڪيو. تڏهن وڏا تڪرار هليا ۽ گهڻا هندو لڏي ويا. گجرات جا وڏا وڏا هندو سيٺ جي اڏيري لعل جا شش ۽ جاتي هوا. تن به اچڻ ڇڏي ڏنو اسڪول جي پڪي عمارت خود هڪ هندو سيٺ جي هئي، جا لوڪلبورڊ ان کان مُٺ جيترن پئسن ۾ خريد ڪري ورتي ۽ اسڪول بورڊ کي سرڪاري ملڪيت بنائي ڏني ويئي. اها سڀ ڪوشش محمد صالح شاهه صاحب جي هئي، جنهن کي عام طرح سائين بدل شاهه سڏيندا هوا. اسڪول معنيٰ سيد محمد صالح شاهه ۽ سيد محمد صالح شاهه معنيٰ اڏيرو لعل جو اسڪول. صاحب موصوف ڪوشش ڪري سيني شاگردن جون فيون معاف ڪرايون ۽ ڪيترن کي ٢_٣ روپيه ماهوار وظيفو به ڏياريو. منهنجي وڃڻ وقت فقط ٨ ڇوڪرا انگلش ڪلاس ۾ هوا جي اسانجي متحده ڪوشش سان وڌي ٣٥ کي وڃي پهتا ۽ هڪ پرپور ڪلاس منهنجي نگرانيءَ ۾ قائم ٿيو. هي سال ٣٣_١٩٣٤ع هو.

مون اڏيري لعل اسڪول ۾ هڪ ريڊنگ روم ۽ لئبريري قائم ڪئي ۽ هڪ ننڍو ميوزم به ان سان گڏ هو. ڪتابن جو ڪافي ذخيرو ڪٺو ڪيو ويو. اخبارون ۽ رسالا گهرايا ويا ۽ ميوزم لاءِ ڪيئي نوادرات جمع ڪيا ويا. صبح جو مناجات لاءِ هارمونيم ورتو ويو. راندين لاءِ فٽ بال ۽ ڪرڪيٽ جو سامان خريد ڪيو ويو ۽ ڊبيٽنگ سوسائٽيءَ کي جنم ڏنو ويو ۽ ڊرئميٽڪ منڊليءَ جو بنياد وڌو ويو. مطلب ته اهڙو ڪوبه تعليمي شعبو نه رهيو. جنهن کي وجود

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر نہ آندو ويو. هڪ ٻہ هفتہ رسالو ڪڍيو ويو جنهن جو نالو "لعل" رکيو ويو. جو مان پنهجن هٿن سان لکندو هوس ۽ شاگردن جا ننڍا ننڍا مضمون ان پر درج ڪيا ويندا هوا. محمد پنهي، الهه ورايو پنهي، ۽ مينو "مينا رامر" شاگرد نهايت سريلا ڳائيندڙ هوا ۽ ماسٽر ويرومل پاٺ هڪ هارمونيم ماسٽر بہ هو پڳت بہ هو ۽ سندس آواز نهايت سندر ۽ مٺو هو. اهو شاگردن کي راڳ جي تربيت ڏيندو هو. ڊرامہ اسٽيج ڪرڻ جي فن پر اسڪول بورڊ جو هيڊ ڪلارڪ مسٽر ليلارام وڏو ماهر هو. هن حيدرآباد پر، عامل معاشره پر جيڪي ڏيتي ليتي بابت اوٺايون هيون، تن تي ڪيترائي سوشل ڊرامہ اسٽيج ڪرايا هوا. جنهن ڪري کيس خاص تجربو هو. اهڙي ماڻهوءَ جي مدد مون کي هن ڪم پر نهايت ڪارآمد ثابت ٿي مون "ڊزن ڊايالاگ" لکيا، جي پوءِ انهيءَ نالي سان ڪتابي صورت پر شايع ٿيا. ڊايالاگ سڀ درسي ڪتابن جي سبقن تان ناهيا ويا هوا. مثلاً قاضي ۽ بہ ٻار، "رامجي ۽ ٽي ٽگ"، "حاتم ۽ نوفل"، "شير شاهہ جو انصاف" وغيره وغيره مسٽر ليلارام کيَ منٿ ڪيم تہ اسان کي اڏيري لعل پر هڪ ڊرامہ ڪرڻ پر مدد ڏئي هن قبول ڪيو. هفتہ ڪن ڊيوٽيءَ سان کيس موڪليو ويو. اسٽيج جو سامان ونگس، پردا وغيره وغيره حيدرآباد مان گهراياسين چوڪرن کي تياريءَ پر مصروف رکيوسين. ٽڪيٽون ڇپايونسين. جيڪي گيت ڊايالاگن پر هوا تن جي جدا هڪ چوپڙي ڇپائي وئي. تياريون مڪمل ٿيون. ڊرامہ منعقد ٿيو. ماڻهن جا وات ڦاٽي ويا جو اڏيري لعل پنهنجي تاريخ پر اهڙو فنڪشن نہ ڏٺو هو. واه واه ٿي. سيد محمد صالح شاهہ صاحب آيل معزز مهمانن ۽ آفيسرن کي خوش آمديد ڪيو. مسٽر يوسفاڻي محمد الياس هالا جو مختيارڪار هو، ان صاحب صدارت ڪئي. شاهہ صاحب پنهنجي تقرير پر نهايت تعريف ڪئي. جنهن جي نتيجي پر مون کي اسڪول بورڊ هڪ قرارداد پاس ڪري آفرين نامو ڏنو.

سال ١٩٣۴ع جو عرصو اسڪول کي اوج تي آڻڻ پر لڳو. مسٽر جوشي ان وقت حيدرآباد ضلع جو ڪليڪٽر هو. سائين صالح محمد شاهہ ان کي اسڪول جي معائنہ لاءِ دعوت ڏني صاحب موصوف قبول ڪئي. مون سندس آمد تي هڪ ائڊريس لکي جا کيس پيشڳي ڏيکاري وئي. موصوف چيو تہ سپاسنامہ تہ گورنرن يا ايگزيڪيوٽو ڪائونسلن جي ميمبرن کي ڏنا ويندا آهن نہ ڪليڪٽر کي، جو هڪ ملازم آهي. مگر شاهہ صاحب کيس مڃايو. آخر اڏيري لعل آيو. اسان اسڪول خواه اسڪول ڏي ويندڙ رستي کي خوب سينگاريو مون ائڊريس پڙهي شاگردن هڪ مرحبائي راڳ ڳايو. جو مون اردوءَ پر لکيو هو ڇاڪاڻ تہ مسٽر جوشي سنڌي نہ ڄاڻندو هو. هن مرحبائي راڳ جو مطلع هو.

مرحبا صد مرحبا جوشی صاحب آج آئے ہیں
در و دیوار اب اسکول کیسے جگمگائے ہیں

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انڊريس ۾ موصوف ڪان فقط ٻه گهرون ڪيونسين. هڪ ته اسان جي لئبريري ۾ ريڊنگ روم رجسٽر ڪري، ٻيو اسان سان هميشه همدرديءَ جو سلوڪ ڪري. لئبريري رجسٽر ڪرڻ سندس اختيار هو. هڪدم آرڊر ڪيائين ۽ اسان کي سنڌ آفيشل گزيٽ گورنميٽ گزيٽ، ڪو آپريٽو سوسائٽين جون ۽ ايڊيوڪيشنل ڊپارٽمينٽ جون ساليانيون رپورٽون ۽ بمبئي پراونشل اسيمبليءَ جي ڪارروائي وغيره جو سڀ لٽريچر مفت ملندو هو ۽ ٻيا رسالا ٻه اڌ قيمت ۾ ملڻ لڳا. اسڪول جي ساک وڌي، جنهن ڪري هر ڳالهه ۾ اسان کي رعايت ملندي هئي.

هڪ ڪو آپريٽو اسٽور کوليو ويو. جو ترقي ڪري هڪ وڏو شاپ ٿي ويو شهر جا ماڻهو اسان کان سامان وٺڻ لاءِ ايندا هوا جو اسان وٽ سستا اگهه هوا تمام معمولي فائدي سان فقط شاگردن لاءِ شيون مهيا ڪيون وينديون هيون ليڪن هاٽي سين کي ٻه ساڳين نرخن سان ڏيڻ لڳاسين. برانچ پوسٽ آفيس کولائيسين جنهن جو برانچ پوسٽ ماسٽر ٻه مسٽر حاجي عبدالرؤف هيڊ ماسٽر هو. مطلب ته جهنگل ۾ منگل لڳي ويو. شاگرد ڪٿان ڪٿان جا اچڻ لڳا. هڪ ننڍڙو بورڊنگ قائم ڪيوسين، حيدرآباد، شهدادپور، ملدسي، نوڙها، کدريون، هَڪڙا، گهانگلا، اڏيرولعل اسٽيشن، کيبر، سيڪات، هالانوان ۽ نصرپور کان شاگردن داخلا ورتي. فتح محمد شاهه ۽ سندس ڀاءُ تاج محمد شاهه اڏيري لعل اسٽيشن کان ٽپال آڻڻ لاءِ ميل رنر هوا ۽ هڪ پنجابي نيڪ مرد "ڪفايت علي" پوسٽ مين هو جو پڻ اسڪول جي بورڊنگ ۾ قيام ڪندو هو ۽ شاگردن کي پنجگانه نماز پڙهائيندو هو. قرآن شريف جي تعليم بهرحال حاجي عبدالرؤف پاڻ ڏيندو هو. اسڪول جي مشهوري ايتري ته ٿي وئي جو ڪٿان ڪٿان جا ماستر ۽ ٻيا تعليم ۾ دلچسپي رکندڙ حضرات هلي اچي اسان جو اسڪول ڏسندا هوا. مون کي لئبريريءَ جو پريزيڊنٽ بلڪ باني تصور ڪيو ويندو هو. هتي اهو هرگز وسارڻ نه گهرجي ته هيءُ سڄو ڪم شاهه صاحب جو هو. مان رٿون ڏيندو هوس ۽ صاحب موصوف هڪدم انهن کي عملي جامه پهرائڻ لاءِ سراپا ڪوشان ٿي ويندو هو.

سال ۱۹۳۴ع ۾ ڪي باقي رهيل ڳالهيون ٻه پايه تڪميل تي پهتيون مسٽر بي – ٽي چار، هڪ بنگالي جينٽلمين اسڪائوٽنگ جو پراونشل آرگنائيزر ڪراچيءَ جي پرسان ملير ۾ اسڪاؤٽس جي اچي هڪ تربيتي ڪيمپ لڳائي. مون کي اسڪول بورڊ ڊيپوٽ ڪيو ڏهه ڏينهن تربيت هئي، ڪيمپ جو نالو "اسڪائوٽرس ڪيمپ هو. اسڪائوٽنگ جا ڏهه اصول نهايت عملي طرح سيکاريا ويا. جيڪڏهن ڪيمپ جي ڏهن ڏينهن جي تربيت جي مان ڊائري لکان ته جيڪر هڪ جدا ڪتاب ٿي پوي. لهاذا درگذر ڪريان ٿو لارڊ بيڊل پاول تي خدا رحمت ڪري، جنهن ههڙي آرگنائيزيشن وجود ۾ آندي. ڏهه ڏينهن پورا ٿيا، سرٽيفڪيٽ مليو. ڪيمپ کي ڇڏڻ تي دل نه پئي ٿئي، ليڪن ٻي بينچ اچڻي هئي. مون حياتيءَ ۾ پهريون دفعو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪرُ يعني ڇيڏي پاتي، حيا پئي آيو. ليڪن اسڪاؤٽ ڊريس ۾ شامل هئڻ باعث لازمي طرح پاتي پيئي.

اڏيرو لعل موٽڻ تي شاه صاحب کي ڪئمپ ۾ تربيت جو سربستو احوال ٻڌايم ۽ خواهش ڏيکاريم ته پنهنجي اسڪول ۾ هيءَ تحريڪ قائم ڪجي. ڪجهه شاگرد غريب هوا. ڊريسن جي نهرائڻ جي منجهن استطاعت نه هئي. شاه صاحب ۱۵ ڊريسن جا پئسا. اسڪول بورڊ مان منظور ڪرايا. ڊريسون ٺهيون شاگردن کي زيب تن ڪرايون ويون بينڊ وڻڻ جي طاقت نه هئي. فقط هڪ بيو گل ورتوسين. اسڪاؤٽنگ سان گڏ ريڊ ڪراس به قائم ڪيوسين. جيڪي سکي آيو هوس انهن سطورتي شاگردن کي تربيت ڏنم.

اسڪاؤٽنگ جو لٽريچر ڪراچيءَ مان اسڪاؤٽ هيڊ ڪوارٽرس مان گهرايم. فرسٽ ايڊ جي تربيت تي خاص توجه ڏنم. فرسٽ ايڊ باڪس عدد به گهرايم. اڏيرو لعل ننڍڙو ڳوٺ هو، ڪوبه ڊاڪٽر يا حڪيم ڪونه هو. ان ڪري عام ماڻهن جو به علاج اسان وٽ ٿيندو هو ۽ سڀ ڪو، دعائون ڪندو هو.

اڏيرو لعل اهو قديم شهر آهي، جنهن سان ديني علم جون ڪيترين ئي ڳالهيون منسوب آهن. هي شهر ٽن چئن پاڙن ۾ ورهايل آهي. هڪ پاڙي ۾ اڏيري لعل جا شيخ بني ۾ پٽي ۽ ٻيون ذاتيون. ٽئين ۾ هندو، چوٿين ۾ اڏيري لعل جي دربار جا باوا ۽ پنجين پاڙي ۾ اڏيري لعل جا سيد. هن پاڙي کي دائرو شريف ڪوٺيو وڃي ٿو. دائره شريف ۾ ٻين ديني علوم سان گڏ خاص اهميت جنهن ڳالهه کي هئي سا هئي قرآن پاڪ جي قرائت جنهن لاءِ هتي چڱا چڱا قاري هوندا هوا جي خاص قرائت سيکاريندا هوا ۽ قرآت جي فن ۾ دائرو شريف سنڌ ۾ واحد ادارو هو. دائري شريف جي مسجد ۾ ان وقت به مولوي سليمان ٺوڙهن جو اڪثر و بيشتر ايندا رهندا هوا. مولوي محمد سليمان پير جهنڊي جو پڙهيل هو ۽ اهل حديث هو ۽ باقي به مولوي صاحب سنت جماعت جا هوا. مسجد شريف ۾ جمع جي نماز پڙهي ويندي هئي. جتي آسپاس جا مسلمان نماز لاءِ اچي گڏ ٿيندا هوا. سيد يار محمد شاهه دائري شريف جي سيدن مان هو ۽ خود قاري هو. منهنجي مٿي ذڪر ڪيل مولوي صاحبن سان گهاٽي سنگت ٿي ويئي. جن جي خيالات کان ڪافي مستفيض ٿيندو رهندو هوس. سنڌ ۾ هڪ پهاڪو مشهور آهي ته "چوڪرن اُٺ مسجد (مسيت) تي چاڙهيو هو." اُها مسجد شريف اها دائري واري هئي، جتي عربيءَ ۽ قرائت جي طالبن جو اهو ڪارنامو هو جو ضرب المثل بنجي ويو. اُٺ ڪيئن مسجد تي چاڙهيائون ان جو ذڪر دلچسپ آهي مگر هتي ڊيگهه جي سببان نه ٿو ڪريان.

اڏيرو لعل شهر چونڪ هندن جي اڏيري لعل جي سببان هڪ تيرٿن جي جاءِ هئي. ان ڪري اتي جي ٻائي جو تمام گهڻو اثر رسوخ ۽ عزت هوندي هئي. وڏو ٻائو فوت ٿي ويو ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس پٽ پريتم داس گاديءَ تي ويٺو. جنهن سان منهنجي ياراڻي هئي. انگريز ڪانئس اڏيري لعل بابت ڪجهه حال احوال پڇي نوٽ ڪيم. وري شيخن کان به اڏيري لعل بابت حقيقتون حاصل ڪيم. اڏيري لعل جي درگاهه هڪ قلعي وانگر آهي ۽ ڪن ڪتبن مان ظاهر ٿئي ٿو ته اها اورنگزيب عالمگير جي وقت جي ٺهيل آهي. بهرحال مون ڪجهه احوال گڏ ڪيو ۽ ان ڪي سهيڙي هڪ وڏو مضمون لکيم جو اخبار تعليم ۾ ڇپيو منهنجي عادت هوندي هئي ته جتي به ويندو هوس ته پڇا ڳاڇا گهڻي ڪندو هوس ۽ ان ذريعي ڪجهه نه ڪجهه مواد گڏ ڪري ويندو هوس.

بقول سعديؒ:

تمتع ز ہر گوشہ یافتم
ز ہر خرمن خوشہ یافتم

مولوي عبدالله جمالي هڪ فقير تن ماڻهو هو. هڪ اڇي پڳ اندر مڙيئي اڳڙيون هڪ صدري ۽ هڪ سائي سٿڻ ۽ پيرن ۾ سنڌي جتي. ڪوبه ڪونه چوندو هو ته هي ڪو مولوي آهي. هن کي شڪار جو شوق هوندو هو ۽ ان شوق پوري ڪرڻ لاءِ دائري شريف جي ساداتن کيس بندوق جو ليسن وٺي ڏنو. اڏيري لعل جي ويجهو جي هُڙيون هيون. تن جا سها هن صاحب ماري کٽائي ڇڏيا. تترن لاءِ به ڪال هوندو هو. ويجهي ڇڪ ۾ تتر ڇڏيو ڪونه هوائين. آخر اچي سيڪاٽ جي باغن ۾ جي مور. هوا تن جي پويان پيو. مورن جا هٽي لاهه ڪڍي ڇڏيائين. هندو ماڻهو مور کي پويتر پکي سمجهندا آهن تن کي ڏاڍي ڏکي لڳندي هئي ۽ واجهائيون ته مولوي عبدالله کي هٿ ڪٽي پاراتا ڏينديون هيون ته "منو مولبي ٿيو آهي پاپي ماريو." "مورن ويچارن کي ٿو ماري. اهڙي بک اٿس ته وڃي مرون ماري کائي". اسين کلندا هواسين. مولوي صاحب پاڻ به کلندو هو. روز شام جو ڪي هڪ به سها يا تتر يا هڪ مور جهاڙي ايندو هو ۽ اسان جي بورڊنگ هائوس ۾ ڪانيون جام هونديون هيون جي شاگردن پاڻ پريون ڪري ايندا هوا. اچي ڪانين کي هٿ ڳنڍيندو هو ۽ سيخ تي سها تتر. ۽ مور پچائي پاڻ ٿورو کائيندو هو ۽ باقي شاگردن ۽ اسانکي ڏيندو هو. مان ساڻس شڪار تي هريس. ڪجهه بندوق هڻڻ به سيکاريائين جو شوق آءٌ تر ڏانهن پاڻ سان کٽي ويس. چرچن ۾ ته مولوي صاحب طاق هو. ڪچهريءَ جو ڪوڏيو. خوش خلقي ته ڪا ورثي ۾ مليل هئس. فقه جي مسائل ۾ خاص درڪ هوس ۽ هن معاملي ۾ اڪثر ماڻهو هن ڏانهن رجوع ٿيندا هوا مولوي سليمان جو وضع قطع جهنڊائي بزرگن وارو هو. مولوي عبدالحئي جو عام مولوين وارو ۽ مولوي عبدالله جو عام هارين جهڙو حليه هوندو هو. الحمدالله مون کي چڱي صحبت ملي خدا جو شڪر ڪيم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صحبت صالح ترا صالح کند
صحبت طالع ترا طالع کند

حاجي محمد صالح شاهه مولوي عبدالله جهڙي ملنگ جي تمام گهڻي پرگهور لهندو هو ۽ هو به ساداتن وٽ نهايت پاڻ کي سکيو پائيندو هو.

مون جيئن سال ١٩٣٠ع ۾ امتحان منجهه ناڪامي ڏني ۽ گهرو حالتون ڏکيون ٿيون، تيئن وري بي.اي پاس ڪرڻ جي ڳالهه جيئن دل تان مسخ ٿي وڃي ۽ حرف غلط وانگر ميٽجي وڃي. تيئن منهنجي هوبهو حالت اها وڃي بيٺي اهو سڀ ڪجهه وساري وينو هوس ته ڪو مون ۴ سال عمر عزيز جا مختلف ڪاليجن ۾ ڌڪا کاڌا ۽ ان جو ڦل ڇا مليو. مسٽر فتح محمد قريشي بي-اي-ايس-ٽي-سي پاس ڪري ورتي ۽ مسٽر علي اڪبر به هٽي ڌڻي بي-اي جي ڊگري ورتي پهريون صاحب ٿرپارڪر ضلع ۾ فرسٽ سپروائزر اسڪولس مقرر ٿيو ۽ ٻيو صاحب حيدرآباد اسڪول بورڊ ۾ هيڊ ڪلارڪ ٿيو. ديوان جشن مل جي ريٽائر ڪرڻ تي حيدرآباد ۾ ائڊمنسٽريٽو آفيسر جي جاءِ خالي ٿي. قريشي فتح محمد لاءِ خوب جدوجهد ڪئيسون. محمد صالح شاهه صاحب کي قريشي صاحب جي هوشياري ۽ پسنديده اخلاق جون ڳالهيون ٻڌائي ڪيس سندس مدد ڪرڻ لاءِ آماده ڪيوسين. شاهه صاحب ڪمرڪشي ٻيو ۽ بعفضل خدا اسان جون محنتون برصواب نڪتيون قريشي صاحب ائڊمنسٽريٽو آفيسر ٿيو. اڏيري لعل ۾ سندس پهرين دعوت ڪئيسون. هاڻي قريشي صاحب ۽ شاهه صاحب مون کي چوڻ لڳا ته اسين توکي انگش ڪلاس ٽيچر جي حيثيت ۾ ڏسڻ نه ٿا گهرون. سڀ ڳالهيون وساري بي-اي ڏي ۽ ان سان گڏ ايس. ٽي سي به ڏي. هي سال ١٩٣۴ع هو. همت جا هاري وينو هوس سا خبر ناهي ڪٿان موٽي آئي وسريل ڳالهيون ياد اچڻ لڳيون ۽ الله جو آسرو ڪري پنهي امتحانن جي تياري ڪيم. ايس-ٽي-سي امتحان ڪراچيءَ جي اين.جي.وي هاءِ اسڪول ۾ ٿيو ۽ عملي ڪم حيدرآباد ۾ تلڪ چاڙهيءَ جي شڪتي هاءِ اسڪول (جنهن جو باني ديوان ڪشنچند گلاب سنگهه گدواڻي رٽائرڊ ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر هو) ۾ ٿيو جنهن لاءِ ان وقت جو، ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر ايس.ڊي ڪنٽرنڪٽر آيو. پيپر بمبئي ويندا هوا. الله جي احسان سان پاس ٿيس. بي.اي جو امتحان به ڏنم. پارسي اورل (زباني) لاءِ بمبئي ۾ ويس. بمبئي وڃڻ کان اڳ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ سان مليس، هن مون کي ڪاسمو پالٽين. ڊي. هوٽل جا بمبئيءَ ۾ محمد علي روڊ تي هئي، ان جي مئنيجر ۽ مالڪ ڏانهن خط لکي ڏنو. هوٽل جو مالڪ هڪ هندو حيدرآباد جو عامل هو. ٻي چٺي ڊاڪٽر دائود پوٽي ڏي لکي ڏنائين، جو ان وقت جوگيشوري (انڌيري) ڪاليج ۾ پروفيسر هو ۽ ٻئندرا ۾ رهندو هو. آءُ هوٽل ۾ وڃي رهيس مئنيجر منهنجي تمام گهڻي خدمت ڪئي. ان کان ڏس پڇي ٻئندرا آيس. ڊاڪٽر موصوف کي مليس. ڏاڍو خوش ٿيو

۽ اورل امتحان واري ڏينهن مون کي پاڻ سان گڏ يونيورسٽي وٺي هليو. پروفيسر شيرازي منهنجو فارسي زبان ۾ امتحان ورتو. فارسيءَ ۾ منهنجو امتحان بهترين ٿيو. ڊاڪٽر دائود پوٽي خوشخبري ڏنم ته پرشين اورل ۾ تون سڄي يونيورسٽيءَ ۾ اول آيو آهين. ڏاڍو گد گد پئي ٿيس. پاڻ وٽ دعوت ڪيائين جنهن ۾ پنهنجي عزت جاتم. موٽي سنڌ کي وريس ۽ اڏيري آيس. رزلٽ نڪرڻ تي بي.اي ۾ ڪامياب ٿيس. فقط مئٽريڪيوليٽ مان بي.اي ايس. ٽي.سي ٿي ويس. بمبئي وڃڻ کان اڳ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ وٽ هڪ فارسي شعر ناهي ويو هوس، جو هن پڙهي منهنجي پٺي ٺپري ۽ منهنجي خط سان گڏ اهو شعر به ڊاڪٽر دائودپوٽه کي ڏيکارڻ لاءِ لفافه ۾ بند ڪري ڏنو هوائين اهو شعر هتي ڏيڻ مناسب نه ٿو سمجهان. مسٽر فتح محمد قريشي جيڪو سپروائيزر جي جاءِ ٽرپارڪر ضلع ۾ خالي ڪري آيوهو سا اجا پري نه ويئي هئي. في الحال هڪ نيون سال ٽريننگ پاس ڪيل ماسٽر صاحب مسٽر حاجي خان ان جاءِ تي ڪم ڪندو ٿي رهيو. پوسٽ انڊورنائيز ٿي. مون کي درخواست ڪرائي ويئي. ٿي اميدوار هواسين. مسٽر حاجي خوجا، مسٽر پيرزادو (جو مسٽر عطا حسين شاهه موسويءَ جو خاص دوست ۽ نيون مان. منهنجو دوست مسٽر خوجا ته منهنجي فائدي ۾ هٽ ڪئي ويو. باقي اسان ٻن ۾ مقابلو رهيو. خانبهادر غلام نبي شاهه پريزيڊنٽ ۽ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ٿرپارڪر (ميرپورخاص) منهنجي مدد ڪئيءِ مان چونڊجي ويس. ان ڪري مسٽر موسويءَ جو شروعات ۾ مون سان سهٺو سلوڪ ڪونه رهيو آخر منهنجي نوڙت هن کي پنهنجو ڪري ورتو. ۽ سمورو وقت هن جو سٺو ساٿي ۽ دست راست ٿي رهيس.

آخرڪار اڏيري لعل کي خيرباد ڪرڻي پيئي دوستن ۽ شاگردن تي منهنجي وڃڻ سان گويا هڪ ڌاڪ پهتو. ليڪن منهنجي ترقيءَ جو سوال هو. ان ڪري خوشيءَ جو اظهار ڪيائون منهنجا شاگرد محمد لقمان ڪيبر، محمد سعيد انصاري، گل حسن پٽي، جان محمد شاهه، غلام صديق شاهه، محمد خان شيخ، ۽ عبدالحئي عرساڻي، ۽ ٻين مون کي پُرنم اکين سان اجازت ڏني. سائين حاجي محمد صالح شاهه مون سان حيدرآباد تائين گڏ آيو ۽ ڪانئن رخصت ياب ٿيس. اڏيرو لعل هڪ ديهاتي اسڪول هو، مگر اسان ٻنهي ان ۾ اهڙي ته زندگي ڦوڪي جو شهري اسڪولن کان به گوءِ کڻي ويو ۽ ڪئي ڪئي جا احباب اڏيري لعل اچي اسڪول جي ڪارڪردگي ڏسندا هوا ۽ متاثر ٿيندا هوا.

❑

ميرپورخاص وارو زمانو (١)

ميرپورخاص اچڻ سان منهنجي ڪائنات بدلجي وئي. هڪ اهڙي تہ چؤياري ۽ سهڻي صحبت ملي، جو ڏک جا ڏهاڙا ڪافور ٿي ويا. زندگيءَ جو از سرنو هڪ باب کليو. حافظ محمد صادق ۽ غلام حسين جعفري مدرسہ هاءِ اسڪول ۾ اسسٽنٽ ماستر هوا. ۽ مسٽر عثمان علي انصاري هيڊ ماستر هو. انصاري صاحب اسان جي ڪچهري ڏاڍي پسند ڪندو هو ۽ اڪثر اوقات اسان جي اوطاق ۾ هلي ايندو هو ۽ چوندو هو تہ اوهان جي ڪچهريءَ جو لطف حاصل ڪرڻ آيو آهيان. مان سائٽس تمام حجتي ٿي ويو هوس ۽ عرض ڪيم تہ سائين توهان اسان جي ڪچهريءَ جو لطف وٺڻ آيا آهيو يا ڦٽائڻ آيا آهيو! ٺهڪ ڏيئي چيائين تہ اهو ڪيئن؟ مون چيو تہ اوهان ادب جي جاءِ آهيو. اوهان جي اڳيان اسين ڪهڙو چرچو مسخري ڪري سگهنداسين؟ ان تي چيائين تہ توهان کي قسم آهي شاهہ شغال بيابانيءَ جو منهنجو ڪوبہ خيال نہ ڪريو. اوهان دل کولي چرچا ڪريو. مان اوهان جي ڪچهريءَ جي رس جي تعريف ٻڌي تہ آيو آهيان! مون وري عرض ڪيو تہ سائين اسين پوءِ اوهان مان بہ ڪونہ گسنداسين. چيائين تہ موڪل اٿو. حيف اٿو جو گُٿا آهيو. انصاري صاحب جي قرب ۽ محبت جون ڪهڙيون ڳالهيون ڪريان. هڪ وڏو علم دوست ۽ جهانديده ۽ پنهنجي مٿي ظريف هو. سندس اڳيان زانو ئي ادب پيڪڙي وهڻ مان مون ۽ مٿي ذڪر ڪيل سندس زيردستن ڪافي ڪجهہ پرايو. ڪچهرين جو دستار ڪريان تہ ڪاغذن جا ريم پرجي وڃن. هينئر هو صاحب زنده نہ آهي. الله تعاليٰ مٿس رحمت ۽ سراپا رحمت فرمائي. آمين.

مون مٿي عرض ڪيو آهي تہ اسان جي چوياري هئي. ٻن دوستن جا نالا ڏنا اٿم. ٽيون آءٌ هوس ۽ چوٿون هو اسانجو عزيز ۾ عزيز دوست مسٽر محمد هارون جو اسانجو بزرگ هو. مسٽر محمد هارون ڊسٽرڪٽ اسڪولبورڊ ٿرپارڪر ۾ هيڊڪلارڪ هو ۽ اڪائونٽنٽ بہ. ان ڪري مون سان تہ خاص سندن واسطو رهيو جو آءٌ اتي فرسٽ ايڊيوڪيشنل سپروائيزر ٿي آيس. هيءَ سال ٣٥_١٩٣٦هو. محمد هارون سان واقفيت تہ گهٽي زماني کان هئي جا ڦري گهري دوستيءَ ۾ ظاهر ٿي. منهنجي نوڪري چونڪ گشتي هئي، ان ڪري موصوف مون کي پروگرام ڏاهڻ، ايمپلائمينٽ رٽرن (ڊائري) پرڻ، ڊيڊ اسٽاڪ لسٽ رکڻ ۽ انسپيڪشن فارم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرڻ وغيره وغيره سمورو ڪم سيکاريو ۽ مان هن ڪهڻ مشق ۽ آزمودگار دوست جي آزمودن مان سکيا وٺندو رهيس. سندس مشوري مطابق مون ٻه برجز ٺهرايون ۽ ٻه ٻه نڪرون ۽ قميصون خاڪي زين جون ٺهرايون. ان سان گڏ هڪ هنٽ به خريد ڪئي، جو منهنجي پياري دوست مونکي ٻڌايو ته ٿر ۾ واري سخت وسي ٿي لُوهه (لُڪ) لڳي ٿي. ان ڪري اکين جي بچاءُ لاءِ هنٽ ضروري آهي ۽ اُٺن جي سواريءَ ۾ خاڪي برجز تمام ضروري آهن.

منهنجي بيٽ ۾ مون کي ٿرپارڪر ضلعي جي ١١ مان ٦ تعلقا مليا. جي هوا (١) ميرپورخاص (٢) جيمس آباد (٣) ڊگهڙي (۴) سامارو (۵) ڏيپلو (٦) مٺي. اول اول مون پنهنجو گشت ڏيپلي تعلقي کان شروع ڪيو. سواريءَ جي اُٺن جي لاءِ ڏيپلي تعلقي جي هيڊ ماستر کي لکيم جنهن ٻه اُٺ موڪليا. هڪ منهنجي لاءِ سازن سان ۽ هڪ پٽيوالي لاءِ. اسٽيشن نئين ڪوٽ تي موڪليا. پهرين منزل مون ڪيتلاري (اربابن جي ترائي) سان شروع ڪئي. پٽن سان هيءُ پهريئن ملاقات هئي. پٽون ڏسي حيرت وٺي ويئي ۽ خوف پئي ٿيو. ان ڪري براسته ڪلوئي روانو ٿيس. جتان ١٠ ڪوهه سڌو پنڌ هو ۽ ٢_٣ ڪوهه پٽن جو پنڌ هو.

ڪلوئيءَ ۾ ان وقت اجا اسڪول نه کليو هو. ان ڪري لوڪل بورڊ مسافر خاني ۾ ڪا گهڙي لهي ٽڪ پڳم ۽ چانهه وغيره پي پوءِ پٽن سان جنگ جوٽيم. چوندا آهن ته اُٺ جي چاڙهيءَ کي به لعنت ۽ لاهيءَ کي به لعنت. اها ڳالهه عملي طرح سمجهه ۾ اچي ويئي. هيءُ جو چوندا آهن ته اُٺ سُڪيءَ جو ٻيڙو آهي ان جو به يقين ٿيو. اربابن جي ترائي به آئي. اربابن جي اوتاري ۾ لٽس جا هڪ لانڍي هئي. ماسترن منهنجي لاءِ لانڍيءَ جي پٽ تي ڪرڙ گلم طور وڇايا هوا ۽ مٿان جا واري اُڏامي ڪرندي هئي. ان کان بچاءُ لاءِ ڇت هيٺان جاجم جو ڪپڙو ٻڌي ڇڏيو هو. هڪ ميز تي ڪرسيون ۽ چند ڪپڙي واريون فولڊنگ آرام ڪرسيون وجهي لانڍيءَ مان هڪ سادو بنگلو بنائي ڇڏيو. الله تعاليٰ جو شڪرانو بجا آندم. جنهن هتي سڄي لڳين پهچايو. تعلقه پٽيوالو اڳيئي اتي پهچي چڪو هو. منهنجو گهڙي آرام ڪرسيءَ تي ويهڻ ۽ هيڊ ماستر جو اچي ادب سان ملڻ. اُٺن تان گاشا لٿا. جتن کي اٺن لاءِ ڳڙ مليو. منهنجو بسترو هڪ کٽ تي وڇايو ويو. جا نواڙ واري کٽ هئي، ۽ اڪثر آفيسرن جي منزلن وقت ڪم ۾ آندي ويندي هئي. هيڏانهن هوڏانهن توجه ڪيم ته اهو آواز ٻڌم ته "صاحب اچي ويو" "صاحب اچي ويو" منهنجي پٽيوالي لاءِ هڪ جهُنرو بورچيخاني لاءِ ڏنو ويو. جتي هُن رڌڻ پچائڻ جي لاءِ سامان بالترتيب ناهي رکيو. ڪاڏي لاءِ مون ميرپورخاص کان انو، چانور، داليون. ۽ پٽاٽا بصر ۽ ڪي ڀاڄيون آنديون هيون. پٽيوالو جو بورچي به هو. تنهن مانيءَ ناهڻ جا سانباها ڪيا. ايتري ۾ ارباب جلال الدين (پاڳارو) ارباب توڳاچي ۽ ارباب الهه جڙيو آيا. ڏاڍي محبت مان خوش مرحبا ڪيائون ۽ چيائون ته اسان غريبن جي اوتاري تي لٿا آهيو. جيڪا گهڙي ساعت هتي قيام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندا اسانجي لسي ٻاجهري کائيي پوندؤ. هنن ڪي تتر ڪهائي رکيا هوا. جي حوالي ڪيائون. گيهه، اٽو ۽ ٻيون ضروري شيون بہ کيس\ڏنائون. اسين خبرن چارن ۾ ڳالهين ۾ لڳي وياسين. مون کي ڏاڍي اڃ لڳي. بسڪوٽن جو پيڪيٽ جو ميرپورخاص کان آندو هوم سو ٻاهر ڪڍيم. ٢_٣ بسڪوٽ پاڻ کاڌم ۽ ٻيا اربابن کي پيش ڪيم. آخر پاڻي گهريم. پاڻي جو گلاس پيڻ لڳس. پاڻي ٻاڙو ۽ منجهس هڪ قسم جي ٻُٽ هئي. پي تہ ويس مگر دل اچي ڪچي ٿيڻ لڳي ۽ آخر هڪ وڏي الٽي آئي ۽ تڏهن جان ڇٽي. سڀئي حاضرين تشويش ۾ پئجي ويا. مگر سمجهي ويا تہ هيءُ پاڻيءَ جو ڪرشمو آهي. پاڻيءَ جو رکيل دلو هڪدم ڪٽائي ويا ۽ برسات جو پاڻي جنهن کي پلر جو پاڻي ٿئي سڏيائون سو دلو ڀري آندو ويو. آخر سيني ڇيو تہ، اٿو ڪپڙا بدلائي ٿورو ننگون سڏيون ڪري ٽڪ پيجو. جيسين ماني تيار ٿئي، پوءِ ڪچهرين تي ايندا سين. ائين چئي سڀ موڪلائي ويا. شڪور ڪلر تعلق پٽيوالو آيو ۽ هڪدم منهنجو بوٽ لاهڻ لاءِ سڳا چوڙڻ لڳو. مان سمجهي ويس مون ڇيومانس تہ ڇڏ مان بوٽ پاڻ ٿو لاهيان مون کي خدا هٿ ڏنا آهن. هن وراڻيو تہ سائين اوهان اسان جا حاڪم آهيو اهو ڪم اسان جو آهي. مون ڇيو تہ بابا توکي شاباس هجي پر هٿي ڀري ٿيءُ ۽ مان بوٽ لاهڻ لڳس. پٽيوالو ٻاهر ويو ۽ مون برجز لاٿي. ڪپڙا، سٿڻ ۽ قميص پاتي ۽ بستري تي دراز ٿي ويس. هڪ اُٺ جي سواريءَ جو ٿڪ ٻيو اتي اڇڻ سبب طبيعت ۾ بيقراري ٿي. شڪور آيو ۽ اچي زور ڏيڻ لڳو. مون ڇيومانس تہ بابا زور ڪونہ ڏيارينده آهيان. پر هن ڇيو تہ سائين جن ٿڪل آهن. تر جو سفر ڏکيو آهي. مان اوهان کي زور ڏيندس تہ اميد تہ ٿڪ لهي ويندو. واقعي زور ڏنائين تہ مون کي ڪجهہ آرام اچي ويو. اهو ڏينهن جرنيءَ (مسافريءَ) جو هو. ٻئي ڏينهن اسڪول جي انسپيڪشن جو ڪم ۽ ٽئين ڏينهن سوير صبح جو اسر مهل اُٺ تي لانگ وارايم ۽ صبح جو پتون لڳاڙي اچي نوين بجي ڏاري ڏيپلي لٿس. جتي منهنجو انتظام ڪري رهيا هوا. ڏيپلي جي بستي هڪ شهر وانگي ڏسڻ ۾ آئي. منهنجو انتظام لوڪل بورڊ مسافر خانہ ۾ ڪيو ويو. اها هڪڙي ئي سرڪاري جاءِ هئي، جنهن ۾ آفيسر اچي منزل انداز ٿيندا هوا.

برسات جي پاڻي پيڻ جي ڪري منهنجي وات ۾ السر (زخم) نڪري آيا. ماني کائي نہ سگهان. ڏيپلي جو پاڻي بہ ڪچو، ڇن وارو ۽ ٻاڙو. آخر پاڻيءَ جي عيوض ڏڌ جي ڇڊڙي لسي ڪري پيئندو هوس. ڏيپلي جو اسڪول پڪي بلڊنگ ۾ هو ۽ ست ماستر هوا. نرو مسلمانن جو ڳوٺ هو. هتي جا باشندا ڪل ميمڻ. ٿورا ڪلر، ٻجير، ۽ هندو لهاڻا هوا. ميمڻ ۽ لوهاڻا ڪل واپاري لائين جا ماڻهو هوا. مسٽر محمد قاسم ميمڻ هيڊماستر هو ۽ مسٽر ابو طالب نائب ماستر هو. مسٽر ابو طالب سارو وقت منهنجي خدمت ۾ هوندو هو. هتي مان پورو هفتو رهيس ۽ آس پاس جا اسڪول جهڙوڪ سرو ۽ ويرهاڙ بہ هتان ڏٺم. ڪنڪ جي ائي ۾ واري هئڻ سبب

مانيءَ کي ڏند ڏيئي نہ سگهان. ٻاجهري کائڻ شروع ڪيم. هتي جي ماڻهن ۾ ڏاڍو پيار ۽ محبت هئي. مونکي هتي گهڻو سڪون نصيب ٿيو. مولوي محمدعمر جوڻيجي سان خاصي دوستي ٿي وئي. هو هڪ باعمل عالم هو. ۽ ساڳئي وقت پنهنجي علم تي ڪوبہ غرور نہ هوس. ڏاڍو نهٺو ۽ همہ صفت موصوف ڏسڻ ۾ آيم. جامع مسجد جو پيش امام بہ هو جمع ڏينهن خطبو بہ پاڻ ڏيندو هو. جنهن ڪان مان ڏاڍو متاثر ٿيندو هوس: چوندو هومانس تہ مون اوهان جي صحبت مان گهڻو ڪجهہ پرايو آهي. تہ پاڻ چوندو هو تہ، ان ڪان وڌيڪ مون اوهان کي ڪجهہ سکيو آهي. انگريزيدان اسان مُلن سان ڪٿي ٺا رلي ملي سگهن. جيئن اوهان مون سان رلي ملي ويا آهيو.

مُسٽر محمد قاسم ۽ ابو طالبؒ مشورو ڏنو تہ سائين اُت جي مسافريءَ لاءِ ضروري آهي تہ اوهان بہ ڪڙيا ونو. هڪ جهل ۽ نت (نطع) خريد ڪريو ۽ هڪ گدي نهرايو. اهي شيون ڏيپلي ۾ عمديون ۽ سستيون مليون. آخر هفتو پورو ٿيو ۽ مون رحمڪي بازار جا ڏيپَلي تعلق جي ڏکڻ الهندي ڪنڊ وٽ دنگ تي هئي، اُن ڏي سفر سنيايو. ٢۴٠ ميل مفاصلو هو. هلندي هوا حالاِ اهو ٻڌو هوم تہ پنڌ ۽ ويري وڏيو پلو. ان مقولہ کي لحاظ ۾ رکندي جت کي چيم تہ چانگي کي چور.

تتيءَ ٿڏيءَ ڪاه، ناهي ويل ويهڻ جي
متان ٿئي اونداه، پير نہ لهين پرينءَ جوا

واٽ تي لوڻ جون سنون ڏسندو، انهن جو مطالع ڪندو، جت جو مٿو کائيندو، هر شيءِ بابت پُڇ پُڇ ڪندو. دل تي انهن جو نوٽ وٺندو هلندو ٿئي رهيس. رحمڪي بازار ڪان ۴ ميل اورتي اربابن جو سينگالو هڪ دڙي تي نظر آيو. ڳوٺ جو نيڪ مرد ارباب مير خان هو. جنهن جي پلمانسيءَ جي گهٽي ساک ٻڌي هيم. سينگالي ۾ هڪ ملان اسڪول هو. دل ۾ چيم تہ اسڪول جو بہ معائنہ ڪريان ۽ ارباب مير خان سان بہ ملاقات ڪريان. لهي پيس ۽ هن بزرگ سان چند گهڙيون رس رهاڻ ڪيم. هن چيو تہ رحمڪي بازار جو اسڪول ڦتو برباد ٿيو پيو آهي. منهنجي خدا ڪارڻ جي دعوت قبول ڪريو ۽ رحمڪي بازار اسڪول جي انسپيڪشن ڪري مونئي رات اچي هتي رهو. هن جي صداقت ۽ محبت ڏسي قبول ڪيم. رحمڪي بازار رڻ جي دنگ تي هئي. جتان رڻ جو نظارو ڪري الله پاڪ جي قدرت ساراهيم. هتي جو هيڊماسٽر مسٽر ياٺجي مل اسلام ڪوٽ جو لهاڻو هو. ڏاڍو شريف النفس هو. سيٺ رمضان خواجہ ملڻ آيو. رحمڪي بازار ۾ خواجہ ٺي سربرآورده ماڻهو هوا سيٺ رمضان بہ رهڻ لاءِ صلاحيو. مگر مان اڳي وعدو ڪري آيو هوس. ان ڪري مونئي سينگالي آيس. ارباب نهڙي قوم جا ارباب هوا. ارباب مير خان منهنجي لاءِ هڪ هرڻ شڪار ڪرايو ۽ ان جي پڪل گوشت سان منهنجو تواضع ڪيو. ارباب صاحب نهايت ساده مزاج، نيڪ نمازي هو. منجهس

ڪسر نفسيءَ جي اٿاهه دولت موجود هئي. هيڏو وڏو ماڻهو هو قوم جو سردار، ليڪن پاڻ کي خاڪ سمجهندو هو. هن کي ڏسي مون کي دانائي روم جو هڪ شعر ياد آيو.

در بہاراں کے شود سرسبز سنگ
خاک شو تا گل بروید رنگ رنگ

ٿر جون پٽون سڀ اولهه کان اوڀر ڏي قطارن جي صورت ۾ هلن ٿيون. ان ڪري جيڪڏهن اتر کان ڏکڻ پنڌ پيو ته پٽن جي لهه چڙهه فنا ڪريو ڇڏي. البته اوڀر کان اولهه ويندي مسافري آسان ٿئي ٿي، جو پٽن جي وچان ويڙن (ماٿرين) ۽ مڙهن (ميدانن) مان لنگهڻو پوندو آهي. ڪٿي ڪٿي ڪو ڏڙو اچي ويندو آهي ته به ان جي چڙهائي ايتري تڪليف زده نه هوندي آهي. مان رحمڪي بازار جو معائنه ڪري واپس ڏيپلي آيس جتان مٺيءَ ويس. مٺيءَ شهر ۾ مون کي ٻڌايو ويو ته مائي مٺي بجيرياڻيءَ جي نالي منسوب ٿيل آهي. اهڙيءَ طرح ڏيپلو وري ڏيپيو نالي هڪ مينگهواڙ جي نالي سان تعلق رکي ٿو. ٿر ڊويزن ۾ مٺي وڏي ۾ وڏو شهر آهي. ان وقت به هتي جي آبادي چار هزار جيتري ٿي ويئي. ڪن مسلمان بجيرن ۽ مگٺهارن کانسواءِ باقي هندو ماڻهن جو هن شهر تي تسلط آهي. انوقت هتي هڪ، اي. وي اسڪول پنجن درجن تائين هو. هڪ وڏو پرائمري اسڪول ڏهن ماسترن وارو ۽ هڪ گرلس اسڪول ستن ماستراڻين وارو ڏسي دل چيم ته تعليم ته آهي ني ٿر ۾ باقي ناري ڊويزن ۾ ان جي مقابلي ۾ تعليم بالڪل پست هئي.

مٺيءَ ۾ مون کي پنج ڇهه ڏينهن رهڻو پيو. آسپاس جا ننڍا اسڪول هتان اوٺ موٽ اٿ ڪري ڏسي ايندو هوس. انهن جو تفصيلي ذڪر هتي نٿو ڪريان. بهرحال رندن جو رانلو هڪ ڳوٺ مٺيءَ کان ۴_۵ ميلن تي هو ان جو احوال ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان. هي ڳوٺ رند بلوچن جو آهي. ڳوٺ جو پٽيل پڙهيل هو. هن صاحب جي اوتاري ۾ لٿس ۽ رات اتي ڏابو ڪيم ۽ پوءِ اسلام ڪوٽ روانو ٿيس. رانلي ۾ پٽيل جي اوتاري اڳيان هڪ ٻير جو وڻ هو. جو ڏسي دل ڏاڍي خوش ٿي. اهو انڪري جو ٿر ۾ ٻير ڪونه ٿئي. ساري ڏيپلي تعلقه ۾ هڪ ويڙهي جهپ، هڪ ڏهر جنهن جي زمين ڏاڍي هئي اتي چند ٻير جا ننڍا ننڍا وڻ نظر آيا. باقي سڄي تعلقي ۾ خير ني خير. البته ننگرپارڪر ۾ وري انهن جو نشان مليو ٿئي. ورنه ڪنڊا، ڪونيٽ جاريون، ڪٻڙ، ڪانڪهه کانسواءِ ٻيو وڻ نظر نٿي آيو. پٽيل ويچاري به هڪ توبچي موڪليو جو جهٽ ۾ هڪ هرڻ شڪار ڪري آيو ۽ منهنجي نهايت چڱيءَ طرح خاطر تواضع ڪئي ويئي. پٽيل ڪچهري جو مور هو. سندس رهاڻ مان ڪافي رس آيو قصو ڪوتاهه اتان ۲۸ ميل پنڌ ڪري اسلام ڪوٽ آيس. اتي عام طرح اسلام ڪوٽ جي بدران "سلام ڪوٽ" نالو ٿئي ورتائون. ڪوٽ هينئر ڊهي ويو هو. ليڪن ان جي ڪنڊر تي پرائمري اسڪول جي بلڊنگ تعمير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيل ھئي. لوڪلبورڊ جي مسافرخاني ۾ قيام ڪيم. ھتي جا ماڻھو گھڻو ڪري سڀ ھندو لوھاڻا ھوا ۽ ان جي برعڪس مٺيءَ ۾ مشوري ۽ برھمڻ آباد ھوا. اسلام ڪوٽ جا لوھاڻا تمام شاھوڪار ھوا. وٽن سونُ سيرن ۾ توريو ويندو ھو. ھڪ لوھاڻي وٽ تہ سوا مڻ سون چوڻ ۾ آيو ٿي. پنج ئي آڱريون برابر نہ آھن. چوندا آھن تہ "خدا پنج انگشت يڪسان نہ ڪرد" ليڪن اڪثر ماڻھو سٺا ھوا.

ڳوٺ ۾ جيڪا معزز ھستي ھئي، جنھن جو ماڻھو ادب ۽ احترام ڪندا ھوا سو وري بہ اسڪول جو ھيڊ ماستر پمون مل انندرام ھو. اھڙو ماڻھو پنھنجي زبردستيءَ ۾ ڏسي پنھنجي عزت سمجھيم. البتہ ڪنن کان گھبرو ھو. پر سندس ڪچھري منھنجي لاءِ ٿر جو اڀياس ڪرڻ جي ڏس ۾ وڏي رھنمائي ڪئي. ٿر بابت ھن مون کي نھايت گھڻي معلومات مهيا ڪئي. سندس صحبت چڏڻ تي دل نہ پئي ٿئي، مگر ٽن ڏينھن بعد آخر مونکي اڳتي وڃڻو ھو. انڪري چيومانس تہ مسٽر پمامل "يار زنده صحبت باقي." اسلام ڪوٽ کان واپس مٺي، وريس ۽ واٽ تي جوڳي مڙھي اسڪول جو درشن ڪيم. اتي ھڪ ماستر راءِ چند ھريجن (مينگھواڙ) ھو. سندس فضيلتن جي ڪھڙي زبان سان ڳالھ ڪريان. گجراتي ٻوليءَ جو چڱو خاصو ماھر ھو. ٿر بابت ھن بہ مون کي ڏاڍيون قيمتي ڪھاڻيون ٻڌايون. خصوصاً پنھنجي قوم جي پست حاليءَ جو ڏاڍو دکدائڪ نموني ۾ نقشو چٽياءِ ٻڌايائين تہ ھريجن سان برھمڻ ۽ مشورين جو ڪھڙو برتاءُ آھي. ڪِنھن ڌتڙيل قوم جي انھن وٽ ڇا حيثيت آھي، ان جا داستان بيان ڪندي، گويا مون کي روئاڙي ڇڏيائين. مون ساڻس وعدو ڪيو تہ مسٽر رائچند اوھان مينگھواڙ جوڪرن کي فائنل ڏياريو. ھڪ ڏينھن پاس ٿين ٻئي ڏينھن مون کان ماستريءَ جي نوڪري وٺن. ان وعدي تي قائم رھيس ۽ منھنجي پنڌرنھن سال ٿر ۾ قيام دوران مون مينگھواڙ ماسترن جو ڪافي تعداد مقرر ڪيو. مسٽر رائچند کي چيم تہ توھان ٿر بابت ڪجھ لکو: مسٽر پمي مل جي مدد وٺو. مگر ھمت نہ ٿيس. آخر ھن کي ھمٿائي ھمٿائي ان منزل تي آندم جو منھنجي ٿر ڇڏڻ بعد ريگستان جي تاريخ لکيائين ۽ سنڌي ادبي بورڊ اھا ڇپائي. مھاڳ ۾ منھنجي ڪتاب سير ريگستان تان جيڪي حوالا ورتا ھوائين انھن لاءِ منھنجو شڪريہ بجا آندو اٿس. ھينئر ھو سرڳواس ٿي ويو آھي.

مٺي ۽ ڏيپلي جي گشت منھنجي دل تي ٿر بابت اھڙا تہ اثر ڇڏيا جو گويا ٿر، ان جي پٽن ۽ واريءَ جو عاشق بنجي ويس ۽ ٿر جي خدمت ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪيم. اھا خدمت وڏيڪ اسڪولن کولائڻ ۽ تعليم پکيڙڻ جي ھئي. جنھن ۾ مون ڪافي ڪارناما سرانجام ڏنا. ڏيپلي جي سنجي تعلقي ۾ ان وقت فقط ڇھ پرائمري اسڪول ھوا ۽ مٺيءَ ۾ اٺ، چند سالن ۾ اھي ڊبل کان مٿي ڪري ڇڏيم. ڳوٺن جا نالا لکڻ البت طوالت جو سبب بڻبا، جنھنڪري ايتري تي اڪتفا ڪريان ٿو. ھنن ٻن تعلقن جو گشت مھينو ڪن ڪائي ويو. جڏھن واپس ھيڊ ڪوارٽر

يعني ميرپورخاص آيس. تذهن گشت جو ذڪر محترم محمد هارون ۽ حافظ محمد صادق سان ڪيم. هنن کي ٿر جو احوال ٻڌائيندي عرض ڪيم ته ٿر کي ڪير ٿو ٻر چوي. مون کي ته ٿر هڪ بوستان نظر ٿو اچي. ٿر جا چوُنرا چوُنڪيون، لانڍيون ۽ لوڙها عمدن بنگلن کان به وڌيڪ قدرتي ڪڪائان محلات نظر اچن ٿا. ماڻهن جي ڪجهه قدر ريتن رسمن، ترڻ ۽ ترائين جو ذڪر ڪيم. ۽ يارن کي به ٿر جي تعريف ۾ پنهنجو هنموا بنائي ڇڏيم.

ششماهيءَ جو گشت پورو ٿيو ۽ هيڊ ڪوارٽر ۾ مهينو کن آفيس ۾ رهڻو هو. مسٽر عطا حسين شاهه موسويءَ مون کي چيو ته "عرساتي الله جي آسري تنهنجي همت ۾ ڀروسو رکي مون هڪ ريڊڪراس جو فنڪشن ڪرائڻ جو مس پڪ ۽ انجي دست راست مس برجيس سان وعدو ڪيو آهي. ايفائي عهد لاءِ گرم گرم تياري ڪرڻي آهي. ڏينهن باقي به هفتا بچيا آهن. هاڻي ڏسان ته اسان جو ڪنڌ مٿي ٿو ڪرين يا مون سان گڏ پاڻ کي به ٿو لڄائين."

منهنجو يار محمد هارون به ويٺو هو. ان کي عرض ڪيم ته "اوهان صاحب پانهن سيرانديءَ ڪري آرام ڪيو مان پاڻهي منهن ڏيندس." ڪجهه نظم لکيم. جي شاگردن کي هارمونيم تي ڳائڻ سيکاريا ويا. چند ڊايالاگ صحت ۽ صفائيءَ متعلق لکيم. جن کي اسٽيج تي آڻڻ لاءِ تياريون ڪيونسين. هڪ مقالو لکيم جو مون کي پڙهڻو هو. وقت معين تي، فنڪشن ٿيو. اهڙو فنڪشن جو ميرپورخاص وارن ان کان اڳ ڏٺو به ڪونه هوندو. جڏهن مون آخر ۾ مقالو پڙهيو ته مسٽر نور نبي جو ان وقت ٿر ضلعي جو ڪليڪٽر ۽ فنڪشن ۾ صدارت جا فرائض انجام ڏيئي رهيو هو. تنهن خانبهادر غلام نبي شاهه ۽ مسٽر موسويءَ کي چيو ته "هيءُ ڇوڪرو ڪير آهي ههڙي تقرير جنهن ۾ اقبال جا فارسي اشعار عربيءَ جا مقولا ۽ محاورا ۽ ههڙي شسته زبان مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو آهي. هن ڇوڪري اها لکي آهي يا ٻئي ڪنهن لکي آهي؟" ان تي خانبهادر غلام نبي شاهه ۽ موسويءَ صاحب کلي ڏنو ۽ ٻڌايائونس ته هيءُ اسڪولي ڇوڪرو نه آهي. اسانجو فرسٽ ايجوڪيشنل سپروائيزر آهي ۽ تمام هوشيار ماڻهو آهي تڏهن مس مس هن جي حيرت گهٽجڻ لڳي. جيڪڏهن مان هن فنڪشن بابت وڌيڪ ڪجهه لکندس ته محض خودثنائي ٿيندي جا ڳالهه خود مون کي نه ٿي وڻي. چيو اٿن ته:

> "ثنائے خود بخود کردن، نہ زیبان مرد دانارا،
> زن پستان خود مالد حظوظ نفس کی یابد"

بهرحال دل چوي ٿي صحت بابت هڪڙي ننڍڙي شعر، جو ٻارڙن هارمونيم تي ڳايو هو. ان جون چند سٽون هتي تحفتاً ناظرين ڪرام جي مطالع لاءِ بطوريک مشت نمونه خروار ڏيئي ڇڏيان.

صحت

صحت سان پيدا ٿئي شان زندگي، صحت آ روح زندگي صحت
جي درياءَ جون موجون واه واه۔ صحت آ نت پاسبان زندگي

❑

ميرپورخاص وارو زمانو (٢)

هيڊڪوارٽر ۾ هڪ مهينو جو لازمي رهڻو هو. سو بہ پورو ٿيو. هاڻي سالِيانن امتحانن جي تياري ٿي. انعامي، درسي، ۽ لئبريري ڪتاب جيڪي اسڪول ۾ ورهائڻا هوا. تن جون لسٽون ٺاهيم، ۽ پورا پريم. سامي سفر هليا. ميرپورخاص، حيدرآباد، ڏگهڙي ۽ ساماري تعلقن کي خوب چڪر لڳايم. ڳوٺ ڳوٺ ۾ پنهنجا نقش پا ڇڏيم. معزز ماڻهن سان ملاقاتون ڪيم اهڙا لائق ۽ فائق انسان جن مان هرهڪ بابت گهڻو ڪجهه لکي سگهان ٿو. مگر مجبور آهيان جو قصو طول پڪڙي ويندو ۽ هتي لاءِ گنجائش ناهي. امتحان وٺندو، ماسترن سان ڪانفرنسون ڪندو وڏي شوق سان اڳتي قدم وڌائيندو رهيس. سال ١٩٣٦ع اچي اختتام کي پهتو ۽ سال ١٩٣٧ع جي سدوري سال ۾ پيرُ پاتم. هن سال کي سدورو ان ڪري ٿو چوان جو هن سال جي مئي مهيني ۾ منهنجي شادي خانہ آبادي ٿي منهنجي والده ۽ وڏي همشيره منهنجو رشتو حيدرآباد جي پٽي خاندان مان جوڙيو جنهن جي مون کي خبر ڪانہ رهي جو آئون خانہ بدوشيءَ جي عالم ۾ هوس. ڏگهڙي آيس تہ اتي مسٽر نور محمد پٽي مختيارڪار هو. جنهن مون کي دعوت ڪئي دعوت واري ڪمري ۾ مون کي اهڙي طرح ويهاريو ويو جو پس پرده متصل ڪمري مان اهلِ انساءَ جا ماڻهو مون کي چڱيءَ طرح ڏسي سگهن. مسٽر نور محمد جي اهليہ محترمہ مون کي ڏٺو. هوءَ منهنجي وڏي سالي ٿيڻي هئي. مون کي ڏسڻ بعد هن حيدرآباد پنهنجي والد کي خط لکيو تہ "ادي کي مون ڏٺو آهي بالڪل موچارو نوجوان آهي. منهنجي خاوند سندس ماني ڪئي هئي جو پڻ سندس تعريف ڪري ٿو. رشتو قبول ڪريو ۽ دير نہ ڪريو." مون کي اها خبر بالڪل نہ رهي جڏهن گشت ڪندو يڪبار وري بہ ڏيپلي پهتس تہ مون کي پنهنجي وڏي ڀاءُ جو خط پهتو تہ اسان اوهان جو رشتو هڪ شريف خاندان مان ڪيو آهي، اوهان جي سهري جو نالو ميان عبدالمجيد آهي ۽ مسٽر نور محمد مختيارڪار اوهان جو هم زلف يا سنڍو ٿيندو خط ۾ هن مبارڪ پيغام مون ۾ خوشيءَ جي لهر ڊوڙائي ڇڏي ۽ اها معما حل ٿي وئي تہ ڏگهڙي ۾ آخر منهنجي هيتري خوش آمد برآمد جو آخر ڪارڻ شايد اهوئي هو.

هيءُ اهوئي سال هو جو سنڌ الڳ صوبو ٿيو ۽ اليڪشن جون تياريون ٿيون. مون ووٽرن جي ڇاپي لسٽ کي نظر مان ڪڍيو ڪيترا نالا هندن جا نظر آيم ۽ حيرت وچان پڇا ڪيم تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي چا مسلمانن ۾ هندن جا نالا ڪيئن اچي ويا آهن. مون کي ٻڌايو ويو آهي تہ اهي مسلمانن جا نالا آهن. پلا مان ڪيئن اعتبار ڪريان. لڇمڻ، راميو جهڙا نالا مردن ۾ ۽ ميٺي، جيٺي، هنونا جهڙا نالا عورتن ۾ ڏسي اعتبار بہ ڪيئن اچي. آخر ٻڌائيندڙ مون کي مطمئن ڪيو. چيائون تہ ٿر تي اڪثر تسلط راجپوتن حڪمرانن جو هو. تنهن ڪري "الناس علیٰ دين ملوڪهم" جي مصداق، نالا بہ ماڻهن کي حاڪمن جا پسند هوا. اهي ئي پراڻا نالا مسلمانن ۾ اجا دستور بنيا اچن. بهرحال هاڻي نون نالن ۾ ڪوبہ اهڙو نالو رکيو نٿو وڃي.

ساليانن امتحانن ۾ تمام عجلت کان ڪم ورتو. رات ڏينهن منزلون طئي ڪندو امتحان جلد جلد پورا ڪيم ۽ مائٽن جي مشوري سان هڪ مهيني لاءِ موڪل جي درخواست ڪيم جا فوراً منظور ٿي. هيڊڪوارٽر واپس آيس ۽ موڪل تي لهي هالن ۾ آيس. اُتان حيدرآباد آيس ۽ منهنجي سهري ميان عبدالمجيد سان ملاقات ڪيم. موصوف حيدرآباد جي ضلعي ۾ لئنڊ رڪارڊ آفيس ۾ منشي هو. هڪ بلڪل بزرگ هستي نيڪ نمازي همہ صفت موصوف. سندس بزرگانہ حلم ۽ بزرگيءَ جي ڪهڙي تعريف ڪريان. مون کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. شاديءَ جا ڏينهن ٻَڌا ويا ۽ جون ۾ سادي نموني ۾ منهنجي شاديءَ جي تقريب پڙ سانول شاہ ۾ خير و خوبيءَ سان ٿي گذري. هن وقت تائين جو آئون پاڻ کي اڌورو سمجهندو هوس سو پاڻ کي هاڻي مڪمل انسان سمجهڻ لڳس باقي نيڪ اولاد جي ڪمي رهيل هئي. منهنجي پاڪ پروردگار پورن ڏهن مهينن بعد مون کي هڪ نيڪ صورت نيڪ سيرت ۽ نيڪ اطوار فرزند خالد جي تولد سان پوري ڪئي. خالد اهو نالو سندس والده پاڻ انتخاب ڪيو. خالد هن وقت سينئر سول انسٽرڪٽر جي عهدي تي فائز آهي.

آءُ موڪل پوري ڪري واپس ميرپورخاص ۾ آيس، دوستن وڏيءَ حب مان مون کي لکين مبارڪون ڏنيون ۽ هار پاتا. مون سندن ضيافت ڪئي. مسٽر موسوي منهنجو آفيسر حج تي روانو ٿيو ۽ ڊسٽرڪٽ جي چارج مون کي ملي. مون پنهنجو ڪم سيڪنڊ سپروائيزر جي حوالي ڪيو. خيال ڪيم تہ ٿر ڊويزن جو باقي حصو چاڇرو ۽ ننگرپارڪر تہ گهمي وٺان. ننگرپارڪر وڃڻ لاءِ انوقت جو سهل ۽ آسان رستو هو سو هو گڏڙي روڊ کان سفر شروع ڪرڻ. ميرپورخاص کان بمبئي ميل ان وقت ۵ بجي شام ميرپورخاص کان چئندو هو ۽ گڏڙي روڊ تي رات جو ۴ بجي ڏاري پهچندو هو. گڏڙو ريلوي اسٽيشن جوڌپور اسٽيٽ ۾ هئي ۽ اتان ٦ ميلن جي مفاصلي تي گڏڙو شهر برٽش حڪومت ۾ هو ۽ هينئر پاڪستان ۾ آهي. انهيءَ مفاصلي جي پوري اڌ تي يعني ٽن ميلن وٽ جوڌپور جي حڪومت جي ڪسٽم چوڪي هئي. جتي جانچ پڙتال ڪئي ويندي هئي. گڏڙي جو هيڊ ماسٽر مسٽر نيپراج چارڻ هو. جنهن جي ٺڪرن ۽ راجپوتن ۾ وڏي عزت هئي. گويا اهي سندس مريد يا شش هوندا هوا. ڪيس بندوق جو پروانو بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. مڙس نهايت دلير ۽ باهمت هو. چارٽن جي پاراتي کان نڪر تمام ڏجندا هوا انڪري نڪرن تي گويا سندس قدم جميل هو. گدڙي شهر ۾ کتري قوم آباد هئي ۽ ڄُر جو ڪم بدرجهٔ اُتم ڪيو ويندو هو. ائين چئجي ته اتي جي کترين جو ڏنڊو فقط اهوئي ڪپڙي جي ڄُر جو هو. هتي جا پڪا تڙ ٦٠ پُره چيا ٺني ويا. برخلاف ان جي جو ڏيپلي ۾ فقط ماڻهوءَ جي ڏيڍ قد جيترا تڙ هوا. جيئن جيئن رڻ کي وجبو تيئن تڙ ننڍا. جيئن اتر اوير ڏي وجبو هو ته تڙ اونها ٿيندا ويندا هوا. تان جو جيسلمير ۾ ته گدڙي کان به زياده اونهائيءَ ۽ عمق وارا کوه هوندا هوا.

گدڙي ۾ وڏو اسڪول هو. مون کي به ڏينهن اتي رهڻو پيو. مسٽر نيپراج هڪ مسلمان توبچيءَ کي بندوق ڏني جو تلور ۽ گوڙاٽي جو شڪار ڪري آيو. گوڙاٽون به تلور جهڙو ئي آهي. ان کان علاوه تتر ۽ ٻانيڦر به ماري آيو. جي موج سان کاڌم. گدڙي کان نڪري کينسر اتان ڏاهلي ڏسندو چاچري پهتس. ڏاهليءَ جي نڪرن منهنجي ماني موڪلائي ۽ چانديءَ جي ٿالهين ۾ کاڌو پهچايائون. پنهنجن ٿانون ۾ مسلمانن کي ڪين کارائيندا هوا. سندن عقيدو هوندو هو ته چانديءَ کي چوپ ڪانه ٿي لڳي. باقي ٻين ٿانون کي چوپ لڳي ٿي. باللعجب. بهرحال ماڻهو ويچارا سادا پر محبتي هوا.

چاچرو تر جو مٺيءَ کان پوءِ ٻيو نمبر وڏو شهر آهي. هتي مهاراج پريو لعل، مسٽر نند لعل مؤجود. ايڊيوڪيشنل سپروائيزر جو والد، هيڊ ماسٽر هو. هُو صاحب پنهنجي پر ۾ هڪ وڏو عبادت گذار هو ۽ شب خيز به هڪڙو ئي هو. بندگي هر هڪ بندي تي لازم آهي. چيو اٿن ته:

زندگي بايد براي بندگي
زندگي بي بندگي شرمندگي

پنهنجي منصبي فرائض ۾ ساري عمر ڪڏهن به نه گٿو. مون تمام ٿورا ماسٽر ڏٺا آهن، جي سندس پايه جا هوشيار ماسٽر چئي سگهجن. هتي مون کي ٻي ڏينهن قيام ڪرڻو پيو. جو اسڪول وڏو هو ۽ ستئي درجا هوس. هتان نڪري ڪجهه ڦيري گهيري سان تڙ احمد ۽ ڏاني ڏانڊل کان ٿيندو ويرا واه پهتس. اسڪول ننڍو ليڪن پڪو نهيل هو. ويرا واه تي گهڻو ڪجهه لکي سگهان ٿو. مگر پرهيز ڪريان ٿو. هتي جي سانگاه ڍنڍ ڏسڻ وٽان آهي. هن ڍنڍ جي پاڻيءَ تي ڪڻڪ جو فصل ٿيندو هو. ڍنڍ جو پاڻي پارڪر جي ٽاڪرو ياڳن تان برساتن ۾ وهي هن ڍنڍ ۾ گڏ ٿيندو هو.

ويرا واه کان ننگر پارڪر تائين پڪي پٽرائين زمين سڌي سنئين هلي ويندي هئي ۽ پٽن جو هتي خاتمو ٿي ويندو آهي. ننگرپارڪر ويندي فقط ٻه ميل ننگر کان اوري پوڏيسر جي تاريخي مسجد شريف به اٿ تان لهي چڱي طرح جانچي ڏٺم ۽ اتي جو قبرستان ڏسي حيرت وٺي ويم. خير. ننگر پارڪر آيس. سرڪاري بنگلي ۾ لٿس. ننگرپارڪر جو اسڪول جو پٿر جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نهيل هو. جو ڪارونجهر نڪر مان ئي حاصل ڪيل هو. ويرا واه ۽ ننگر پارڪر جا اصل باشندا جين ڌرم جا هوا. جن جو جداگانه ذڪر ڪرڻ لاءِ الڳ ڪتاب جي ضرورت پوندي. مون سارڊڙو، انجلياس، پيمر گوڏو، صاحب چگو ۽ ٻيا جينن جا آستان بغور مطالع ڪيا. مونندي گوڙيءَ جو مندران جي پرسان پالوا جو گوٺ جتي مارئي وارو کوهه ۽ پٿر جي ڪونڊي جنهن ۾ هوءَ پنهنجي ڇيلڙن کي پاڻي پياريندي هئي، انهن جو درشن ڪري براسته گوڏيار مٺيءَ آيس. سفر کي سفر چيو اٿن. سفر جي صعوبتن کان جيڪا ٿڪاوٽ ٿي هئي سا مٺيءَ ۾ ٻه ڏينهن آرام ڪري دفع ڪيم ۽ موٽي هيڊ ڪوارٽر ۾ آيس. جو آفيس جي ڪم کي منهن ڏيئو هو. پٽن نه فقط هنن چئن تعلقن کي بلڪ عمرڪوٽ تعلقي جي ماٿريءَ کان سواءِ باقي سموري حصي کي ۽ ڪپري تعلقي جي ايرندي ناري جي ٻيءَ پر وارو سمورو علائقو پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو آهي. مون ٿر جي پٽ پٽ ۽ چپي چپي کي ڏٺو آهي جنهن جو هت تفصيل سان ذڪر ڪرڻ جي گنجائش نه آهي. جن به ناظرين ڪرام کي اهو احوال معلوم ڪرڻو هجي، سي ازراه ڪرم منهنجي ڪتاب سير ريگستان جو بغور مطالعو ڪن. ته ٿر بابت مون جيڪا سير حاصل معلومات گڏ ڪئي آهي، ان جو صحيح عڪس ڪين نظر ايندو ۽ اميد اٿم ته آءٌ سندن داد جو حقدار ثابت ٿيندس. ڪيترائي سنڌي آفيسر ٿر ۾ ويا. جن ۾ ڪي چڱا اديب به هوا. مثلاً مسٽر عبدالله چنه، سرشار عقيلي، آغا عبدالنبي وغيره وغيره. پر ڪنهن به صاحب هڪ اڌ مضمون لکڻ کان وڌيڪ تڪليف گوارا نه ڪئي. انهن جي برعڪس مون ٿر بابت هڪ جامع معلومات مهيا ڪرڻ جي جسارت ڪئي. گر قبول افتد زهي عزو شرف.

سال ٣٦_١٩٣٧ع ۽ ٣٧_١٩٣٨ع خير جا گذريا. سنڌ جدا ٿي، سنڌ اسيمبلي ٺهي. ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن سنڌ صوبي لاءِ الڳ مقرر ٿيو. پهريون ڊي. پي. آءِ محترم غلام نبي قاضي ٿيو ۽ ان بعد ڊاڪٽر محمد بن دائود پوٽو هن ڪرسيءَ تي وينو. پير الاهي بخش صاحب محڪمه تعليم جو وزير چونڊيو ويو. بالغن جي تعليم جون تياريون ٿيڻ لڳيون. بالغن جي سينٽرن جو انعقاد ٿيو. پڙهائي لاءِ والنٽيئر مقرر ٿيا. بالغن لاءِ ڪتاب جوڙيا ويا. پورچوگال جون سليٽون ۽ پينون آيون. گاسليٽ جا دٻا ۽ جرمنيءَ جا لالٽين خريد ڪيا ويا. بالغن جو شمار ڪيو ويو مرڪز کوليا ويا. بورڊ ۽ چاڪ مهيا ڪيا ويا. ۽ تڏا نکون اسپيشل آرڊرن تي جوڙايون ويون. مطلب ته لکين روپيه خرچ ڪيا ويا. ڏاڍو جوش و خروش هو. ائين پئي پانيو ساري سنڌ جا اڻ پڙهيل بالغ تعليم جي روشنيءَ سان منور ٿي ويندا. بالغن جي تعليم لاءِ ميدان اگوات سازگار بنائڻ لاءِ جلسا ۽ جلوس ڪڍيا ويا ۽ جتي ڪٿي ڊرامن جو اهتمام ڪيو ويو. هي سڀ ڪجهه پير الاهي بخش جي هدايتن موجب ڪيو ويو. جنهن خوب دورا ڪري هن اسڪيم کي همٿايو مان ملازمن مان هوس منهنجو فرض هو هن اسڪيم کي ڪامياب بنائڻ. ڏاڍي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڍڪ ڍوڙ ڪيم. ڳوٺ ڳوٺ ويس. گهوڙن جي پٺيءَ تي بنيون ٻارا. ٻها پيچرا. اڏول شاخون ۽ واٽر ڪورس ٽپندو رات ڏينهن پاڻ پتوڙيندو رهيس. ڊايالاگ لکيم. راڳ لکيم. جلسا ڪرايم ۽ جلوس ڪڍايم ماسترن جي دل ۾ علم جو روح ڦوڪيم. سندن مدد ورتيم. ڏاڍي واهه واهه ٿي. سال ١٩٣٩ع ۾ تعليم بالغان عمل ۾ اچي وئي. مسٽر عثمان علي انصاري جو پاڻ هڪ اعلىٰ اديب هو تنهن مون کي سڏايو. ۽ چيائين ته "عرسراٽي هي ڊايالاگ ميمڻ محمد صديق لکيا آهن تن ۾ رڳو سنڌي مسلمان کي بڇڙو ڪيو ويو آهي. زميندارن ۽ وڏيرن کي هڪ حد درجي جو احمق ڪري ڏيکاريو ويو آهي. جا ڳالهه مون کي نٿي وڻي. ازانسواءِ اهي ساڳيا ڊايالاگ جتي ڪٿي ڪيا پيا وڃن. مان نئين شيءِ پيدا ڪرڻ گهران ٿو. مسٽر انصاري تنوع پسند ۽ نئين پيشڪش جو قائل هو. مون عرض ڪيو ته سائين پوءِ مان ڇا ڪري ٿو سگهان. گورنمينٽ اهي ڊايلاگ ڇپائي سيني اسڪولن ۾ موڪليا آهن ته اهي اسٽيج تي آندا وڃن. مان بي وس آهيان. اوهان سان بالڪل اتفاق ڪريان ٿو. پر بي وس ائن بار ڇڏيا آهن. اوهانجو جيڪو حڪم هجي بندو ان جي تعميل لاءِ حاضر آهي. مسٽر محمد صادق حافظ. مسٽر غلام حسين جعفري موجود هوا. انهن سيني جي اها صلاح بيني. ته آئون هڪڙو پورو ڊرامو لکان. جنهن جو خاص ٿر جي ياڳي سان تعلق هجي. ته اهو گورنمينٽ مدرسي هاءِ اسڪول ۾ اسٽيج تي آڻجي. انصاري صاحب جا حڪم نادري هوندا هوا. فرمايائين ته مون کي ٻن ڏينهن ۾ ڊرامو ڪپي ته اسين تيار ڪرايون. گوڏو پيچي لڪڻ وينس. هڪ رات سياري اوجاڳو ڪري ڪم کي اچي سنئون ڪيم. ڊرامو تيار ٿيو. ڪيس ڏاڍو وڻيو. ڊرامي جو نالو ڪونه لکيو هوم. چيائين ته نالو ڇا تجويز ڪيو اٿئي. مون عرض ڪيو ته ڪو ڪم اوهين به ته ڪريو. اهو اوهان صاحبن تي ٿو ڇڏيان. پاڻ فوراً چيائون ته "نالو رکينس بدنصيب ٿري" پسند آيم ۽ ائين ڪيم.

ڊرامي ۾ ٿري تلفظ ڪم آندو هوم. مدرسي ۾ ٿر جا شاگرد ڪافي هوا. هيرو چنيسر، حبيب الله ميمڻ ڊيپلائي ٿيو جنهن ڪمال جو مظاهرو ڪيو. مسٽر نورنبي اجا تائين هتي ڪليڪٽر هو. موصوف صدارت ڪئي. ڊرامو ڏسي تحسين جا ڪلما بلند ڪيائين. البته ڪيس هڪ ڳالهه ناگوار لڳي اها هئي هڪ اشتهاري نيم طبيب جو ڪئريڪٽر جو پنجابي هو. بهرحال "سيچ تا مرد چون ڪنهن کي وڻي نه وڻي، دم دوستيءَ جو وري ٻٽي نه ٻٽي." ڊرامو پنهنجي پرتپاڪ شان و شوڪت سان اسٽيج تي اچي ڇڪو هو جو جيئن جو تيئن ٿي گذريو. انصاري صاحب جي واهه واهه ٿي ۽ منهنجو نالو وڏيڪ چمڪڻ لڳو هيءُ ڊرامو سنڌي زبان ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي ۽ منهنجي دعويٰ آهي ته اهڙي پايه جو ڊرامو اجا سنڌي زبان پيدا نه ڪيو آهي. اهوئي سبب هو جو سنڌي ادبي صلاحڪار بورڊ مون کان اهو ڊرامو گهري ورتو ۽ مون کي ادائي سؤ روپيه انعام ۽ هڪ سؤچيل ڪاپيون تحفه طور ڏنيون ويون. هينئر اهو سنڌي ادبي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بورڊ مون کان وني پنهنجي نامور اداري جي سرپرستيءَ هيٺ ڇپايو آهي. ڪتاب جون ڪم از ڪم پندرنهن ايڊيشنون ڇپجي چڪيون آهن.

بالغن جي تعليم جو حشر ڪهڙو ٿيو. ان ڳالهه پر مان وڃڻ نه ٿو گهران بهرحال انگ اکر چڱا ڏيکاريا ويا ته پير صاحب جن جي ڪوشش ۽ علم دوستيءَ تي آنچ نه اچي. سال ١٩٤٠ع پر ڊسٽرڪٽ اسڪول بورڊ کان آفيسرن جي ملازمت جون واڳون سنڌ حڪومت ورتيون. بورڊ اجا قائم رهندا آيا. ليڪن آفيسرن جو مقرر بدلي سدلي سڀ سنڌ گورنمينٽ جي حوالي هئي. مڪمل ڪنٽرول ماسترن ۽ اسڪولن وغيره جو سال ١٩٤٨ع پر ورتو ويو. جڏهن ته ائڊمنسٽريٽر آفيسر جو عهدو تبديل ڪري اصلوڪو نالو ڊپٽي ايڊيوڪشنل انسپيڪٽر رکيو ويو ۽ مان انهيءَ سال گزيٽيڊ پوسٽ تي مقرر ٿيس. ان وقت ڪلاس ٿو جو شروعاتي پگهار ١٧٠ روپيا هو. جو آهستي آهستي ٠ــ٢٠٠ ٿيو ۽ پوءِ اڍائي سؤ تائين وڌايو ويو. سال ١٩٤٠ع ۽ ١٩٤٨ع جي درميان ٻه ٽي جڻا منهنجا ائڊ منسٽريٽو آفيسر ٿيا. جن مان مسٽر عزيزالدين احمد فاروقي قابل ذڪر آهي. حڪومت جو ضابطو عمل پر اچڻ سان بدلين جو سرشتو شروع ٿيو. مسٽر موسوي سکر هليو ويو. مسٽر فاروقي ترپارڪر تي مقرر ٿي آيو. مسٽر حافظ کي پروموشن مليو ۽ جيڪب آباد ائڊمنسٽريٽو آفيسر ٿي ويو جعفري صاحب نواب شاه راهي ٿيو. ڪٿو ڪٿو ٿي ويا. باقي مسٽر محمد هارون منهنجو عزيز دوست ۽ مان ميرپور پر ئي رهياسين. مسٽر فاروقي جو مون تي ڪلي اعتماد هو. منهنجي راءِ کي پنهنجي راءِ تي هميشه ترجيح ڏيندو هو. ڪو به ڪم منهنجي مشوري بغير نه ڪندو هو. گشت پر مون کي ضرور پاڻ سان ڪندو هو منهنجا دوست حافظ صاحب خوجا صاحب ۽ جعفري صاحب عجب ڪائيندا هوا فاروقي توسان ڪيئن نهيو آهي؟ جو ته اهي ٽيئي صاحب نوشهري مدرسي پر فاروقي صاحب جي زيادتين جا شڪار ٿيل هوا. مون انهن دوستن کي چيو ته اوهان سندن مقابلو ڪندا هوا ۽ مان نرميءَ جو طريقو اختيار ڪندو آهيان. بقول سعدي سڳورو.

به تندي و تزشي نيايد بکار
نه نرمي بر آيد ز سوراخ مار

منهنجي هوشياريءَ ۽ چڱي منتظم هئڻ جي هر هنڌ هاڪ پئجي ويئي. مخدوم غلام حيدر صاحب منهنجي پير الاهي بخش کان گهر ڪئي ته محمد اسماعيل آهي به انهان جو هالائي. مون کي ڪجهه وقت ڏي ته منهنجو هاءِ اسڪول جو ملا مدرسو ٿي ويو آهي. ان جون حالتون درست ڪري. اهو سال ١٩٤٤ع هو. جڏهن آئون مخدوم غلام حيدر ميونسپل هاءِ اسڪول هالا جو هيڊماسٽر ٿي ويس. منهنجي ملازمت فارين سروس شرائط تي حاصل ڪئي ويئي. مان سلسلئ بيان کان گهڻو اڳيرو نڪري ويو آهيان. انڪري وري پٺتي موٽان ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سال ١٩٤٠ع ۾ مون کي بفضل ايزد تبارڪ و تعاليٰ پيو فرزند ڄائو. جنهن جو نالو منظور احمد رکيو ويو. هينئر هو ڪئپٽن ڊاڪٽر منظور احمد آهي ۽ ابوظهبي ۾ ملازمت ڪري پيو. ائين چوڻ ته درست ناهي ته سال ١٩٤٠ع هڪ ڀاڳو سال هو. ڇاڪاڻ ته ڏينهن مهينا ۽ سال سڀ الله تعاليٰ جا آهن ته انهن ۾ فرق ڪري سگهجي. مگر سچ پڇو ته منهنجي لاءِ هيءُ سال وڏي بدبختيءَ جو هو. جنهن مونکي هڪ وڏي صدمي سان دوچار ڪري ڇڏيو ۽ منهنجي دنيوي جنت جو نقشو بدلائي منهنجي لاءِ ساري دنيا ڪاري ڪري ڇڏي. منهنجي نور کي ظلمات ۾ تبديل ڪري ڦٽو ڪيو. منهنجون خوشيون غمن ۾ ۽ راحت مصيبت ۾ بدلائي ڇڏي. منهنجو آرام دل ۽ سڪون قلب پاش پاش ٿي ويو. منظور احمد اڃا مهيني جو مس ٿيو هو ته منهنجي پياري اهليه بيمار ٿي. اسين هالن ۾ هواسين. علاج معالج ڪيا ويا. ڪجهه ڊاڪٽرن جي غلطي ۽ ڪجهه تقدير جي مذاق. "مرض بڑھتا گيا جوں جوں دوا کی" ڪجهه فائدو نه نظر آيو مگر "تدبير کند بنده تقدير کند خنده" مشيت ايزديءَ کي پيو ڪجهه منظور هو. حيدرآباد علاج لاءِ آياسين. واٽ تي موٽر ۾ مون کي چيائين ته پاڻ کي ڏينهن لڳندا. انهن لفظن جو ٽي دفعا تڪرار ڪيائين. مون ڪيس چيو ته پياري انشاءالله تعاليٰ ته حيدرآباد پهچڻ بعد حيدرآباد جو پاڻي پيئندينءَ ته هڪ ڏينهن ۾ عافيت ٿي ويندي.

ان تي ٽورو مرڪيائين. ڊاڪٽر ٺارومل ملڪاڻيءَ جي دوا ڪئيسون. حالت بگڙندي ويئي. ٽئين ڏينهن صبوح جو داعي اجل کي لبيڪ چئي مون کي اوچتگارن ۾ ڇڏي راهي ملڪ عدم ٿي. انا لله و انا اليه راجعون. سندس تڪفين ۽ تدفين سندس آبائي قبرستان ۾ ٿي ڪئي ويئي. منهنجي مٿان ديوانگيءَ جي حالت طاري ٿي ويئي. عزيز و اقارب مون کي خدا ياد ڏيارڻ لڳا. صبر جي تلقين ڪرڻ لڳا. رسول عربي ﷺ ۽ ٻين دنيا جي جليل القدر هستين جو موت ياد ڏيارڻ لڳا. دنيا دارالفنا آهي نه ڪير رهيو آهي ۽ نه رهندو.

لازم ہے بشر کو خيال قضا رہے
ہم کيا رہينگے جب نہ رسول خدا رہے

مون کي ڪٿي ٿي تڪسين اچي. مرحوم جا خطوط جي هوءَ مون کي لکندي هئي، جي اڄ به مون وٽ اول کان آخر تائين موجود آهن. اهي ڪڏهن روئيندو پڙهندو ۽ انهن کي چمندو رهيس. دوست فاتحه تي آيا تن کي ملڻ کان ڪناره ڪش رهيس. آخر ڇا؟ جيڪي ٿيڻو هو سو ٿيو. انهيءَ ساري ملال جو علاج فقط صبر ۾ هو. بي صبري خدا ذوالجلال کي پسند نه آهي. جيڪي اشعار سندس حياتيءَ ۾ مٿس لکيا هئم، اهي ڪڏهن پڙهڻ لڳس ۽ زارو قطار آنسون وهايم. سندس وفات حسرت آيات تي هڪ فارسيءَ ۾ شعر لکيم. جو هالن مان ڪاشيءَ جي هڪ مصلي تي لکائي سندس قبر تي ڪتبه طور نصب ڪرايم. صبح شام سندس قبر تي قرآن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڪ جو دؤر ڪندو رهيس. سندس مغفرت لاءِ دست بدعا ٿيندو رهيس. هڪ مهينو مڪمل موڪل ورتم جا ختم ٿي. ان جو منهن جنب ڏانهن. سري انهن جي سر وٺي ويا جيئرن جي ڪٽي ٿي سري. تنازعة البقا جو مسئلو ڪنهن کي ٿو ڇڏي. يادگيريون انديون هيون ته زاروقطار روئي دل تان بار هلڪو ڪندو هوس. مرحوم جيڪا امانت. فرزندن جو جوڙو مون وٽ ڇڏيو هو تن جي انتهائي پيار ۽ محبت سان پرورش ڪرڻ لڳس. اڄ هو چڱي روزگار سان آهن. شادي شده آهن، ٻچن جا پيءُ آهن. خداوند انهن کي سلامت تا قيامت رکي. آمين.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميرپورخاص وارو زمانو (٣)

منهنجي اهليه جي وفات جو مون کي جيڪو شاق پهتو تنهن منهنجي ڪمر ڀڃي وڌي. ويڳاڻو ۽ وياڪل رهندو هوس. ڪا به ڳالهه يا ڪو به حيلو منهنجو زخم رفو ڪري نه ٿي سگهيو. يار دوست مون کي اڪيلو نه ڇڏيندا هوا ۽ منهنجي دل پرچائڻ لاءِ ڪي نه ڪي تدبيرون سوچيندا هوا ۽ مون کي وندرائڻ لاءِ پنهنجا سڀ وسيلا ڪم آڻيندا هوا. آئون به پاڻ کي پاڻهي دلداريون ڏيندو هوس ته اسماعيل اهي به پٽڙا پنهنجي امانت تو وٽ ڇڏي ويئي آهي. انهن جو خيال به آخر ته توکي ئي ڪرڻو آهي. الله جي مشيت کي ڪير ٿو آڏو اچي سگهي.

با قضا نيست چاره تدبير

بفضل الله مايشاءُ قدير

خير وقت پنهنجي هر زخم رفتي رفتي ميٽجڻ لڳي ٿو. صوم صلوات تي پوريءَ پابندي سان مستحڪم رهيس. الله تعالىٰ غفورالرحيم آهي قلب ۽ دل و دماغ کي سڪون بخشيائين. طوفان کان پوءِ سانت اچي ٿي. وري دنيا جي ڪاروبار ۾ لڳي ويس جوندا آهن ته سري اُنهن جي، جي هن دنيا مان هليا ويا. جيئرن جي ڪٿي ٿي سري!

مان مٿي اظهار ڪري آيو آهيان ته گورنمينٽ تعليمي آفيسرن جو ضابطو ١٩٤٠ع کان پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو. اڳي ته جو جتي هوندو هو سو تتي. بدلي سدليءَ جو ڪو به شانبو ڪونه هو. ڪنٽرول کڄڻ سان ٺاڪوڙو پئجي ويو. هڪڙا دوست جن جو مٿي ذڪر ڪيو اٿم، پروموشن وٺي ويا. دل وارا دوست جن کان سواءِ ساعت نه سرندي هئي. هتي فقط برادرم محترم محمد هارون ۽ مان وڃي رهياسين. دل چيو ٿي ته مون کي هٽ ڪونه لائيندو جو مان ٿر ضلعي ۾ نهايت مقبول هوس ۽ سارو ضلعو مون کي چاهيندو هو. پر

من درچه خياليم فلک درچه خيال

کارے که خدا کند بنده راچه مجال

ڊاڪٽر دائود پوٽو اسانجو ڊي.پي آءِ مقرر ٿي آيو. اهو دائود پوٽو جنهن بئندرا (بمبئي) ۾ مون کي پنهنجي گهر رهايو، ماني کارائي، هٿن سان پلنگ تي پيل اڌ ميري چادر لاهي، ڏوتل

چادر پکيڙي. ڏوتل تڪيه ڪور چاڙهي منهنجي سمهڻ جو مڪمل انتظام ڪيو ۽ اهڙيءَ طرح خاطرداري ڪئي جهڙي ڪنهن پنهنجي وڏي دوست يا عزيز جي ڪجي. اهوئي ڊاڪٽر دائودپوٽو جنهن سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ پرنسيپاليءَ جي زماني ۾ مون کان سنڌ مدرسي لاءِ هڪ ترانو لکايو ۽ جڏهن به مان وٽس ويندو هوس ته مون کي وڏي عزت ۽ محبت سان ڏسندو هو. اهوئي دائود پوٽو جو ڊي. پي . آءِ ٿيو ته شروعاتي ڪجهه وقت مون کي برادرم عرساڻي، برادرم عرسانيءَ کان سواءِ ٻئي نالي سان هرگز مخاطب نه ٿيندو هو. سو صاحب منهنجي بدقسمتيءَ سببان مون سان في سبيل الله اچي بگڙيو. حقيقت هن ريت هني، ته مسٽر فاروقيءَ سان سندس اڃي عداوت پيئي مون مٿي ذڪر ڪيو آهي ته مسٽر فاروقيءَ سان منهنجا چڱا تعلقات هوا. ڪن ڪارو ڪبڙن ڪيس ٻڌايو ته مان ڪيس خوب رسايون ٿو ڪارايان ۽ هن سان بالڪل دو جسم يڪ جان آهيان. ڊاڪٽر صاحب کي مون ۾ هرڪا اميد هئي ته هو جيئن چاهيندو تيئن آءٌ ضرور ڪندس. موصوف ڪپري جي پي. ڊبليو. ڊي بنگلي ۾ منزل ڪئي. مان سندس هم رڪاب هوس. رات جي ماني نماز مغرب بعد فوراً ڪاڏيسين ۽ بنگلي واري لان تي چهل قدمي ڪندا رهياسين. ڊاڪٽر صاحب موصوف مونکي ڳرهاڻڙي پائي مسٽر فاروقيءَ جو ذڪر جيڙيو جو تمام طويل ٿي ويندو ۽ هتي حرف بحرف لکڻ روا به ناهي. مقصد اهو هوس ته آءٌ ڪيس اهڙو بيان ڏيان ته فاروقي صاحب رشوت ۽ رسائي وٺي ٿو. هن صاحب مون کي ٻين ٻن آفيسرن جا اهڙي قسم جا بيان به ڏيکاريا. مان خاموشيءَ سان ٻڌندو رهيس ۽ آخر ۾ ادب ۽ نوڙت سان عرض ڪيم ته مان ڪوڙ نه ڳالهائيندس.

سچ کہتا ہوں کہ جھوٹ کی عادت نہیں مجھے

فاروقي ڀل ته ذات سنڌي جو دشمن هجي، مگر مان ڪوڙو بيان ڏيڻ کان هٿ ٻڌي معافي گهران ٿو. البته منهنجي اهڙي جواب ڊاڪٽر صاحب کي ناراض ڪري وڌو ۽ ڊاڪٽر صاحب جو ڪراچي ۾ پهچڻ ۽ منهنجي لاءِ مصيبت جو دؤر شروع ٿيڻ. سال سوا جي عرصي ۾ منهنجون ڪل نو بدليون ٿيون. اسنٽ ماسٽر ٽريننگ ڪاليج فارمين، (حيدرآباد) نواب شاه ۾ اسسنٽ ڊپٽي ايڊيوڪيشنل ملا لائين، سپروائيزر نواب شاه اسڪول بورڊ وغيره وغيره ١٩٤٣ع کان ١٩٤٤ع تائين منهنجو پير پٽ تي ڪونه هو. "ميان جي مڏي به ڏنڊ نين تڏي"، مان پنهنجو بسترو بوريا ويڙهيو وينو هوندو هوس ته وري ڪٿي جو ٿو حڪم ملي. گهڻن دوستن صلاح ڏني ته ڊاڪٽر صاحب ڪنن جو ڪچو آهي. ڪن ماڻهن ڪيس برغلايو آهي. اوهان لاءِ عزت اٿس. اوهان روبرو ڪيس ملي پنهنجي پوزيشن صاف ڪريو. مگر مون کي هيءَ صلاح اصل نه آنڙي ۽ چيم ته:

بيا اے ستمگر ہنر آزمائيں، تو تير آزما ہم جگر آزمائيں

منهنجو بسترو گول آهي. سنڌ جا ست ضلعا ۽ انهن جي پکيڙ ساري پيئي اٿم پيش نہ پوندس پاڻ کي وڏيک هرگز ذليل نہ ڪندس.

وه اپني خو نہ چھوڑیں گے، ہم اپني وضع کیوں .بدليں
سبک سر بن کے کيوں پوچھيں، کہ ہم سے سرگراں کيوں ہو

جيڪڏهن علامہ سخت گير آهي تہ عرساڻيءَ جهڙو سخت جان بہ ڪيس نہ ملندو. جيترا تير ترڪش ۾ هجنس اهي پلي تہ مون ذي اجلي آزمائي ڊاڪٽر صاحب جڏهن ڏٺو تہ مون سندس اڳيان هرگز گوڏا نہ کوڙيا تہ پوءِ ٽارو شاهہ اسڪول جي هڪڙي هيڊ ماسترکان مون تي ڪاڏي جو بل پورو نہ ڏيڻ جي الزام هيٺ انڪوائري ڪرايائين. اول اول هن ڊاڪٽر گرمکداس لکاڻيءَ کي ان مهم لاءِ مقرر ڪيو. هو منهنجو ڪلاسي هو ۽ برک دوست هو. جا ڊاڪٽر صاحب کي خبر نہ هئي: هن صاحب انڪار ڪيو. ان بعد موسوي عطا حسين شاهہ کي مقرر ڪيائين موصوف بہ انڪار ڪيو. آخر شيخ ڪريم بخش کي ان ڪم تي مامور ڪيائين. پاڻيءَ تي چٽ بيهي سگهندو. ماستر خدابخش ڪوڙو هو ليڪن مسلمان هو. ڪاش! هندو ماسترن شيخ صاحب کي پري پري بيان ڏنا تہ ههڙو آفيسر ايماندار ۽ لائق هوشيار ۽ قابل هن کان اڳي اسان نہ ڏٺو آهي. واري سنڌو ڪوٽ اڏي اڏبو ڪيترو. ڪجهہ عرصي بعد اهو ماستر قتل ٿي ويو ۽ سندس ٽڪرا ٽڪرا ڪري لاش کي برانچ ۾ لوڙهي ڇڏيو ويو. الله تعالیٰ شال مرحوم کي مغفرت ڪري آمين ثم آمين.

قصو ڪوتاه مون مٿي ٻڌايو آهي تہ مخدوم غلام حيدر صاحب هالن هاءِ اسڪول لاءِ منهنجي گهر ڪئي ۽ ڪجهہ وقت منهنجي جان ڊاڪٽر صاحب جي دست درازين کان آزاد رهي ۽ سک جو ساهہ پٽيم. مخدوم صاحب مون کي ٽن مقصدن سان گهرايو هو. پهريون تہ اسڪول جو انتظام درهم برهم ٿي چڪو هو ان کي اڳڙي وجهان. ٻيو سندرداس نالي فرسٽ اسسٽنٽ سينيارٽيءَ موجب هيڊ ماستر ٿيڻ وارو هو. سو نہ ٿئي ۽ ٽيون تہ آءٌ ايترو وقت اها جاءِ روڪي وهان جيستائين مسٽر غلام رضا پٽو جو مخدوم جو منظور نظر هو سو بي.اي ۽ ايس ٽي سي پاس ڪري وٺي. جنهن لاءِ کيس علي ڳڙهہ ايڪسٽرنل اميدوار ڪري موڪليو ويو هو. اهي ٽيئي ڪم پورا ٿياءِ ڏيڍ سال بعد سال ١٩٤٥ع ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽي مون کي وري ٽر واپس ڪيو. هن مون کي پاڻ وٽ گهرايو. مون کي پرچايائين بلڪ معافي ورتائين ۽ چيائين تہ اسان جامعہ عربيہ قائم ڪرڻ گهرون ٿا. وڏيرو سائينداد چورو اوهان جو گهاٽو دوست آهي. اسان کي جامع لاءِ ڪانئس پنج سؤ ايڪڙ زمين وقف طور وٺي ڏيو. جينن تہ ڪم تمام نيڪ هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سائين رئيس سائينداد جي خدمت ۾ پٽوري ويس. هو ويچارو لاولد هو ۽ وڏو زميندار هو. بيمار رهندو هو. ڊاڪٽر حاجي غلام مصطفيٰ آرائين جو سندس علاج بلڪ تيمارداري به ڪندو هو ان سان. مليس، مشورو ڪيوسين. ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ اڳي ئي اهڙن نيڪ ڪمن جو ڪوڏيو هو. رئيس صاحب جي خدمت ۾ وياسين ذڪر چوريوسين. خدا رحمت ڪريس جواب ۾ چيائين ته "مان نڪا سمجهان جامع نڪا ٻي ڳالهه مون اوهان کي زمين ڏني. مون کان لکائي وٺو ۽ جلد لکايو. جيڪڏهن جامع هتي پٽوري ۾ قائم ڪريو ته هر سال ٻارهين مهيني جو ان، گوشت لاءِ ڇيلا، پنهنجي مال جو کير، غريبن لاءِ بافتي جا ڪپڙا به ڏيندو رهندس". الله تبارڪ تعاليٰ هن سخي مرد جي قبر کي نور محمدي سان روشن رکي. آمين.

ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ ۽ آئون گڏجي حيدرآباد آياسين. علي اڪبر شاهه ۽ خانبهادر محمد صديق ميمڻ سان ملياسين. انهن کي ۽ قبضي نويسن کي ساڻ آندوسين. ڪم منٽن ۾ لهي ويو ڊاڪٽر دائودپوٽو ته خوشيءَ ۾ ڪپڙن ۾ نه پئي ماپيو. اسان تان بار بار فدا پيو ٿئي. جامع عربيه ته علي اڪبر شاهه حيدرآباد ۾ حاجي ڏوسل بلڊنگ متصل جامع مسجد صدر ۾ قائم ڪئي، پر ڏوڪي طور هڪ پرائمري اسڪول پٽوري ۾ کوليائون انهيءَ دم دلاسي سان ته آهستي آهستي ان کي وڌائي عربي مدرسو ۽ پوءِ جامع جو درجو ڏنو ويندو. اسڪول لاءِ جاءِ به رئيس سائينداد بنا مسواڙ ڏني. سوال رهيو ته چوڪرا ڪٿان اچن. اهي مون پٽوري اسٽيشن پرسان اڪڙي ڳوٺ مان آندا. تن جون، ميز ڪرسيون، نقشا چارٽ وغيره ۽ ڪافي ڪتاب اسٽيشنري سرڪاري اسڪولن مان ڊاڪٽر دائودپوٽي جي اجازت سان ڪيائي، اسڪول کي آراسته ڪيوسين. ماني ئي ويلا شاگردن کي رئيس صاحب کارائيندو هو. علي اڪبر شاهه به ماڻهو مقرر ڪيا. هڪ مولوي عرض محمد ۽ ٻيو ملا محمد صديق ماستر. مان چاڪيءَ جي ڏاند وانگر ڦري ڦري گهاٽي ڏاري پنهنجي فرض منصبيءَ سان ايندي ويندي اسڪول جي نگراني ڪندو هوس. چوندا آهن ته "جت گدري جي ڦار تان ڪهاڙيون ايپون ڪن". مانيءَ تان ٻني مولوي عرض محمد ۽ محمد صديق جي رسه ڪشي شروع ٿي. وڙهي ڊانگا ٿي پيا علي اڪبر شاهه مون کي لکيو ته انڪوائري ڪري پنهنجي رپورٽ موڪليو. انڪوائري ڪئي ويئي. سمورو الزام مولوي عرض محمد تي ثابت ٿيو جو علي اڪبر جو خاص ماڻهو هو. مولوي عرض محمد، علي اڪبر شاهه کي بڌايو ته عرساڻي ۽ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ رئيس سائينداد کي پڙڪائي رهيا آهن ته اوهان امداد بند ڪريو جو جامع عربيه وارن وعده خلافي ڪئي آهي، ۽ جامعه حيدرآباد ۾ قائم ڪئي اٿن. علي اڪبر شاهه ڊاڪٽر دائودپوٽه کي برغلايو ۽ "جهل ٻني آئي ڪني" اسان جي حلقهءِ احباب ۾ اوچتو ٽرٽلو مچي ويو. علي اڪبر شاهه ڊاڪٽر صاحب ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيا چند اشخاص حڪومت جو دروازو کڙڪائي چوڻ لڳا ته اسان جي جامع کي نقصان پهچائڻ لاءِ محمد اسماعيل نون، مختيارڪار ساماري، آغا خان محمد ايگريڪلچر انسپيڪٽر، ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ، ميڊيڪل آفيسر پٿورو ۽ عرساڻي حرڪتون ڪري رهيا آهن" انهن جون بدليون ڪيون وڃن. ڊاڪٽر غلامي مصطفيٰ جو هن وقت مدينه شريف ۾ سڪونت پذير آهي ان کي جيڪب آباد موڪليو ويو ۽ ٻين کي جدا جدا سمتن ۾ روانو ڪيو ويو. رئيس اعظم ۽ وڏيري سائينداد، ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ کي چيو ته توهان سرڪاري نوڪري ڪرڻ کان مستعفي ٿي وڃو. مون کي اسپتال جي عمارت جو هڪ نقشو ٺهرائي ڏيو، مان اوهان کي اسپتال هتي ٺهرائي ڏيان جا اوهان جي ملڪيت هوندي مون کي ڇڏي نه وڃو. ڊاڪٽر چيو ته مون کي خداوند ڪريم هٿ پير ڏنا آهن، آءٌ سيڪجهه ڪمائي سگهان ٿو. اوهان وٽ جيڪب آباد کان هفتي هفتي چوندا ته ايندو رهندس مگر مون کي اجازت ڏيو ته هنن چڱن مڙسن جو پنهنجي بدليءَ جي جاءِ تي وڃي نفس ٺلهو ڪريان ۽ هنن منهنجي بدليءَ لاءِ جيڪا ڪوشش ۽ محنت ڪئي آهي تنهن ۾ سندن ڪاميابي ٿئي.

هن دفعي منهنجي بدليءَ تي ٿرپارڪر جون سربرآورده شخصيتون سخت برهم ٿيون ۽ وفدن جا وفد پير الاهي بخش وٽ ويا ۽ منهنجي بدلي رد ڪرايائون. ١٩٤٢ع کان ١٩٤٩ع تائين آءٌ آرام سان ٿر جي گوشه گوشه جي خدمت ڪندو رهيس. ١٩٤٨ع ۾ مون کي گزيٽيڊ پوسٽ ملي ۽ ٿرپارڪر جو ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر ٿيس. بهرحال دائود پوٽي جيڪي مون کي تڪليفون، اذيتون ۽ ذهني پريشانيون ڏنيون تن مون ۾ پست همتي ته پيدا نه ڪئي بلڪ منهنجي همت ۾ تقويت آندي. مون مان احساس زيان نڪري ويو ۽ چيم ته: "ہرچه باداباد ماکشتی درآب انداختیم". ۽ زبان تي هي شعر بار بار اچڻ لڳو ته:

سرفروشی کی تمنا اب ہمارے دل میں ہے
دیکھنا ہے زور کتنا بازوئے قاتل میں ہے

سال ١٩٤٢ع ۾ قاضي فضل الله ايڊيوڪيشن منسٽر هو. هن صاحب به پير صاحب جي نقش قدم تي هلي بالغن جي زوري تعليم رائج ڪئي. مون کي ته خبر هئي ته انجو ڪهڙو حشر ٿيندو. صرف ڦڪا ڪانا چوسنا هوا. جن مان نه هڙ نه حاصل مگر حڪم جي تعميل ڪرڻي هئي. ڪيترن غريبن تي ڏنڊ وڌا ويا ۽ ڪن کي هفتو به هفتا جيل ۾ به اماڻيو ويو. ڊاڪٽر دائودپوٽي بالغن جو ڪتاب پاڻ لکيو. ناتجربه ڪاريءَ جي سبب اهڙو ڪتاب لکائين جو سمجهه ۾ نه ٿي آيو ته ٦ مهينن ۾ اهو ڪيئن پورو ٿيندو. ٻه مهينا ته حالتون سازگار ۽ زمين هموار بنائڻ ۾ لڳي ويا. ڊاڪٽر صاحب بالغن کي ٦ مهينن ۾ عالم بنائڻ ٿي گهريو. ڪتاب جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پچاڙيءَ ۾ قرآن پاڪ جون چند آيتون ڇپايون ويون هيون جي بہ بالغن کي پڙهائيون هيون. منهنجي بدنصيبي اهڙي جو ڪيري ۾ مولوي محمد علي ۽ ٻيا ڪاوڙجي پيا ڇو تہ اهو ڪتاب پنگين کي بہ مليو. جي ڪرفتيءَ جي ڊبي سان گڏ ڪٺي پئي هليا. قرآن جي بي حُرمتي ٿي. ويتر جو ڪتاب ۾ هڪ لفظ سوئر سيڪارٽو هو. ان ڪري سوئر جي تصوير بہ ڏني ويئي هئي، جا مسلمانن کي ناگوار لڳي. ڳالهہ اخبارن ۾ آئي ميٽنگون ٿيون. منهنجي لاءِ شديد مٽي جو سور پيدا ٿي پيو. قاضي عبدالغني جو ان وقت ڊاڪٽر صاحب جو پي. اي هو. تنهن اها ڳالهہ سندس دماغ ۾ وڌي تہ اهو سڀ هنگامو عرسائيءَ ڪرايو آهي، ورنہ ٻيو سنڌ ۾ ڪٿي بہ اهڙي وٺ پڪڙ نہ ٿي آهي. ڊاڪٽر صاحب ان تي ڳنڍ ٻڌي ٻيٺو. مون کي گهرايائين سمجهايومانس تہ عام مسلمان سوئر جو نالو بہ نہ وٺندا آهن ۽ ان کي مرون چوندا آهن. ڪتاب ۾ اهڙو لفظ ڏيڻ واقعي اعتراض جهڙو آهي. ڊاڪٽر صاحب وراڻيو تہ مون کي الف همز ہ ڪنهن لفظ جي وچ ۾ سيڪارٽو هو. جنهن لاءِ مون کي ٻيو ڪو بہ لفظ نہ مليو. مون فوراً عرض ڪيو تہ سائين "جوئر" لفظ ان جو نعم البدل آهي. تصوير جوئر جي ڪانن جي ڏيکارجي ها. فرمايائين تہ هاڻي ان ۾ ڪا اگهڙي وجهہ مان ڪيري ويس. مسٽر برڪت علي شيخ مختيارڪار هو. ميٽنگ ڪيم ۽ ان کي ٻڌايم. تقرير ڪيم. مولوين کي ڇانهہ پياريم ۽ فيصلو ڪيوسين تہ ڪتاب جن ۾ تقسيم ٿيا آهن تن کان واپس ونجن ۽ سوئر لفظ واري خاني مٿان تصوير سميت هڪ ڪاغذ جي چنڪي چسپان ڪري مٿان لفظ جوئر جو لکجي سڀ راضي ٿي ويا ۽ جهڳڙو ختم ٿيو.

سال ١٩٤٧ع ۾ اسان جو وطن پاڪستان وجود ۾ آيو. سيني تعلقي مختيارڪارن کي هدايتون مليو تہ ١٤ آگسٽ ١٩٤٧ع جي ڏينهن خوشيون ملهائين جلسا جلوس ڪڍائين وغيره منهنجي منزل ٿرپارڪر جي تعلقي ننائون ڇاڇري ۾ هئي. احڪامات ٿيا. مسٽر محمد.عرس شورو مختيارڪار هو. موصوف مون کي ملڻ آيو ۽ چيائين تہ يار اسان کي ڪهڙي خبر هيءَ ڪم تعليم کاتي وارا چڱو ڪندا. اوهان جي مدد وٺڻ آيو آهيان. مون هڪدم اسڪول جي شاگردن جو جلوس ڪڍايو ۽ شام جو هڪ وڏي ميٽنگ منعقد ڪرايم. ڇاڇري جي پبلڪ ۽ ماسٽر هندو هوا. جن ۾ بہ برهمڻ جو وڏو عنصر هو. مهراج پريو لعل هيڊماسٽر هو. جهنڊيون ٿهرايون ويون. راڳ ڳايا ويا. ميٽنگ ۾ مون تقرير ڪئي. جو مسٽر شورو ويچارو اهڙو مقرر ڪونہ هو. مڃايون ورهايونسين. ۽ مون هڪ شعر لکيو جو پنهنجي تقرير جي پڇاڙيءَ ۾ پڙهيم ۽ خوب تاڙيون وڄيون.

شعر شعر تي زنده باد پاڪستان جا نعرا بلند ٿيندا رهيا واهہ واهہ ٿي ويئي. ٿر جي هن ننڍڙي شهر ڇاڇري ۾ هن کان اڳ هن قسم جو جلسو ڪڏهن بہ نہ ٿيو هو. هر هڪ شعر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي "زنده باد پاڪستان" جا نعرا بلند ٿيندا رهيا. مٺائي تقسيم ڪئي ويئي. بار خواهه وڏا ڏاڍا خوش ٿيا. ڪجهه وقت بعد مون کي ڪليڪٽر ٿرپارڪر طرفان تحسين جو ليٽر مليو جو اسڪول بورڊ جي دفتر تي رکيو ويو. اخبارن ۾ جلسي جي ڪارروائي موڪلي ويئي. مسٽر محمد عرس شوري جي به ڪافي عزت افزائي ٿي ۽ منهنجو دوست ٿي ويو.

مون مٿي ذڪر ڪيو آهي ته اسان جي سروس ۱۹۴۰ع ۾ سنڌ سرڪار پنهنجي تحويل ۾ ورتي ۽ بدلين جو متعدي مرض شروع ٿيو. مون کي ۱۹۴۱ع ۾ اول حيدرآباد ٽائون جي اسڪول بورڊ ۾ موڪليو ويو. ٿرپارڪر جي ماڻهن جي احتجاج تي وري واپس ٿر آيس ۱۹۴۲ع کان پوءِ علامه دائود پوٽي مرحوم مون کي مٿي ذڪر ڪيل وجوهات جي بنا تي ڪوريءَ جي نڙي وانگر:

"هيڏانهن پنج، هيڏانهن ست، ويهه منيءَ ڏاري،
هيڏانهن سج، هيڏانهن پينگ، بغداد مُنيءَ ڏاري"

وانگر بدليون ڪندو رهيو ۽ ٿرپارڪر وارن جي احتجاجن تي وري وري ٿر ۾ آندو پئي ويو. ٿر سان منهنجي به خاص محبت هئي. بدلي ٿيندي هئي ته دل کي ڳالهه نه وڻندي هئي پلا جتي محبت هجي، جتي چاهت هجي اها جوءِ ڇڏڻ ڪنهن تي گوارا لڳي! ٿر ۾ گهڻو عرصو رهي ٿري ٿي ويو هوس. مون کي چوندائي هوا "ٿر رو صاحب". هندو مسلمانن کان وڌيڪ ۽ مسلمان هندن کان وڌيڪ. هريجن سڀني کان وڌيڪ مون کي چاهيندا هوا. واقعي بي لوث خدمات جو انجام اهوئي ٿيندو آيو. چوندا آهن ته "منڊا گهر ته گهران". انگريزيءَ ۾ چوندا آهن ته " Love begts Love" يعني محبت محبت کي ڇڪيندي آهي. ٿر جي هر ڳام ۽ ڳائونءَ سان، هر ٻٽ ۽ ڊڙي سان دل هيم. ۱۹۴۸ع ۾ پروموشن مليو ۽ سڄي ٿر جي تعليم جون واڳون منهنجي هٿ ۾ آيون. اسڪولن جو تعداد شروعات کان ٽيڻو ڪري ڇڏيم. ٻن تعلقن ۾ زوري تعليم (لازمي تعليم) جو نفاذ ڪرايم. رات ڏينهن رت ولوڙي پٽ ڪيم. خون پسينو ڪيم. اجا به مون کي اُتي جا باشندا قرب ۽ محبت سان نه ڏسن ته باقي ڇا رهيو. سال ۱۹۵۰ع ۾ لاڙڪاڻي جي ٽيچرس ٽريننگ اسڪول ۾ هڪ وڏو انقلاب آيو. زبردست اسٽرائيڪ ٿي. ڪوبه آفيسر شاگردن کي ڪنٽرول ڪري نه سگهيو. قاضي فضل الله تعليمي منسٽر هو. اسٽرائيڪ ختم ڪرائڻ لاءِ سڀ تدبيرون هلايائين. ناڪام رهيو. منهنجي بدلي لاڙڪاڻي ڪيائين ته حالتن کي منهن ڏيان. هن باري ۾ ذڪر لاڙڪاڻي جي دور واري باب ۾ ڪندس.

(انشاءَالله تعاليٰ)

ٿر ضلع جي ميرپورخاص شهر کان آخرين بار منهنجون جيڪي محبت ڀريون دعوتون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيون ۽ جنهن طمطراق سان مون سان موڪلاڻي ڪئي ويئي ۽ ميرپور اسٽيشن تي جن گلن جي هارن جي انبارن سان مون کي جهنجهيو ويو، ان جي بيان ڪرڻ سان اکيون پرنم ٿي وڃن ٿيون. دنيا ۾ ڪنهن کي بہ هڪ جاءِ تي بقا نہ آهي. بقا فقط الله جي ذات کي آهي. جڏهن داڻو پاڻي چڪ ڪري ٿو تہ انسان جو محض مجبور آهي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ هليو وڃي ٿو. "ڏسون ٿا چرخ جا ڦيرا ڪڏهن ڪهڙا ڪڏهن ڪهڙا" ترپارڪر مان تارن پڪارن جو هڪ اڻ ٽٽ سلسلو قائم ٿي ويو تہ عرساڻيءَ جي بدلي بند ڪئي وڃي. مگر منهنجو پراڻو دوست قاضي فضل الله بضد هو. وفدن کي مطمئن ڪيائين تہ ڪجھ وقت عرساڻيءَ کي ڇڏيو. اسان جو ٽريننگ اسڪول جنهن وقت برقرار رهيو ان وقت آءٌ اوهان کي عرساڻي واپس ڏيندس خير چوندا آهن تہ:

اعتبارے نيست هرگز طائر اقبال را
اين کبوتر ہر زمان مشتاق بامِ ديگر است

❑

باب ستاويهون

هالن نون ۾ عارضي سڪونت

هونءَ تہ هالا نوان منهنجي جنم ڀونءِ هئي ۽ آبائي اجدائي وطن هو. "حب الوطن من الايمان" چيو اٿن. مائٽن ۽ عزيز و اقارب جون بُنيون بہ اتي آهن تنهن ڪري وطن ڪي ڪير وساري. "حيف انهن کي هوءِ وطن جن وساريو" مخدوم غلام حيدر مون کي حجت ڪري زوريءَ وٺي آيو مان انڪار ڪري نہ سگهيس. انڪار ڪريان ها تہ بہ مخدوم غلام حيدر کي ايتري طاقت خداوند ڪريم ڏني هئي، جو پير الاهي بخش کي چئي، مون کي ڪٿي بہ موڪلي سگهي ها. خير، هالن ۾ آيس، مسٽر غلام نبي ميمڻ کان چارج ورتم ۽ هي جي گڏ پارٽي ٿي. هُن کي موڪلائيءَ جي ۽ مون کي مرحبائي.

مون مٿي اشارتاً چيو آهي تہ مخدوم صاحب کي مون کي گهرائڻ لاءِ ڪهڙا قوي سبب هوا. هاءِ اسڪول جون حالتون سخت خراب هيون. انتظام جنهن جو نالو سو مفقود هو. خود مخدوم صاحب پنهنجي زبان سان اظهار ڪيو تہ "ابا، منهنجو هاءِ اسڪول، هڪ ملان مڪتب آهي. ان کي هر طرح ڪنهن ڪڙيءَ تي پهچائڻ اوهان جو فرض آهي. مون کان جيڪا مدد اوهان کي کپندي ان جي هڪدم پوئواري ڪئي ويندي. چونڊا آهن تہ "جيتري زبان هلي ٿي اوترو جيڪڏهن نٽون هلي تہ هڪ ڏينهن ۾ دهليءَ جو شهر ڏسجي" اسڪول جا بہ ماستر هڪ مسٽر عبدالرحيم عرف محمد جمن ۽ ٻيو غلام رضا پٽو تہ خاص مخدوم صاحب جا ماڻهو هوا. عبدالرحيم سندن ڪمدار جي حيثيت ۾ زمينن جو ڪم ڪندو هو ۽ سندس ڪلاس ٻيءَ هڪ ڊويزن سان ملائي ماستر سيرومل جي حوالي ڪيو ويو. غلام رضا پٽو تہ سائين غلام حيدر جو منظور نظر هو، جو هر وقت سندس حاضريءَ ۾ هوندو هو. وٺيس تہ اچي وٺيس تہ نہ اچي. ٽيون هڪ ماستر نارائڻ داس هو، جنهن جو صراف جو دڪان هو ۽ شاهوڪار ماڻهو هو ۽ مخدوم صاحب جن جو ڪارائتو نوڪر هو. انهن کان سواءِ هڪ ماستر جو فرسٽ اسسٽنٽ هو ۽ ساهتيءَ جو وينل هو بنام سندرداس. هڪ خبيث هستي هئي مقامي ڪامورن جي ڪلب جو سيڪريٽري هو. ان وقت بدقسمتيءَ سان مختيارڪار، ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ ناڪرداس ۽ موتيرام بہ وڪيل، بودو مل هيڊ منشي وغيره وغيره سڀ هندو هوا. ڪلب تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندن قبضو هو ۽ سندرداس سيني تي حاوي هو. هو سدائين مخدوم صاحب بابت اجايون سجايون ڪوڙيون ۽ من گهڙت ڳالهيون ڪندو رهندو هو ۽ ڪيس ڪوڙين درخواستن ڪرڻ جي پڪي عادت هئي، جا هو مٿين آفيسرن جي صلاح مشوري سان پوري ڪندو رهندو هو. مخدوم صاحب غلام رضا کي هڪ بندوق ۽ هڪ رائيفل جو ليسن وٺي ڏنو هو. هڪ ڪار سندس حوالي هئي ۽ سندس لاءِ مخدوم صاحب جن جي طرفان سوئرن ۽ ڦاڙهن جي شڪارن جو اهتمام ڪيو ويندو هو جن جي شوق پر هو، اڪثر اسڪول کان غير حاضر به رهندو هو مگر "حڪم حاڪم مرگ مفاجات" ۽ مخدوم صاحب جي شهر جا وڏي پر وڏا ماڻهو هوا ۽ ميونسپل جا پريزيڊنٽ به هوا. ان وقت حيدرآباد ضلعي جو ڪليڪٽر مسٽر ميرچنداڻي هو. جو نهايت ڪرڙو ۽ اڙينگ هوندو هو. ان کي سندرداس پڪارن جون درخواستون ڪيون. ته غلام رضا هڪڙو منترڪ پاس ڪيل ۴۰ روپيه ماهوار پگهار جو ملازم آهي. ان کي بندوق ۽ رائيفل جي ليسنن ملڻ جو ڪوبه حق ڪونهي. مسٽر ميرچنداڻي ته فوراً انڪواري ڪري اهي ليسن رد ڪري ڇڏيا. مخدوم صاحب هڪ نهايت بردبار ۽ داناءُ انسان هو. صبر کان ڪم ورتائين. سندرداس جو هيڪاري دماغ عرش تي چڙهي ويو. مون کي قلب تي سخت ڪوفت ٿي، مخدوم صاحب جن جي هتڪ عزت برداشت ڪري نه سگهيس ۽ موقعي جي تاڙ پر رهيس ته هن کي ڪيئن پٿر جو جواب پٿر سان ڏجي.

منهنجو هيڊ ماستر ٿي اچڻ به سندرداس کي پسند نه آيو. هندو منترڪ جي چوڪرن کي مون کان بدظن ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين. اهو سڀ ڪجهه مون محسوس ڪيو. سندر داس فري پيرڊ پر گهر هليو ويندو هو. ڪڏهن چوندو هو ته اسٽيشن تي ڪم اٿم. ڪڏهن پوسٽ آفيس پر، ڪڏهن ڪڏهن ميونسپل آفيس پر ڪڏهن تعلقي آفيس پر. ڪڏهن چوندو هو ته پيٽ پر وڪڙ پيو اٿم گهر ٿو وڃان. بهرحال يڪ عذر هزار بهانا هڪ دفعي مان مولچند جي دڪان تي ڪجهه سودي وٺڻ لاءِ ويس، ته اتي ويٺو هو منهنجي اچڻ تي اٿي نه بيٺو ۽ ٻيو دفعو ميونسپل آفيس پر شام جو ويس ته اتي به حاضر هو ۽ اٿي نه بيٺو. هاٿي پاٿي مٿي کان تار چڙهي ويو. ڪوبه علاج نه ٿي سجهيو ته هن کي نيڪ ڪيئن ڪجي هڪ ڏينهن ڪلاس هلي رهيا هوا. سندرداس جو هڪ پيرڊ فري هو. ڪيس آفيس پر گهرايم. پٽيوالو هڪ ني "چٺو" نالي هو سو به ڪونه هو. سندرداس آيو. چيومانس ته اوهان غلام رضا جو پيرڊ وٺو جو هو موڪلائي ويو آهي. هن انڪار ڪيو. مون ڪيس دٻايو مگر هو نه هيسيو ۽ جواب سوال ڪرڻ لڳو. بس مون کي ڪپندو ني ايترو هو. ڪرسيءَ تان اٿنديئي ٻني هٿ مضبوطيءَ سان وارن پر وجهي ڪٽي زمين تي سٽيومانس ۽ لتن ۽ مڪن جو وارو لائي ڏنومانس، هن فلڪ شگاف رڙيون ڪيون ته "خون ڙي خون" ڪلاس جا شاگرد ٻاهر ورانڊي پر نڪري آيا. مون انهن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪل ڪني تہ اندر ڪلاسن ۾ وڃو. منهنجو رعب هو. سڀ ڪلاسن ۾ هليا ويا. سندرداس کي وجهہ مليو. سو آفيس مان ڀڄي اٿئن ڊوڙيو. جيئن ڦاڙهي ڇلانگ ڏيئي ڀڄي. جيڪي ٽيٽو هو سو تہ ٽي ڇڪو. سوچيندو رهيس تہ هاٿي ڇا ٽيندو. ماسترن کي رسيس ۾ گهرايم. آفيس ۾ ميٽنگ ڪيم. ٻڌايومان تہ مون ڪيس پيرڊ وٺڻ لاءِ چيو. ان تي مون سان اڍنگو ڳالهايائين. پاڻ بہ ٻانهون کنجڻ لڳو ۽ مون بہ اکيون تيز ڪيون. اُٺ مُٽ ۾ ترڪي، واٽئي جو دستور آهي تہ ڏڪ بہ هٽي ۽ گهوڙا گهوڙا بہ ڪري. تڪڙو تڪرو ڀڳو ٽئي تہ مبادا هيڊ ماستر مون کي چماٽ هٽي، تہ ڪرسيءَ جي ٽنگن تان ٽاٻو ڪاڏائين. قدرت ڪيس سزا ڏني ۽ ٻوٽ پرٖ وڃي ڪريو ۽ پوءِ ٻاهر بدشد الفاظ ڳالهائيندو ڀڄندو ويو تہ "توکي ڏسي رهندس" اسٽاف سان منهنجو نهايت سهٽو سلوڪ هو ۽ سندرداس مانٰ بيزار هوا. ان ڪري منهنجي اچڻ تي نهايت خوش ٿيا هوا تن منهنجيٰ حڪايت حرف بہ حرف قبول ڪري ورتي.

سندرداس ڳوٺ ۾ هندو پنچات گڏ ڪرائي بلڪ ياڀڙن جي پنچات الڳ هئي، تن کي بہ شامل ڪيو ويو. فيصلو ٿيو تہ هندو ڇوڪرا تيستائين اسڪول ۾ نہ وينڊا جيستائين انهي معاملي جي ڇنڊ ڇاڻ ٿئي. تہ آڳر سچا يا لُهر سچا. صحيح حقيقت جي تهہ کي پهچجي. مون هڪ رپورٽ لکي هن معاملي کي پريزيڊنٽ صاحب جي پيش ڪيو. جنهن ۾ لکيم تہ سندرداس منهنجي حڪم جي انحرافيٰ ڪئي آهي ۽ مون کي بدالفاظ ڳالهايا آهن ۽ چيو اٿس تہ جٽن جي بادشاهي آهي. مخدوم صاحب ههڙو آهي ههڙو آهي. وغيره وغيره . يا تہ هن کي سسپينڊ ڪري انڪوائري هلائي وڃي يا مون کي اجازت ڏني وڃي تہ مان موٽي وڃان. هنن حالتن هيٺ مان انتظام رکي نہ سگهندس. مخدوم صاحب هوندءَ تہ تمام ديرينو ماڻهو هو مگر هن معاملي ۾ دير ڪانہ ڪيائين. سسپنڊيءَ جو حڪم ڪيائين. ميونسپل سيڪريٽري مسٽر گهنشامداس کي گهرايو ويو. حڪم نڪتو. نمبر لڳو ۽ سندرداس تي تعميل ٿيو.

سندرداس جا طاق لڳي ويا. ٻئي ڏينهن صبح جو مون وٽ هندو پنچات جا ٻہ معزز شخص هڪ ماستر هاسومل جو منهنجو شفيق استاد هو ۽ ان وقت رٽايرڊ هو ۽ پنچات جو مکيہ رسوخ وارو ميمبر هو ۽ ٻيو مهاراج واسديو جو پنچات جو مکي هو ٻئي مون وٽ آيا. مسٽر هاسي مل کي منهنجي لاءِ وڏي عزت ۽ محبت هئي. هن کي سمورو حال ٻڌايم ۽ ٻڌي مهاراج واسديو کي چيائين تہ محمد اسماعيل کي اوهينٰ بہ سڃاڻو ۽ مان بہ سڃاڻان. هن ڪان اڳ اسڪول جي حالت ڪهڙي هئي ۽ هينئر شهر ۾ اسڪول جي ڪيتري ناموس ٿي آهي ۽ شاگردن ۾ ڪيتري قدر خوشي آهي سا ڳالهہ بہ اوهان ۽ اسان ڪان ڳجهي ڪانهي. راندين جي پابندي، اسيمبليءَ جو رواج. وقت جي پابندي. ڇوڪرن جي تعداد جو وڌڻ. بورڊنگ جو تمام هر طرح سهٽو انتظام. اسان جي خوش نصيبي آهي جو مس مس اسان کي ههڙو ماڻهو. سو بہ پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳوٺ جو مليو آهي. سندرداس جون ڪچ روپون ۽ اڏنگايون ڪنهن کي معلوم نہ آهن. هو رات ڏينهن اليڪٽرڪ وارن سان اليڪٽرڪن لڳائڻ جي ڏنڌي ۾، جٽين جي فنڊ، ظهر جي فنڊ انشوئرنس جي ڪمن ۾ رڌل آهي. پڙهائيءَ لاءِ ڪوبہ چاهہ ۽ توجهہ ڪونہ اٿس. هندو آهي تہ فڪر ڪونهي. مون کي مسٽر محمد اسماعيل جي هر لفظ تي اعتبار آهي. پنچات کي ڳالهہ سمجهايو. سندرداس هزار قسم کڻي هو ڪوڙو آهي ڪوڙو آهي. بس منهنجو اهو فيصلو آهي. مون مسٽر هاسي مل کي اُٿي پاڪرپاتو ۽ چيائين تہ سپاٽي سڀ هندو چوڪرا باقاعدي حاضر رهندا. توهان ڪوبہ خيال نہ ڪريو. هُو موڪلائي هليا ويا. منهنجي دل تان بار هلڪو ٿيو. باقي رهيو سندرداس جي معطليءَ جو سوال سو پنچات سائين غلام حيدر وٽ ويٺي. هن اهو حڪم رد ڪيو مگر انهيءَ شرط سان تہ هيڊماسٽر کان لکي معافي وٺي جا ڳالهہ هنن قبول ڪئي. سندرداس کي چيائون تہ يا ”استيعفا ڏي يا معافي وٺ“ سندرداس چيو تہ ”مان عرسائيءَ کان ڊجان ٿو. مون سان گڏجي هلو.“ وري بہ چار پنج مون وٽ گڏجي آيا. مون نهايت فراخدلي ڏيکاري. سندرداس اُٺيو ۽ مون کان معافي ورتائين. مون کيس ڳراهتي پائي چيو تہ منهنجو پاءُ آهين فقط وڏ ننڍائي، زبردستي، بالادستي، فضيلت ۽ تهذيب جي دامن هٿان نہ ڇڏ تہ پوءِ مون وٽ عزت، ڪان سواءِ پيو تنهنجي لاءِ ڪجهہ بہ ڪونهي. منهنجو اهڙو رويو ڏسي سڀ منهنجو شڪريو بجا آڻيندا هليا ويا. مگر سندر داس جا گهڙي مون وٽ وينو هو اها ساعت سندس جسم ڪنبيو پئي. کيس هدايت ڪيم تہ تون منهنجو زبردست اسڪول ۾ بہ آهين ۽ ٻاهر بہ آهين. مان مولچند جي دڪان تي آيس. ميونسپالٽيءَ ۾ آيس تہ تون اُٺي نہ بيٺين. اها انتها درجي جي بداخلاقي آهي. چيو اٿن تہ ”بغير از اخلاق انسان حيوان است“.

”اهي ڏينهن اُهي شينهن“ ڪُتيءَ ڪن وڌيا. سندرداس جون من مستيون ڇڏائي وڌيون. بازار مان لنگهندو هوس تہ ڪٿي بہ وينو هوندو هو تہ سروقد اُٿي ڪڙو ٿيندو هو. مون کيس هدايت ڪئي تہ گمنام درخواستون ڪرڻ ڪميڻپ جو ڪم آهي. مخدوم صاحب جن توکان ڊڄن ڪونہ ٿا مگر اها هنن جي خانداني شرافت آهي، جو گهٽ حيثيت وارن سان مقابلو نہ ڪندا آهن. گند پاٽيءَ سان ڏوپندو آهي نہ گند سان. مگر هاڻي منهنجي هدايت ياد ڪري ڇڏ تہ اج ڪانپوءِ ڪابہ درخواست مون تي، غلام رضا تي مخدوم صاحب تي ٿي تہ اها توکان سمجهندس. سائين غلام حيدر تہ بردبار شخص آهي مگر مان اهو بار برداشت ڪري نہ سگهندس. منهنجو اصول آهي تہ:

بابدان بدباش بانيڪان نڪو
جائے گل گل باش جائے خار خار

مان توکي نوڪريءَ مان موقوف ڪرائي پوءِ دم پٽيندس. تون جيڪڏهن اسان جو مار

آستين ٽيندين ته اسان به لٺ جو استعمال ڪنداسين. جو ته چيو اٿن ته:

ندانست انکہ رحمت کرد برمار
کہ این ظلم است بر اولاد آدم

مخدوم صاحب جن کي هنن حالات کان آگاه ڪندو رهندو هوس. ڏاڍا خوش ٿيندا هوا. ۽ کلندا هوا. هڪ وقت مون کان ٽيل روئداد جي سچي ڳالهه پڇيائون. مون حرف بحرف سچ ٻڌايومان. ايترو ته کليا جيترو ان کان اڳي يا پوءِ مون ڪين ڪڏهن به کلندو نه ڏٺو. بهرحال سندرداس جا ڇڪا ڇڄي پيا. سندس واهرو هن جي ڪابه مدد ڪري نه سگهيا ۽ جيترو وقت مان اتي هوس اوترو وقت سندرداس گربه مسڪين وانگر نظر ايندو هو ۽ طوهاً ڪرهاً جتي ڪٿي منهنجي تعريف مان نه ڌاپندو هو. مخدوم صاحبؒ جن ته ڪيس اچڻ ڪونه ڏيندا هوا. مگر مون کي استدعا ڪيائين ته سائينءَ وٽ وڃي هل ته آءٌ انهن کان به معافي وٺان. مخدوم صاحب کي عرض ڪيم ۽ چيائون ته مان سندس شڪل ڏسڻ نه ٿو گهران. اوهين ڀڪ ڏيوس ته اسان ڪيس سڀ ڪجهه معاف ڪيو.

سندرداس جي ڪهاڻي ڪجهه طول پڪڙي ويئي مگر اها هتي لکڻ نهايت ضروري هئي. اسڪول جو انتظام جو سچو دارومدار ان ڳالهه تي هو. شايد ناظرين ڪرام منهنجي لاءِ هن واردات پڙهڻ بعد چڱو خيال نه رکن مگر مان ايماناً باالله چوان ٿو ته ان مرض جو آپريشن کان سواءِ ٻيو ڪوبه علاج ڪونه هو. مان مٺڙي زبان ۽ پيار ڀري برتاءُ کان مشهور هوس. ڪنهن سان به ٻاڙو نه ٻوليندو هوس. مگر هتي نه ڪنهن دوا اثر ڪيو نه دعا. مان سخت مجبور ٿي پيس. ڪنهن شاعر چيو آهي ته:

کس نے میری دوا نہ کی مشورہ دعا دیا
چارہ گروں نے اور ہی دل کا درد بڑھا دیا

مون سندر داس جي باري ۾ گهڻو سوچيو ۽ بار بار سوچيو. ڪابه تدبير سجهي نه سگهي. هن سان تصادم لاءِ ارادا ڪيم. سوچيم ۽ وري ٽوڙي ڇڏيم ته متان هيئن ٿي پوي متان هونءَ ٿي پوي.

ارادے باندھتا ہوں سوچتا ہوں توڑ دیتا ہوں
کہیں ایسا نہ ہوجائے کہیں ویسا نہ ہوجائے

آخر مصمم ارادو ڪيم ته هن سان هٿن جي صفائي ڪجي. پوءِ هرچہ باداباد ماڪشتي درآب انداختيم. هو هڪ ظالم ۽ ذهنيت ۽ اخلاق جو ڪريل هو ۽ عام آزار جو مرتڪب هو. بقول سعدي رح دل ۾ چيم ته:

ترحم بر پلنگ تيز دندان
ستمر گاري بود برگو سفندان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آخر هڪڙيني وار سان هن جي ميس ماري ڇڏيم ۽ منهنجي اڳيان توبة النصوحا پڙهي دم پٽيائين. مخدوم صاحب جن کي خداوند تعالى وڏي طاقت عطا ڪئي هئي. چاهين ها ته سندرداس سندن اڳيان ڪاٺ حيثيت نه ٿي رکي مگر هو هن ڪمبخت کان ڪجهه ڊنا ٿي. ان جو ڪارڻ سندن هڪ ڪمزوري هئي، جا هئي غلام رضا سان بي پناهه محبت. بهرحال سندرداس جي مرمت منهنجا هٿ مضبوط ڪيا سڀ ڪو منهنجو خيال ڪرڻ لڳو. شهر ۾ خواه اسڪول ۾ هن واقعي تي ڏاڍي خوشي ۽ شادمانو ٿيو ۽ منهنجو ڳاٽ اوچو ٿيو. هڪ ٻي ڏک سان اسڪول جو انتظام هر سمت کان نيڪ ناڪ ٿي ويو. مخدوم صاحب جن جو ملان اسڪول هڪ با انتظام هاءِ اسڪول جو ڏيکاءُ ڏيڻ لڳو.

سندرداس هڪ پنهنجو عزيز جو يڪ چشم هو. ان کي ڊرائنگ ٽيچر ڪري رکايو هو. حالانڪ هو ڊرائنگ جي انٽر ميڊيئيٽ امتحان جو ڪوڙو سرٽيفڪيٽ پيش ڪري ملازمت حاصل ڪري چڪو هو. مون سندس ڪم جي چڪاس ورتي هن کان آڏي پڇا ڪرڻ تي حالات مشڪوڪ ڏسڻ ۾ آيون. مون چيومانس ته اوريجنل سرٽيفڪيٽ پيش ڪر نه ته پوليس جي حوالي ڪندوسانءِ. واٺيو ڊڄي ويو ۽ پير مٿي تي رکي راتو واهه ڀڄي ويو. اهڙيءَ طرح هر هڪ ڪم تي گهري نظر رکيم. راندين کي زور وٺائڻ لاءِ مسٽر غلام رضا کي سپرنٽينڊنٽ ڪيم. شام جو راندين تي شاگرد ايندا هوا مگر ڪوبه استاد ڊيوٽيءَ تي نه هوندو هو. انهن جي هفتي ۾ هڪ دفعو واري سان ڊيوٽي لڳايم. وڻ بوٽا پوکايم. گرائونڊ جو اسڪول جي عمارت نهڻ سبب نڪراٽي سان پريل هو. اهي سروٽا ۽ نڪريون شاگردن کان چوندائي ميدان راند جي لائق بنايم. ڊرائنگ ڪلاس لاءِ هڪ ماستر محمد عثمان ڪونڙيءَ کان گهرايم. ڊرائنگ ڪلاس تصويرن سان مزين ڪري ڪيس ڊرائنگ ڪلاس جي صورت بخشيم. ميونسپالٽي غريب هئي، مگر مخدوم صاحب جن جو هر مدد لاءِ مون سان وعدو هو. ان ڪري راند جو سامان، سائنس ڪلاس جو سامان ۽ لئبرريءَ لاءِ ڪتابن جو ڪافي ذخيرو خريد ڪرايم. وڻ ۽ ٻوٽا رکايم ۽ اسڪول کي غنچو بنائي ڇڏيم. ان ڪري هرڪو ڏسندڙ واهه واهه چوڻ لڳو. مگر مخدوم صاحب جن جي عزت ۽ توقير جو خيال هر وقت دامن گير هوندو هو.

بهرحال اول اول مون اسڪول جي اندروني حالات تي توجه ڏنو ۽ ان بعد بيروني شعبن ڏي متوجه ٿيس. مخدوم صاحب جن اسڪول جي لاءِ هڪ مسجد شريف تيار ڪرائي رهيا هوا. جنهن جي معائنه ڪرڻ لاءِ روزانه صبح ۽ سنجهي اچي جائزو وٺندا هوا. مسجد تيار ٿي ته شاگردن کي نماز جي تلقين ڪيم ۽ منهنجي ڪوشش جو چڱو نتيجو نڪتو. مسجد شريف جي افتتاح لاءِ تياريون ڪيم. مخدوم صاحب جن بنفس نفيس مجلس قرآن خوانيءَ ۾ آيا. شهر جي معززين کي مدعو ڪيو ويو. قرآن جي حافظن رڪوع پڙهيا دعا گهري وئي. مٺائي تقسيم ڪئي وئي، ۽ مون هڪ شعر موقعي لاءِ تيار ڪيو جو برمحل پڙهيم.

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ھالن نون ۾ پيون مشغوليون

مون مٿي ذڪر ڪيو آھي ت اول اول مون مدرسه ۽ ھاءِ اسڪول جي اندروني حالات کي درست ڪرڻ ۽ صحيح خطوط تي آڻڻ لاءِ تن ۽ من سان ڪوشش ڪئي ۽ جان جي بازي لڳائي. حالتون چڱي حد تائين درست ٿيون ۽ ڪيترا شاگرد ھالن پراڻن ۽ ٻين ڳوٺن مان پڙھڻ لاءِ داخلا لاءِ آيا ۽ اسڪول جي شاگردن ۾ ڪافي واڌ ٿي.

ان بعد مون بيروني دلچسپيون رائج ڪرڻ ڏي ڌيان ڏنو. مئٽرڪ ڪلاس کي مون جنرل انگلش پڙھائڻ شروع ڪئي ۽ ان ۾ ڪافي ڪامياب ٿيس. مئٽرڪ جو امتحان ٿيو ۽ رزلٽ سؤ سيڪڙو آئي ۽ الحمدالله اھو پھريون ئي سال ھو جو اھڙي رزلٽ آئي ۽ منھنجو پلو ڀاري ٿيو ۽ ھرھڪ مون کي مبارڪون ڏيڻ لڳو. مون شھر ۾ حاجي پير محمد انصاريءَ "سائل" جي معيت ۾ ھڪ دارالمطالع قائم ڪيو. ھن ڪان اڳ ان قسم جي ريڊنگ روم جو ڪنھن کي ب دماغ ۾ خيال ڪون آيو ھو. حاجي پير محمد حاجي عبدالغني حڪيم، حاجي عبدالرحمان انجم ۽ حاجي علي محمد متقي ھن ڪم ۾ مون سان ٻانھن ٻيلي ھو. اخبار بينيءَ جو شوق ھالن شھر ۾ برائي نام ھو. جو ھن دارالمطالع قائم ٿيڻ بعد ڪافي وڌيو. شھر ۾ اھڙا ڪيترائي بزرگ ھوا. جن جو خيال ھوندو ھو ت "اخبارن پڙھڻ سان قلب ڪارا ٿا ٿين." جنھن جو مطلب ھو ت انھن جو پڙھڻ درست ن آھي. خير.

مخدوم غلام حيدر مرحوم کي مشورو ڏنم ت "سائين پاڻ پنھنجي ھاءِ اسڪول واري مسجد شريف ۾ ربيع الاول ۾ نبي اڪرم ﷺ جو عرس مبارڪ ڪريون ۽ مسجد ۾ جلسو ڪريون. منھنجي صلاح کين تمام گھڻو وڻي. وڏي ڌام ڌوم ۽ اھتمام سان پلاءُ جون ديڳيون لاٿيون ويون. آوي سوي اچي خيرات جي دعوت کاڌي. مسجد شريف ۾ عالم ۽ حافظ سڳورا گھرايا ويا. نصيحت ۽ وعظ ٿيا. نھايت پر رونق مجلس منعقد ٿي. ان کان اڳ ۾ ڪڏھن ب ھالن شھرن ۾ ھن قسم جي مجلس ميلاد ن ٿي ھئي. حاجي پير محمد جي مشوري سان ھيءَ محفل "عيد ميلادالنبي ﷺ" جي تازي قائم ڪيل جماعت جي سھاري ھيٺ عمل ۾ آئي. ھن مجلس جي جيتري ب تعريف ڪريان سا ٿوري ٿيندي. ان ۾ شڪ ڪونھي ت مخدوم غلام حيدر صاحب ئي سمورو خرچ برداشت ڪيو ھو ۽ ساري ڪاروبار جو روح روان اھوئي صاحب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موصوف هو.

محفل ميلاد جي پڄاڙي ۾ حاجيءَ پير محمد هڪ شعر پڙهيو. سندس شعر نبي ڪريم ﷺ جي ولادت باسعادت تي هو ۽ ان بعد مون پنهنجو هڪ طويل نظم "ﷺ" پڙهيو. هن شعر تي مون کي ڪافي داد مليو خصوصاً مون شعر پڙهڻ کان اڳ سڀني حاضرين مجلس کي عرض ڪيو هو ته "جڏهن آءٌ شعر پڙهندي "ﷺ" چوان ته ان سان گڏ سڀئي حضرات حاضرين بلند آواز سان "ﷺ" چون. ان تي عمل ڪرڻ سان شعر جي وقعت دوبالا ٿي ويئي ۽ صلوات بر محمد جو غل مچي ويو.

سال ١٩٣٥ع ۾ ٻي جنگ عظيم ڪشت و خون ۽ غارتگريءَ بعد ختم ٿي. گورنمينٽ جي طرفان احڪام صادر ٿيا ته اسڪولن ۾ خوشيءَ جا جلسا ڪيا وڃن. مٺايون ورهايون وڃن وغيره. هيءُ بار گران به منهنجي ضعيف ڪلهن تي پيو هڪ وڏي شاندار جلسي جو اهتمام ڪيو ويو. اسڪول کان جلوس نڪتو. درگاهه شريف مخدوم نوح جي باب. بلند کان لنگهندو سر بازار شاگردن جي قطار در قطار جلوس هلندو رهيو. مولوي عبدالرزاق فقه ٽيچر کي جلوس جيَ سرڪردگيءَ لاءِ مقرر ڪيم. مون موقعي لاءِ هڪ شعر جوڙيو. ان ۾ انگريزي حڪومت جي تمام لنڊي خوشامد ڪيل هئي. جرمني هٽلر ۽ هملر تي سب و شتم جا ڏوڙيا هوا. اسڪول جا ٻار اهو شعر ڳائيندا فتح جا نعرا بلند ڪندا. شهر جي مشهور بازارين ۾ گهمندا ڦرندا. مارڪيٽ لتاڙيندا سرڪاري آفيسن وٽ پهتا. جتي هڪ وڏو انبوهه ماڻهن جو جمع ٿي ويو. مختيارڪار ۽ ٻيا آفيسر ٻاهر نڪري آيا. هن جلوس جو مظاهرو، نظارو ڪيائون. ڪليڪٽر حيدرآباد ۽ ڪمشنر سنڌ کي مخفي رپورٽون ويون ڪجهه وقت بعد مون کي تحسين جو ليٽر مليو جو اڄ تائين ميونسپل رڪارڊ ۾ محفوظ هوندو. مخدوم صاحب جن جي تعريف ڪئي ويئي. جڏهن اهو ليٽر حڪومت کان مليو. تڏهن مخدوم صاحب جن مون کان پڙهايو ۽ نهايت خوش ٿيا.

هالن شهرن ۾ ادبي سرگرمين جو بنياد رکيم. اسڪول ۾ ڊبيٽن ۽ ليڪچرن وغيره جو سلسلو جاري ڪيم ۽ پنهنجي وس آهر پنهنجي پياري وطن هالن شهر ۾ ادب لاءِ اتساهه جاڳايم مگر منهنجو فارين سروس وارو سال اچي ختم ٿيو. مون کي مخدوم صاحب جي ڪيل وعده مطابق واپس ٽرپارڪر موٽائڻو هو. مخدوم صاحب کي ايفائي عهد ياد ڏياريم. مگر پاڻ اڃان مون کي وڌيڪ ڇهن مهينن لاءِ ڇڏيائون. سندن حڪم سر و چشم رکيم. انهن وڌيڪ ڇهن مهينن رهائڻ جو سبب محض هيءُ هو جو مسٽر غلام رضا کي علي ڳڙهه ايڪسٽرنل اميدوار جي حيثيت ۾ بي.اي لاءِ موڪليو ويو هو. پير الاهي بخش جو علي ڳڙهه جو شاگرد هو ۽ وزير ٿيڻ بعد علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ، کي ميڊيڪل ڪاليج کولڻ لاءِ سنڌ مان لکين روپيه چندا

ڪري موڪلي ڇڪو هو. ان صاحب مخدوم صاحب جن کي چيو تہ غلام رضا رڳو علي ڳڙهہ وڃي امتحان ۾ ويهي باقي سنڌس پاس ٿيڻ جو ذمو مون تي آهي. مخدوم صاحب کي غلام رضا کي پنهنجي هاءِ اسڪول جو هيڊ ماسٽر ڪرڻو هو ۽ ان درمياني عرصي لاءِ مونکي صرف عارضي طور آندو ويو هو. مخدوم صاحب جي اميد پوري ٿي، غلام رضا بي.اي پاس ڪئي. ١٩٤٧ع ۾ پاڪستان قائم ٿيو ۽ مخدوم صاحب پنهنجو اسڪول مشروط طور سرڪاري تحويل ۾ ڏنو. شرط اهو هو تہ غلام رضا کي هيڊ ماسٽر ڪيو ويندو. سنڌن خواهش برصواب نڪتي. مان ان کان اڳ ۾ ئي مزيد ڇهہ مهينا پورا ڪري مونئي ٿرپارڪر ضلعي آيس ۽ ١٩٤٨ع ۾ مون کي پروموشن مليو ۽ غلام رضا کي مون کان اڳ ڪلاس ٽو ۾ آندو ويو. ڪنهن جي بخت سان ريس ڪانهي. غلام رضا هڪ چڱو هوشيار چڱن اخلاقن وارو نوجوان هو. مون کي بلڪل خوشي ٿي.

هالن جي زندگيءَ جو مختصر ذڪر ڪرڻ بعد آءٌ البت پنتي موٽ ڪائيندس. مون مٿي چيو آهي تہ علامہ دائودپوٽي ١٩٤١ع کان وٺي مون سان ناروا سلوڪ ڪندو رهيو. هڪ تہ مون کي پنهنجي اهليہ محترمہ جو ١٩٤٠ع ۾ وفات جو ڏک لڳو. جنهن منهنجي ڪمر ٽوڙي رکي، ٻئي طرف علامہ صاحب جون مهربانيون. تن مون تي ذهني طور ڏاڍو خطرناڪ اثر ڪيو. منهنجي والده ماجده ۽ خصوصاً وڏي همشيره. جا مون کان ٻہ سال ننڍي هئي مگر پينرن ۾ وڏي هئي، ان کي رات ڏينهن اهو سوداءُ رهيو تہ پائو کي جيستائين ٻي شادي نہ ڪرائبي، تيستائين سنڌس طبيعت نيڪ نہ رهندي ۽ سنڌس ويڳاڻائي سنڌس صحت تي برو اثر ڪندي. هن ڪوشش ڪري مون کي ساڳئي خاندان مان مرحوم الاهي بخش جي نياڻيءَ سان شادي ڪرائڻ جو انتظام ڪيو. مون کي قبول ڪرڻو ئي پيو. شادي خانہ آبادي ٿي. پيارن جي موتن جا زخم ميٽجڻ وارا تہ هرگز نہ آهن مگر شادي ٿيڻ بعد رفتہ رفتہ طبيعت ۾ ڦيرو آيو. تڪڙو تڪڙو اولاد ٿيو. پهرين نياڻي ڄائي جا هينئر منهنجي عزيز ڀائيجي مسٽر شمس الدين پروفيسر گورنمينٽ ڪاليج جي گهر ۾ آهي ۽ ڇهن ٻچن جي والده آهي. ان بعد پٽ عطا ٿيو جنهن جو نالو رشيد احمد رکيم. تنهن بعد وري فرزند عطا ٿيو جنهن جو نالو آفتاب احمد رکيم جو هينئر پي.آءِ.اي ۾ فلائيٽ انجنيئر آهي. ان بعد اعجاز حسين جو هن وقت ايل.ايم.سي حيدرآباد ۾ ڊاڪٽر آهي ۽ پڇاڙيءَ ۾ هڪ ڪڪي ڄائي، جا هينئر ميڊيڪل ڪاليج ۾ چوٿين سال ۾ آهي. ٻچڙا ڏاڍا مٺا ٿين ٿا، انهن جي پرورش، تعليم ۽ سنڀال ۾ دل پرچي وئي ۽ وري وقت خوشي ۽ خيريت سان گذرڻ لڳو.

ميرپورخاص ۾ پويان ٽي سال ٣٧_٤٨_١٩٤٩ع مون نهايت شان و شوڪت سان گذاريا، جي مون کان تا دم حيات وسري نہ ٿا سگهن. هن ضلعي جو عوام مون کي چاهيندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن هن ضلعي ۾ جن جن بزرگن، معززن ۽ نيڪ مردن سان منهنجون صحبتون ٿيون ۽ دوستيءَ جا رشتا قائم ٿيا، انهن جو بيان ڪجي ته مون کي يقين آهي ته پڙهندڙ نهايت محظوظ ٿين، مگر اهي احوال جيڪڏهن ويهي رقم ڪريان ته هڪ هڪ دوست جي صحبتن ۽ محبتن جو هڪ هڪ الڳ ڪتاب لکڻو پوي. ان ڪري اهي احوال منهنجي صدري دفتر ۾ محفوظ آهن ۽ اهي پاڻ سان کڻي ويندس جو حياتي تقريباً ٨٠ سالن کي اچي پهتي آهي. زندگي چراغ سحري جي مثل آهي، چراغ جو تيل ڪنهن وقت به ختم ٿئي ۽ فقط هڪ آخرين جهلڪو ڏيئي گل ٿيو وڃي. جوندا آهن ته "مرڻ ناهي مهڻو پرڻو ناهي گار"

فارسي شعر

مـــرگ مـــارا زندگـــي ديگـــر اســـت
زهر، مرگ از شهد شيرين خوشتر است
مـــرگ ســـازد مـــغـــز ر صافي از پوست
تا رساند دوست را نـــزديـــڪ دوست

علامہ اقبال فرمايو آهي:

نشان مرد مـــؤمـــن بـــا تـــو گـــويـــم
چو مرگ آيد تبـــســـم برلب، اوست

الله تبارڪ و تعاليٰ کي عاجزيءَ سان روز شب اهوئي سوال ڪندو رهندو آهيان ته هن دنيا ۾ رئندو آيو آهيان ۽ شال کلندو ڏانهس موٽان. شال وقت وصال سندس نالو ورد زبان رهي ۽ مرڪندو ڏانهس موٽان. آمين ثم آمين.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاڙڪاڻي ڏانهن بدلي

سال ١٩٥٠ع جي شروعات ۾ لاڙڪاڻي ٽيچرس ٽريننگ اسڪول ۾ اتي جو هيڊ ماستر مسٽر قيمت راءِ لاهوري هو، جو خود لاڙڪاڻي جو باشندو هو. زبان جو مڙس البت کهرو هوندو هو ۽ مسلمانن کي جٽ سڏيندي کيس ڪابہ هبڪ ڪانہ ٿيندي هئي. ان وقت قاضي فضل الله منسٽر هو. هن صاحب کي شاگردن (جي سڀ پرائمري ٽيچر هوا) تن شڪايت پهچائي ۽ مطالبو ڪيو تہ هن کي بدلي ڪيو وڃي ورنہ هو اسٽرائيڪ تي ويندا. قاضي صاحب انهيءَ ڌمڪي تي ويتر بغان ٿي ويو ۽ شاگردن کي بي عزتو ڪري روانو ڪيائين. ٻئي ڏينهن ڪان اسٽرائيڪ چالو ٿي وئي. ان وقت لاڙڪاڻي جو ڪليڪٽر مسٽر عبدالله چنو هو ۽ ڊي.ايس.پي مسٽر علي محمد گاڏاهي بلوچ هو. قاضي صاحب وڏي رعب تاب سان شاگردن کي سمجهائڻ ۽ هيسائڻ آيو. شاگرد لان تي وينا هوا، ڪوبہ نہ اٿي بيٺو. صرف هڪ سندن ليڊر اٿي هنن کي سلام ڪيو باقي سڀ ڪنڌ هيٺ ڪريو وينا هوا. قاضي صاحب جو هيڪاري موڊ خراب ٿي ويو ۽ شاگردن کي مخاطب ٿي چيائين تہ "اسڪول ۾ وڃو ٿا يا سيني کي جيل ۾ وجهو آهي". ڪنهن بہ جواب نہ ڏنس. شاگردن جي ليڊر چيو تہ "جيل ۾ وڃڻ لاءِ هن وقت تيار آهيون" قاضي صاحب هڪدم ايس.پي کي حڪم ڏنو تہ "پوليس جا ويگن گهرايو." ٿوري دير ۾ ويگن آيا مگر شاگردن تي ذري برابر بہ اثر نہ پيو. پوليس جا آفيسر اڪثر شروڊ (ديرينہ) ٿيندا آهن ۽ مسٽر علي محمد جسارت ڪري پاسي تي قاضي صاحب کي چيو تہ "اسين حڪم جا بندا آهيون مگر ان جو اوهان جي سياسي زندگيءَ تي نهايت برو اثر پوندو" قاضي صاحب ڍرو ٿي ويو ۽ شاگردن کي چيائين تہ "چگو اوهان اسڪول ۾ وڃو مان هفتي اندر مسٽر لاهوريءَ جي بدلي ڪندس." شاگردن جي ليڊر چيو تہ "اسين مسٽر لاهوريءَ جي هئڻ ۾ هڪ منٽ بہ ڪلاس ۾ نہ ويندا سين. ان جي بدلي ٿئي، هو چارج ڇڏي ان بعد فوراً ڪلاس ۾ ويندا سين." قاضي صاحب اهو جواب ٻڌي موٽي ويو ۽ وڃڻ سان منهنجي بدلي ٿرپارڪر مان لاڙڪاڻي ڪرايائين. مون کي فوراً حڪم پهتو ۽ تياريءَ جي موڪل بہ فقط ٽي ڏينهن ڏني وئي. منهنجا طاق لڳي ويا ليڪن "حڪم حاڪم مرگ مفاجات" چارج هڪدم ڇڏي، حيدرآباد آيس. مسٽر عبدالحسين شاهہ موسوي جنهن سان منهنجي گهاٽي دل هوندي هئي ۽ هو بہ مونکي ڏاڍو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاهيندو هو ان سان ملِيس. مون کي چيائين تہ "عرساڻي" پوءِ لاڙڪاڻي وڃين ٿو؟" وراڻيم تہ "ها سائين وڃان ٿو" پيو جملو جو مسٽر عبدالحسين شاهہ ڳالهايو سو هيءُ هو "عرساڻي وڃين تہ جهنمر ۾ ٿو" مون پڇيو تہ "سائين آخر ڇو؟" چيائين تہ "اها خبر تڏهن پوندي جڏهن لاڙڪاڻي ويندين." مون عرض ڪيو تہ "شاهہ صاحب منهنجي توڪل پنهنجي مولا تي آهي. هو مالڪ الملڪ انهيءَ آڙاهہ کي گلزار ابراهيمي بنائيندو. مون کي فقط اتي پهچڻ ڏيو."

آخر لاڙڪاڻي پهتس. ميان جي مڏي بہ ڏنڊڻ ٿين تڏي، نہ ڪنهن کي ڪو خط لکيم نہ اطلاع ڏنمر تہ ڪهڙي ڏينهن ۽ ڪهڙي گاڏي ۾ ٿو اچان. تار آئي تہ "رزيومر اميڊيئٽلي" هڪدمر اچي دخلڪار ٿي. تار ميرپور ويئي ۽ مان ان کان اڳ ميرپور ڇڏي چڪو هوس. لاڙڪاڻو منهنجو ڪڏهن بہ ڏٺل ڪونہ هو. ڪوٽڙيءَ کان پئسنجر ٽرين ۾ رات جو ۹ بجہ روانو ٿيس بني صبح جو ٦ بجہ لاڙڪاڻي پهتس. ۴ آنہ مزدور کي ڏيئي ٽرنڪ ۽ بسترو ڪڍائي باهر ٽانگي واري کي چيمر تہ مونکي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ پهچاءِ جو تہ ٽريننگ اسڪول هاءِ اسڪول جي حدود ۾ هو. هاءِ اسڪول جي شاندر هاسٽل ٽريننگ اسڪول جي شاگردن کي مليل هئي. اتي ڪي شاگرد ٽهلندا ڏسڻ ۾ آيمر. هٿن جي اشارن سان هنن کي سڏيمر. هڪ کي رحمر پيو ۽ مون کي اجنبي ڏسي آيو. پڇيومانس تہ ٻڌايائين تہ "ٽريننگ اسڪول جو شاگرد آهيان" مون چيس تہ "ادا مان شاگردن جو بہ شاگرد آهيان" نالو محمد اسماعيل عرساڻي اٿمر. مون کي اُجهو کپي. سڄي رات گاڏي ۾ ننڊ نہ ڪئي اٿمر. منهنجي مدد ڪريو تہ مهرباني." هو يڪدمر پيرن تي ڪري پيو ۽ رڙ ڪري هڪ ٻن ٻين شاگردن کي بہ سڏيائين. منهنجو بسترو ۽ ٽرنڪ کنيائون. مون کي وٺي هيڊماسٽر جي بنگلي ڏي هليا. هڪ پٽيوالو بہ آيو. ڏنڊڻ ڪيم هٿ منهن ڌوتمر ۽ چانهہ جي خواهش ڏيکاريمر. چانهہ جو رواج هاسٽل ۾ بلڪل ڪونہ هو مگر شاگردن منٿ ڪري ورتا. چانهہ آئي پيتمر. ڪلاڪ کن ۾ شهر ۾ رهاڪو شاگرد خواهہ هاسٽل جا مقيمر شاگرد هڪ وڏي انبوهہ جي صورت ۾ بنگلي کي ڦري ويا. عبدالحسين شاهہ جي ڳالهہ ياد آيمر پر شاگردن مون سان اهڙي محبت جو اظهار ڪيو ۽ ڏنمر پني تہ خوشيءَ ۾ نہ ٿي ماپيا. خدا جو شڪر ڪيمر. مون کي ايتري فرصت ڏنائون جو پاڻ بہ تيار ٿي آيا ۽ مون کي بہ ڪپڙا لٽا بدلائڻ جي مهلت ملي. آخر مونکي هڪ جلوس جي صورت ۾ اسڪول ۾ وٺي آيا. ڪرسيءَ تي اچي ويٺس. هار آندائون. جن سان مونکي جنجهي ڇڏيائون. چارج ڪنهن کان وٺان. خبر پيئي تہ مسٽر فتح محمد قريشي هيڊ ماسٽر گورنمينٽ هاءِ اسڪول وٽ عارضي طرح چارج آهي. موصوف مون وٽ آيو وڏي محبت سان کيڪاريائين. چارج فرد تي صرف صحيح ڪرڻي هئي. اها رسمر ادا ڪئي ويئي. مسٽر قريشيءَ جي وڃڻ بعد سڀ شاگرد هال ۾ جمع ٿيا. خواهش ڏيکاريون تہ آءٌ کين خطاب ڪريان. هال ۾ ويس تاڙيون وڄيون. مون "منهنجا عزيز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاگرد دوستو!" جي لفظن سان تقرير شروع ڪئي ۽ چيو مان ته مان ڪو وڏو مقرر ڪونه آهيان ۽ نه ڪا پليٽ فارم اسپيچ ڪري ڄاڻان. مان اوهان وانگر هڪ استاد آهيان. فقط اوهان سان چار ڳالهيون ڪندس. جيڪڏهن اوهان مونکي اجازت ڏيو. منهنجو نالو محمد اسماعيل آهي. مون کي عام طرح غرساڻي سڏيندا آهن. لاڙ جو ماڻهو اتر جو ڏڱو چوندا آهن. اوهان کي وڻان ته بڌايو ورنه بدلي ڪرائڻ جي ڪوشش ڪريان. نهڪڙو مچي ويو. هڪ شاگرد اٿي چيو ته "اسانجا پيارا استاد، اسان اوهان کي گهري ورتو آهي اسان جو سوال خدا ٻڌو ۽ اڄ اوهان جي زيارت جو شرف مليو. اسين اوهان جا خادم آهيون. اوهان جا خادم آهيون. اوهان جهڙو مشهور شاعر ۽ اديب اسانکي ڀاڳن سان مليو آهي. اوهانجي هر حڪم جا تابع رهنداسين." تاڙيون وڄيون. مون چيو ته "جيهي جا تيهي ٻانهي ٻاروچل جي" مان اوهان جي نهايت ايمانداريءَ سان خدمت ڪندس. جيڪي ڪجھ ڄاڻ اٿم اها اوهان سان ونڊي ورڇي ڪائيندس. اوهان مونکي خوش آمديد ڪئي آهي. مان ممنون آهيان. آءٌ اوهان سڀني جي موٽ ۾ خوش آمديد ڪريان ٿو. مونکي پنهنجي ڳوٺ،عزيز و اقارب، دوستن سڀني کان دور ڪري اوهان جي پناري وڌو ويو آهي. اوهين منهنجي سنڀال ڪندا ۽ مان اوهان جي خبرگيري ڪندس. انگريزيءَ ۾ چيو اٿن ته "لو بگيٽس لو" يعني دل راه بدل است، يا منڙا گهر ته گهرانءِ يا اذڪروني فاذڪرڪم. اوهان مون کي پنهنجو ڪندا ته مان اوهان جو ٿي ٽيندس، ٻني جو هرگز نه ٽيندس. صرف اوهانجو ۽ اوهانجو ٿي ٿي رهندس. اڄو ته دل جو واپار ڪريون پر واپار ۾ ديانت داري گهرجي. مونکي معلوم آهي ته اوهانجو ڪافي وقت ضايع ٿيو آهي. اها ڪمي پوري ڪرڻي آهي. اسٽاف جا سڀ ميمبر چڱي ويا آهن. فقط مسٽر عبدالقادر شاه ڊرائنگ ماسٽر هڪ وينل ڏسان ٿو. مگر همت جا ٻيڙا پار آهن. مان اوهانجا ڇهه ئي فرجا ونندس. سنڌي، تعليمي طريقا، هسٽري آف ايڊيوڪيشن، نفسيات مطلب ته هر مضمون اوهان کي يڪي سر سيکاري سگهان ٿو. اوهان منهنجي فقط مدد ڪريو جو هر پيرڊ ۾ حاضر رهو. اوهان جيڪي مون کان سکندا ان کان وڌيڪ مان اوهان جي تجربن مان سکندس. "همت مردان مدد خدا" ڪهڙو مشڪل آهي جو آسان ٿي نه ٿو سگهي.

مشڪل نيست ڪه آسان نشود
مرد بايد ڪه هر آسان ڪه نشود

مونکي حرف بحرف ياد آهي ته مون پنهنجي پيارن شاگردن کي ڇا ڇا چيو. ڪلاڪ کن ساڻن ڪچهري ڪندو رهيس ان ڪري اهو سڀ ڪجھ هتي لکڻ طوالت جو سبب ٿيندو، ان ڪري ڊيگھ کان پرهيز ٿو ڪريان. خدا جا لک لک شڪرانه منهنجي گفتگو شاگردن جو دليون ڇڪي ورتيون. اسڪول جي حالت اها هئي جو جيڪي به اسسٽنٽ هوا سي سڀ هڪ

هڪ ٿي بدليون ڪرائي هليا ويا هوا. ڏينهن جو ويلو شاگردن مون کي بورڊنگ جي ماني گڏ کائڻ تي اصرار ڪيو. جا آچ خوشيءَ سان قبول ڪيم. دعوتون ته زندگيءَ ۾ گهڻيئي دوستن جون پر تڪلف ڪاڏيون هومر. شاگردن کي عرض ڪيم ته ماني کائيندس پر منهنجو هڪ شرط آهي. ڪابہ زيادتي نہ ڪندا مون کي تصنع ۽ تڪلف نہ گهرجي. جيڪا بورڊنگ جي دال روٽي آهي. وعده ڪيو تہ ان کان وڌيڪ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هوندو. چيو اٿن تہ:

اى دوست تكلف ميں هے تكليف زيـاده

جو دوست هوا كرتے هيں، تكلف نهيں كرتے

هو منهنجي عرضداشت کان متاثر ٿيا ۽ وعده ڪيائون ته جيئن اوهان چاهيو ٿا ائين ئي ٿيندو. والله. مان سچ ٿو چوان ته هن دعوت شيراز مان مونکي ايڏو ته لطف آيو جو ان کان اڳ ڪنهن بہ دعوت مان مون کي اهڙو لطف نہ آيو. منجهند جي ماني کائي شاگردن کان موڪلايمر. پنهنجي بنگلي تي آيس. ڪجهہ آرام ڪيمر ڪجهہ سوچيم ته ڪي چڱا نائب هٿ ڪريان آخر ته اهي منهنجا بازو آهن. جي بازو سچا ۽ سگهارا آهن ته آءٌ بہ سگهو ورنہ اگهائيءَ ۾ ڪهڙو ڪارج سرندو.

ناظرين ڪرامر کي تعجب لڳندو تہ منهنجون صبح واريون خوشيون شام جي وقت ڪافور ٿي ويئون. جڏهن قاضي فضل الله منسٽر صاحب وٽ سلام لاءِ ويس. قاضي فضل الله اهو شخص هو، جنهن سان ۲۴_۱۹۲۵ع کان وٺي ۲۹_۱۹۳۰ تائين گهاٽي دوستي رهي. مگر هن جهڙو منهنجو حشر ڪيو سو غور سان پڙهڻ جي لائق آهي. مون کي اميدون هيون تہ صاحب موصوف مون کي سڄي سنڌ مان چونڊي ٽريننگ اسڪول جي مشڪلات کي منهن ڏيڻ جي لائق سمجهيو آهي. مان وٽس ويندس منهنجي وڏي تعظيم ڪندو ۽ ورهين بعد ملاقات ٿيڻ ڪري منهنجي مرحبا چڱي ٿيندي. خير قاضي صاحب منهنجي بنگلي جي وراندي ۾ الهندي طرف کان هڪ آرامر ڪرسيءَ تي براجمان هو اتر ۽ ڏکڻ کان ڪرسين جي هڪ هڪ قطار ايرندي طرف هلي ٿي ويئي. مان جيئن ئي اندر لنگهيس تہ واليان سنڌ ميرن جي دربار جو نقشو ڏٺمر. ويهڻ جي جاءِ ڪانہ هئي، قاضي صاحب سان هٿ ملائڻ لاءِ سندس سمت ڏي وڌيس، ويني اڏوگابرو هٿ ڏنائين پوئين پيرين هٽي پچاڙيءَ جي دنگ وٽ پهتس تہ هڪ نامعلوم شخص اٿي مونکي پنهنجي ڪرسي آڇي سندس مهرباني مڃي ويٺس. منهن جو پنو لهي ويو. دل هارجي ويئي. هڪ اهڙو تہ شاق پهتو جنهن جو تصور ئي ڪري نہ ٿي سگهيس. صبر ڪري ويهي رهيس. دل چيو تہ ايتري ۾ شال پري اچي تہ بہ شڪر. مگر چند منٽ گذريا تہ مون کي وڏي آواز سان چيائين تہ "عرساتي ٽرپارڪر ضلعو توکان سواءِ هلي نہ ٿو سگهي. ۵_۶ تارون آيون آهن. تارن تي تنهنجو گهڻو خرچ آيو آهي؟" سڀ ويٺل نهڪ ڏيئي وزير صاحب کي خوش ڪرڻ لاءِ کلڻ لڳا. منهنجي حالت اها هئي جو ڪو ڏڪ هٽي تہ رت نہ نڪري. چپ خشڪ ٿي ويا ۽ دماغ چڪرائڻ لڳو. ڪوبہ جواب نہ ڏنمر. اهڙو ڪچان جهڙي پت. هڪ بہ منٽ موصوف

جواب جو انتظار ڪيو مگر مون وٽ ته "الچپ من الماث" هئي. اکر ڳالهائڻ زبان مان ڪونه ٿي اُڪليو. قاضي صاحب جو غرور ڏنم. تڪبر ڏٺم ۽ اڻ سهائيندڙ روش ڏٺم. خدا تعالىٰ جي تعريف ڪيم ۽ چيم ته:

صلاح ڪار ڪجا و من خراب ڪجا

بين تفاوت اين ره ڪجا است تا بہ ڪجا

ڪجا فضل الله ڪجا اسماعيل. هي سڀ رب پاڪ جي قدرت آهي. جنهن تان قربان وڃان. دل جو دل ۾ مرحوم مخلص جو خلافت جي زماني وارو شعر ياد آيم ته:

فلڪ جي آهه اها سفلہ پروري ڪهڙي

لچن کي ڏني تو ڪلاه، سڪندري ڪهڙي

خلافتين جي ڏسي شڪل ۽ شباهت اڄ

اڃي پئي آهه منجهن سهڪ ۽ مري ڪهڙي

منهنجو منهن رونق ڇڏي ويو هو. آخر هو به انسان جو اولاد هو. تازي ورتائين ته سندس روش ئي منهنجي اها حالت بنائي آهي. وري گوهر افشاني شروع ڪيائين ۽ چوڻ لڳو ته "عرسائي، لاڙڪاڻي جو شهر معشوق شهر آهي. هتي جا ماڻهو ڏاڍا محبتي آهن. مان ته بعضي هوائي جهاز ۾ لاڙڪاڻي مٿان پرواز ڪندو آهيان ته پائيندو آهيان ته هيٺ ٽپو ڪٽي ڏيان. حاضرين سندس چرچي جو داد ڪلڻ سان ڏيڻ لڳا. مگر اهڙا هلڪڙا چرچا منهنجي هڏ پتي ڪٽي ٿا پون. مان ٻت بنجي چڪو هوس ۽ خاموش رهيس، وري فرمايائين ته عرسائي هيڏانهن اچ منهنجي پير ۾ اچي ويهه ۽ پئي هڪڙي ڪي جو سندس پير ۾ وينو هو ان کي چيائين ته توهان هُتي وڃي وهو. هو ويچارو اٿيو ليڪن مان نه اٿيس. ايترو ضرور چيم ته "سائين آءٌ هتي ٺيڪ وينو آهيان." ڪَجهه دير ويهي سلام ڪري اٿيس ۽ نڪري ٻاهر آيس ۽ موٽي پنهنجي جاءِ تي پهتس. ماني نه وٽي ننڊ نه آئي. رات جون چار گهڙيون خدا خدا ڪندي گذريون. ڳالهه کي وسارڻ جي ڪوشش ڪيم. ڏينهن جو به ملال رهيو. آخر پنهنجي ڪم ۾ مستغرق ٿي وڃڻ، مون ڪان هيءَ ڳالهه وساري ڇڏي ۽ وري طبيعت هشاش بشاش ٿي وئي. جن شاگردن جون جتان ڪٿان شڪايتون مليون هيم، سي منهنجا چڳ وڏيا مريد ٿي ويا ۽ مون انهن ۾ اهڙيون ته همت ۽ مردانگيءَ جون خوبيون ڏٺيون جو مان حيران هوس ته والله اعلم "اگر سچا ڪي لوهار سچا".

بهرحال عملي ڪان سواءِ ڪم ٿيڻ آسان نه هو. عملي جي گهر ڪيم مسٽر عبدالڪريم سنديلو جو منهنجو شاگرد به هو، ان لاءِ خاص گهر ڪيم هُو ان وقت هاءِ اسڪول ۾ مئٽريڪيوليٽ اسسٽنٽ ماسٽر هو ۽ ٽريننگ جا ۳ سال پاس ڪيل هوس. هو مون وٽ خوشيءَ سان آيو. ٻيو ماسٽر صاحب صوفي ڏتي بخش سهاڳ گهري ورتم. هن صاحب لاڙڪاڻي

ٽريننگ اسڪول مان ٻي ٢ سال ٽريننگ پاس ڪئي هئي، جنهن کي اڄ ٻہ سال مس ٿيا هوا. ليڪن هو هڪ تجربيڪار استاد هو ۽ هڪ وفادار دوست ۽ زبردست هو. توڪل علي الله ڪم زور شور سان شروع ڪيوسين. ڪجهہ ڏينهن بعد هڪ سينئر ماستر مسٽر محمد موسيٰ بہ هاءِ اسڪول مان ڏياريو ويو. جو گرئجوئيٽ هو ۽ معمر بہ هو. هن کي سيڪنڊري اسڪول ۾ پڙهائڻ جو ڪافي تجربو هو. مگر پرائمري ماسترن جي تعليم ۾ درڪ ڪونہ هوس. ماڻهو نهايت نيڪ هو پر انتظامي قابليت ۾ ڪسو هو. ننڍن ڇوڪرن تي ضابطو رکڻ هڪ الڳ ڳالهہ هئي ۽ ماسترن کي ڪنٽرول ڪرڻ جو فن ئي ڪو الڳ هو. ٿورن ئي ڏينهن ۾ مون سان شڪايت ڪيائين تہ شاگرد ڪتاب نہ ٿا آڻين ۽ هڪ هڪ تي پڇيو وڃن. صبر سان ليڪچر بہ نٿا ٻڌن. ڪل مسخري لايو وينا آهن. وغيره وغيره مون شاگردن کي هدايت ڪئي تہ اهو طريقو ناپسنديده آهي. اڄ هن تان ٿا ڪلو سياڻي ٻني تان ۽ پرهين؛ مون کي بہ تمسخر جو اسٽاڪ بنائيندا. پنهنجا وعدا ياد ڪريو. خود استاد آهيو. استادن جي تعظيم ڪريو. هنن هٿ ٻڌي معافي ورتي ۽ يقين ڏيارنون تہ مسٽر محمد موسيٰ کي وري شڪايت جو موقعو نہ ڏينداسين. ليڪن مسٽر محمد موسيٰ جي شڪايت ختم ٿيڻ واري نہ هئي. آخر هڪ ڏينهن هال ۾ سيني شاگردن کي گڏ ڪيم. ٻني ڪنهن استاد کي اچڻ لاءِ ڪونہ چيم. اڪيلي سر شاگردن سان مخاطب ٿيس. هو وري بہ وعدو ڪرڻ لڳا. ليڪن مون پڇيومان تہ آخر سبب ڪهڙو آهي. حجاب يا ڊپ نہ ڪريو. مون کي سچ ٻڌايو تہ هن واحد استاد کي تنگ ڇو ٿا ڪريو؟ هڪ شاگرد جرئت ڪري مون کي ٻڌايو تہ سائين استاد محمد موسيٰ کي ايترو بہ نہ ٿو اچي جيترو اسان کي اچي ٿو. سندس آواز (گهُٽو) آهي. ڪلاس جون پوين ڊيسڪون تہ اڪر بہ سمجهي ڪونہ ٿا سگهن. ليڪچر ۾ ڪابہ انٽريسٽ يعني دلچسپي پيدا ڪري نہ ٿو سگهي. دلچسپي نہ هوندي تہ توجہ گهٽ ٿيندو ۽ شاگردن ۾ اُٿ ويهہ برابر ٿيندي رهي ٿي. اسان کي موصوف لاءِ پنهنجي وڏي بزرگ جهڙي عزت آهي. اسين هرگز مٿس نہ ٿا کلون. مگر سبق ۾ دلچسپي نہ هئڻ ڪري ڪلاس جو ماحول بي مزي ٿيو پوي، جنهن تي اسان جو وس نہ آهي. اسان کي گهٽ وڌ ڳالهائي بہ ٿو. پر اسين ڪيس ڪوبہ بي ادبيءَ جهڙو جواب ڏيڻ بدران فقط کلي ڇڏيندا آهيون. مون کي هن شاگرد جي بيان تي فوراً يقين اچي ويو جو مسٽر محمد موسيٰ ۾ ڪجهہ ڏينهن کان مون بہ اهي ئي ڳالهيون ڏٺيون هيون جي شاگردن ڏٺيون هيون. هو پاڻ بہ تنگ اچي چڪو هو ۽ مرضي هيس تہ موٽي هاءِ اسڪول ۾ وڃان جتي ٽيوشنون بہ هيون. هتي ڇا هو؟ ٻنهي گڏجي ڪوشش ڪئي ۽ مسٽر محمد موسيٰ واپس هاءِ اسڪول ۾ ويو. سندس عيوض مون کي ٻيا شهر جي اسڪولن مان تجربي ڪار استاد مليا. هاڻي مسٽر صوفيءَ کي هائوس ماستر ڪيم. مسٽر سنديلو کي فرسٽ اسسٽنٽ. هُو ٻني شاگردن جا نباض هوا. ڪم جوش و خروش سان

هليو ۽ نصاب کي اوبي ورتوسين. اندروني ڪم کي صحيح سطح تي پهچائي ڪجهه بيروني معاملن ڏي بہ متوجہ ٿياسين. مسٽر عبدالله عتيق، حامدالله عاقلي، مسٽر رضا محمد، قبول محمد، محمد عابد ۽ ٻيا منهنجا شاگرد منهنجيءَ هڪ اشاري جا منتظر هوندا هوا ۽ هميشه حاضر هوندا هوا. سندن وفاداريءَ مون کي نهايت متاثر ڪيو. سندن وفاداري بشرط استواري هني چيو اٿن تہ:

وفاداری بشرطِ استواری اصل ایمان ہے
مرے بتخانہ میں تو کعبہ میں گاڑو برہمن کو.

قبل از پاڪستان، لاڙڪاڻہ هاءِ اسڪول تي هندو عنصر جو قبضو هو. هاءِ اسڪول جي عمارت ۽ هاسٽل جون عمارتون نهايت شاندار هيون ليڪن ڪا بہ مسجد نہ هئي، هر نم جي وڻ هيٺان هڪ ٿلهو ٺهيل هو. جتي شاگرد نماز پڙهندا هوا. نماز جون نڪون ۽ ٿڌا اڪثر پرندن جي ونين سان ناپاڪ رهندا هوا. جمع جي نماز لاءِ شاگردن کي لاڙڪاڻي جي شديد گرمين ۾ شهر ڏي وڃڻو پوندو هو. مون کي اها ڳالهہ نہ وڻي چندہ لاءِ رسيد بڪ ڇپايم. شاگردن ۾ تقسيم ڪيم ۽ کين چيم تہ مڙسن جون بلائون دور آهن. پنهنجي ڳوٺن مان چندو گڏ ڪري اچو. خدا اوهان کي جزائي خير ڏيندو. مسجد جي تعمير ڪرايون. خدا جو گهر جوڙيون جو اوهان جي ٻنچ جو يادگار رهي. سيني ڪمرڪشي. گرمين جي موڪل ملي رسيد بڪ هر هڪ جي هٿن ۾ ڏنو ويو. صوفي ڏتي بخش مون کي چيو تہ سردار غيبي خان چانڊيي وٽ هلون هو صاحب ڪافي رقم ڏيندو. منهنجي دل نہ ٿي چاهيو ليڪن صوفي صاحب جي اصرار تي وٽس وياسين. فقط بہ سئو روپيہ ڏنائين قاضي فضل الله هزار روپيہ جو چيڪ ڏنو ۽ حاجي خان پيٽرول پمپ واري بہ سؤ روپيہ ڏنا. نم وڌائي شهتير ۽ پٽيون چيرايونسين. اسڪول جي آس پاس ساريال پوک هئي. زمين ۾ ان ڪري سيڪ گهٽو هو. سيمنٽ خريد ڪيوسين. سرون پڪيون ۽ سنا بہ ڪاريگر ڪم ۾ لڳاياسين. شاگردن ڪافي پنسا آندا. عابد کي ان ڪم تي معمور ڪيوسين. صوفي صاحب سندس ڪافي هٿ ونڊايو. مسجد جي تعمير شروع ٿي. ٻن ٽئن هفتن ۾ مسجد جڙي راس ٿي. افتتاح ڪيوسين. سيني اسان جي جس ڳائڻ لڳا. شڪراني جي مٺائي ورهائيسين. منهنجي بدلي ٿي وڃڻ بعد شاگردن مسجد جي ورانڊي مٿان هڪ پٿر نصب ڪرايو. جنهن تي هن حقير پر تقصير جو نالو ڪندہ آهي.

هن سال ١٩٥٠ع ۾ سول اسپتال جي نئين عمارت جو سنگ بنياد رکڻو هو جنهن لاءِ خواجہ ناظم الدين آيو. لاڙڪاڻي جو شهر چراغان ٿي ويو. قاضي فضل الله ۽ جناب کهڙي محمد ايوب صاحب جا بنگلا خصوصاً بقعہ نور بنيا رهيا. ڊاڪٽر ڏائود پوٽو رٽائر ٿي چڪو هو. ڊئريڪٽر جي چارج خان صاحب يار محمد ميمڻ کي ڏياري ويئي هئي جو ايڊيوڪيشن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيڪريٽري به هو. هُو صاحب به لاڙڪاڻي آيو. آفيسرن جي منزلن سبب ڪابہ جاءِ خالي نہ هئي. خان صاحب يار محمد منهنجي بنگلي ۾ رهيو ۽ مان هائوس ماستر جي ڪوارٽر ۾ عارضي طور منتقل ٿي ويس. خان صاحب يار محمد ڊي. پي آءِ ڪي لاڙڪاڻي سينٽر جي ورنيڪيولر فائينل امتحان ۾ ڪاپي ٿيڻ جي باري ۾ ڪي درخواستون پهتل هيون جو پاڻ سان کڻي آيو. امتحان جو سينٽر هاءِ اسڪول هو ۽ ان جو هيڊ ماستر سينٽر جو سپرنٽينڊنٽ هو. حق تہ ائين هو تہ اهوئي انڪواري ڪري ها. مگر خبر ناهي تہ ڇو خان صاحب يار محمد اُهي ڪاغذ منهنجي حوالي ڪيا ۽ نادري حڪم فرمايو تہ ٽن ڏينهن اندر مون کي سراغ لڳائي صحيح رپورٽ پيش ڪئي وڃي. ڪاغذ ورتم. الله جي آسري پڄا ڳاڇا ڪيم. ڏٺل پيپرن جا بنڊل منهنجي حوالي ڪيا ويا. هاءِ اسڪول جو ڪلارڪ احمد علي نالي هو. رپورٽ هيٺ آيل جوابي پيپرن ۾ هٿ اکر بيا هوا ۽ بين باقي پيپرن ۾ بيا هوا. حقيقت ۾ اهي رپورٽ هيٺ آيل پيپر ٻاهران لکائي بنڊلن ۾ وڌا ويا هوا ۽ بدقسمتيءَ سان اصولڪا پيپر بہ اتي ئي پيا هوا ۽ نہ انهن کي ڪڍي ڇڏيو ويو ۽ نہ ناس ڪيو ويو. مون نهايت سنجيدگيءَ سان جاچ شروع ڪئي. اهي شاگرد جي پرائمري ماسترن جا پٽ هوا. سي اکر انهن جي والدين جا نڪتا. جي احمد علي ذريعي اهي پيپر ريپليس ڪيا هوا. مون کي ڏک بہ ٿيو ۽ خوشي بہ. ليڪن اها هڪ ڏک جهڙي ڊيوٽي هئي ۽ مون کي ايمانداري سان فرض ادائي ڪرڻي هئي. خان صاحب يار محمد ڏاڍو خوش ٿيو. جو سندس انڪوائري ڪامياب ٿي ۽ مون کي آفرين ڏنائين. اسڪول وزٽ ڪيائين ۽ هر هڪ ڪم ٽپ ٽاپ ڏسي مسرور ٿيو. صاحب موصوف لاڙڪاڻي ۾ مختيارڪار بہ ٿي رهيو هو ۽ وري ڊپٽي ڪليڪٽر بہ ٿي رهيو هو. ڪيترائي سندس پراڻا زبردست جن مان ڪافي تعداد رٽائر ٿي چُڪو هو. ڪيس ملڻ لاءِ آيا. هن انهن سيني کان منهنجي باري ۾ پڇيو. تہ هيءُ هيڊ ماستر ڪيئن آهي. هر هڪ شخص ڪيس اهوئي جواب ڏنو تہ هيءُ اسڪول جنگ و جدل جو مرڪز بنجي چڪو هو. ائين چئجي تہ اسڪول ڪونہ هو مگر خچرخانہ هو. اسان کي ان جي سڌاري جي ڪابہ اميد نظر نٿي آئي مگر مسٽر عرسانيءَ جي اچڻ بعد هن گويا هڪ ساحر جو ڪم ڪري ڏيکاريو. اسين تہ چاهيون ٿا تہ هيءُ هتان نہ وڃي ۽ سدائين هتي هجي. خان صاحب يار محمد مون کي گهرايو ۽ چيائين تہ مون اوهان جي باري ۾ پبلڪ کان گهڻو ڪجهہ ٻڌو آهي. مان اوهان جي اسٽاف سان ملاقات ڪرڻ چاهيان ٿو. اڄ شام جو سيني مون سان ملايو. مان اسٽاف کي وٺي ويس مگر هن مون کي چيو تہ اوهان ٻاهر ترسو مبادا ڪنهن کي اوهان جي باري ۾ ڪا شڪايت هجي ۽ هُو اوهان جي موجودگيءَ ۾ پنهنجي دل جو احوال بيان ڪرڻ جي جسارت نہ ڪري سگهي. مان ٻاهر ويٺس. اسٽاف جا ميمبر ويا. سيني کان پڇيائين تہ هيڊ ماستر اوهان سان ڪيئن ٿو هلي. اوهان کي ڪا هن لاءِ

شڪايت نہ ڪانهي. سيني يڪ آواز ٿي چيو تہ شڪايت جو تہ سوال ئي نہ ٿو ٿئي. اسين هن جا بيحد ڪمال ثناخوان آهيون هھڙو قابل ۽ سنو منتظم هيڊ ماستر اسان کي ڏسڻ جو هن کان اڳي ڪڏهن بہ موقعو نصيب نہ ٿيو آهي اسين چاهيون ٿا تہ هُو اسان وٽ ڪافي عرصو رهي ۽ اسين سندس زبردستيءَ ۾ رهي ڪجهہ پرايون. اهو جواب ٻڌي بي حد مطمئن ٿيو. پڇاڙيءَ ۾ مونکي اڪيلو گهرائي پڇيائين تہ اوهين ڪٿي وڃا آهيو. مون چيو تہ حيدرآباد. عجب لڳس، مون کي چيائين تہ مان تہ توهان کي ڪونہ ٿو سڃاڻان. مون چيو تہ اوهان جو ڀاءُ روشو ۽ حاجي غلام علي تہ منهنجا دوست آهن ۽ ٻيا فلاڻ فلاڻ ميمڻ اوهان جا رشتيدار مون سان گڏ پڙهيا آهن. اوهين اڪثر ڪراچيءَ ۾ رهو ٿا ان ڪري مون کي نٿا سڃاڻو. جواب ۾ چيائين تہ اوهان کي ڪو عرض معروض ڪرڻو هجي تہ مان وڏيءَ خوشيءَ سان اوهان جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. مون اوهان جي حد کان گهڻي نيڪي ٻڌي آهي. ۽ مان نٿو چاهيان تہ هن ننڍڙي اسڪول ۾ اوهان جون لياقتون برباد ڪريان. ڪو وڏو اسڪول گهرو تہ مان ويچار ڪريان. مون عرض ڪيو تہ سائين منهنجا مون کي حيدرآباد ڏيو. پوءِ هاءِ سڪول ۾ رکو. ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر ڪري مقرر ڪريو يا تہ ٽريننگ ڪاليج ۾ پرنسپال ڪريو. اهو اوهان جي مرضي مبارڪ تي ڇڏيل آهي. مان ڪنهن بہ حيثيت ۾ حيدرآباد موٽي وڃڻ چاهيان ٿو جو منهنجون گهرو حالتون گهر کان هيتري مفاصلي تي رهڻ جي مون کي اجازت نہ ٿيون ڏين. وڏيڪ وس وارا آهيو. فرمايائين تہ مان ڪراچي پهچڻ شرط اوهان جو آرڊر ڪندس. ڳالهہ مخفي رکيم. ڪجهہ وقت لڳو. ساليانہ امتحان ٿيا. شاگرد سؤ سيڪڙو پاس ٿيا ۽ منهنجي بدلي حيدرآباد ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر حيدرآباد ٽائون تي ٿي. جتي مون نور احمد ميمڻ کان فوراً چارج ورتي.

شاگردن مون کي موڪلائيءَ لاءِ هڪ جلوس ۾ اسٽيشن لاڙڪاڻي تي آندو. حشام ماڻهن جا چڙهي آيا. گلن جا هار پهرايا ويا. اسٽيشن جو منظر هڪ عجيب هو. عام طرح ماڻهن ائين ٿي سمجهيو تہ هيترا ماڻهو آيا آهن شايد خان بهادر کهڙو اچڻو آهي. منهنجي ڳچيءَ ۾ هار ڏسي مون ڏانهن عجيب نگاهن سان ڏسڻ لڳا تہ هيءُ ڪهڙو منسٽر آهي. مان خدا تعاليٰ جا ڪيترا شڪرانا بجا آڻيان. مون کي ايتري عزت بخشيائين جنهن جو مون هرگز پاڻ کي لائق نہ ٿي سمجهيو. و تعزمن تشاءُ و تذل من تشاءُ، بيدڪ الخير انڪ اعليٰ ڪل شئي قدير. عزت ۽ ذلت ان قادر مطلق جي هٿ ۾ آهي جنهن کي چاهي عزت بخشي چاهي ذلت نصيب ڪري. لاڙڪاڻي بابت گهڻو ڪجهہ لکي سگهان ٿو. ليڪن قصو ڊگهو ٿي ويندو فقط ايترو چوندس تہ لاڙڪاڻو واقعي ساهہ سيباڻو هو.

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ٽيهون

باقعات لاڙڪاڻو

مون مٿي عرض ڪيو آهي تہ لاڙڪاڻي ۾ اچڻ سان خاص توجہ تعليم تي ڏنم. جو ڪوبہ ڪم ٿيل ڪونہ هو ۽ حالات درهم برهم هوا. شاگردن جي ڪاميابي استادن جي ڪاميابي هئي. استادن جي ڪاميابي هيڊ ماستر جي فتح هئي ۽ هيڊ ماستر جي فتح اداري جو شان هو. ان ۾ خداوند ڪريم ڪامياب ۽ نامياب ڪيو. الحمدالله

ساري اداري، هاسٽلن ۽ ڪاليج لاءِ اسڪول جي ڪشادي ميدان ۾ هڪ کوهہ هو. جنهن جو پاڻي نهايت مٺو ۽ ٺڏو هو. ان جي آس پاس ڪجھ زمين لائق آباد بہ موجود هئي. حسين بخش نالي هڪ مالهي پاڻيءَ لاءِ مقرر ٿيل هو. جو کوهہ تي چڙهيل نار ذريعي پاڻي پهچائيندو هو. ڏاند سندس پنهنجا هوا. جنهن لاءِ کيس ان وقت جي لحاظ موجب چڱو معاوضو ملندو هو. هن سان مون صلاح ڪئي تہ ڇو نہ هتي ڀاڄيون پوکيون ۽ ساري هاسٽل جا شاگرد ۽ اسين اهي کائون. حسين بخش ڪم ڪارڪان ڪيٻائڻ وارو ڪونہ هو ۽ مالهي بہ تجربيڪار هو. جواب ڏنائين تہ سائين هن کان اڳ ۾ ڪنهن بہ هيڊ ماسٽر صاحب اهڙو سوال نہ اٿاريو آهي. اوهان جي خواهش هجي تہ مان محنت ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. مون وٽ لائل پور کان آيل هڪ ڀاڄين ۽ گلن جي ٻجن جو ڪئٽالاگ آيل هو. ان جي ورق گرداني ڪري ٻجن جو آرڊر ڏنم. هن ۾ ڪي گل هوا ۽ باقي ڀاڄيون جهڙوڪ ميٿي (هربو) شلغم (گوگڙو)، پيندبيون. توريون. موريون. ٽماٽا وغيره وغيره ۽ ٿوم ۽ بصر جو ٻيجو مسٽر رضا محمد گوٺان آندو. زمين سان جوٽي جوٽيسين. هرَ ڏيئي زمين کي تيار ڪيوسين. حسين بخش پنهنجي اڻ ٿڪ ڪوشش سان اهو سڀ ڪجھ ڪيو. جو هن جي دماغ ۾ آيو. مون کي تہ زراعت جو ڪوبہ علم ڪونہ هو. صوفي ڏٽي بخش ۽ مان ذري ذري زمين تي پتنگ وانگر ڦيرا پيا ڪندا هواسين. الله تعاليٰ ڪنهن جي محنت ضايع نہ ٿو ڪري ٽماٽا، پالڪ، ميٿي ۽ گوگڙو تمام ڀلا ٿيا. ساري هاسٽل اهي ڀاڄيون مفت ۾ کائيندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ڪن دوستن کي سوغات طور ٽوڪرا ڀري موڪليندو هوس. هن ڪارنامي سون تي سهاڳي جو ڪم ڏنو ۽ هرهڪ ڏسندڙ واهہ واهہ ڪرڻ لڳو ۽ داد ڏيڻ کان رهي نہ سگهيو.

پڙهائيءَ جو ڪم مون اچي سنئون ڪيو هو. ان ڪري ڪجھ وقت بچائي ادبي ڪم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي هٿ ۾ ڪيم. ٻن ڪتابن جا مسودا مون لاڙڪاڻي ۾ لکيا هڪ سير ريگستان ۽ ٻيو نقش عمل. فرصت گهٽ هجڻ جي باوجود مون کي خدا تعاليٰ همت ڏني ۽ رات جو گهٽو وقت لکڻ جو ڪم ڪندو هوس. گرميون هيون. اليڪٽرڪ پکا ڪونه هوا. جُهليون جُهوليون ويندريون هيون. لاڙڪاڻي جي آبهوا مون کي پاڻ پئي. گرمين جي باوجود نهايت صحت بخش هئي. سموري سال ۾ جو مان اتي رهيس، وقتي ڪڏهن مٽي ۾ سوربه ڪونه پيو. ٽريننگ اسڪول ۾ هن کان اڳ ڪڏهن به ڪا مخزن وغيره نه ڪڍي ويئي هئي ۽ نه فقط لاڙڪاڻي ۾ بلڪ ساري سنڌ جي ٽريننگ ادارن ۾ ڪنهن به اهڙي جرئت نه ڪئي هئي. صرف حيدرآباد جي ٽريننگ ڪاليج مان اخبار تعليم نڪرندي هئي، جا سڄي سنڌ پڙهندي هئي ۽ افسوس آهي ته زماني ايتري ترقي ڪئي آهي، ته تعليم کاتي جو اهو قديم صحيفو اڄان به نڪري پيو. مگر اهو ادبي مقام نه اٿس. افسوس صد افسوس. مون ڪن چڱن شاگردن ۽ اسٽاف جي ميمبرن اڳيان پنهنجي رٿ پيش ڪئي. سڀني ان جي مرحبا ڪئي ۽ ٽريننگ اسڪول لاڙڪاڻه مخزن جي نالي سان هڪ پرچو ڪڍيوسين. مسٽر عبدالغفور پرڳڙي وڪيل جو منهنجي دوست مرحوم غلام صديق پرڳڙيءَ جو ننڍو ڀاءُ هو. ان وٽ هڪ ننڍي پريس هئي ۽ ڪجھ ڪاغذ به فاضل پيل هو. هن صاحب اسان جي دل و جان سان مدد ڪئي ۽ تمام ٿوري معاوضي سان اها مخزن شايع ڪري ڏنائين. دوستن، احبابن ۽ آفيسرن وغيره کي ڪاپيون سوغات طور ڏنيون ويون. شاگردن پنهنجي ڪاليج جي زندگيءَ جو هيءُ يادگار هڪ هڪ ٻه ٻه ڪاپيون پاڻ وٽ محفوظ رکيون. مقامي ادارن کي مفت ڪاپي ڪاپي ڏني ويئي ۽ اسان جي قدم کي جتي ڪٿي ساراهيو ويو.

مون کي لاڙڪاڻي ۾ ايتري فرصت ئي ڪٿي هئي، جو شهر جي معتبرن سان ملان. بهرحال مسٽر فتح محمد قريشي بدلي ٿي ويو ۽ ڊاڪٽر جعفري غلام حسين صاحب سنڌن جاءِ تي آيو. ڊاڪٽر صاحب، مسٽر اميرالدين جوڻيجو، جو ان وقت لاڙڪاڻي ضلعي جو ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر هو ۽ مسٽر محمد عثمان چن جو سنڌس اسسٽنٽ هو. سي صاحب مون وٽ ۽ مان انهن وٽ ايندو ويندو هوس. شهر وارن مان منهنجو اچڻ وڃڻ مسٽر پرڳڙيءَ وٽ ٿيندو هو. جنهن سان سنڌس ڀاءُ جو اسان جي ڪاتي ۾ اسان جو هم عصر هو ان جي توصل سان ياراني ٿي. اهو صاحب مهرباني ڪري ڪڏهن ڪڏهن پيرا پري مون وٽ ايندو هو مان وٽس ويندو هوس. اهو بيجا نه ٿيندو جو مان مسٽر جيسنگهاڻيءَ جو ذڪر نظرانداز ڪريان. مسٽر جيسنگهاڻي هڪ صوفي بزرگ هو ۽ سنڌس اهليه محترمه ڊاڪٽر سرلا ديوي لاڙڪاڻه زناني اسپتال جي سربراهه هئي. انهن وٽ اڪثر و بيشتر ايندو ويندو هوس ۽ هو مون کي نهايت پيار ۽ عزت ڏيندا هوا. هر ٻئي ٽئين ڏينهن ماني موڪلائيندا هوا ۽ مون کي طرح طرح جا ٿول ڪارائيندا

هوا. خدا انهن کي خوش رکي شال.

منهنجي اچڻ بعد لاڙڪاڻي ٽريننگ اسڪول جي جيڪا ناموس جابجا پکڙي هئي، ان ڪري جيڪب آباد جا ماستر جي ان ڪان اڳي سکر ويندا هوا. تن سڀني ڊائريڪٽر صاحب کي استدعا ڪئي ته کين ٽريننگ لاءِ لاڙڪاڻي موڪليو وڃي. اڄ تائين ان ڳالهه جو افسوس اٿم ته هنن جو اچڻ ۽ منهنجي بدلي ٿيڻ. هنن منهنجي محبن ۽ محبتين سان منهنجو رهڻ نه ٿيو جنهن لاءِ هو آيا هوا. آب و دانه جي اختيار آهي. مون جيڪب آباد وارن کي ڏاڍي ڏک سان چيو. ته اوهان چو اها زحمت گوارا ڪئي. سکر اوهان کي سهوليت وارو هو. اتي وڃو ها. هنن چيو ته سائين اوهان جي سر خاطر هتي آياسين. مون جواب ۾ چيو ته پيارا دوستو! مون ۾ ته ڪا اهڙي لياقت ڪانهي جا اوهان کي ڪشش ڪري. ان تي هنن ڏاڍي ڏک سان هيءُ بيت ڏنو.

ماڻهو مڙئي نه سهڻا پکي مڙئي نه هنج
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه اچي بوءِ بهار جي

خير اوهان اسان جون بهارون پاڻ سان کڻي ٿا وڃو. ڀلي وڃي پنهنجي ٻچن ڀيڙا ٿيو. شال خوش هجو. اسان کي دعا سان ياد ڪندا رهندا، ته اسين ڪافي سمجهنداسين. اسان جو سال گذري ويندو. زندگي آهي ته ملاقاتون پيون ٿينديون حيدرآباد ته پري نه آهي. اوهان جي تعليمي مضامين ۽ ڪتابن جو مطالع ڪري اوهان جي علميت مان استفادو ڪندا رهنداسين.

بس آپ تشریف لے جائیے
گذرنی جو ہوگی گذر جائیگی
طبیعت پے ہوگا قلق چند روز
ٹھرتے ٹھرتے ٹھر جائیگی

هيءُ شعر منهنجو ئي کين ٻڌايل هو جو مون سان منسوب ڪيائون. لاڙڪاڻي جو ذڪر اذڪار گهڻو طويل آهي ليڪن هتي ايتري تي اڪتفا ڪريان ٿو جو ته ڪنهن کي ضرورت پيئي آهي جو اهي ڳالهيون پڙهڻ لاءِ وقت ڪڍي سگهي. شايد ناظرين ڪرام ائين ئي خيال ڪن ته عرساڻي ڦڻڻ پنهنجي تعريف جا ويهي ڍڪ ڀريا آهن. ليڪن ائين هرگز نه آهي. سوانح پنهنجي لکي رهيو آهيان نه ٻين جي. ان ڪري پنهنجي متعلق ئي لکڻو پوي ٿو. جيڪي لکيو اٿم سو نهايت صداقت سان لکيو اٿم. جو ته معلوم اٿم ته جيڪڏهن ليکڪن ۾ صداقت نه هوندي ته انهن تحريرن کي ڪابه وقعت نصيب نه ٿيندي. خدا گواهه آهي.

هڪ ڳالهه پڇاڙيءَ ۾ چند لفظن ۾ لکڻ ضروري ٿو سمجهان. مسٽر محمد عثمان چنه جو ان وقت اسسٽنٽ ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر لاڙڪاڻه هو. سو محترم ايوب کهڙي جو خاص اعتماد جو ماڻهو هو. ان ڪري سندس وڏي عزت هوندي هئي. هن جي مون سان چند

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملاقات ۾ ڏاڍي دل ٿي ويني، مون وٽ اڪثر ايندو هو يا پنهنجو نانگو موڪلي مانيءَ لاءِ پنهنجي اوطاق تي گهرائيندو هو. هڪ ڏينهن چيائين ته اوهان خانبهادر کهڙي کي نه مليا آهيو اهو مناسب نه آهي. صاحب موصوف سان ضرور ملاقات ڪريو مون ڪيس قاضي فضل الله جي روش کان مطلع ڪيو ۽ چيو ته وڏن ماڻهن کان ڪناره ڪشي ئي بهتر آهي. کهڙي صاحب لاءِ ته اڪثر پروپئگنڊا ڪئي ويندي آهي ته سخت مغرور ماڻهو آهي. مسٽر محمد عثمان چئه چيو ته سائين اوهان انهن ڳالهين کي هرگز نه ونو. اوهان صاحب موصوف سان ملو ۽ پوءِ پنهنجي صحيح راءِ قائم ڪري سگهندا. مان توهان سان گڏجي هلندس. آخر هڪ ڏينهن جڏهن خانبهادر لاڙڪاڻي ۾ موجود هو. مسٽر محمد عثمان نانگو وٺي آيو ۽ مون کي ساڻ ڪري خانبهادر جي بنگلي تي وٺي آيو. ماڻهن جا هشام هوا. مگر مسٽر محمد عثمان گهڻ ماڻهن کان مون کي سبقت وٺي ڏني. کهڙي صاحب مون کي گهرايو وهاريائين. حال احوال پڇيائين ۽ نهايت اعلىٰ اخلاق ۽ پيار جو مظاهرو ڪيائين. پڇاڙيءَ ۾ اهو پڇيائين ته توهان جو ڪو ڪم ڪار هجي ته چئو. مون عرض ڪيو ته نه سائين. فقط ملاقات جو شرف حاصل ڪرڻ لاءِ حاضر ٿيو هوس. هت ملاياٺين ۽ موڪلايم. دنيا پلي چا نه چوي. ليڪن سر غلام حسين هدايت الله کان پوءِ کهڙي صاحب جهڙو سنڌ جو ليڊر بيو ڪونه ٿيو. هينئر ته زمانو ئي اور آهي، وري سرزمين سنڌ جي لاڙڪاڻي شهر کي ئي اها عظمت نصيب آهي جو سرزمين جو فرزند سر شاهنواز جو خلف الرشيد اسان جي حڪومت پاڪستان جو سربراهه آهي. لاڙڪاڻه شهر کي خداوند تعالىٰ ڪافي عزت بخشي آهي ۽ ان جي مزيد عزت بخشڻ لاءِ دل سان دعاگو آهيان.

❑

حيدرآباد ۾ تقرر

مون منهنجي عرض ڪيو آهي ته خانصاحب يار محمد ميمڻ لاڙڪاڻي ۾ مون کي ازخود چيو هو، ته مان اوهان جون خدمتون هن ننڍڙي اداري ۾ ضايع ڪرڻ نٿو گهران. اوهان کي ڪنهن وڏي هاءِ اسڪول ۾ رکڻ چاهيان ٿو. مون ڪيس عرض ڪيو هو ته، مون کي ڪهڙيءَ به حيثيت ۾ مقرر ڪيو وڃي ليڪن حيدرآباد ۾ رکيو وڃي. جو منهنجي خانگي حالات جي تقاضا اها آهي. خان صاحب پنهنجو وعدو پورو ڪيو ۽ ڏهن ٻارهن ڏينهن بعد منهنجو آرڊر ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر حيدرآباد ٽائون جو ٿيو. هتي اهو واضح ڪرڻ گهران ٿو ته حيدرآباد ۾ به ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر هوا. هڪ حيدرآباد ٽائون لاءِ ۽ هڪ حيدرآباد ضلع لاءِ هندو حيدرآباد ٽائون تي حاوي هوا ۽ ان ڪري حيدرآباد ٽائون کي ميونسپل اسڪول بورڊ ۽ حيدرآباد ضلع کي جو ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي ماتحت هو تنهن کي ڊسٽرڪٽ اسڪول بورڊ سڏيو ويندو هو. اهو سرشتو پاڪستان ٺهڻ بعد به اجا هلندو ٿئي آيو.

جڏهن مان حيدرآباد آيس. ميونسپل اسڪول بورڊ ٽائون جي آفيس موجوده ميونسپل آفيس جي سامهون هئي جتي اج يو بي ايل جي بئنڪ آهي. مون کي افسوس سان چوڻو پوي ٿو، ته مون سرڪاري حڪم موجب چارج ورتي مگر منهنجو مني جو سور لٿو ڪين. بلڪ وڌي ويو. مون هڪ اهڙي آفيسر کان چارج ورتي هئي جنهن جي ڪمزورين ڪان سارو انتظام ڊانوان ڊول هو. ليڪن تقدير کي تدبير آڏي نه ٿي اچي سگهي. منهنجي قسمت ۾ ني رولڻا هوا. الله جي ذات تي پروسو محڪم هو. همت نه هاريم مهاجرن جي لڏپلاڻ ۽ غلبي سبب پرائمري برانچ اسڪولن جون جايون جي هندن جا مددي (ايڊيڊ) اسڪول هوا سڀ بند ٿي چڪا هوا. جايون مهاجرن والاري چڏيون هيون. ڪن سرڪاري اسڪولن جي احاطن بلڪ ڪن حصن ۾ به بي گهر مهاجر ويهي چڪا هوا. اسڪولن جا رڪارڊ فرنيچر وغيره ڪباڙين جي حوالي ٿي چڪا هوا. ڪن ماسترن صاحبن کي کير جون ڏنريون هيون ڪن کي کنڊ جا ڊيپو هوا. ڪن ماستر ايسوسيئيشن جي آفيس تي قبضو ڪري اتي جا ٽائيپ رائٽر ۽ ڊپليڪٽر مشينون تيئوار ڪري ڇڏيون هيون. جنرل رجسٽر گم هوا جي اچن پنن تي رکئا پيا. ڪوڙن ۽ جعلي سرٽيفڪيٽن جي ڏمر ڏماڻ هئي. سچ ڪوڙ جو سراغ ملڻ محال هو. ماستر يا ته اسڪولن ۾

بنان نوڪري هليا ويندا هوا يا اخبارون ۽ رسالا وينا پڙهندا هوا. آمريڪن کير جو پاؤڊر، گيهہ جا ڏٻا، جي شاگردن لاءِ ڪافي ڪان زياده ملندا هوا، سي سڀ بازار ۾ وڪيا پئي ويا. هي سال ١٩٥١ع هو. عرساڻي ويچارو ڇا ڪري. ڪنهن ڳالهہ کي روڪڻ جي ٿئي ڪيم تہ اُڌم مچي ٿي ويو. رات ڏينهن ذهني طرح پريشانين ۽ غمن ويڙهي ورتو. هڪ عرساڻي سوين غم.

يک غم دو غم سہ غم چهار غم

بيچاره دل چہ کند. که او يکيست و هزار غم

ڏورڻو ڏيندو آيس، جنهن جوانمرادي ۽ همت سان انهيءَ ڳالهہ جو مقابلو ڪيم. اهو هڪ وڏو داستان آهي، جو ههڙن پنجاهہ سٺ صفحن جي گهر ڪندو. ان ڪري لکڻ مناسب نہ ٿيندو. مس مس وڃي ناپر آئي تہ ١٩٥٥ع ۾ سيلاب آيو. ڪيرن وٽان درياءَ شاهہ نڪرين جيڏا بند ٽوڙي رکيا. پڪو رستو (مينل روڊ) ٻڏي ويو. اُتر ڏي نوح پوڻن تائين، ايرندي ڏي اڏيرو لال تائين ۽ ڏکڻ ڏي حيدرآباد تائين پاڻي پهچي ويو. هن سيلاب ۾ ڪجهہ ماسترن جا گهر تباهہ ٿي ويا. ٿوري گهڻي جا ويچارن جي ملڪيت هئي، سا دريا شاهہ ڳڙڪائي ويو. ڪيترائي خانمان برباد. ماستر غريب مون وٽ آيا. مان ڇا ٿئي ڪري سگهيس. صرف طفل تسليون. چيومان تہ پائرو لکن جي مصيبت ڪنهن بہ هڪ جي مصيبت نہ آهي. الله جي ڪئي جي شڪايت نہ ڪريو. سر تہ بچيا. جنهن اڳ ڏنو هو سو هينئر بہ ڏيندو. ڪن ماسترن جي ليڊرن کي گهرايم. انهن سان صلاح و مشوره ڪيم. هن وقت تائين حيدرآباد ۽ ضلعي جا ٻہ حصا ڪيا ويا هوا. هڪ هالا ڊويزن ۽ ٻيو ٽنڊو ڊويزن. ميونسپل اسڪول بورڊ ختم ٿي چڪو هو. هالا ڊويزن ۾ تعلقي هالا، ٽنڊوالهيار ۽ حيدرآباد مدغم ٿي ويا هوا. ماسترن کي تجويز پيش ڪيم تہ هڪ اپيل ماستر برادريءَ کي ڪجي تہ دل کولي پنهنجي پائرن جي مدد ڪن. هنن اصرار ڪيو تہ اپيل تي اوهان جي دستخط هجي. مون اها اپيل پنهنجي شخصي نالي محمد اسماعيل عرساڻيءَ جي صحيح سان ڪڍي چو تہ ڪنهن بہ گورنمينٽ ملازم کي ڪو چندو چيرو پنهنجي عهدي جي نالي سان ڪرڻ جي قانوني منع هئي. ڪجهہ خطرو مول ورتم. پر انسانيت جي جذبہ سان سرشار ٿي ائين ڪرڻ کان پاڻ ڪين روڪي سگهيس. تعلقي ماسترن کي زباني هدايتون ڏنيون ويون تہ استاد کي پگهارن ڏيڻ وقت انهن کان چندو وصول ڪري موڪلين. چندا توقع کان وڌيڪ وصول ٿيا. ڪن مخير حضرات وٽ بہ ويس. پوڙ جي ستايلن جو ذڪر ڇڙيو. ماسترن جي حالت. زار بيان ڪيم. منهنجي زبان ۾ خداوند ڪريم اثر وڌو ۽ اتان بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ پڙ پيو. مون پنهنجي ٻن اُسسٽنٽن هڪ حافظ محمد ابراهيم ۽ ٻيو جان محمد قريشيءَ کي هن ڪم تي مامور ڪيو جن پيسا جمع ڪيا ۽ سامان بہ خريد ڪيو. ميٽنگ ڪئي سين. فيصلو ٿيو تہ هر هڪ ماستر کي هڪ مڪمل بسترو. رڌڻ پچائڻ ۽ کائڻ پيئڻ جي ٿانون جو مڪمل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيٽ ۽ ڪيڙن جا ٻہ وڳا ڪجهہ مختصر شيون ڏنيون وڃن. ستايل ماسترن جي تعداد موجب اهو سامان مٿي ذڪر ڪيل ٻني صاحب خريد ڪري آيا. آفيس جا ٻہ روم پري رکياسين. تاريخ مقرر ڪئي وئي، ماستر صاحبن کي اطلاع ڏنو ويو تہ روبرو اچي امدادي سامان وٺن. اهي فيصلا سڀ ماسترن جي ليڊرن جي شموليت سان ڪيا ويا. مگر منهنجي قسمت البت ايري هوندي هئي، جنهن چڱي ڪم ۾ هٽ وجهندو هوس ان ۾ بجاءِ جس جي ڪجس تي پوندي هئي. ماسترن جو هڪ ليڊر جنهن جي نيت هئي تہ پئسا منهنجي حوالي ڪيا وڃن ها. خريداري ٻہ مان ڪريان ها ۽ ورهاست ٻہ مان. انجي خلاف ٻين ماسترن جي جماعت آئي ۽ انهن اها تقاضا ڪئي تہ جيڪڏهن هيءُ ڪم اسان جي ليڊر جي سپرد ٿيو تہ اسان کي اتي ۾ لوٽ برابر ملندو ۽ باقي پئسا خورد برد ٿي ويندا. ان ڪري ازراهہ ڪرم پنهنجي آفيسرن جي نگرانيءَ هيٺ اهو ڪار خير انجام ڏنو وڃي. اڳتي هلي انجا ڪي اُگرا نتيجا نڪرن ان کان مون مناسب سمجهيو تہ نہ ماسترن جي هڪ پارٽي ۽ نہ ٻي پارٽي. ڪم منهنجا آفيسر امانت سان هلائين تہ ڪنهن کي ٻہ شڪوه شڪايت جو موقعو نہ ملي. پنهنجي راءِ ۾ مان صحيح هوس مگر ان نام نهاد ليڊر جي گويا ڪائنات ڏهي ويئي ۽ منهنجي گلا غيبت ڪندو رهندو هو. بهرحال مون ڪم نيڪ نيتيءَ سان ڪيو هو. تنهن ڪري توڪل علي الله مان پنهنجي فرض کان سبڪدوش ٿيس.

گر توکل مي کني دو کارکن
کسب کن، پس تکيہ بر جبار کن
ڪنهن شاعر ائين بہ چيو آهي تہ
فرض خود بشناس باش عامل بہ کار
ثمرم آن بر خدا وندت گذار

مون اچا هاڻي مس ڪجهہ حالت تي ضابطو ڪري ورتو هو. تہ اوچتو منهنجو وڏو ڀاءُ عبدالستار بيمار ٿي پيو. هن جي سيني ڊاڪٽرن سندس بيماري سلهہ مقرر ڪئي. ڪن دوستن صلاح ڏني تہ کيس دادر سنيٽوريم وٺي وڃان. بسم الله ڪري مهينو موڪل ورتم ۽ ڀاءُ کي ايبٽ آباد وٺي آيس. مون هڪ خط جعفر خان بروهيءَ کي لکيو جو اڳئي سلهہ جو مريض هو انهيءَ ڪري اتي ويل هو. هيءَ دوست منهنجي ڀاءُ جو چڱو زميندار دوست هو ۽ سندس ئي حڪم سان جعفر خان کي خط لکيو ويو. حيدرآباد کان سيڪنڊ ڪلاس ۾ ٻہ سيٽون رزرو ڪرايون ويون. حيدرآباد کان لاهور پنڊي ۽ ٽيڪسيلا آياسين. جتي گاڏي مٽائي حويليان واري ٽرين ۾ سوار ٿي حويليان لٿاسين. جتان هڪ ٽئڪسيءَ جي ذريعي ايبٽ آباد تقريباً مغرب جي وقت پهتاسين. جعفر خان اپر ملڪپوره ۾ رهندو هو. ان جي پڇا ڪرائي کيس ڳولي لڌوسين. نهايت گرم جوشيءَ سان مرحبا ڪيائين. ٻني ڏينهن بابو جلال الدين منسٽر کان هڪ جاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسواڙ تي ورتيسين ۽ ڏار رهڻ لڳاسين. خان بهادر ڊاڪٽر سعيد احمد خان جو دادر جي سئنيٽوريم جو سربراهه هو ان کي ايبٽ آباد ۾ ئي پنهنجو ياءُ ڏيکاريم. ڊاڪٽر سعيد الدين ويٺل ايبٽ آباد جو هو ۽ هر روز پنهنجي ڪار ۾ دادر کان اتي ايندو هو. موصوف منهنجي ياءُ کي ڏسي ۽ ايڪسري فوٽا جي سنڌ ۾ ڪڍايا هواسين انهن جو معائنو ڪري، يقين سان چيو ته هن کي سلهه (ٽي بي) قطعاً ناهي، سنڌ جي ڊاڪٽرن جون رپورٽون غلط آهن. جيڪڏهن هن کي ٽي بي ٿي وڃي ته مان استعيفا ڏيئي ڇڏيان. ماهر سلهه جي اهڙيءَ يقين دهانيءَ ڪري دل کي گهڻو ڏڍ آيو. ليڪن سوال هو ته آخر بيماري ڪهڙي آهي. جو منهنجي ياءُ کي ڪانگهاري ۾ خون ايندو هو ۽ بلڪل ضعيف ٿي ويو هو. ان لاءِ ڊاڪٽر سعيد چيو ته هتي ملٽريءَ جو هڪ ڊاڪٽر جو پولش (پولنڊ جو) آهي ۽ ايم ڊي آهي، ان سان مشورو ڪريو. آخر ان کي وٺي آيس. ڪلاڪ کن هن مون کان مريض جي سڄي هسٽري پڇي تپاس ڪيائين ۽ چيائين ته منهنجي دوا ٻه ڏينهن وٺو. ان جو نتيجو ڏسي پوءِ اوهان کي صحيح تشخيص ڪري ٻڌائيندس. ائين ڪيو ويو آخر ٽئين ڏينهن چيائين ته هن کي ڦڦڙ جو ڪينسر (سرطان) آهي. اوهين پري جا ماڻهو آهيو بهتر آهي ته هن کي واپس وٺي وڃو مبادا اوهان کي ڪنهن تڪليف سان دوچار ٿيڻو نه پوي. ان هوندي به مقامي سول هاسپيٽل ۾ از سر نو ايڪسري ڪڍايم. خون، پائخانو، ڪانگهارو ۽ ٻيون ضروري ٽيسٽون ڪرايم. اٽڪل ٣٠ ڏينهن لڳي ويا. مايوس ٿي موٽڻو پيو. رات ڏينهن ياءُ جي خدمت ڪندو هوس. وقت تي دوا پيارڻ. هڪ ڪمپائونڊر کان سُئي هڻائڻ. ڪاڏي پيتي لاءِ هتان حيدرآباد مان ئي هڪ بورچي پاڻ سان وٺي ويو هوس. جنهن جو نالو حاجي هو ۽ ويٺل ملا فراش جو. راشن جو زمانو هو. راشن ڪارڊ اشو ڪرايم. روزانو ايبٽ آباد ڪئنٽ (صدر) مان ميوو وغيره آڻيندو هوس. جڏهن برادر محترم آرام ڪندو هو ته مان وڃي ڪجهه نه ڪجهه لکندو هوس. ”سنڌي سڀاجهڙا“ ڪتاب هتي لکي مڪمل ڪيم اتي جهنگل ۾ جتي ينگ عام سنگ ڪڍيو بيٺي هوندي هئي، حيرت وٺي ويم. اعتبار نه پيو اچي، ليڪن جعفر خان يقين ڪرايم. ان هوندي به ينگ جو ٻوٽو پٽي، اتي جي ڪن ماڻهن کان پڇيم ته هيءُ ڪهڙو ٻوٽو آهي. جن ٻڌايو ته اها نشيدار ٻوٽي ينگ آهي. ان تي هڪ مضمون لکيم. جو پهريون دفعو اخبار تعليم ۾ شايع ٿيو. هڪ ڏينهن ياءُ کان موڪل وٺي ايبٽ آباد کان حويليان، اتي هري پور هزاره کان اچي پيس. رستي تي حسن ابدال گهمي پنڊيءَ آيس. اڪيلو مسافر نه رئندي سونهين نه پٽيندي. پنڊي گهمڻ جو شوق رڳو هن ڪري ٿيو. جو مون کي ڪمپني باغ ۾ مرحوم لياقت عليءَ کي جتي شهيد ڪيو ويو هو اها جاءِ ڏسڻي هئي. راولپنڊي ڪئنٽ ۾ آيس. هڪ هوٽل ۾ ماني کاڌيم. ٽانگو ياڙي ڪري ڪمپني باغ ۾ آيس. شهادت واري جاءِ تي مٿان ڪجهه سرون نصب ڪري ڇڏيون ويون هيون. ٽانگي واري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي سڀ ڪجهه ٻڌايو. ان بعد ڪجهه شهر کي چڪر ڏنم ۽ اسٽيشن تي آيس. ۽ ٽرين ذريعي نيڪسلا آيس. اتي به ڪلاڪ ڪن لهي نيڪسيلا جو آرڪيالاجيڪل ميوزم ڏٺم ۽ ڪي ڏڙا به نظر مان ڪڍيم. صبح جو ايبٽ آباد مان ٦ بجي نڪتل رات جو ٨ بجي واپس پهتس. منهنجو ڀاءُ ويچارو سخت انتظار ڪري رهيو هو ۽ مون کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. جيڪڏهن تندرست هجي ها ته هتان پشاور، مري، ڪاڪول وغيره سڀ ويجها هوا. ليڪن مان هرگز پنهنجي برادر محترم کي ڇڏي نه ٿي سگهيس. آخر مونٽي حيدرآباد آيس موڪل جو مهينو پورو ٿي ويو. ان اثنا ۾ ڪي ماڻهو ڪن منهنجي آفيسر دوستن سان ڳٽ جوڙ ڪري ان وقت جي وزير سان مليا ۽ منهنجي بدلي ٺٽدي ڊويزن تي ڪرائڻ جا حيلا ڪيا ويا. منهنجي ان دوست آفيسر کي هالا ڊويزن ۾ وڃڻ جو خيال هو. سچ پچ ته جيڪڏهن اهو منهنجو پيارو دوست مون سان ڪٿي به چپ چوري ها ته آءُ سندس سهوليت لاءِ ازخود اها ڪرسي قربان ڪريان ها. مگر هن منهنجي غير حاضريءَ جو فائدو وٺي بد طريقي سان اها پنهنجي خواهش پوري ڪرڻ لاءِ ناموزون طريقو اختيار ڪيو. هو وفات ڪري ويو آهي. خدا مٿس رحمت ڪري. مون موڪل پوري ڪري چارج ورتي. مگر منهنجو ڀاءُ جلد ئي وفات ڪري ويو. دل کي سخت ڏڌڪو پهتو. رات ڏينهن بي قراريءَ ۾ گذرندا هوا.

سڪون قلب موڪلائي ويو. اهڙي حالت ۾ به پنهنجي فرض ادائيءَ ۾ ڪوتاهي نه ڪيم. هالا ڊويزن ۾ سال ١٩٥١ع ۾ آيس، ۽ سال ١٩٥٣ع تائين رهيس. ڪانفرنسون ڪيم. ماسترن جي معيت سان ڪجهه سڌارا آندم. ليڪن منهنجي قسمت ۾ تڪليفون ئي تڪليفون لکيل هيون. مون هن عرصي ۾ پنهنجا به ڪتاب شايع ڪرايا. هڪ ”خيال خاطر“ هو جو ايسز (مضامين) جو ڪتاب هو. سنڌي زبان ۾ ايسيز جا ڪتاب عنقا هوا. اها خدمت ڪيم. اهو ڪتاب تعليم کاتي منظور ڪيو ۽ ٽريننگ ڪاليجن جي نصاب ۾ به داخل ڪيو ويو. ٻيو ڪتاب ”سنڌي سڀاجهڙا“ هو. هن ڪتاب جي شايع ٿيڻ بعد مون کي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان مبارڪون مليون. جيڪب آباد جي ڪن بزرگن خط لکيا. ڏاڍو خوش ٿيس. هيءُ ڪتاب به تعليم کاتي جي ٽيڪسٽ بوڪ ڪميٽيءَ منظور ڪيو ۽ سيني اسڪولن جي لئبررين لاءِ خريد ڪيو ويو. انعامي طور به شاگردن ۾ تقسيم ڪيو ويندو هو. هن ننڍڙي ڪتاب ۾ سنڌي سڀاجهڙن جي تهذيب، ريتون رسمون رهڻي ڪهڻي، بهادري ۽ مهمان نوازيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونه هو. مگر انهن ڳالهين کي اُجاگر ڪرڻ لاءِ ڪجهه ڀيٽ ڪرڻ ضروري هئي. جا مون نئوواردن جي رسم و رواج کي سامهون رکي ۽ انهن کان متاثر ٿي نهايت نيڪ نيتي ۽ اخلاق جي دائري اندر رهي رقم ڪئي. مگر بد انديشن کي شل نه ڪا ڳالهه جي گهٽي ملي هنن هن ترِ کي پهاڙ ڪري ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي. اهي منهنجا سنڌي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوست هوا جن کي مون سان حسد هو. چوندا آهن ته:

”حسد را سه حرف است و هر سه تهي“

المختصر ته آءُ بدلي ٿي ننڍي ڊويزن تي آيس. منهنجي دوست کي پنهنجي مقصد کي حاصل ڪري جيڪا خوشي ٿي ان کان بيٺي خوشي مونکي ننڍي ڊيوزن تي اچڻ سان ٿي. چو ته لاڙ منهنجو پوريءَ طرح گهميل ۽ ڏٺل وائٺل نه هو. سير و سياحت سان مونکي خاص شوق ۽ شغف هو. جنهن ڳالهه کي منهنجي بدخواهن مون لاءِ تڪليف جو سامان ٿي سمجهيو سا ڳالهه بفضل ايزد تعاليٰ مون لاءِ تفريح جو سامان ٿي پيئي. لاڙ ۾ منهنجي ڪيترن ئي بزرگن سان آشنائي ۽ دوستي ٿي ۽ مون گهڻو ڪجهه پرايو. سڀني ڊوستن جي ڪچهرين ۽ صحبتن جو ذڪر ڪرڻ لاءِ هتي گنجائش ڪانه آهي، پر ان هوندي به مان مولانا مولوي احمد ملاح جي سنگت جو مختصر ذڪر اڳتي هلي ضرور ڪندس.

لاڙ ۾ آءُ سيراٽي کان اڳيرو پگڙا ميمڻ جي ڳوٺ کان ميل ٻن تي ديدار ٽالپر جي ڳوٺ ويس، جتي ميان جان محمد لوهار، ان ڳوٺ جو چڱو مڙس هو. هن جي معيت ۾ آءُ سومرن جو ”روپاهه“ جو ڪنهن سمي سندن تخت گاهه هو، سو گهمڻ ويس. عام طرح ان کي هن وقت روپا ماڙي سڏيو وڃي ٿو. پڇائون ڳاڇائون ڪندي حال احوال وٺندي مون روپا ماڙيءَ تي هڪ مضمون لکيو جو اخبار تعليم ۾ شايع ٿيو. هن مضمون سومرا قوم ۾ جان وجهي ڇڏي ۽ پنهنجي وسريل دور، حڪومت جي ياد تازي ڪرڻ لاءِ هنن سومرا قوم جي هڪ انجمن ناهي ۽ هاڻي هر سال روپا ماڙيءَ تي ميلو لڳائيندا رهن ٿا.

ان بعد ڪڍڻ، ڀهڊمي، گل محمد ٽالپر جي ڳوٺن جو دؤرو ڪندي قديم ولاسي جي پرڳڻي تي هڪ چشم ديد واقعات جو ذڪر ڪندي جيڪو وڏو مضمون لکيم جو ”ولاسو“ سُرخيءَ سان اخبار تعليم ۾ ڇپيو. هن مضمون سڄي لاڙ ۾ خوشيءَ جي لهر ڊوڙائي ڇڏي. هن باري ۾ هتي ڪجهه به نه ٿو لکان، جن صاحبن کي قديم تاريخ سان دلچسپي هجي سي صاحب اهي مضامين پڙهي مون کي داد ڏيئي سگهن ٿا.

ماتليءَ مان فتح باغ ۾ جوڻ جو ديدار ڪيم ۽ اُتي جي وڏن ڏڙن جيڪي مون کي زبان حال سان ٻڌايو هو ان بابت به هڪ حقيقت افروز مضمون لکي اخبار تعليم جي حوالي ڪيم. هن مضمون تي الوحيد اخبار ۾ الهه بخش سرشار عقيلي مون کي زبردست خراج عقيدت پيش ڪيو. ڊاڪٽر دائودپوٽه ته خوشيءَ ۾ نه ٿي ماپيو ۽ مون کي پاڪر پائي چيائين ته جڏهن پي.ايچ.ڊي لاءِ مون ٿيسز ٿي لکي ته مون کي ڪرنل پانجر جو رڻ درياءَ ۾ ڪيل سفر ۽ فتح باغ ۾ جوڻ بابت احوال کپندو هو. جنهن کان سواءِ منهنجي ٿيسز اڌوري هئي. گهڻن دوستن کي سنڌ ۾ خط لکيم مگر ڪوبه مون کي ان بابت ڪجهه ٻڌائي نه سگهيو. اڄ اوهان مون کي هن

مسئلي سان روشناس ڪرايو آهي. ڪاش! جو ان وقت اوهان منهنجي مدد لاءِ پهچي سگهو ها. اهو مضمون به ادب جي شائقين لاءِ پڙهڻ جي قابل آهي. لاڙ ڪي اولهه طرف ڪور واهه اوپر طرف مني (ٽر واري مني نه) ڏکڻ طرف سيرائيون ۽ پهڊمي اتر طرف ملاڪاتيار. ٽنڊو محمد خان ۽ ان جي گردو نواح ۾ لاڙ جو چپو چپو ڪري ووڙيم. لاڙ جي سير مان نهايت لطف اندوز ٿيس ۽ خدا جو شڪر ڪيم جو منهنجي بدلي نصيبن هتي ڪرائي. ڪڏهن ماستر فريد خان جي معيت ۾ تترن جو شڪار سيرائيءَ ۾ ماستر محمد عرس ميندري جي صحبت ۾ تلورن جو شڪار. جڏهن جڏهن آءٌ اتي منزل انداز ٿيندو هوس ته فرصت جي وقت ۾ منهنجا مشغلا هوندا هوا. سيدپور ۾ مئين عبدالرسول رفاعي بزرگ جي زيارت جو شرف ملاڪاتيارن ۾ مئين عبدالرحيم جي زيارت. ڪور واهه جي بزرگن مولانا علي محمد مهيريءَ جي پس ماندن. مولانا احمد ملاح جي صحبتن. سعيدپور ٽنڊي محمد خان واريءَ ۾ پير عبدالستار جان ۽ پير هاشم جان سان ملاقاتون. ٽنڊي غلام علي ۾ مير حاجي محمد حسن سان ڪچهريون. رپ شريف ۾ رئيس حاجي محمد اشرف ٽيپي جون صحبتون مطلب ته مان ڪهڙيون ڳالهيون لکي ڪهڙيون لکان. لاڙ ۾ البت تعليم هالا ڊويزن کان پوئتي پيل هئي، ان ڪري هر تعلقي ۾ وڏيون ڪانفرنسون ڪيم. اسڪولن جو تعداد وڌايم ۽ جيڪا به مون کان خدمت ٿي سگهي ان ۾ ڪابه ڪوتاهي نه ڪيم مسٽر نبي بخش پرگڙي منهنجو گهاٽو يار ٿي ويو. پنهنجي جيپ ۾ مون کي وٺي هلي اسڪول گهمائيندو هو. منهنجا ظريفانه نڪتا ڪيس ڏاڍا کلائيندا هوا ۽ مسرور ڪندا هوا. ان ڪري بدين جي بنگلي ۾ جتي منهنجي قيام گاهه هوندي هئي، اتي هر وقت ڪچهريون ڪندا هواسين. لاڙ ۾ آءٌ ۱۹۵۳ع کان ۱۹۵۵ع تائين رهيس ۽ الحمدالله مون سان خلق خدا خوش هوندي هئي ۽ ڪوبه اهڙو واقعو نه ٿيو جو مون کي پريشان ڪري. ان هوندي به وچ ۾ هڪڙا به مهينا ڪن قاضي محمد اڪبر وزير تعليم منهنجي ٺٽي ضلعي تي بدلي ڪئي جا بدلي هن مير غلام الله منسٽر روينيو جي چوڻ تي ڪئي. هو مون سان ان ڪري ناراض ٿيو جو جيڪو به لازمي زوري تعليم جو ڪيس اچي ته ان کي سندس ڪمدار ڇڏائڻ لاءِ بيناتي هوندا هوا ۽ مون کان هر دفعي ائين ٿي نه سگهيو. چوندا آهن ته:

فلک شر برانگيزد خيبر مادران باشد

دل ۾ چيم ته هر ڪم ۾ الله تعاليٰ جي حڪمت آهي. ڪارساز حقيقي جيڪي پنهنجي ٻانهن لاءِ وٺي ٿو ۽ ان ۾ بندي جو خير آهي جو اسان کي معلوم نه ٿو ٿئي مگر ڪجهه وقت بعد ان جي حڪمت ظاهر ٿيو پوي. رومي رحه فرمايو آهي ته:

ڪارساز ما بفکر ڪار ما
فڪر ما، درڪار ما آزار ما

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان وقت ٺٽي جو هيڊ ڪوارٽر ڪراچي هو ۽ منهنجي آفيس سنڌ اسيمبلي بلڊنگ بندر روڊ تي هئي. رمضان شريف جو مهينو هو. چارج اچي ورتم مسٽر عبدالله هيڊ ڪلارڪ هو. جو هڪ نهايت اعتماد جهڙو ماڻهو هو ۽ هر طرح آزمودگار ۽ محبتي شخص هو. ساڻس واقفيت تمام گهڻي زماني کان هئي. هن منهنجي سک ۽ آرام لاءِ ڪافي کان زياده انتظام ڪيا. رهڻ لاءِ هڪ روم انهيءَ ئي بلڊنگ ۾ مسٽر انصاري ڊئريڪٽر جي اجازت سان هٿ ڪري ڇڏيائين ۽ آءٌ ڏاڍو سکيو ٿيس. هتي مون کي آفيس جي انتظام ۾ ڪابه تڪليف ڪونه ٿي. گشت ڪرڻ لازمي هو. گشت تي نڪتس. منهنجو ٺٽو ضلعو اصل ڏنل ڪونه هو. اسڪولن جي حالت زار هئي. شاگرد ٿورا حاضري اٽي ۾ لوڻ برابر. مطلب ته هن ضلعي جي تعليمي حالت لاڙ کان به پس مانده هئي، خيال ڪيم ته هن ضلعي جي خدمت ڪجي. ان جو اجورو خدا وند ڪريم وٽ آهي. زوري تعليم جي ڪيسن تي خاص توجه ڏنم منهنجو اڳيون جاءِ نشين ڪيسن تي گهٽ توجه ڏيندو هو. زوري تعليم جا اسڪول جي ڪم از ڪم هڪ ميل هڪٻئي کان پري جي مفاصلي تي کولڻا هوا سي ٻن ٻن فرلانگن تي هوا ۽ ان ڪري پري پري اسڪول کوليائي نه ويا هوا ان مان ته وڏا نقصان هوا. هڪ ويجها اسڪول هن سبب شاگرد گهٽ، جو ايترا شاگرد ڪٿان اچن، ٻيو ته ڏورانهن ايراضين ۾ اسڪول مفقود هجن. ماڻهن کي ڏنڊ اٺ آنا ۽ چارا آنا وڌو ويندو هو. جنهنڪري هو پرواهه نه ڪندا هوا. ڪنهن کي به جيل جي سزا ان وقت تائين نه ڏني ويئي هئي. اٽينڊنس اسسٽنٽ بي پرواهه هوا. جڏهن انهن کان باز پرس ڪئي ويئي ته هنن اهوئي جواب ڏنو ته اسين ڇا ڪريون اڳيون صاحب هن هُن جي چوڻ تي گهڻن کي معافي گهڻن کي تاڪيد ۽ باقي ماڻهن کي ٨ آنا ۽ ۴ آنا ڏنڊ ڪندو هو. اسان ڇا ٿي ڪري سگهياسين. مون جاچ ڪئي ته اها ڳالهه برابر هئي. مون انهيءَ ٿوري عرصي ۾ چئن هنڌن ڪيس هلايا ١_ ميرپور ساڪرو ٢_ سجاول ٣_ ٺٽو ۴_ ميرپور بٺورو. ڪڏهن ڪڏهن سختيءَ کان سواءِ به ڪم نه ٿو هلي. دل تي پٿر رکي اچي ڏنڊ وجهڻ شروع ڪيم. اسان جو اختيار ٥٠ روپيه تائين ڏنڊ وجهڻ ۽ ١۴ ڏينهن تائين جيل ڏيڻ تائين محدود هو. چوڪرن جا مائٽ اڳٽ يا پنڪي ۾ آڏيون ٻڌي آيا هوا. مون ڪنهن کي به ٢٥ روپين کان گهٽ ڏنڊ نه ڪيو ۽ جن جا اڳي به ٻي دفعا ڏنڊ پريل هوا تن کي ٥٠ روپين تائين ڏنڊ ڪيم. هو ڏنڊ ڏيئي نه سگهيا تنهنڪري هنن کي هفتي کان ٻن هفتن تائين حالت موافق جيل موڪليندو رهيس. سب جيل جي ايامن کان خالي هوا سي پرجي ويا. پوليس هنن کان جيل صفائي وغيره ڪرائي، ماني ڪو ويلو ڏنو ڪونه ڏنو. هنن جي خواب و خيال ۾ به اهڙي ڳالهه ڪانه هئي. اتي عام خيال هو ته ماسترن جي صاحب کي جيل ته ڏيڻو ڪونهي، پر ڏنڊ به ان آنن کان وڌيڪ وجهڻو نه آهي. دانهن مچي ويئي ته "آگا شاهي" اچي ويو آهي. هن ضلعي ۾ "آغا شاهي" ڪليڪٽر ٿي آيو هو.

جنهن وڏن وڏن زميندارن ۽ پاٽاريدارن کي بند ڪري اهڙي ته روداد پيدا ڪئي هئي جو سندس نالي کان ماڻهو پيا ڪنبندا هوا. اتي جا ماڻهو بلڪل غريب هوا. رڳو مڇي وٺي، ڳوٺن ۾ ماڻهو پڳا ۽ سندن مائٽن کي ٻڌايائون ته مڙس ڇوڪري جي ڳالهه تان ٻڌو وٺو آهي. ڏنڊ جا پيسا ڪٺي هلو ته مڙس ڇڏائي اچون. ڪي ته مسڪين اهڙا به هوا جن ڪو چانديءَ جو زيور وڪڻي ڪري به اچي ڏنڊ حاضر ڪيو. ڇوگرد رڳو مڇي وٺي. محترم رسول بخش پليجو ۽ ٻيا ڪي معزز مون وٽ آيا ۽ چيائون ته اوهان هي ڇا ڪيو. هتي جا ماڻهو مسڪين آهن نادار آهن وغيره وغيره. مون سيني دوستن کي چانهه پياري وڏي محبت ۽ عزت سان ويهاريو ۽ عرض ڪيو مان ته اوهين حڪم ڪريو ته اڳيون صاحب ۸ آنہ ڏنڊ ڪندو هو ۽ آءٌ هڪ آنو ڏنڊ ڪريان. مان پاڻ ٻچڙيوال آهيان. ٻهراڙي جي حالات کان اوهان کان وڌيڪ نہ ته به اوهان جيترو ضرور واقف آهيان. مون پنهنجي دل تي پٿر رکي وڏي ڏک ۽ ڪرب سان هيءَ قدم کنيو آهي. پر جڏهن زخم ناسور ڪري وڃي ته ان کي نشتر هڻڻ کان سواءِ ۽ آپريشن بغير درست ڪري نہ ٿو سگهجي. ان ۾ عذاب ضرور ايندو مگر پوءِ مڪمل صحت عطا ٿيندي. هينئر ماڻهن کي برابر مون عذاب ۾ مبتلا ڪيو آهي. پر مون کي خوشي ڪانہ ٿي آهي طبيعت ۾ آرام ڪونہ اٿم. دل ڪڙهي ٿي پر آئينده جي فائدي لاءِ اهو سڀ ڪجهه ڪيو اٿم. ضلعو توهان جو آهي. اوهان تي مون کان وڌيڪ جوابداري آهي ته هن ضلعي جي خدمت ڪريو. منهنجو اوهان کي عرض آهي ته هيءُ هڪ دفعو يا ٻہ دفعا مون کي ڇڏيو ته پنهنجي خيال موجب ڪم ڪريان. پوءِ ان جو نتيجو ڏسي وٺندا. مون کي ٿوري مهلت ڏيو. مان نہ پٿر جو نهيل آهيان نہ انسانيت کان ويل آهيان. ڪجهه صبر کان ڪم وٺو. پوليس ۾ ڪنهن کي ڇڏائڻ وڃو. روينيو ۾ ۽ ايڪسائيز ۾ ڪن جي مدد ڪريو مگر ڇوڪري کي اسڪول مان ڇڏائڻ لاءِ اوهان وٽ ڪو اچي ته ان کي چئو ته بابا هن ڪم ۾ اسين ڪابہ مدد ڪري نہ ٿا سگهون. پوءِ ان جو خوشگوار نتيجو ڏسي وٺندا. هڪ طرف منهنجي سنگدلي ٻئي طرف اوهان جو مدد کان انڪار رنگ لائيندو. اوهان چئو ته بابا ڇوڪرو وڃي اسڪول ڇڏيو نہ ته ۱۲ مهينا ٽيپ اچيو ته بہ اسان جو ڪجهه نہ وڃي. منهنجي هن مختصر تقرير کان هو صاحب مطمئن ٿيا. مون ڇيومان ته اسڪول خالي پيا اٿو. ماستر ماٺ ڪيو پيا گهمن ڦرن سرڪار جو خرچ اجايو پيو وڃي. اجا جي ضلعي جي جهالت برقرار رهندي ته خداوند قدوس جي اڳيان جوابدار اوهين رهندا. مان بدلي ڪرائي هليو ويندس. هنن منهنجي صلاح ورتي. جيڪو جيل مان ٿئي نڪتو يا ۲۵_۵۰ ڏنڊ ڀري ٿئي ويو، ان ٻئي ڏينهن پنهنجي هٿن سان ڇوڪرو وٺي اسڪول وڃي ٿئي ڇڏيو ۽ ماستر کي منت ٿئي ڪيائين ته خدا جي واسطي هن کي سوگهو ڪيو. ڏور ڏڳي کي اسين پاڻهي منهن ڏينداسين. ناظرين ڪرام کي تعجب لڳندو ته ٻن مهينن ۾ اسڪول ڇوڪرن سان ڀرجي ويا ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي ﺑﻪ ٻن مهينن بعد وري ننڍي ڊويزن ۾ بدلي ٿي. قاضي محمد اڪبر ۽ ميرن جو ناهه نه ٿيو. تنهنڪري مون کي وري ازخود بدلي ڪري ننڍي ڊويزن ۾ رکيو ويو ۽ محمد عيسيٰ ميمڻ کي واپس نئي موڪليو ويو.

هنن ٻن مهينن ۾ مون ننو ضلعو گهمي ورتو. مسٽر انصاري پنهنجي جيپ ۾ آيو مڪليءَ جي بنگلي تي منزل ڪيائين. مون کي هڪ نئي ڏينهن ۾ جاتي، ڪونڙي الهرکيو شاهه (گهوڙا ٻاڙي) شاهبدر، پير پٺو، غلام الله، چوهڙ مالي ۽ ٻيا سير ڪرائي آيو. الله تبارڪ و تعاليٰ مٿس رحمت جو نزول فرمائي. گشت ڪري موٽي ڪراچيءَ آيس ﺗﻪ بدليءَ جو آرڊر رکيو هو. سيني جو سلام ڪري چانهه پارٽي کائي ٻنيهين ڏندين سلامت موٽي حيدرآباد آيس. حيرت ۾ هوس ﺗﻪ هيءُ ڇا ٿيو. مگر موٽي اچڻ تي راز معلوم ٿيو. وري از سرنو لاڙ جون خدمات انجام ڏيڻ لڳس. سال ١٩٥٨ع تائين هت رهيس ۽ ساڳئي سال ۾ منهنجي دوباره بدلي هالا ڊويزن تي ڪئي ويئي. لوڪل تبديلي هئي، هڪ آفيس مان اُٿي ٻي آفيس ۾ رهڻو پيو.

منهنجي بدخواهن کي آڳ لڳي ويئي ۽ منهنجي نقصان لاءِ سوچڻ لڳا. منهنجا ﺑﻪ سنڌي آفيسر ان ڪم ۾ پيش پيش هوا. جهڙيءَ طرح سنڌي استادن جي ٽيچرس ايسوسيئيشن اڳيئي قائم ٿيل هئي، تهڙيءَ طرح اردو ماسترن جدا ڪچٽي رڌي الڳ ديڳڙي چاڙهي. هڪ جماعت کي وجود ڏنائون جنهن جو نالو "جمعيت المدرسين" رکيو ويو. ان جو سربراهه هڪ حاذق نالي مقرر ٿيو. جنهن سان سنڌي ماسترن جي هڪ ليڊر مخفي طرح شموليت ڪئي ۽ انهن ٻن آفيسرن هن کي منهنجي خلاف ڪم آندو. جڏهن ڪوڙين گمنام درخواستن مان ڪجهه ﺑﻪ نه ورين تڏهن انهن سنڌي آفيسرن حاذق کي منهنجو ڪتاب "سنڌي سباجهڙا" پيش ڪيو ۽ چيائونس ﺗﻪ هن ۾ مهاجرن، پنجابين کي گهٽ وڌ ڳالهايو ويو آهي. هن معاملي کي هٿ ۾ کٽو. هينئر ون يونٽ جو دؤر آهي. سنڌ جو ڪوبه مير پير يا وزير عرسائيءَ جي مدد ڪري نه سگهندو. لڳو ڏڪڙ تي آنو جهل ٻني آئي ڪُني. دل چيم ﺗﻪ عرسائي فڪر نه ڪر "الله جو آهي سو ورهين جا ڏکڙا هڪ لحظي ۾ لاهي". هرچه آيد برسر، من يا نصيب. ڳالهه ۾ ڪجهه ناهي، ڪجهه ﺑﻪ ڪين ورندن. حق حق ٿيندو. ناحق ناحق ٿيندو.

ماشاءالله جا ڳالهه ظاهر ۾ تمام هڪ معمولي ڏسڻ ۾ ٿئي آئي وڏي وڻ تي ويئي. ننڍڙي ڳالهه کي ننڍڙي سمجهڻ نه گهرجي. حقيقت ۾ اها هئي جو:

کچھ بات نہ تھی نعرہ منصور مین لیکن،
دنیا جسے چاھے اسے افسانہ بنائے۔

هي آواز خلق جو ﺗﻪ نه هو فقط چند افترا پردازن فتانن جو هو، پر تڏهن ﺑﻪ چوندا آهن ﺗﻪ جيستائين حق حق ٿئي تيستائين:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کھے بجا جسے عالم اسے بجا سمجھو

آواز خلق کو نقاره خدا سمجھو.

مون کي پنهنجي الله ۾ يقين هو ته مان بي قصور آهيان. منهنجو ڪجهه به بگاڙي نه سگهندا. منهن ڏبو الله دانا بينا آهي. هڪ ڪوڙو داستان بنايو ويو هو. ڪوڙ جي منهن ۾ ڌوڙ آهي. پر تڏهن به ڪنهن شاعر چيو آهي ته:

میری انکی نگاهیں لڑگئین تهین رات محفل مین،

یہ دنیا ہے بس اتنی بات پھیلی داستان ہوکر.

سنڌي سپاجهڙا کي شايع ٿئي تقريباً ٣ سال ٿي چڪا هوا ته ڪوبه اعتراض ڪونه هو. هينئر ناگهان انهن صاحبن پنهنجي انتقام جي آگ پڙڪائڻ لاءِ هن ڪتاب کي هڪ هٿڙ بنايو.

❑

سنڌي سڀا جهڙا جو ڪرشمو

ڳالهه تبليغ مان ٿنب بنجي وئي ۽ وڏو هنگامو برپا ٿي ويو. هن جماعت جو سربراهه مون مان نااُميد هو، ان لاءِ جو هو اڪثر و بيشتر ايندو هو ۽ منهنجي انتظام ۾ دخل ڏيندو هو ۽ مان سندس ڪنهن واجبي ڪم کان سواءِ ٻيا ڪم نه ڪندو هوس. منهنجي سنڌي دوستن هن کي برهم ڪيو ۽ کيس همٿايو ته اوهين همت ڪريو ته عرساڻي جي بدلي ڪرايون. حيدرآباد جو ڊپٽي ڪمشنر ان وقت نصرت حسين هو ان وٽ وفد ويا. ساري شهر ۾ پوسٽر لڳا. منهنجي ڪتاب جي ڪن ٽڪرن جا ترجما اردوءَ ۾ ڏنا ويا. ماتمي جلوس ڪڍي نصرت وٽ ويا. "نذير" ڪمشنر وٽ ويا. ٻنهي مون کي گهرايو. مون کين سمجهايو ڪتاب ڏيکاريو. انهن فقرن جي معنيٰ ۽ مطلب سمجهايو. سمجهي ويا خاموش رهيا. مون کي قتل ڪرڻ جا گمنام خط موصول ٿيا. آخر انسان هوس پهلوءَ ۾ گوشت جي دل هيم.

دل هي تو هے نہ سنگ و خشت درد سے بهر نہ آئے کیوں.

دل ۾ چيم ته هنن جو مون ڇا بگاڙيو آهي. نيڪيءَ جي بدلي بدي، چڱائيءَ جي عيوض چڳهائي، پر ڪوبه همدرد نه هو. توڪل علي الله. پريشان دل و دماغ سان ڪم ڪندو رهيس. نصرت جن منهنجو ڪتاب ۽ اهي پوسٽر وغيره انفرميشن وارن کي مخفي طرح موڪليا. الله جي فضل عميم سان انهن لکيو ته هن ڪتاب ۾ ڪابه اعتراض جهڙي ڳالهه ڪانه آهي. هڪ مصنف کي حق رسي ٿو ته هو پنهنجو نقط نظر واضح ڪرڻ لاءِ پيٽ ڪري سگهي ٿو. وري سي.آءِ.ڊي وارن سان معامله رجوع ڪيو ويو. مسٽر عبدالعزيز بروهي ڊي.ايس.پي هو. اتان به بد انديشن مُنهن جي ڪاڌي. اجان به شڪر پُر نه ٿين ون يونٽ يعني وحدت پاڪستان جي زماني ۾ اهي ڪاغذات لاهور موڪليا ويا. هي ڪم سڀ مخفي ٿي رهيو هو. ليڪن چوندا آهن ته: "راکهے رام تو مارے کون" الله تعاليٰ رکي وٺي ته ڪنهن کي مجال آهي. جو ڇيهو رسائي. مون کي ڪن ذريعن سان گهر ويٺي خبرون ملنديون رهنديون هيون ته معاملو ڪهڙي مرحلي تي آهي. مون کي ڪافي ڊپ ٿيو خصوصاً جو پوسٽرن ۾ لکيل هو ته پنجابين لاءِ هتڪ آميز حوالا ڪم آندا ويا هوا. ان ڪري خوف دامن گير ٿيو ته مون کان انتقام نه ورتو وڃي. بهرحال "ڪيا مون ڪريم جي ڪل حوالي ڪم" پنجاب مان به لفظ ني به آيا ته هن ڪتاب ۾ ڪابه

اعتراض جهڙي ڳالھ ڪانهي. ڪاغذ فائيل ڪيا وڃن. ڪتاب جي ضبط ٿيڻ جون تقاضائون وغيره سڀ خاڪ ۾ ملي ويون. بد انديش اهو هل بہ هلايو تہ عرساڻيءَ کي گرفتار ڪيو ويو آهي. ڪيترائي ماستر صاحبان ڪٿان ڪٿان ڪان حيدرآباد آيا، جڏهن معلوم ٿيو تہ اها سراسر شرارت آميز پروپينگنڊا آهي. عرساڻي سلامت آهي تڏهن وڃي پيٽ ۾ ساھ پين ۽ گلن جا هار ڪٺي مون کي اچي پائڻ لڳا. خداوند ڪريم جو شڪريو بجا آندم.

هاڻي گورنمينٽ جي سطح تان ڳالھ مٿي ڪاٿي جي چڱن مڙسن جي حوالي ڪئي ويئي ۽ ڊاڪٽر جهانگير ان وقت ڊي_پي -آءِ ويسٽ پاڪستان هو ۽ ميجرن رفيق ان جو اسسٽنٽ اسٽيبلشمنٽ برانچ ۾ هو. هو فوجي ماڻهو هو هن کي ٻڌايو ويو تہ هن ڪتاب ۾ فوج تي بہ حملا آهن. حقيقت هن طرح هئي تہ انگريزن جي زماني ۾ حرن جو دور هو. حرن جي حڪومت سان باقاعده جنگ هئي ان دور ۾ جيڪي ٿي گذريو ان جو ذڪر ڪرڻ بيجا نہ ٿيندو. مان ٿرپارڪر ضلعي تي هوس. سانگھڙ ۽ کپرو ٻني تعلقات ان وقت ٿرپارڪر ۾ هوا. مون اهي تباهڪاريون اکين سان ڏٺيون هيون. آباد ڳوٺ سڙندا ڪوهہ مٿيءَ سان لٽيا، لوڙها نهندا، حرن ۽ سندن مستورات کي قافلن جي صورت ۾ دربدريءَ جي حالت ۾ ڏٺو هوم. تاهم حر عورتن اهي گيت پئي ڳايا تہ " منهنجا پير تنهنجا فقير نماڻا" پٽ پائني، هتونگي ۽ چانهين جي ڳوٺ کان وٺي وڏيري دلي جي ڳوٺ تائين فوج متعين ڏٺي هيم. اجا ڪو هُل اٿندو هو حر آيا تہ فوجي زمين تي ليٽي پوندا هوا. مون سنڌي سڀاجهڙا ۾ حر سنڌين جي بهادريءَ جو ذڪر ڪندي ان حقيقت مان ڪي حوالا ڏنا هوا. اهو انگريزن جو وقت هو. مگر ان کي فوج جي بي عزتي قرار ڏيئي، مون کي برباد ڪرڻ ۾ بدانديشن ڪابہ ڪسر نہ ڇڏي.

ڊاڪٽر جهانگير ۽ ميجر رفيق انڪوائريءَ تي آيا. مونتي تهمتون خاص طور تي بہ هيون هڪ سنڌي سڀاجهڙا جي تصنيف پيو ٻوڏ وارن ماسترن لاءِ ڪاٿي جي اجازت ڪانسواءِ چندوگڏ ڪرڻ. جميعة المدرسين وارن ڊاڪٽر جهانگير تي وڏا نظم لکايا. جي وڏن فريمن ۾ مزين ڪري ڪيس ڏنا ويا تہ تون مغل شهنشاھ جهانگير آهين وغيره مون نهايت دليري سان انهن سان منهن ڏنو. ڊيڙدونس جو دور هو. انصاري صاحب اسان جو سنڌ جو ڊائريڪٽر هو. هو دلير هوندي بہ ڏاڍو پئي ڊنو. سندس ڊڄڻ جوسبب فقط مون سان محبت ۽ همدردي هئي. سندس خيال هو تہ مان نوڙت اختيار ڪريان ٻين لفظن ۾ معافي وٺان، تہ هيءَ مصيبت ٽري وڃي. مون کي پنهنجي منهن سمجهايائين. مون چيو تہ سائين مقابلو ڪبو. نتيجو ڪهڙو بہ نڪري سو خدا تعاليٰ جي دستِ قدرت ۾ آهي. ڪم ازڪم انين تہ چوندس:

فتح و شکست یون سب کے نصیب پر ھے امیر،
مـقـابـلا تـو دل، نـاتـوان نـے خـوب کـیا.

نيٺ هيءَ ڊرامو ختم ٿيو. سيڪو پنهنجي ماڳ موٽيو. چندو ڪٺي ڪرڻ جي باري ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون مدلل جواب پيش ڪيا ته اها اپيل مون پنهنجي شخصي حيثيت ۾ ڪئي هئي ۽ نه آفيسر جي حيثيت ۾. سنڌي ماسترن جي ليڊر جو زخم اڃا چڪندو ٿي رهيو جو چنڊي جو پنسو سندس حوالي نه ڪيو ويو. ان ڪن چاڙتن (ماسترن) ڪان مون تي ميجر رفيع اڳيان بيان به ڏياريا. مگر مون هر هڪ جو دندان شڪن جواب ڏيئي في الحال ته هن کي لاجواب ڪري ڇڏيو.

ڪنير جي آوي (نهائين) في الحال ته ڍڪجي ويئي باهر ٻاڦ ڪا نه ٿي نڪتي، مگر اندر ۾ سارو ڏينهن سڙندي رهي. ڊاڪٽر جهانگير وارن دل ۾ پهه پچايو ته پيو ته ڪجهه ٿي نه سگهيو. ڪم از ڪم ڊپارٽمينٽ جي سطح تي ڪجهه ڪجي. جيڪڏهن پيو نه ته عرساڻيءَ کي ڪوهاٽ ته بدلي ڪري سگهبي. ڪجهه وقت بعد اوچتو انصاري صاحب کي ڊي او (ڊيمي آفيشل ليٽر) لکيائون ته سنڌي سباجهڙا تي گورنمينٽ کي اعتراض آهي. تنهن ڪري ان جون سڀ ڪاپيون جي اسڪولن جي لئبررين ۾ آهن سي واپس گهرائي، ڊئريڪٽوريٽ ۾ جمع ڪري رکو. ان حڪم جي تعميل ڪئي ويئي، مگر "سنڌي سباجهڙا" ڪتاب کي هن هنگامي سبب جا اهميت ملي، تنهنڪري جن اهو ڪتاب نه پڙهيو هو، تن به خريد ڪري پڙهيو. بوڪ سيلرن وٽان هي ڪتاب ڪوسن ڪيڪن وانگر کپي ويا. ڪتاب جي قيمت فقط ٻارهن آنا هئي مگر ٽن روپين ۾ ڪتاب خريد ڪيا ويا. مون ڏي ڪتاب لاءِ سوين خط آيا ۽ مبارڪباديءَ جا پيغام موصول ٿيا. اردو اخبارون مهينن جا مهينا پنهنجي اخبارن جا ڪالم ڪارا ڪنديون رهيون. "شينهن جي پنيان ڦيڪاري به ٻجڙي". اسان جي سنڌي اخبارن ان جي جواب ۾ هڪ اکر به نه لکيو ۽ نه مون ڪان ڪو سندن عيوضي پڇڻ آيو. مون به دل ۾ چيو ته جڏهن هو مون ڪان نٿا پڇن ته مان چو ڪنهن وٽ منهن پلڪڙو ڪٽي وڃان ته خدارا منهنجي مدد ڪريو.

وه اپنی خو نہ چھوڑینگے ہم اپنی وضع کیوں بدلیں،
سبک سر بنکے کیوں پوچھیں کہ ہم سے سرگردان کیوں ہو.

ان وقت حيدرآباد مان روزانه "ڪاروان" اخبار شايع ٿيندي هئي، جنهن جو ايڊيٽر سيد سردار علي شاهه هو. هو منهنجو شخصي دوست هو ۽ دلنواز دوست. هن اردو اخبارن جي جوابن لاءِ پنهنجي اخبار نامدار جا ڪالم وقف ڪري ڇڏيا. زور قلم ته هوندءِ ني خدا ڪيس ڪافي ڏنو آهي، خوب مقابلو ڪيائين. خدا ڪيس جزائي خير ڏني. خير دوستن جي زباني همدردي ڪانسواءِ پيو ڪو به پرسان حال نه هو ته عرساڻي اسان اوهان جي ڪا مدد ڪري سگهون ٿا. ڪنهن سنڌي وڪيل نه پڇيو يا دلداري ڏني ته فڪر نه ڪر اسين وينا آهيون. سنڌيءَ ۾ چوندا آهن ته ڪتن کي پونڪندي موڪل، فقير کي پنندي موڪل مون به چيو ته:

پائے گدا لنگ نيست
ملک مولا تنگ نيست

منهنجي لاءِ غيب مان مدد ايندي، هتي چند لفظ مولانا مولوي نظر محمد نظاماڻي ماتليءَ واري بابت لکڻ ضروري ٿو سمجهان ماتليءَ ۾ هن بزرگ جو ديني مدرسو هو. سنڌس خٽابي فقر جي ماني وٺڻ ويندا هوا. لٺ هٿ ۾ هوندي هين. واٽين جون ڪتيون کين ڏاڙهينديون هيون ته انهن کي لٺيون هڻندا هوا. واٽين مولوي صاحب کي دانهن ڏني ته پنهنجي خٽابين کي سمجهايو. اسان جي ڪتن ۽ ڪتين کي مارين ٿا. مولوي صاحب چين ته آءٌ هنن کي هدايت ٿو ڪريان. خٽابين کي مولانا صاحب فرمايو ته ابا ڪتين کي لٺ نه هڻو. واٽيا دانهون ٿا ڪن. جڏهن هو پونڪن ته رڳو لٺ جي چونگ ڏيون. پاٿهي پونڪي پونڪي مغز ڦاٽي پوندن. اوهان انهن کي فقط لٺ جي چونگ ڏيئي ويندا. هنن جي پاڙي مان لنگهي وڃو. سچ پچ ته خٽابي به هليا ويندا هوا ۽ ڪتيون ڪلاڪن جا ڪلاڪ پيون ڀونڪيون هيون. هڪ ڪتي جا ننڍڙي هئي پر پونڪندي سين ڪان گهٽو هئي، ان جو ته ٻاهي ٻاهي مٿو اندرون ئي اندر ڦاٽي ويو ۽ مري ويئي. هن مثال مان اهو واضح ڪيو ته اٿم ته اردو اخبارون لکي لکي ٿڪجي پيئون ۽ مس مس ماٺ ٿي.

هوڏانهن لاهور ۾ اها چرپر بس نه ٿي هئي. مون کي ڊاڪٽر جهانگير روبرو لاهور گهرايو. ملاقات ٿي مون کي چيائين ته هيءَ ليٽر وٺو رسيد ڏيو. ليٽر وٺي پڙهيم. ليٽر مون وٽ اڃ به موجود آهي. لکيل هو ته "جيئن ته ويسٽ پاڪستان گورنمينٽ کي اوهان جي ڪتاب سنڌي سڀاجهڙا جي ڪن فقرن تي سخت اعتراض آهي، ان ڪري اوهان کي مشورو ڏجي ٿو ته اوهان ان ڪتاب جي اشاعت بند رکو ۽ پنهنجي پبلشرن کي منع ڪريو ته اهو ڪتاب وڪرو نه ڪن. ٻيءَ حالت ۾ اوهان جي خلاف مناسب قدم کنيو ويندو." مون ليٽر ورتو ۽ ڊاڪٽر موصوف کي ٻڌايم ته "اردو پريس جي هن روش ڪتاب کي مزيد شهرت ڏني، ان ڪري اڄ بازار ۾ هڪ ڪاپي به نه آهي. وڌيڪ مان اهو شايع نه ڪرائيندس اطمينان رکو." چيائين ته لکي ڏي. لکي ڏنم. اهو ليٽر مون کي ٽپال ذريعي به موڪلي سگهيا ٿي ليڪن روبرو گهرائي ڏيڻ ۾ خبر ناهي ته سندن ڪهڙي مصلحت هئي" آخر هيءَ باب اختتام کي پهتو. شڪر ڪريم جو ڪوهاٽ نه موڪليائون. مارڻ واري کان بچائڻ وارو وڌيڪ ويجهو آهي. منهنجي بداانديشڻ کي گهڻيون اميدون آسرا هوا ته مان وري نه موٽندس پر سڌو اتان ڪوهاٽ ويندس ۽ سڄي لڳين نه موٽندس مگر "اي بسا آرزو ڪه خاک شده" في الحال ته جيڪا سرتي آفت آئي هئي سا ٽري ويئي ۽ به نفل پڙهي خداوند ڪريم جو شڪرانو بجا آندم ۽ چيم ته:

رسيدا بود بلائے ولے بہ خير گذشت

طبيعت کي ڪجهه اطمينان نصيب ٿيو. پنهنجي ڪم کي تازه همت ۽ نئين روح سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳي ويس. ادبي سرگرمين سان بہ وري دل لڳي جا ڪجھ وقت جي پريشانين سبب سرد ٿي چڪي هئي. ٽنڊو فضل تعلقہ حيدرآباد جي پرسان ڏونرن هنگورن جا کنڊرات نظر مان ڪڍيم ۽ ان بابت معلومات جمع ڪري "ڏونرا هنگورا" جي عنوان هيٺ هڪ مضمون لکيم. جو هن کان اڳ ڪنهن بہ نہ لکيو هو ۽ ان بعد بہ ڪجھ نہ لکيو ويو آهي. اهو مضمون اخبار تعليم ۾ شايع ٿيو. سال ١٩٥٤ع ۾ هالن نون ۾ ادبي ڪانفرنس ٿي. مون کي مدعو ڪيو ويو ڪنهن مقابلي ۾ چند اشعارن لاءِ ارشاد ٿيو. مون هڪ پنهنجو مقالو بہ عنوان "سنڌي ۾ ناول نويسي" لکي پڙهيو. نهايت پسند ٿيو. منهنجي اشعارن کي بہ ڪافي ساراهيو ويو. جي هتي طوالت سبب نٿو لکان. ١٩٥٥ع ۾ وري ڪراچي سنڌ مدرسة الاسلام جي ميدان تي هڪ اعلیٰ درجي جي شاميانہ ۾ ادبي ڪانفرنس ٿي. مون کي دعوت نامہ پهتو. ويس ۽ "سنڌيءَ ۾ ڊرامہ نويسيءَ" تي هڪ بصيرت افروز مقالہ پڙهيم. جنهن جي تمام گهڻي تعريف ڪئي وئي اهي ٻئي مقالہ گڏي بعد ۾ ڇپايم "سنڌي ۾ ناول ۽ ڊرامہ" ڪتاب تي نالو ڏنم. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ. سنڌي زبان جي ماهر ڏي هڪ ڪاپي تحفتاً موڪليم. صاحب موصوف مون کي هڪ خط لکيو جنهن جو متن هيٺ ڏيان ٿو.

ڊاڪٽر اين_ اي بلوڇ

سنڌ يونيورسٽي

١٠_ ٣_ ١٩٥٥

برادرم محمد اسماعيل صاحب!

السلام عليڪم ورحمة الله وبرڪاته

سنڌي ڊراما ۽ ناول جو تحفو منهنجي غير حاضريءَ ۾ پهتو اوهان کي هن تصنيف تي خاص طرح ۽ مسلسل ادبي خدمات لاءِ مبارڪباد هجي.

سنڌي ناول جي ابتدا ۽ ارتقا تي هيءُ پهريون ئي جامع تبصرو آهي. اميد تہ هن مضمون بعد جي ناول شايع ٿيا آهن ۽ شايع ٿيندا رهن ٿا، تن تي پنهنجا تنقيدي نوٽ ڪندا ويندا. جيئن ٻيءَ انديشن ۾ هن ڪتابچہ کي ڪتاب بنائي سگهجي. والسلام

مخلص نبي بخش

انهن ئي سالن جي درميان آل سنڌ پرائمري استادن جي هڪ ڪانفرنس بسنت هال حيدرآباد ۾ منعقد ٿي. مون کي استادن طرفان ارشاد ٿيو تہ آءٌ ان ۾ شرڪت ڪريان ۽ ڪو مقالو پڙهان. سنڌن ارشاد اکين تي رکيم. هڪ مقالو "ماسترن جون مشڪلاتون" جي سرخيءَ سان لکي پڙهيم. سڄو هال خوشيءَ کان ٻهڪي ويو. وزير تعليم قاضي محمد اڪبر هو. جو صدارت ڪري رهيو هو. صاحب موصوف مون کان مقالو ورتو ۽ چيائين تہ هيءُ مقالو آءٌ

سرڪاري طرح ڇپرائي سڄي سنڌ ۾ تقسيم ڪندس. منهنجا حاسد جي تعليم جا آفيسر ني هوا تن تي سڪت طاري ٿي ويئي ۽ حسد جي آگ ۾ جلڻ لڳا ۽ شيخ ڪباب وانگر سندن پهلو جلندا رهيا ۽ منهنجي انهيءَ ادبي ڪاوش کي ڪو غلط رنگ ڏيئي ان جي مزيد اشاعت بند ڪرائڻ جي رٿ سوچڻ لڳا.

ڪباب سيخ کی مانند هم پهلو بدلتے هيں
جو جل اٹهتا هےيہ پهلو تو وہ پهلو بدلتے هيں

آخر حاسد کي ڇا ڪجي جو هو پنهنجي ئي حسد جي رنج ۾ ئي مبتلا آهي.

حسود راچہ کنمر کہ او برنج خود است

وزير محترم پهرين نشست پوري ڪري اٿيو. حاسد ساٿس گڏ ڪيس ڇڏڻ لاءِ گڏجي ويا ۽ ڪيس برغلائڻ ۾ ننهن چونيءَ جو زور لڳايائون ڇي عرساٽيءَ ماسترن جي تعريف ۾ ڇا تہ ڏڪ پريا آحن. سندن حوصلو وڌائي ڇڏيو آهي. هاڻي انتظام خراب ٿي ويندو. آفيسرن جي ڪا بہ عزت نہ رهندي. ماستر هنگاما ۽ مطالبا ڪندا وغيره وغيره. مون کي مضمون ماسترن جي مشڪلاتن تي لکئو هو. نقص ڪنهن ۾ نہ آهن. مگر هن مقابلي ۾ مون کي ماسترن جون مشڪلاتون لکڻ مقصود هو ۽ نہ انهن جا عيوب. پر حسد جون اکيون انڌيون آهن. وزير صاحب بہ هنن جي دام ۾ اسير ٿي ويو ۽ ڏيکاريل ارادو ترڪ ڪري ڇڏيائين تاهم مون کي شاباس چوڻ کان رهي نہ سگهيو.

پرائمري ماستر هڪ وفد جي صورت ۾ گلن جا هار کڻي منهنجي گهر مون کي پائڻ لاءِ آيا. مان سندن ممنون آهيان. مون ڪين چيو تہ مون حق چيو آهي ۽ نہ اوهان جي خوشامد ڪئي آهي. منهنجو هڪ مضمون "ڪجهہ ڏوهہ پنهنجو بہ آهي." بہ اخبار تعليم ۾ ايندو جنهن ۾ اسان ۽ اوهان ۾ جيڪي ڪميون بيشيون آهن انهن تي بحث ٿيل هوندو. ۽ اوهان کي صحيح خطوط تي هلڻ جي تلقين هوندي." سيني يڪ آواز چيو تہ اسان کي خوشيءَ سان قبول آهي. اسين ان تي پورو عمل ڪنداسين. اهو مضمون بہ شايع ٿيو ۽ عزت جي نگاهن سان پڙهيو ويو.

ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد ۾ ڊاڪٽر غلام حسين صاحب جعفري انسپيڪٽر آف ٽريننگ انسٽيٽيوشن (تربيتي ادارن) جو نگران ٿي آيو هو. هن صاحب حيدرآباد ٽريننگ ڪاليج ۾ نون نون سڌارن آڻڻ جي سرتوڙ ڪوشش ڪئي. اخبار تعليم کي خاص ڪنهن اعليٰ مقام تي پهچائڻ جون ڪوششون ورتيون. جا ذري گهٽ مري چڪي هئي. ان ۾ نئين زندگي ۽ نئون روح ڦوڪيو ويو مون کي مضامين لاءِ چيو ويو جي مان متواتر ڏيندو هوس. هڪ ساليانہ اجتماع ڪرايائين. جنهن ۾ مون ٽريننگ ڪاليج تي هڪ شعر پڙهيو.

محفل مشاعره جو صدر محترم ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل هو. مولانا غلام محمد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گرامي ان وقت ٽريننگ ڪاليج ۾ معلم هو. محترم رشيد احمد لاشاري انرنري اردو ٽيچر ۽ ٻيا ڪيترائي باذوق مهربان شريڪ محفل هوا. اڪثر اشعار عاشقانہ هوا. منهنجو شعر جو خود ٽريننگ ڪاليج تي رچيل هو، سو نهايت پسند پيو. ماسترن جي تربيت هيٺ آيل هوا. تن خوب تاڙيون وڄايون ۽ داد ڏنو. ٽريننگ ڪاليج مان "ملامخزن" بہ هڪ رسالي جي صورت ۾ شايع ٿيندي هئي، ان جو ڪم مولانا گراميءَ جي سپرد هو. ان لاءِ بہ مون کان مضامين جي تقاضا ٿي. حڪم جي تعميل ڪندو رهندو هوس. "مشڪل ڪشا" "بلاشاه" رحمت العالمين ۽ ٻيا سندم مضمون ان ۾ شايع ٿيا. بهرحال "جهڙو حال حبيبان تهڙو پيش پريان" مان بي لوث خدمت ڪندو رهندو هوس. ۽ بداندیشن جون دليون جلائيندو رهندو هوس. سال ١٩٥٦ع تائين حيدرآباد ۾ ڪڏهن نائون، ڪڏهن هالا ڊويزن ۾، ڪڏهن ٺٽہ ڊويزن تي چاڪيءَ جي ڏاند وانگر گهاٽي جي چوگرد چڪرڏيندو رهندو هوس. آخر ١٩٥٧ ۾ هڪ پوتار جون پلايون ٿيون، جو منهنجي در پني آزار رهندو آيو ۽ سندس دل جي آگ اڃا سرد نہ ٿي هئي، ان جي ڪوشش سان منهنجي بدلي اول ميهڙ هاءِ اسڪول ۾ ڪرائي ويئي، مگر اتي مون کي سيد علي اڪبر شاهہ اچڻ نہ ڏنو. هو صاحب مون وٽ هلي آيو ۽ چيائين تہ اسين موجوده هيڊماستر قمرالدين مان خوش آهيون. اوهان کي دل ۾ نہ ٿئي تہ اسين اوهان جي بدلي رد ڪرايون. انڌو گهري الله کان هڪ اک، مون کي ٻئي اکيون ٿي مليون. مون جواب ۾ چيو تہ شاهہ صاحب اوهان پل ڪوشش ڪريو مون کي پاڻ دوري ٿيندي، منهنجو ڪو بہ اعتراض ڪونهي. علي اڪبر شاهہ چڱي رسوخ وارو ماڻهو هو ۽ بدلي جا بدنيتيءَ سان ڪرائي وئي هئي سا ازخود بند ٿي ويئي ۽ وري منهنجي بدليءَ جا احڪام ٽريننگ اسڪول سڪرنڊ ۾ هيڊ ماستريءَ تي ٿيا. احڪام برسر چشم ۽ سڪرنڊ لاءِ تيار ٿي ويس. جتي مسلسل سال ١٩٥٧ع کان سال ١٩٦٢ع تائين نهايت تندهي ۽ جانفشانيءَ سان ڪم ڪندو رهيس. سڪرنڊ بابت احوال اڳتي ايندو. انشاءَ الله العزيز.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ٽيٽيهون

سڪرنڊ ڏانهن سنبت

چيو اٿن تہ "آن بلا نبود کہ از بالا بود" بدلين جو تہ اصل ڪان عادي ٿي چڪو هوس. وڏي خوشيءَ سان حيدرآباد کي ڇڏيم. جيتوڻيڪ منهنجو گهر مستقل طرح حيدرآباد ٿي ويو هو. گهر ڪان پري وڃڻ ڪري هر ڪو ناراض ٿيندو آهي. ليڪن مون کي ڪو بہ ڏک ڪو نہ ٿيو. لاڙڪاڻي جا ڏينهن ياد آيم. دل ۾ چيم تہ هاڻي سڪرنڊ سان بہ ڏورڻا ڏيڻا آهن "همت، مردان، مدد خدا".

سڪرنڊ ٽريننگ اسڪول ١٩٥٦ع ۾ کليو هو. سڪرنڊ واري ايگريڪلچر ڪاليج واري شاندار عمارت، جايون، هاسٽلون، هائوس ماسترن جا ڪوارٽر ۽ پرنسپال جو عاليشان بنگلو هاڻي ٽريننگ اسڪول جي تحويل ۾ اچي چڪو هو. مان ١٩٥٧ع ۾ آيس. فقط هڪ سال جي عرصي ۾ يعني ١٩٥٦ڪان ١٩٥٧ع تائين هن اداري ۾ ٻہ هيڊ ماستر متعين ٿي چڪا هوا. پهريون مسٽر شاهہ محمد ڪڇي ۽ ٻيو نور الحسن بهاري. پهريون صاحب ٦ مهينا ڪن مس رهيو ۽ پنهنجي اثر رسوخ تي بدلي ڪرائي ويو. انوار آيو ۽ هن بہ هن اداري ۾ ڪا دلچسپي نہ ورتي ۽ تازي کي تات مينهن زي مينهن. بدلي بدلي ڪندو رهيو ۽ ٻين ڇهن مهينن ۾ هو بہ ڪامياب ٿي ويو. شاعر انوريءَ فرمايو آهي تہ:

هر بلائے کہ از آسمان افتد
اگرچہ بادیگرے قضا باشد
بہ زمین نا رسیدہ گوید
خانۂ انوری کجا باشد

نيٽ قرعۂ فال بہ نامر. من ديوانہ زدند" مان تہ بوريا بسترگول ڪري بس ۾ چڙهي پيس. انوار ڏاڍو مايوس هو. هن کي ٻڌايو ويو تہ عرساڻي بااثر ماڻهو آهي ۽ بدلي رد ٿي ويندي. مان اوچتو وڃي اتي وارد ٿيس. ڪاليج جي عمارت هڪ ميل سڪرنڊ شهر ڪان اورتي هئي. ڪنڊيڪٽر کي چيم تہ ڪاليج جي گيٽ وٽ مون کي لاهج. بس بيهاري ويئي. پنهنجو بسترو ۽ بنگ، هٿن سان لاهي هيٺ ڪيم. بس رفو چڪر ٿي ويئي. مان هيڏي هوڏي نهارڻ لڳس تہ پهر نہ پکي. آخر هڪ همراهہ پريان نظر آيو. ان کي هٿ سان اشارو ڪيم. اهو هو حمزو ميربحر

جو هن اداري ۾ پنيوالو هو. ۽ ڪاليج بند ڪري رهيو هو. لڏندو لمندو آيو. بڊايو مانس ته بابا مان ننون هيڊ ماستر آهيان. ادب سان مليو ۽ مون کي بنگ بسترو ڪٿائي ڪالونيءَ ۾ هليو ۽ هلي هڪ نهايت پياري ماڻهوءَ جي ڪوارٽر ۾ داخل ٿيو. پنيان آءُ به ويس. مسٽر عبيدالله آگرو فرسٽ اسسٽنٽ وينو هو. ڪمري ۾ داخل ٿيڻ وقت پڇيو مانس ته "مان اندر اچي سگهان ٿو" موصوف ڪرسيءَ تان اٿيو. حمزي کي سامان ڏسي تاڙي ورتائين ته عرسائي اهو آهي. ڏاڍو خوش ٿيو. خبرون چارون ڏنيون ورتيونسين. بڊايائين ته اج ڪاليج هيڊ ماستر صاحب سوير ئي بند ڪري ڇڏيو. اوهان پلي آيا. هيڊ ماستر صاحب کي اطلاع ڪريان ٿو. بار بچا اڳني حيدرآباد موڪلي ڇڏيا اٿس. اوهان جو شديد انتظار اٿس! مون چيو ته صد مبارڪ ڏيوس. اجهو آءُ حاضر آهيان ۽ سندس قاطع انتظار آهيان. مسٽر انوار جو اهو ڪوارٽر بلڪل لڳ هو. مسٽر عبيدالله اطلاع ڪيس. نينگ ٽپا ڏيندو آيو. حالي احوالي ٿياسين. چيومانس هينئر چارج ڏيو ته به حاضر آهيان جي سڀاڻي صبح جو ڏيو ته به:

جو چاهے آپکا حسن، کرشمه ساز کرے

مسٽر عبيدالله جي ماني تيار هئي، انوار جي ماني به وٽس هئي جو هو اڪيلو هو تنهي گڏجي ماني ڪاڌي. جهڙو حال حبيبان تهڙو پيش پريان. عبيدالله بورچيءَ کي چيو ته سائيڪل تي چڙهه. شهر مان وڃي ڪجهه بيضا ۽ ميوو وٺي اچ. مون کيس اجازت نه ڏني ۽ چيومانس ته:

اے دوست تکلف میں ہے تکلیف زیادہ
جو دوست ہوا کرتے ہیں تکلف نہیں کرتے

جيڪي حاضر هو سو ميز تي آندو ويو. ڪائي رج ڪيوسين. ڏڌ جي لسي به هئي جنهن ان وقت بين سيني قيمتي مشروبات کان وڌيڪ لذت بخشي. حمزو اجازت وٺي ويو ته ڪاليج بند ڪري ٿو اچان. ان هاسٽل ۾ منهنجي اچڻ جو اطلاع شاگردن کي وڃي ڏنو. شام ٿي ۽ شاگرد وري ويا. هنن جي محبت ۽ منهنجي اچڻ جو انتظار ڏسي حيرت وٺي ويم. سڀني سان شفقت سان مليس ۽ عرض ڪيومان ته سڀاڻي ڪاليج ۾ ملاقات ٿيندي. هينئر اوهان جيڪا تڪليف ڪئي آهي ان لاءِ شڪريو. شام جي وقت مسٽر عبيدالله چانهه پارٽي ڪئي. منهنجي مرحبا ۽ انوار جي الوداع.

ڪجهه ڪيڪ بسڪوٽ، ڪجهه مٺائي. پڪوڙا. چند پاپڙ ۽ چانهه. استاد جيڪي ٿورا ڪي گهٽا هوا انهن کي مدعو ڪيو ويو. چانهه بعد چند لفظ مون چيا ۽ چند انوار. عبيدالله صاحب ڪجهه زياده وقت ورتو. سندس پيار ڀريا الفاظ جي هن منهنجي باري ۾ چيا سي اج به دل تي نقش اٿم. مگر هتي طوالت جي خوف کان لکڻ ضروري نٿو سمجهان. آءُ عبيدالله وٽ رات رهيس جو انوار وٽ پنهنجو بسترو به ڪو نه هو. سڀ ڪجهه موڪلي ڇڏيو هوائين. رات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو جيڪا ڪچهري ٿي ان ۾ مسٽر عبيدالله مون کي تفصيل سان ڪاليج جي حالات کان واقف ڪيو. مون چيومانس ته صبح ٿيڻ ڏي. سائين سڀ سوليون ڪندو. منهنجي حريفن مون سان گهٽيون ٿي ڪي پلايون ڪيون آهن ۽ اجا به سرگرم عمل آهن. مگر مان خدا جي رحمت مان مايوس نه ٿيو آهيان ۽ نه ٿي سگهان ٿو. نااميدي ڪفر آهي.مون کي هر وقت "دست بڪار دل به يار" ڏسندين. مون سان وفا جو وعده ڪر ڪاليج جو حليو ئي بدلائي ڇڏيندا سين.

صبح جو ڪاليج وياسين. چارج ڪهڙي هئي. فقط چارج شيٽ تي صحيح ڪرڻي هئي، ڊيڊ اسٽاڪ جي سامان لاءِ مسٽر عبيدالله مون کي يقين ڏياريو ته جيڪو تورو آهي سو منهنجي چارج ۾ آهي، ڪو به فڪر نه ڪريو. انوار صاحب چارج فرد تي صحيح ڪرڻ بعد ٻيهرينءَ ئي بس ۾ روانو ٿي ويو. طلبا کي خطاب به ڪو نه ڪيائين. هاڻي شاگرد مون سان ملاقي ٿيڻ جي اشتياق ۾ هوا سيني کي مرڪزي هال ۾ گڏ ڪيو ويو. ماستر صاحبن وٽي پنهنجون ڪرسيون والاريون. اهو انتظام سڀ عبيدالله رکي ڇڏيو هو ۽ پاڻ مون کي ساڻ ڪري هال ۾ وٺي آيو. شاگردن پنج منٽ کن ته خوشيءَ مان تاڙيون پئي وڄايون. آخر مسٽر عبيدالله سيني کي ماٺ ڪرائي ۽ مون کي طلبا کي خطاب ڪرڻ جي استدعا ڪئي. مون چيو ته اوهان جي استدعا نه آهي حڪم آهي تعميل ڪريان ٿو. مان اُٿيس السلام عليڪم چيم وعليڪم السلام جو بلند بانگ آواز آيو. پوءِ اهڙي ته خامُوشي ڇانئجي وئي جو سُئي ڪري ته به آواز ٻڌجي. شاگرد ٽن ضلعن مان آيل هوا. نواب شاهه، سانگهڙ ۽ حيدرآباد جي هالا ڊويزن. هالا ڊويزن جا ماستر صاحبان جي تربيت لاءِ آيا هوا سي ته سڀ منهنجا واقف هوا. ساڳيءَ طرح سان سانگهڙ ضلعي جا اساتذه. مان جڏهن ٿرپارڪر ضلعي تي هوس، تڏهن سانگهڙ اجا جدا ضلعو نه ٿيو هو ۽ سانگهڙ ضلعو ٿرپارڪر ضلعي ۾ هو. لهٰذا اتي جا ماستر به بڪثرت منهنجا واقف هوا. ساڳيءَ طرح نوابشاهه ۾ جيڪو تورو وقت رهيو هوس، ان ڪري نوشهري، ڪنڊياري، سڪرنڊ ۽ نوابشاهه تعلقن مان آيل ماستر به اڪثر ڪري منهنجا واقف هوا. انهن کي ڏسي انين پئي ڄاتم ته پنهنجن ۾ اچي ويو آهيان ۽ نه پراون ۾. ڪلاڪ کن تقرير ڪيم. اهو سڀ ڪجهه حرف به حرف ياد اٿم ته شاگردن کي ڇا چيو هوم. مگر هتي اهو سڀ ڪجهه لکڻ بيجا ٿيندو. ٻن لفظن ۾ عرض ڪندس ته مون عملي جي استادن ۽ شاگردن جون پنهنجي تقرير سان دليون وٺي ڇڏيون ۽ جيڪو وقت سڪرنڊ ۾ رهيس، اهو سڄو وقت منهنجي شاگردن ۽ استادن جي دلين تي حڪمراني هئي. بيشڪ خدمت جو صلو مخدومي آهي.

هرڪ خدمت کرد او مخدوم شد
هر ڪه خود را ديد او محروم شد

منهنجا ٻلاندليش کڳيون هٿ لڳا ته عرساتيءَ کي جُهنگ ٻرپر ڪليوسين پر منهنجي لاءِ جهنگل ۾ منگل ٿي ويو. پرنسيپال جي بنگلي ۾ آءٌ نه رهيس. هيڏو وڏو عاليشان بنگلو. مون وٽ فقط هڪ هنڌ. هڪ کٽ ۽ هڪ پيتي. نه رهڻ جو هڪ سبب اهو به هو. پيو اليت عبدالله جي جاءِ کان پري هو ۽ ٻيون تمام خستہ حالت ۾ هو. جنهن ڪري اتي رهڻ کان ڊپ پئي ورتو. لهاذا عبدالله جي متصل ڪوارٽر ۾ سڪونت پذير ٿيس. گهٽي ۾ مسئلا منهنجي ٽريش هوا. نن هاسٽلن جي وچ ۾ هڪ بورنگ پائيپ (نلڪو) لڳل هو جنهن ڪري شاگردن کي پاڻيءَ جي سخت تڪليف هئي. ڪاليج جو پاڻي اتان ڀريو ويندو هو. جنهن ڪري ڪالونيءَ ۾ هڪ نلڪو هو. جنهن مان به واري ايندي هئي. ڪمرا، ڪٽولا ۽ فرنيچر اجهان پوريءَ طرح نه پهچو هو. ڪيترائي شاگرد رومن ۾ هيٺ بسترو وڇائي سمجهندا هوا. لائيٽ ڪا نه هئي. لالٽين تي گذر ٿيندو هو. باورچي خاني لاءِ سامان منظور ٿيل هو. پر اڃين صاحبن ان جي خريداريءَ لاءِ ڪا به تڪليف وٺڻ گوارا نه ڪئي هئي. ڪاليج لان سڪي ٺوٺ ٿي ويو هو ۽ جهنگلي گاهه ۽ ٻوٽا اسري آيا هوا جن ۾ نانگ ٻلائون عام طرح ڏٺيون وينديون هيون. رات جو ٩ وڳي کان ٿي گدڙن جا ٽولا اونايون ڪندا نظر ايندا هوا. هن اداري ۾ استاد ۽ شاگرد محض مجبوريءَ جي حالت ۾ آيا هوا ۽ سندن روزگار جو سوال هو. ورنه ڪنهن کي به هيءُ ماحول راس نه ٿئي آيو. بهرحال هن جي نفعي سودي مان به لاڀ وٺڻو هو.

آءٌ ڪوڙ نه ڳالهائيندس. قسمت جي چڪر مون کي البته هراسان ڪيو ۽ پنهنجي شومي قسمت تي چند شعر به لکيم. هڪ ته ملا مخزن ۾ موڪليم ۽ ٻيو زبان سان ورجائيندو رهندو هوس. انهن ۾ منهنجي هن زماني جي دلي ڪيفيت جو حال بيان ٿيل آهي. آخر انسان ڪيترو ني بهادر هجي پر حوادثات ڀرڙيو رکن. انسان ويچارو خلقت ۾ ضعيف آهي ۽ ٽيت ڏاتهن ڪريو ڏني ۽ صبر هٿان ڇڏايو وڃي. ڪم از ڪم مون واتگر ڪجهه وقت لرزان تي وري پاڻ سنڀالي ورتي نو. مون کي ته اڃا پوتار جون پلايون اڳي ڏسڻيون هيون جي هن بعد لکندس.

انسان ڏاڍو به آهي ۽ ضعيف به آهي. ڪنهن ڪنهن صبر جي دامن هٿان ڇڏايو وڃيس ۽ زماني جي شڪايت ۽ چرخ گردون جي گلا شروع ڪريو ڏئي. شاعرن ته هميشه ائين ڪيو آهي پر مان به ان حقيقت کان مستثنيٰ نه آهيان. خدا معاف ڪري جو هو بهتر معافي ڏيندڙ آهي.

خير مٿيان به شعر طويل هئڻ باعث درج نٿو ڪريان. هاڻي آمدم برسر مطلب، يعني الاٽمينٽ ڏنم. ضروري سامان لاءِ پئسا ڪافي هوا. به استاد ساڻ همراهه ڪري حيدرآباد آيس. ديڳيون، ديڳڙا، وٽا، ٿالهيون، گلاس ٻيو ضروري سامان خريد ڪري پوريءَ ۾ ٻڌي ڪراڻي ڏاڍي احتياط سان سکرنڊ آندا سين. ٿالهه ٿالهيون ۽ ديڳڙا ديڳيون قلعي ڪرائي ڪٽي آياسين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بورڊنگ جو شان دوبالا ٿي ويو. شاگردن ۾ ميس (ڪلب) برپا ڪرڻ جو شوق زور وٺي ويو. ناظر ۽ نائب ناظر چونڊيائون. سيڌو بڌو وٺندا هوا. ڪاسائيءَ کان گهٽي گوشت وٺڻ سبب ڪجهه رعايت ملين.خرچ تمام ٿورو ايندو هون. ماستر ويچارا اگهيئي غريب ڪجهي ڦاڙڻ لڳا ۽ ٿوري خرچ سان سٺي ماني کائڻ لڳا ۽ اطمينان جو ساهه پٽيائون. لئبرريءَ لاءِ ڪافي رقم ڏني ويئي هئي، مگر ڪتابن جي انتخاب لاءِ حوصلو گهرجي، جنهن کان اڳين صاحبن ڪو نه ورتو هو. جو هنن کي هتي رهڻو نه هو. "جي وڃان وڃان ڪن، سي رهي رهندا ڪيترو؟" مان ان ڪم لاءِ عبدالله جي مدد وٺي ڪراچيءَ ويس. لاهور مان فيروز سنز کان ڪئٽالاگ گهرايم. ڪتاب سليڪٽ ڪياسين (انتخاب ڪيوسين) آرڊر ڏناسين. ڪوڪن جا ڪوڪا پهچڻ لڳا. سيني جون دليون بهار بهار پئي ٿيون. راند جي لاءِ شاگردن کان في ورتي ويندي هئي پر راند جو ڪو به سامان نه هو. مسٽر مظفر اسان جو فزيڪل انسٽرڪٽر هو. هو ملٽريءَ جو رٽائرڊ سپاهي هو. ڪيترن ئي محاذن تي لڙيو هو. هڪ نهايت حوصلہ مند انسان مگر اوزارن کانسواءِ واڍو ڇا ڪري سگهندو. ڏاڍو مايوس هو. مون کي سرگرم عمل ڏسي منجهس جان اچي ويئي. مظفر صاحب ڪلر ڪهار ضلع جهلم جو باشندو هو. غريب ويچارو ٿوري پينشن سان گڏ هيترو دور دراز پنڌ تي ملازمت اختيار ڪئي. چوندا آهن ته "ماڻهو سڀ نه سهڻا پکي سڀ نه هنج ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه اچي بوءِ بهار جي "خدا پنج انگشت يڪسان نه ڪرد" پنج آڱريون برابر نه آهن. ملٽريءَ جا ماڻهو البت شوخ هوندا آهن. مگر مسٽر مظفر هڪ فرشتو هو. هزارين پنجاب جا ماڻهو هن جي مٽان گهوري ڦٽا ڪجن. هن صاحب والي بال، باسڪٽ بال ۽ انڊور گيمس ۾ في الحال پنگ پانگ جو سامان ورتو. جو جمع ٿيل پئسا ناڪافي هوا. رانديون شروع ڪرايائين . صبح جو ڪلاسن جي واري واري سان ڊرل. ڪلاس ۾ وڃڻ کان اڳ ڪرائيندو هو. سندس آواز هوڻ بلڪل نرم ۽ نهنو هوندو هو. مگر جڏهن ڊرل ۾ ڪاشن ڏيندو هو. ته سندس آواز نهايت ڪڙڪيدار ٿي ويندو هو.

بهرحال ١٩٥٧ع سال ۾ عرصو ٿورو هو. مون وٽ ٽريننگ جا ٻئي سال يعني پهريون سال ۽ ٻيو سال ٻئي هوا. ساليانہ امتحان ٿيو. مون سمورو توجهه ٻئي سال وارن تي ڏنو. جيئن سڀ ڪامياب ٿي وڃن. مان کين سنڌي پڙهائيندو هوس. خصوصاً به ڪتاب جي البتہ دق هوا هڪ "ملڪ سرفراز" جو ميرزا علي نوازُ بيگ جو هڪ فارسي ڪتاب جو ترجمو هو ۽ ٻيو "خيال خاطر" جو منهنجو لکيل مضامين جو ڪتاب هو. منهنجي تعليم اهي ٻئي ڪتاب شاگردن لاءِ آسان ڪري وڌا. مان هميشه به پيرڊ گڏ وٺندو هوس. مان کين جڏهن پڙهائيندو هوس تہ ڏاڍا سرها پيا لڳندا هوا. ڪو شاگرد بخار ۾ مبتلا هوندو هو ۽ موڪل تي هوندو هو تہ بہ منهنجو پيريڊ اجرڪ ڪلهن ۾ ڪري بہ اچي ٻڌندو هو ۽ منع ڪرڻ سان بہ نہ رهندو هو. امتحان جيئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويجها ايندا ويا تيئن تيئن شاگردن کي سر سان لڳي پيئي هوندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن مان ۽ مسٽر عبيدالله ۽ هائوس ماسترن سان گڏجي رات جو دير سان هاسٽلن ۾ "هائوسيءَ" لاءِ چڪر تي ويندا هئاسين ته همراهه لالٽين تي نيٽين ننڊ اکوڙي پڙهڻ ۾ محو هوندا هوا. آءٌ هنن کي ڏسي ۽ هو مون کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيندا هوا.

الله پاڪ جي ڪرم گستري ڏسو، نتيجو سؤ سيڪڙو آيو. ٻئي سال وارا موڪلائي ڪرڻ وارا هوا. فوٽي جو شوق ظاهر ڪيائون. قبول ڪيم. سيني جو ٻوٽ نڪتو. اخبار تعليم ۾ بلاڪ ڇپرائي موڪليم ۽ ساليانه رپورٽ ۾ سال جو ڪم ۽ ڪارڪردگي سال اندر ڪهڙي ترقي ٿي، ڪير آيا ڪير ويا سڀ ڪجهه لکي شايع ڪرايم ۽ ان بعد ٻين ادارن به منهنجي تقليد ڪئي. سڪرنڊ جي گهٽي ساراهه ٿي. منهنجي سرفرازي ۽ سر بلندي ڏسي مون کي ۽ منهنجي عملي کي پنهنجي محنت جو انعام ملي ويو. اجا ٿوري مان ڪٿي مس بيٺو هو. ايندڙ ١٩٥٨ع ۾ گهڻو ڪجهه ڪرڻو هو. دستور موجب پهرئين سال ۾ نوان شاگرد آيا ۽ داخلائون ٿيون. شاگردن جي ميٽنگ گهرايم. مشورو ڏنومان ته ڪتاب ٻنهي سالن جا شاگرد حيدرآباد مان گهرائين. ڪافي ڪميشن ملندي، اها نلڪن تي صرف ڪري پاڻيءَ جا سکيا ٿيو. سيني کي ڳالهه وڻي. هزارين روپين جا ڪتاب ۽ نوٽبوڪ ٿيا. ڪميشن ڪافي ملي. جنهن مان ٻه نلڪا، هر هڪ هاسٽل لاءِ هڪ نلڪو ميسر ٿي ويو. هڪ اڳي هو ٻه نوان لڳا. پاڻيءَ جو وڏو سهنج ٿيو. ڪجهه استادن به چندو ڏنو جنهن مان هڪ نلڪو ڪاليج جي اڳيان به لڳايو ويو.

فرنيچر جيڪو نئون مليو هو سو نهايت بيڪار هو. ٽينڊر موجب سڀ فرنيچر پڪي ساڳ (برمانيڪ ووڊ) جو ڏيڻو هو. جنهن لاءِ اگهه به ڳاني پڳا ڏنا ويا هوا. ڪيترو ته سامان ٽرڪن ۾ ئي پڄي آيو. ٺيڪيدار جو نالو ٻڌم ته اهوئي حاذق علي هو، جنهن کي اسان جي پوتار منهنجي خلاف سنڌي سڀاجهڙا جي فلم ۾ استعمال ڪيو هو. ان جو انعام ڪيس پوتار وٽان اهو مليو جو ڪيس مني لک رپئي جو ٺيڪو ڏنو ويو. هنن کي خبر نه هئي ته سڪرنڊ ۾ ڪو عرساٽي اچي نازل ٿيندو. سامان درحقيقت مون کان اڳ ملٽو هو. مگر حاذق عليءَ کي اهي سڀ رعايتون ڏنيون ويون هيون ته پنهنجي مرضيءَ تي پلي ته ڪڏهن به ڏئي. هن کي رننگ بل ملندا ٿئي رهيا.

اهو ساڳيو وقت هو جو نئي ۾ هاءِ اسڪول جي نئين عمارت ۽ هاسٽل ٺهي ۽ ساڳيءَ طرح ٽنڊي جان محمد ۾ به ائين ٿيو. هنن هاءِ اسڪولن ۾ فرنيچر سان ساڳيا هاڃا هوا. هاسٽل لاءِ کٽن جي بجاءِ ردي قسم جا کٽولا ڏنا ويا هوا. انڪوائريون ٿيون ٻنهي هاءِ اسڪولن جو سامان ضبط ڪري سيل ڪيو ويو. اينٽي ڪرپشن ڪيس رجسٽر ڪيو. اردو اخبارن نهايت طمطراق سان لکيو ته "سامان ۾ گهوٻين لڳڻ ڪري ڊپٽي ڊائريڪٽر تعليمات مسٽر نظاماڻيءَ تي اينٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرپشن ڪيس رجسٽر ڪيو آهي.“ هن طرف مون ۾ مسٽر عبدالله آرائين جو ان وقت نوابشاهه جو ڊويزنل ڪوريسٽ آفيسر هو. ان کي لکي موڪليو ته مهرباني ڪري اسان جو فرنيچر تپاس ڪري پنهنجي رپورٽ ڏيو جو ڪاٺ ۾ بي ايماني ڪيل آهي. موصوف آيو پڪي ساڳ جي ٻلڙائن ڪا ڪاٺي اڌب جي، ڪا ٽالهيءَ جي، ڪا ٻير، ڪا سرجيه جي، ڪا ٻير جي ۽ ڪا ڊيال جي. ورڪمنشپ يعني گهاڙيٽو نهايت رف. ڊيوٽل ڊيسڪن کي ڪارنر ۾ لڳل نه هيون. ساماڻ سڀ اُٽريو پيئي. ڪرسيون ميزون سڀ جڙتو ڪاٺ جون. صاحب موصوف تپاس ڪري سچو سرٽيفڪيٽ ڏنو. مسٽر نظاماڻيءَ کي خبر پيئي. مون کي منٿون ڪيون ويون. دوستن ۽ مٽن مائٽن جا پار وڌا ويا. جتي آگي هاءِ اسڪولن جي فرنيچر جي ڏجي پريشان ڪيو آهي. آڦي پاڻي هيءَ ڏڪ ڪمر ٽوڙي رکندو. حاذق علي ٽاپين ۾ هو. آخر مون کي مجبور ڪيو ويو. ٺيڪيدار جي اڳهين ۾ ڪجهه ڪر وجهي چند هزار روپيا گهٽ ڏنا ويا. جا ڳالهه مون خوشيءَ سان قبول ڪئي. ساماڻ جيڪو پيگو هو يا بي ڦير ڦار جا مون کي ڪرائي هئي. ان لاءِ ٺيڪيدار واڍا مستري سڪرنڊ موڪليا. جي هفتو ڪن رهي. مون کي منهنجي مرضيءَ موجب ڪم پورو ڪري ڏيئي ويا.

هن گهڙيءَ مان آزاد ٿيس ته ولبج ايڊ جو آل سنڌ ميلو سڪرنڊ ۾ مقرر ڪيو ويو ۽ اهو به اسان جي ڪاليج جي بلڊنگ ۽ گرائونڊ تي. مون کي منت ڪئي وئي ته مان ولبج ايڊ وارن جي مدد ڪريان. مسٽر محمد الياس يوسفاڻي هن ڪاٺي جو سربراهه هو ۽ سليم هالائي مکيه ڪارڪن. مان خوشيءَ سان سندس مدد ڪرڻ جو پڪو پرڻ ڪيو. شامياڻا لڳا. اسٽال نهيا ۽ پيو جيڪو به تماشن ۾ ٿيندو آهي سو نهايت خوش اسلوبيءَ سان واس ٿيو. الله جي قدرت تان قربان وڃان. مسٽر يوسفاڻي پاڻ علالت سبب اچي نه سگهيو. ان جي جاءِ تي شيخ گل محمد صاحب هالائي آيو. ميلي ۾ جا جا ٿيو. ان جو مفصل احوال لاءِ هڪ الڳ رسالا تي سگهي ٿو. ان ڪري مان پرهيز ڪريان ٿو مون هڪ مقالو ”پهراڙين ۾ تعليم“ تي لکيو. جو پڙهيم ۽ هڪ شعر نه لکي پڙهيم مان پنهنجي ڪارڪردگيءَ تي مرڪي رهيو هوس ۽ ان سان گڏ منهنجو عملو ۽ شاگرد مون تي ناز ڪري رهيا هوا. سليم صاحب منهنجو شعر جڏهن ٻڌو ته ڏهن چيائين ته مسٽر يوسفاڻي هجي ها. ته اهو ته اسان تي ڏنيو ڪئي ها ته اوهان جو ٽنا امڙا شعر لکو. خير ميلو نهايت شان شوڪت سان ختم ٿيو. پورو هفتو هليو. ٻر ۾ بازاريون لڳل هيون. جڏهن ميلو ختم ٿيو. ته انهن ساڳين پيٽين تي وري به گدڙن جون اوناڻيون هيون. ڏک پئي ٿيو. جتي هزارن ماڻهن جي چهل پهل هئي. هوٽلون پريل هيون. اسٽالن تي عجيب رونق هئي. اهو سڀ ڪجهه هڪ ڪن ۾ ختم ٿي ويو. ساڳيا لاٿون جڳهه رهيا پچاڙيءَ جي ڏينهن تي مسٽر عبدالحميد خان ڪمشنر خيرپور آيو. انعام ورهاياتين. اسان جي ڪاليج کي ٽي چار انعام مليا ۽ ان سان گڏ چند

سرٽيفڪيٽ بہ پڙ پيا. پوءِ سيني ھڪ ٻئي کان ڏکارو ٿي موڪلايو. مون کي چوڻ لڳا تہ:

درو ديوار پر حسرت سے نظر کرتے ھيں
خوش رھو يار عرسانی ھم تو سفر کرتے ھيں

ميلي بعد بہ اسان کي پورا ٽي ڏينھن وري ڪاليج ناھڻ ۾ لڳي ويا. مطلب تہ ڏھاڪو ڏھاڙا اسان جو تعليمي ڪاروبار معطل رھيو. بھرحال ريجنل ميلو خير و خوبيءَ سان اختتام کي پھتو.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڪنڊ ٽريننگ اسڪول جو سال ١٩٥٩ع

سال ١٩٥٨ع خير خوبيءَ سان ختم ٿيو. ساليانہ امتحانن جو نتيجو نڪتو پهرئين سال جا سڀ شاگرد ڪاميابيءَ سان هم ڪنار ٿيا. ٻئي سال ۾ فقط هڪ شاگرد سيد نجم الدين شاھ ڊهي پيو. شاھ صاحب هونءَ تہ نهايت سلڇڻو ساده لوح ۽ سباجهو هو. مگر پڙهڻ سان دل ڪو نہ هوندي هيس. اڪثر بيمارين جي بهاني غير حاضر رهندو هو ۽ چوڻ جو مٿس ڪو بہ اثر نہ ٿيندو هو. مون کي سندس فيل ٿيڻ جو گهڻو ڏک ٿيو ۽ اهڙيءَ طرح سڀني استادن ۽ شاگردن کي بہ گهڻو افسوس ٿيو. موڪلاڻيءَ جي محفل رچائي وئي. سڀني ۾ خوشي هئي فقط شاھ صاحب جو چهرو ملول هو. مون کيس وٺي پنهنجي ويجهو وهاريو ۽ کيس دلداريون ڏنم ۽ سندس دلجوئيءَ لاءِ ساٿس خوش طبعي ڪرڻ لڳس. موڪلاڻيءَ جي تقرير ۾ سندس خاص ذڪر ڪيم. چيومانس تہ هٽ جي وڍي جو نہ ڪو ويڄ نہ ڪو طبيب. پورهئي جو ڦل ملندو آهي. اوهان پورهئي کان ڪناره ڪشي ڪئي نتيجو ظاهر آهي. ليڪن چوندا آهن تہ "نااميدي پس تہ اوڏو ٿين اميد کي" انگريزيءَ ۾ چوڻي آهي تہ هيءَ ناڪامي اوهان جي لاءِ ٻئي دفعي بهتر نصيب آڻيندي. شاھ صاحب جي چهري مان معلوم ڪيم تہ منهنجي دل دارين کيس ڪا گهڻي تسڪين ڪا نہ ڏني. ان ڪري کيس چيم تہ اوهان سيد آهيو ٻين سڀني پائرن لاءِ اوهان پاڻ قربان ڪيو آهي. سيدن جو اهو شيوو آهي. دل نہ هاريو. عيسائين جو عقيدو آهي تہ حضرت عيسيٰ مصلوب ٿي، آئينده لاءِ تا قيامت عيسائين جي گناهن جو ڪفارو ڏيئي ڇڏيو آهي، ۽ هاڻي عيسائين جا سڀ گناھ معاف ٿي ويا. سو اوهان سڀني پائرن جو ڪفارو ڏيئي ڇڏيو. هاڻي هنن جي ڪاميابي اوهانجي ڪاميابي آهي. سڀني کليا ۽ شاھ صاحب خود کليو. بهرحال محفل ختم ٿي وئي. شاگردن موڪلايو ۽ هرڪو ڪک پن ٿي ويو.

سال ١٩٥٩ع شروع ٿيو. اهي روهيون اهي رنبا. اها انڌي اهو جنڊ. پهرئين سال ۾ نوان نوان مهاندا ڏسڻ ۾ آيا. وري نين امنگن ۽ جوش و خروش سان پنهنجو ڪاروبار شروع ڪيوسين. هن سال شروعات ۾ ئي لئبرري، ڊرائنگ هال، سائنس هال ۽ فزيڪل ايجوڪيشن روم کي باترتيب رکڻ ۽ رونق وڌائڻ جو عزم ڪيم. نئين بجيٽ الاٽمينٽ جي رقم ۾ هٿ ڳنڍياسين.

سائنس ڪلاس جي ڪم کي مسٽر عبيدالله هٿ ۾ ڪيو. ڊرائنگ هال کي سينگارڻ ۽ سنوارڻ جو ڪم مسٽر عبدالغفار صديقيءَ جي سپرد هو. جو ان وقت مون وٽ ڊرائنگ ٽيچر هو. فزيڪل ايڊيوڪيشن مسٽر مظفر فزيڪل انسٽرڪٽر جي حوالي هو ۽ لئبريءَ جو ڪم مون پاڻ تي هموار ڪيو. منهنجي رفيقن جنهن سليقي سان پنهنجي فرض ادائي ڪئي ان جي ڪهڙي تعريف ڪريان. منهنجي خواهش ۽ اميدن کان ٻه وڌيڪ ڪم ڪري ڏيکاريائون. ڊرائنگ هال کي ته مسٽر عبدالغفار چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. آرٽسٽ ماڻهو حسن و جمال جا ته هميشه پرستار ٿيندا آهن. مسٽر عبدالغفار هڪ ته آرٽسٽ هو بيو خود هڪ حسين نوجوان هو. سندس آرٽ ۽ شخصي حسن جي ميلاپ ڊرائنگ هال کي هڪ ميوزم ۽ عجائب گهر بنائي ڇڏيو. ڪاليج جي اڳيان هڪ وڏو سيمينٽ جو ٿلهو ٺهرائي ان تي ٻه وڏا اڌ گول ٺهرائي انهن تي دنيا جو نقشو پينٽ ڪري اهڙو ته ڪم ڪري ڏيکاريائين جو انگشت بدندان اچي وينون ۽ ڪتان ڪتان جا اسڪول ماستر ۽ ٻيا ان جي ملاحظ لاءِ جوق در جوق ايندا هوا.

مسٽر عبيدالله سائنس هال کي هڪ عاليشان لئباريٽريءَ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. هڏائون پڃرو (اسڪيلٽن) جو اجا ڪوکن ۾ بند هو ان لاءِ هڪ نئون شوڪيس ٺهرايو ويو. فزيڪل چارٽ ديوارين تي مزين ڪيا ويا. سائنس جي بلند ميزن تي سائنس جي سڪيا جو سامان نهايت سهڻي اسلوب سان سجايو ويو. سائنس جي نازڪ سامان لاءِ مليل ڇهه ڪٻٽ زيبائتي نموني پريا ويا. ڊرگس منرلس، فرسٽ ايڊ باڪس، مقناطيس سيماب (پارو) ٿرماميٽر، ٽيوبس، قطب نما ۽ ٻيون نازڪ شيون سليقه سان رکيون ويون. جيتوڻيڪ مسٽر عبدالله بي ايس سي نه هو مگر مان دعويٰ سان چوان ٿو ته ڪو ٻه بي ايس سي اهڙو اهڙو ڪم ڪري نه ڏيکاري ها جهڙو هن صاحب ڪري ڏيکاريو. هو فقط انٽر سائنس هو. مگر ڪم ايم ايس سي کان ٻه بهتر ڪري پيش ڪيائين.

مسٽر مظفر هڪ ملٽري رٽائرڊ ماڻهو هو. پنجاب جي جهلم ضلعي جي مشهور ڳوٺ ڪلر ڪهار جو باشندو هو. سندس محنت ۽ شرافت جو مان ڪهڙو بيان ڪريان. صبح جو اسيمبلي بعد اڌ ڪلاڪ شاگردن کي ڊرل ڪرائيندو هو. انڊور ۽ آئوٽ ڊوز راندين ۾ شاگردن کي طاق ڪري ڇڏيائين. والي بال، باسڪٽ بال، ڪرڪيٽ ۽ فٽ بال جون رانديون شام جي وقت باقاعده ٿينديون هيون. منهنجي هر هڪ تعليمي شعبي تي ذاتي نظرداري هوندي هئي ۽ منهنجي طرفان شاباس منهنجي رفيقن لاءِ ڪافي هوندي هئي. جنهن کي هو پنهنجي لاءِ ڪافي کان وڌيڪ انعام ۽ عيوضو سمجهندا هوا. مان وڏو خوش نصيب هوس جو مون کي اهڙا وفادار ۽ سرفروش ساٿي مليا هوا. لئبريءَ جي ناهه نوهه لاءِ مون کي وقتاً بوقتاً مسٽر سکيو خان چنه، مسٽر محمد يوسف ابڙي، سيد صالح محمد شاهه ۽ حاجي جان محمد ٻُلي جهڙا همراهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مليا. جن لئبرريءَ کي جدا جدا ڪبٽن ۾ ورهايو. تاريخ، جاگرافي، سائنس، ايڊيوڪيشن، ادبيات، نثر ۽ نظم المقصد ته هر هڪ تعليمي پهلوءَ جا ڪبٽ جدا جدا رکيا ويا. ڪتابن جي مفصل لسٽ، اشو بُڪ وغيره تيار ڪيا ويا. هڪ ننڍڙي لئبرري هئي، ليڪن ان جو انتظام وڏن ڪتب خانن جي خطوط تي ڪيو ويو.

سال جي پڙهائيءَ جو ڪم به باقاعده هلندو رهيو. وقتي مشاعره، موسيقيءَ جون محفلون، بزرگن جا ڏينهن ملهائڻ، اسپورٽس راندين جا شغل وغيره ٿيندا رهندا هوا. سخت ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ ان قسم جون تفريحون انسان کي ترو تازه بنائي ڇڏينديون هيون ۽ شاگردن کي ڪا به ٿڪاوٽ محسوس نه ٿيندي هئي. اسان جي خوشين ۾ روزبروز اضافو ٿيندو رهيو هڪ ڏينهن ٻئي ڏينهن کان وڌيڪ مسرت ۽ شادماني آڻيندو هو. مان پنهنجي ڪاميابيءَ تي ڏاڍو خوش هوس مگر چوندا آهن ته "تدبير کند بنده تقدير کند خنده" ناگهان ان نياڳي سال مون لاءِ هڪ جانڪاه دلخراش خبر آندي ته منهنجو نسبتي ڀاءُ (سالو) مسٽر بدرالدين کي حيدرآباد ۾ ڪنهن خبيث خنجر هڻي شهيد ڪري ڇڏيو. هن خبر وحشت اثر منهنجو جگر پاش پاش ڪري ڇڏيو. هو مرحوم منهنجي سهري ميان الاهي بخش جو هڪڙو ئي پٽ هو. پنهنجي پيرسن سس، سهري ۽ منهنجي اهليه محترمه جنهن کي اهو هڪڙو ئي ڀاءُ هو تن جي حالت زار ڏسي منهنجي پهلوءَ ۾ دل نه رهي. مگر الله جي امر اڳيان چا ٿو ڪري سگهجي.

باقضا نيست چاره' تدبير

بفعل الله ماشاءَ قدير

مُنيون پيڙي حيدرآباد پڳس، شهيد کي غسل اچي رهيوهو. هن واويلا ۾ منهنجي دل ذري گهٽ بيهڻ تي هئي قادر ذوالجلال کي ياد ڪيم سر سجدي ۾ جهڪايم، صبر کي سڏ ڪيم همٿ نه هاريم. مرحوم بدر الدين شهيد جي آخري سفر جون تياريون ٿيڻ لڳيون، ميت کي ڪنيو ويو. ڪانڌي ڪلها ڏيڻ هليا، انداهي قبر تيار هئي. جيڪي چار گز زمين جا ميت جي قسمت هوا تن ۾ سندس ميت لاٿو ويو. لٽ ۽ مٽي مٿاڻ ورائي ويئي.

ڇڏيندين ڪٿ، لٽيندين لٽ ايءُ هنئين سين لاءِ

شاهه زمان سان جاءِ، هرگز ڪنهن جي ناهه ڪا

ڏينهن تي ڏينهن گذرندا ويا، سيڪو چار لُڙڪ ڳاڙي هليو ويو، ۽ وڃي پنهنجي ڪاروبار سان لڳو. منهنجي سس ويچاريءَ کي جيڪي فاتح جا چار پئسا عزيز و اقارب کان مليا، سي سڀ منهنجي حوالي ڪيائين ته مرحوم تي هڪ موزيڪ جي شاندار قبر ٺهرايان. منهنجو سهرو جو پٽ جي فراق ۾ ميڻ وانگر ڳرڻ لڳو. اکين جو نور وڃائي وينو ۽ جلد ئي هن دارالفانيءَ کان انهيءَ غم ۾ موڪلائي ويو. تقريباً ٻارهن مهينن بعد مجوزه قبر جوڙايم ۽ ڪتبه جو سنگ مرمر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي مصلي تي مرحوم تي هي چار اکر لکيم:

قتل بے جرم گشت بدر الدين
لا جرم يافت او مقام شهيد
"بہ شهيدم عظيم" داد جواب
سال او چون فراز او پرسيد
۱۳۷۹هہ

هر ڪنهن کي هن جهان فانيءَ مان لڏڻو آهي ۽ آخرت ۾ گهر اڏڻو آهي صبر ۽ شڪر ڪانسواءِ انسان لاءِ ڪا واهہ ڪانهي، وڃڻي شيءِ وينئي اتان نہ موٽيو آهي ۽ نہ موٽندو.

اِنالله واِنا اِليه راجعون.

آخر اَن جو منهن جنڊ ڏانهن، مرحوم بدرالدين جي تدفين ۽ تڪفين تان ٿي سڪرنڊ ڏي موٽيس. سڀني اظهار همدردي ڪئي ۽ منهنجي زخمي جگر جي دلجوئيءَ لاءِ مهربانيون ڪيون.

منهنجي اصل کان عادت هئي تہ جتي بہ ويندو هوس تہ اتي جون ڪي نوٽ ڪرڻ جي لائق ڳالهيون ڳولي ڪڍندو هوس ۽ انهن تي پنهنجي وس ۽ لياقت آهر قلم فرسائي ڪندو هوس. چونڪ سڪرنڊ بہ هڪ تاريخي شهر هو لهاذا ان باري ۾ جيڪو احوال ملي سگهيو سو قلمبند ڪيم ۽ هڪ مضمون اخبار تعليم ۾ ڏنم. سڪرنڊ جي پرسان جا "شڪر ڍنڍ" آهي جنهن تان غالباً شهر کي سڪرنڊ جو نالو مليو آهي. ان جو بغور مطالعو ڪيم. هن ڍنڍ جي ڪناري تي سنڌ جي مير حڪمرانن جي وقت ۾ هڪ عاليشان بنگلو ٺهيل هوندو هو. جتي سنڌ جا حاڪم تفريح طبع لاءِ هر سال هڪ دفعو ايندا هوا ۽ ڪجهہ وقت اچي قيام ڪندا هوا. ڍنڍ جي اردگرد مير بحرن جا گهر هوا ۽ اجا بہ آهن. هتي تمام گهٽي انداز ۾ پبڻ، بهہ، لوڙهہ ۽ پُست جون ڏوڏيون ٿينديون هيون. جن تي مير بحرن جو گذران هو. ان کانسواءِ مڇي بہ تمام اعليٰ قسم جي ٿيندي هئي. مگر بئراج کانپوءِ هن ڍنڍ کي پاڻي ڏيڻ بند ڪيو ويو ۽ هاڻي ڍنڍ جي پيٽ ۾ ۽ ڪنارن سان فقط ربيع جو فصل ٿئي ٿو. جنهن ۾ ڪڻڪ، مٽر، چڻا، سرنهن، جانيو وغيره پلو ٿئي ٿو. سڪرنڊ کان نوابشاهہ جي رستي جي لب تي هڪ ميرن جي زماني جو قلعو آهي، جنهن کي "دليل ديرو" سڏين ٿا. هن قلعي جي اندر بہ ميربحرن جا گهر آهن ۽ انهن جو ئي تسلط آهي. بهرحال هتي تفصيل سان ذڪر ڪرڻ مناسب نٿو سمجهان. منهنجو لکيل مضمون ملاحظ لاءِ ڪافي آهي.

هن سال جي شروعات ئي مٿي ذڪر ڪيل دکدائڪ واقعي سان ٿي. اهڙي تہ نحوست منهن ڪڍيو جو سرڪاري ملازمن جي هر محڪمي ۾ اسڪريننگ ٿي. اسان جو پوتار جنهن کي "بچہ سقہ" واري چند روز ڊائريڪٽر جي ڪرسي ملي وئي هئي، سو نہ مڙيو. ڪينو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل ۾ رکندو آيو ۽ سڄي سنڌ جي تعليم کاتي مان فقط منهنجو نالو ون يونٽ حڪام ڏي موڪليائين ته نااهل آهي ڪيس جبري رٽائر ڪرايو وڃي. هيءَ سوال منهنجي روزگار جو هو. ٻچڙا پڙهي رهيا هوا نه هٽ هوم نه دڪان نه زمين هوم ۽ نه واپار. جڏهن حقيقت حال معلوم ٿي تڏهن آخر ته پهلوءَ ۾ گوشت جي دل هئي. فڪر دامنگير ٿيو مگر الله کي ياد ڪيم. لاهور ۾ سڏ ٿيو ته اچي سبب ڏي. حاجي جان محمد صلاح ڏني ته ترهو نه ٻڌجي ۽ توڪل نه ڪجي! ڪنهن شاعر چيو آهي ته:

گر توکل مي کني دو کار کن
کسب کن پس تکيه برجبار کن

هلو ته مولانا حماد الله جي خدمت ۾ دعا لاءِ هلون. آءٌ ساڻس گڏجي سندس ڳوٺ کوٽ بل ۾ رات وڃي رهيس ۽ ٻئي صبح جو پنهي عاقل ڪان مولانا جن جي خدمت ۾ وياسين. بزرگ مسجد شريف ۾ وينا هوا. "العصر جو تفسير ڪيائون. سراپا گوش ٿي ٻڌم دعا بعد حاجي جان محمد بزرگ کي عرض ڪيو ته "هيءَ منهنجو مهربان آفيسر آهي. نهايت نيڪ آهي. ڪجهه مشڪلات درپيش اٿس". مون به ڪين مخاطب ٿي عرض ڪيو ته "سائين منهنجو هڪ آفيسر آهي، جنهن ڪن غلط فهمين جي بنا تي مون تي رپورٽ ڪئي آهي ته هن کي ملازمت کان رخصت ڏني وڃي. مون کي هن سلسلي ۾ لاهور گهرايو ويو آهي. روزگار جو سوال آهي. دعا فرمايو ته الله تبارڪ تعالىٰ مشڪل آسان ڪري. پاڻ دستِ دعا دراز ڪيائون ۽ فرمايائون ته الله تبارڪ و تعالىٰ مشڪل آسان ڪندو.

مون تي تهمتون اهي هيون ته (١) مان چيڙاڪ طبع آهيان (٢) عوام ۾ مقبول نه آهيان. جو انهن سان نهي نتو هلان. جواب لکيم لاهور ڪٽي ويس. مسٽر مسعود جو ڪجهه وقت اڳ انقلاب وقت ١٩٤٧ع ۾ نواب شاهه جو ڪليڪٽر هو. جو چوندا آهن ته سڪن کي خوب سيڪت ڏني هوائين. ان وقت لاهور ۾ هو ۽ اسان کي پنهنجو سبب ان کي پيش ڪرٽو هو. صاحب موصوف سبب مون کان وٺي رسيد ڏني ۽ خدا حافظ چيائين ۽ مدت ڏهن ڏينهن جي بعد اسڪريننگ ڪاميٽي اڳيان پيش ٿيڻ لاءِ تاريخ ملي. ڊاڪٽر غلام حسين جعفري صاحب وٽ نيڊوز ۾ وڃي مهمان ٿيس ۽ چيم ته "مان نه مان مين تيرا مهمان" موصوف منهنجي گهٽي مرحبا ڪئي ۽ حال احوال وٺي گهٽو ڏک ٿيس. جڏهن ٻڌائين ته ساري سنڌ مان فقط مان نااهل قرار ڏنو ويو آهيان. پوتار جي اصليت ڪهڙي بيان ڪريان، برزبان فردوسي فقط ايترو چوندس ته:

ز شير شتر خوردن سوسمار
عرب رابجائے رسيده دست کار
که تختِ کيان را کند آرزو
تفو بر تو اے چرخ گردان تفو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيني صلاح ڏني ته ڏهن ڏينهن ۾ تنهنجو سنڌ موٽي وڃڻ ۽ واپس اچڻ مناسب نٿو لڳي. تنهن ڪري ترسي پئو. اڳو پوءِ ڪم پورو ڪري واپس وڃج. عيد رمضان شريف هنن ڏينهن ۾ اچڻي هئي. عيد يارن سان ڪيم. عيد نماز شاهي مسجد ۾ ادا ڪيم. عيد جي ٽئين ڏينهن اسڪريننگ ڪميٽيءَ جي اڳيان ايڊيوڪيشن سيڪريٽريٽ ۾ پيش ٿيس. مون کي پنهنجو ڪانفيڊينشل رڪارڊ ڏنو ويو ۽ اهو چيو ويو ته ان رڪارڊ جي روشنيءَ ۾ جيڪڏهن ڏنل جواب کان وڌيڪ توهان کي ڪجهه چوڻو هجي ته چئي سگهو ٿا. مون رڪارڊ جو بغور مطالعو ڪيو ۽ نوٽ ورتم جن تي مون کي وڌيڪ ڳالهائڻو هو. سيني رمارڪن ۾ منهنجي ايمانداري ۽ هوشياريءَ بابت هر هڪ آفيسر جا بهترين ريمارڪ هوا. فقط ٻه ريمارڪ هڪ مسٽر نور احمد ميمڻ جو هو، جنهن مون کي "پيوش" يعني چيڙاڪ لکيو هو ۽ ٻيو مسٽر الهه بخش نظاماڻيءَ ڏنو هو ته "آن پاپولر وٿ پبلڪ" يعني عوام ۾ نامقبول آهي. اهي هوا ٻه رمارڪ جن تي مون کي گرفت ٿي رهي هئي. آخر ڪميٽيءَ ۾ پيش ٿيس. ڪميٽيءَ جو چيئرمين مسٽر شريف هو ۽ هڪ مسٽر ذوالفقار سيڪريٽري، هڪ مارشل لا جي نفاذ ڪري فوجي آفيسر ۽ هڪ مسٽر مسعود هوا. مون کان پڇيو ويو ته اوهان پنهنجو رڪارڊ پڙهيو آهي. مون وراڻيو ته هائو سائين. شريف صاحب پڇيو ته مسٽر نور احمد اوهان کي چيڙاڪ سڏيو آهي. مون وراڻيو ته هائو سائين هن کان اڳ وڏن آفيسرن علامه دائودپوٽو، عثمان علي انصاري ۽ ٻين مون کي نهايت "سوبر" يعني طبع سليم جو حامل سڏيو آهي. مسٽر نور احمد جو رڪارڊ ملاحظ ڪيو وڃي ته ڪيس ڇا ڇا ريمارڪ مليل آهن. وري پڇيائين ته مسٽر نظاماڻي اوهان کي عوام ۾ نا مقبول سڏيو آهي. هتي مون خيال ڪيو ته "نچڻ لڳي ته گهونگهٽ ڪهڙا" مون مسٽر نظاماڻيءَ جي جنم پتري ڪڍي ظاهر ڪئي. مگر نهايت سنجيدگيءَ سان. اتي اوچتو مسٽر ذوالفقار پڙڪو ڪاڍو ته هيءَ آفيسر متان اهو آهي جنهن هڪ ڪتاب لکيو آهي جنهن ۾ پنجابين کي خراب سڏيو ويو آهي." مون هڪدم اهو ڪتاب "سنڌي سباجهڙا" پنهنجي کيسي مان ڪڍيو جو آءٌ پاڻ سان احتياطاً کڻي ويو هوس. مبادا اها ڳالهه سامهون اچي. عرض ڪيم ته هيءُ اهو ڪتاب آهي جنهن تي اڳيئي انڪوائري هلي چڪي آهي ۽ مان هر تهمت کان بري ڪيو ويو آهيان. جيڪڏهن هن ڪتاب ۾ اهي لفظ جي غلط فهميءَ ڪان مون ڏي منسوب ڪيا وڃن ٿا، انهن مان هڪ لفظ به مون کي ڏيکاريو وڃي ته مان هن وقت استعيفا پيش ڪرڻ لاءِ حاضر آهيان. مسٽر شريف پڇيو ته هن ڪتاب جو نالو ڇا آهي؟ مون چيو ته "سنڌي سباجهڙا" پڇيائون ته "سباجڙا" جي معنيٰ ڇا آهي؟ مون جواب ڏنو ته "رحمدل" چيائون ته بس ڪجهه وڌيڪ ٻه چوڻو؟ مون چيو ته "نه سائين" السلام عليڪم چئي ٻاهر آيس.

مسٽر جعفري ۽ مسٽر الهڏنه بلوچ منهنجو شديد انتظار ڪري رهيا هوا. ان وقت مسٽر

ڪريمڏنو راڄپر بہ هنن وٽ نيڊوز ۾ مهمان هو. هو صاحب بہ منهنجو قديم دوست هو. جو پڻ ساڳيءَ طرح منهنجو انتظار ڪري رهيو هو. آءٌ مونٽي آيس تہ هو مون کي نهايت انتظار سان مليا ۽ خبرون چارون ورتائون. مون کين الف کان وٺي ي تائين حرف بہ حرف حال احوال ڏنو. هنن کي بي ڳالهہ جو گهٽ باقي سنڌي سڀاجهڙا بابت ٿيل گفتگو جو گهڻو فڪر ٿيو مون کي ٻڌايو ويو تہ مسٽر شريف سيڪريٽري کي اسان جي پوٽار گهڻو ڪجهہ پري چڙيو آهي ۽ ٻڌڻ ۾ اچي ٿو تہ مون کي رٽائر ڪرائڻ جو هن کي پڪو ارادو آهي ڇو تہ پوٽار وٽس جنسي رنو آهي ۽ ڪيس خاطري ڏياري ويئي آهي تہ عرساڻي وڏيڪ ڪاٽي ۾ نہ رهندو. مون چيو تہ هن هڪ انسان وٽ رنو آهي ۽ مون خدا جي ذات ولا صفات وٽ پاڏايو آهي. مارڻ واري کان بچائڻ وارو ويجهو آهي. ظلم قائم آهي ظالم قائم نہ آهي. ڪو بہ فڪر نہ ڪريو "هرچہ آيد برسبر من يا نصيب" رزق ۽ روزي رسان خدائي عزوجل آهي. اعضا سالم آهن جڏو ڪين آهيان. زور قلم ڏنو اٿس. چار ڪتاب پيو لکندس تہ بہ چڱو روزگار پيو ملندو.

رو مشرق رو مغرب رو رو

هرچہ نصيب است از آن کم نشود جو

منهنجو عزم ۽ استقلال ڏسي مسٽر راڄپر چيو تہ انشاءَ العزيز توهان کي لهر نہ لوڏو. منجهند جي مانيءَ جو وقت هو، ماني ميز تي آئي، بک بہ بي حال ڪيو هو. ڪائي رڄ ڪيوسين. ميز تي انب جو مربو آندو ويو جو مسٽر الهڏنہ بلوچ ڳوٺان خيرپور کان سنگت لاءِ آندو هو. ڪجهہ وقت رکڻ ڪري ائسبڊ ڪري ويو هو. تنهن ڪري ڊاڪٽر جعفري ۽ ٻين کائڻ جي نہ ٿي ڪئي. بلوچ صاحب جو ضد هو تہ ائسبڊ ڪا نہ آهي. اوهان کي وهم آهي آخر هنن پاڻ ۾ طئي ڪيو تہ ڪير بہ نہ ڪچي عرساڻيءَ کي کارايون ٿا ڏسجي تہ هو ڇا ٿو بولي. سيني مون تي زور پرڻ لڳا تہ مربي کي نٽا وچڙو. بلوچ صاحب مربو آندو آهي، کائو سواد وٺو وغيره. مان بلڪل سمجهي نہ سگهيس تہ پاڻ تہ نہ ٿا کائين ۽ مون کي زور پيا پرين.

" ڪچھ دال ميں کالا ضرور هے " مربو کاڏمر ائسبڊ زور وٺي ويئي هئي. ڏانهن ڪيم تہ بيلي مربو تہ عاليشان آهي پر ائسبڊ ڪري ويو آهي. منهنجو اين چوڻ ۽ سيني ٽهڪ ڏيئي وٺي کليا ۽ بلوچ کي ويڙهي ويا. ان بعد سموري حقيقت مون کي ٻڌائي ويئي. بلوچ صاحب تسليم ڪيو ۽ مربو ضايع ٿي ويو.

آخر انهيءَ رات ئي مون واپسيءَ جي تياري ڪئي ۽ اچي سڪرنڊ پهتس ۽ بعد ۾ ڳوٺ حيدرآباد آيس. منهنجو انتظار هر هنڌ ڪيدي رهيا هوا. دوستن احبابن حال احوال پڇيا. کين ٻڌايم. متفڪر ٿيا. مون سيني کي چيو تہ پريشانيءَ لاءِ سبب ڪونهي، خدا سڀ خير ڪندو. جلد ئي اخبارن ۾ لسٽون اچڻ لڳيون تہ فلاڻا رشوت ۾، فلاڻا نااهليءَ ۾. فلاڻا هن تهمت ۾ ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فلاڻا هن تهمت ۾ موقوف يا رٽائر ڪرايا وڃن ٿا. منهنجي نالي لاءِ منهنجا بدانديش ڪالم ڏسندا رهيا. اردو، انگريزي، سنڌي اخبارون بلاناغه پڙهندا رهيا. مگر اهو سلسلو هلي هلي ختم ٿيو ۽ منهنجو نالو نہ آيو. نهايت مايوس ۽ شرمندا ٿيا. مون ڪي الله تبارڪ و تعالیٰ پنهنجي ڪرم ۽ بزرگ حماد الله مرحوم جي دعائن طفيل پناهہ ڏني ۽ ڏنل روزي قائم رکي."بندي جي من ۾ هڪڙي صاحب من ۾ ٻي"

پوتار منهنجي ڪڍائڻ جي سر توڙ ڪوشش ۾ هو تہ ناگهان شريف صاحب سنڌس پشت پناهہ بہ سيڪريٽريءَ جي عهدي کان سبڪدوش ٿي ويو ۽ ڊاڪٽر جعفري بہ سنڌ جو ڊائريڪٽر تعليم ٿيو ۽ پوتار جي حڪومت پوري ٿي وئي.

❑

باب پنجتيهون

ڊائريڪٽوريٽ جو دور

چوندا آهن ته تقدير جي محل جو معمار خود بشر آهي. اهو ته بلڪل صحيح آهي مگر قسمت به ڪا طاقت آهي. جا انسان جي ڪمن ۾ پس پرده ڪم ڪندي رهي ۽ هر انساني عمل تي اثرانداز آهي. ڪنهن شاعر فرمايو آهي ته :

دو پهول شاخ پهولے قسمت جدا جدا هے
اک رها نوشه کے سر پر اک قبر پر چڑها هے
پيدا هوئے دو موتی صدف مين
اک پس رها کهرل مين اک تاج ميں جڑها هے

منهنجي قسمت به اهڙي هوندي هئي جو جيڏانهن به مون کي موڪليو ويندو هو اتي جون حالتون بگڙيل هونديون هيون ۽ مون کي پنهنجو هوش گوش لڳائي انهن کي ناهڻ لاءِ پنهنجو رت پت ڏيڻو پوندو هو. ميرپورخاص ۾ مون کي جڏهن گزيٽيڊ پوسٽ ملي ته تقسيم هند جو انقلاب آيو. آفيس جا ڪلارڪ جي هڪ ڪانسواءِ سڀ هندو هوا، سڀ ڇڏي ويا. نن مهينن جا پگهار ماسترن کي نه مليا هوا. دل نه هاريم. آفيس جي هڪ روم ۾ گلمر وڇائي تپيدارن جي جمع بندي وارو نظام قائم ڪيم ۽ گوڏا ٻيڪڙي پراڻا بل ڪڍي انهن کي يڪ نظر ڏسي بل ناهڻ لڳس ۽ ماسترن جي مصيبت دور ڪيم. ڪن نئو وارد مهاجرن ڇوڪرن کي ڀرتيءَ ڪرايم. محمد امين صديقي، محمد يامين، غلام حسين ۽ محمد شفيع ٽائيپسٽ مقرر ڪري منظوري ورتم. هو ويچارا مهاجر فارم سڀ سنڌي، تازو هاءِ اسڪول امتحان پاس ڪيل، ڇا ڄاڻن ڇا ڪن. ليڪن منجهن فرمانبرداري ۽ ڪم ڪرڻ جو روح ڦوڪيم. ڪم از ڪم ڪاپي ڪري ڏيندا هوا. ڪين ڇڱي سکيا ڏنم هو مون تان قربان پيا ويندا هوا. خصوصاً منهنجي همدردي ۽ محبت ڏسي هو مون کي پنهنجو وڏو تصور ڪندا هوا. اڄ انهن مان ڀريان ٽي سينئر سپرنٽينڊنٽ آهن ۽ چوٿون نوڪري ڇڏي ڪنهن ٻيءَ ملازمت ۾ وڃي مشغول ٿيو. ڏينهن رات مهاجرن جي آبادڪاريءَ جو مسئلو پيش آيو. اسٽيشن ميرپورخاص تي ڇانورن جون ديڳيون ۽ پڪل نان کڻيو ساري رات پليٽ فارم تي پنهنجي رفيقن سان گڏ پيو هوندو هوس. گاڏين جو ٽائيم نه هو. اوچتوئي اوچتو ڪنهن وقت ڪا وقت گاڏي ڪوڪرا پار ڪان ايندي هئي

۽ دمر بخود مهاجر ويچارا اچي سهڙندا هوا، جن کي ماني ٽڪي ڪارائي پوءِ ساهه پٽيندا هواسين. نار نول واري قتل عام واري ٽرين جڏهن ميرپور رات جو ٻي ٻجي ڏاري آئي تڏهن ڪن جا عضوا پيل هوا. ڪي لاش هوا ۽ ڪي ويچارا اڌ منا دردناڪ حالت ۾ ڏٺا ويا. نعوذ باالله من شرذالڪ. اهڙو سمون شل خداوند ڪريم دشمنن کي به نه ڏيکاري. بهرحال انهن حالات مان چڙهي پار پياسين. ملازمتن لاءِ مهاجر ماسٽر مون وٽ آيا. خالي ٽيل اسڪول ڪولي انهن کي ماستري تي مقرر ڪيم. حڪومت جي اهڙي اجازت مليل هئي ته في الحال هنن کي روزگار ڏنو وڃي. سند يا سرٽيفڪيٽ پوءِ ڏٺا ويندا. خير.

ساڳيءَ طرح لاڙڪاڻي ۾ به هڪ هنگامي ڪانپوءِ مون کي موڪليو ويو جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. سخت اسٽرائيڪون هيون. استاد سڀ عزت جي خوف کان موڪلون وٺي ڀڄي ويا هوا. مگر اتي به الله تبارڪ و تعاليٰ ڪاميابي ڏني.

سکرنڌ ۾ ٿلهن هٿن تي وڃي ٻيٺو هوس مگر محنت ۽ جفاڪشيءَ سان ان کي به گلزار بنائي ڇڏيم.

ڊائريڪٽوريٽ ۾ آيس ته هڪ نئون ڊپارٽمينٽ بنائڻو پيو. ورنيڪيولر فائينل امتحان جنهن کي پي ايس ايل سي يعني پرائمري اسڪول ليونگ سرٽيفڪيٽ چيو ويندو هو، ان کي لاهور وارا بند ڪرڻ تي هوا. هنن کي سڀ اهي ڳالهيون سنڌ جي مٿان مسلط ڪرڻيون هيون، جي لاهور ۾ هيون. اسان وٽ ۴ درجا پرائمري جا هوا. ست درجا سيڪنڊريءَ جا هوا، اهي سڀ مٿائي پهرنين ڪلاس کان ڏهين ڪلاس تائين نئون دستور آڻڻو هو. مڊل اسٽنڊرڊ امتحان جو انين ڪلاس مان رائج ڪرڻ لاءِ نوان قوانين جوڙڻا هوا. لازمي تعليم جا لاهور ۾ نه هئي پر اسان وٽ سنڌ ۾ هئي اها لاهور سان لاڳيو ڪرڻ جا منصوبا رٿيا ويا. هنن ڪمن لاءِ مان رجسٽرار جي حيثيت ۾ هر دفعي لاهور ۾ ٽينڊرڊ ميٽنگن ۾ موڪليو ويندو هوس. بسا اوقات آءٌ مسٽر واحد بخش شيخ کي پنهنجي معيت ۾ وٺي وڃڻ لاءِ ڊائريڪٽر کان گهر ڪندو هوس. پوءِ اسان ٻئي ڄڻا ۽ نيون شاڪر رضوي گڏجي لاهور جو سفر ڪندا هواسين ۽ ميٽنگن ۾ سنڌ جي ڄڱي نمائندگي ڪندا هواسين. بهرحال چيو اٿن ته:

جيڪو پنهنجي مدد ڪري ٿو پاڻ
تو ڏئي پڻ ڪري مدد ان سان

الله تبارڪ و تعاليٰ تيستائين ڪنهن جي مدد نٿو ڪري جيستائين هو پنهنجي مدد پاڻ نٿو ڪري.

خدا نے آج تک اس قوم کی حالت نهين بدلی
نہ ہو جن کو خيال آپ اپنی حالت بدلنے کا

ڊائريڪٽوريٽ ۾ به پراڻو رڪارڊ سال سال جو ۽ امتحان امتحان جو الڳ دستين ۾ ٻڌي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باترتيب گهوڙين تي رکيو ويو ۽ برانچ کي رجسٽرار امتحانات جو پورو شان بخشيم ۽ سيڪو واهه واهه چوڻ لڳو. حافظ محمد صادق ڊپٽي ڊائريڪٽر هو ۽ هن مون سان پورو تعاون ڪيو ۽ هر ڪا مدد فوري ڏيندو هو. مسٽر غلام مصطفيٰ شاهه ڊائريڪٽر تي تشريف فرما ٿيو. هن صاحب حافظ کي پنهنجي اعتماد ۾ ورتو. اسان سندس سرويچ ۾ خدمتون ڪيون ۽ کيس هڪ ڪامياب ۽ ناماياب ڊائريڪٽر بنايو. اسان مان خوش هو ۽ اسين هن مان راضي هواسين.

ڪجهه وقت بعد مسٽر بشير شيخ کي جنهن کي عام طرح بي ڪي شيخ چوندا هوا ۽ هو هڪ سنڌي ڊوميسائل پنجابي هو سو ڪوشش ڪري ڊئريڪٽر تي آيو. موصوف مون سان سنڌ مدرسه ۾ پاڻ ۽ سندس پاءُ شيخ رحمة الله گڏ پڙهيا هوا ۽ سندن مون سان سٺا تعلقات هوا. اميد هيم ته مسٽر شيخ به مون سان چڱو سلوڪ ڪندو ليڪن منهنجو خيال غلط نڪتو:

ماز ياران چشم داري داشتيم
خود غلط بود آنچه ما پنداشتيم

مسٽر بي ڪي شيخ کي ڪا شاهه صاحب سان ازلي عداوت هئي. جڏهن کيس معلوم ٿيو ته اسين يعني مان، مسٽر حافظ ۽ غلام اصغر شاهه صاحب جا معتمد آفيسر هواسين، تڏهن بنا ڪنهن سوچ ويچار جي اسان سان بدترين دشمني وڌي. ڪجهه وقت سندس ڪڌاين جو چرچو رهيو. اسين سندس ارڏايون صبر سان برداشت ڪندا رهياسين. هڪ دفعي مون کي چيائين ته اوهان ٽيني چٽا مسٽر غلام اصغر وٽ گڏ ٿي منهنجون گلائون ٿا ڪريو. منهنجي سي آءِ ڊي مون کي سڀ خبر پهچائي ٿي. اهڙي باراٿي ڳالهه سندس زبان مان ٻڌي مون ڪلي ڏنو ۽ چيومانس ته اوهان جي سي. آءِ. ڊي ڪا نامراد آهي. گلا ڪرڻ اسان جي ڪتي جو وڙ به نه آهي. اوهان پلي جيئن وڻيو تيئن سمجهو. جلد ئي منهنجي ڊئريڪٽوريٽ مان بدلي ڪيائين ۽ مون کي ميرپور بٺوري ٽريننگ اسڪول جي هيڊ ماستريءَ تي مقرر ڪيائين، آرڊر ٽائپ ٿيا صحيح ڪيائين باقي روانگي نمبر لڳڻو هو. ته کيس ٻڌايو ويو ته منهنجي بدلي رجسٽراريءَ تي ڊي. پي. آءِ لاهور سڌي ڪئي آهي، انڪري ان جو اپرووَل وٺڻ يعني اجازت وٺڻ کان سواءِ ڊئريڪٽر منهنجي بدليءَ جو حق نه ٿو رکي. ان ڪري اهو آرڊر ڦاڙيو ويو. مسٽر حافظ تي پنهنجي چاڙتن کان هڪ گمر نام درخواست ڪرائي. رمارڪ گهريائين. هن کيس اهڙو ته دندان شڪن جواب ڏنو جو ٽپ ئي ٽري ويس. چوندا آهن ته "سچ جنين جو سير. تير نه گسي تن جو" اسان جي صبر هٽي هنڌ ڪيو. اجا چند مهنا گذريا ته مٿس رشتوتن، رساين ۽ بداخلاقين جي باري ۾ هڪ طوفان ڪڙو ٿي ويو. انٽيٰ ڪرپشن وٽ پڪارون پهتيون. انڪواري ٿي. جهڙي ڪرٽي تهڙي پرٽي ڪنهن ساڌوءَ فرمايو آهي ته:

يہ ڪلجگ نہيں ڪرجگ ہے
اس ہاتھ دے اُس ہاتھ لے

موصوف پنهنجي بچاءَ لاءِ گهڻي ڊوڙ ڊڪ ڪئي مگر سندس بدلي ڪراچيءَ ڪئي وئي ۽ شاهه صاحب وري موٽي آيو. شيخ صاحب چارج ڇڏي ڊئريڪٽوريٽ جي چور دروازي کان بنا موڪلائي جي اڻين هليو ويو. جو ڪنهن کي خبر ئي نہ رهي. ڪراچيءَ ۾ اجا سال ئي مس رهيو تہ سائس شاگردن اهو ڪجهه ڪيو سو دنيا ڏسي رهي ۽ ڪيس رٽائر ڪرڻو پيو. خدا وٽ دير آهي ليڪن انڌير نہ آهي. هيءُ سڀ ڪجهه قدرت پاڻهي پئي ڪيو ۽ اسين قدرت جا عجائب ڏسي دنگ رهجي وياسين. ڪنهن کي تہ ڊگهو رسو ڏئي ٿو ۽ ڪنهن کي اتي جو اتي پڪڙ ڪري ٿو. هر ڳالهہ ۾ سندس حڪمت آهي، جا بي خبر انسان کان بلڪل پوشيده رکي وئي آهي. جو انسان بين لاءِ کڏ کوٽيندو سو ضرور ان کڏ ۾ پاڻ ڪرندو. روميءَ فرمايو آهي تہ:

تو مشو مغرور برحلم، خدا
دير گيرد سخت گيرد مر ترا

منهنجي عمر جا ٥٥ سال ١٩٦١ع جي سيپٽمبر مهيني ۾ پورا ٿيا. مان رٽائر ڪرڻ لاءِ بلڪل تيار هوس. اوچتا آرڊر نڪتا تہ رٽائرمينٽ جو عرصو وڌائي سٺ سال ڪيو وڃي ۽ هرهڪ ملازم جنهن ٥٥ ورهيہ پورا ڪيا آهن سو ميڊيڪل بورڊ اڳيان پيش ٿئي. مان ۽ مسٽر حافظ بئي ميڊيڪل بورڊ اڳيان پيش ٿياسين. ڪرنل نجيب سول سرجن هو. اسان جو طبي معائنہ اهڙو ٿيو جو ڏيڍ سؤ روپيہ خرچ ڪجن ها تہ بہ نہ ٿي سگهي ها. خدا جو شڪر ڪيوسين جڏهن اسان کي تہ بلڪل فٽ قرار ڏنو ويو ۽ اسان کي سٺ سالن تائين هلايو ويو. ١٩٦٣ع کان وٺي ١٩٦٦ع جي ڊسمبر تائين ڊئريڪٽوريٽ ۾ رهيس. شاهه صاحب پويان بہ سال اسسٽنٽ ڊئريڪٽر اسٽيبلشمينٽ جي چارج ڏياري. سندس ٽپال آءٌ کوليندو هوس ۽ روبرو گذارش ڪندو هوس ڪجهه وقت وچ ۾ مسٽر سي. ايم. صادق ڊئريڪٽر ٿي آيو. مسٽر رحيم بخش ميمڻ جو انسپيڪٽر آف اسڪولس هو سو نيپا ٽريننگ تي ويو. مان سڀني کان سينئر هوس. ان ڪري هن مون کي انسپيڪٽر جي چارج ڏياري. مسٽر رحيم بخش لاهور مان مون کي مبارڪباد جو خط لکيو، جنهن ۾ لکيائين تہ آءٌ ڏاڍو خوش ٿيو آهيان جو اوهان کي چارج ملي آهي. خط مون وٽ اڄ بہ موجود آهي. چوندا آهن تہ ”گفتن وکردن فرق دارد“ منهنجي حيرت جي حد نہ رهي جو هن مون تي ڪم از ڪم ڊزن درخواستون ڪرايون تہ مون تي انڪواري ٿيل آهي. مان خطرناڪ ماڻهو آهيان. منهنجي طبيعت وير وٺو آهي. غريبن کي ستائيندس ۽ وڏا نقصان ڪندس. خود مسٽر چوڌري محمد صادق کي گمنام عريضون ڪرايون وينون تہ هن مون کان ٥٠٠٠ هزار روپيہ وٺي مون کي چارج ڏياري آهي.

صادق صاحب مون کي گهرايو ۽ سارو احوال ٻڌايائين. مون کيس عرض ڪيو ته مون کي ڊبل چارج آهي ۽ ڊئريڪٽوريٽ ۾ به ڪم ڪريان ٿو ۽ انسپيڪٽر جي آفيس ۾ به ڳهندو رهان ٿو. اوهان صاحب پلي ڪنهن ٻئي کي چارج ڏياريو. ته اوهان جهڙن شريف آفيسرن تان ذهني بوجو لهي پوي. مسٽر غلام اصغر مون کان پوءِ سينئر آهي، ان کي ئي پنهنجي عهدي سان گڏ اها چارج به سپرد ڪريو. ٻن مهينن جو عرصو گذري چڪو آهي، باقي مهيني کن بعد درخواست ڪرائينڊڙ اچي ويندو ۽ سارو طوفان بدتميزي ختم ٿي ويندو. موصوف مشورو قبول ڪيو ۽ آرڊر ٿيا. صادق صاحب حيدرآباد ۾ خوش نه هو ڪوشش ڪري لاهور ويو ۽ شاهه صاحب آيو. صادق صاحب شيخ بشير جي وڃڻ بعد ٿوري عرصي لاءِ اچي خال پريو جيستائين شاهه صاحب دوباره تشريف فرما ٿيو. مسٽر رحيم بخش ميمڻ صاحب جي به پڇاڙي سرهي نه ٿي ۽ هن اوج تي پهچي يعني ڊئريڪٽر ٿي اهڙو ته ڌڪو کاڌو جو کيس زندگي ڀر نه وسرندو. کيس اسڪريننگ ۾ رشوت خوريءَ جي الزام ۾ زوري رٽائر ڪرايو ويو. سندس اهو سانحو بهرحال منهنجي رٽائر ڪرڻ کان پوءِ ٿيو. الله جي ذات غيور آهي. ڪنهن غريب جي ناحق دل آزاري ڪرڻ هرگز چڱي ڳالهه نه آهي. انسان پٽ وراڻي ڪانه ڏئي آهي ته آخر منهنجو حشر ڇا ٿيڻو آهي.

مسٽر نور احمد ميمڻ ڪجهه وقت ڊئريڪٽر رهيو. مسٽر نظاماڻي ڪافي وقت اها ڪرسي ماڻي. شيخ بشير به ائين ئي سمجهيو ته اها ڪرسي کيس هميشه لاءِ نيبهه هوندي. ويا ته ڪنهن چانهه ڪوپ جي آڄ ڪانه ڪين. هن فقير پر تقصير جڏهن اسسٽنٽ ڊئريڪٽر جي عهدي تان ١٩٦٦ع ۾ رٽائر ڪيو. تڏهن ٻڌو ته ڇا ٿيو: مٺيان صاحب ته سپ ڊئريڪٽر هوا مان ته فقط ڪلاس نو ۾ هڪ اسسٽنٽ هوس. شاهه صاحب منهنجي فيئر ويل پارٽي يعني موڪلائيءَ جي دعوت جو وڏو اهتمام ڪيو. رنز هوٽل حيدرآباد ۾ تعليم کاتي جا سپ گزيٽيڊ آفيسر ۽ آفيس سپرنٽينڊنٽ گڏ ٿيا. پرتڪلف دعوت منعقد ٿي. تقريرون ٿيون منهنجي نهايت عزت افزائي ٿي. مون کي خوشيءَ کان اکين ۾ پاڻي تري آيو. شڪر ادائيءَ ۾ مختصر جوابي تقرير ڪيم ۽ اجازت ورتم ته شاهه صاحب جي دوباره اچڻ تي مون چند نظم تيار ڪيا هوا. جن جي پڙهڻ جو مون کي ڪوبه موقعو نصيب نه ٿيو جيڪڏهن اجازت ملي ته اڄ هن مبارڪ مجلس ۾ پڙهي ٻڌايان. مسز شيخ، مسز شمس عباسي، ڊاڪٽر رضوي جي منهنجي پرسان ويٺل هوا، تن ۽ ٻين به آواز بلند چيو ته "ضرور ضرور" مون اهي نظم پڙهيا. هڪ اردو شعر لکيو هو ۽ هڪ سنڌيءَ ۾ ڇاڪاڻ ته اردو دان آفيسر به ڪافي تعداد ۾ آيا هوا.

عزت ۽ ذلت الله تبارڪ و تعالىٰ جي ڊست قدرت ۾ آهي جنهن کي چاهي عزت بخشي جنهن کي گهري ذليل ڪري. قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي ته "و تعز من تشاءَ و تذل من تشاءَ

www.sindhsalamat.com	books.sindhsalamat.com

بيدڪ الخير انڪ عليٰ ڪل شيءِ قدير" خداءِ لايزال جي اپار احسانن تان وار وار صدقي ٿيان. هن پنهنجي حقير ٻانهي کي جا عزت بخشيائين ان جو هن ڪان اڳ تعليم کاتي ۾ مثال ئي ڪونه ٿو ملي. بهرحال خير و خوبيءَ سان ملازمت جو ڪٺن سفر پورو ڪري سوين مشڪلاتن مان پار پئجي کاتي کان موڪلايم. شڪراني جا ٻه نفل پڙهيم. نوڪريءَ جي ايڪٽيهه سال زندگيءَ جو اجهاڳڻ سمنڊ جهاڳي پار پيس. نهايت عزت آبروءَ سان اڄ بفضل خدا استادن جي حلقن ۾ جتي ٻه منهنجو نالو ايندو اتي عزت ۽ محبت سان ياد ڪيو ويندو آهيان. هن کان وڌيڪ قدرت جي طرفان مون تي ٻيو ڪهڙو انعام ٿيندو. تعليم ۽ نوڪريءَ جو مختصر ذڪر ڪري اچي پار پيو آهيان. جنهن جي پڪ نه هيم جو سخت عليل گذاريان ٿو ۽ نظر بلڪل ڪانه اٿم. سيڪجهه پنهنجي حافظي مان ائين ئي لکندو رهان ٿو مگر پڙهي نه ٿو سگهان. جو هنن چند سٽن کي سنواري يا سڌاري سگهان. بهرحال منهنجا مهربان منهنجون تحريري غلطيون منهنجو حال ڏسي مون کي اميد ته معاف ڪري ڇڏيندا.

مان اڳي جيترو ئي سخت جان هوس ۽ منهنجي پهلو همت سان ڀرپور هئي ۽ صدمن جي سهڻ جي ڪافي قوت هيم سو هاڻي خصوصاً منهنجي اهليه جي آخري موت خدا ڄاڻي مون تي ڇو اهڙو گهرو اثر ڪيو جو اڳ جيترو قوي هوس اوترو بلڪ ان کان ٻه وڌيڪ ضعيف ٿي ويو آهيان. مون کي پراڻا آشنا اڄ ڏسن ٿا ته سڃاڻي به نه ٿا سگهن ته مان ڪو اهو عرساڻي محمد اسماعيل آهيان جنهن کي اڳي ڏٺو هوائون. ١٩٦٦ع ۾ رٽائر ڪيم ته ٿوري وقت بعد سيد غلام مصطفيٰ شاهه سان ملاقات ٿي ۽ مون کي ڏسي چيائين ته عرساڻي تو ۾ ته رٽائر ڪرڻ بعد تازو خون اچي ويو آهي توکي ٿو ڏسان ته مان ڀانيان ته آءٌ ٻه ڪٿي رٽائر ڪريان. انهيءَ ريمارڪ تي سندس شڪريه بجا آندم. پر تقدير ۾ ته ڪي ٻيا مشورا ٿي رهيا آهن.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جامعہ عربيہ حيدرآباد

١٩٦٥ع ۾ مون وٽ جامعہ عربيہ هاءِ اسڪول حيدرآباد جو سيڪريٽري ۽ مئنيجنگ ڪاميٽيءَ جا ميمبر آيا ۽ مون کي چيائون تہ اسان جو هاءِ اسڪول پنهنجي سڀ ناموس ٻوڙي چڪو آهي. ڪوبہ انتظام ڪونہ رهيو آهي. شاگرد گھٽبا ٿا وڃن. اسان جي نظر انتخاب اوهان تي پيئي آهي. مهرباني ڪري اسڪول جي هيڊ ماستري قبول ڪريو. اسڪول جي باري ۾ سڀ اختيارات اوهان جي هٿن ۾ ڏنا ويندا. اسان کي اسڪول کي سڌاري ڏيو وغيره وغيره. مون کانئن ٽي ڏينهن مهلت ورتي تہ مان بلڪل ٿڪل آهيان. پنهنجي فرزندن سان مشورو ڪريان ان بعد جواب ڏيئي سگھندس. هنن وري بہ چيو تہ اوهان پڙهائي بہ نہ ڪجو فقط اسڪول جي نگراني ۽ اوهان ۾ جيڪي انتظامي اهليتون آهن اهي بروئي ڪار آڻي هيءَ قومي ادارو ڪنهن چڱي منزل تي آڻي ڏيو. مون پنهنجي پٽن سان صلاح ڪئي. هنن مون کي ادب مان چيو تہ بابا، هاڻي آرام ڪريو ۽ وڌيڪ تڪليف نہ وٺو. اوهان ڪڏهن بہ ماٺ ڪري نہ وهندا ۽ نہ ڪي ڪم ڪرڻ ڇڏيندا. سخت ڪم ڪرڻ اوهان جي عادت آهي. خداوند ڪريم جو فضل آهي، هن معمولي پگھار جي ضرورت ڪانهي. گھر ۾ رهو ۽ دوستن احبابن سان ڪچهري ڪريو ۽ نوڪريءَ جو خواب و خيال بہ نہ ڪريو. مون فيصلو ڪيو تہ اهوئي جواب جامعہ جي اصحاب کي ڏيندس. جڏهن ٽن ڏينهن بعد هو وري مون وٽ ايندا.

ٽن ڏينهن بعد وري مون وٽ آيا. ملازمت جو آرڊر ٽائيپ ڪري ان ۾ پنج سؤ پگھار لکي آيا. مون کين اهوئي جواب ڏنو. جيڪو مون کي مشورو مليو هو. ليڪن هنن مون کي نهايت مجبور ڪيو. آءٌ حيا جو صاحب هوس. هنن دوستن يعني نواب حاجي محمد علي، علي مير شاهہ ۽ امان الله قريشيءَ کي رکو جواب ڏيئي نہ سگھيس. هنن چيو تہ فقط بہ سال رهو پوءِ جيئن اوهان جي مرضي هوندي ائين ڪنداسين. مون کي کين ناراض ڪرڻ پسند ڪونہ آيو نہ ڪا مون درخواست ڏني هئي نہ مون کان طلب ڪئي وئي. ١٩٧٠ع جي اپريل ۾ وڃي انتظام سنڀاليم. حالات ڏسي حيران ٿي ويس. ماسترن کي ٽن مهينن کان پگھار نہ مليو هو. شاگردن تي فين جون بقاياڻون ڇئن پنجن مهينن کان رهيل هيون. اسڪول کان رجسٽريشن کسڻ جي ڪاتي جي سربراهن وٽ مشورا ٿي رهيا هوا. علي اڪبر شاهہ ۽ موجوده انتظاميہ جا ڪورٽن ۾ ڪيس

هوا. اتي وچڻ کانپوءِ جي ناگفته بہ حالات مون کي ڏسڻ ۾ آيون تن مون کي ملازمت ڇڏڻ تي مجبور ڪيو، ۽ منهنجي نيت ۾ ڦيرو آيو. حقيقت اها هئي تہ سيد غلام مصطفيٰ شاهہ ڊئريڪٽر هن اسڪول ۽ سائنس متصل انٽر ميڊيٽ ڪاليج جنهن جو وجود فقط ڪوڙن ڪاغذن تي هو، تن جون ساليانون گرانٽون روڪي ڇڏيون هيون ۽ جامع جي انتظاميہ مون کي فقط انهيءَ نيت سان آندو هو تہ منهنجا شاهہ صاحب سان چڱا تعلقات آهن، ان ڪري اداري کي روڪيل گرانٽون پنهنجو اثر رسوخ هلائي وٺي ڏيندس مون کي مجبوراً شاهہ صاحب جي خدمت ۾ وڃڻو پيو. منت معذرت ڪئي مانس جواب ۾ ڪلي چيائين تہ ڇا محمد علي سمجهي ٿو تہ عرسائيءَ کي نوڪريءَ ۾ رکي مون کي رشوت ڏني اٿس. مان هرگز گرانٽون رليز نہ ڪندس، ستائڻ تي گرانٽون رليز ٿيون ۽ پئسا سيڪريٽري صاحب کڻي ويو. رفتي رفتي ڏٺم تہ هو گرانٽن جا پئسا تہ بجاءِ خود پر ڪلاس جي فين جا پئسا بہ علي احمد ڪلارڪ کان وٺي ويندو هو تہ في الحال جمع ٿيل پئسا ڏي هفتي کن ۾ ڪمند جا پئسا ملندم تہ موٽائي ڏيندس. هو هڪ وڏو زميندار آهي، موٽائي ڏيڻ جو تہ وٽس ڪوبہ سوال نہ ٿئي اُٿيو. پئسا ويا سي ويا. آخر مون فيون ڪلارڪ کان ڇڏائي پنهنجي قبضي ۾ ڪيون. روزانہ جيڪا وصولي ٿيندي هئي، سا هڪ ٻن ماسترن کي پگهار ۾ ڏيئي ڇڏيندو هوس. ۽ ڪلارڪ وٽ جمع ٿيڻ نہ ڏيندو هوس. ڪجهہ سامان علي اڪبر شاهہ جي ڏينهن جو بورڊنگ لاءِ ورتل يعني ٽانو ٽپا ۽ ديگيون هيون، جي آهستي آهستي چوري ٿينديون ٿي رهيون سي وڪڻي ۽ ٻيو ڪجهہ فالتو سامان نيلام ڪري ماسترن جون بقاياتون ادا ڪيم. هو ويچارا مون کي دعائون ڪندا رهيا. سعدي شيرازي فرمايو آهي تہ:

زر بده مردا، سپاهی راتا سر بدہد
گر زر نہ دہی سر بدہد در عالم

زيردستن جو اعتماد بحال ٿيو ۽ مون ۾ پورو پروسو رکيائون منهنجي اچڻ کي مشتهر ڪيائون. الله جي فضل و ڪرم سان منهنجو نالو چڱن ڪم ڪندڙن جي لسٽ ۾ نمايان هو شاگردن جو تعداد وڌڻ لڳو. شاگرد نالو ٻڌي داخلا لاءِ اچڻ لڳا. پنجن ڇهن مهينن اندر اسڪول جي نوعيت بدلجي ويئي. الله جو شڪر ڪيم سيڪريٽري جنهن کي ڊيولپمينٽ گرانٽ تقريباً هڪ لک روپيہ مليل هئي، جا رکيو وينو هو ان سلسلي ۾ عرض ڪيومانس تہ ڪجہ پئسا ڏيو تہ اسڪول جي مرمت ڪرائي وڃي ۽ ڪمپائونڊ وال جا زمين دوز ٿي چڪي آهي ان کي نهرائجي ۽ ٻہ نئي ڪلاس بہ تعمير ڪرائجن جو طلباءَ جو تعداد روز بروز وڌندو ٿو وڃي. ميٽرڪ ڪلاس ۾ فقط ٧_٨ شاگرد هوا. مسٽر غلام حسين بالادي هيڊ ماسٽر نور محمد هاءِ اسڪول ۽ مسٽر علي اڪبرُ تنيو هيڊ ماسٽر ڪنٽومينٽ هاءِ اسڪول وٽ ويس هنن صاحبن کي عرض ڪيم تہ ڪجهہ شاگرد مون ڏي موڪليو جو اوهان وٽ گهرج کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏيڪ شاگرد اچڻ تا ۽ انهن کي داخلا کان انڪار ڪيو وڃي ٿو چوندا آهن ته ”ڪٽي ڊور سجا ڪٽي چور سجا“ اوهانوت جاءِ جي قلت. مون وٽ طلبا جي قلت. منهنجي مدد ڪريو ته هن قومي اسڪول کي ڪا شڪل بخشيون. هنن منهنجي شخصي استدعا تي مدد ڪئي ٢٥_٢٦ شاگرد منترڪ ڪلاس ۾ اچي گڏ ٿيا. اسڪول جي وڌڻ جي مشهوري ٿي جنهن ڪري هينين ڪلاسن ۾ به خوب شاگرد اچڻ لڳا. پرائمري گرلس سيڪشن ۾ ته چوڪرين جي وهڻ لاءِ جاءِ نه بچي. ٽي ماسترياڻيون پرائمري اسڪول ۾ ۽ ٽي ماسترياڻيون هاءِ اسڪول ۾ مقرر ڪرايم. فين مان پوري ڪندو هوس. باقي گرانٽ جا ملندي هئي، سو بل سيڪريٽريءَ جي نالي هوندو هو. تنهن ڪري اها هن جي خانگي ملڪيت هئي. مون جو سيڪريٽريءَ کي ڊيولپمينٽ گرانٽ خرچ ڪرڻ لاءِ مشورا ڏنا ۽ فيون پنهنجي حوالي ڪيم. اها ڳالهه موصوف کي نه آنڙي ۽ مون کي چيائين ته مالي ڪمن ۾ اوهان دخل نه ڏيو. مون چيومانس ته پگهارون اوهان وقت تي پهچايو نه. فيون به ڪٽي وڃو. مگر غريب ماسترن کي پگهار وقت تي نه ڏيڻ ظلم آهي. جيڪڏهن ائين ٿيو ته منهنجو خدا حافظ آهي. هو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ مون جامعہ عربيہ کان هڪ سال پوري ٿيڻ بعد موڪلايو. استادن ۽ استادياڻين جي مون کي پنهنجي پيءُ وانگر سمجهنديون هيون. تن کي ڏاڍو ڏک ٿيو. مون کي پارٽيون ڏنيون ويئون ۽ هاءِ اسڪول جي عملي هڪ گروپ فوٽو يادگيريءَ لاءِ ڪڍايو. هن هاءِ اسڪول ۾ انتظاميہ جون جيڪي زيادتيون هيون. انهن جو بيان نهايت طويل ۽ دردناڪ آهي. سيڪريٽريءَ جو پٽ هاءِ اسڪول ۾ آفيس ڪري وينو ۽ انتظام ۾ دخل ڏيڻ لڳو. اليڪٽرڪ بل سون ۾ ٿي ويو. جا ڪٽي ويئي. فون کي به غلط استعمال ڪندو هو. جنهن ڪري اها به بلن جي ادائگي نه ڪرڻ سبب بند ٿي چڪي هئي. بهرحال:

جهڙا گڏهه ڳاڏا تهڙا لڏيندڙ لڏ
هنن به پڇيو هُن کان ڪٿي لاهيون لڏ
اندا گڏيا انڌن کي پئي پريندا ڪَڏ

مون اجازت ورتي ۽ اسڪول کي موچاري حالت ۾ ڇڏي حافظ خدا چيم.

❑

مٿم بيماريءَ جو حملو

عزيزن جي پٺي در پٺي اموات منهنجي جسماني جوڙجڪ تي اهو ته اثر ڪيو جو منهنجا اعصاب رفتي رفتي ڪمزور ٿيندا ويا. منهنجا هٿ ڏڪڻ لڳا. دماغ ڪمزور ٿي ويو. هونءَ جو ١٠_١٢ ڪلاڪ ڪم ڪرڻ سان به ٿڪاوٽ محسوس نه ڪندو هوس. سا ٻن ڪلاڪن جي لکڻ پڙهڻ سان محسوس ڪرڻ لڳس. مطلب ته سڀ جسماني قوتون نهايت تيزيءَ سان جواب ڏينديون وينديون. اعصابي، قوت، قوت حافظ، قوت بصارت، قوت سماعت گهٽبيون وينون. چوندا آهن ته شال خدا طبيبن تات نه وجهي. سو معالجن جي هٿ وس اچي ويس. ڪيتريون دوائون ڪرٽيون پيتون. مگر "مرض بڑھتا گيا جون جون دوا کي" آخر معالج به ڪڪ ٿي پيا ۽ مٿائي مٿائي دوائون ڏيڻ لڳا. ڪن دوستن ۽ خود ڪن معالجن ڪن بزرگن وٽ دعائن لاءِ وڃڻ جون صلاحون ڏنيون ۽ دل ۾ چيم ته:

کس نے میری دوا نہ کی مشورہ دعا دیا
چارہ گرون نے اور بھی دل کا درد بڑھا دیا

انسان ويچارو اميدن تي تڳي ٿو. دوائون کائيندو رهيس ۽ اڄ سوڌو استعمال ڪندو رهان ٿو. سال ١٩٦٧ع جي پڇاڙي هئي. سياري منهن ڪڍيو هو منهنجي چڱي يا خراب عادت هئي ته رات جو سمهڻ کان اڳ بستري تي ليٽي ڪجهه نه ڪجهه پڙهندو هوس. ان لاءِ ته اکين ۾ ڳهر اچي ۽ ننڊ اچي. جڏهن اوٻاسيون اچڻ لڳنديون هيون. ننڊ ۽ غنودگي پيدا ٿيندي هئي ته پنهنجي محترم اهليه کي چوندو هوس ته هاٽي ڪير ڏي ته سمهي پوان. حسب عادت هڪ رات ائين ڪيم. اُٿي بستري تي پلٽي ماري ويٺس. ڪير پيتم ۽ ننگون ڊگهيون ڪيم ته منهنجي ساڄي پاسي کان سر کان وٺي پيرن تائين هڪ اهڙي ڪيفيت محسوس ڪيم جو سمجهيم ته مون تي اڌ رنگ جو حملو ٿي ويو. ساري پاسي مان گويا بجليءَ جو ڪرنٽ گهمي ويو ۽ پاسو ڳورو ٿي ويو. گهر واريءَ کي چيم ته منهنجي پُٽڙن کي اُٿار. هوءَ ڏڪي ويئي. پڇيائين ته خير ته آهي تون خالد کي اٿاري اچ. هن جي اچڻ تائين مون پنهنجي پاسي کي يعني ٻانهن ۽ ٽنگن کي چهنڊڙيون هڻي ڏٺيون. هٿ ۾ طاقت گهٽ معلوم ڪيم. مگر ڏٺم ته اڃا حس باقي آهي. خوف دامن گير ٿيو ته شايد ٿوري وقت ۾ سڄو پاسو مرده ٿي وڃي. ١١ وڳي رات جو وقت هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنڙا ڊاڪٽرن ڏي پڳا. ڪو ڪنهن ڏي ڪو ڪنهن ڏي ان لاءِ تہ هڪ هٿ نہ اچي تہ ٻيو. ٻيو هٿ نہ اچي تہ ٽيون. بهرحال ڪو نہ ڪو وٺي اچجي. الله جو فضل ٿيو. ٽي ڊاڪٽر اچي ويا. هنن مون کي غور سان ڏٺو. ڪلاڪ کن ويٺا. اٿاري ٻيهاريائون. ٻيهي سگهيس سپاٽو پائڻ لاءِ چيائون. ساڄي پير ۾ طاقت گهٽ هئي ان ڪري سپاٽو پير جي گرفت (گرپ) ۾ نہ پئي آيو. سيون لڳيون. ڪئپسول گهرايا ويا ۽ ٻيون چند دوائون ڏنيون ويون. سيني جي راءِ ٿي تہ مڪمل اڌ رنگ ٿئي ها تہ فوراً ٿي وڃي ها. هينئر ڪي نشو مرده ٿيا آهن. اڃا ڪي باقي آهن. علاج ڪبو انشاءَ الله تعاليٰ مڪمل فائدو ٿي ويندو. پريشان ٿيڻ جو ضرور ڪونهي. پڇاڙيءَ ۾ ڪا ننڊ جي دوا ڏنائون ۽ هليا ويا. مون کي گَهِري ننڊ اچي ويئي. فجر جو نماز تي سويرائڻ جي عادت هئي. جاڳيس ۽ وري پاڻ کي چهنڊڙي پائي ڏٺم ۽ اُٿي ٻيهڻ جي ڪوشش ڪيم. حالت اهائي هئي جا شروع ۾ ظاهر ٿي هئي. وڌيڪ نقصان محسوس نہ ڪيم. خداوند تعاليٰ جا شڪرانا بجا آندم ۽ اڳتي سندس رحم و ڪرم جو اميدار هوس. ڊپ هوم تہ متان پاسي جي ڪمزوريءَ سبب لنگ ٿي پوي ۽ عيبدار ٿي پوان. مگر هڪ هفتي ۾ مڪمل نيڪ ٿي ويس ۽ هلڻ چلڻ ۾ ڪا بہ لڪا ڪا نہ ٿئي پئي. فقط ٽنگ ۾ ڳورائي رهي، جا اڃا تائين هلندي اچي.

اڃا هن سانحہ کي مهينو کن مس گذريو هو تہ اوچتو نظر تي شديد حملو ٿيو. ڪا بہ شيءِ مثلاً ٿنڀ، راڊ، دروازو مطلب تہ هر چيز (زگ زئگ) انگڙ ونگڙ ڏسڻ ۾ اچي. هلندڙ ماڻهو بہ ائين پئي پانيم تہ سروقد نہ بلڪ ڪمان وانگر وريل هلندو ٿو رهي. جهڙي طرح سرڪس ۾ آرسين يا آئينن جو کيل ڏيکاريندا آهن جنهن ۾ ڪي آرسيون ڪانِ ڪيو، ۽ ڪي ڪان ويڪس هونديون آهن ۽ انهن ۾ ماڻهو پنهنجي شڪل عجيب و غريب نموني ڏسندو آهي. ڪنهن ۾ منهن ڊگهو، ڪنهن ۾ ويڪرو، ڪنهن ۾ ٻاهر نڪتل، ڪنهن ۾ اندر پيل وغيره هوبهو ان طرح مون کي گهر جي پاتين جون شڪليون نظر اچڻ لڳيون. ننڍڙن ٻچڙن کي ڏسان تہ ڪو بہ چهرو سندن فطري شباهت ۾ نظر نہ اچي. اکين ۾ آنسو پرجي آيم ۽ چيم تہ يا الله هيءَ ڇا ٿي ويو.

منهنجي عزيزن مون کي غلام شاهہ ڪلهوڙي وٽ اکين جيّ اسپتال ۾ داخل ڪرايو. جتي ١٣ ڏينهن بستره علالت تي رهيس. اکين ۾ "ڪاءِ مار" جون انجيڪشنون لڳيون ۽ ٻيون دوائون ڪارائيون ويئون. ڪاڏي ۾ لوڻ مطلق بند ڪرايو ويو. اسپتال ۾ اهو عرصو سخت ڪٺن گذريو. مگر الحمدالله ان جو نتيجو چڱو نڪتو. شڪليون جي انگڙ ونگڙ ۽ خراب ڏسندو هوس تن ۾ افاقہ ٿيو ۽ رفتي رفتي انهيءَ عيب کان الله تبارڪ و تعاليٰ نجات ڏني ۽ باقي نظر جي ڪمزوري رهي. شروعات ۾ صبح جي ٿڌي روشنائيءَ ۾ ڪجهہ پڙهي سگهندو هوس ۽ اهڙي طرح شام جو بہ. تيز روشني هوندي هئي تہ پڙهڻ عبث هو. وڌيڪ علاج ڪيم اکين جي امراض

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو هڪ به ماهر نه ڇڏيم. ڊاڪٽر عقيل صاحب جو نهايت ممنون آهيان. هن صاحب نهايت دل و جان سان منهنجو علاج ڪيو ۽ ڪا به في وغيره مون کان قبول نه ڪئي. آخر چيائين ته اوهان کي اکين جي هاڻي ڪا به بيماري نه آهي. فقط ضعف آهي، جنهن جو اسان وٽ علاج ڪونهي. بهرحال وٽامن سي کائيندا رهو. انسان پنهنجي صحت لاءِ ڇا نه ٿو ڪري. ڪراچيءَ تائين ڊوڙيس. اسپينسرس آءِ هاسپيٽل جي ماهر ڊاڪٽر رضويءَ وٽ ويس هن صاحب ٽي مهينا رڊاڪس ٽڪين کائڻ جو مشورو ڏنو. ان بعد وري تپاس ڪيائين ۽ اهو ئي جواب مليو جو ڊاڪٽر عقيل صاحب ڏنو هو. ٻين پين ڊاڪٽرن به معاينه ڪيو ۽ جواب ساڳيو. حڪيمن جا سرمه وغيره به استعمال ڪيم مگر ڪو به فرق نه آيو. رفتي رفتي نظر گهٽبي رهي. صبح يا شام جي پيني روشنيءَ ۾ جو ڪجهه پڙهي سگهندو هوس، سو به ختم ٿي ويو.

مون کي ١٢ ڪلاڪ ماني نه ملي ته پرواهه نه هوندي هيم. ليڪن پڙهڻ جا منهنجي خوراڪ هوندي هئي ۽ سندم مکيه غذا ۽ قوت هو، سو مون کان کسجي ويو. ان ڳالهه مون کي گهڻو غمگين ڪيو. مان دل ۾ اهي ارادا سانديندو ٿئي آيس ته رٽائر ڪرڻ بعد ادبي ڪم ڪندس. سو شايد قدرت کي منظور نه هو. ان هوندي به رهان نٿو. پٽ منع ڪن ٿا اوهان قلم فرمائي نه ڪريو. مگر منهنجا "اهي لائون اُهي چُڳهه" ڪجهه نه ڪجهه ادبي اشتها جو ازالو ڪندو رهيس ۽ مضمون لکندو رهندو هوس. اڳئين لکڻ ۽ هن وقت جي لکڻ ۾ تفاوت هيءَ هو جو اڳي ڪجهه لکندو هوس، ان کي وري وري پڙهندو هوس. ڪي ترميمون، ترديدون وغيره ڪرڻ بعد ان کي فيئر ڪندو هوس، هينئر بس قلم کڻان ۽ لکندو وڃان ٿو. ڪٿي ڪٿي قلم روڪجي وڃي ٿو نقطا ۽ بيهڪ جون نشانيون رهجي وڃن ٿيون ۽ بي ڪا غلطي ٿي وڃي ٿي ته پتو نٿو پوي. جيڪڏهن وچ ۾ لکندي لکندي ڪنهن ڪم لاءِ اٿڻو پوي ٿو ته وري ڪنهن پنهنجي ٻار کان آخري چند سٽون پڙهائيون پون ٿيون ته سلسلو ڪٿي ڇڏيو اٿم. ان بعد اڳتي هلان ٿو. اهڙي تڪليف هوندي به پنهنجي ادبي بک جو تدارڪ ڪندو رهان ٿو.

١٩٦٧ع کان وٺي هن وقت تائين يعني ١٩٧٥ع تائين ڪل ٩ سال ٿي چڪا آهن جو گهربل نظر کان محروم آهيان. تاهم محترم علي نواز وفائيءَ جي حڪم تي مولانا وفائي مرحوم تي هڪ مضمون لکيم جو يادگار وفائيءَ ۾ ڇپيو. پنهنجي محترم دوست شيخ عبدالله عبد جي فيض نامرضيه تي هڪ مضمون لکيم جو سندس فرزند شيخ عبدالحليم جوش "مٺيءَ لڏو مان" ۾ ڇپايو. منهنجي دوست سردار علي شاهه جي جيل ۾ وڃڻ تي سندس احبابن هڪ ڪتاب ڇپايو، جنهن ۾ مون کي به مضمون لکڻو پيو. پنهنجي ادبي بک کي سير ڪرڻ لاءِ سه ماهي مهراڻ رسالي ۾ تترن جي شڪار، هرڻن جي شڪار، ۽ پلن جي شڪار تي، شڪار جي شوقين حضرات لاءِ محترم ربانيءَ جي حڪم تي لکي پيش ڪيم. مولانا مولوي مخدوم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غلام حيدر ۽ مولانا مولوي علي محمد مهيري تي مضمون لکي رسالي "الرحيم" ۾ ڏنم. ۽ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جي حڪم جي تعميل ڪيم. اهڙيءَ طرح ٻيا به چند مضامين لکي پنهنجي دل کي خوش ڪيم ۽ ڪندو رهان ٿو. مولانا قاسمي صاحب سان دل جو راز اوريم ته پنهنجي سوانح حيات لکڻ جو خيال اٿم. هن صاحب منهنجي خيال کي پختو ڪيو ۽ فرمايائين ته "لکو ته قسط وار الرحيم ۾ شايع ڪريان" سندن هن طرح جي همت افزائيءَ تي قلم هٿ ۾ کنيم. الرحيم ۾ اشاعت جو سلسلو ماه جولاءِ ١٩٧١ع کان شروع ٿيو ۽ اٽڪل ڏهه قسطون ڇپيون. ڏنم ته هن طرح خدا ڄاڻي ته ڪيترو وقت لڳي، ان ڪري اهوسلسلو منقطع ڪري اشاعت جو خيال ترڪ ڪري لکندو رهيس. دل ۾ چيم ته زندگي الائجي ڪيترو وقت وفا ڪري. ڪم هٿ ۾ کنيو اٿم ته پورو ڪريان. نظر ۽ صحت جي دشوارين جي باوجود "خود نوشته سوانح" لکي ورتم.

هتي به لفظ پنهنجي مهربان دوست مولانا قاسميءَ بابت لکندس موصوف سان منهنجي پهرين ملاقات سال ١٩٦١ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿي هئي. محترم اياز قادريءَ مون کي، مولانا صاحب کي محترم شيخ عبدالله کي هڪ ويلو دعوت ڏيئي، پنهنجي دولت خانه تي گهرايو هو. هن پهرينءَ ملاقات ۾ مولانا صاحب منهنجي دل وني پاڻ وٽ قابو ڪري ڇڏي. ظاهر آهي ته هن عمر ۾ منهنجي ڪا نوجوانن سان ته سنگت ٿي نه ٿي سگهي. اهڙن ئي بزرگوار هستين جي صحبت جي بک هوندي هيم. خداوند عالم مون کي هيءُ در بي بها مثل دوست ڏياريو. دوستيءَ جو دمُ ڇا هڻان. مون کي گويا هڪ رهبر ملي ويو. جڏهن پاڻ حيدرآباد ۾ "شاهه ولي الله اڪيڊمي" جو ڊائريڪٽر ٿي آيو ۽ اچي جامع مسجد صدر ۾ دفتر قائم ڪيائون. تڏهن مان اڪثر سندس خدمت ۾ ويندو هوس ۽ ڳالهين ڳالهين ۾ مون سندس علمي تبحر مان ڪافي ڪجهه پرايو. هڪ دفعي منهنجي دل و دماغ ۽ ذهن مون کي مجبور ڪيو ته مان سندس تعريف ۾ هڪ شعر لکان. اهو لکي پاڻ ڊڄندو ڊڄندو سندن خدمت ۾ لفافي ۾ بند ڪري ڪٽي ويس. سندس هٿن مبارڪ ۾ ڏنم. پاڻ سمجهيائون ته شايد ڪو مضمون آهي. کولي پڙهيائون ۽ مون کي هي الفاظ چيائون ته "اوهان ڏاڍي زور آوري ڪئي آهي جو مون کي "شاهه ولي الله ثاني" سڏيو اٿو. "چه نسبت خاک را بعالم پاک" مون عرض ڪيو ته "سائين هي سڀ ڪجهه منهنجي دل جا جذبا آهن، جن جي لکڻ تي مان مجبور ٿي ويس" هونءَ به چوندا آهن ته شاعري بلاغت جو نالو آهي. شعر رونق ئي مبالغ ۽ مغالط سان وٺندو آهي. جا ڳالهه اوهان کيُ نه ٿي وڻي سا مون کي وڻي آهي. هيءُ ناچيز تحفو قبول فرمايو ته زهي عزت. پاڻ کلي اهو تحفو وٺي رکيائون ۽ مان خوش ٿيس.

منهنجي بيماريءَ مون کي دائم المريض بنائي ڇڏيو. دوستن احبابن وٽ جو صحبت

جوساءُ ونڻ لاءِ ويندو هوس. ان ڪان عاجز ٿي پيس. ڪي دوست منهنجي مجبوري ڏسي مون وٽ شروعات ۾ ڪڏهن ڪڏهن پڇڻ لاءِ اچڻ جي مهرباني ڪندا هوا. مان سندن وڏو احسان سمجهندو هوس. آهستي آهستي انهن به اچڻ ترڪ ڪري ڇڏيو. مان ڪنهن کي به ان لاءِ ڏوهي نٿو سمجهان زمانو مصروفيت جو آهي. هر ڪو پنهنجي پنهنجي مشغولين کان مجبور آهي. البت مون کي سو انهن پريت دانن جي پياس رهندي آهي. انسان کي ڪيتريون به مجبوريون هجن مگر ارادو پختو آهي ته رستو ملي پوي ٿو. مگر قطعاً منهن مٿي ڇڏڻ بلڪل بي مروتي آهي. ڪن کي ڏوهه نه ٿو ڏيان. ليڪن ڪن تي حرف رکيو ٿو اچان. هن دنيا ۾ جو اهو اصل کان دستور آهي. ڪنهن شاعر چيو آهي ته:

گو ذرا سی بات پر برسوں کے یارانے گئے
ہاں! مگر اچھا ہوا کچھ لوگ پہچانے گئے

دنيا جمڻ کان مرڻ تائين تجربہ گاهہ آهي. ڪري ڪوئي جو تجربو ٿيندو ئي رهي ٿو. تاهم جن سان زندگي جا ڪيترا قيمتي سال ياراني رهي سي مون کي ته هرگز نه وسريا آهن نه وسرندا. هر وقت سندن دعاگو آهيان.سدائين خوش ۽ آباد رهن. اچا پنهنجي پيرين سيرين آهيان ڪنهن جو محتاج نه ڪيو اٿس. دعا آهي ته تادم زيست ڪنهن جو محتاج نه ڪريم. چڙهيءَ جتيءَ روانو ڪري. هيءَ ڪوڙي زندگي آهي. حقيقي زندگي ته شروع ئي موت بعد ٿئي ٿي.

دوستن ۽ احبابن کي التجا آهي ته هو هن نيازمند جي حق ۾ دست بدعا ٿين ته مرڪندو مولا ڏي وڃان. اهائي مؤمن جي نشاني آهي. اقبال فرمايو آهي ته:

نشان! مرد مؤمن با تو گویم
جو مرگ آید تبسم بر لب اوست

حياتيءَ ۾ گهڻيون ئي عقل جون انڪلون ڊوڙايم. پاڻ کي الاجي دانائيءَ جي ڪهڙي درجي تي پهتل ڏٺم مگر هينئر الله پاڪ جي درگاهه باريءَ ۾ اهوئي سوال آهي ته:

خرد کی گتھیاں سلجھا چکا میں
میرے مولا مجھے صاحب جنوں کر

هاڻي ته چاهيان ته موجوده دنيا جي فتنہ و فساد کان الله تبارڪ و تعالیٰ امن ڏئي. سڀ ڪجهه ڏنو اٿس. بابا آهيان. چاچا آهيان. ماما آهيان. ڏاڏا آهيان. نانا آهيان. اولاد صالح ۽ فرمانبردار آهي. بڌايو ته بيون الله تعالیٰ جون نعمتون هن بنده کي ڪهڙيون کپن. هيترن بتن جي محبت بعد هاڻي ته سندس ذات پاڪ جي محبت ئي نصيب ٿئي. جنهن جي شديد طلب رکان ٿو. جامي فرمايو آهي ته:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايمنيے 'بگزار جامي خوف باش، بگزر از ناموس رسوا باش فاش
آزمودم عقل دورانديش را، بعد زان ديوانہ سازم خويش را

هاڻي تہ فقط مولا جي ذات جو جنون کپي ۽ اُنهيءَ جي ئي طلب ۾ موت سان همڪنار ٿيان شال.

بس انهن چند لفظن لکڻ بعد هاڻي آءٌ پنهنجي ڪن ناچيز ادبي ڪاوشن جو ذڪر ڪندس. اچ ڪلهہ سنڌي زبان ۾ بفضل خدا گهڻا فاضل اديب پيدا ٿي چڪا آهن، جي پنهنجي پنهنجي قوت ۽ همت سارو سنڌي ادب جي خدمت ڪري رهيا آهن. جيتوڻيڪ ٩ سالن کان ڪجهہ بہ پڙهي نہ ٿو سگهان ۽ نہ انهن صاحبن وٽان مون پراڻي خادم کي ڪڏهن ڪنهن پنهنجي لکت جي ڪا ڪاپي تحفتاً مون کي موڪلي آهي تہ من ڪنهن بني کان پڙهائي انِ جو لطف وٺان، پر منهنجي ميار ڪنهن تي بہ نہ آهي. سندن حق ۾ منهنجي هميشہ اها دعا آهي تہ:

الهم زد فزد

خدا کين سنڌي ادب جي خدمت جي مزيد توفيق عطا ڪري آمين.

دوستن جا ٻہ قسم ٻڌايا ويا آهن. هڪڙا دوست زباني ٻيا دوست ناني ۽ ٽيان دوست جاني. زباني اهي آهن جي فقط وات جي لفاظي ڪندا آهن ۽ دوستيءَ جو وڏو دم ڀريندا آهن پر منجهن ڪو بہ اخلاص ۽ سچائي نہ هوندي آهي. ناني اُهي آهن، جن کي جيستائين کارائبو پيئاربو رهبو تيستائين دوست، سڏائيندا. جيڪڏهن ڪاڏي پيٽي جي خاطر تواضع ۾ ڪجهہ ڪمي رهجي ويئي تہ دوستيءَ جو دم ختم. جاني اهي آهن جي پنهنجي دوستن سان هر حال ۾ جان قربان ڪرڻ وارا هوندا آهن. سندس سندس دوستي مطلب جي نہ هوندي آهي پر سر جي چوٽ هوندي آهي. اچ ڪلهہ اڪثر ڪري يار مطلبي ٿي وڃن ٿا.

ياراني يارن جي اچ پاڻي ٿي پيئي
جهلي سين بہ ٻڪن ۾ پر وٽين کان ويئي
پر اسين اهيئي نوڪر تنهنجي نانءَ جا

مون دوستن جي انتخاب ۾ گهڻيون چوٽون کاڌيون آهن. پر ڪي دوست مون کي خداوند ڪريم اهڙا بہ عطا ڪيا، جي اچ بہ سر صدقو ڪن ٿا. دوست جي انتخاب ۾ هن دور ۾ خاص احتياط رکڻ گهرجي سعديءَ سگوري فرمايو آهي تہ:

دوست مشمار آنکہ در نعمت زند
لاف ياري و برادر خواندگي
دوست آن باشد کہ گيرد دوست
در پريشان حالي و درماندگي

ما ته اڄ سوڌو انهن سان به تعلقات رکيو ٿو اچان جن مون سان پنهنجي تعلقات قريب قريب ٽوڙي ڇڏيا آهن. بعضي دل جا جذبا اٿندا آهن ته چئي وهندو آهيان.

ماز ياران چشم ياري داشتيم
خود غلط بود آنچه پنداشتيم

مگر پنهنجي جذبات کي روڪي انهن سان به نباهيندو ٿو اچان. ماشاءَ الله.

❑

منهنجون ادبي خدمتون

آءُ ابتدا ۾ گذارش ڪري آيو آهيان ته ٻاراڻي وهيءَ ۾ ئي مون کي تڪبنديءَ تي ڳالهائڻ جو ملڪو عطا ٿيل هو. اسڪولي ڪتابن جا بيت ۽ ٻيا ڏوهيڙي جا ڪتاب حافظي ۾ از بر ٿي ويندا هوا. خداوند ڪريم حافظو شروع کان ئي قوي ڪيو هوم. آخر ١٩٤٥ع کان يعني مئٽرڪ پاس ڪرڻ بعد شعر لکڻ شروع ڪيم. شعر ڪهڙو هوندو عروض جي ته ڪا خبر ڪانه هيم. عروض جو لفظ ئي نه ٻڌو هوم. البته جيڪي ڪجهه لکندو هوس اهو زبان سان ورجائيندو هوس ته سُر ۾ پورو اچي ٿو يا نه. آخر جڏهن شعر ڪجهه پختو چوڻ لڳس، تڏهن عروض جو اڀياس ڪيم. مگر فقط ايترو جو مون کي ڪم ڏي. عروض جي باريڪين جو ته اڃا به علم ڪو نه اٿم. حافظ خير محمد صاحب اوحدي مرزا اجمل بيگ صاحب ۽ ڊاڪٽر خليل محمد ابراهيم صاحب جا عروضي جهڳڙا پڙهي گهڻو ئي مزو ايندو هوم. محبيم شيخ عبدالله عبد به عروض جو چڱو ماهر هو. ان کان به عروض جون پيچيدگيون ٻڌي حيران ٿيندو هوس. البته پڙهندي پرهندي ڪجهه عروض سان دلچسپي ٿي مگر ان جي ڪمال حاصل ڪرڻ جو ڪڏهن به شوق نه ٿيو. عربي زبان کانئ نره رهيس. جو مون شروعات کان ئي ڪا نه پڙهي. انڪري شعر ۾ ڪيترائي عربي الفاظ جي استعمال ڪندو هوس يا اڃا به ڪريان ٿو تن مان گهڻن جو تلفظ صحيح به نه هوندو ۽ عروض جي روءِ سان منهنجي شعر ۾ گهڻون ئي غلطيون هونديون جن جو مون کي پورو پورو اعتراف آهي. شاعر هئڻ جي ته دعويٰ ڪو نه ٿو ڪريان البته پنهنجي دل خوش ڪئي اٿم. ان ڪري وڏن شاعرن کان دست بدسته معافي جو خواستگار آهيان، ته هُو منهنجي لغزشن تي نظر نه ڪندا. چوندا آهن ته "از خوردگان خطا و از بزرگان عطا" شعر جي ٿوري فهم هوندي به جيڪا جاکوڙ ڪئي اٿم ان تي چشم پوشي ڪندا ته زهي ڪرم.

مون نظامي عروضيءَ جو ڪتاب "چار مقاله" پڙهيو هو جنهن ۾ ڪل چار مقالا آهن. ١_ شاعر ٢_ بادشاهه ٣_ طبيب يا حڪيم ۴_ منجم_ شاعر جي جيڪا وصف ڏني ويئي آهي ان کي چڱن شاعرن جا ڪم از ڪم هزار ڪن شعر بر زبان ياد هجڻ گهرجن. مون مٿي ذڪر ڪيو آهي ته مون کي خداوند ڪريم حافظو سنو عطا ڪيو هو. هن وقت به ڪم از ڪم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ادائي سؤ ڪن فارسي اشعار ياد آهن ۽ ان سان گڏ فارسيءَ جون حڪايتون، مقالا، پهاڪا ۽ اصطلاح بہ پنجاهہ سٺ دل تي نقش برسنگ اٿم. اهڙيءَ طرح اردوءَ جا اشعار وغيره بہ ڪم از ڪم ٽن سون جي لڳ ڀڳ ياد هوندم البتہ پنهنجي مادري زبان سنڌيءَ ۾ شاهہ ڀٽائي سچوري جي بيتن کان علاوه ڪو ڏيڍ سؤ ڪن اشعارن جو ذخيرو رکان ٿو. عربي کان بي بلد هوندي بہ قرآن پاڪ جون آيات، احاديث نبويءَ مان حديثون، چند شعر ۽ ٻيا مقولہ ڪم از ڪم ٥٠ـ ٦٠ ياد اٿم. هونءَ تہ قرآن سڄو ختم ڪيل اٿم... اهي شعر نمبر، جن جو ذڪر ڪيم اٿم سي مون کي آداب مجلسيءَ ۾ گهڻو ڪم ايندا آهن. هر ڪچهري ۾ ڳالهہ ڳالهہ تي ڪنهن شعر جو حوالو ڏيڻ منهنجي ذاتي هٽ جو ڪيل هو. منهنجا شاگرد بہ منهنجي تقرير ۾ ان ڪري لطف اندوز ٿيندا هوا. هي شعر سڀ پراڻا ياد ڪيل اٿم. هن وقت حافظو جواب ڏيئي چڪو آهي. ڪو بہ ٻن سٽن وارو بيت ياد ڪري نٿو سگهان. ياد ڪريان ٿو تہ ٿوريءَ دير بعد وسريو وڃي.

منهنجي شروعاتي شعرن جو هڪ نوٽبڪ جنهن ۾ پنجاهہ کان سٺ تائين سادا شعر لکيا هوم سو منهنجي هڪ دوست جو پورل مون کان پڙهڻ لاءِ ورتي ويو ڪم بخت واپس نہ ڪيو سو نہ ڪيو. باقي جيڪي هن وقت موجود اٿم سي ٽن ۽ ساڍن ٽن سون جي تعداد ۾ ٿيندا شعر جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي اٿم. غزل، ڪافيون، طويل نظم، مسدس، مخمس، مستزاد، رباعيون، حمد، نعمتون، مناجاتون، قطعا منظر نگاريون، فطرت نگاري، مرثيہ، نوحہ، سلام، واقعاتي اشعار، قصيده، مزاحيہ، شعر، قومي نظم، مصرع طرح ۽ هر صنف تي قلم فرسائي ڪئي اٿم مشاعرن ۾ شعر لکيا اٿم. جن ۾ طرح ڪي چڱيءَ طرح نباهيو اٿم. بهرحال وڌيڪ ڪجهہ لکندس تہ خودثنائي ٿي پوندي.

مون متي اها بہ گذارش ڪئي آهي تہ مان ننڍي هوندي کان اخبار ۽ اسڪول جي ننڍڙن صحيفن ۾ پنهنجا ليک ۽ آڪاٽيون ڏيندو رهندو هوس. سنڌو رسالہ، توحيد وغيره ۾ بہ ڪجهہ وڏو ٿيس تہ لکندو رهيس. آخر اهڙو ڪو بہ رسالو نہ هوندو هو. جنهن لاءِ مون کان مضمون جي گهر نہ ڪئي ويندي هئي. رسالہ فردوس ۾ منهنجا ليک هڪ ٻئي پويان ايندا هوا. مولانا عبدالواحد سنڌيءَ جو حڪم برچشم رکي نئين زندگيءَ ۾ موڪليندو هوس. سہ ماهي مهراڻ ۾ ڪن محبن جي حڪم جي تعميل ڪندي پنهنجون ڪاوشون حاضر ڪندو رهان ٿو. سنڌ مدرسہ ڪرانيڪل ۽ مختلف ڪاليجن جي مخزنن ۾ گاهہ گاهہ مضمون ڏيندو ٿي رهيس. البتہ منهنجا گهڻا مضمون تعليمي ڊنگ جا هوا. جي ملا مخزن ۽ اخبار تعليم ۾ ڪثرت سان شايع ٿيندا هوا. ادبي مجالس ۾ مقالہ بہ پڙهندو هوس. ملازمت جي دوران جڏهن جڏهن ڪنهن ويران بستي مان گذر ٿيندو هوم تہ پڇانون ڪري ڪو نہ ڪو مضمون گهڙي وجهندو هوس. مثلاً روپا ماڙي، ولاسو، فتح باغ ۽ جوڻ، ڏونرا هنگورا، سڪرنڊ، گوڙيءَ جا ڏهرا، ننگر جا جين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آستان، وغيره وغيره. روزانو مهراڻ لاءِ بہ منهنجو محترم دوست سردار علي شاهہ مون کان مضمون ونندو هو. جي خاص ڪري ساليانہ نمبرن ۾ شايع ٿيندا هوا. مثلاً شاهہ صدر لڪي، قلندر شهباز، سمن جو دور حڪومت وغيره وغيره ازان سواءِ ڪجهہ تنقيدي مضامين جهڙوڪ مسٽر شاهاڻيءَ جو ڪتاب ”بلو ڪوڪر“ ۽ گربخشاڻيءَ جو ڪتاب ”نورجهان“ تي بہ لکيم سنڌي تنقيد ۾ مون کي ايترو درڪ نہ هو جهڙو پنهنجي ياٽيجي ۽ داماد مسٽر شمس الدين عرساڻيءَ کي نصيب آهي جنهن ”سنڌي ادب ۾ تنقيد“ نالي هڪ شاهڪار لکي پيش ڪيو. هر ذري ذري جو ذڪر ڪرڻ طوالت جو سبب بڻبو. انهيءَ ڪانسواءِ حيدرآباد جي هومسٽيڊ هال ۾ جڏهن ريڊيو پاڪستان جو بنياد پيو. تڏهن ڪيترائي ريڊيائي ناٽڪ ڏنم. جي دوستن ۽ احبابن ۽ ٻڌندڙن کي تمام پسند پيا ۽ مون کي ساراهہ جا ڪيترائي خط سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان پهتا. ريڊيو جو اهو وقت اهڙو هو جو سنڌيءَ کي تمام ٿورو وقت ملندو هو ۽ خاص ڪري سنڌي ۾ ناٽڪ لکڻ وارا عنقا هوا.

ڪتابن لکڻ جو سلسلو ١٩٣٩ع کان شروع ڪيم. جن ۾ ادبي ڪتاب، پرائمري کان وٺي ڊگري ڪلاس تائين درسي ڪتاب ۽ تربيتي ادارن لاءِ بيشمار ڪتاب لکيم جيڪي تعليمي نقط نگاهہ کان اڄ بہ مستند معيار جا سمجهيا وڃن ٿا. منهنجي پهرين تصنيف منهنجو ڊراما ”بدنصيب ٿري“ آهي. هي ڪتاب اول اول سنڌي ادبي صلاح ڪار بورڊ مون کان وٺي شايع ڪيو. مون کي پهريون انعام ادائي سؤ رُپيا ڏنو ويو. مون شيڪسپيئر، رابنس يا جارج برنارڊشا جا ڪي ڊرامہ ترجمو ڪرڻ جو خيال ڪيو ليڪن خيال وري ترڪ ڪري ڇڏيم ۽ طبعزاد ڊرامہ لکڻ جو تهيو ڪيم. بدنصيب ٿري سال ١٩٣٩ع ۾ لٽرسي ڪيمپن جي سلسلي ۾ تعليم بالغان جي تبليغ لاءِ لکيو ويو. جو ميرپورخاص مدرسہ هاءِ اسڪول ۾ اسٽيج تي آندو ويو. مرحوم عثمان علي انصاري ان وقت اتي جو هيڊ ماسٽر هو. ڊرامو نهايت ڪامياب ٿيو ۽ چند سالن بعد ڇاپيو ويو. هن ڊرامي جي خصوصيت اها هئي جو هُن ۾ ٿري تلفظ ۽ زبان ڪم آندي وئي هئي. جنهن ڊرامي کي چار چند لڳائي ڇڏيا. هن وقت تائين هن ڊرامي جون ١٩_ ٢٠ ايڊيشنون ڇپجي چڪيون آهن ۽ هينئر اهو ڊرامو مون سنڌي ادبي بورڊ جي سپرد ڪيو آهي جو سال کن ٿيو تہ نئين آب و تاب سان ڇپجي چڪو آهي. قدردانن هن تصنيف تي مون کي مبارڪباديءَ جا ڪيئي خط لکيا آهن، جي منهنجي رڪارڊ تي آهن. گهڻا انگريزيءَ ۾ آهن، جن جي ترجمي ڪرڻ جي زحمت درگذر ڪريان ٿو.

ٻيو ڪتاب جو لکيم سو هو ”سير ريگستان“ هيءَ ڪتاب ١٩٥٠ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ لکيم. هن ڪتاب تي بيشمار تحسين جا خط پهتا. ٿر جي مکيہ شهرن جي هندو پنچائتن شڪريہ جا نهراءُ پاس ڪري انهن جون ڪاپيون موڪليون. هيءَ ڪتاب سير و سياحت جي

نوع ۾ لکيو اٿم. ڪي ٻيا ڪتاب جهڙوڪ "سير لاڙ" ۽ "سير ڪوهستان" به لکيا ويا آهن. جن ۾ اتي جي ماڻهن جون ڪچهريون ۽ ڪن رسم و رواج جو ذڪر ڪيل آهي. ليڪن سير ريگستان صحيح معنيٰ ۾ سير جي نوعيت ۾ لکيل آهي. هن ڪتاب تي تاريخ ١٩ آگسٽ ١٩٥١ع تي بسنت هال حيدرآباد ۾ علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي صدارت هيٺ مون کي جو داد ڏنو ويو هو سو مون کان زندگي ڀر نه وسرندو ۽ منهنجي عزت جو باعث رهندو. هن مجلس لاءِ خاص دعوت نامن جا ڪارڊ ورهايا ويا هوا ۽ ڪم از ڪم هزار ڪن اديبن، عالمن ۽ علم جي گهڻگهرن شائقين حصو ورتو. لاڙڪاڻي ۾ هڪ ٻيو ننڍڙو ڪتاب "نقش عمل" به لکيم جو مون پاڻ ڇپائي پڌرو ڪيو. هيءُ ڪتاب به هن وقت سنڌي ادبي بورڊ مون کان وٺي ڇڏيو آهي.

سنڌي زبان ۾ ايسيز جا ڪتاب بالڪل اٽي ۾ لوڻ برابر هوا. ان ڪري مون "خيال خاطر" نالي هڪ ڪتاب لکيو جنهن ۾ ڪل ١٥ مضمون آهن.

انهن ڪتابن مان "بدنصيب ٽري"، "سير ريگستان" ۽ خيال خاطر سيڪنڊري ڪلاس کان ڊگري ڪلاس تائين نصاب ۾ اچي به ويا آهن ٻيا ادبي ڪتاب جي لکي پيش ڪيا اٿم سي آهن. ڊزن ڊايالاگ، حسن پروين، دلشاد، سوٽ راءِ ڏياچ ۽ نيارون وٽون وغيره.

انهيءَ ڪانسواءِ هڪ ننڍڙو ڪتابچو علامه آءِ آءِ قاضي جن جي حڪم جي تعميل ڪندي "وتايو فقير" لکيم جو نهايت وڏي تعداد ۾ فروخت ٿيو. ان ڪانسواءِ "سنڌي سپاجهڙا" لکيم جو سنڌي ثقافت جو آئينہ دار آهي. جنهن جو ذڪر مٿي ڪيل آهي.

هتي هيءَ حقيقت لکڻ تي مجبور آهيان ته پاڪستان جي قيام سان هندو هليا ويا ۽ پرائمري درسي ڪتاب جهڙوڪ جاگرافيون، تاريخون، انگي حساب، گرامر وغيره جي انهن جا لکيل هوا، سي ڪن چالاڪن انهن جا جلد ڦاڙي پنهنجي نالي ۾ ڇپائي چڱا پئسا ڪمايا، ليڪن جاگرافين ۽ حسابن ۾ ٿيندڙ ڦير ڦار جي ڪري اهي ناڪاره ٿي چڪا هوا. مون کي به ادبي ڪتابن مان ڪو خاص مالي اپراسو ڪو نه هو. ناشر يعني ڇپائيندڙ سڀ ڪجهه کائي ويندا هوا ۽ مون کي ڦلن مٺ ملندي هئي. ڪن دوستن چيو ته تدريسي ڪتاب ميدان ۾ ڪو نه آهن، جيڪي آهن سي چورايل آهن ۽ انهن جي اهميت ختم ٿي چڪي آهي. اوهان اهو سلسلو مهرباني ڪري هٿ ۾ کڻو ۽ درسي ڪتاب لکو. آخر اهو سلسلو شروع ڪيم ۽ اڪيچار ڪتاب لکيم جي بجليءَ جي رفتار سان لکندو ويس ۽ نهايت قبول پيا ۽ سڄي سنڌ جا اسڪول ان مان استفادو ڪندا هوا. قيمتون تمام گهٽ رکيم انهن درسي تعليمي ڪتابن ۾، ضلعي ۽ تعلقي وار جاگرافيون تاريخون، پرائمري درجن جا رهبر ۽ گائيڊون، گرامر ۽ ثانوي ڪلاسن جي مختلف سبجيڪٽن جا ڪتاب جن ۾ سنڌ ۽ هند و پاڪ جون تاريخون، دنيا جي جاگرافي، سوڪس ۽ ٻين ڪمن کان علاوه گرامر ۽ مضمون نويسيءَ جا ڪتاب لکيم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خصوصاً منھنجا انگي حسابن جا ڪتاب هر درجي ۾ رائج هوندا هوا. سيڪنڊري بورڊ وارن مون کان ۹ ۽ ۱۰ ڪلاس جو سنڌي ڪتاب لکايو جو اول نمبر آيو. ساڳي بورڊ مون کان ٻه ڪتاب ۱۱ ۽ ۱۲ ڪلاس لاءِ سنڌي نصاب اختياري ۾ لکايا جي پهريون نمبر آيا. اهڙي طرح اردو شاگردن لاءِ آسان سنڌي پهريون ڪتاب ۲ ڪلاس لاءِ ٻيون ڪتاب ستين ڪلاس لاءِ ۽ ٽيون ڪتاب اٺين ڪلاس لاءِ لکيا ويا. ازانسواءِ بورڊن طرفان مون کان لازمي ۽ اختياري مختلف ڪمن ۾ ڪيترا ڪتاب لکائي ڇپايا. ازانسواءِ ڪيترا ڪتاب مون کان روبو ڪرايا ويا ۽ ڪيترن جو ايڊيٽر ڪيو ويو. يڪي سر ڪافي ڪتابن جو ڪم خوش اسلوبيءَ سان ڪندو رهيس ۽ پنهنجي پياري زبان جي خدمت بجا آڻيندو رهيس. ڪجهه وقت بعد ٽريننگ ڪاليج جي پي ٽي سي شاگردن لاءِ مون کان سنڌي نصاب لکايو ويو جلد ئي بي ايڊ امتحان لاءِ اهو ٺهراءُ ڪيو ويو ته بي ايڊ جا طلبا مادري زبان ۾ جواب لکي سگهن ٿا. مون وٽ ڪيترائي خطوط جي رستي ۽ روبرو طالب آيا ته براءِ ڪرم اسان لاءِ بي ايڊ جا ڪتاب سنڌيءَ ۾ لکو. منهنجي محترم دوست ڊاڪٽر محمد صالح شاهه بخاري سان مشورو ۽ ڪم هٿ ۾ ڪيوسين. منهنجي نظر گهٽ ٿي وئي هئي مواد مون وٽ ڪافي هو پر جيڪڏهن شاهه صاحب منهنجي مدد نه ڪري ها ته منهنجي لاءِ هرگز ممڪن نه ٿي سگهي ها. شاهه صاحب هرڪيولس وارو ڪم ڪري ڏيکاريو ۽ ڪتاب پنهنجو ڪتاب ڪڍندا وياسين. شاهه صاحب جو تازو بي ايڊ امتحان پاس ڪيو هو ان ڪري ڪيس تازيون يادگيريون هيون ۽ ڪم سرانجام ڪرڻ ۾ ويرم ڪا نه ڪيائين ۽ ڏهن ڪتاب فقط ٦ مهينن اندر لکي پيش ڪياسين.

هي ڪتاب اهڙو ته مقبول پيا جن جو ڪو جواب ئي نٿو ملي. خود اردو طلبا به اردو ڪتاب ترڪ ڪري اسان جا لکيل سنڌي ڪتاب خريد ڪيا ۽ انهن مان استفاده ڪيو.

بهرحال هيلتائين مون جيڪي ڪتاب لکيا آهن، انهن جو تعداد ۱۲۳ آهي جي منهنجي دماغي ڪاوش جو نتيجو آهن. مون ۾ خدا جي فضل و ڪرم سان نام و نمود ۽ شهرت پسنديءَ جو جذبو اصل کان ڪو نه هو، ۽ نه ئي پنهنجي پروپيگنڊا پسند ئي ڪندو هوس. منهنجو خيال هوندو هو ته عطر آنست ڪه خود ببويد نه ڪه عطا ببويد" البته جڏهن منهنجي ڪتابن تي ريڊيو ۽ اخبارات ۾ سهڻا سهڻا تبصره ايندا هوا، ته خوش ٿيندو هوس. انهن کانسواءِ مون ريڊيو ٽاڪ ڏنا جن جو تعداد تقريباً ٻه ڏهن ٿيندو، جن مان به گهڻا رسالن ۾ ڇپجي چڪا آهن. هن بعد باب مڪمل ٿئي ٿو. ناظرين کي منهنجي محنت جو پورو پتو پوندو ته منهنجو خدمات ڪيتري حد تائين آهن.

مٿي ذڪر ڪيل ڪتابن کانسواءِ پيا به ڪيترائي نوآموز جوان مون کي پنهنجي ڪتابڙا ۽ مضامين وغيره ڏيکاريندا هوا ۽ مشورا وٺندا رهندا هوا ۽ اڄا وٺندا رهن ٿا. مان انهن کي پنهنجي جاڻ موجب نهايت قرب ۽ محبت سان پيش ايندو آهيان ۽ پنهنجن مشورن سان مستفيض ڪندو آهيان. اهو منهنجو اخلاقي ۽ ادبي فرض آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايڊيوڪيشن ڊپارٽمينٽ ۾ ٽيڪسٽ بوڪ ڪميٽي قائم هوندي هئي، جنهن جو ڪم هو ڪتاب منظور ڪرڻ ان ۾ ٽي ذيلي ڪميٽيون هونديون هيون. سنڌي اردو ۽ انگريزي آءُ سنڌي ڪتابن جي ڪميٽيءَ تي ميمبر رهندو هوس.

سنڌي ادبي صلاحڪار بورڊ تي بہ نامزد ميمبر ٿي رهيس جتي عمدن ڇپيل ڪتابن تي انعام ڏنا ويا هوا.

ڊاڪٽر دائود پوٽہ جي زماني ۾ سنڌي ادبي سوسائٽيءَ جي مرڪزي بورڊ جو ميمبر ٿي رهيس.

جڏهن ڊاڪٽر جعفري بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن حيدرآباد جو چيئرمين هو تڏهن مون کي "ڪميٽي آف ڪورسز سنڌي" تي ميمبر مقرر ڪيو ويو. جنهن ۾ مون حتي المقدور ڪم ڪيو.

سيد غلام مصطفيٰ شاهہ جڏهن سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ جو چيئرمين هو، تڏهن هن مون کي بنيادي سنڌي ۽ ٻين ڪتابن جي تياري ڪرڻ لاءِ جيڪا ڪميٽي مقرر ڪئي وئي هئي، ان ۾ مون کي ميمبر چونڊيو ويو.

سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ۾ مون کي بورڊ جو ميمبر نامزد ڪيو ويو. اها خبر مون کي قاضي عبدالمجيد عابد، خوشخبريءَ طور ٻڌائي جو هن صاحب کي بہ ميمبر ڪيو ويو هو. مگر ڪن سياسي اختلافن سبب قاضي عابد صاحب سان گڏ مون کي بہ ان جو ماٺهو سمجهي ڪن سياستدانن اسان ٻنهي جا نالا ڪيرائي ورتا.

بهرحال ڪيترن مجلسن ۾ مشاعرن ۽ ٻين سوسائٽين ۾ مان ميمبر طور وڃي پنهنجي ٿوري گهڻي لياقت موجب خدمتون انجام ڏنيون.

خيرا الحمدلله جو ڪم مهيني جون ۱۹۷۱ع ۾ هٿ ۾ ڪيو هوم سو اڄ تاريخ پنجين شوال المڪرم ۱۳۹۵ هجري مطابق تاريخ ۸ آڪٽوبر ۱۹۷۵ع تي آڻي ختم ڪيو. هن بعد ڏسجي تہ زندگي ڪيترو ٿي وفا ڪري پينشن تي لهندي اڄ تقريباً ويهہ سال اچي ٿيا آهن. وڏيڪ رب پاڪ ڪيتري مهلت ٿو ڏئي جو بندي کان مخفي آهي. سڀني دوستن ۽ احبابن کان دعا جو طالب آهيان حياتيءَ تي ڪو بہ ڀروسو ڪونهي. هن بعد لکڻ پڙهڻ جي ڪم کان هميشہ موڪلايان ٿو. هي آخري ڪاوش هئي جا مڪمل ڪري ناظرين ڪرام جي خدمت ۾ پيش ڪئي اٿم.

کیا بھروسہ زندگانی کا
آدمی بلبلا ہے پانی کا

جيڪڏهن وڏيڪ حياتيءَ وفا ڪئي تہ عادتاً ڪجهہ نہ ڪجهہ پيو ڪندس ورنہ.

رو میں ہے رخش عمر کہاں دیکھتے تھے
نی ہاتھہ باگ پہ نہ پا ہے رقاب میں

والسلام محمد اسماعيل عرساڻي
خادم ادب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شخصيت جي هڪ جهلڪ

حياتيءَ ۾ لاهيون چاڙهيون هر ڪنهن تي اچن ٿيون. مگر زماني جي حوادث جو اثر مٿس پيل محسوس نٿو ٿئي. سندس طبع جي شوخي ۽ انفرادي رنگ ۾ ڪڏهن به فرق نه آيو آهي. سندس روپ سادو سودو تڪلفات کان عاري عمل کرو ۽ صاف. ڪڻڪائون سفيدي مائل کليل رنگ پهلودار سهڻو چهرو نوڪيدار ڪاڏيءَ تي وريل. منهن تي ڊگهو نڪ آويزان. جنهن جي چونڊي ناس ونان ٿلهي ۽ موڪري. پورا ناسي اکين جا تارا. سنها چپ. مٿي جي وارن جي هميشه کان انگريزي ڪٽ پيشانيءَ مٿان مٿي جي پاسن کان وار چٽيل رکو وچ مان اُڀي سينڌ نڪتل. ان ڪري پيشاني اُڀي نظر اچي. سدائين ڪلين شيو ڪيل. نڪ هيٺان وارن جي ننڍڙي چونڪڙي جيڪا مڇ جي نشاني طور ڇڏيل آهي. ان جا وار به ڇدا ڪتريل. رکو غور سان ڏسڻ بعد اُها مڇ پانبي آهي.

وڏي عمر ۾ طبيعت لاغر ٿيڻ ته هڪ قدرتي ڳالهه آهي پر سندس ڊيل ڊُول هميشه کان رعبائتو. قدمامت البت ڊگهي، جنهن کي سروقد چئجي. بدن جو لانيرو پر چُڙڪ ۽ ڦڙتيلو عملداريءَ جي وقت ۾ . پتلون. ڪوٽ هٽ ۽ انگريزي نات سان ٺاءِ زيب تن ڪندو هو. پلي ته گهڻڻ آفيسرن ۾ بيٺل هجي، پر سيني کان ڪڙو تڙو. سندس شخصيت پري کان ئي پڌري. خانگي ڪم ڪار ۽ باهر نڪرڻ مهل به هلڪي ۽ چوني ڏيڊ تختي سلوار. قميض جي مٿان ٽسر جي هلڪي رنگ جو ڪوٽ ۽ جناح ڪيپ ضرور پاتل هوندس. ۽ پوءِ جڏهن لڪڻ لوڏيندو باهر نڪرندو هو. ته سندس چال به ڏسڻ وٽان هوندي هئي!

سندس رفيقه حيات اڃا جوان سال هئي، مگر هوءَ زنده ناهي. تڏهن به هن جي ولولن کي لوڏو آيل محسوس نٿو ٿئي. ڪنهن مفڪر ڪهڙو نه سهڻو قول چيو آهي ته "انسان ڪڏهن به پوڙهو ڪو نه ٿيندو آهي، اُهي ته ٻيا ماڻهو کيس پوڙهو چوندا رهن ٿا. ورنه جذبن جي لحاظ کان ته هُو سدائين جوان هوندو آهي." هن جي زندگيءَ جا شب و روز نهايت اطمينان ۽ سڪون سان گذرن پيا. پيرسنيءَ ۾ ڪين عدالت. ضعيفائي ۽ نظر جي ڪوتاهيءَ جي شڪايت آهي. مگر گفتار توڙي انداز معمول مطابق ڏسڻ ۾ ايندو ۽ ساٿس ملندڙ کي ڪا به ڳالهه غير معمولي ڪا نه لڳائيندي. هو خوش ذُوق ۽ خوش مزاج رهي ٿو. عمر روان ۾ وقت سان آزاد خيال نين ڳالهين کي سرهائي سان قبوليندڙ ۽ تبديلي کي سهسائي ڇڏيندڙ!

عرساڻي صاحب: خاڪي مان ورتل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمد اسماعيل عرساڻي ولد محمد هاشم عرساڻي سن17 سيپٽمبر 1906ع هالا نوان ۾ ڄائو. 1924ع ۾ هيرانند ائڪيڊميءَ مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. ڳوٺ جي هندن توڙي مسلمان شاگردن مان پهرين ڪيس اهو اعزاز نصيب ٿيو. انٽر علي ڳڙهه يونيورسٽي ۽ بي اي، بي. ٽي جي تعليم ڪراچيءَ جي ڪاليجن مان مڪمل ڪيائين. 1935ع ۾ ايڊيوڪيشنل سپروائيزر جي حيثيت سان ملازمت جو آغاز ڪيو ۽ 1966ع ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر آف ايڊيوڪيشن جي عهدي تان رٽاير ڪيائين. سندس اولين تخليق ”بدنصيب ٿري“ ڊراما آهي. جنهن ڪيس گهڻي شهرت ڏني. هن کي سرڪاري انعام سان نوازيو ويو. 1940ع ۾ ان جو پهريون ايڊيشن ڇپيو. هيلتائين ان جا اٽڪل ويهه عدد ڇاپا نڪري چُڪا آهن. ان ڪانسواءِ سير ريگستان، نقش عمل، خيال خاطر، سنڌي سڀاجهڙا، وتايو فقير، نياريون وٺون ۽ سنڌ جا شڪار وغيره سندس مشهور تصنيفون آهن.

هن جو نالو، سنڌ جي تعليمي ۽ ادبي حلقن ۾ گهڻو هاڪاريل آهي، سندس شخصيت هڪ ڊرامانگار، مضمون نويس، زباندان، نصاب نويس، تعليمي ماهر ۽ پنهنجي وقت جي هڪ برجستہ عملدار ۽ هڏ ڏوڪي آفيسر جي حيثيت سان ساري سنڌ ۾ شناسائي رکي ٿي. خاص ڪري سنڌي درسيات ۽ نصاب کي وڏي معيار تي رسائڻ ۽ بنيادي تعليم بيڪڙ ۾ سندس پورهئي جو نچوڙ شامل آهي.

Design by: M.Sagar
Al-Razaque Computer Hyd: 0333-2634650

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نسُل . پ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ڀاڙي، ڪائو، ڀاڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوا ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پوءِ بيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ ڪان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، چاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بِہ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بِہ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي **چوءِ چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ "منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)